# روشني

## شاھ لطيف جي ڪلام جي لغت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو



# روشني

(شاهہ جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب:
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (301)

ڇپائي جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# روشني (شاهه جي ڪلام جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇاپو: پهريون 2000ع، ٻيو جنوري، 2017 ع
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ، محمد رمضان ترڪ
ٽائيٽل: اسدالله ڀٽو
تعداد: 500
قيمت: 900/= رپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سو سالا سالگرهه جي مناسبت سان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي خاص اشاعت

**Catalogue Reference**
Baloch N.A. Dr
Roshni (Dictionary)
Shah latif
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-139-2

# RSHNI (Dictionary of Shah Jo Risalo)

By: Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch
Edition: 1st: 2000, 2nd: 2017
Quantity: 500
Price: 900/=
Composed by: Hussain Ahmed Memon & M. Ramzan Turk
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers Hyderabad.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com پيارو ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو books.sindhsalamat.com

## منسوب

شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۽

فڪر جي وڏي ۾ وڏي شارح

علامہ امداد علي امام علي قاضيءَ

جي نالي

جنهن پنهنجي فڪر انگيز خطابن ۽ تحريرن ۾

شاهہ جي بين الاقوامي عظمت کي روشن ڪيو.

نبي بخش بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

زير نظر لغت جو پهريون ڇاپو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ان وقت (2000ع) ڇپرايو ويو هو، جڏهن اچا ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ حال حيات هئا. هن لغت جو اهو پهريون ڇاپو سال ٻن ۾ ختم ٿي ويو ۽ بلوچ صاحب به دارالبقا ڏانهن اسريا. تن ڇئن سالن کان اڪثر محققن، استادن توڙي شاگردن کان اها گهر ٿيندي رهي آهي ته شاهه جي لغت "روشني" کي اٿارٽيءَ طرفان ٻيهر ڇپرايو وڃي. ڪاپي رائيٽس جي مسئلن سبب اهو ممڪن ٿي نه سگهيو. تازو جناب عنايت بلوچ صاحب جيڪو ڊاڪٽر اين اي بلوچ فائونڊيشن جو سيڪريٽري آهي، اٿارٽيءَ جي چيئرمئن سان ملاقات ڪئي ۽ فائونڊيشن طرفان لکيل هڪ خط به حوالي ڪيو، جنهن ۾ گذارش ڪيل هئي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سو سالا سالگرهه. جيڪا ڊسمبر 2017ع ۾ ملهائي پئي وڃي، جي موقعي تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا اٿارٽيءَ طرفان ڇپرايل اهي ڪتاب ۽ لغتون ٻيهر ڇپرايون وڃن، جيڪي هن وقت اٿارٽيءَ جي اسٽاڪ مان ختم ٿي ويون آهن. اٿارٽي طرفان هانوڪار ڪندي فيصلو ڪيو ويو ته ڊاڪٽر بلوچ جي وسيع علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور سنڌس سو سالا سالگرهه جي موقعي تي ختم ٿي ويل ڇاپا ٻيهر ڇپرايا ويندا.

"روشني" لغت جي هن ٻئي ڇاپي جي اشاعت ان سلسلي جي ڪڙي آهي. هن کان اڳ هڪ جلدي سنڌي – سنڌي لغت به موجوده انتظاميا ٻيهر ڇپرائي پڌري ڪئي آهي، جيڪا 2006ع ۾ آخري دفعو ڇپي هئي ۽ ڪافي عرصي کان ختم ٿيل هئي.

هن لغت "روشني" ۾ شاهه جي سموري ڪلام جي اصطلاحي ٻوليءَ کي آندو ويو آهي، جنهن سان نئين نسل کي شاهه جي ٻولي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي، هن لغت جي علمي اهميت کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهجي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظي خزاني توڙي علمي تحقيق جي ميدان ۾ هي هڪ وڏو اضافو ڳڻيو ويندو. جيستائين شاهه آهي ته سنڌي ٻوليءَ به آهي، اسان جي ايندڙ نسلن جيڪڏهن شاهه کي ڇڏي ڏنو، يعني هن جي ڪلام کان اڻ ڄاڻ رهيا ته ڄڻ سنڌي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ ۽ پري رهجي ويندا. هي لغت مستقبل جي معمارن کي شاهه جي ڪلام کي پرکڻ ۾ وڏي مدد ڏيندي رهندي، جيڪي شاهه کي سمجهڻ چاهيندا. اسان کي اميد آهي ته هي لغت اڳي جيئان هڪ وٿ ثابت ٿيندي ۽ محققن لاءِ "روشني" ٿيندي.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

20 سيپٽمبر 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

هيءَ لغت شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي لغت آهي، يعني شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ آيل حرفن، لفظن، فقرن ۽ سٽن ۾ سمايل معنيٰ جي لغت آهي. مجموعي طور سان هيءَ شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ جي لغت آهي.

تاريخي لحاظ سان شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ، آساسي (ڪلاسيڪي) نوعيت واري آهي، جيڪا معياري صورت ۾ پهريون پيرو قاضي قادن جي ڪلام ۾ چمڪي ۽ آخر ۾ شاهه جي ڪلام ۾ روز روشن ٿي. وچ واري دور ۾، هڪ طرف ميين شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري ۽ ميين شاهه عنات رضويءَ جي معياري بيتن ۾، ته ٻئي طرف مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ۽ ٻين عالمن جي ديني منظومين ۾ اساسي اصطلاحي سنڌيءَ جو سرمايو وڌيو. ان جي پيٽ ۾ شاهه جي ڪلام ۾ سمايل اساسي اصطلاحي ٻوليءَ جو سرمايو وڌيڪ معنوي ۽ مثالي آهي، انهيءَ لحاظ سان، شاهه جي ڪلام جي هيءَ لغت "ڪلاسيڪي اصطلاحي سنڌيءَ" جي پهرين معياري لغت آهي.

شاهه جي رسالي بابت تحقيقي رٿا، تيهن سالن کان وڌيڪ وڏي عرصي ۾ ڏهن جلدن ۾ پوري ٿي، جن مان پهرين نون جلدن ۾ شاهه جي پنهنجي ڪلام جي بيتن ۽ واين جي لفظي توڙي اصطلاحي معنيٰ تفصيل سان سمجهائي وئي. ان بعد اهو سلسلو شروع ڪيو ويو ته نون ئي جلدن ۾ سمجهايل معنائون هڪ جداگانه جلد ۾ آڻجن ته جيئن اهو تحقيقي مطالعي لاءِ وڌيڪ مفيد ثابت ٿئي. ان مقصد خاطر اڳين جلدن واري سڄي مواد تي نئين سر غور ڪري، ضروري ترميمن ۽ اضافن سان اهو به هن لغت ۾ آندو ويو آهي.

هن کان اڳ شاهه جي رسالي مان چونڊيل بيتن يا ڪن سُرن کي سمجهڻ لاءِ ڏکين لفظن جون معنائون لکيون ويون هيون. ميرزا قليچ بيگ، پهريون پيرو سنه 1914ع ۾ سڄي رسالي لاءِ "لغات لطيفي" تصنيف ڪئي، جنهن ۾ دستور موجب سُر- وار ڏکين لفظن جون معنائون لکيائين.* پر جڏهن ڪو صاحب خاص طرح ڏکين لفظن جي معنيٰ لکندو ته هو ضرور انهن لفظن جي معنيٰ لکندو، جيڪو سندس پنهنجي جاچ موجب "ڏکيا" هوندا . انهيءَ ڪري اهڙي لغات ۾ اهي سيئي لفظ اچي نه سگهندا، جيڪي سيني پڙهندڙن لاءِ ڏکيا هجن. هن لغت ۾ رڳو ڏکين لفظن جي معنيٰ نه لکي وئي آهي، پر ڏکين توڙي سولن سيني لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ جو بيتن ۽ واين ۾ سمايل شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ کي سمجهڻو آهي.

هن لغت ۾ لفظن ۽ اصطلاحن سان گڏ حرفن، فقرن ۽ ڪن بيتن جي سٽن جي به وضاحت ڪئي وئي آهي ته جيئن شاهه جي ٻوليءَ ۾ انهن جي استعمال جي صحيح صورت سمجهه ۾ اچي. انهيءَ لحاظ سان، سنڌي لغت نويسيءَ جي دائري ۾ هيءَ لغت هڪ اهم اضافو آهي. شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ ڪافي "معنوي حرف" استعمال ٿيل آهن، جن جي نوعيت کي سمجهڻ لاءِ وضاحت ضروري آهي. انهن مان ڪي جيتوڻيڪ ڇوٽا مفرد حرف (مثلاً ته، نه ، ڪ) آهن، پر جملن جي معنيٰ تي اثرانداز ٿين ٿا.

---

* "ڪتاب لغات لطيفي، يعني شاهه جي رسالي جي مشڪل لفظن جي معنيٰ سوار. لکيل مرزا قليچ بيگ". ڇپايل ٻوڪرداس تاجر ڪتب، شڪارپور، دفعو پهريون، 1914ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي پيٽ ۾، ڪي لفظ ٻہ چوڻا آهن جيئن تہ جمَ (متان)، ڪُہ (چو چا)، مَل (وٽ) وغيره. پر جملي ۾ انهن جو مطلب لفظي معنيٰ تائين محدود آهي. هن لغت ۾ هيٺين سڀني حرفن کي "معنيٰ طلب" تسليم ڪري، بيتن ۽ واين جي حوالن سان انهن جي معنيٰ لکي وئي آهي:

تہ، تب (تہ ٻہ)، تَپ (تہ پہ)، تہ ڪِ(تہ ڪي)، تو؛ (تہ ٻہ)
تي (تڏهن)، جي (جڏهن)، جُه (جئن، جو)، جيڪي (=يا تہ)
ڪِ، ڪَ، نہ، نہ تہ، ناتہ، ناتي، يا، مَر، ورَر.

ائين معلوم ٿئي ٿو تہ شايد حرف 'ٻہ' جيڪو تصديق، تائيد يا اضافي مفهوم وارو حرف آهي، سو شاهہ جي ٻوليءَ ۾ مرغوب نہ ٿيو. ان جو هڪ سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ معنوي لحاظ سان، حرف 'ٻہ' شڪ ۽ نقص جي نَفِي وارو آهي ۽ جيئن تہ شاهہ جو فڪر شڪ ۽ نقص کان بلاتر هو انهي ڪري سندس بيان ۾ حرف 'ٻہ' وارن جملن جي استعمال جي گنجائش باقي نہ رهي.

شاهہ جي بيتن ۽ واين واري ٻولي درسي يا ڪتابي ڪانهي. اها شاهہ جي دور واري عام فهم اصطلاحي ٻولي آهي، انهيءَ ڪري هن لغت ۾ لفظن، اصطلاحن، فقرن يا سٽن جي معنيٰ اشتقاقي مفهوم بدران بيتن ۽ واين ۾ سمايل انهن جي اصطلاحي مفهوم مطابق ڏني وئي آهي ۽ پڻ جيئري جاڳندي سنڌي ٻوليءَ جا مثال ڏنا ويا آهن تہ جيئن معنيٰ پوري تصديق سان معلوم ٿي وڃي، جيئن تہ اها معنيٰ وڏي ويچار سان پر اختصار سان ڏني وئي آهي، انهيءَ ڪري ان جو مطلب پوري طرح تڏهن سمجهہ ۾ ايندو، جڏهن ڏنل معنيٰ ڪي بيت يا وائيءَ جي متن سان ملائي پڙهيو ويندو.

هن لغت کي لغت نويسيءَ جي علمي معيارن مطابق مرتب ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ هيٺيان اصول سامهون رکيا ويا آهن:

- شامل حرفن، لفظن، اصطلاحن، فقرن ۽ سٽن کي 'جامع سنڌي لغات' واري ساڳي الف-ب جي پٽيءَ مطابق ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي. فقرن ۽ سٽن جي ترتيب هر نئين لفظ جي لحاظ سان قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان ترتيب ۾ مصدرن کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي تہ جيئن انهن سان نسبت وارن انوکن لفظن جي معنيٰ سولائيءَ سان سمجهائي ۽ سمجهي سگهجي.
- لغت نويسيءَ ۾ معنيٰ بلڪل صحيح صورت ۾، پر اختصار سان ڏيٺي آهي؛ پر هن لغت ۾ جتي وڌيڪ وضاحت جي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي اتي آڏو (ڏنگين ۾) وڌيڪ وضاحت ڪئي وئي آهي. معنيٰ جي اجان وڌيڪ تفصيل لاءِ رسالي بابت شايع ڪيل تحقيقي جلدن کي ڏسڻ گهرجي.
- جن حرفن، لفظن، فقرن يا سٽن جي معنيٰ لکي وئي آهي، تن لاءِ شاهہ جي ڪلام مان مثال ڏنا ويا آهن ۽ آڏو (ڏنگين ۾) بيتن ۽ واين جا حوالا ڏنا ويا آهن تہ اهي رسالي جي ڪهڙي سُر ۽ ڪهڙي داستان مان آهن: دستان جو نمبر متان ۽ بيت يا وائيءَ جو نمبر هيٺان ڏنو ويو آهي. اهي حوالا رسالي جي تحقيق ڪيل مستند متن (جلد 8-9) جا آهن.
- هر حرف ۽ هر لفظ جي استعمال بابت شاهہ جي بيتن ۽ واين مان حوالا ڏيڻ لازمي سمجهيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ساڳئي حوالي ۾ ٻہ 'معنيٰ طلب' لفظ موجود آهن تہ ٻنهي لفظن جي معنائن هيٺ ساڳيو حوالو شاهدي طور آندو ويو آهي. مثلاً:

- "جان عاشق مٿئہ ماس" (ڪلياڻ 8/4) وارو حوالو 'مٿئہ' توڙي 'ماس' جي معنيٰ هيٺ آندو ويو آهي.

- "مضمضه واتا" (بلاول 6/1) وارو حوالو 'مضمضه' توڙي 'واتا' جي معنيٰ لاءِ ڏنو ويو آهي.

- "مُنا مَنجيءَ اُڪِرَتا" (ڪاپائتي 7/1) وارو حوالو 'مُنا' توڙي 'منجي' جي معنيٰ لاءِ ڏنو ويو آهي.

جيئن تہ هي شاهہ جي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي لغت آهي، انهيءَ ڪري ان ۾ ڏکين توڙي سَوَلن لفظن جي معنيٰ کي زيرِ غور آندو ويو آهي: نہ فقط لفظن پر اصطلاحن توڙي شاهہ جي ٻوليءَ جي 'معنوي حرفن' جي معنيٰ واضح ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ رسالي جي بيتن ۾ واين ۾ انهن لفظن، اصطلاحن ۽ حرفن جي استعمال وارن فقرن ۽ سٽن جي معنيٰ پڻ لکي وئي آهي. اهڙي طرح هن لغت ۾ شاهہ جي بيتن ۽ واين مان گهٽ ۾ گهٽ لفظن، حرفن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ شامل آهي. جملي جن حرفن، لفظن، اصطلاحن، فقرن يا سٽن جون معنائون لکيون ويون آهن، تن جو تعداد ساڍن سترهن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي.

ابتدائي رٿا تي هن لغت جي تصنيف جو ڪم آسان ٿي لڳو، پر جڏهن ڪم شروع ڪيو ويو تہ تحقيقي تقاضائن کي پورو ڪندي، ڪافي محنت طلب ۽ مشڪل نظر آيو. هيءَ ڪشالو شايد راقم جي زندگيءَ جي آخري علمي خدمت ۽ محنت جو نشان بنجي، جنهن لاءِ ماشاءَ الله ايتري مهلت ملي، جو سڄو ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٿيو.

شاهہ سائينءَ جو قوم تي قرض رهيل هو، جنهن جي ادائگيءَ جي مون ڪوشش ڪئي. شاهہ جي رسالي تي تحقيق ڪيل ڏهن جلدن ۽ لطيفي ڪلام ۽ ٻوليءَ جي هن تفصيلي لغت جي اشاعت سان اهو قرض ادا ٿيو.

هن ڪم جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ شروع کان وٺي آخر تائين پنهنجي هڙان وڙان پورائي ڪرڻي پئي. ضروري امداد فقط علامہ آءِ آءِ قاضي رحہ جي پنهنجي فنڊ جي بئنڪ بچت مان يادگار ڪاميٽيءَ طرفان ملي. علامہ صاحب شاهہ جي ڪلام جو وڏي ۾ وڏو ڄاڻو ۽ شاهہ جي فڪر جو وڏي ۾ وڏو شارح هو. هن ٻهريون پيرو پنهنجي فڪر انگيز خطابن ۽ تحريرن ۾ شاهہ جي بين الاقوامي عظمت کي روشن ڪيو. سندس ان احسان جي شڪر گذاري طور آءٌ هن لغت کي سندس نالي سان منسوب ڪريان ٿو.

آءٌ انهن سڀني سڄڻن جو شڪر گذار آهيان، جن مون کي هن ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ همٿايو خاص طرح محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري جو، جنهن هن لغت جي تياريءَ جي صلاح ڏني ۽ ان جي تڪميل لاءِ وقت بوقت ترغيب ڏني. ٻن ڪارڪنن اياز مرزا ۽ مختيار احمد بلوچ، ڏنل هدايتن موجب رسالي بابت اڳ شايع ٿيل تحقيقي جلدن مان لفظن ۽ معنائن کي اتاريو ۽ پوءِ ان ذخيري کي ترتيب ڏيڻ ۽ ڪمپوزنگ هلندي، پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. ٽئين ساٿيءَ حسين احمد ميمڻ مرتب ڪيل سڄي مواد کي شروع کان آخر تائين ڪمپيوٽر تي هوشياريءَ ۽ هنرمنديءَ سان ڪمپوز ڪيو. اهو ڪم ايترو جلد پورو نہ ٿئي ها، جيڪڏهن حسين احمد ان کي وڏيءَ محنت ۽ محبت سان نہ اُڪلائي ها.

حيدرآباد، سنڌ | خادم العلم
24- ڊسمبر 2001ع | نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● آبَ= پاڻي
- آبَ اُڄلَ (مارئي ٨/٢٧)= گھٽي پاڻيءَ جي وَهڪَ (وڏي رڻ سببان اکين مان)
- آبُ اگوندَرو (سارنگ ٣/١١)= صاف ستو پاڻي جنهن ۾ ڪو ميل نه هجي.
آتَشِي اوڙاهه (سري راڳ ٢/٢٧) = آتشي هوس وارو اوڙاهه.
● آتڻَ (برور ٢/١٢)= ڪتڻ واري جاءِ جتي سڀ زالون گڏجي ويهي ڪتين.
- آتڻِ آءِ (ڪاپائتي ١/١٠)= آتڻ ۾ اچ.
- آتڻُ اُجاڙئو (ڪاموڏ ٤/١٣)= ڪتڻ واري جاءِ کي سهڻو صاف ڪيو.
- آتڻُ اُجهاٽُو (راڻو ٤/١٧)= آتڻ وسامي ويو، اجڙي ويو.
- آتڻُ اورانگهي وِئا (حسيني ٨/١)= منهنجو آتڻ اورانگهي (ٽپي) هليا وِئا، مونکي منهنجي گهر (آتڻ) ۾ ڇڏي هليا ويا.
- آتڻِ رَتُ رُنوءِ (حسيني ٢/٨)= آتڻ ۾ تو رَتُ رُنو
- آتڻِ ڪتمِ (راڻو ٧/٨)= آتڻ ۾ ويهي چرخو ڪتيم.
- آتڻِ هُئي نه اُن جي (آسا ٧/٢١)= 'اسين' ۽ 'آءُ' انهن جي ڪتڻ واري جاءِ (آتڻ) ۾ هئي ڪانه.
● آتَ (ڪاهوڙي ٣/١، آبري ١٠/٤، ديسي ٣/١٣)= اوات= اجائي وات، ڏکي وات.
آتَنِ (ديسي ٦/٥) = ايذائجَن، ڪَامَن.
● آتڄڻ = ڳرڻ، جدا جدا تڪرن جو پگهرجي ڳري ملي هڪ ٿيڻ. هڪ ٻئي سان گسي پيسي سوڙها ٿي، هڪ ٻئي سان لڳي هڪ ٿيڻ.
- آتِي، آتِجِي (يمن ٦/٢، آبري ٧/١٧، آسا ٦/١٢) = ڳري مِلي هڪ ٿي.
- آتِي تِيءَ آڱار (يمن ٦/٢٤)=سڙي ٻري ڪوئلو ٿيءُ.
- آتِيا (يمن ٦/٢٩)= ڳُرڙهه ٿيا، سوڙها ٿيا ۽ پگهرئا.
● آپَ - سَرتِيُون (آبري ٤/١٢)= پاڻ جيڏيون.
● آڃَا اوڏَ ٿئَا (ڏهر ٣/٥)= اوڏ تڪليف ڪان آڃا ٿئا، ڏن ڪان آڃا ٿئا.
- آڃائِي ٿِئي (مارئي ١/١٩)= آزادي ٿئي.
● آجڙي= پهنواري، مال واري
- آجڙِين (مارئي ١/١٩)=آجڙين کي، پهنوارين کي.
● آجِڪو (ڪاهوڙي ١/٢٠، ديسي ٢/٧، رپ ٣/١٢، رامڪلي ٣/١٥)=(ع. اُذوقَه) قوت، ثمر، ٻرجهلو، مدار.
- آجڪونِ= سندن قوت.
● آجو= ڇُٽل (ٻڌل نه)، آزاد.
- آجو ٿيو سَڀُ اَنگُ (سهڻي ١/١٣)= هر عضوو (انگ) ان بار کان آجو ٿيو.
● آچارَ= نمونا، پار، لڇڻ.
- اَندِيءِ ايءَ آچارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= انديءَ (دنيا) جا اهي آچار آهن، اهي پارَ آهن.
● آچارَ (ليلان ٢/٥)= معاملو، فيصلو.
● آچَامُ (فارسي لفظ 'آماچ' يا 'آماج' ۾ اُچار جي تبديل)= نشان جنهن کي تير هڻجن
- "مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾ عاشِقَ تيءَ آچَامُ" (ڪلياڻ ٤/١١)= اي عاشق، محبت جي آزمايش ۾ تون نشان ٿي بيهه.
● آچاڙا (سري راڳ ٢/١٦، سامونڊي ١/١٣) = پاڻيءَ جا پُورَ، آڏيون وڏيون ڇوليون ۽ لهريون، وڏا اوسانبَ، وڏيون ويرون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ آرَآڪِينِ ۾ (سري راڳ ۲/۱۹)=پاڻي جي پلٽ جي اڪين ۾.

● آراڙِ= آرهاڙِ (مارئي ۶/۱۱)=آرهاڙ لاءِ. آرهڙ جي ڏٿ (پڪا، پيرون، سنگر) لاءِ.

● آرَامُ (ڪلياڻ ۴/۶)= ۱. ننڊر ۽ غفلت واري حالت. ۲. بنا ڪنهن تڪليف ڳڻتي ۽ غم جي، سک ۽ فرحت واري حالت، قرار.

ـ آرَامَا اَرَڳِ ٿِئَا (رامڪلي ۱/۲)= آرام کان الڳ ٿيا، جدا ٿيا.

ـ آرَامِي ٿِيا (راڻو ۲/۱۰)= سک سان سُتا.

آرَسُ (سري راڳ وائي ۳/۱)= سُستي، ڳَهَر.

● آرِڪَڻ، آرِيڪڻ=آريڪَڻين (ڪاموڏ ۳/۷) = منهن جو نوع نمونو، مهانڊو. (سٽ جي معنيٰ تہ هٿن، پيرن، منهن مهانڊي ۾ مُهاٽي نٿي لڳي).

● آرَڻُ= جنگ، جنگ جو ميدان.

ـ آرَڻُ ٻَڌِي آئِيَا (ڪارايل ۳/۱۲)= جنگ (وڙهڻ) جو قصد ڪري آيا.

● آرو (آسا ۲/۲۱) =آرُ، لارو.

● آروڙِڻَ= سخت ايذاءُ ۾ اچڻ، سخت ڪاوڙ ۾ اچڻ.

ـ آروڙِجي اُٿِيو (بلاول ۳/۶)= وڏي ڪاوڙ ۽ جلهہ سان اٿيو.

● آرهاڙُ= سخت گرمي واري مند، آرهڙ.

ـ آرهاڙان (ڪاهوڙي ۲/۲۲) = آرهڙ ڪان وٺي، آرهڙ جي مند جي شروع کان وٺي.

ـ آرهاڙِي (مارئي ۶/۷) = آرهڙ (مئي - جون) جو ڏٿ (سگر، پڪا ۽ پيرون)، جن جي مٺي رس ۾ ٻيو ڪو ڏٿ (لنب جو داڻو وغيره) رڌجي، آرهڙ جي ڏٿ وارو طعام.

● آرَهڙُ (رپ ۲/۱۸)=هاڙهہ، لُڪُن جهولن وارو گرم چاليهو (ويساک/ مئي جي پهرين کان جيٺ/ جون جي ڏهين تاريخ تائين).

● آرِي (ڪوهياري ۶/ وائي-۱، حسيني ۱۱/۲)= پنهونءَ جا ياٽر، سات جا سرواڻ.

● آرِي (حسيني ۱۱/۵) = پنهون

ـ آرِيءَ جو اُهُڪُ (معذور ۶/۳) = پنهنجي پياري پنهونءَ (آريءَ) جو ڏک.

● آرِيَاڻِيان (آبري ۳/۱۸)= آرياڻي کان، آريءَ جي پٽ پُنهون کان.

● آڙو (بروو ۱/۲)= ونگ، پيچ.

● آڙِيڪَا (حسيني ۷/۴، ۷/۵) = آڏا ڏکيا چاڙهہ ۽ وَرَ وَرَ ۽ وٽ وارا گهيرا، ڦيرا، پيچ وَرَاڪا.

● آڙِيَئي (ڪنيات ۵/۷)= (هيٺين لاڙ ۽ ڪڇ جي جاتڪي ٻولي جو لفظ) توڪي وٺي، آئُڙِيَئي.

● آزارُ = سُور، درد، مرض ايذاءُ.

ـ آزارَجا آنوَا (يمن ۱/۱) = سور جا سَمان، اپريل سور ڪيئي درد ۽ مرض، ڪئين سور.

ـ آهي نَہ آزَارَ (يمن ۲/۵) = آزار ڪونهي.

● آزَرُ (ڪلياڻ ۳/۱۲، ۳/وائي)= حضرت ابراهيم جو پيءُ آزر (جيڪو وڏو بت پرست هو).

● آڏِ وَڏَائِي (مارئي ۲/ ۸) = وڏي وڏائي، فخر ۽ آبرو.

● آسَ اَپارَ (بلاول ۱/۳) = اميد، تمام گهڻي اميد.

ـ آسَ اَسَانهِين (ڏهر ۱/۷)= اسان کي بہ اميد.

● آسَارَا (سري راڳ ۲/۱۶)= اويسرا. بي خبر.

● آسانگو= آسرو، سانگو.

ـ آسانگي اروَاحَ جي (سنهٽي ۱/۱۱)=جياپي جي آسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ آسَـائُو (رامـڪلي ٥/٣)=آس ڪندڙ، امـيـد ڪندڙ، چاهيندڙ.

ـ آسائُو آئيو (بلاول ١/٤) = آس اميد وارو آيو تہ ذات ملي، اميد سان آئيو.

ـ آسَائِتيُون (سنهٽي ٤/١٨)= آسن اميدن واريون.

● آسَرَ (يمن ١/٩، آبري ٢/١، ليلان ٣/١١، سنهٽي ٢/٧) = اُميدَ (محبوب جي مهر ۽ قرب جي).

ـ آسَرَ پَرِي (مارئي ٩/٢٠) =آسري پَرِي، اُميدَ پَرِي.

ـ آسَرَ لَڳِي سُورِيَان (رپ ٢/٢٣)= آسري تي لڳي، اميد رکي ٻهاريان، صاف ڪريان (اڱڻ).

ـ آسَـرُ نَہ لَهي (رپ ٢/٢٨) = آسـرو نہ لهي (اهو آسرو هجي تہ ڪٿهين وات وٺي لنگهندا ۽ ملڻ ٿيندو).

● آسَڻ (جـمـع) آسڻَ (ڪارايل ٣/٤، پورب ١/١٤، رامڪلي ١/٢٨، رامـڪلي ٧/وائي-٢)= ويهڻ جي جاءِ، تڪاڻا، اُهي ماڳ جتي هو تڪيا ۽ رهيا.

ـ آسَڻِ آرامِي ٿـيا (راڻو ٢/١٠) = پنهنجي هميشه واري ماڳ تي آرامي ٿيا

ـ آسَڻِ اُجوڙا (ڪاموڏ ٢/٣) = بنا ڪنهن رڻَ وارا، بي رڻائتا رهڻ وارا هنڌ ۽ ماڳ.

● آسُون (مارئي ١/٤)= اميدون، خواهشون.

● آڪِرو (سنهٽي ٢/١٨)= وڏيڪ زور وڏيڪ غلبي وارو.

●آڪِرِي (راڻو ٣/١٠)= مهانگي، ڳري، وڏي قيمتي. اُتامري، پنهنجو زور ۽ طاقت ڏيکاريندڙ.

● آڪُڙِڻ= ٽڙڻ، آٽڙڻ، ٽاپڙجڻ.

ـ آڪُڙِي (معذور ٧/١٥)= آٽڙي، ٽاپڙي، ڪشالا ڪري (آڪُڙ= ٽاپو).

ـ آڪُڙِيَا (بلاول‌وائي ٣/١)= ٽاپن ۾ آيل.

● آڪُون ڊراڪون (راڻو ٦/٩)= قسم قسم جون ڊراڪون.

● آڳ، آڳِ= باھ.

ـ آڳ اُجهائِيين (يمن ٦/١٥)= باھ وسائيين.

● آڳاهَ (سري راڳ ٢/٢١، رامڪلي ٦/٨، سنهٽي ٢/٢٠) = ڄاڻ، ساڃاھ، واقفيت (اونهين جا آڳاهَ= عميق سمنڊ جا واقف).

● آگَرُ (سارنگ ١/١، ١/٥، ١/٩) = مينهن ڪان اڳ وارو ماندائڻ جنهن ۾ گُھٽَ، گرمي ۽ ٿورا ڪڪر ٿين، مينهن جي اچڻ جا آثار.

ـ آگَرَ ڪري (سارنگ ٣/١٣) = گرمي گُھٽ ۽ مٿان ڪڪر ڪَري.

● آگَرَ ڪـئـو اَڪِينِ سان (سارنگ ١/١٠)= محبوب پنهنجي مَڌ ڀريل آبدار اکين مان، آب ڀريل چشمن مان.

ـ آگـمـئو آهي (سارنگ ١/٢)= مينهن جو ماندائڻ متو آهي.

ـ آگِـمِيـُون آهـن (آسا ٢/١٧) =جُهڙ ڪري آيون آهن، مچي آيون آهن (وسڻ لاءِ).

● آگو (ڪلياڻ ١/٨) = ڌڻي، مالڪ، آقا.

ـ آگي جو (بلاول ٢/١١)= الله جو.

● آڳانجهو (حسيني ٢/١٢)= گهڻو اڳرو، ويتر وڌيڪ.

● آڳاندو (آبري ٧/وائي-١، راڻو ٨/١٧)= آسرو، آتت.

ـ آڳـانديائون اڳـيـان (پورب ١/١٢)= دل من انهن سان ڳنڍيائون جيڪي اڳيان آهن، اڳئين جهان وارا آهن.

● آڳ/ آڳ = باھ

ـ آڳِ ٻَرَنديءَ (ڪلياڻ ٤/٣٥)= باھ ٻرڻ سان، ڪٿي ڪا باھ ٻري تہ ٻرڻ سان يڪدم.

ـ آڳِ نَہ اُجهائي (ڪلياڻ ٤/٢٨)= باھ اُجهائي ناهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسامي وئي ناهي.
● آڳِـرِيو (يمن ٤/٨، ٤/١٢)=آڳ وارو، آڳ يا باهه جو ڪم ڪندڙ. باهه جو ڌنڌو ڪندڙ. ١. ڪانن ڪي باهه ڏيندڙ ۽ اڱار ڪندڙ، ڪوري ڪندڙ. ٢. لوهه پاريندڙ، لوهه ڪٽيندڙ ۽ لوهي سامان ٺاهڻ جو ڌنڌو ڪندڙ لوهار.
ـ آڳِرِينَ ڪي (يمن ٤/١١)= لوهارن کي.
● آڳِهِ (سري راڳ ١/٣)= اڳيان، آڏو تڪيي تي، ماڳ تي.
ـ آڳِهِ اِنِ جي (سري راڳ ١/٣)= ان جي آڏو، ان جي ماڳ تي، تڪيي تي.
● آڳهُ= اڳواڻ. آڏار، وسيلو، پرجهلو.
ـ آڳهُ (آبري ٥/ وائي ١)= اَجهو، پرجهلو، مددگار.
ـ آڳـهُ تـيندو (بلاول وائي ٣/١)= اڳـواڻ تـيندو، پرجهلو ٿيندو.
ـ آڳـهِ جَنهِن جي (سري راڳ ١/١٧)= جنهن جي آڏار تي.
ـ آڳَـهَ رِءَ آڏارَ (سنهـٽي وائي ٣/١)= ڪنهـن آڳـهَ (وسيلي) ۽ آڏار کان سواءِ.
ـ آڳهَ عِشقَ وارِيين (سنهـٽي ٢/١) = عـشق وارين جا اڳتي وارا بچاءَ جا وسيلا، اڳتي جا آسرا.
● آڳِيوُن (راڻو ٤/٥)= (واحد. آڳ) باهيون.
آڳهَـتَجَن، آڳـتـجن (ديسي ٢/٩)= سوڙها ٿين، سهڪن، پوساتجن ۽ هيٺا ٿين.
● آڱر (بروو وائي ١/٢) = هٿ جي آڱر (آڱر لائي= پنهنجي آڱر هٿ ۾ ڏيئي (ڏوري هلندو).
● آلا= پاڻي وارا، تازا.
ـ آلا ڦٽَ (راڻو ٥/٧)=تازا رَتايل ڦٽ.
ـ آلوماڻَ (رامڪلي ٤/١٨)= ڪچو گوشت (رڌڻ ۽ ڳوڙهن سببان ڪچيون اکيون).
● آلِ عـمِـرانَ (مـارئي ١٠/٩) = (قـرآن شـريف جي سوره نمبر ٣) معنيٰ= 'عمران جو ڪنبو'.
● آلودي (آبري ٤/وائي-١)= پُسيل، پريل.
● آلوڙئو، آلوڙيو(ڪوهياري ١/٨) = نندر لاءِ اکين آلاڻ ڪئي، اکين ۾ آلاڻ ٿي.
● آن (راڻو ٨/١١)= آءٌ، پنهنجو پاڻ.
ـ آن لَهَندي (ڪلياڻ ١/وائي)= آءٌ ڳولي لهندي.
ـ آن سُونهَٽِي (سنهٽي ١/٨)= آءٌ سنهٽي.
ـ آن پانيان (سنهٽي وائي ٢/١)= آءٌ پانيان.
ـ آن پڻ (سنهٽي ٩/٣) = آءٌ به.
● آن= اوهان
ـ آن پِرِ (حسيني ١١/٤)= اوهان وٽ، اوهان جي آسري.
ـ آن پَارا (ڏهر ٣/١٩)= اوهان جي طرف، اوهان جي پاسي کان.
ـ آن جو (مارئي ٣/٩)= اوهان جو .
ـ آن رِءَ (مارئي ٩/١٦) = اوهان کان سواءِ.
ـ آن ڪَا ڏِئي (حسيني ٤/٢١)= اوهان ڪا ڏني
ـ آن ڪي وِيندئا گَڏِيا (سامونڊي ٣/١٢) = اوهان کي ڪي ويندا واٽ تي مليا.
● آندي= پهچائي.
ـ آنديَم ڪانگَ (بروو ٢/٣٠) = ڪانءُ مون لاءِ وڌي حبر (واڌائي) آندي.
● آنڪا گهاءَ عَـبِـيرَ (ڪنيات ١/١١)= خوشبوءِ دار عنبر جهڙا، نهايت وڻندڙ خوشبوءِ وارا.
● آنڪو (سنهٽي ١٠/١٤) =آوِيءَ ۾ آڻ پکل (دلو،

هيٺ ڪچو دلو).

ـ آنڪرني آنڪو (سنھٽي ١٠/١۴)=ڪچو سوئي ڪچو.

ـ آنڪي جا (سنھٽي ١٠/١٠، ١٠/١١) =اَڻ پڪل دلي جا.

ـ آنڪي وارِيون (سنھٽي ١٠/٦) = اَڻ پڪل ڪچي دلي واريون.

● آنھ = اوھان.

ـ آنھِيين (ديسي ۴/وائي-٢)= اوھان سان.

ـ آنھجي (سورٺ ١/٧)= اوھان جي.

ـ آنھِنَّان (معذور ٧/وائي)= اوھان کان.

● آنھَ (مارئي ٨/١٦)= پاڻيءَ جا آوازا (جن مان مال پاڻي پئي).

● آنِھرا، آنِھيرا (ڪاھوڙي ٣/٧) = آڪيرا، وانِھرا پکين جا.

ـ آنھيرَنِ (ڪارايل وائي ٢/١) = آکيرن تي.

● آٿڻ= ڪٿي اچڻ.

ـ آٿِ ڪين (يمن ٦/١۴) =ڪين آٿڻ، اچا ڪجھ وڌيڪ آٿِ. ('ھي پيتو ھُو آٿِ ڪين')= ١. متارن جي گھُر وارو گفتو. ٢. شراب ختم ٿيڻ واري حالت جو سمان).

ـ آٿِينِ ۽ چاڙھينِ (مارئي ٦/٧)= آٿڻ ۽ چاڙھڻ وارا، بنا رڪيل توڻ جي توڪل وارا (جيڪي روزانو جڏھن ڪا شيءِ ملي تڏھن ڪٺي اچي پچائين).

● آوارَ (حسيني ٢/ وائي)= چوڙاري، جيڏانھن ڪيڏانھن پکڙيل.

● آوازُ (سري راڳ ٣/١٧)= گوڙ جا وڏا آواز.

● آونگُ (سامونڊي ۴/٦)= اُڃڻُ، ڇڪو (جنھن تي ڪا شيءِ حفاظت ۽ وانگِ خاطر مٿي چاڙھي رکجي).

● آھ= اندر جي آس، دانھن، پٽ.

ـ آھَ نہ سلَنِ (يمن ٦/٥)= اندر جي دانھن نہ ٻڌائين.

ـ آھَ نہ لاھينديِاسِ (آبري ٥/٩) = آس، آسرو نہ لاھيندياس.

● آھِ ۽ ناھِ (آسا ١/١٢) = ھئڻ ۽ نہ ھئڻ، موجود ۽ غيرموجود، وجود ۽ نيستي.

● آھَرَ (سنھٽي ٩/٧)= آڌار

ـ آھَرَ تو (راڻو ٥/٢)= تنھنجي آسري.

● آھَر=آھَرَي ۾ پيل ڪاڏي، ڪاڏي جو وقت، ڪاڏي ۾.

ـ "ايلاچِيُون آھَرَ ۾" (ڪنيات ٣/١۴)=آھر ۾ ڦوٽا.

● آھُرين (مارئي ٨/٣٠)= آھُرن ۾ (مال جي لاءِ ڪاٺڻ وارن) ڪُونارَن ۾.

● آھُڙا (ديسي ٦/١)= ٺُڪيل پھڻ پٿر.

● آھڙَڻ، آھُوڙڻ (ديسي ٦/١) = چڪي يا جندر جي پٿر کي ٺُڪڻ.

● آھُون (ڪنيات ٣/٦)= پٽون (آھُون اُڪنديَنِ جيُونِ).

ـ آھُون پُونِ (معذور ٢/٨)= آھون پيون پون، ھاءِ ھاءِ واريون دانھون پيون پون.

ـ آھُون ڪَري (سارنگ ١/٧)= دانھون ڪري.

ـ آھُون ڪَريَان (رامڪلي ١/٣١)= دانھون ڪريان.

● آھيري، آھِري، آنھيري، آنھِري= آرسي

ـ آھيريان (ڪلياڻ ٣/١٥) = آرسيءَ کان، آئيني کان.

●آھيڙي= شڪاري.

ـ آھيڙِينِ کي (ڪاھوڙي ٣/١٢، راڻو ٣/١٠) = عام رولو شڪارين کي، عام خلق کي.

● آءُ = اَچُ.

ـ آءُ پِرين (يمن ٢/١٩)= اي منھنجا پِرين تُون آءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● آئو (مارئي ۹/۱۲)= آيو (پولي آهي).

● آئون (ڪلياڻ ۳/۱، آسا ۵/۷)= انانيت، پاڻپڻو، خُود سَري.

ـ آئون اوريان جَهلِ (ڪلياڻ ۳/۴، ۳/۵)= آپو، پاڻپڻو اورتي جهلي قابو ڪر، انانيت کي ڇڏ.

ـ 'آئون' اِتِ نه آهِ (آبري ۱۱/۳)= اتي 'آءٌ' آهي ئي ڪانه.

ـ آءٌ اِت نَه ٿِيءُ (رامڪلي ۲/۷) =اتي ائين نه ٿيءُ ته "آءٌ ب آهيان."

ـ آءٌ اُهوئِي آهِيَان (آسا ٦/۵)=آءٌ اُهو ساڳيوئي (ڇور) آهيان.

ـ آءٌ ٽي ڇِلان ڇَپَرين (حسيني ٦/وائي-۲)= آءٌ ٽي گهڙي پوان ۽ هلان جبل ۾ (آءٌ انهيءَ ڪري ٽي ڇپر ۾ ڇُلان جو مون تي پاروچن جي گهٽي باجهه آهي).

ـ آءٌ جا واڳِڙِي (ڏهر وائي ۵/۱)= آءٌ جا واڳيل آهيان، لاڳاپيل آهيان.

ـ آئون چَوِين (رامڪلي ۲/۱۱)=چوين ته: آءٌ آهيان.

ـ آءٌ ڏوريِئين (آسا ۴/۲۲) = آءٌ توکي ڳوليان.

ـ آءٌ ڏوهُ (پرڀاتي ۲/۱۷)= آءٌ گنگهار.

ـ آءٌ مارِي (سلمونڊري ۲/۱۸)=(وِيڻ) مونکي ماريو.

ـ آءٌ مُياِئي گهورِئِي (يمن ۵/ وائي-۲)= آءٌ مٿي ته متائنس گهوري، سندن مٿان قربان ٿي.

ـ آءٌ نَالي ڳِيڙِي (آسا ۴/۱٦)= آءٌ ته سندن نالي وئندي.

● آئِڙِي، آئُڙِي= وٽي.

ـ لاٽِي وِڃان لوڪَ. ڪهِڙِي اَکَرِ آئِڙِئِي (ڪنيات ۵/۷)= اي اُٺ! ساري سنسار مان توکي ڪاري لاٽي ڇاجي ڪري وٽي!

● آيا آسَ تِيَامِ (حسيني ۱۲/۱)= اميد تيام ته ڇڻ اهي آيا.

ـ آيا جَنِ ڪَمَنِ (ڏهر ۱/۸)= جن ڪمن لاءِ هن جهان ۾ آيا، پيدا ٿيا.

● آيَامِ (ڪنيات ۱/ وائي-۱)= آيا مون وٽ (اڱڻ آيامِ پيهي= منهنجي اڱڻ ۾ اندر قدم پري آيا).

● آيَسِ ڪين اوڏِي (آبري ۹/۱۳)= آءٌ اڃُي ڪين ڪجهه ويجهي ٿي آهيان.

● آيَلِ! (ڪنيات وائي ۲/۱، سامونڊِري ۱/ ۲۵، ۱/۲۳، ڪاپائتي ۲/ وائي-۱، ديسي ۷/۱۷، ڪوهياري ۳/۱) = اي ماءَ، اي امان!

ـ آيَلِ سَنگهَارَنِ سِين (ڏهر ۴/۱۱)=اي ماءُ، ٿوري مال واري مائي جيڪا کير پٽي ولوڙڻ لاءِ بچائي، سا سنگهارن ماين سان کهڙو پاڙ کي پيتيندي!

● آيَم اَنڊِي لوڪَ سِين (حسيني ۱۱/ وائي-۲)=آءٌ اِڙِيَسِ انڊِي لوڪ سان، منهنجي اچي پٽي انڊن سان.

ـ آيَمِ ريلي ريءَ سِين (سنهٽي وائي ۳/۱) = هڪ تکي وهڪري ۾ پيو تيز طوفان سان منهنجي اچي پٽي آهي.

● آيو تِنهِ سَيَاڳِ (راڻو ۱/۱۰)= ڪنهن نياڳ ڪنيس جو هو ڪاڪ جي قتل گاه تي آيو!

ـ آيو حاتِمُ هَٿَ ۾ (پرڀاتي وائي ۲/۱). = حاتم (سخي سيٺ) اهڙو راضي ٿيو جو ڄڻ منگتي جي هٿ ۾ اچي ويو.

ـ آيو عِزرَائِيلُ (معذور ۷/۹).= موت جو فرشتو آيو.

ـ آيو ڪونهَ اُئان ٿِي (راڻو وائي ۲/۱).= اُتان ٿي ڪوبه ڪونه موٽنو آهي. اُئان= اُتان (پولي آهي).

● آيِنِ (ڪاهوڙي ۱/۷)=ڪينِ آيو (آين نه آرام= ڪين ڪٿهن به آرام نه آيو).

- ڏڳ لَنبا ڏوڙ ۾ اُپي ڏناسون (راڻو ١٠/١٢)= اکين سان پهلوان مٿيءَ ۾ پوريا بيٺي ڏناسون.
- سَجڻُ تِنهِ ساعتَ ۾ اُپي ڏِناسون (مارئي ١/١٤)= سڄڻ بيٺو هو ۽ اسان سندس آڏو پٺي ڏناسون (اسان کي ان ساعت ۾ به سڄڻ پٺي ڏنو)
- اُپي روهه (ڏهر ٥/١٩) بيٺي روهه.

● اُپيَنِ (رامڪلي ٤/٢٢) اٿي ڪڙو ٿيڻ، بيهڻ.
- مون اُپي (سامونڊي ٣/٢)= مون بيٺي.
- اُپيَنِ (ڪاهوڙي ٣/٤، رامڪلي ٤/١٠، ٤/٢٢)= بيهن، بيٺا هجن.
- اُپيندِيُون (آسا ٢/٦)=بيهندِيُون، مٿي ٿي بيهنديون.
- اُپيون (سنهٽي ١/١٠)= بيٺيون.
- ڪنهه جنهه آڳر اُپيون (آسا ٣/٢٨)= ڪنهن اهڙي آڱر ۾ بيٺل آهن، ڪو اهڙو آڱر ڪري بيٺيون آهن.
- اُپيون اَبرَ آسري (مارئي ١١/٤) مٿي سِڌيون ٿي بيٺيون ڦڙين جي آسري.
- اُپيُون اوسارِين (سورٺ ٤/١١)= بيٺيون اوسارا ڏين.
- اُپيُونِ آهن (آسا ٢/٢٧)= بِيٺيون آهن.
- اُپيُون مَنڊي مامرو (آسا ٢/١٧)= معلملو مچائي بيٺيون.
- اُپيي (آبري ١/١٨)= بيهي، بس ڪري.
- اُپيين (ڪوهياري ١/١١)= بيٺينءَ، بيٺي هجين ها.
- اُپيين اِنهيءَ پيرَ تي (آسا ٧/١٩) =بيهين انهيءَ پير تي، انهيءَ رستي تي، انهيءَ اصول تي.

● اَتِ= گهٽا.
- عَيبَ ڍَڪين تُون اَتِ (ليلان ٤/١٠)= تون گهٽائي عيب ڍڪين.
- اَتِ اَبتا آرَ (سنهٽي ٣/١٢)= گهٽا، سِيرَ جي پلٽ وارا اوپار.
- اَتِ اُڪَندِي (مارئي ٩/٤)= تمام گهڻو سڪايل (مارن لاءِ).

● اَتُ، اَنت= آخر، پڇاڙي، (لفظي معني) آخري ڳالهه، راز.
- اَتُ نه ڏجي عام کي (ڪلياڻ ٤/٢٨)= دنيا کي پنهنجو راز نه ٻڌائجي.

● اِتِ =انهيءَ جاءِ تي.
- اِتِ شِرڪُ نَڪو شڪ (ڪلياڻ ٣/٢٢) = انهيءَ ڳالهه ۾ نڪو شرڪُ آهي نڪو شڪ آهي.

● اَتارُو= اَڻ تارُو.

● اَتارَنِ (سري راڳ ٢/٢)= اڻ تارن کي (اهي جيڪي تري نه ڄاڻن تن لاءِ افسوس ۽ ارمان).

● اُتارئو (يمن ٥/ وائي-١)= لاهيو (شايد اصل لفظ 'اُتاريو' هجي؟).

● اَتانِ (آبري ٧/١٢)= مَتانِ، انهن جي مٿان.
- اَتان اَسارَنِ (سري راڳ ٢/٦)= ويسرن مٿان، غافلن مٿان.

● اتانگهه= اونها، اهڃاڳ.
- اَتانگهه تَرَ (سنهٽي وائي ٣/١)= اهي تَرُ جيڪي تانگهي نه سگهجن، جن تَرَن مان گهڙي پَرينءَ ڪنڌيءَ پهچي نه سگهجي، اونهان گهيڙ.

● اِتاهين وارِ (ڏهر ٣/٢٤)= انهيءَ ماڳ کان پرٿي موٽاءِ.

● اَتَرُ (سامونڊي ١/٤، ٣/٤)= اُتر جو واءُ (جيڪو سياري جي شروعات کان لڳي).
- اَتَرُ اوتُون ڏي (رپ ٣/١٠)= سياري ۾ اتر جي ٿڌي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوا مسلسل پٺي لڳي.
ـ اَتَرَ هيٺِ (يمن ٦/٢٠)= اُتَـرَ لڳڻ وقت، اتر جي واء ورڻ وقت، سياري جي شروعات ۾.
ـ اَتَرَ اُجهَو جَن جَو (رامڪلي ٦/وائي)= اُتر جو سيءُ وارو واءُ انهن لاءِ اولو آهي.
ـ اَتَرَ آسَري (سامونڊي ١/١)= اتر جي هوا جي آسري تي (جنهن جي لڳڻ سان سڙهه زور پريندا ۽ ٻيڙي سنئين رخ تي هلندي).
ـ اَتَرَ اُوتَ (رامڪلي ٤/١١)= اُتر واري اوٽ، سياري ۾ اُتر جي سيءُ واري هوا کان آڏ.
ـ اُتَرَ پارَ (سارنگ ٣/١)= اتر طرف (سنڌ ۾ سانوڻ جو مينهن گهڻو ڪري اتر- اوبر طرفان ايندو آهي).
ـ اَتَرَ سَامهُون (رامڪلي ٤/ وائي)= اتر جي سيءُ واري ٿڌي هوا کي سامهان ٿي ويهن.
ـ اَتَرَ لَڳا (سامونڊي ٤/٩)= اتر جا واءُ لڳا (يعني سيارو آيو آهي. هڪ سياري ۾ وڻجارو ڪانڌ ويو، ۽ انهيءَ لحاظ سان هت مراد ان وڃڻ واري سياري کان پوءِ جو سيارو آهي. سامونڊي وڻجارا سياري ۾ ويندا هئا ۽ وري ٻه سياري ۾ وريندا هئا جو سمنڊ جو سفر سياري ۾ ئي ٿيندو).
ـ اُتَرِ واءِ (يمن ٦/٢١، سارنگ ٤/٩)= اُتر جي واءِ لڳندي.
ـ اُتَرَ مَند (سامونڊي ١/٢)= اتر جي هوا لڳڻ جي موسم (جڏهن، سمنڊ ماٺو ٿئي ۽ ٻيڙيون هاڪارجن) واپار لاءِ وڻجارن جي روانگي جي مند.
● اَتَڻُ= چوڻ، اماڻ.
ـ اَتائون (ڪلياڻ ٤/٢، آسا ٤/١٥)= چَيائون.
ـ تنِ اکين اُتا سُکَ (رامڪلي ٥/٢٤)= تن اکين سُک آندا (جيڪي سڄڻ ڪلندي ڪنيون).
ـ اُتنِ (حسيني ١١/٢)= چَيَـنِ (جڏن آري انهن کي چيو هو).
ـ اُتو (ڪلياڻ ١/٧)= چيو، زبان سان چئي اقرار ڪيو.
ـ اُتوم (پورب ١/وائي-١)= چيوم، مونکي چيو.
ـ اُتوماڻ (سري راڳ ٣/١)= چيو ماڻ.
ـ اُتونِ (معذور ١/٧)= چيونِ.
ـ اُتوءِ، چيوءِ (سري راڳ ١/٢٥)= توکي چيو.
ـ اُتهِ ڪين (بروو ٢/٢٨)= تو ڪين چيو.
● اَتورُ (معذور ٢/٣، ٣/وائي، حسيني ٣/١، ٣/١٤) = جنهن جي ڳرن ڳڻن واري وزن کي توري نه سگهجي، (نهايت ئي ڳرن ڳڻن ۽ وڏين وصفن واري آرياڻي (پنهونءَ) کي شهر سڃاڻي نه سگهيو).
● اُتي= ان ماڳ تي، ان جاءِ تي.
ـ اُتي (يمن ٦/٢٩)= ميخاني تي.
ـ اُتي اُو سَاماءِ (ڪارايل ٣/٦)= اتي هو ساماڻي، وڌو ٿئي.
ـ اُتي ڏيئي پير (رامڪلي ٣/٩)= اتي پهچي.
● اَتَلَ= (سنهڻي ٧/٥) جذبات جي اٿل، ڪشش، چڪ (عشق).
● اَتْهون (بروو ٢/١٢)= اسان کي آهي.
ـ اَتْئي ماڳُ مِنَتَ جو (ليلان ٣/١٠)= اهو ماڳ ئي مِنَتَ جو اَتئي، اتي مِنَتَ ۽ زاري کان سواءِ ڪو حيلو ڪونه هلندو.
● اُتي (ڪلياڻ ٥/٣، يمن ٦/٧)= اٿئي.
● اُتي (ڪلياڻ ٣/٥)= تون اُتي، تون ڪوشش ڪر.
ـ اُتي اَڳڻُ سَور (ليلان ٢/١٤)= اتي اڳڻ ٻهار (۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويلن لاءِ (روشني يا ڪاميابي ڪانھي) اونداھي آھي.

ـ اَجھاٽو اوڙاهُ (سلمونڊري ١/٣٦)=سمنڊر مٿان ٿي ويو.

● اَجھائُون (رامڪلي ٢/٦)= اَجھا واريون جايون، سک ۽ آرام واريون جايون.

● اَجھلَ (سنھٽي ١١/١٣)= جيڪا جَھلِجي نہ سگھي.

● اُجھڻ (گھاتو ١/٢)= وسامڻ، جھڪيون ٿيڻ، ھيٺيون ٿيڻ، بند ٿيڻ.

● اُجھڻَ (ڪاپائتي ١/٧)= رلڻ، واٽ وڃائڻ ۽ بتلجڻ، منجھڻ.

ـ اُجھي پَئي اَنَ تان (ڪاهوڙي ٣/٢)= جيڪو منجهي آخر اُڇي اُن واٽ ۾ پوي.

ـ اُجھڻَ جا اُفعالَ (پرڀاتي ١/٨)= اجايو ھيڏانھن ھوڏانھن وڃڻ ۽ رلڻ وارا ڪم.

ـ اُجھڻَ کي مرين (ڪاپائتي ١/٧) رُلڻ لاءِ آتي آھين.

ـ اُجھي پُجھي (آسا ٦/٦)= ھيڏانھن ھوڏانھن ھلي ۽ نھاري، واٽ وڃائي، ڀٽڪي.

ـ اُجھٽُو (يمن ٥/١١)= نھارئو، ڳوليو.

● اُجھو (ڪنيات ٢/١٨، پورب ٢/١٨)= ڍڪ، اوٽ، بچاءُ، پناھ جي جاءِ.

ـ جي اُجھي آيُون اَبَڙي (بلاول ٣/١، ٣/٥)= جيڪي ابڙي جي پناھ واري رھائشگاه تي پھتيون.

ـ اُجھي (سري راڳ وائي ٤/١)= پناھ (اللہ جي اجھي= اللہ تعاليٰ جي پناھ ۾، حفاظت ۾).

ـ اُجھي تُنھنجي اَڏيَا (ڏھر ٣/١)= تنھنجي پناھ ۾ تنھنجي آسري تي اڏيل آھن.

● اُجھورَ (سنھٽي ١٢/١)= اونھون پاٽي.

● اِجھي (بروو ٢/٣١)= اجھو ھاڻي، ڪنھن بہ وقت (اجھي سجڻ آئيا= بس اچي ويا).

ـ نہ اُجَھي (راڻو ٣/٢)= نہ پورو پوي (سُرھو اَگَرُ بہ محبوب جي خوشبوءِ دار لباس سان نہ پڄي، پورو نہ پوي).

● اُڄ= پياس، تانگھہ.

ـ اَندرِ جَني اُڄ (آبري ١/٩)= اُڄ جن جي اندر ۾ آھي.

ـ اُڄ ٿئي (آبري ١/٣)= اُڄ لڳي.

اُڄ اُڪَندِي آھيان (آبري ١/٥)= اُڄ جي سڪايل آھيان.

ـ اُڄ سَائِي ٿِيڻَ (يمن ٦/١٤)= اُڄ تازي ٿيڻ، اُڄ جو تازو ٿيڻ، وڌڻ ۽ زور وٺڻ.

ـ اُڄ سِين اُڄ اُٽيارِ (آبري ١/٦)=اُڄ جھلي اُڃو ٿي، اُڄ کي پورو ڪر.

ـ اُڄ سِين اُڄ اُجھائِيَان (آبري ١/٦)= اڄ جھلي اڄ کي ختم ڪريان.

ـ اُڄِن (سارنگ ٣/١١)= اُڄن کي.

ـ اُڃئو (يمن ٥/٩، آبري ١/٩)= اُڄ ۾، اُڃايل.

● اُڃان (ڪلياڻ ٤/١٠)= ھن وقت، ھن وقت واري حالت ۾.

ـ اُڃان تَنُوراءِ (يمن ٤/٦)= اجھو اڃان ھاڻ تنور مان (ڪو گھڻو وقت ٿي نہ گذريو آھي. جو تنور مان.)

ـ اُڃان لُھارَن (يمن ٤/١٥)= وري بہ لُھارن .

ـ اُڃان اڳِھُون ٿِيو (رامڪلي ٥/١١)= اڃان گھڻو اڳتي ٿيو (۽ اتي پھچي نہ سگھندا).

ـ اُڃان تَان آئِي (رپ ١/١٦)= اڃان تہ منھنجي جاءِ (ڏيل) تي ڪا گھڻي تڪليف اچڻي آھي.

● اُڇڻُ = اندر داخل ٿيڻ.

ـ اڇڻ نہ لھان (بروو ٤/١١)= مون کي اندر اڇڻ جي واھ نہ ٿئي.

ـ اَڇَڻَ جا ڪَري (سارنگ ١/٥)= مينهن وسڻ جي ڪري. (اصطلاح طور) محبوب اڇڻ جي ڪري.

ـ اَڇَنِ اُڇيءَ ڳـاٽِ (ڪاموڏ ١/١٠)= ڳاٽو مٿي ڪري هٿ ۾ وڏائي سان هلن، سامهون اچن.

ـ اَڇَن پيرين پيڪِئَا (رپ ٢/وائي)= محبت پرين ماڻن ۾ خماريا اچن.

ـ اَڇَن سِرَ سَنبَاهِيو (يمن ٦/٢٠)= پنهنجا سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو اچن.

ـ اَڇَنِ سَنيُوڙيُون (ڪامـوڏ ٢/٤)= سَرهائي مان سنيريون اچن.

ـ اَڇِٿا(ڪاهوڙي ٢/٢٤)= اچڻ وارا (ڏٺ اڇٿا=ڏٺ لاءِ اڇٿا آهن).

ـ اَڇو آيا نِيڄُ (بلاول ١/١٨)= اڇو اڇو، ڀلي آيا (اها وائي سندس واتِ ۾ آهي)

ـ اَڇِنَو پوءِ (حسيني ١٠/١٤)= اڇنو پوي.

ـ اَڇي هاڻ (سامونڊري ٤/١١)= وڻجارو ڪانڌ، سفر تي ويل پيارو سڄڻ اچي.

ـ اَڇِي آڳِ اُجَهاءِ (ڪلياڻ ٤/٢٩)= اچي آڳ کي اُجهاءِ (ڪاهي اچي پنهنجو پاڻ کي باهه ۾ هڻ ۽ انهيءَ ڏماڪي سان باهه کي وسا).

ـ اَڇي اولَڙِي (سنهٽي وائي ٨/١)= لُڙهي آئي.

ـ اَڇِي پيـر پِيَـا (ڪلياڻ ٤/١٣)= تنهنجا پير اچي پيا، تون اچي ڇڪو آهين.

ـ اَڇي جِتان آڏارُ (حسيني ٢/وائي)= جتان منهنجو پرجهلو (محبوب) اچي.

ـ اَڇِي شـالَ اَسُـورِ (مـارئي ٩/٣)= شـال اسر جـو (منهنجو مارو) اچي.

ـ اَڇِي ڪَنِ ڪرلَهان (مارئي ٧/١٥)= ڀٺن کهڙن جي اچي خبر لهان!

ـ اَڇين نه واري (راڻو ٦/٣)= جيڪر واري نه اچين! جيڪر لاڙي نَه اچين!

ـ اَڇي وَڇي (ڪامـوڏ ٤/٩)= هرڪو ڀيو اچي وڃي.

ـ اَڇيهُون (سامونڊري ٣/١)= اسان وٽ اچي ويا.

● اَڇَ (ڳهاتو ٢/١، سارنگ ٤/١٩)= پاڻيءَ جي گهٽي اڇاڻ. اڇ تي (اڇ هڪ ماڳ جو نالو ٿندي ٻاگي طرف).

● اَڇَـارو تِـيَـان (آسـا ٣/١١)= اڇين اڪين وارو ٿي پوان، (تنهنجي آڏو ٿي ويهڻ جي ڪري) منهنجيون اکيون جڻ اڇيون ٿي وڃن ۽ ڀيو ڪجهه ڏسي نه سگهان.

● اَڇاهُ (ڪارايل ٢/٧)= اي اَڇا (لَلا) هنجَهه!

● اُڇَلَ= پاڻيءَ جي تڪڙي اُٿل، وڏي ڇولي.

ـ جي اڇَنِ آبَ اُڇَلَ (سامونڊري ١/١٧)= جيڪي وڏي سمنڊر ۾ پاڻي جي تکي اٿندڙ ڇولي جي سامهون اچن ٿا.

● اَڇو= صاف، اجرو.

ـ اَڇو پِيو (ڪارايل ٢/٧)= صاف پاڻي پيو.

ـ اَڇي ڪي (ڪارايل ٢/١١)= اڇي پاڻيءَ کي.

ـ اَڇائِي اُبَهو (ڪارايل ٢/٧)= ڪنهن به قصور يا ڏوهه کان پاڪ اڇا ٿي بيهو.

● اُڇـرئو پَوان آرِ ۾ (سنهٽي ٦/٢)= ڇڪجي اُڇلجي وڃئو پاڻيءَ جي تکي وهڪ ۾ پوان.

● اِحاطو= جملي گهيرو، جملي جوڙ.

ـ آهِ اِحَاطو زِينَ (آسا ٤/١)= تازي گهوڙا طبيلن ۾ بيٺل آهن، جن جو احاطو (جملي جوڙ) انهن جي زينن جي ڳاٽيني مان ڪجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● أَحد (ڪليات ١/٨، سنهٽي ٨/٥)= هڪ الله، فقط 'ذات حق'، هڪ ئي هڪ.

ـ "أَحَدَ" جو اسرارَ (آسا ١/١٩)= اسرار اهو جو "احد" ئي آهي؛ اڪيلو "هڪ" ئي آهي ۽ ان جي پويان "ٻه" يا "ٻيو" آهي ئي ڪونه.

ـ 'أَحَدَ أَحمَدَ' پاڻ ۾ وچان 'ميم' فَرَقَ (ڪليات ١/٢١) = 'احد' ۽ 'احمد' جي وچ ۾ فرق فقط 'م' جو آهي.

ـ أَحدان (ڪليات ١/٢٢، ١/٣٢)= 'احد' ڪان، 'هڪ الله' ڪان، هيڪڙائي حق ڪان، ذات حق ڪان، ذات حق وٽان.

ـ أَحَدَ جي اِسرارَ ۾ (آسا ٧/٥)= 'احد' جي اسرار ۾ پيا وڃن، هيڪڙائي حق واري ڳُجھ ڪي پيا ڳُولين.

ـ أَحَدَ سِين (ڪليات ١/٢٣)= 'احد' سان، 'ذات حق' سان. (صفت سنگ احدسين= 'صفت' ۽ 'احد' (ذات) جو ساڳيو هڪ وجود).

● 'أَحزَاب' (مارئي ١٠/٨)= قرآن شريف جي سُوره (٣٣) لفظي معنيٰ: 'ٽَولا' (مخالف ٽولا جيڪي شروع وارن مسلمانن خلاف يڪمشت ٿيا).

● أَحقافَ (مارئي ١٠/٥)= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٦) جو نالو: لفظي معنيٰ: ڊگھن ورن وڪڙن وارا پٽڙ، پيچرا.

● أَحمدُ (ڪليات ١/٢١، سارنگ ٣/وائي-١)= لفظ 'احمد'. (معنوي لحاظ سان) پاڻ سڳورن (نبي صلعم) جو ٻيو نالو: اِسمهُ اَحمَدُ" (قرآن حڪيم).

● أَحمَدا (بروو ١/وائي-١)= اي احمد (صلعم)، اي منهنجا نبي محمد (ﷺ)!

أحوالُ (سنهٽي ١٠/١١)= حالُ.

● أخري (ڪاهوڙي ١/٢٠)= آخرت.

● اخلاصُ (بروو ٤/٢)= سچ وارو رستو، خلوص.

● أَدا ڙي ٻانڊي (سنهٽي ٤/١٦)= اي ادا لڙهندڙ ڪاٺ.

● أَدَبُ = احترام

ـ أَدَبُ ڪَرِم ڪوءِ (بروو ١/٤)= ڪو لحاظ نه ڪر.

ـ أَدَبَ سِين (يمن ٤/٥، سري راڳ ١/٦)= ٿوري ميڻ سان، وڏي خيال ۽ ويچار سان، وڏي احتياط سان، فضيلت سان، سهڻائي سان.

● أَدَهُ،أَداه= ادا، پورو.

ـ أَدَهُ ٿئي (ڪليات ٤/٢٠)= ادا ٿئي، سِرَ جو حق پورو ٿئي، عشق جو حق پورو ٿئي.

ـ أَداهَ ڪِئو (سنهٽي ٨/٦)= ادا ڪيو، پورو ڪيو.

● اِدغَا مين اِعرابَ (سنهٽي وائي ١٢/١)= 'اِعراب' جي 'ادغام' واري صورت.

● أَديُون اولاڪو (ڏهر ٣/٣١)=ڀينر! (مون لاءِ) ڏک، آزار.

● اَڏَ (ڪليات ١/١١)= اڌو اڌ، ٻه اَڌ، ٽڪر ٽڪر (ظاهري جاڻ، احساس ۽ تعلقات جو وڃڻ، منقطع ٿيڻ).

ـ اَڏَ ٿِيَڻِ (ڪليات ٥/١٢)= ٻه ٽڪر ٿيڻ، ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ، ٻي انتها محبت ۾ بيحال ٿي ليڙ (وٽ ڪاٺڻ ايتري قدر جو عضون جي اٿل پٿل سببان سڄي سالم جسم بدران ان جا ڏار ڏار ڀاڱا نظر اچن).

ـ اَڏَ ڪري (يمن ١/٥)= ٻه اڌ ڪري، جدا ٽڪر ڪري.

ـ اَڏَ لَڳِيُون آهين (رامڪلي ٤/١٩)= انهن جون اکيون پوري طرح ننڊر ۾ لڳل ناهن (اکين کي پوري ننڊر آهي ڪانه)، پر اڌ ننڊر اٿن.

● أَڏَارَا (سامونڊي ٤/٦)= اوڏر تي ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● اڏارڻ= اڏارو ونڻ.

- اُڏارِئا (گهاتو ١/٩)= مون اڏارئا. مون اڏارا ورتا. (منهنجي اهڙي سقيم حالت جو مچڙيون به اُڏاريون ورتم).

اڏامڻ= زور سان مٿي اپرڻ.

- اُڏاٽو (سنهڙي ٢/٧)= اپري مٿي ٿيو، مٿي جدا ٿيو.

- اُڏاٽي (آبري ٥/١٣)= پڙڪا ڏيئي مٿي مچ ٿي.

● اڏرنڌرَ (آبري ٨/٢)= بنا ڪنهن ٽيڪ يا آڌر جي، بي واهي، بي مددگار.

● اُڏمڻ= گهٽي پاڻيءَ جو مٿي چاڙهه ڪرڻ. اُڏما ڏيڻ، ڪڪر جو اُڏمو ڏيئي وسڻ.

- جي اُڏمِڻو اَڄُ (بلاول ١/٩)= جيڪڏهن (هيءَ ڪرم جو ڪڪر) اڄ گوڙ ڪري مٿي چڙهيو.

- اُڏمِئا، اڏميا (آسا ٦/١٢، مارئي ١١/٦)= اُڏمن ۾ آيا، اُڏما ڏنائون.

- اُڏمِئو اوڙاهُ (بلاول ١/١٠)= سمنڊ جو اوڙاهه پاڻي اُڏمي مٿي چڙهيو. ('اوڙاهي' = سمنڊ جو اهو وڏو خوفناڪ چاڙهه جيڪو اپري ڪنارا بوڙي. سخي اٺين سخاوت ڪئي جو جڻ اوڙاهه اڏمي پيو).

● اُڏوتِي (سنهڙي ١/١٩)= اڻ ڌوتل، ميري، ناپاڪ.

● اَڏُ (سنهڙي ١٠/١٢)= جَهل (جنهن کي جهلڻ سان بچاءُ ٿئي).

- اَڏُ مَ مَنهين (ڏهر ١/١٠)= مَنهن نه اڏ، اَجها نه اڏ.

● اڏامڻ= اڏرڻ.

- اُڏءِ (برو ٢/٢، ڪارايل ٢/١٦)= اُڏامي وڃ، اُڏر، اُڏري وڃ.

● اُڏڻ= ٺاهڻ، تعمير ڪرڻ.

- اَڏئو اَڏِيندين ڪيترو (ڏهر ١/٩)= ڪيترو پيو وري وري ٺاهيندين.

● اَڏي (ڪلياڻ ٥/٢٣)= ڪاٺ جو وڏو مضبوط ٽڪرو جنهن تي گوشت يا مڇي وڍجي ('نندي اڏي' جنهن تي گاهه جي ڪُتر ڪجي).

- اَڏيءَ سِرُ ڌَري (ڪلياڻ ٥/٢٢)= اڏيءَ تي سِرِ رکي.

- اَڏين وَٽِ (ڪلياڻ ٥/٢٣)= اڏين لڳ، بلڪل ويجهو (ڪسڻ لاءِ اڏين تي سر رکڻ وارا آهن).

● اَڏيارَ (ڪلياڻ ٢/٢)= ياري ۾ اڏ ڏيندڙ، اڻ-يار (جيڪي ياري ۾ نه آهن).

● اَڏَڪو نه لَهي (سامونڊي ١/٢)= دل جو ڌڙپ نه لهي، اندر جي ڪِٽي نه لهي.

- اُڊو (ڏهر ٤/١٠، ڪاپائتي ٢/١٠)= 'اڊڪو' خوف، خطرو، ڊپ.

● اَڏنگا وِيڻَ (مارئي ٩/٥)= بي ڍنگا ڳالهاءَ، طعنا.

● اذا جاءَ' نَصرُالله (مارئي ١٠/١٢)= جڏهن الله جي مدد ٿي= قرآن شريف جي سُوره 'نَصر' (جا پهريان لفظ).

● 'اذا زُلَ' (مارئي ١٠/١٢)= اذا زُلزِلَت الارضُ = جڏهن ڏٻائي ويندي ڌرتي (قرآن شريف جي سُوره زلزال (نمبر٩٩) جو پهريون لفظ ۽ ٻئي جو ڀاڱو).

● اِرادي (سنهڙي ٨/٥، ٨/٦)= تقدير، اصل جي امر.

● آرتو (راڻو ١/٧)= رَت ڳاڏئون، رت وارو.

- آرتو آڪين مَان (رامڪلي ٤/١٧)= رت ڳاڏئان ڳوڙها اکين مان.

- آرتو اکيين (راڻو ٢/٧)= ڳاڙهو رت ڳاڏئون پاڻي سندن اکين ۾ آهي (رت جا ڳوڙها پيا ڳاڙين).

- آرتي ڳاڏِئون (رامڪلي ٣/٥)= رت ڳاڏئون، رت وارو (پاڻي) اکين منجهان پلٽين (اوتين) ۽ هارين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● اَرِٽُ= چرخو.

ـ اِرٽ ڪنيو(بروو ٢/١۴، ڪاپائتي ١/١٧)= چرخو ڪنيو، چرخو ڪتڻ بند ڪري، ويڙهي ڪنيو.

ـ پنهنجي اَرِٽِ (سامونڊري وائي ٢/٢)= پنهنجي آتڻ تي، پنهنجي گهر ۾.

ـ اَرِٽَ مالَ (ڪاپائتي ١/٧)= چرخي جي مالهه، چرخي جي مٿين گولائي ۾ واٺيل سُٽ.

● اَرداسُ= عرضداشت، عرض.

ـ اَرداسَ ۾ (آسا ٢/٦)= عرضداشت ڪندي، ادب سان سوال ڪندي.

ـ اَرداسُون ڪري (مارئي وائي ٧/١)= عرضداشتون ڪري، سوالَ ڪري.

● اَرڏا (معذور ٣/١) ڏکيا.

● اَرکِ (سري راڳ وائي ١/١)= رک کان سواءِ، رک رکاءُ نه ڪندڙ بي صبرا، پرهيز کان سواءِ، بي پرهيز.

اَرکِ (آبري ٦/١)= الگ، جدا، ختم.

ـ اَرکِ ٿيا (ڪلياڻ ١/٣٢)= الگ ٿيا.

اَرمَقَ (مارئي ٧/٨)= پٽولا پٽ چير، پانڌاڻ، ارغچ، اهي سڀ قيمتي ڪپڙن جا قسم.

● اَرو (آبري ٩/وائي-١)= اَرَنو، جتي وهندڙ پاڻي نه پهچي.

● اَرواحُ (سارنگ ١/٨)= روحَ.

اَروٽِ (بروو ٢/٩)= اَٽوٽ، اڪين ۾ پاڻي نه هئڻ ۽ سُڪڻ واري حالت.

● اَروٽُ (ڪلياڻ ۴/٢٧)= ('روٽ' پڪل ماني جو ضد) اڻ پڪل، ڪچو.

● اَريجُ (ڪارايل ٣/۴)= جتي ريج نَه هجي، سڪل ڦٽل زمين، خشڪ زمين.

ـ اَريجِ ڀِرءِ (مارئي ٨/٢٥)= انهيءَ اريج جي بوءِ کان سواءِ. [هت مارئيءَ جي خوشبوين ۾ اکين ۽ نڪ مان پاڻي ڳاڙيم.]

● اڙائڻ= اٽڪائڻ، ڦاسائڻ.

ـ اَڙائي (آسا ٢/وائي-١)= اٽڪائي، ڦاسائي.

ـ اَڙائينسِ (ڪنيات ۴/١۴)= ڦڏينس.

ـ اَڙيا (بلاول وائي ٢/١)= ڦاٿل، آزار ۾ ڦاٿل، گناهن جي سزا ۾ آيل.

ـ اَڙي (ڪنيات ٢/٢٠)= اٽڪي، ڦاٿي.

● آزارُ= تڪليف- اهنج، اوکائي، عذاب، مصيبت.

ـ آزارئا آجا ڪِئا (بلاول ٢/٥)= جيڪي آزار ۾ هئا، تن کي آزار کان آجو ڪيو، جيڪي قيد بند جي سختي ۾ هئا تن کي آزاد ڪيو.

● اَزَلُ = وقت جي شروعات جي تخيل کان اڳ، 'اڳ' جي هر تخيل کان اڳ، ابَد جو ضد.

ـ ازل ۾ (ڪلياڻ ١/٩)= ازل کان: انگ ازل ۾= ازل جو لکيو.

● اُسَاٽَ (حسيني ٧/وائي-١)= اُڃ، خشڪي ۽ تپش.

ـ پَسِي اُڃ اُساٽ (کوهياري ٥/٧)=اُڃ جي خشڪي ۽ تپش کي سهي، ڏاڍو ڇڪي.

● اَسَارِ، اَسَارِي (يمن ٦/وائي)= جنهن ۾ سار نه ٿئي، سڄاڳي نه ٿئي، جيڪا بي اوني ۽ غافل هجي.

ـ اَسارا (رامڪلي ٢/١١)= بي خبرَ، بي حس، غافل.

ـ اَسَارَنِ (ڪوهياري ١/١٧)= ويسرن، بي خبرن.

ـ اَسارَنِ تان (سري راڳ ٢/٥)= جيڪي غافل ٿي ستا تن تان، جيڪي سڄاڳ نه هئا تن مٿان.

ـ اَسَارَنِ کي (آسا ٧/وائي)= ويسرَن کي، غافلن کي.

- اَسـارِي (سـامـونڊري ٢/٢٢، ڪـوهيـاري ١/١٦، سهڻي ٩/٦)= ويسري، بي خبر.

● اَسان اولاڻو (آبري ١١/١٢)= اسان لاءِ ڏکيو سڏ، اوراڻو، روح راڙي رنج، پٽ پاراتو.

- اسان پَنڌُ پرين ڏي (سهڻي ٤/١٦)= اسان جو پنڌ پنهنجن پرين ڏي.

- اَسان سَري نہ اَنَ ري (ڪليـاڻ ٤/٢١)= اسان عاشقن جي محبوب کان سواءِ ڪا ڪار سولي ڪانہ ٿي (نٿي ٿئي)، گهڙي بہ سندس محتاجي کان سواءِ نہ گذري (ءِ نٿي گذري).

● اَسانهين (سهڻي ٢/٤، مارئي ٢/١٩)= اسان جي ئي.

● اَسبابُ (ڪلياڻ ٤/٢)= (اصل عربي لغت موجب 'سَبَبُ' جو جمع اسبابُ) سبب، ڪارڻ. (سنڌي اصطلاح ۾ 'اسباب' ،اسم جنس) گهٽيون گڏ انوکيون شيون، گهڻو سامان، سچو نظارو عجب رنگ، عجب پسارو ءِ لقاء.

● اُستُخوان (بروو وائي ٢/١)= هڏو (غالباً مولانا رومي ڏانهن منسوب بيت وارو خيال تہ:

مَن زِ قرآن مغز را برداشتيم -استخوان پيش سگان انداختيم

(اسان قرآن جو مغز کنيو، باقي هڏا ڪتن آڏو اڇلايا).

اُسرَڻ= اپرڻ، مٿي ٿيڻ، وڌڻ.

- اُسِرِي (سري راڳ وائي ٤/١، سهڻي ١٠/١٠)= جذبي سان مٿي چڙهي، اڀي وڃي، مٿان پَرُ ڏيئي.

● اُسڙڻ= اس ۾ پـتڪڻ، ڪاڙهو سهڻ.

- اُسڙان (گهاتو ١/٧)= اُس جو ڪاڙهو سهان.

● اَسُک= ڏک، ايذاء.

- اَسک جَن (رامڪلي ٥/١٧)= جن لاءِ اسک (ڏک) آهي.

● اِسلامُ (ڪلياڻ ٢/١٢)= الله جي آڏو سر سجدي ۾ ڪرڻ.

● اِسمِ (رامڪلي ٧/وائي-٢)= الله جو اسم ذات.

● اُسن ۾ آئي (آبري ٨/٦)= ڪاڙهي گداز ڪئي، ڳاري.

● اَسُور (ڪنيات ٢/٢٣، ڪنيات ٣/٢، رامڪلي ٤/٢) = اسر جو، پرڀات کان اڳ.

● اُسونہ (ديسي ٧/٢٠)= اڻ سونهين.

● اَسُونهِينِ= اڻ ڄاڻن، ناواقفن، جيڪي سونهيون نہ هيون.

- اَسُونهِينِ جي (آبري ٦/٧، ٨/٢)= بي خبرين جي، اڻ ڄاڻن جي.

● اَسُئي (ڪوهياري ٦/١٢)= اڻ- سُئي، اَڻ سُئل، جيڪا سُئل پٽل نہ هُجي، گهٽ ڇاڻل سڃاڻل.

● اسي اَکين هَوءِ (آسا ٧/٥)= اسي اکيون هُجَن.

● اَسي ڪوهَ (ڪنيات ٥/١٢)= اسي ڪوه (اڳڻ اسي ڪوه= گهر جو اڳڻ بہ ان لاءِ اسي ڪوه آهي).

● اشارَتَ (ڪلياڻ ١/٢٢)= 'اشاري' ۾ سمايل معني، معنوي مامر، ڳجهارت.

- اِشَارَتُون (آبري ١١/١، رامڪلي ٢/٣٤)= اشارن ۾ ڏنل اهڃاڻ، اشارن ۾ رازن رمزن جون ڳالهيون.

- اِشَارَو (يمن ٥/وائي-١)= نظر جو، اکين جو، آڱر جو (اهڃاڻ).

- اشارو آڱُرَ جو (سورٺ ٢/١١)= آڱر جو اشارو.

● اَصغرَ (بلاول ٣/١٣)= ننڍو (گناهہ).

● اَصلِ (ڪلياڻ ٤/٣٩، ٥/٤، ڪنيات ٣/١١)= اصل کان وٺي (جڏهن کان 'عشق' ۽ عاشقن جو سلسلو شروع ٿيو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ اَصُلَ سَندي آسَري (ذهر ٥/٤)= اصل اڳ واري آسري تي (تہ اتي سندن چارو هوندو ۽ اتي ڪين ڪا تڪليف نہ پهچندي).
ـ اَصُلِ لِکئو اَنگَ ۾ (راڳو وائي ١/١)= اصل ڪان، شروع ڪان جيڪو انگ قضا جي قلم لکيو.
اَصلِ هُئِي ايتَري (بلاول ٢/١٣)= اصل ڪان، منڍ ڪان، ماڳهين هئي ايتري.
● اَصينُ (ديسي ١/١٠)= اصل نسل ۾ اشراف.
ـ آهَرَ تو اَصيلَ (راڳو ٥/٢)= تنهنجي آسري تي، اي عالي نسب وارا، اي وڏي مان شان وارا، وڏ- وڙا!
● اعرابَ= جملي ۾ لفظ جي آخري حرف واري زير زبر جيڪا بدلجي.
ـ اِدغَامين اعرابَ (سنهڙي ١٢/وائي-١)= اعراب جي 'ادغام' واري صورت.
● اعرابِي (مارئي ١٠/٧)= شهر ڪان پري ٻاهر ٻر جو رهندڙ، بدوي.
● اِعَراف' (مارئي ١٠/١١)= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٧) معنيٰ: (اسم خاص) ماڳ جو نالو، (اسم عام) بلند مقام، بلنديون.
● اَعليٰ (ڪلياڻ ١/١)= مڙني کان مٿاهون.
اَفعالَ (پربهاتي ١/٨)= نمونا، ڪم.
اَڪُ (مارئي ٨/٦)= وڻ جو هڪ قسم.
ـ اَڪَ ڦُلارِيا (ذهر ٢/١٢)= اَڪَ جا وڻ وڏي وڏا ٿيا ۽ ڦلڙيون ڪيائون.
اَڪَاجِ (آبري ٤/١٢، مارئي ٩/٤)= سَڪَاجَ جو ضد، نڪاري ڪم سولو نہ ڪندڙ.
● اُڪارڻ= پاڻيءَ مان ٽپائي ٻئي طرف ڪرڻ.
ـ اُڪارِئو (يمن ٥/وائي-١)= فراق ۽ غم واري درياءَ مان ٽپائي ٻئي پار ڪريو.
ـ اُڪارِيين (سنهڙي ١/١٤)= لنگهائين، سلامتيءَ سان ٻئي پار پهچائين.
ـ وِئا اُڪري (ذهر ٤/١٥، مارئي ١١/٦)= لنگهي ويا.
● اَڪَبَر (بلاول ٣/١٤)= وڏو اعليٰ، وڏو (گناهہ).
● اَڪثر (ڪلياڻ ٢/٢)= گهڻا، هڪ کان زياده (هڪ محبوب بدران هِنَ سان هُنَ سان ۾ گهڻن سان، الله واحد بدران ٻين غيرن سان).
● اُڪرڻ= پاڻي يا ڪنهن گهٽ ۾ گهيڙ مان لنگهي ٻاهر ٿيڻ.
● اُڪَندَ = سڪ.
ـ سَجَڻَ جيءَ اُڪَندَ (ڪنيات ٢/٨، سنهڙي ٢/١٥)= سجڻ جي سڪ سببان.
ـ اُڪَندِئا (آبري ١/٢٠)= گهٽي اُڪيرَ ۾ پيا، ڪين گهٽي اُڪير ٿي.
ـ اُڪَندِئو (سارنگ ١/٦)= اُڪند ۾ اچي، سڪندي.
ـ اُڪَندِيلِي (ڪنيات ٢/١٢)= اڪند ۾ سڪ ۾، سڪايل.
● اُڪَندِيَن= سِڪندين، سِڪ وارين.
ـ اَگڻِ اُڪَندِيَنِ (ڪنيات ١/١)= سڪ وارين جي اگڻ تي.
ـ اگڻ اُڪَندِيين (راڳو ٦/٧)= سڪايلن (جي اگڻ تي آيا).
● اُڪيرڻ= اُڪير ۾ وجهڻ، اُڪير ڪرڻ، سڪ ٿيڻ.
ـ اُڪِيرِئو (مارئي ٥/٢٦)= اڪير ڪئي، سڪ ۾ سنياريُو.
● اُڪيلِ (ڪارايل ٢/١١)= فعل 'اڪيلڻ' مان امر. ڪنهن شيءِ ڏي اڪيلڻ= پر ڪرڻ، چاهڻ، اُڪير.

- اَڪيُون پَنهنجيءَ مَتِ (آسا ٢/٢٠)= اڪيون پنهنجي سوچ ۽ ارادي واريون.
- اڪيون ... سچين تہ سور لهي (راڻو ٨/٧)= تون اڪيون ڪٿي ڏسين تہ سور لهي وڃي.
● اَگرُ (راڻو ٣/٢)= خوشبوءِ دار وڻ (جنهن جي ڪاٺي جا ذرا تاندن تي ڪرن تہ خوشبوءِ دار دونهون ڪپڙن کي واسي ڇڏي).
- اَگــرِ اوڏو نہ وَڃين (ڪنيــات ٥/٧)= اگــر واري خوشبوءِ دار وڻ جي تارين چرڻ لاءِ ان کي تون ويجهو ئي نہ وڃين.
- اگر چَندَن اُبري (رامڪلي ٦/وائي)= اگر ۽ چندن جي خوشبوءِ مٿي نڪري.
اَگلا (پرڀاتي وائي ١/٢)= اپالا، ڪرجها.
- اَگلِڙي (ڪاپاتي ٢/٥)= ميري، عيبن واري.
- اَگلِي آهيَان (ڏهر ٣/١)= گپ لڳل، ميري آهيان.
- اَگلِي چَئي (ليلان ١/١٥)= لوڪ اڇئو ليلان کي ميري مَدي چئي.
- اَگليُون (ليلان ١/٣)= ميريون. (اصطلاح طور) ويچارِيون نمائيون (جيڪي اڳ تو کي ويجهو هيون).
اَگوچَرُ (سري راڳ ١/٨)= اگهون- چَرُ، معنيٰ وڏو گهٽو اونهو پاڻي. ('اگهون چر' پڙهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو پر جيئن تہ سيني رسالن ۾ 'اگوچر' آهي، انهيءَ ڪري متن ۾ پڻ اهو لفظ رکيو ويو آهي. 'جامع سنڌي لغات' ۾ 'اگوچر' جو اشتقاق هن طرح ڄاڻايل آهي: "سن. آ= نہ + گو= اندري + چر= جو ڏسجڻ ۾ نہ اچي. جو محسوس ڪري نہ سگهجي. الک. ٻي مثال، مخفي، لڪل". اها معنيٰ هن بيت ۾ نٿي لڳي.)

● اَگوندَرو (سارنگ ١/١، ٣/٩)= ٻي غمو، خوشيءَ وارو، خوشي ڏيندڙ ۽ گهٽو.
- اَگوندَري (مارئي ٦/٥)= (اصطلاح طور) صاف سني (جنهن بابت ڪا ڳُڻتي نہ هجي).
● اگِ (معذور ٦/٧)= اڳتي جو اڳواڻ.
- اگِ لتو (معذور ٢/٢)= اگِ لکيو.
- اَگِ ۾ (يمن ٥/٤)= منڍ ۾، بالڪل شروع ۾.
- اگِ وِسُورَلَ (ڏهر ٣/٣)= اگِ ئي اعتبار ۾ آندل، ويساهہ ڪرايل.
- اگِ پَري (حسيني ١١/١٣)= ڪجهہ اڳتي.
● اَگانجهو (آبري ١/٤)= گهٽو وڌيڪ.
● اَگانہَ (سنهٽي ١٠/٢)= اڳاهين.
● اڳاهون (آبري ١٠/١، حسيني ١١/٦)= اڳتي پري، پراهون.
- اَگاهُون (سورٺ ١/٦)= ڪافي دير اگِ، گهٽو اگِ.
- اَگاهُون آئيو (سورٺ ٣/١٠)= گهٽو وقت اگِ آيل آهيان.
- آئون اَگاهين آهيان (سري راڳ وائي ١/٢)= آءُ همت ۽ حوصلي سان اڳتي آهيان.
- اَگاهِين (آبري ١/وائي-٢، ٣/٢) = اڳتي وڃي، اڳتي ٿي.
● اَگرايُون ڪَرِين (يمن ٢/٤)=(بنا ڪنهن سبب جي ازخود) اڳواٽ حملا ڪرين، پالمرادو ڏاڍايون ڪرين.
- اَگرو (ڪلياڻ ٤/٣٩)= بها ۾ وڌيڪ، مُلهہ ۾ زياده، وڌيڪ قيمتي.
- اَگِري (مارئي ٧/٧)= وڌيڪ.
● اَگِڙيون= اڳڙي جو جمع، ڪپڙي جو ڦاٽل ٽڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● اَلا (يمن ۴/١٢، رامڪلي ٢/٣٢)= ٻاھہ جا اُلان، ٻاھہ جون چِپيون.

● اَلاپُون (ديسي ٦/١٦)= سڏ جون تواروُن، ڪوڪارون.

● اَلارا= چوٽُون.

ـ ڏنم اَلارا (ديسي ٦/١۴)= چوٽون ڏنيم، همت سان چڙهيس.

● الا اللهُ (ڪلياڻ١/١٠)= سواءِ الله جي، بس هڪ الله.

● اَللهُ (ڪلياڻ ١/٢٨)= الله پاڪ جيڪو حياتي ڏيندڙ آهي ۽ جيڪو موت، قضا ۽ تقدير جو مالڪ آهي.

ـ اَللهُ اوتازي، مُنڌَ ماروءَ جي ميڙيين! (مارئي ٩/٦)= يا الله، هيءَ منڌ ماروءَ جي ماڳ تي (ماروءَسان) ملائين.

ـ الله توهار (سنھڙي ١/١٨، ٣/وائي-١)= يا الله تنھنجي مدد آهر ۽ آسري تي (هيءَ ڪم ڪريان ٿو).

ـ اَللهُ جِتن نالوءِ (ڏهر ١/١)= جنن جو تنھنجو نالو ئي 'اَللهُ' آهي. ('اَللهُ' ذاتي نالو آهي خالق جو. لغت جي لحاظ سان اصل لفظ جي معنيٰ 'پيار').

ـ الله لڳِ (ڪنيات ٣/٢)= الله واسطي.

ـ اَلله لَڳِ اُهيڃاڻ (ڪوهياري ٣/وائي-٢)= الله ڪارڻ ڏس.

● اَلاِنسانُ سِرِيَ وَاَنَا سِرہُ (ڪلياڻ ١/٢۴، سورٺ ۴/١۴) = (صوفين سالڪن جو مقولو تہ) 'انسان منھنجو ڳُجھہ آهي، ۽ آءٌ انسان جو راز آهيان.'

"الاهي توهارَ" (سنھڙي ١/١٨)= "الاهي توهار" ڪري ڳُھڙي= يا الاهي! تو آهار آهيان، تنھنجي مدد جي آسري آهيان. (ساڳي معنيٰ ۾ ڪم شروع ڪندي چوندا 'اللهَ توهار= يا الله تنھنجي مدد جي آسري سان (هي ڪم ڪريان ٿو).

● اَلبيليون اُتين (مارئي ۴/١٩)= البيليون ٿيو اتن، ڍَڪ ۽ ستر ڪان بي فڪريون ٿيو، پنھنجي مرضيءَ سان ننڍر مان جڏهن وڻين تڏهن اٿن.

● اَلتائبُ (سري راڳ ١/١٥)= (اَلتَائب مِنَ الذنبِ ڪَمَنْ لا ذَنبَ لَهُ)= گناه کان توبہ ڪندڙ، گناه نہ ڪندڙ جھڙو آهي.

● اَلتَحياتُ للهِ وَالصلواتُ وَالطيباتُ (سورٺ ٣/٢)= سڀ ساراهون هڪ الله کي ۽ صلواتون ۽ مرحبائون (نبي سونهاري کي).

● اَلتِيَم (آسا ٥/٨)= چيم، سڄڻ کي جيڪا ڳالھہ چيم.

● اَلتا (راڻو ٨/١٢)= لھي ويا (رهاڻيون ڪندي).

● اَلتِي (يمن ١/٩، آسا ۴/٦)= اُبتي، ظاهر ۾ اُبتي.

ـ اَلتِي ڳالھہ (آسا ٦/١)= اُبتي ڳالھہ، مخفي معنيٰ واري ڳالھہ.

● اَلذِينَ آمَنُوا وڪانُوا يَتقُونَ (آسا ٦/١٧)= جن ايمان آندو ۽ جن تقويٰ (پرهيزگاري) ڪئي (پاڻ کي هر گناه کان بچايو).

● اَلستُ بِرَبِّڪُمْ (يمن ٦/١، مارئي ١/١٠، سنھڙي ٨/٢، ٨/٨)= (قرآن شريف جي سوره نمبر (٧) 'اعراف' جي آيت نمبر - ١٧٢)= جڏهن ورتو تنھنجي رب بني آدم کان، سندس پُٺين مان انهن جي اولاد کان، ۽ اقرار ورتائين انهن کان انهن جي جانين تي: "تہ ڇا نہ آهيان مان توهان جو رب، چيائون هائو، اسان اقرار ڪيو! (پوءِ) متان چئو قيامت جي ڏينهن تہ اسان ان کان بي خبر هئاسون".

● اَلسلامُ عَليڪَ اَيُهَاالنَبِي (سورٺ ٣/٣)= اي نبي توتي سلام.

● اَلعِشقُ حِجابٌ بَينَ العَاشِقِ وَالمعشُوقِ (آبري ٧/١٦)
=عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ عشق حجاب (پردو) آهي.
● اَلعِشقُ نارٌ(آبري- ٥/١٣) الخ= عشق آگ آهي:
اهو جڏهين دلين کي لڳي ٿو ته محبوب کان سواءِ پيو سڀ ساڙي ڇڏي ٿو.
'الف' (ڪلياڻ ٣/٩، يمن ٥/٤، ٥/١٢، ٥/١٤، رامڪلي ٢/١، ٣/٣)= (صورتخطي جي لحاظ سان) لفظ 'الله' جو پهريون حرف.(معنوي لحاظ سان) الله تعاليٰ جي وحدانيت، هيڪڙائي، توحيد واري حقيقت.
● اَلفِراقُ اَشَدُ مِن الموتِ(آبري- ٥/٩)= فراق موت کان وڌيڪ سخت آهي.
●آلکُ (يمن ٥/١٧، ڪاموڏ ١/٢، رامڪلي ٤/٨، ٦/٨)
=جيڪو لَکاءَ ۾ ناهي، جنهن کي لَکي نه سگهجي جنهن کي ڏسي نه سگهجي= ڏٺي تعاليٰ، الله پاڪ.
● آلکَ سِين(رامڪلي ٦/٨)= ڏٺيءَ سين.
●الماسَ(راڻو ٣/٥، پورب ٢/٢)= هيرا (نهايت چمڪدار ۽ سخت ۽ تکا وڍيندڙ) اصطلاحي معنيٰ: سچ،سچي حقيقت.
● الماسِين جِهَا(آسا ٤/١٤)= جيڪي الماسن جهڙا هُئا، جيڪي هيرن جهڙا سخت هئا.
● اُلوهيت = هيڪڙائي حق.
ـ آيا اُلوهيت ۾ (رامڪلي ٣/١٠)= 'الوهيت' واري منزل ۾ آيا 'هيڪڙائي حق' ۾ محو ٿيا.
● اَلهڙُ ( آسا ٥/١٥)= نئون سيکڙاٽ.
● اُلهڻ= لهڻ (سج، چنڊ، تارن جو)
ـ جِتان اُلهي اُبري (آسا ٢/وائي-٢)= جنهن جاءِ کان لهي اڀري ٿو.

ـ اُلهي (ڪنيات ٥/٨، حسيني ١/٤، آسا ٢/وائي-٢، سنهڙي ١١/١٩)= لهي.
● اُلير (ڪوهياري ٦/٤، رامڪلي ٥/١٧)= پڙڪر ڏيئي اٿڻ، ڇرڪ ڀري اٿڻ، ڪڙو ٿي بيهڻ، هاءِ هاءِ ڪري اٿڻ. اُچانگ (ڦرتيءَ سان اٿي ڪڙو ٿيڻ).
● اُليڙَڻُ (سامونڊي ٣/١٤)= ڌوڏڻ (اليڙڻ نه ڏي= لوڏي ڌوڏي ٻاهر ڪيڻ نه ڏئي ته متان ٻيڙي رواني ٿئي).
● اُمَارو (سامونڊي ١/٣٢)= پوري پڪي ارادي وارو ترت ساڻباهو.
● اَمرُ (سنهڙي ٨/٥، مارئي ٦/٢)= (سنڌي اچار موجب)= حڪم الاهي، تقدير
ـ ايءُ اَمرُ الاهي (سنهڙي ٦/٦)= اهو الاهي حڪم آهي.
ـ اَمُرُ کي (ديسي ١/١٢)= لکيي کي.
ـ 'اَمُرُ' اوڙي (ڏهر وائي ١/١)= لکيي کي ويجهي.
● اَمَن (مارئي ١٠/٨)= صلح سانت (جتي ڪوبه فساد نه هجي).
ـ اَمُنُ اَمانا (سري راڳ وائي ٢/١)= امن امان، سلامتي ۽ حفاظت.
ـ اَمُنُ ڏِيو (سورٺ ١/٧)= امان ڏيو، پناهه ڏيو (اصطلاح طور) مان ڏيو ۽ مراد پوري ڪريو.
● اَمانَا (مارئي ٩/١٦)= اَمن کان سواءِ.
● اُماڻَ (مارئي ٣/١٩، سنهڙي ١٠/٥)= امانت.
ـ "آهي اِت اُماڻَ (آبري ٥/٦) = (اماڻ= امانت طور دفن ٿيل) سيني جي جان يا حياتي هن جهان ۾ جڻ اماڻ آهي: اصل ماڳ اڳيون جهان آهي.
● اُماڻ= سونهون ٿي ڪنهن کي روانو ڪرڻ.
ـ مون اُماڻ (سنهڙي ٣/٥)= مون سان گڏجي هلي مون

انعام مليو آهي، منهنجو مان مٿي ٿيو آهي).

- اِنعامي ڪنو (مارئي ١١/٢٤)= ماروئڙن کي انعام ڪيو، انعام ۾ ڏنو، هر طرح جو محصول معاف ڪيو.

اَنفال (مارئي ١٠/١٠)= قرآن شريف جي سوره نمبر (٨) معنيٰ: جنگ ۾ هٿ آيل مال، مال غنيمت.

● اَنگُ (ف. اُنگبين)= ماکي.

● انگ اَمُل (راڻو ٩/٢٠)= عجيب حرفت، عجيب چال.

اَنگُ (ڪلياڻ ١/٩)= لکيو (جيڪو 'لوح' ۾ قلم لکيو)، ازل جو لکيو انگ= ڀاڳو، ڀاڳ، نصيب.

- اَنگُ اَڳهين لکئو (ديسي ٢/٥)= آريائي سان منهنجو رشتو اڳئي لکيل هو.

- اَنگُ سَندوِن (معذور ١/١٠)= سندن (ڏيرن جو) لکيو، سندن باري ۾، اصل جي لکيي ۾ (جيئن قلم وهي وئو.)

● اَنگُ (ڪنياتِ ٤/٨، سارنگ ١/٣)= چٽر، اُهڃاڻ، آريکڻ.

- اَنگُ پُسي رنگُ (سنهڻي ١٠/٩)= اکرن چٽرن پُسي رنگ ڪڍيو.

● انگ= عضوو، جسم جو هر عضوو جسم.

- آجو ٿيو سَڀُ اَنگُ (سنهڻي ١/١٣)= هر عضوو (انگ) ان بار کان آجو ٿيو.

- اَنگَ پڻ آڇجنِ (آسا ٣/٩)= عضوا پڻ قربان ڪجن.

- اَنگ نہ سَڃِي اَڱڙي (ڪاهوڙي ١/١٧)= بت تي ڪابہ سڃي اڱڙي ڪانہ اٿن (سڀ ڦاٽل ۽ سبيل اڱڙيون).

● اَنگڙا (بروو ١/٤)= عضوا.

- اَنگڙا ڪَري (آسا ٤/١٥)= عضوا عضوا ڪري.

● اَنگَنان بارِ (سنهڻي ١١/١١)= عضون کان ٻاهر، جسم کان ٻاهر، تن کان ٻاهر.

● انگجڻ=انگجي وڃڻ، ڪنهن شيءِ جو نشان ٿي وڃڻ.

- اَنگِجَمِ انگَ (بروو ٤/١٤)= منهنجا انگ انگجي ويا، منهنجو جان جسم سندس نظر ۾ رک هيٺ اچي ويو. (اَن جون راهون، ڦٽيون، يا ڀيو ڪو مال انگي ڇڏيندا، ان تي اکر يا نشان ڪڍي پنهنجي رک ۾ حفاظت هيٺ آڻي ڇڏيندا، جئن ڀيو ڪو ان کي هٿ لائي، چوري ڦوري، ڪٽي نہ سگهي).

- اَنگِيا (سارنگ ٢/١١)= هڪ ٻئي سان جوڙي بيهاريا.

● اَنگريزيءَ (سامونڊري ١/٢١)= انگريز.

● اَنگڙِيارو وَڏُ (حسيني ٩/٣)=سنئين سِڌي ليڪ وارو نہ، پر انگڙي وانگر مڙيل وِرَوڪڙ وارو وڻ (ڪپڙي جو).

● انگورجڻ= نوان انگور نڪرڻ.

- اَنگُورجي (رپ ١/٩)= انگور ڪڍي نوان ڦُٽي (سُور اپريام).

● اَنگهَ اِڙي (راڻو ١/٦)=.انگڙي اٽڪي.

● اَنگھڻِ (ڪلياڻ ٥/١١، ٥/وائي، آبري ٧/٨، ديسي ٤/وائي-٢، حسيني ٧/٩).= انگهڻ تي، تکين چوٽين تي، تکين نوڪن تي، سوريءَ جي ڀالن تي.

- اَنگھڻِ چاڙهي اَنگُ (معذور ١/٩)= تکين چوٽين چنهنبن تي عضوا چاڙهي، نيزن ڀالن جي چوٽين تي جسم چاڙهي.

- اَنگھڻِ مَٿي (ڪاهوڙي ٣/٧)= وٽڻ، ڏارڻ، تارن جي چوٽين تي.

- اَنگھڻان= انگهہ يا انگهي کان.

- انگهڻان هيٺ نہ اُلهي (بروو ٢/١٨)= ٽوٽيءَ جو انگهہ جنهن تي ڪانءُ ويٺل آهي، تنهن کان هيٺ اڳڻ تي نٿو لهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَلو جو زمين مان ڦُٽي نڪري، سپ سَلا.

● اوتَ (حسيني ٧/٣)= محبت جي پلٽ.

● اَوَتَڙَ (ڪلياڻ ١/٦، سامونڊري ١/٢٣، سنهڻي ١/١٢)= ڏکيا تڙَ، ڏکيا ماڳ، ڏکيا لنگهه، خطري وارو ائانگو ۽ ڏکيو تڙ، خطري وارو ماڳ ٻيڙين لاءِ.

ـ اَوَتَڙِ ڪونه اولئو (ڪلياڻ ١/٦)=ائانگي تڙ طرف نه ويو، خطري واري جاءِ ڏانهن ٿيلهجي نه ويو.

ـ اَوَتَڙان (سنهڻي ١٠/٨)= ڏکيي تڙ وٽان.

ـ اَوَتَڙُ تَڙُ ٿئوسِ (سنهڻي ٤/٤)= اَٿاٿو تڙ (گهاٽ) به هن جي لاءِ سَٿائو تڙ ٿئو.

ـ اَوَتَڙِ ڪَنهِن نه اولِئا (سامونڊري ١/٢٣)= ڪنهن اوتڙ ڏي ٿيهلجي نه ويا، اولجي نه ويا.

اوتڻ= پلٽڻ، نائڻ (پاڻي يا ڪا ٻي پاڻياڻي شيءِ).

ـ اوتِئو (رامڪلي ٥/١)= پلٽئو.

● اوتيائُون (يمن ٤/٨)= وڏائُون، گهڻا سارا وڏائُون.

اوٿُون ڏينِ (رپ ٢/٢٢)= اکين کي سهٽو ڪري ڏارينِ، اشارن ۾ اُهيڃاڻ ڏينِ.

● اوِٿي (مارئي ٢/١)= اي اُوٿي قاصد!

ـ اَوِٿينِ (حسيني ١١/٢) اٺن وارن، جتن، ڏيرن.

● اوپَرَا (ديسي ١/٦)= اَجَنَبِي.

اوڄ = سهٽي اَڻاوت، سهٽي سناء.

ـ اَوڄ ڪَرَڻ (سري راڳ ٢/١١)=ناهي جوڙي اُڻاوت ڪرڻ.

● اوڃاهُ= اڃهڻ. ڪنهن به ڪم جو اڃهڻ، پورو ٿيڻ.

ـ ڪونهي اُن اوڃاهُ (مارئي ٣/٦)= مارئي ڪان بند ۾ ڪربه ڪم نٿو اُجهي، نٿو اڪلي (هو بيحال آهي).

● اُوڃَاڻُ تون (آسا ٦/٣)= هُن کي تُون پروڙ چاڻ نه هوئي آهي.

● اوڃهرِين (ڪلهوڙي ٣/وائي-٢، ڪاپائتي وائي ١/١، آبري ٦/١٠، ڪوهياري ١/٥)= ننڊر ۾ جهوٽا کائين.

● اَوڃَهڙِ (ڪلهوڙي ٣/٨، آبري ٩/٢) اوڃهڙ ۾ ڏنگي ڏکي واٽ ۾.

ـ اوڃُهون ٿِئا (ڪلياڻ ٥/وائي)= رُليل پليل ٿيا، رُلي پُلي ويا. مُنجهي ويا (ڪڇ ۾ جتن جي عام ٻولي "تون اوڃهون ڪري آئين" يعني ڪو ٻوريا ڪا ٻي شيءِ رُلائي آئين).

ـ اوڃهُون ڪرڻ (يمن ٥/٦)= جدا جدا ڪري ڇڏڻ، منتشر ڪري منجهائي ڇڏڻ، جنن اهي ڪنهن ماڳ منزل تي پهچي نه سگهن.

● اوچتو= هڪدم.

ـ اوچتو آيوم، سَوُدو صَرافنِ سان (سري راڳ ١/٤)= صرافن سان اوچتو منهنجي سودي جو وقت اچي ويو.

ـ اوچتو آئيو (نهر ٣/٢٥)= مٿان اوچتو حملو ڪري آيو.

ـ اوچِتي (سامونڊري ٢/٩)= (مند اوچتي آئي (اوچتو اُتر اڳ ۾ لڳي پيو، اتر جي هوا وقت کان اڳ ۾ لڳڻ شروع ٿي).

● اُوچو، اُچو = مٿي.

ـ اُوچو ٿِيو اَڳُ، مون ڪَرُ ملاحَنِ ۾ (ڪاموڏ ٤/٨)= منهنجو منهن (اڳ) منهنجو سرُ ملاحن ۾ مٿي ٿيو.

● اوچَنگارُون اَچن (معذور ٢/٩)= وڏي روڄ راڙي واريون رڙيون ٻڌڻ ۾ پيون اچن.

● اوچَڻُ (رپ ٣/١٢، پورب ٢/٩، رامڪلي ٣/١٥) = سيءَ ۾ پاڻ کي ٻڪڻ جو ڪپڙو، رلي، لوئي وغيره.

● اوچو= اَجنبي، ڌاريو.

ـ اوچِيونِ ٿيون (ليلان ١/٣)= ڌاريون ٿيون، دور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون، اجنبي ٽيون.

اوڏ (ڏهر ٣/١)= اوڏ ذات ۾ ڏنڌي وارا جيڪي مٽيءَ جو ڪم ڪن، پٽيون ٺاهين.

- اوڏڻ (ڏهر ٣/٤)= اوڏ ذات جي مائي.

● اوڏو (ديسي ٦/٢٠)= آڏو، اورتي، ويجهو.

- اوڏا (بلاول وائي ٢/١، مارئي ١/٩، سنهٽي ١٢/١١) = ويجهڙا.

اوڏاهين= اُن طرف.

- اوڏاهين اُسري (ڪنيات ٤/١٦)= ان طرف وڃڻ جي ڪري.

- اوڏو آ اَڻ- هُوندَ ڪِي (معذور ٢/٢٥)= ويجهو آ اَڻ- هوند وارن (نادارن) ڪي.

- اوڏو ٿيءُ (ڪلياڻ ٤/٢٦)= ويجهو ٿيءُ.

- اوڏهين (آسا ٢/٢٤)= ان طرف، ان سجڻ ڏانهن.

- اوڏيائي (ڪاپائتي ١/٨)= ويجهي.

● اوڍَر= سمن جي شجري ۾ هڪ آڳاٽو نالو، سمن جي پيڙهي ۾ هڪ وڏو ڏاڏو.

- تُون اوڍر (بلاول ٣/١)='تون ئي وڏو ڏاڏو اوڍر آهين.'

اُور (سارنگ ٤/٢)= تِکَ، تيزي.

اُورِ (يمن ٢/٤)= رواجي ڪان وڌيڪ، حد کان زياده، ويتر وڌيڪ، نشين سر نرالو.

● اورِ (سري راڳ ١/٢٤، رامڪلي ٧/٣)= صحبت ڪر، ڏٿيءَ کي ياد ڪرڻ، ڏٿيءَ جو ذڪر ڪر.

- اورا (رپ ٢/وائي)= اورَ، سِڪَ ۾ وري وري ياد ڪرڻ واري حالت.

اوراران (سنهٽي وائي ٣/١)= اوراڙان، اورئين پاسي کان.

● اوراڙِ (سنهٽي ٦/١٥)= اورئين پاسي.

● اورانگهڻ= مٿان وڪ ورائي وڃڻ، مٿان ٽپي وڃڻ، حدوون پچڻ.

- جُهُ سي اُنِ اورانگهيا (آبري ٤/١٦)= جڻهن جو، جٿن جو، انهن اهي پنهنجا ڪيل قول اورانگهيا، هيٺان ڪيا.

● اوراتو (رپ ٢/١٢)= اوراٺو.

● اوراٺو (آبري ١١/١٢)= رنج، روڄ راڙو، پٽ پاراٺتو.

● اوراهُون چوڙ (راڻو ٦/٥)= اورانهون هتي آءُ ۾ هتي آٿيءَاٿ تان لهه ۾ واڳ ڍار.

● اورڱڻ = اوڙڪڻ، ڏسڻ.

- آرياڻي اورڱ (حسيني ٥/١٢) آرياڻي کي ڏس.

● اوَرڻ (ڪوهياري ٢/١٠، آسا ٥/٢)= ڏک بيان ڪرڻ، پنهنجو حال بيان ڪرڻ، ورائي ورائي چوڻ، ورد ڪرڻ.

- اورَڻَ ۾ (آسا ٣/١٢)= هڪ ٻئي سان حال اورڻ ۾.

- اورِينِ (ڪلياڻ ١/ ١٢)= دل ڳنڍين، من لائين.

- اوري آريءَ ساڻ (معذور ٦/٢)= آريءَ پنهون سان پنهنجو حال بيان ڪري.

- اوريان (سورٺ ٣/١٥)=راز واري ڳالهه توسان ڪريان.

- اوريندي اَرَتَ سين (آبري ٨/١٢)=(اصطلاح) ويهي چرخو ڪتيندي.

- اورينديس (ڪنيات وائي ٣/١)= پنهنجو حال سڻائڻ طور چونديس.

- اوريو (ليلان ٣/٧)= پيار پريون ڳالهيون ڪيون، پنهنجو حال ۽ راز بيان ڪيو.

- جي مان اوريُون (ڪنيات ١/٢٠)= جن ۾ مون محبوب سان ڳُجهي پنهنجو حال اوريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● اوڪاڻين (سارنگ ١٦/١)= وسي بس ڪن.

- اوڪاڻين نہ اڪيُون (سارنگ ١٧/١)= جن وٽ سڄڻ هوندو تن جون اکيون ٺڏيون، جن وٽ نہ هوندو تن جون اکيون فراق ۾ پيون وسنديون، وسي بس ڪنديون ئي ڪين.

اَوَ- ڪمِي (حسيني ٢٠/٩)= اَڻَ - ڪمِي، بنا ڪم جي، بنا ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ جي.

● اُوڪو پيو فَهَمُ (آسا ١٧/١)= (ظاهري فرض ادا ڪرڻ کان سواءِ) اجان بہ اهو ڪو پيو ادراڪُ آهي، اها ڪا بي سوجهہ ۽ سُڄيتائي آهي (جنهن ۾ حقيقي محبوب جو ديدار تو حاصل ٿئي).

● اوڳارڻ= اوڳر وَٺڻ، اوڳر ورائڻ، اوڳاري ڇڏڻ، سپ ڪائي ڇڏڻ ۽ ڪجهہ بچائي ڇڏڻ.

- سي آيا اوڳــارين (ڪارايل ١٢/٣)= (اصطلاح طور) سي آيا تہ مارين، ڪاٽين ۽ اوڳارين، يڪدم وڏو حملو ڪن، ۽ آڏن ڪي ختم ڪري ڇڏين.

● اَوڳُڻَ (بروو ٨/٣) راڻو ٩/٤، ليلان ١٩/٢، ١/٤) = ڪلچڻ، مدايون، ڪچايون.

- اَوڳُڻَ عيبَ اَپارَ (مارئي وائي ١/١)= گهڻا اوڳڻ ۽ عيب.

● اوڳِي اَوائي (آبري ٥/٨، ديسي ٨/٧، سنهڻي ٦/١٠)= موڳِي، توائي، مورڙهل.

● اَوِلِ (ڪلياڻ ١/١)= سڀ کان پهريائين، سڀ کان پهريون (اول الله عليم).

- اَوِلِ آخِر(آبري ١/١)= منڍ توڙي پڇاڙي ۾.

اولِ= ڇولِ، ٽيلهہ، ٽيلهہ.

- اولِ پريان جي پارَ ڏي (سنهڻي وائي ١/٢)= پريان جي پار ڏي ٽيلهہ.

● اولا= (واحد. اولو) پيڙي کي پاڻيءَ ۾ اڳتي هلائڻ جو اوزار، ڳُنُ (ڏسو 'اولو').

- اولا سندن عاج (سامونڊري ١٥/١)= انهن ناڪُئن جا اولا عاج وانگر سهڻا آهن.

● اولا= ڍڪ، پردا.

- اولا نہ سهان (ليلان ٤/٤)= آڏا ڍڪ ۽ پردا نہ سهان.

● اولاڪُ (جمع، اولاڪَ)= سواري جو جانور (اٺ،گهوڙو).

- اولاڪن اچي (آبري ١/٨)= اُٺن اچي.

● اولاڪو= وڇوڙو، ڏهاڳ، الڪو، بار، اٿڻ، ڏک، آزار.

- آيم اولاڪو (راڻو ١٣/٨)= وڇوڙو آيم، ڏهاڳ آيم.

- اندر اولاڪو (رپ ٣/وائي)= اندر ۾ الڪو فڪر.

- اَديُون اولاڪو (ڏهر ٣١/٣)= اديون ڏک ۽ آزار.

● اولاٽڻ= چرخو ڇڏي ڏيڻ، ڪتڻ کي ڦٽو ڪري ڇڏڻ.

- اَرٽُ اولاٽِيو (ڪاپائتي ١٧/١)= چرخو ڦٽو ڪيو، ڦٽائي ڇڏيو.

- اولاٽيا اَرٽَ (ڪاپائتي ١٤/٢)= چرخا چلڻ بند ٿيا

- اولاٽيو نہ اُٺيي (ڪنيات، ٢/٥، ١٢/٥)= (اٺ پلاڻ کي لاهي ڇڏڻ جي باوجود بہ نہ اٿي سگهي، پنيءَ تان بار لاهڻ سان بہ نہ اٿي.

- اولاٽي (ديسي ٢٠/٧، ڪوهياري ٦/وائي ١)=اُٺن تان بار لاهي.

● "اُولائڪَ اصحابُ الجَنة" (مارئي ٦/١٠)= اهي جنت وارا آهن، جَنتي آهن.

● اولجڻ (ڪلياڻ ٦/١)= پيڙي جو (سڙهہ بدران)

اولي سان ڪاهجڻ، تيلهجڻ.

ـ اولجَان (سنهٽي ٨/١٧)= تيلهجان (پاڻي ۾).

ـ اولڻ (سامونڊري ٩/١)= پاڻيءَ ۾ اٿانگي طرف تيلهڻ، اٿائي واءُ سببان ٻيڙين کي بندر يا ٻوڪ (ٻيهڻ ۽ بچاءَ واري جاءِ) جي بدران ٻئي طرف ڦيرڻ.

ـ اَسان اولاڻُو (آبري ١٢/١١)= اسان لاءِ اهڙي ڪشالي وارو سڏ.

● اولو (سارنگ ٥/٢)= ڍڪ، بچاءُ.

اولو (جمع، اولا) (سامونڊري ١/١)= ٻيڙي جي پاسن کان ٻڌل ڪاٺ جاڳَن جن جون چوٽيون ٿاڻن مثل جيڪي پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪين ۽ ٻيڙي اڳتي هلي.

ـ اولِنَا (سامونڊري ٢٣/١٠،١٣/١)= پاڻي ۾ اندر تيلهي تيلهي گڏ ڪيا.

ـ اولِئو= (ٻيڙي وِڙو ناڪنو، يا ڪوبہ ٻيڙي تي چڙهيل (ٻيڙي جي اولجڻ سببان) اولجي ويو، ڌڪجي تيلهجي ويو.

ـ اوتڙ اولجڻ (ڪلياڻ ٦/١)= اَٿائي تڙ ڌاهڻ تيلهجي وڃڻ، مجبوراً بيراه تي خطري جي منهن ۾ وڃڻ، سلامتي واري منزل مقصود تي نہ پهچڻ.

ـ اولي (جمع) اوليون (سري راڳ ٨/١)= ڳَن. ٻيڙي جي پاسن سان ڳن جن سان ٻيڙي کي اڳتي اولجي، اڳتي ڌڪجي

ـ اُجهڻُ لَڳِيُنِ اولِيون (گهاتو ٢/١)= اوليون بيڪار ٿي ويون، هيٺيون ٿي ويون.

ـ اوليون پسي اُن جون (سامونڊري ٢٣/٣)= انهن جون اوليون ڏسي.

ـ مَنُ اولِيءَ نَہ اوهِري (سامونڊري ٣٨/٣)= دل اوليءَ سان اڳتي نہ ٿئي.

ـ اولِيسِ اولَ ۾ (سنهٽي ٦/١١)=مرنڪي تيلهي هَنيوَ پاڻيءَ جي وڏي چولَ ۾.

ـ اولِيين مون آڌار (سنهٽي وائي ١/٣)= اي منهنجا آڌار، شال تون مون کي اوليين! تيلهي تيلهي پار پهچائين، پرينءَ ڪنڌيءَ واري تڙ تي پهچائين!

ـ اونَ (آسا ١/٦)= ڳٽني.

● اونائڻ= دانهن ٻڌڻ ۽ داد ڪرڻ، سوال سٽڻ ۽ پورو ڪرڻ.

ـ اوناءِ (سري راڳ ١٩/٣)=سوال وارو سڏ سڻ، عرض اگهاءِ (موجوده ٻولي ۾ اُوناءِ عام رائج آهي، اڳين ٻولي ۾ غالباً هن لفظ جو اچار بنا پيش جي اوناءِ هو. سنڌ جي بالڪل ڏکڻ الهندي پاسي (۽ ڪڇ) ۾ اڃان تائين اهو اصلوڪو اچار هلندڙ آهي).

ـ اُونائي (سورٺ ٨/٢، رامڪلي ١/وائي)= غور سان ٻُڌي.

ـ اُونائيع عَلِيلَ (سورٺ ٧/١)= بيمار کي ٻُڌي ان کي مانُ ڏِج، آس ۽ اميد جي ڳٽني ۾ ڳريل کي مان ڏج

● اونچو، انچو= مٿاهون، مٿي.

ـ اُنچي ڳاٽِ (يمن ٧/١)= اوچي ڳاٽ سان، وڏي ڪَر سان.

ـ اونچا ڏُنگَرَ مَ تيو (معذور ٦/٣)= اي پهاڙ، منهنجي آڏو اوچا نہ ٿيو.

ـ اونچَن سِرِ اُنن تي (معذور ٢/٣)= مٿي وڏن اڀن تي.

ـ اونچَن مَتَي (معذور ١٢/٧)= وڏن ڏِڱهن وٽن تي

ـ اُونچو اُتاهُون گهٽو جِيَڻ کي جَبَلُ (معذور ١١/٤)= 'جيڻ' (حياتي) چاهيندڙ لاءِ جبل گهٽو اونچو ۽ اتاهون آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- أونچي (يمن ٦/٢٢)=اونچي جي، اُچي جي، اعليٰ قسم واري شراب جي، وڏي قيمت واري شراب جي.
- أونچيون (مارئي ٦/٥)= پليون .
● أونڌاه= اونڌاهي، ناڪامي.
- اُجهاڻِن أونڌاهِ (يمن ٤/٢١)= جيڪي وسامي ويا آهن تن ۾ ڪو سوجهرو ڪونهي.
- أونڌاهيءَ جو شِرڪ سَهائي (ڪلياڻ ٢/٩، آسا ١/٢٢) = اونڌاهي جو شرڪ سهائي آهي، سهائي ڪي تڏهن سمجهبو جڏهن اونڌاهي جو تصور هوندو.
● أونهارو (رپ ٢/١٨)= آرهڙ ڪان پوءِ گهٽ ۽ بند هوا وارو عرصو.
- أونهاري (سارنگ ٢/٢)= اونهاري ۾ ، آرهڙ ۾، سانوڻ جي مينهن ڪان اڳ.
● أونهون اچو (ڪاراڀل ٢/١٥)= اونهون آب، پاڻي.
- اونهون تَرُ (يمن ٥/وائي ١)= جَجهي پاڻيءَ وارو کوهه، صاف سٺي پاڻي وارو کوهه .
- أونهين جا آگاهَ (سري راڳ ٢/٢١)= عميق سمندر جا واقف.
- أونهين سِين (ڪاراڀل وائي ١/١)= اونهين پاڻيءَ سان.
- أونهين وِٽا (سامونڊي ١/٣١، گهاتو ١/٤)= وڏي اونهين سمندر ۾ ويا، اونهين پاڻيءَ ۾ ويا .
- أونءِ (حسيني ١١/٢)= أئين، انهيءَ طرح.
● أوٽا (مارئي ٨/١٦)= گهٽ پريل، مُنا پريل، اڻپورا پريل.
- أوٽي (آسا ٣/١٢)= اڻپوري، پوريءَ ڪان گهٽ.
● أوٽِ جو اُچارُ (ليلان ٢/٥)= اڻ- وٽت جو، ناراضگي جو معاملو، رنج جو معاملو.
● أوهانَ جِيءَ دانهَ (سنهڻي ٥/١٢)= اوهان جي دانه جي سهاري.
● اوهڻ= ٻيڙي يا ٻيڙو هاڪاري روانو ٿيڻ.
- اوهَڻا (سامونڊي ١/١٠٤/٣٠٣١/٥)= ٻيڙا هاڪاري هلڻا.
- اوهَري= وِٽا اوهري (گهاتو ١/٤) (ٻنهنجيون ٻيڙيون) هاڪاري وِٽا.
- وِڃن اوهَري (سامونڊي ٢/٢٣)= (ٻنهنجيون ٻيڙيون) هاڪاري پيا وڃن.
- أونهين ۾ اوهَري (سنهڻي ١٠/٨)= اونهين ۾ گهڙي.
● اوهيرَ (سنهڻي ٧/٩)= أنَ وير، أن مهل.
- اوهيرَ أڏامِن (ڪاراڀل ١/١٢)= ان وقت اڏامن.
● اوهيرا (سارنگ ٢/٩)= وقتي وقتي بعد مينهن جا وسڪارا.
- اوهيرِن (سارنگ ٢/١٥)=مينهن جي لاڳيتن وسڪارن.
● أوءِ = أهي.
- أوءِ فاتِقَ ۾ فرمان (ڪلياڻ ١/٧)= اهي پلارا فرمان محڻ ڪي لازمي سمجهن ٿا.
- أوءِ (يمن ٥/٦)= اهي (اڌ- پڙهيا).
- أوءِ ٿا ڪَورين (مارئي ٦/٥) =اهي ٿا أنَ ڪترين.
- أوءِ ڪِين پِنو پُڇَن (يمن ٦/٦) = اهي (ميخوار) اجان ڪنهن ٻئي جي طلب ۾ آهن.
● أويرَ (آبري ٤/١٠، رامڪلي ٥/١٧)= ديرائتي، دير سان.
● أويسارَ (ڪلياڻ ٢/٢)= نه وسرڻ جهڙي، هميشه ياد.
● أويسي طريقو (ڪاهوڙي ٣/١)= غائبانه محبت ۽

صــــداقت رکڻ، ٻنا ملڻ ڏسڻ پسڻ جي ڪنهن ۾ ويسـاهہ رکڻ (جئن اويس قرني ايمان آندو هو الله جي نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي).

اوِيُون، اوئيون (ڪاهوڙي وائي ٢/١، معذور ١٩/٢)= (واحد. اوئي) ڇمر جون ساندارِيون جن ۾ پاڻي پري اچجي.

● اَهَان ڏارَ (سنهٽي وائي ١/٣)= اوهان کان ڏار.

اَهاءَ (سارنگ ٨/٢)= تجلو.

● (عُمـرَ) اُوءِ نہ عَاقِ (مـارئي ١٨/٣)= (اي عـمـر بادشاهہ!) انهن کي عاق نہ ڪر. انهن کي آس اميد مان نہ ڪڍ (هو تنهنجي انصـاف جي ملڪـيت ۾ پـَتـيـار آهن).

● اُهُجُ (پرڀاتي وائي ١/١، رامڪلي ٣٥/١، ٥/٧، آسا ٤/٤)= اهڃاڻ، پَتو.

ـ آهي اِيءَ اُهُجُ هاڙهي هَلَندِينِ جو (حسيني ٣/١)= هاڙهي جبل ۾ پنڌ ڪرڻ وارين جو اهوئي اهڃاڻ آهي، اهائي سڃاڻپ آهي.

”اِهدِنَا الصِّـرَاطَ المُسـتَـقِـيمَ“ (مـارئي ١/١٠)= (الحمد شريف جي آيت)= اي اسان جا رب! اسان کي سنئين سڌي واٽ ڏيکار.

● اُهرڻ، اُهرائڻ= ٻيڙي هاڪارڻ، ٻيڙي هاڪاري هلڻ.

ـ اُهرائـينـسِ (سـري راڳ ١١/٣)= تـارينـس، هاڪارينس، هلائينس.

ـ اُهرِيجَا (گهاتو وائي ١/١)= اوهين اُهرِجَنو، ٻيڙيون هاڪارجو، ٻيڙيون اڳتي ڪاهجو.

ـ اُهَرَندين (سري راڳ ٣/٣)= ٻيڙي هاڪاريندين، ٻيڙي ڪاهيندين.

ـ اُهَرِئا (سامونڊي ٢٦/٢)= ٻيڙين ۾ روانا ٿيا.

● اهڙائي اُهڃاڻ (ڏهر ١١/٣)= اُهڃاڻَ= پار.

ـ اهَڙي (ڪلياڻ ٢٤/١)= انهين قسم جي.

ـ اهَڙي اَوَائي (ديسي ٦/٢)= صفا اهڙي پُليل.

ـ اِهَڙيءَ جوڙ (رامڪلي ٢٣/٦)= اهڙي سٽاءَ سان.

ـ اِهَڙي ڏِني قَـضِـيي (آسـا ٢/١)= اهـڙي قَـضِـيي ڏسندي، اهڙي عمل ڏسندي، اهڙي نياءَ ڏسندي.

ـ اِهَڙي ساءِ (ڪاپاتي ٢/١)= اهڙي ذوق سان، اهڙي نموني سان.

● اهَڙِيون (راڻو ١٣/٢)= عـامر کي هرڪاڻ واريون، عـامر کي پـلاڻڻ واريون، جيـکي ظاهري ڏيکاءُ سان موهي حقيقت واري راهہ کان رنڊائين.

● اَهُسُ (سري راڳ وائي ١/٤)= اُهاءَ، روشني.

● اَهُسُ اکِرِينِ ۾ (سنهٽي ٤/٤)= اکين ۾ اُهاءَ.

● اَهَڪُ (آبري ٣/١٠، بلاول ٦/٣)= اوڪُ، اهنج، آزار، درد.

● اَهُڪيءَ (ٻروو ١/وائي-١)= اهڪائي ۾، تڪليف ۾.

ـ اَهُڪيءَ آڳهُ (بلاول وائي ١/٣)=ڏکيءَ ويل ۾ آڏو مددگار.

ـ اَهُڪيءَ وير، اٺڪيءَ وير (يمن ٥/وائي-١، راڻو وائي ١/١)= ڏکيءَ ويل، ڏکيي وقت ۾.

● اَهَلَ (ڪامـوڏ ٧/٣)= هلڻ چلڻ وارو لاڙو هلت چلت وارو رجحان، لاڙو ريت، رسم، آرو لاڙو.

ـ اَهلَ اَباڻَنِ کي (مـارئي ١٢/٧)= اباڻن جي رسم کي، ريت کي.

ـ اَهلَ اَکَرِينِ جِي (ٻروو ١٠/١)= اکين جو اَرو اکين جو راض.

● اَهلُ اللهَ (رامڪلي ٧/وائي-٢)=الله وارا.

● اَهَنَ سَهَنَ ساهِميُون (ڪاموڏ ٣/۴)= 'اَهَن' اهو وَٽُ يا پٿر يا پيو ڪو تورو، وزن وارو ٽڪر جيڪو ساهمي جي ٻني پڙ ۾ وجهي اُتل پوري ڪجي، ٻني پڙ برابر ڪجن. سَهن= 'اَهن' سان لاڳو پرتيءَ جو لفظ.

● اهَنجُ= ڏکيائي درد.

ـ اَندرِ اِيءَ اَهَنجُ (ڪلياڻ ٥/١٥)= اندر ۾ اهو سڄڻن جو ڏنل درد.

ـ اَهِنجي (بروو ٢/۴، حسيني ٩/١٥)= اوهان جي. (اهنجو= اوهان جو).

● اُهوئِي (آسا ١/٣)= ساڳيو، سوئي (حق حقيقت وارو، الک وارو).

● اَئِين (سامونڊي ١/٢٩، گهاتو ١/١٥، ڪارايل ٢/٧، آبري ۴/٦، حسيني ٢/٥، سهڻي ٩/٣)= اوهين.

ـ اِيءَ پَرِسَندِي سَڄَڻين (آسا ٥/٦)= پيارن سڄڻن جي اهڙي اُتم ريت آهي.

ـ اَئِين جي وَرَنَ واريون (آبري ٢/٨)= اوهين جيڪي مڙسن واريون آهيو.

● اِيُ (ڪلياڻ ٣/١٠)= اِهو.

● اِيءَ (يمن ٦/٢٢، بروو ١/٣، ڏهر ١/١٧، سورٺ ٢/۴)= هيءَ (هن حياتي وارو هيءَ جهان).

● اِي، اِيءَ (ڪلياڻ ۴/٢٥، ٥/١٢، يمن ٦/٣)= اِها.

ايڏانه، ايڏانه= اِن طرف.

ـ ايڏانه اِئين (ڪاپائتي ١/١٣)= انهيءَ طرف انهيءَ طرح.

● ايڏِ (ديسي ٧/٢، ٧/٦)= (بلوچڪي) هتي.

● ايرُ پيرُ= وڃڻ جو امڪان، پيرو ڦيرو، مُنهن مهاڙ.

ـ جِتي ايرُ نَه پيرُ (رامڪلي ٣/٩)= جتي ڪنهن جو وڃڻ ڪونه ٿئي، جتي ڪا پُرئي ڪانهي.

● ايرَادي= ارادي (ڪوهياري ٢/٩، ٦/١١، مارئي ١٠/٧)= ڌڻيءَ جي ارادي، اَمُر الاهي، تقدير.

● ايرِندِڙ، ايرِينِدڙ= وَرندڙ، چُنندڙ (ڦٽ).

ـ ايرِيندڙا نه اي (يمن ٢/١٣)= اهي ڦٽ ايريندڙ نه آهن، اهي ڦٽ اهڙا آهن جيڪي (محبوبن جي مهر سان) ضرور ڇٽندا.

● ايشِي (ديسي ٧/٢)= (بلوچڪي) هِتي.

● اِيڪُ پِيَالو (يمن ٦/١)= هڪ پيالو، ساڳيو هڪ ئي پيالو، ساڳي وٿي.

● اِيڪُوا (ديسي ٧/٦)= (بلوچڪي) اڪيلي.

● اِيلاچِنِ (مارئي ٧/٧)= (اعليٰ قسم جي) ايلاچ ڪپڙي ڪان.

● اِيمانُ (ڪلياڻ ١/٧، ٣/١٢)= پڪو ايمانُ، صحيح ايمان، مڪمل ايمان.

● اِيندَن کي (پورب ٢/١۴)= جيڪي وٽن اچن ٿا.

ـ اِيندَڙو ڪوهه (مارئي وائي ٦/١)=وطن مان ايندڙ ڪو قاصد.

ـ اِينِدي (يمن ٦/٣١)= پيش ايندي، ميسر ٿيندي، پلئه پوندي.

ـ اِينديون هيڪَلي (ڏهر ١/١٨)= هيڪَلي= اڪيلي.

● اِيندهين (بلاول ١/٧، مارئي ٥/١٩)= (ڏاتار جي آڏو) ايندئي اُڃ لهي وئي.

● اِين بارِگران بُود (سنهڻي ١/١٣)= هيءَ ته پاڻ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو بار هو (جيڪو لٿو، پر اها ڪهڙي ادائگي ٿي!)

اِئين (سارنگ ۱/۳)= انهيءَ ريت، اهڙيءَ طرح.

– اِئين سِيَڪو هوءِ (آسا ۷/۶)= ائين سيڪو ڪري.

– اِئَين نه هوءِ (مارئي ۵/۶)= ائين نه ٿئي.

● اَيهَرُ (=آهر، شيشو)= عينڪ، عينڪ مثل خاص شيشن جا ڪوپا جن جي پاڻ سان نندين سنهين شين کي وڏيڪ ڇٽو ڏسي سگهجي.

– اَيهَرُ پائي اکيين (سري راڳ ۴/۱)= اکين تي عينڪ مثل خاص شيشن جا ڪوپا پائي.

● ايهي = اهڙي، اِنهين جهڙي.

– ايهي حالِ حَبِيبُ (يمن ۱/۲۹)= اهڙي حال ۾ محبوب.

● ايهيءَ پَر (ديسي ۲/۱۳)= اهڙيءَ ريت ('ايهي پر' چپر يعني ڪوهستان جي ٻولي آهي جتان سُنئي لنگهي.)

– اِيهين پانهِ (رامڪلي ۲/۳۰)= ائين ئي جاڻ.

● اِيئَن (ڪلياڻ ۱/۵، ۴/۷)= ائين، بالڪل انهيءَ طرح، بنا شڪ شبهي جي، اهڙي حال ۾.

– اِيئَن اَچن (ڪلياڻ ۵/۲۴)= ائين ئي بنا هٻڪ جي هيڪاندا سارا هليا اچن، گهٽائي ان سودي لاءِ تيار ٿي اچن، ڪئين عاشق (سر ڏيڻ لاءِ) اچي گڏ ٿين.

– اِيئَن سِرُ سَيُڪو ڏي (سورٺ ۳/۸)= ايئن نه سيڪو سر ڏئي! (تون اِجان ڪجهه وڏيڪ ڪر.)

– اِيئَن نَه چَوَنِ (رامڪلي ۵/۲۰)= ايئن نه چون.

## ب

● بَابَ = عنوان، ياڳا، تفصيل.

– بَابَ شَرَعَ جا (ڪلياڻ ۳/۱۴)= شريعت جا عنوان، شريعت جا تفصيل.

– بَابَ تُنهنجي (گهاتو ۲/۲) = تنهنجي باب ۾، تنهنجي باري ۾.

– بَابِ نه منهنجي بَسِ (سنهڻي وائي ۵/۲)= منهنجي باب ۾ بس آهي ڪانه، مون لاءِ سڪ جي پڄاڻي آهي ئي ڪانه.

● بَابُو (ڪاهوڙي ۱/۱، راڻو ۱/۱، رامڪلي ۱/۳۲)= فقير، وڏا جوڳي، وڏا ڪاپڙي، معتبر، مان وارا.

– بابُن بُوءِ (رامڪلي ۷/۱۲)= وڏن مُک آديسين جي بُوءِ (پاڻ نه ڪين آهن پر سندن ڪا بلس بُوءِ به ڪانهي).

بات = ڳالهه.

– اِيءَ بَاتِ (ڪلياڻ ۵/۲۱)= اها ڳالهه.

– بَاتِ بَلِي (برو ۲/۲۵)= واه واه جهڙي ڳالهه.

● بادِ وڃائڻ= هوا ۾ ضايع ڪرڻ، اجايو وڃائڻ.

– بَادِ وڃاءِ مَ بَرکتا (رامڪلي ۳/۷)= ورتل خيرات کي ضايع نه ڪر.

● بادَلُ (سارنگ ۱/۵)= جهڙ، ڪڪر.

● بَارَانو (ديسي ۱/۱۹)= بار، ميار، ذميداري.

● باروبارِ (سلمونڊري ۱/۲۶)= هر "بار" تي، سمنڊ جي ڪناري لڳ هر نديءَ جي ڇوڙ تي، سمنڊ جي هر نار تي.

● بَارِي (مارئي ۱۰/۱)= باري تعاليٰ، رب پاڪ.

● بَارِي (يمن ۳/۴، ڪوهياري وائي ۶/۱)= ڳرا بار کڻندڙ، وڏا مضبوط طاقتور اُٺ، زور سان لڳندڙ گهاءَ.

– بَارِي تو ڪِي بانَ (يمن ۳/۴)= تنهنجا زور سان لڳندڙ تير.

● بازَ= ڏسو 'بحري باز'.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- بَازَن کَاڄِ (رپ ۲/۱۹)= (اصطلاح طور) ڳجھن جو ڪاڄ.
● بَازَارِ (آبري ۱/وائي-۲)= ھٽ بازار، ميڙ، جڳھ، لوڪ.
- بَازَارِ ۾ (آسا ۳/وائي-۱)= ھلندڙ وھنوار ۾، ليکي ۾.
● بَازِي (ڪلياڻ ۲/۲، سري راڳ ۴/۵)= اٽڪل، شرط، حرفت، ھنرمندي، راند.
- بازِي بَازِندَن کِي (ڪلياڻ ۲/۲)= (ف. بازنده= راند ڪندڙ)، وڏن کيڏندڙن کي (جيڪي صوفين جي نظر ۾ خاص بلند مقام وارا).
- بازِي ٻَيـرانِي (ڪلياڻ ۳/۱۷)= باھرين ڳنڍن افعالن واري کيڏ، پلاڻڻ ۽ برباد ڪرڻ واري راند.
- بَازِيُون (يمن ۴/۵)= اٽڪلون، رانديون.
بَاس (ڪاموڏ ۲/۵)= بوءِ (اصطلاح) ڪا ٿوري خبر، ڪُڙڪ.
- بَاسَ پُھتِين بُوءِ (يمن ۶/۲۲)= باس بوءِ پھتين، (ھبڪار ۽ خوشبوءِ 'صُبوحي پيالا' پيئندڙ ميخوارن تائين وڃي رسي: 'پره جي پياڪن' تائين وڃي پھتي جن کي ھبڪار ۽ خوشبوءِ آئي.)
● باسڻ = آکڻ، 'باس' طور ڏيڻ، قبول ڪرڻ، پاڻ تي ڪرڻ.
- بَاسِيَائِين بَرَنِ کِي (معذور ۷/۱۲)= برن بيابانن کي آکيائين تہ جيئن اھي ڪيس پنھونءَ تائين پھچائين.
- نَہ بَاسِي (آبري ۴/۲)=نہ قبول ڪري، پاڻ تي نہ وڃھي.
● باطِنَ جـا بانا (سري راڳ وائي ۲/۱)= مخفي رنگ، ڳجھا راز.
بَاغُ (سارنگ ۴/۱۲)= ماڳ جو نالو، باغ بستان.
- باغنِئُون (راڻو ۷/۵)= باغن ڪان.
● باڪُون (راڻو ۵/۶)= پرھ جون شروع واريون ڇنايون، ٿوري اجاڻ وارا آثار.
● بَاڳُو (سنھڻي ۳/۴)= واڳون.
● بِاللّٰهِ (مارئي ۱/۲)= قسم الله جو.
● بالَمرَ (ڪلياڻ ۱/۸)= استغناء وارا، توڪل جا صاحب، بي خوف ۽ بي فڪر (پيارا محبوب (الله جا): لَاخَوفٌ عَلَيهِمْ وَلَاهُمْ يَحزَنُونَ= نہ انھن تي ڪو خوف ۽ نکي ھو غمگين آھن.
● بان = باڻ، تير.
- بَارِي توکي بانَ (يمن ۳/۴)= تنھنجا زور سان لڳندڙ تير.
- بانَ بِرِي (راڻو ۱/۳)= بَر جي رنگ وارو، مٽيءَ جي رنگ وارو تير.
● بَانڪَا (ديسي ۶/۱)= (واحد. بانڪو). زوراوَر بي پرواھہ.
● بَانِي (ٻرو ۱/۱۴)= صلاح، ترغيب، ھُشي (چوندا، 'توکي ڪنھن اھا باني ڏني آھي').
● بَاھوتي (رامڪلي ۶/۱۸)= ننڍڙي باھہ، باھڙي.
● بُت = جسم، بدن.
- بُتَ ۾ (مارئي ۱/۱۲)= بت جي صورت ۾.
- بُتُ منھنجو بَندَ ۾ (مارئي ۵/۹۵)= منھنجو جسم ھٽ بند ۾.
● بُٺ= واريءَ جي بُنين (دڙن) واري پيٽي، ننڍين پِٽَن وارو ملڪ.
- بَدَامـانِيءَ بُٺِ (ڏھر ۵/۵)= بَدامـاٽي نالي واري 'بُٺ' (=پِٽَنِ وارو ملڪ)
● بَنِي (جمع. بَنِيُون) (يمن ۶/۱۵، ۶/۳۵)= پرندڙ باھہ جي وڏي چُلھہ جنھن تي شراب چڪائجي، شراب

پورائي، ختم ٿيڻ واري حالت.

- بَسِ ئي نہ ڪَري (سارنگ ۱/۶)= وسڻ ڪان ماٺ ئي نہ ڪري.

● بِسمِ اللهِ (يمن ۵/۱۶)= "شروع الله جي نالي سان"، الله جي نالي سان شروعات، پهريائين 'الله' جو نالو.

● بَصِيرُ (ڪاهوڙي ۳/۴، آسا ۴/وائي-۱)= سدائين ڏسـ سگهندڙ اندرجي اکين وارا.

● بَصِيرَتَ (آسا ۱/۲۰)= صحيح سڃاڻڻ واري اندرين نرت.

● بغض (رامڪلي ۳/۲)= ڪينو.

● بَقَرَه (مارئي ۱۰/۸)= قرآن شريف جي سُوره نمبر (۲) جو نالو: لفظي معنيٰ= ڳئون.

● بُڪَاءُ (آبري ۱/۲۰)= (ع) روڄ.

● "بَڪَتِ العَينَينِ فِي هَواکَ دَما" (مارئي ۱/۲۰)= تنهنجي سِڪَ سوز ۾ اکيون رت رنيون.

● بُڪيُون= مُٺانا، ڳُڙدا.

- بُڪِينِ مُڪِي بوءِ (يمن ۴/۲)= بُڪِينِ جلڻ پچڻ واري باس ڪڍي.

● بُکَ = ڪاڏي جي سخت تانگهہ.

- بُکَ چَکِيَائون بوءِ (رامڪلي ۵/۵)= بُکَ جي بوءِ چَکِيائون (بُکَ ڪين وٺي).

- بُکِتُو (يمن ۵/۹)= بک وارو، بکايل.

- بُکِي= بک واري، تانگهہ واري.

- بُکِي آهيان (ڪوهياري ۴/۷)= (اصطلاحي) بيحد مشتاق آهيان.

- بُکِيءَ کل نہ اُجهي (معذور ۲/۱)= بکي ڪٿان ڪلندي!

● بِکيا= پِن، پنڻ واري خيرات.

- بُکَ اُني جِي بِکيا (رامڪلي ۵/۲، ۶/وائي)= بُک انهن لاءِ پِن واري خيرات آهي.

- بُکَ بِکيا تَن (رامڪلي ۶/وائي)= تن جي بکيا بُک آهي (هو سوال ڪري بک ٿا گهرن).

● بِگَرِ= بغير، سواءِ.

- بِگَرِ تو بلو (ڏهر ۱/۵)= توکان سواءِ ٻيو ڪو حيلو.

● بگر=(بلوچڪي)جهليو.

- بُرو بگر (ديسي ۷/۱)= وڃو جهليو.

● بُگَرِيين (رامڪلي ۵/۱)= بگرين ۾، بغل وارين ڳوٺرين ۾، گبرين ۾.

● بَگهاڙِيُون (ڪنيات ۴/۱۷)= اُٺ جي پاڪڙي جي ڪَڇن ڪان لڳل ڪليون. واحد. بَگهاڙي.

● "بَلَڪِ آهي بُودُ، نَاقِصِي نَابُودَ ۾" (سورٺ ۳/۱۶) = 'پاڻان 'نابود' واري ناقصي ۾ ئي 'بود' آهي (بلڪ ناقصي ئي وڏي شيءِ آهي).

● بَلوچَان (ديسي ۷/۶)= بلوچن جي.

● بَلُوچاڻِي باهِ (آبري ۲/۱)= بلوچن جي منزل واري باهہ، قافلي جي منزل واري باهہ.

● بِلون (ديسي ۷/۲)= (بلوچڪي) ڇڏيون.

● بَلِي (برور ۲/۲۵)= واه واه! واه واه جهڙي.

● بَنيو وار (برور ۳/۴)= ڪڪوريل وار، پورڙو ڳاڙهيرڙو وان سهڻو وار.

- سَجَڻ بَنيي وار جِنَ (برور ۳/۴)= سجڻ ٻنيي وار وانگر سهڻا آهن.

● بَنْدُ (مارئي ۱/۱۹)= قيد.

- بَند جهجَندِيُون (مارئي ۹/۴)= بند ۾ جهجنديون، قيد بند ۾ ماروئڙن جي سک ڏک ۾ زارو زار رئنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ بَندِي پيا (مارئي ۵/۷)= قيد ٿيا.
ـ بَند ڪَجَنِ (ڪارايل ۱/۱۹)= جهلي پوري بند ڪجن.
● بُندَ (مارئي ۱۱/۷)= بُوندَ. (هت معنيٰ) وهندڙ ڳوڙها.
● بَندَرَ (سامونڊي ۳/۱۹)= گهاٽ (اهي خاص بندر جتي هو ويا آهن، سي پهچ ۾ مون ڪان پري آهن).
ـ بَندَرِ (سامونڊي ۱/۸، ۲/۲۴)= بندر تي، پرڏيهه جي ڪنهن بندر تي.
ـ بَندَرَ باروبارِ (سامونڊي ۱/۲۶)= بندر هر 'بار' تي آهن، جتي ڪٿي 'بارن' تي آهن.
ـ بَندَرَجي تَڙَنِ (سامونڊي ۳/۱۷)= بندر جي تڙن ڏي (هت 'بَندر' اسم خاص آهي. يعني ان خاص 'بندر' جي گهاٽن ڏي).
● بندگي= ٻانهپ، خدمت.
ـ بَندگي افگندگي شَرمِندگي (آسا ۵/۷)= اي سَجَڻ! بس منهنجي ئي ٻانهپ، منهنجي ئي ڪميڻائي، ۽ منهنجي ئي شرمساري!
ـ بَندگيون (برور ۱/۱۳)= خدمتون.
● بنوشِ (يمن ۶/۲۲)= (ف. نوشيدن= پيئڻ) تون پيءُ.
● بنشين (يمن ۶/۲۳)=(ف. نشستن=ويهڻ) ويهُه.
● بَني اسرائيلَ (مارئي ۱۰/۸)= قرآن شريف جي سوره (۱۷). لفظي معنيٰ، هڪ سامي قبيلي يا قوم جو نالو.
● بوتَا (ڪوهياري ۶/وائي-۲)= اُٺ.
ـ بوتَن (ديسي ۲/۹)= اُٺن.
ـ بوتَن جي (حسيني ۵/وائي-۲)= اُٺن جي.
ـ بوتَن ڪارڻ (ديسي ۳/۱۰)= اٺن ڪارڻ.
● بُود= هئڻ واري دائمي حالت، بقا، اثباتي وجود، اثباتي هستي وارو مقام.

ـ وَسَنا بُود ڪي (ڪلياڻ ۳/۲۱، سري راڳ ۱/وائي-۲، سورٺ ۳/۱۶)= دائمي بقا ڪي رسيا.
● بوداڻَ جي (معذور ۲/وائي)= بودن جي، اٺن جي.
● بورائو (آبري ۹/۳، حسيني ۵/۹)= سونهون، رهبر جيڪو واٽ ڏيکاري.
ـ بورائو برَن جو، ريڙهي منجهه رُڃن (حسيني ۳/وائي) = اها ڌڙ ۾ رئي ساڻ واري جيڪ' بوتن ڪي بہ لڳي آهي ۽ هوتن هاٿي آهي، سا مُون لاءِ بربيابان ۾ ساٿ واري واٽ جي سڃاڻپ آهي ۽ مون ڪي پٺي (انهيءَ آسري تي) ريڙهي تہ مان پنهنجي پنهونءَ کي پهچان.
● بُونبُ (سري راڳ ۳/۱۰)= ٻيڙو، جهاز.
ـ اُتي بُونبُ بَناءِ (سري راڳ ۲/۱۰)= اُتي جهاز ٺاهہ.
● بُوند (سري راڳ ۳/۶، سارنگ ۳/۱۷)= پاڻي جي بوند، پاڻي جي بُوندارَ.
● بُوءِ = خوشبوءِ.
ـ جَني پيني بُوءِ(ڪاهوڙي ۲/۱۷)=جن کي خوشبوءِ آئي.
● بِهيرَ (سري راڳ ۲/۲۴)= (ف) اتالو، قطار، قطارن جي لانڍ.
ـ بيراڳين بهير (رامڪلي ۱/۲۵)= تن ويراڳين جي قطار.
● بيَا (يمن ۶/۲۳)= (ف) اچ، اي همنشين تون اَچ.
● بي بَها (ڪلياڻ۱/۸)= املهہ، لاثاني، بي نظير پيارا.
● بيٽِ = ڪمر پٽو، چيلهہ وارو سندرو.
ـ جان ڪِين جَهليان بيٽ (سامونڊي ۲/۱۰، ڪاهوڙي ۳/۱۵)= ڪين چيلهہ واري پٽي ۾ جهلي سرگهو ڪريان.
ـ پيڙيو پڏان بيٽ (مارئي ۵/۱۸)= چڪي پنهنجو سندرو پڏان.
ـ پَڏي بيٽِ (ڪاهوڙي ۳/۱۵)= بيٽ ٻڌي، سندرو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٽي تيار ٿي.

بي خَبَر (آسا ٥/١٥)= بي خيال.

بيخود = 'خود' کان سواءِ، 'پاڻ' کي ڇڏي.

– بيخودِ هَلِج (آبري ٣/٢٠)= بيخود ٿي هلج، خود کان سواءِ هلج، پاڻ وساري هلج.

بِيرُ (ع. بِئر) (مارئي ٨/١٤)= کوهه.

بيرانِي (ڪلياڻ ٣/١٧)= (فارسي. بيرون، بيروني) "بازي بيراني" پاهرين ڳنڌن افعالن واري کيڏ، ظاهر ظهور ڪُڌن ڪرتوتن واري کيڏ، بيران ڪرڻ واري، ويران ڪرڻ واري، پريشان ڪرڻ واري، پُلاڻڻ ۽ برباد ڪرڻ واري راند.

بيراهَ (سنهڻي ٦/٨)= بي راهي، اوات (جتي نه وات هجي ۽ نه وات جي خبر پئي).

بَيرقَ= (جمع. بيرَقُون) جهنڊي، جهنڊو

– بيرقُون بحرن ۾ (سري راڳ ١/١٤، سامونڊي ١/١٤) = (جهازن جون) جهنڊيون سمنڊر تي.

● بي شِرڪِ (ڪلياڻ ٣/١٠)= شرڪ کان خالي (ته مون ۾ شرڪ ڪونهي).

● بي عَقُلِ= عقل کان سواءِ.

– بي عَقُلنِ عَقُلُ (راڻو ٩/٢٠)= بي عقلن لاءِ عقل.

● بيڪارِي (راڻو ١/١)= بيک وارو، بيک ۾، ڪنهن بدلايل ويس ۾.

– بيڪَارِي ٿِئَامِ (پورب ١/وائي-٢، رامڪلي ١/٣٢) = بيک ڪيائون، پنهنجا مهاندا ۽ اطوار ڦيرايائون، صورت مٽائي پاڻ لڪايائون.

● بيلِغَان (ديسي ٧/٣)= (بلوچڪي) يارو، بيليو! (بيلي يارو ۽ اُنن کي جهليو).

● بِينا= جو ڏسي سگهي، نظر وارو.

– بِينَا ڪَرِي (آسا ١/٢٠)= ڏسي سگهڻ وارو ڪري، سالم نظر وارو ڪري، داناءَ بينا ڪري.

● بيهُوسَ (رامڪلي ٥/١٩)= بي- هُوس، اهي جيڪي پٽي ڪنهن کي نه هوسين، پٽي جي بدخواهي نه ڪنِ.

# پ

پَہ ٿِيا (ڪلياڻ ١/٣٠)= پہ جدا آواز لڳا، پہ جدا جدا آواز پانيا ويا.

– پَہ پوتَ (حسيني ٧/١٣)= پہ ٽڪر (جڻ ڪپڙو پہ ٽڪر ٿي جڏهن وڃي).

– پَہ جِٽَا (يمن ٦/١)= پيڻ وارا پہ جِٽا (جيڪي ساڳئي هڪ ئي پيالي مان پين).

– پہ - ڏائين (يمن ٤/١٥)= پہ پيرا.

– پہ رَنگو (ايلان ١/١٦)= پہ رنگ رکندڙ، پيائي وارو.

– پہ ڳالهڙين (ڪنيات ٣/وائي-١)= پہ ڳالهيون، پہ اکر، پہ لفظ.

● پابَلُ = اَبو.

– پَابَلُ ڏٺي نہ پُور (ڪنيات ٢/٢٣)= پابو مونکي جوان اُٺ (پور) نہ ڏٺي.

● پَاپِيهَا (آبري ٢/٤)= ننڊڙا ڳيرا (ڳاڙهيڙي رنگ جا).

– پاپيهَل جي پورا (رپ وائي/٢)= پاپيهڙي (ڳيري) واري سهڻائي، ۽ ان جي مٺي ٻولي.

● پاتاڙو= مُنتل، حيران پريشان، منجهي پرنڌڙ.

– پَاتاڙا ٿيا (ڪارايل ٢/١٩)= حيران پريشان ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونجهاري ۾ پيا.

- آٽون ٻاٽاڙي ڪني (حسيني ۸/۸)= مون کي ڳڻتي ۾ وجهي ڇڏيو، مون کي منجهائي وڌو.

- ٻَاٽَاڙِين (ديسي ۵/۱۰)= پريشان ٿيندڙين.

ٻاٽَنِ (راڻو ۳/۱)= ٻٽُورن، هلڪڙن آلهڙ جوانن (تن پيليون ٻڌيون، واٽون لايون، وري وري پيا اچن).

ٻَاٽي ڏِينهَڙَا (حسيني ۹/۵)= ٻه ٽي ڏينهن، ڪي ٿورا ڏينهڙا.

● ٻاجهَه= مهر.

- ٻيڙي تُنهنجي ٻاجَهه (سري راڳ ۳/۸)= اي وڻجارا! ٻاجهه ۽ مهر تنهنجي ٻيڙي آهي.

- ٻاجَهه ٿي (ڏهر ۳/۳۱)= ڌڻيءَ جي مهر ٿي، موليٰ جي مهرباني ٿي.

- ٻَاجَهه جُوِنِ (يمن ۲/۲۸)= ٻَاجَهه واريون، ٻَاجهه سان، پيار سان.

- ٻَاجَهه جِي (ڪلياڻ ۴/۲۱)= مهر جي، قرب جي.

- ٻاجَهه سان (سنهڻي ۳/۲)= موليٰ جي مهر سان.

- ٻَاجَهارَا (حسيني ۹/۲۱)= ٻاجهه ڪندڙ ٻاجهه وارا.

- ٻَاجَهارِي (ديسي ۲/۱)= ٻاجهه گهوري.

- ٻاجهارو ٻولِنِ (ڏهر ۵/۱)= ٻاجَهاريون ٻوليون ڪَنِ، مٺيون دل وڻندڙ ٻوليون ڪن.

- ٻَاجهان ٿِي (سورٺ ۲/۹)= ٻاجهه مان ٿي.

- ٻَاجهاٽُو (پرڀاتي ۲/۲۳)= ٻاجهه وارو ٿيو.

- ٻَاجهِنِ پَرِيو (ڏهر ۱/۶)= وڏن ڪرمن وارو.

- ٻاجهُون ٿِيُون (پرڀاتي ۱/۹)= نوازشون ٿيون، مهربانيون ٿيون.

- ٻَاجهَائي (يمن ۳/۱۲، ليلان ۴/۱۳)= ٻَاجهه ڪري.

● ٻاجهان= سواءِ، کان سواءِ.

- ٻاجهان هوتَ جي (وڄ ۱/۲۶)= سڄڻن کان سواءِ، سڄڻن جي نه هئڻ سببان.

● ٻاڏائڻ = ليلائڻ، گهڻي نيزاري ڪرڻ.

- ٻَاڏاءِ (رامڪلي ۷/وائي-۲)= عرض گذار، زاري نيزاري ڪر.

● ٻارِ= پاڻيءَ جي تک، ڦيري ۾ اونهي ڪُن ڪرڻ واري صورت، پاڻيءَ جي هيٺ تي جهول.

- ٻارلنگهيئون (سري راڳ ۲/۲۳)= ٻارِ مان سلامت لنگهي ويا.

- ڪڏي ٻارِمان (سري راڳ ۱/۲۰)= پاڻي جي تک ۽ اونهي ڪن مان ڪڏي ٻاهر ڪري.

- ٻَارِلنگهيائين (سنهڻي ۳/۲، ۳/۵، ۳/وائي-۱، ۴/۲۰، ۶/وائي-۱)= پاڻيءَ جي ٻار (سير ۾ پاڻي جي هيٺاهين جهول جنهن ۾ ٻيڙي پوي ته مشڪل سان ٻاهر نڪري سگهي)، مان به سلامت لنگهي وئي.

● ٻَارَ (ڏهر ۴/۵)= ٻارڙا.

- ٻَاراٺي ٻوجهه (ڪلياڻ ۱/۲۵)= ٻاراٺي ٻُڌ مثال، ٻاراٺي سمجهه وارو، پورو اٻوجهه.

● ٻارِ = ٻاهر.

- آنگنان ٻَارِ (سنهڻي ۱۱/۱۱)= عضون کان ٻاهر، جسم کان ٻاهر، تن کان ٻاهر.

● ٻارَتُ (اِبلاول ۱/۳، سورٺ ۲/۹)= منگتو، راڳائي.

● ٻارڻ = ۱. ساڙڻ ۲. (اسم) ڪاٺيون جيڪي ڪاڌي پچائڻ لاءِ ٻارجن، ٻاهه..

- نيٺي ٻيائي ٻارِ (ڪلياڻ ۳/۳)= ٻيائي کي وجهي ساڙ ختم ڪر.

= زور، جوش، ڏڍ.

● ٻرائڻ= وڏي ڇوٽ تي آواز ڪڍڻ، زور سان وڄائڻ (ساز).

– ٻرائي (سورٺ ٢/٨، ٢/٩، ٢/٨)= مٿي تند آواز جي وڏي ڇوٽ تي وڄائي، ساز کي وڏي ڇوٽ تي چاڙهي وڄايو.

● ٻرڪئو (سامونڊي ٤/٣)= (خوشيءَ مان) زور ڪريو، خوشيءَ جي جوش جذبي سان. (ٻي پڙهڻي: "ٻهڪئو ٻين ڏيان": ٻهڪيو= خوش ٿيو).

– ٻرڪي (حسيني ١١/٣)= گرم ٿي، جوش ۾ اچي.

● ٻر=ڪامر، جل، افسوس، هاءِ هاءِ، واهه واهه، جس، شاباس!

– ٻر تن اڳارن (يمن ٤/١٥)= ڪامر ۽ جل تن اڳارن= جس ۽ آفرين تن اڳارن کي.

– هٿي ٻر اُتارن (سري راڳ ٢/٢)= هٿي افسوس اٿ- تارن لاءِ (جيڪي ترڻ نه ڄاڻن).

ٻر ٻر (ليلان ٤/١٣، سنهڻي ١٠/٩)= هاءِ هاءِ! يلا يلا! واهه واهه!

– ٻر ٻر ٻڏي سنهڻي (سنهڻي ١٠/١٨)= هاءِ هاءِ جو سنهڻي ٻڏي وئي! واهه واهه سنهڻي (جو محبت ۾ ٻڏي)!

– ٻر ٻر ڪن (سنهڻي ٨/١٧)= هاءِ هاءِ ڪن، افسوس ڪن، ڪهل ڪن.

– ٻر ٻر ڪئو باڏاءِ (رامڪلي ٧/وائي-٢)= تون وڏي آهه ۽ چاهه سان منت ڪر.

● ٻرڏيڻ= ٺاهيل اوزار کي پاڻيءَ ۾ وجهڻ، پاڻيءَ جو ٻوڙو ڏيڻ.

– ڏيئي ٻر لهار جنڻ (حسيني ٩/٨)=لوهار وانگر ٻر ڏيئي.

ٻرڻ= تکو تيز وڃڻ.

– ٻري (سنهڻي ٦/٥)= وڃي.

– ٻري نه (مارئي ٨/١٦)= تکو وڃي نه، ڪن تي چٽائي سان آواز نه پوي.

– ٻرندي (رامڪلي ١/وائي)= وڃندي.

● ٻرڻ= ٻاهه جو ٻرڻ.

– ٻري ٻاهه (ڪلياڻ ٤/٣٤، يمن ٤/١، ٤/٢١)= محبت، سڪ ۽ درد واري آگ ٻري، عشق جي روشنائي واري آگ ٻري، ٻاهه لڳي.

– ٻري جن ٻاري (رامڪلي ١/١)= جن ٻري (پنهنجو پاڻ کي ٻاري) ٻين لاءِ ٻاري، جن پنهنجي جان جلائي ٻين لاءِ روشني ڪئي.

– ٻريائي ته ٻار (آبري ٧/١٤)= تو جا ٻاري آهي ته هاڻي ٺاهي جوڙي ٻار.

● ٻري ته ٻيلي گهٽا (معذور ٦/٣)= ٻريءَ کي ٻيلي گهٽا، ٻري (تپ) واري اڳهي ۽ بيمار کي مدد ڪندڙ گهٽا (پر سُک وارو پيو ساٿي پڇي، پر آهن ئي ڪو نه!).

● ٻرڌ (ديسي ١/١٠)= ڏاند.

● ٻرڪڻ، ٻرهڪڻ= ٿڪڻ (ٻاهه تي پاڻيءَ جو).

– ٻرڪان (سنهڻي ٦/٢)= ٻرهڪان، ٿڪان.

– ٻرهڪئو (سنهڻي ١١/١٣)= ٿڪئو.

● ٻُڪڻ (ديسي ٢/١٣)= هٿن جي ٻُڪ سان پاڻي پيڻ، آيون وغيره ٻُڪ ڀري ڦڪڻ. جهٽ ڏيئي جهلڻ ۽ سوگهو ڪرڻ.

– وينئي ٻُڪي ٻاف (ديسي ٢/١٢)= سسئي جهولي جي سخت گرم هوا آڏو منهن تي پٽي سهي (جڻ گرم هوا پٽي پيئي).

● ٻُڪي = داڻا، ورچ، پڙي (دوا جي).

– ٻُڪي ٻاجهه جي (ڪلياڻ ٤/٢١)= قرب جي دوا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مهر جي پڙي.

- ٻُڪي ٻنبنُون نه ٿئي (يمن ١/٢)= (محبوب ڪان سوا) ٻين ڪان ڏوا نه ٿيندي.

ٻَڪُ (ڪلياڻ ١/٣)= ٻاڪر، آنڌو. (ٻڪ وڌو= چنبڙي پيا، وڏو ويساهه رکيو).

● ٻَگُ، ٻَگو (ڪارايل ٢/٣)= اڇو پکي (جيڪو تانگهي پاڻي ۾ هلي ۽ سنهي مڇي ۽ ٻيا پاڻي جا جيت کائي).

● ٻِلَرُ= ٻن لارن وارو، ٻن چوٽين وارو، ٻه لارو، ٻن انگهن وارو، ٻلهڻ.

- ٻِلَرُ لَڳِسِ ٻاڻُ (آبري ٧/٢٠، ڪوهياري ٥/٨)= ٻِٽو تير لڳس.

ٻِلَهڻُ ٿنا ٻيِني (ڪوهياري ٤/١٠)= ٻنهي اکين جا تير ٻنا ٿي لڳا.

ٻَنُ، ٻَنا (ڪاموڏ ١/١٥) = باراني علائقن ۾ پاڻي جهلڻ لاء وڏا ٻنا (جن جي اندر وڏو پاڻي بيهي جنهن ۾ جيڪر ماڻهو به ٻڏي پوي).

- ٻَنِ پوڻُ= ٻَني واري پاڻي ۾ پوڻ ۽ ٻڏڻ. برباد ٿيڻ.

- ٻن پَيون= ٻن ۾ ٻڏيون (اصطلاح) ڪوهه پيون، گهوريون، صدقي ٿيون، پل ٻڏيون.

- ٻَنِ ٻيائي (ڪلياڻ ٣/٥)= ٻيائي ٻن ۾ پوي (۽ ٻڏي ختم ٿئي).

- تان ٻَنِ (سنهڙي ٨/١٧)= تان ٻن پوان، برباد ٿيان.

- ٻَنِ ڏجي (حسيني ١/٨)= ٻَن ۾ وجهجي، ٻوڙجي، قتل ڪجي.

- ٻَن ڏيئي (ڪوهياري ٦/٦)= ڇڏي، قتل ڪري.

- ڪَتَڻُ ٻَنِ ڪَپاهُ (حسيني ٢/١١)= ٻن ۾ پوي سٽ ڪتڻ ۽ ٻن پوي ڪپاهه.

- ڪُوهِ ڳوڏڙ ٻَنِ ڳَبريون (رامڪلي ٢/٣٠)= ڪوهه پوي ڳوڏڙ ٻن پون ڳبريون.

● ٻِن تَرارين جاءِ (ڪلياڻ ٣/٢)= ٻن تلوارن جي جاء.

- ٻِنِ ڏهان (مارئي وائي ٣/٢، ٧/٦)= ٻن ڏينهان، ٻن ڏينهن لاء (جن ۾ آڏهت ڪوٽ ۾ بند آهيان).

● ٻنيَان (آبري ٤/٧)= ٻنيي ڪان، گهر جي در ڪان، اندرلن گهران، پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي اندر مان.

● ٻَنڌُ= ٻَڌُ، ڇڪي تاڻي ٻڌ، ترهو ناهه، ترهو ناهي نوڪي جوڙ.

- ٻَنڌُ پَنهنجو تُرهو (سري راڳ ٢/١)= ڪکن ڪانن ڪائين نوڙين رسين سان تَر ٻڌي پنهنجو تُرهو ناهه.

● ٻَنڌَڻُ= ٻڌڻ (يا ٻنڌڻ) مان اسم. جڪڙڻ جو نمونو (اصطلاح طور) حيلو، بچاء.

- ٻَنڌَڻَ جي ٻَڌَڻَ جا، ڇڪي ڇنائين (سنهڙي ٤/٢٣)= جيڪي سگهه ۽ عزازت وارا ٻنڌڻ (سهارا) سي سڀ ڇني ڇڏيائين (۽ اڪيلي ٿي هلي).

- ٻنڌڻ سوئي ٻنڌ (ڪنيات ٢/١)= اهڙو پڪو پختو سهارو حيلو ڪر جيڪو پرين تائين پهچائي.

● ٻَنڌَڻ= باروچڻ وارا ٻَنڌَا، تنجا.

- ٻَنڌَڻَ باروچَن جا (آبري ٦/وائي-٢، حسيني وائي ١٢/١)= بروچن وارا ٻنڌڻ، تڄ- ٻياڪ وقت وارا تنجڻ.

- ٻَنڌِڻ ڪِينَ ٻَجَهنِ (رائو ٢/١٢)= ٻنڌڻ ڪين ٻڌجن.

● ٻَنڌَ (جمع) ٻَنڌون= وڏي وهندڙ پاڻيءَ کي جهلڻ لاء وڏو ٻنو، وڏو شاهي بند.

- ٻَنڌين ٻوڙَ (سارنگ ٤/٢١)= وڏن ’ٻنڌن‘ کي ٻوڙيندڙ.

● ٻَنگُ (يمن ١/١٤)= ونگ، گولائون گهيرو، چڙهيل يا ڇڪيل ڪمان. تير يا گز جي منڍ ۾ اڏ گولائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خال، گوشو

ـ ٻَنگُ لَهي (يمن ٣/١٤)= تير جو گوشو هٽ ڪري، جهلي سنپالي سولو ڪري، پري چاڙهي.

● ٻَنگَ= وَر، وَڪَ، لانگهو، گهيڙ.

ـ ٻَنگَ نهاري (سنهٽي ١/١٣، ١/١٤)= وَڪَ جانچي، وَرُ جانچي، لانگهو ڏسي، گهيڙ ڏسي.

ٻَنگان (يمن ٣/٣)= ٻنگ ڪان، ونگ ڪان= ١. ڪمان مان، ٢. تير جي منڍ واري ونگ يا گوشي ڪان.

ـ ٻنگا پري (يمن ٣/١٦)= چڙهيل ڪمانان پري، ڪمان مان ڪَشي.

ـ ٻَنگان پَري پاڻُ (يمن ٣/٣)= ڪمان مان ڇڪي تير هنيو.

● ٻِنهي ڪِنارَ (ڏهر ٣/٢٠)= ٻنهي پلسن سان.

● ٻِنيان (ڏهر ٢/١٣)= ٻِنيءَ مان.

● ٻِئي (حسيني ٥/وائي-٢)= ٻِئي، اَڙي!

ٻوڏ (حسيني ٥/٥، آسا ٧/١٠)= (ڪاوڙ مان ڪنهن جي سڏ جو جواب) "ٻوڏ"! يعني توتي ٻوڏ هجي، تون ٻڏي مرين (پٽ واري ورندي ته: "ٻُڏي مرين جا تيو اٿئي!").

ـ ٻوڏ چَنين (ليلان ٤/٥)= 'ٻوڏ' وارو ڪارو وڻ چورين.

● ٻُورُ= جوان اٺ.

ـ ٻڌو چري نه ٻُور (ڪنيات ٢/٢٣، ٤/١١)= اهو جوان اٺ، هڪ هنڌ ٻڌل حالت ۾ چري ئي نه.

● ٻُورُ (ڪنيات ٤/١)= ڪچڙا گونچ، گلڙا.

ٻورا=سهٽائي (رنگ جي، ٻوليءَ جي، پير پير تلڻ جي).

ـ ڪَر ٻاپيهل جي ٻورا (رپ ٢/وائي)= سهٽي ٻاپيهڙي گيري جي تور وانگر، ٻوليءَ وانگر.

● ٻوڙا ڪينَ ٻُجهن (آسا ٧/٥)= اهي ٻوڙا ٿيو ڪِينَ پيا ڪَن لائن ۽ سمجهن.

● ٻُوڙَن ڪي (سنهٽي ١٠/١)=ڪانهه يا گاله جي ٻوڙن ڪي.

● ٻُوڙو (سنهٽي ٢/٣)= (اصطلاح طور) ٻچاءُ، آسرو.

● ٻوڙيائين ٻانهون (سنهٽي ١/١٧)= ٻانهون پاڻيءَ ۾ هنيائين (ترڻ لاءِ).

● ٻوڪُ (ليلان ١/١٥)= شوق، خوشي.

● ٻولُ (جمع) ٻولَ=قولُ، وعدو، سخن، وڻ، گَنڌ، ڳالهه.

ـ جيلاهَ ٻَڌيس ٻولَ (سنهٽي ٣/١٤)= جڏهن جو، جڏهن جو آئون پنهنجي ڪيل اقرار (ٻول) ۾ قابو ٿيس.

ـ ٻولَ ٻَارَوچي وِتُرو (آبري ٤/١٢)= ٻاروچي جو ٻول مٿاهون آهي، وڏيڪ وزن وارو آهي.

ـ ٻولَ ٻَهُون (آبري ٤/١٥)= گهڻا واعدا، گهڻا قول.

ـ ٻولَ سَنڌان (آبري ٤/١٦)= سندن ٻول.

ـ ٻولُ مَ وِسَاريج (آبري ٤/١٤)= سندن قول نه وساريج.

ـ ٻولَ نه ٻَڌِيُون (آبري ٤/٨)= (اي سرتيون اوهين) پنهنجي ٻول ۾ ٻَڌَل نه آهيو.

ـ ٻولايو (ليلان ٤/٥)= ٻولائي، چِتائي.

ـ ٻولَڻ ٻوڙَن سين (رامڪلي ١/٤٠)= ٻوڙن سين ٻولڻ، ٻوڙن ماڻهن سان (دنيا جا ماڻهو جيڪي چڱي ڳالهه ٻڌڻ نٿا چاهين) ڳالهائڻ.

● ٻولهايُون رايُون (سارنگ ٣/١٢)= ڳِنُنِ جا ٻه قسم (رنگ جي لحاظ سان).

● ٻولي ٻاٻائي (مارئي ٢/٢١)= اباڻن جي ٻولي (ته لوئيءَ جي لڄ رهي).

ـ ٻولي ٻَجهنديَه (ڪارايل ٢/١٠)= تنهنجي ٻولي گُهتجي ويندي، ٻيهي ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ٻولي ٻيلي جي (پرڀاتي ٢٠/٢)= لس ٻيلي جي ٻولي.
- ٻوليو (سورٺ وائي ٣/١)= ڏيکو ڪيو، هلو ڪيو.
● ٻوليو (سورٺ ١١/١)= ڳايو.
● ٻوهُ (مارئي وائي ٣/١)= هڪ ٻوڙو، ٻوڙي جو قسم.
● ٻهه ڪولِ (پرڀو ١٩/٢)= ويجهو ويهه، اچي ويجهو ويهه.
● ٻهرِ (ڏهر ١٣/٢، سارنگ ١٦/١، ١٠/٢)= ٻاهر.
- ٻهرِ ڪرجها ڪاپڙي (رامڪلي ١٦/٤)= اهي فقير ٻاهران ميرا ۽ لانجها (پر اندر ۾ اُجرا).
- ٻهرِ وِئو (راڻو ٣/٧)= (هنيون جسم ڪان) ٻاهر نڪري ويو.
- ٻهران (ڪلياڻ ١٥/٣)= ٻاهران، ظاهر ۾.
● ٻهُون (يمن ٥/٥، آبري ١٢/١)=گهڻا، سڀ جا سڀ.
- ٻاجهائيج ٻهُون (پرڀو ٢٤/٢)= ٻاجهه گهري گهڻو ٻاڏائيج، گهڻيون منٿون ڪجانءِ جئن پرين کي ٻاجهه پوي، پرين ٻاجهارا ٿين.
- ٻهُون نهاري ٻنگُ (سنهڻي ١٤/١)= گهڻو جانچي نهاري گهيڙ (ٻنگ ورُ).
● ٻنا= ٻيا.
- ٻنا مڙيئي جامَ (بلاول ١٤/٢)= ٻنا مڙيئي نالي جا ڄامَ، نالي جا سردار.
- ٻنا مڙيئي ميرَ (بلاول ١٥/٢)= ٻنا مڙيئي نالي جا مير، نالي جا سردار.
- ٻنا واڃتَ (سورٺ وائي ١/٤)= ٻيون وڃتون.
● ٻئن= ٻين.
- ٻئن کي (ڪلياڻ ٥/١)= هڪ الله کان سواءِ ٻين کي، غيرالله کي.

- ٻئن ڳرُ (حسيني ١٦/١٢)= ٻئن وٽ.
- ٻئن گهر (حسيني ١٦/١٢)= ٻئن جي گهر.
- ٻئنتُون= (ٻئن+ ئون) (يمن ٢/١)= ٻين ڪنئون، ٻين وٽان، ٻين هٿان.
● ٻئو (يمن ٥/٣، ٧/٣)= ٻيو تير.
- ٻئو (آبري ١٦/٧)= پنهونءَ کان سواءِ ٻئو ڪو (مون سميت).
- ٻئو سَيڪَو (ڪلياڻ ٥/وائي)= سچن عاشقن کان سواءِ ٻيو هرڪو.
- ٻئو ڪِين نه (يمن ٣٤/٦)= ٻئو ڪجهه به نه آهي، ٻي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي.
- ٻئي دَرِ (بلاول ٩/٢)= ٻئي ڪنهن در تي.
● ٻَئي اَکِرِ هيڪڙي (سارنگ ٥/١)= ٻئي برابر آهن (مند ڪانهي؛ ٻئي جڏهن اچن ته اچي وڃن "جڏهن وسي تڏهن وس، مند مڙيئي مينهه جي"؛ نينهن به جڏهن لڳي ته لڳي وڃي!).
- ٻَئي پارَ (سنهڻي ١٢/٧)= ٻَئي طرف.
- ٻَئي مُنا (ڏهر ٣١/٣)= لکي گهوڙي به مني ۽ لاکو به مُئو.
● ٻي ٻولي ٻُجهنِ ڪانَه ڪا (سارنگ ١٧/٣)= ٻي ڪا ٻولي ماڻهو ڄاڻن ئي ڪانه ڪا (اهائي هڪ 'هئي هئي' واري ٻولي هجين ها).
● ٻيائي (ڪلياڻ ٣/١، ٣/٣، ٩/٣)= هڪ بدران ٻه ڪري سمجهڻ، دوئي، شرڪ، ٻن وجودن جو خيال، 'آءٌ' ۽ 'هُو' وارو خيال، 'هڪ' ۽ 'گهڻا' وارو خيال.
- ٻيائي لَهي (آبري ٢/١١)= دُوئي دُور ٿئي، شِرڪُ لهي.

راهہ ۾ ٻيائي (شرڪ) جي رفاقت ته وڏي اهميت واري (تصوف جو ڳرو ڳوڙهو خيال).

● ٻيلُون ٻَڌيُون (رائو ٣/١)= (سُرهائيون) وري وري مَلِجن، ٻيهر پيون لڳن. ٢. (هلڪڙن جوانن ٻاتن) واتون لاتيون، اڄ وڄ شروع ڪئي.

ٻيلِي = ساٿي.

- ٻيلي ٿيڻ= مددگار ٿيڻ، همراهہ ٿيڻ، ڪم ۾ ساٿي ٿيڻ.

- ٻيلِي ٿِئين (آسا ٣/١)= ڪَمِي ٿئين، نوڪر ٿئين.

- جي ٻيلِي ٿِئين (سنهڻي ١٥/٤)= جي مون سان جوڙُ ٿئين، حال ڀائي ٿئين.

- ٻيلِينِ (حسيني ٨/١)= ساٿين، مددگارن، خدمتگارن، نوڪرن.

● ٻيلِيَائِي= خدمتگار، ساٿي.

- ڏني سڪ سسني کي ٻيلائي پروڄ (حسيني ٤/٥)= پنهونءَ، سسني کي سِڪَ ٻيلائي ڪري ڏني، ساٿي ۽ خدمتگار ڪري ڏني.

- ٻيلِينِ ٻيل (آبري ١١/٩)= ٻيلِينِ ساٿينِ سان گڏ.

- ٻيلِين سِر ٻَري (آسا ٤/٧)= ساٿين سان گڏ گرميءَ ۾ پَچي.

● ٻيلي پارِ (سنهڻي ٧/٥)= ٻيلي جي طرف.

- ٻيلي ٻِنهِي ڪَنڌِيين (ڏهر ١٧/٤)= درياءَ جي ٻَـر واري ٻيلي جي ٻنهي پاسن سان.

- ٻيلي ڏَٺي (پرڀاتي ٢٣/٣)= لس ٻيلي جو والي.

- ٻِيلي ۾ (پرڀاتي ٩/١)= سبڙ جي گادي جي شهر ٻيلي ۾ (جيڪو لس ٻيلي ۾ آهي).

- ٻيلي ٻيِئي پارَ (سورٺ ٦/٣)= لس ٻيلي جا ٻئي طرف (ٻيلو سخي سبڙ جي سخا ڪان مشهور، انهيءَ ڪري اتي سر ڏيڻ واري سخي جي ڳولا ڪيم).

- ٻيلي ۽ گِرنارِ (بلاول ٣/١)= لس ٻيلي ۽ گرنار ٻنهي ۾.

● ٻِيڻَ ٿِئي (سنهڻي ٤/٢)= مُڙِي ڏوڙي ٿي وڃي.

● ٻِيهَرَ = ٻيو ڀيرو.

- ٻيهر مکينِ ٻيڙيون (يمن ٢٠/٣، سامونڊري ٢/١) = ٻيو ڀيرو ٻيڙين کي مکُ پيا ڏين (سيارو پورو ٿيو ته ٻيڙيون پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍي، انهن کي مک ڏيئي رکندا، اهو پهريون مک؛ وري ٻئي سياري ۾ ٻيڙيون پاڻي ۾ لاهڻ کان اڳ انهن کي ٻيهر مک ڏيندا) پرڏيهہ وڃڻ جي تياري پيا ڪن.

- ٻِيهَرَ ٻَاڌُ ٻَري (يمن ٢٠/٣)= ٻيو ڀيرو تير ٻري هنيو.

- ٻِيهَرَ چاڀِي (مارئي ٢١/٦)= ٻيو ڀيرو چمي.

● ٻِيُون (سنهڻي ٣/١١)= ٻيون خواهشون.

- ٻيِئي (سامونڊري ٣٠/١)= ٻئي ڳالهيون (هڪ سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ ۽ ٻيو جفاڪشيءَ سان نفعو ڪمائڻ).

- ٻيِئي ٻُور (حسيني ١٠/١٠)= ٻئي فڪر.

- ٻيِئي جَني ٻُوتِيُون (آسا ٥/٣)= جن اهي ٻئي (ظاهري مجازي) اکيون ٻوٽي ڇڏيون (۽ اندر جي اکين سان ڏٺائون).

- ٻيِئي دَارَ (ڪلهوڙي ٣/٣)= ٻيئي جهانَ، هيءُ جهان ۽ هو جهان.

ڀڄَندي (سارنگ ۳/۲)= وسندي مينهن ۾ پُسندي.

● ڀَـڄِي (ڪليات ۵/وائي)= ٻجي پوئـتي ٽڪـڙو موتي، ٽڪڙو ڀڄي.

ڀَڄي (ڪليات ۴/۲۰)= ٽوڙي.

ـ ڀَـڄي ڇَڏِ بازِي (سري راڳ ۴/۵)= صـراف سان هوڏ، حرفت، ٺڳي ۽ ٺاهہ ڇڏ. (ان سان تنهنجي حرفت بازي ڪانہ هلندي).

ـ ڀَڄِي ڇَڏيائون ڀاڻَ (رامڪلي ۱/۳۳)= پنهنجو ڀاڻ ڀانئڻ ڀڄي ڇڏيائون.

ـ ڀَـڄي سِڪَ سيـدُ چـني الخ (سنهـٽي ۳/۸)= اِها سڄڻ جي سڪ ئي آهي، اهو عشق ئي آهي جيـڪـو سِير جي سنڪي کي ٽوڙي ٿـو (۽ پار پهچائي ٿـو). ٻي پڙهٽي= ڀڄي سَگهہ سيد چئي= بدن جي طاقت سير جو سَنڪو ڀڄي ٿي.

● ڀِرِ= لڳ، پرسانُ.

ـ ڀَرڪَپارَ (معذور ۵/۲)= مٿي ڀر.

ـ جِنهِ ڀِرِ ويهي ڪن (ڏهر ۳/۲)= جنهن جهوپي جي پرسان، جنهن لڳ ويهي (ليڪو) ڪن.

● ڀَرُ ڏيڻ (ڪاپائتي ۱/۱۲)= ڀروسو رکڻ. زور لَڳائڻ.

ـ ڀَرُ مَ ڏيڄ (ليلان ۳/۱۰)= ان سُهاڳَ تي ڀَرُ نہ ڏڄ، زور نہ ڀَرج.

ـ ڀَرُ ڀيڏِيءَ ڏيئي (يمن ۳/۱۵)= ڇَپَـٽِيءَ جو آڌَرُ ڏيئي، زورائتو جَهلو ڏيئي (ڪمان مان تير ڪشي هڻڻ).

● ڀَرُ (رپ ۲/۲۱)= ڀَارُ، وزن.

● ڀَرِي هِتان ڀَلَ (ڏهر ۳/۲۳)= هتان گهٽيون ڀَليون (اُٺيون، ڳايون، مينهيون) گهيري ۾ آڻي ڪاهي ٿو.

● ڀَـرِ (يمن ۳/۱۵)= سگهہ، طاقت، مـضـبـوطي، جَهل، آسرو.

● ڀِرِ = ڪنارو، ڪنڌي.

ـ ڀَرِ تي (سري راڳ ۳/۱۳، سنهٽي ۹/۷)= درياءَ جي ڪنڌيءَ تي، سمنڊ جي بالڪل ڪناري لڳ (اهڙي حالتن ۾ هروقت خطري اندر جو ڀَئي وڃي).

● ڀَرَ جَهلو = پشت پناهہ.

ـ ڀَرَجَهلو بارِي (هلاول ۳/۱۱)=وڏو 'ڀرجهلو'، وڏو آڌار.

● ڀَرَتُ= ڪپڙي تي سُئي سڳي سان خاص قسم جو نقش نگار.

ـ ڪِجَ ڀَـرَتُ (ڪاپائتي ۱/۴)= ڀـرت بنائج (سُٽ ڪتي، ڪپڙو ٺاهي، ان تي سٺو ڀرت ڀرج).

● ڀِرَڻ = اچڻ، راضي ٿي اچي ملڻ، ڦِرڻ.

ـ ڀِـرِنِ (رامڪلي ۱/۲۹)= (راضي ٿـي) وڏو بخت هـجي جو اچي ڀيرو ڪن.

ـ ڀِـرَنِ ڀِؤنرَ (راڻو ۶/۹، سنهٽي ۹/۶)=ڀَؤنر ڦـرن، اُڏامي اچي ڦرن ۽ ڦيرا ڏين.

ـ ڀِرُ ڀليرا سپرين (سنهٽي ۱۰/۲۰)= پيارا پرين راضِ ٿي اچي ڀيڙو ٿيءُ.

ـ ڀِـرِي جي ڀِـتـار (آبري ۸/۱۱، ليلان ۱/۲، سارنگ ۴/۹)= جي وَرُ راضي ٿئي.

ـ ڀِرِي (مارئي ۱/۲۱)= ڦري، وري، خوش ٿي.

● ڀَرِ اوئيونُ (معذور ۲/۱۹)= پاٽيءَ جون پخالون (اوئيون) ڀر، دَرَجو پاٽي ڀَر.

● ڀِرِ ڦُدام (معذور ۵/۳)= اڳيرو، اڳتي ڏانهن.

● ڀَرَمُ (آبري ۵/۳، مارئي ۵/۲۲، سنهٽي ۱۲/۱)= پردو نيڪ نامي، وسوسو، لڄ، مان شان.

● ڀَرُوَسو (آسا ۲/۲۷)= آسرو، اعتماد.

- ڀِلَنِ (ڪاپائتي ١/١٢)= ڀلجن، گمراهه ٿين.
● ڀَلَ (ڏهر ٣/٢٣)= جهجهيون، گهٽيون.
● ڀَلان= ('ڀلو' جو جمع) ڀلن (خاص محاورو اُپرنديين ٿر، جيسلمير، ميرپورماٿيلي، اُباوڙي ۽ صادق آباد طرف سنڌي قبيلن مهرن، مگرين، راڄڙن وغيره جو).
- تن ڀَلان سندو (ڪلياڻ ٤/٢٢)= تن ڀلن جو، تن محبوبن سندو.
● ڀَلائي (ڪنيات ١/٢)= نيڪي. 'ڀلائي پانهنجي'= پنهنجي ذاتي نيڪي.
- ڀَلائيءَ جو ڀَل (آبري ١/١١)= وڏي ۾ وڏي ڀلائي، ڀلان ڀل ڀلائي، وڏي ۾ وڏي چڱائي.
● ڀِلائي (سنهڻي ١٠/١٨)= منجهاءِ
● ڀِلڪارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= سوڙهه، سختي.
● ڀَلو = چڱو! ڀَلو ڀَلو! (تنبيهي ندائي فقرو: "ڀلو ٿيو! ڀلو ٿيو!" (= ڀر ان جي سزا ملندي، اهڙو ڪم ڪرڻ نه کپندو هو)
- ڀَلو ڀَلو ميچ! (گهاتو ٢/٣)= واه واه اي ميچ! (تنهنجي خبر پوندي!)
ڀِلَڻُ= ڪنهن شيءِ تي هرکڻ، ڪنهن خيال تي لڳڻ، مرد جو ڪنهن عورت تي عاشقيءَ وارو خيال رکڻ (چوندا: فلاڻو فلاڻيءَ تي ڀِلي ٿو).
- بولي ٻيءَ مَ ڀِلُ (ڪلياڻ ١/١٧)= ٻئي ڪنهن قول تي ڀِرُ نه ڪر، ٻيءَ ڪنهن ڳالهه تي نه هِرڪُ، نه لڳُ.
- ڀِلُئو (حسيني ٣/١٣)= گمراه ٿيو.
- ڀِلي (حسيني ٤/١٩)= ڀِلجي، اجايو.
- ڀِليا (ڪلهوڙي ٣/٨)= مُنڌا، ڀَٽال ٿيا.
● ڀَليءَ ڀَتِ (حسيني ٦/١٠)= چڱي طرح.

- ڀَلي جيءَ لاڏاڻ (بلاول ٣/٩)= چڱي جي اڳواڻي واري لڏي سان.
- ڀَلي ڪِيئي (بروو ١/٦)= تو جيڪا ڪئي سا ڀلي ڪئي! (محاوري طور معنيٰ ته) تو اهڙي ڀلي ڪانه ڪئي.
● ڀِنُ (ڪاموڏ ٢/١١)= وڏو ڇارُ (مڇي مارڻ جو).
● ڀَنَ = وَن وَٽ، ڀڪي جا، ڪپڙي جا.
- منهنجي هينڙي لڳا ڀَنَ (سري راڳ وائي ٣/٢)= منهنجي من ۾ ور پيا (فڪر ۾ ڳٽيءَ جا).
● ڀَنيو = ڪَڪَر وار، هلڪي سونهري رنگ وارو وار، ڳاڙهيرڙي ڀوري رنگ وارو، ڳاڙهاڻ تي مائل سهڻي وٽندڙ رنگ وارو (ڪارن وارن جي وچ ۾ ٿورڙن ڀنين وارن جي ليڪ سهڻي لڳندي).ڀنيا وار=ڀورا سهڻا وار.
- ڀنيو جو ڀنيور ۾ (آبري ٦/٤)= اهو سهڻو (ڀنهون جو) وارجيڪو ڀنيور ۾ ڏٺم.
- ڀنيي هن ڀنيور ۾ (ديسي ٧/١٠)= هن سهڻي ڀنيور ۾ (طعني طور).
● ڀَنيُوران (حسيني ٣/٢)= ڀَنيورَ مان.
- ڀَنيورَ تان ڪَڏهن ڪونہ ڀِٽو (ديسي ٣/٨)= ڀنيور تي ڪڏهن ڪونه اچي لٽو.
- ڀنيور جا ڀاڻ (آبري ٥/٦)= هن جهان جا ماڳ.
● ڀنيولجڻ= مست ٿيڻ.
- ڀَنيُولئا (راڻو ٣/٤)= مست ٿيا، ڀلجي موهت ٿيل.
● ڀَنگ (راڻو ٥/٩) = ڀَگُ، ڀَڳُ، چيرُ، ڏارُ، ڦوٽ.
● ڀَنگا (رامڪلي ٦/١٥، مارئي ١١/١٠)= جهوپڙا، آسڻ.
● ڀَنگو (سري راڳ ٣/١٣)= جهڳو، ڪمزور ڪکن جو گهر.
● ڀَنوارِئا ڀوڻن (رامڪلي ٥/٢٥)= خُمار ۾ مست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻن ويهڻ، هلڻ چلڻ، پـهـرڻ ڦـرڻ واريون جـايون، مارونڙن جا ماڳ مقام.

- پيٽيون ۾ پاڻ (مارئي ٦/١٦)= پاڳين جي رهڻ ۽ مال جي ويهڻ وارا ماڳ.

# ت

● ته=شرط جي پورائي جي نتيجي لاءِ اهڃاڻ وارو حرف. هوند، جيڪر، انهيءَ ڪري.

- ڪامر ته ڪاهوڙي ٿئين (ڪاهوڙي ٢/١٠)= پاڻ کي جلاءِ ته پوءِ ڪاهوڙي ٿئين.

- ته 'هَي هَي' هانگ هُوندَ (سارنگ ٣/١٧)= ته هوند جهان ۾ 'هئي هئي' جي وائي هجي ها!

- ته سَيَڪَهين سَڌُ ٿئي (ڪلياڻ ٥/٢٤)= ته هر ڪنهن کي خواهش ٿئي.

● ته ڪِ، ته ڪي= ته جيڪر، ته هُوند، انهي لاءِ ته.

- تهَ ڪِ اندرِ اُندوهيانِ (رامڪلي ۴/٧)= ته ڪي ڪين اندر ۾ اندوهَ آهن، وڏا غم ۽ فڪر آهن.

● ته ڪر (آبري ٩/١١، ١١/٨، سنهٽي ١/٢١، ١٢/٧، ١٢/١١)= ته جڻ، ته جيڪر، ته هوند.

- ته ڪَرُ ويجُ وَرِ پيـو (يمن ٢/١)= ته هوند طبيب ملي ويو.

- ته ڪَرَ توڏيءَ تَـڙُ ڪنـو (سنهٽي ١/٢١)= ته جڻ سنهٽي وهنتي.

تَه ڪَرَ ڪِينَن سِنَي جي سيرنَه گهڙِي سُنهَٽي (سنهٽي ١٢/١٧)= ته هوند سنهٽي مشهور ڪينن ٿئي ها جي سير ۾ نه گهڙي ها.

● ته ڪه= ته چو، چو هوند.

- تَه ڪَهُ ڪَـوهَ ڪَـڄَنِ (بلاول ١/٢٣)= ته هوند چـو ڪوهه ڪڄن (ڪوڪجن).

- ته ڪي (سنهٽي ٨/١١)= ڀلا ڪي.

- ته ڪي ڪَنس ڳيرو (ڪلياڻ ۴/٢٠)= ته ڪي اَلهڙ ڳيرو چوڪرا ڪيڏنس (ان راند ڪي).

- ته ڪِين (يمن ٣/١٧، سنهٽي ۴/١٢)= ته ڪجهه، ته اڃا ڪجهه وڌ.

● تاتِ= هر وقت يادگيري، هر ويلي طلب، لڳاتار سنڀال، خدمت چاڪري.

- تَنَ ۾ اُها تاتِ (ڪلياڻ ۴/٣)= اندر ۾ اهائي طلب.

- تو جَنِي جي تاتِ (ڪلياڻ ٥/٢١)= تو کي جن جي طلب آهي.

- ڪَرِ تَنِي جي تاتِ (رامڪلي ٧/١)= تون انهن جي يادگيري ڪر.

● تاڏا (حسيني ٥/١٦)= اُيا، ڏڪيا.

● تارُ (ڪاهوڙي ١/٣)= اونهو وڏو پاڻي.

- تار تَرَندو ڪيتَرو (سنهٽي ٦/١٦)= ڪيترو تار ۾ ترندو، ڪيترو تار مان ترندو (= ڪونه ترندو، آخر پَڇِي پُري ويندو.)

- تار ۾ (بلاول ٣/١)= وڏي تڪليف واري ماڳ تي.

- تارينا تَـڙُڪو (سنهٽي ٣/٨)= سير واري اوڙاهه ڪانسواءِ پيو ڪو تڙ (محفوظ ماڳ) ئي ڪونهي!

● تارُو (سري راڳ ٢/٢)= جيڪي ترڻ ۾ تکا آهن.

- تَارُوئين (سنهٽي ٩/٦)= جيڪي تارو آهن تن کي.

- تَارُئُو (يمن ٥/وائي ١)= انهن پيارن سڄڻن تاريو، اڪاريو.

● تارِي (رپ ٣/٨)= پوئواري، سنڀار، تات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ تارِي تُنهنجي (بلاول ٢/٤، پرڀاتي ٢/١٢)= تنهنجي ئي يادگيري.

● تارِيءَ تَڳڻ (سري راڳ ١/١)= ڪنهن جي سهاري تي جيئرو رهڻ، ڪنهن جي مدد جي آسري تي گذران ڪرڻ.

ـ تارِيءَ تَڳِي تُنهنجي (سري راڳ ١/١)= (اي خالق) تنهنجي ئي آسري تي پيو هلي.

ـ تارِيءَ تَن تَڳِي هِنيُون (ڪنيات ١/٥)= منهنجي دل انهن جي آسري پئي جيئي.

● تَارِ تَڳائڻ= تاري تڳائڻ، ڪو حيلو هلائي بيمار کي بچائڻ.

ـ هوءِ جي تار نہ تَڳائِينِ (رامڪلي ١/٢٦)= اهي جيڪي سندن ريت رسم مطابق، پنهنجي بيمار ساٿي کي ڇڏي هليا وڃن، ۽ ڪو حيلو ڪري، بچائي، کي ڏينهن جِترو رهڻ نہ ڏيِن.

● تاري وانءُ (سري راڳ ٢/٢٠)= تاري وڃ (ٻيڙيءَ کي) هاڪاري وڃ.

تارا (ڪنيات ١/١٧)= آسمان جا تارا.

تارا= اکين جا تارا.

ـ تارَنِ ۾ (آسا ٣/٧)= اکين جي تارن ۾.

ـ مٿي تارن تڪيا (آسا ٣/٢٣)= اکين جي تارن مٿان هنڌ ۽ وهاڻا.

● تاڙ (رامڪلي ٤/١٧)= سخت وٽيل رسي يا سڳي جو چار مثل ننڍو واٽيل ڳوٿرو جيڪو اٺ جي ٻوٿ ۽ مٿي تي پارائجي، ڏنگي اٺ کي اهو تاڙ هڻبو تہ قبضي ۾ رهي.

تاڙو= پکي جو نالو

ـ تاڙي ڪِي تَوارَ (سارنگ ٢/١)= تاڙي پکي ٻولي ڪئي (تاڙي پکي جنهن بابت اجهان تائين معلوم ناهي تہ ڪٿان ٿو اچي، پر جون کان وٺي سيپٽمبر تائين ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ٻولي ڪندو. اهي چار مهينا سنڌ ۾ مينهن جي مند جا آهن، عام ويساهہ تہ تاڙي تواريو تہ مينهن ايندو).

● تاڙي (ڪلياڻ ٢/١٨)=در کي اندران بند ڪرڻ لاءِ هڪ آڏ ۽ اٽڪل، تہ جيئن ٻاهران ڪو بہ در کي ڌڪو ڏيئي کولي نہ سگهي. تاڪي= تاڙيون طاق ڏيئي، بند ڪري.

ـ تاڙيُون پـَجِـي طَاقَ (ديسي ٢/١٠)= دَرَ پـَجِـي، ڏاڏائي ڪري.

● تازا ڪِيائُون (راڻو ٣/٣)= نئين سر واسيائون.

● تازي (پرڀاتي ٢/٣)= تازي گهوڙا.

ـ تازِيين طُورُ (ڌهر ٢/٩)= تازي گهوڙن جو طُورُ (نمونو، نظارو)، تازي گهوڙن جا طنبيلا، تازي گهوڙن جو لشڪر.

● تاساريُون (سارنگ ٣/٢، ٤/٥)= لڄايل، اجايلون.

● تَاڪُو (ديسي ٦/١٣)= تڪيندڙ، اچو، ٻَدو.

ـ تَاڪُنِ (حسيني ٥/١٠، سنهٽي ١/١٧، ٣/٦)= مارڻ لاءِ تڪيندڙ جانورن، لڪي وجهہ وٺي وڙهندڙ جانورن، چاري ٻيٺل چورن.

● تاڪِيد= ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ وري ورڻ.

ـ تَاڪِيدُ ٿِئي (حسيني ٥/١٢)= پنهونءَ جي پويان وڃڻ جي لاءِ تاڪيد ٿئي.

● تان= تہ، بہ، تنهن هوندي بہ، تہ پوءِ تنهن وقت، تيسين تائين، ان وقت تائين.

ـ تان جيءُ جَلِيسِ (سنهٽي ٤/١٣) = تہ پوءِ اندر ڪلميس، اندر سڙيس.

ـ تان نہ هُئِي (سنهٽي ١٢/٧)= تہ نہ هجي ها.

ـ تان نہ وِئا (راڻو ٧/١٠)= تہ بہ اهي (ٻي لڄائي وارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نک نرجا) وِٺا نہ.

ـ تان نانگ نہ نھاريِنِ (ڪاراپل ٣/١٢)= تہ پوءِ نانگن تي سندن نظر ئي نہ پوي، ڪين نانگ نظر ئي نہ اچن، نانگن تي سندن اک ئي نہ پئي.. (نانگن ڏي ڏسندا بہ ڪين ۽ امالڪ وڃھندا).

ـ تان ڪِرِيءَ رَي ڪينَ ٿئي (يمن ٢/٢٠) تنهن هوندي بہ ڪِرِيءَ بنا ڪجھ بہ نہ ٿيندو.

ـ تان مون هَڏُ لائون لَڏيون (سامونڊي ٣/٢٧)= تہ هوند منهجي شادي ٿي!

ـ جان وڃِيين تان ويھہ (ڪلياڻ ٥/١٦)= جي وڃين تہ پوءِ ويھہ.

ـ تان تون مَچَ مَ موٽنو(گھاتو ٢/٥)= اي مچ! تيسين تائين تون پوئتي موٽي نہ وڃين.

ـ تان دعويٰ ڪِرِمَرِنيهٗ جي (ڪلياڻ ١/٥، ٨/٤)= تيسيتائين نيھہ جي دعويٰ نہ ڪر.

ـ تانِ مون مُورِ نَہ پڇِنا (يمن ٢/٢٢)= ان وقت تہ مون انهن کان بالڪل ڪونہ پڇيو.

ـ تان مون هنيَڙو ماڳ (رائو ٤/١٢)= تہ تيسين تائين منهنجو من پنهنجي جاءِ تي (مطمئن خوش).

ـ پَهچان تان ڪاهي (بلاول وائي ٢/١)= تہ تکي ٿي وڃي پهچان!

ـ تان مون گھٽو نھارِئا (پورب ١/٧)= تڏهن تہ مون گھٽو ئي ڏٺا.

ـ تَان تَان (ڪلياڻ ٣/١٩، آسا ٤/١٩)= تيسيتائين، ان وقت تائين.

ـ تَان تَان پَنڌُ نَہ ٿئي (حسيني ٦/١٥)= تيسين تائين وڏو روچ راڙو نہ ٿئي.

ـ تَان ڪِين (ڪاهوڙي وائي ٢/١)= تيسين تائين ڪجھ، ڪجھ وقت تائين تہ.

ـ تان سُڪائِيا مَ سُمَهو (سامونڊي ١/٢٨)= اي سُڪائيا! تيسين تائين نہ سُمَهو.

ـ تان سِرَ وَتِ سُرِڪِي (يمن ٦/١٢)= سِرَ= سرو، شراب، وت= وٺ، ورچ، سُرڪي = سُرڪ. تڏهن معلوم ٿيو تہ (ساقي وٽ) شراب جي ورچ واري سُرڪي ئي هڪڙي آهي.

ـ تان پَرِ گُروءَ جِي پارَ (پورب ٢/١١)= تہ پوءِ گُروءَ جي پيروي ڪر، سندس ريت جو پابند ٿيءُ.

ـ تان جي ٿين سَلَمُهان (آسا ٣/٢٣)= توڙي (محبوب) سامهان هجن، توڙي پنيرا، تہ بہ سهٺا پيا لڳن.

ـ تان ڦوڙايو سَجڻين (رپ ١/٢٥)= (الف) تنهن وقت سجڻن وچوڙيو (هنيين کي) (ب) تہ ان وقت سجڻ وچڙيا، جدا ٿيا.

ـ تان ڪين (رامڪلي ٢/وائي)= گھٽو نہ تہ ٿورڙي، ڪجھ نہ ڪجھ، وري بہ ڪين ڪجھ.

ـ تان نَہ گھرجي تيٺن (آسا ١/١٦)= ائين تان نہ ڪرڻ گھرجي جو عزازيل واري پر تي پوي (جو ڪانئس وقت ويو ۽ الاهي حڪم مڃي آدم کي سجدو نہ ڪيائين ۽ هميشہ لاءِ تڙجي ويو).

ـ تَانسِينءَ (ڪاپاٽي ٢/١)= تيسين تائين.

ـ تان ويسُ وِڙَنِ جو ڪر (معذور ٤/٨)= تہ ڪميڻين وارو لباس ڪر.

● تانُ= ڪاريگري وارو سُرائتو آواز.

ـ اِي تَانُ آهي تند جو، تو رُون رُون ڪري راز (سورٺ ٢/١٠) = اهو تند جو تان نہ آهي، پر اهو راز آهي

جيڪو ٿو رُون رُون ڪري (يعني وڄائيندڙ جي من جو راز ۽ ڪاريگري).

تانگهه= پاڻيءَ جي تلڪڻي (جتي هيٺ پير نه ڪُپي)

ــ تانگهه نه ليي تارُوئين (سنهڻي ٦/٩)= جيڪي وڏا تارُو آهن تن کي تانگهه نه ليي، تن جو بہ هيٺ زمين تي پير نه ڪُپي.

تانگهو= 'اُونهون' جو ضد، ٿوري عُمق وارو پاڻي.

ــ تانگهي ۾ (سري راڳ ١/٢)= تانگهي پاڻي ۾.

● تاڻَ= ڇِڪَ.

ــ تاڻِ طَراز کي (سري راڳ ١١/٢)= پيڙي کي ڇِڪُ.

ــ جيڪي مونکي تاڻِ (رامڪلي ٢٠/١)= يا ته مونکي ڇِڪ.

ــ تاڻِ مَ (آبري ٨/٩)= ڇِڪِ نه (پنڌ کي).

ــ تاڻِجَ (ڪلياڻ ٢٨/٤، ڏيسي ٣/٣)= پاڻ کي ڇڪي اڳتي ڪج، سڪ مان اڳتي ٿج، سڪ سوز ۾ ڇڪجي هلج.

ــ تہ بہ تون هَڏِ مَ تاڻِ (آسا ٧/٧)= تہ پڻ تون هرگز نہ ڇڪ.

ــ تاڻِن مستي تروڙَ (يمن ١٩/١)= تاڻين، ڪاهين، ڇِڪِين، هلَن، پنهنجي توجهه، ڌيان ۽ ارادي ۾ آڻين، بلڪل تروڙ تاڻين.

ــ تاڻين تَندِ کي (آسا ٧/٧)= محبت جي تند کي (تروڙ لاءِ) ڇِڪين.

ــ تاڻِنَ ٿيون (آسا ٣٠/٢)= ڇِڪين ٿيون.

ــ تاڻي (سري راڳ ١/٢، سنهڻي ٣/١٠)= ڇِڪي.

ــ تاڻي تِکَ ۾ (حسيني ١٢/٢)= تِکي وکَ سان پنڌ کي ڇِڪي.

ــ تاڻِيان (يمن ٢٠/٣)= ڇِڪيان.

ــ تاڻيو (ڪنيات ١٣/٤)= ڇِڪُون ڏيئي.

● تائبُ (سري راڳ وائي ١/٢، وائي ١/٣)= (گناهن کان، ڪفر کان) توبهه ڪندڙ.

ــ تائِب ٿيءُ (رامڪلي ٦/٢)= توبهه ڪر، مچتا مع، فرمانبرداري ڪر. (ناٿ جي تڏي تي وڃي تائب ٿيءُ).

● تاءَ ڏي (ڪلياڻ ٢٨/٤)= تَئُ ڏي، سيڪ ڏي (ٻرندڙ باهه ڏي).

● تَايَائين (حسيني ١٨/٥)= جوش جذبي سان هلي.

● تَلَئُون (يمن ٦/٤)= سڄڻ تايو، ڪوري ۽ مچ ۾ جلايو.

● تبِ ڪَرُون (پورب ٢/١)= (هندي) تڏهن تي ڪريان.

● تَبارَ (مارئي ١٢/١٠)= تَبارَڪَ الذي بِيدَه المُلڪُ (= وڏي برڪت وارو آهي اهو الله جنهن جي هٿ ۾ ملڪ آهي) قرآن شريف جي سُوره مُلڪُ ٦٧ جو پهريون لفظ، معنيٰ: وڏي برڪت وارو.

● تَبَت (مارئي ١٢/١٠)= تَبت يَدا اَبِي لَهبِ (= ڀڄن پئي هٿ ابو لهب جا)= قرآن شريف جي سوره لَهَب (آيت نمبر ١١) جو پهريون لفظ معنيٰ: 'ڀڄي وڃن'.

● تَبَرُون (رائو ٧/٣)= تَبَر جو جمع، ننڍي ڳن ۽ وڏي ڦر واري خاص قسم جي جنگي ڪهاڙي.

● تِترُ= پکي.

ــ تِترُ ٿئي مَ تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو (ڏيسي ١٢/٦) = مسافري تي يا ڪنهن ڪم سان ڪيڏانهن ويندي جيڪڏهن واٽ جي سڄي پاسي ۽ سڄي هٿ تي تتر تواريو تہ سٺائو (سياڳو) چئبو ۽ جي کٻي طرف ٻولي ڪيائين تہ اُٺائو چئبو. سسئي آس تي ڪري تہ جنهن

● تَرسُ = قياس، رحم، همدردي وارو خيال، ڪهل.

- تَرسِي طَبِيَبن (يمن ٢/٢١) = حڪيمن قياس ڪئي، رحم ڪري.

- تَرسَ طَبِيبَن (يمن ٢/٩، ٢/٢٠) = طبيبن جو ترس، طبيبن کي ڪهل اچي، طبيبن کي ترس پوي.

- تَرسَنِ (آسا ٢/٢٤) = سِڪَن ۽ واجهائن.

- ڪيمَ تَرسُ (ڪنيات ٥/١٠، بلاول ١/١٢) = نہ واجهاء، ماندو نہ ٿيءُ.

ترسڻ = بيهڻ، انتظارڪرڻ، ماندو ٿيڻ، ڪهل وارو ٿيڻ، ترس ڪرڻ.

- تَرسُ مَ (سري راڳ ٢/١١) = بيهہ نہ، چڪڻ بند نہ ڪر.

- تَرسَندي (سامونڊي ١/٣٥) = انتظار ڪندي.

- تَرسَندا (برووائي ٢/١) = لاڙو ڪندا، مائل ٿيندا.

● تَرڪُ = پنهنجي ذاتي ملڪيت، سڀ يا ان جو حصو بنا معاوضي، الله ڪارڻ، ڪنهن خير جي ڪم ۾ ڏيئي ڇڏي ڏيڻ، جيڪي هجي سو الله ڪارڻ قربان ڪرڻ، ڦٽو ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ.

- تَرڪُ ٿِئا (ڪلياڻ ٢/٩) = ترڪ ٿي وئا، جدا ٿيا، پري ٿي وئا.

- ترڪُ ڪَرِ (رامڪلي ٧/وائي ٢) = پنهنجو پاڻ ترڪ ڪر، پنهنجو پاڻ وڃاء، يا اسباب ترڪ ڪر.

- ڏنمَ تَنَ تَرڪُ (مارئي ٧/٩) = تن کي ترڪ ڏنم، جسم (جي سک) کي ڦٽو ڪري ڇڏيم.

● تَرڪُ ڪَرڻ = جيڪي ڪجهہ هجي سو ڏيئي ڇڏڻ ۽ لاطمع ٿي هڪ مالڪ ڏانهن متوجهہ ٿيڻ.

- تَرڪُ ڪَرِ تَرڪَ کي (آسا ٤/٤) = انهيءَ ترڪ ڪرڻ واري رسم کي بہ ترڪ ڪر.

● ترڪَڻُ = پير جو ترڪڻ (ء ڪرڻ).

- ترِڪِي تڪبرُ پئي (ليلان ١/١٥) = ترڪي تڪبر ۾ پئي.

● تروڪڙِي (جمع تروڪڙيون = تلو ڪڙيون)، (جسم تي، منهن تي، پانهن تي.) سُئيءَ سان چُڀ ڪري، سرمي يا ٻئي رنگ سان پري ٿاهيل جُڙتو تر، ڇٽو ننڍو نشان.

- تارا تِرَ تروڪڙيون (ڪنيات ١/٢٠) = تارن کي ترن ۽ تروڪڙين سان تشبيه ڏنل آهي.

● تُرهو، تُرهو (ڪلهوڙي ١/٣، سنهٽي ١٠/٣) = ڪکن ڪانن تي ڪاٺين جو ٻڌل ڇوڪٽ جنهن تي هڪ يا ٻہ ماڻهو ويهي، وڏي پاڻيءَ مان اُڪري سگهن، پاڻي مان تارڻ جو ڪو بہ وسيلو.

- تُرهو تارِجو (سنهٽي ١٠/٥) = اهو ترهو جيڪو پاڻي اُڪاري.

- تُرهي سَندي تارِ ۾ (سنهٽي ٤/٢٣) = تار پاڻيءَ ۾، ترهي ڪٺِ سَندي رتَ سنهٽي مُندان ئي ڪانہ ڪئي.

- سُپيريان جي تُرهي (سنهٽي ٨/١٢) = پرين جي ترهي.

● تَري هيٺ طَناب جي (سامونڊي ١/٢٠) = ٻيڙي جي تري هيٺان هڪ طناب جي مفاصلي تي.

● تَريُون (گهاتو ١/٨، ڪلموڏ ٢/١٦) = واحد تَرَ = ڪکن ڪاٺين سان ٻڌل ٺلهيون پٽيون، جيڪي پاڻي تي ترن ۽ جن تي بہ ٽي ماڻهون ويهي سگهن. ڪکن جي ٻيڙي.

● تَڙُ (ڪلموڏ ٢/١٦، سنهٽي ٢/٨) = ڪناري لڳ ٻيڙين جي بيهڻ جي جاء، سلامتي سان بيهڻ وارو ماڳ، گهٽي پاڻي وارو اونهو ڪوه، پاڻي وارو گهٽ ۾ گهيڙ.

- انَ تـڙاءِ (سامونڊي ١/٣٦) = ان تڙ تي.

- تَڙِ آندي (سنهٽي ٤/١٦) = بندر تي آندي، هن تڙ تي آندي، هتي (اسان وٽ آندي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ تَڙِ آئيو (مارئي ٨/٢٠)= تڙ تي آيو (اها تڪليف جي خاتمي واري گهڙي آهي).
ـ تڙ تڙ ڪيمَ تَرسُ (بلاول ١/١٢)= هِتي هُتي هر تڙ تي نه بيهه ۽ واجهاءِ.
ـ تَڙَ تَڪَڻُ (سنهڻي ٤/١)= گهڻ گهيڙ نهارڻ ۽ درياءَ جي سير م گهڙڻ.
ـ تَڙَ تَماچي چام جو (ڪاموڏ ٤/٢)= تڙ (ٻيڙين جي بيهڻ واري جاءِ يا بندر) تماچي چام جو آهي، ۽ چام تماچي ئي تڙ جو راءِ يا حاڪم ۽ مالڪ آهي.
ـ تَڙِ تَوائي ٿيڻ (سريراڳ ٣/١٥)= تڙ ڪان تَوائي ٿيڻ، نئين رخ ڪان هٽي، تڙ تي نه پهچڻ.
ـ تَڙِ تَوائي نه ٿئي (سري راڳ ٣/١٥)= تڙ ڪان نه مڙي، تڙ تي سٺو پهچي.
ـ تَڙَ پاسِ (سامونڊي ٣/٥)= تڙ پاس، تڙ وٽ.
ـ تَڙَ جهلَ (سامونڊي ٣/٤)= تڙ وٽ.
ـ تَڙَ ڌَڻي (ڪاموڏ ١/٧)= تڙ جو ڌڻي، پاڻي جو مالڪ، ملڪ جو مالڪ.
ـ تَڙَنِ تي (سامونڊي ١/٢٣، رائو ٣/١)= گهاٽن تي (بندرجن تڙن تي= بندرجي تڙن تي، گهاٽن تي، غسل وارن ماڳن تي.
ـ تَڙِ نَه گهڙي (سنهڻي ٩/١)= تڙ ۾ نه گهڙي، تڙ واري گهيڙ ۾ نه گهڙي.
ـ تَڙُ نَه لَهي (سنهڻي ٤/٢)= تڙ نه ڳولي.
ـ تَڙين = تَڙن تي.
ـ اتانگهه تڙين (سري راڳ ٣/٣)= اتانگهه تڙن تي، ڏکين تڙن تي، ٻيڙي جي ڏکين ٻوڪن (بيهڻ وارين جاين) تي.

● تَڙَنگ تَافَ (ديسي ٢/١٢)= وڏا اڙنگ ۽ اوڏا، ڏاڍا زوراور (اٺ).
● تَڙَ پِيڙ (ديسي ١/٢٠)= تک تيزي، گهڻي سوڙهه ۽ سيگهه.
● تَڙَڻ (يمن ١/٩)= لوڏڻ، پنهنجي ويجهائي واري جاءِ کان ٻي جاءِ ڪرڻ، پنهنجي حاضري کان هٽائي ڇڏڻ، (معنوي لحاظ سان) ڪاوڙ ڪرڻ.
ـ تَڙَنِ کي (بلاول ٣/وائي-١)= تڙيلن کي.
ـ تَڙي (يمن ٢/١٩)= هڪالي، لوڏي.
ـ تَڙين تون (ڪيٻات وائي ٥/١)= مونکي تون لوڏين.
● تَسَا= اُڃون (رامڪلي ٥/٦، ٦/٥)= تَسو= مال جو پاڻي نه پيئڻ ۽ اُڃ جهلڻ.
ـ تَسَا ڏيين نَه تَنَ (رامڪلي ٢/١٧)= پاڻ کي اُڃون ۽ بکون نه ڏئين.
● تَسَڻُ= اُڃ جَهلڻ.
ـ ڏَڻُ تَسِي تَڙَ آئيو (مارئي ٩/٢٠) = مال اُڃ جهلي تڙ تي آيو.
● تُسڻُ = راضي ٿيڻ.
ـ مُون تي ڪجِ پنهنجا پرين توهه تُسِي تيڏو (ٻروو ١/٣) = اي منهنجا محبوب، مون تي راضي ٿي احسان به ايڏوئي ڪج.
ـ نه تُسي (سورٺ ١/١٢)= راضي نه ٿئي.
ـ تُسِي توسين توهه ڪَري (سري راڳ وائي ٢/١)= راضي ٿي توسان وڏي مهر ڪري.
● تُسِجُ تُون (سورٺ ٤/٣)= تون راضي رهج.
● تَسُو (سنهڻي ٩/١٣)= ذرڙو، ذرا.
● تَسلِيمَ= رضا، پاڻ کي الله جي سپرد ڪرڻ، الاهي رضا کي پنهنجو ڪري مڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي.

تَڪِيو = آڌار، پرچهلو، ماڳ، رهائش گاهه، ويهڻ واري جاءِ (جيڪا ڏکين لاءِ پناهه).

ـ ڪري طَرِيقَتَ تَڪِيو (ڪلياڻ ٢/٢٢)= 'طريقت' کي آڌار ڪري، 'طريقت' جي راهه تي ڀروسو ڪري.

ـ تَڪِيي (ڪاموڏ ٤/٢)= تڪيي تي.

ـ ڪَرِيو تڪبر تڪيا (رامڪلي ٢/٣٨)= تڪبر ۾ رهي ڪري.

● تِکَ (بلاول ٣/٨)= تيزي.

ـ وَهَه تِک (سامونڊي ١/١٠)= پاڻي جي سير کي تِک.

ـ تِکَ تَوارَ (سنهڻي ١١/١)= تِک جي توار، وهڪري جي وائي.

ـ تِکَ ڏيکاري تاءِ (آبري ٢/٩) = تيزي تَهُ ڏيکاري.

ـ تِکيَائِي (ڪلياڻ ٥/١٩)= تِکِي ٿِي.

ـ تِکو چِڻَنِ تيجُ (ڪارايل وائي ١/١)= اهي صاف تکو تيز وهندڙ پاڻي پِيَنِ.

● تڳڻ= پيو جيئڻ.

ـ تَڳُ (ڪاموڏ ٤/٨)= پيو جيءُ، جترو هج.

ـ تَڳائيجِ (آسا ٥/١٤)= جياريج، جترو رکج.

ـ تَڳيجُ (ڪاموڏ ٤/٧) شال جيترو هجيج.

● تُڳِي (سنهڻي ٥/٤)= اونداهي رات.

● تَلَ (سارنگ ٤/١٢)= وڏيون هيٺاهيون ايراضيون.

● تِلَ = تر.

ـ تِلَ تَسُو توري (سنهڻي ١/١٣)= (لفظي معني) ننڍڙا ذرا به پني توري، وزن ڪري. (اصطلاحي معني) ننڍڙيون ذميداريون به سنڀالي پوريون ڪري (= وڏيون همتون پني ڪريا).

● تُل= برابر، هڪ جيترو.

ـ نه تَنهن تُل (رامڪلي وائي-١) = نه تهن برابر.

● تلاسَ (سنهڻي ١٢/٣) = تلاش، تمنا، سڌ.

● تلکُ (ڪلياڻ ٢/١٣)= ترازو تي (سنڌ جو) ڳاڙهو تڪو.

● تَلي (ج) تليون (مارئي ١/٥)= پٽن جي وچ ۾ هيٺاهين سٽي زمين.

● تَماچِي (ڪاموڏ ٤/٢) = طمع اچي يا طمع اُچي، ڄام تماچي جي جاءِ (تڪيي) تي؛ ڄام تماچي اڳيان، تون پنهنجي طمع اچي ڪاءِ (طمع کي ڦٽو ڪر) ته تون ڄام تماچي وٽان (تماچياءُ) 'طمع اُچي' حاصل ڪرين، وڏي اُچي طمع واري شيءِ وٺي سگهين (ب) تماچي = تماچي نالي منگتو. اي منگتا تماچي! تون ڄام تماچي جي رهائش گاهه تي سنڌس آڏو ويهي ڳاءِ ته تون ڄام تماچي وٽان تَرُ انعام طور حاصل ڪرين.

ـ تَماچيءَ تاتِ (ڪاموڏ ١/١٠)= تماچيءَ جي تات، جن کي ڄام تماچيءَ جي سڪ ۽ سانس محبت.

ـ تماچي تَڪيو (ڪاموڏ ٣/١٠)= ڄام تماچي جن جو تڪيو آهي، جن کي ڄام تماچي جي سِڪ ۽ يادگيري آهي.

ـ تَماچِيءَ جي ساهِ (ڪاموڏ ٤/٩)= تماچي (کي ڏسڻ) جي سِڪ واري ساهه ۾= تماچي (جي ديدار) جي سڪ ۽ پيار واري آسيسَ ۾.

● تَمارا (يمن ١/وائي)= اوهان جا.

ـ تُمَارِي (يمن ٤/وائي)= تمهاري، تنهنجي.

● تَمامُ (ڪلياڻ ٤/٦، ٤/١١)= پورو، ختم.

ـ ٿِينِ تي تَمامُ (آسا ٢/١٣)= تڏهن ته پورا ٿين، تنهن ڪري ته پورا ٿين.

● تَنُ = بدن، جسم، جيءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- تَنُ تواضعو تو نہ (ڪلياڻ ٣/١٨)= تو پاران جسم کي پاڪ / وضو نہ ڪيو.
- تَتو تَنُ تَنُورَجنن (يمن ٤/٥) = جسم تنور وانگر تپي ويو.
- تن جو تُون نہ طَبِيبُ (يمن ٢/١٦)= منهنجي تن (جي مرض) جو تون صحيح طبيب نہ آهين، تو کي صحيح علاج جي خبر ئي ڪانهي.
- تَنَ ۾ (ڪلياڻ ١/١٤، ٤/١، ٤/٣، ٥/٢١، يمن ١/٢٢، ٢/٢، ٢/١٠)= اندر ۾، دل ۾، تن کي، بُت کي، بيمار جسم کي، جڏي جند جان کي.
- تہ وڏائون تَنُ (مارئي ٦/١٣)= پنهنجو جسم جيءَ وچ ۾ تَهہ ڪري وڏائون (جينئن رَليءَ جي وچ ۾ تَهہ وجهجي).
- تَنُ تتِ (مارئي ١/٢٠)= جسم اُتي جتي جنم جيڏيين.
- تَن تَسبيح (آسا ٧/٣)= جنَ جو تَن تسبيح آهي.
- ڪَري تَنُ تمامُ (ڪاهوڙي ٢/٨) = پنهنجو جسم ڳاري پنهنجو پاڻ (کي حيرت ۾) پورو ڪري.
- ڪيائون تَنُ تمامُ (ڪاهوڙي ١/٧)= ڏَتَ گَڏ ڪرڻ واري محنت ۽ ڪشالي ۾ پنهنجو جسم چور چور ڪري ڇڏيائون.
- تَنَ توهي ڏي تاڻُ (راڻو ٦/٧) = منهنجي تن من جي توڏانهن ئي تاڻ (ڇڪ ڪشش) آهي.
- تَنَ جو (يمن ٢/١٦)= سرير جي سور جو، جند جان جي درد جو.
- تَنَ جي (سنهڙي ١/٢٣)= جسم جي (مرض جي).
- تَنِ طَبِيبُ (يمن ٢/٨) = جند جان جو طبيب، جند جان جي بيماري کي سمجهندڙ ۽ لاهيندڙ طبيب.
- تَنُ ڪُڏِي (رامڪلي ٢/٥) = پنهنجي تن کي ڪُڏي ڪر.
- تَنَ ۾ 'تون هين تون' (مارئي ١١/٢٥)= اندر ۾ 'تون هين تون' لڳي، خوشيءَ جي لهر لڳي.

● تَنِ (يمن ٦/١٣، ڏهر ١/٧)= تن لاءِ، تن کي.
- تَنَ هنيين سين گَڏ (ڪلياڻ ١/١٦)= تن کي من ۾ گڏ، تن کي مَن ۾ ملاءِ.
- تَنِ ڳري (سامونڊي ٣/١١)= تن جي ڳچيءَ سان، تن وٽ.

● تَنِ = انهن.
- تَنِ تان (يمن ٢/٢٨)= تن جي مٿان، تن کان.
- تَنِ پِنو (ڪلياڻ ٥/٢) = انهن کي هلڻو پنو، معنوي لحاظ سان 'مونکي هلڻو پيو'.
- تَنِ سَجي (بلاول ٢/٧)= تن کي سجي، تن ڏي سجي، تن ڏي توجهہ ڪري، تن ڏي ڌيان ڏئي.
- تَنِ سَڏ ڪَري (بلاول ٣/٢)= تن کي سڏي پناهہ ڏئي.
- تَنِ جون (يمن ٦/٢٥)= تَنِ پياڪن جُون.
- تَنِ ڪاپڙين نہ ڪَنَ (رامڪلي ٥/١٣)= ڪن ڦاڙ جوڳي ۽ ڪاپڙي جيڪي ڪنن ۾ ڦيچ وجهن ۽ پڻ وڏا گول والا پائين: "ڪن" واري اها صورت جڻ سندن سڃاڻپ آهي "تن ڪاپڙين نہ ڪن"... مان مراد تہ انهن کي اهو 'ڪَنُ' جيڪو سندن سڃاڻپ آهي سو آهي ئي ڪونہ.
- تَنِ نَہ بُجهڻو (رامڪلي ٣/١٣)= تن نہ پروڙئو.
- تَنِ مَلِ (ڪاهوڙي ٢/١٧)= تن وٽ (سڄي سِٽَ جي معنيٰ= تن وٽ، منهنجي پرين جي ڪا ڳالهڙي آهي، تن کي ان ڳالهہ جي خبر آهي).
- تَنِ مونِتو ڪين وِسهان (سامونڊي ١/٢٥)= آءُ تن کي وسهان ئي ڪانہ ٿي تہ ڪي مونِندا، وري مون وٽ ايندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهڪري وٽان.

ـ تَنگَ ڪَڍيائين (مارئي ١١/٣)= سَتون ڏنائين، ڪشالو ڪيائين (سپي مٽي پاڻيءَ جي سطح تي اچي ڏري ڏري منهن ڪڍندي، يا ڪو وقت يڪو منهن ڪڍي هلندي تہ من ڪا مينهن جي ڦڙي سندس وات ۾ پوي).

● تَنگيءَ پيئي تَڪَ (بلاول ٣/٨)= تنگيءَ ۾ سوڙهہ واري تڪليف (سختي) پوندي.

تَنُور (يمن ٤/٥، راڻو ٨/١١)= بَٺ، وڏو پرندڙ خاص چُلهو، ڪُورو. باهہ جو گُندلو.

ـ تَنُوراءِ (يمن ٤/٦)= تنور مان، پرندڙ مچ مان، ڪوري مان.

● تِنہِ پَلي ڪي (ليلان ٤/١٥)= اهڙي مهربان ڪي.

ـ تِنہ تون طمَعدارُ (سورٺ ٣/٧)= تنهن ۾ تون طمعدار، تنهن ۾ تنهنجي پَتي.

ـ تنہ پَرِ (معذور ٢/٤)= تنهن ريت.

ـ تَنہ جو (ڪلياڻ ١/١٩)= تنهن 'خوب' يا سهڻي صورت جو.

ـ تِنہ جو جاڙيجَن (ڏهر ٣/١٧)= تنهن (لاکي) جو جاڙيجن ڪي (ڊپ نہ لهي).

ـ تَنہ جِي (ڪلياڻ ١/٢٦)= 'ذات حق' (الله) جي.

ـ تِنہ جي (راڻو ١/١٣)= مومل جي.

ـ تِنہ دَرا (بلاول ٣/١٢)= تنهن در ڪان، سلطان واري در ڪان.

ـ تِنہ دَراءِ (ڪاموڏ ٤/٥)= تِنهن جي (گهرَ جي) در اندر= نوريءَ جي در اندر.

ـ تِنہ سَرَ مٿان (ڪارايل ١/١٧)= تنهن تلاءَ مٿان.

ـ تِنہ ڪُوڙِ ٿيون ڪوِنِ (مارئي ١١/١٠)= انهيءَ ڪنڊ تي ڪنوڻيون ٿيون ڪنوڻ (جت مارن جا ماڳ آهن).

ـ تَنہ ۾ (يمن ٥/٢)= تنهن ورق ۾، تنهن پني ۾.

ـ تَنہ ميٽ (يمن ٦/٢٠)= تنهن جي ميٽ تي، تنهن تازي ڪوليل شراب جي لذيذ ذائقي خاطر، تنهن جي ذائقي جي ذوق تي.

ـ تَنہ نَدِي ناہ نِڳاهہ (سنهڻي ٤/٢)= تنهن ڪي ندي نظر ۾ ئي ڪانهي، تنهن جي نديءَ تي اک ئي نٿي پئي.

ـ تِنہ واڪاڻو وڪَ (بلاول ٢/٨)= تنهن وڪ سببان واڪاڻجي ويو (جيڪا ان خوفائتي وقت ۾ اڳتي وڌائي).

ـ تِنهن ساءِ (يمن ٦/٢١)= تنهن نئين شراب جي لذيذ ذائقي خاطر.

ـ تِنهن مِنيءَ ڪونهي مُلُ (بلاول ٢/١٢)= تنهن منيءَ جو ملهہ ئي ڪونهي، اها ايڏي قيمتي هئي جنهن جو ملهہ ڪري ئي نٿو سگهجي.

ـ تَنهن ويڻ (سامونڊي ٢/١٨)= ان ڳالهہ.

ـ تَنهن مُلاءِ (ديسي ٥/١)= تنهن وٽان.

● تُنهنجو راهُ (راڻو ٨/١٩)= تنهنجي اچڻ وارو رستو.

ـ تُنهنجو ماڳُ (بلاول ٣/١)= تنهنجي جاءِ.

ـ تُنهنجو ئي توڪي لَڳي (يمن ٣/١١)= تنهنجو پنهنجو ڪانُ مٿان توڪي ئي لڳي.

ـ تُنهنجي بَحرَ بِلي (سنهڻي ١٠/٩)= تنهنجي بحر جي بلي، تنهنجي محبت جي موج جي آسري.

ـ تُنهنجيءَ تندُ توارَ (سورٺ ٣/١٢)= تنهنجي تَند جي توار سان.

ـ تُنهنجي پَاندَ ري (رپ ٣/٧)= تنهنجي چادر جي پاند (ڪي مٿان پاٽڻ) ڪان سواءِ، تنهنجي ڍَڪ ڪان سواءِ.

ـ تُنهنجي جُورين (ديسي ٤/٤)= تنهنجي زورين،

تنهنجي زورن جي آڌار تي.

ـ تُنهنجي سَتَ ۾ ٻَالِهه گهُرجي ڳَيُ (مارئي ٨/٢٨)= تنهنجي سَتَ (سچائي پاڪائي) جي پڪي ثابت ٿيڻ ۾ گهڻو ڪجهه گهرجي.

ـ تُنهِنجي دارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= تنهنجي گهر اندر.

ـ تُنهنجي دَرِ (سورٺ ١/١٠)= تنهنجي در تي، تو وٽ.

ـ تُنهنجي دَرَان (پورب ٢/وائي-٢)= (اي ڏٿي منهنجا!) تنهنجي در تان، تو وٽان.

ـ تُنهنجِي رِيتِ (بلاول ١/١١)= تنهنجي سخا واري ريت.

ـ تُنهنجي سُورَ (راڻو ٤/٥)= تنهنجي درد، تنهنجي رُسامي سببان فراق جي ڪري جيڪو مون کي درد آهي.

ـ تُنهنجِيءَ ڪانڌِ (ڏهر ١/١) = برداشت، سهڻ جي طاقت.

ـ تُنهِنجي گهاء (يمن ٣/١)= تنهنجي گهاءَ سان، تنهنجي ڏک واري زخم سان.

ـ تُنهنجي هَٿَ ري (ديسي ٧/١٣)= تنهنجي مدد کان سواء.

● تَنهِين پوء (ڪاهوڙي ٣/٢)= تنهن کي پوي.

ـ تَنهِين جو (ڪلياڻ ٢/وائي)= ان 'لات' جو، ان 'وائي' جو.

ـ تَنهِين کي (پرڀاتي ١/٧)= تنهين کان.

● تُنڻ= تُن (سوراخ) کي بند ڪرڻ، پَرڻ.

ـ ويٺو تُن تُنِيس (سري راڳ ٣/١١)= پيو سوراخ بند ڪرينس.

ـ تُنِيندو آءُ (سري راڳ ٣/٣)= پريندو آءُ، بند ڪندو آءُ (روزانو، سدائين، مسلسل طور).

● تِني (ڪلياڻ ٢/٧)= تنين وٽ، انهن وٽ.

ـ تِني (سامونڊي ٢/٢٦، سري راڳ ٣/١٤)= تنهين، انهن ساڳين.

ـ تَنِي بارْ (سنهڻي ٢/١٨)= تن لاء بار آهي.

ـ تَنِي تي (يمن ٢/١٢)= تني لاء، تن مٿان، تن خاطر.

ـ تَنِي پيئِيوُن (ڪارايل ١/١٤)= تن کي پيبون.

ـ تَنِي جي جَهڙَپَ (ڪارايل ٣/٨)= تن کي سَٽ، تن تي حملو.

ـ تَنِي جو (ڪلياڻ ٥/٢٥)= تن ئي عاشقن جو، انهن ئي (عاشقن) لاء.

ـ تَنِي جو ٻِيرُ (ڪارايل ٣/٢)= تني جو تڪيو، ماڳ.

ـ تَنِي جِي چِپيٽ (ڪارايل ٣/٧)= تن کي نِپوڙَ، تن کي چپيٽ.

ـ تَنِي ساڻ (ڪلياڻ ٤/٢٤)=تن (پرين) وٽ، سندن آڏو.

ـ تَنِي سَندَو ڄَاڻُ (يمن ٤/١١)= تن جي پوري خبر، اهي جن پاهڻ کي رُڪ ڪيو تن جي پوري پڪي خبر.

ـ تَنِي کي واجهاء (ڪارايل ٣/١١)= هو انهن وڏن نانگن کي واجهائي، انهن جو ٻُولو آهي.

● تَڻَ (سري راڳ ٣/١٤)= ڪا گهڙي، ڪجهه وقت.

● تَڻ (يمن ١/٦)= تڪ، چڪَ (سُورَ ڪِنَار سندي تَڻ= سُور جي ڪنار واري چُٽڪ ۽ چڪ، سور جي ڪنار ۾ سور سببان تڪ).

● تَڻَ ٻَلَ (برو ٣/٥)= ٻَلن تي سنهڻي مرڪ واري تڪ.

● تَڻُ مَ مِلين تُون (آسا ٤/٢٣)= من مون کي نه ملين.

ـ مُون تَڻُ (رپ ٢/١٠)= مون کي.

ـ تَڻ تڪجڻ= چڪجڻ.

ـ تَڻي= تڪ چڪ، سِڪَ.

ـ تَڻِي (حسيني وائي ٥/٢، ليلان ١/٣)= 'تَڻ' مان اسم. چڪ، تَڪي. (اصطلاح) چِڪ چڪان.

- منهنجو تن تَتي تيڏاهين (سنهٽي ۴/وائي-۱)= منهنجو مَن ڇڪجي تيڏاهين.

● تو= ضمير مخاطب، آڏو ماڻهوءَ کي خطاب جو لفظ.

- توسِين جامَر تَتِي (ليلان ۱/۳)= اي جامَر! توسان ڪَشومت ڪري، توسان ڇڪ ڇڪان ڪري.

- توتي لَڄَ (آبري ۶/۷)= توتي ننگ.

- تو ڪَنِ (سري راڳ وائي ۳/۷)= توڪان

- تو مِلِ (مارئي ۳/۱۳)= تو وٽ.

- توجو پانيو پنهنجو (ليلان ۲/۱۰)= تو جنهن کي پنهنجو ڪري پانيو.

- تَو سَارِيڪا (رامڪلي ۲/۳۵)= تو سنوان، تنهنجي جوڙ وارا، تو جيڏا.

- تو سلمائي (معذور ۴/۷)= تنهنجي سلمائجڻ سان.

- تو سَجيڻين تو سَنديُون (سنهٽي وائي ۱/۱)= جيڪي تو نگاهه ۾ ڪيون ۽ جيڪي تنهنجيون پنهنجيون.

- تو ۾ پَڌِيَسِ (راڻو ۹/۵)= تنهنجي محبت ۾ پڌجي قابو ٿي ويس.

- تو مَنجهان (ڪلياڻ ۴/۱۰)= تو مان، تنهنجي بت مان.

توهَان ڌَارَ (حسيني ۶/۱۸، سورٺ ۳/۶)= توکان سواءِ.

- توهين جَهلَ (کوهياري ۲/۴)= تنهنجي ئي پرسان.

● تو (ڪلياڻ ۵/۲۱، يمن ۵/۱۵)= توکي.

- تو نه جُڳاءِ (ڪلياڻ ۳/۱۳)= توکي نٿو جڳائي، توکي نٿو ٺهي، راس نه ٿو اچي.

- تو پِنا (پرڀاتي ۱/۶)= توکي پنا، لنگهيا.

- تو اُڪارئو (سنهٽي ۸/۱۲)= توکي اُڪارئو.

- توکي سارِئو سَاهُ (سارنگ ۱/۷)= توکي ساريندي ساهُ.

- توکي سَنَڌَ سَسُئي (معذور ۵/۲)= سَسُئي توکي (عشق جي لغار) جي سَنَد حاصل آهي، تنهنجو عشق تو وٽ سَنَد آهي، تو لاءِ تنهنجو عشق سَند آهي.

- توکي ڪَڙهان (سنهٽي ۴/۱۶)= تنهنجي ڏاڪڙن تي ڏک ڪريان ۽ توسان همدردي ڪريان.

- توڳري (حسيني ۴/وائي، راڻو ۸/۱۹)= تو وٽ.

- تولائِي (ابرو ۱/۱۲، پرڀاتي ۲/۳)= تنهنجي لاءِ ئي.

● تو= تنهنجو.

- تو ڪاڄَڙو (ليلان ۲/۱۵)= تنهنجو ڪاڄ= تنهنجو ڪم (راس نه ٿيو، شاديءَ جو ٺاهه پورو نه ٿيو.)

- تَو ڏٿي (ڪلياڻ ۳/۵)= تنهنجو ڏٿي، تنهنجو حقيقي محبوب.

- تَو ڏرُ (ڪاموڏ ۳/۶)= موڙ مثل مُنهن وارو آڏو سينگار. (الس پيلي جي شاعر شيخ ابراهيم ڏرَ ۽ توڏرَ ، ڳهن ۾ ڳڻيا آهن).

● تو (ابرو ۳/۱۱)= تُنهنجي.

- تو هَٽَا (مارئي ۱/۱۹)= تنهنجي هٽان.

- تو سِرَ مَٿَان (بلاول ۱/۶، ڏهر ۵/۶)= تنهنجي سِر تي، تنهنجي مٿان.

- تو رِهاڻ جِيُون (راڻو ۵/۱۳)= تنهنجي رهاڻ جيون.

- تو حَضُورَ ۾ (سورٺ ۱/۴)= تنهنجي حضور ۾، تنهنجي آڏو، تنهنجي دربار ۾.

- تُو آهَرَ (سنهٽي ۱۰/۱۲)= تنهنجي آڌر تي.

- توجو ڪالَهه ڪِئو (راڻو ۹/۱۸)= صبر جيڪو هن کان اڳ ڪيو، هن وقت تائين ڪيو.

- تو شُڪون تَڪِيَا (راڻو ۸/۷)= طعام پلنگ وهاڻا (اي سوڍل! تون ڪنهن سنجهه سانگي اچ ۽ اچي هتي جا عيش ماڻ جيڪي مون تولاءِ تيار ڪيا آهن).

- تو گهِرَندي مَسُ (پرياتي ١/۴)= گِهرَڻ= گهيرو کري اچڻ. گهيرو کري لهڻ (نوجوان جي منهن تي سونهاريءَ جو). تنهنجي مُنهن تي توکي نئين ريهه ڏاڙهي (مس) لهندي، مُنهن تي گهيرو ڪندي.

● تَوارڻ = سُر سان آواز ڪڍڻ. آلاپڻ. سُرائڻ. امر توار.

- تَوارَ = ڳالهه. وائي. سُريلو آواز. آلاپ. جهونگار.

- تَوارِ. (توارڻ مان امر)

- تَنَ ۾ تَنڌ تَوارِ (ڪلياڻ ١/١۴)= اندر جي تند کي تون توارِ سُراءِ. اندر ۾ آلاپ.

- مٿي تَنَ تَوار (مارئي ٥/٧)= منهنجي تن من تي سدائين پنهنجن سرتين ساٿين جي توار آهي.

- ڪندا وٺا تَوارَ (ڪلياڻ ١/٢۴)= اهڙي ڳالهه ڪندا وٺا.

- طبيبن تَوارَ (يمن ٢/٣)= طبيبن وٽ اها ڳالهه آهي.

- تَنِي جِي تَوارَ (سامونڊي ۴/١٧)= انهن جي اهائي وائي آهي.

- طَمَعَ جِي تَوارَ (پرياتي ١/١۴)= طمع جي ڳالهه، لالچ جي وائي.

- تَوارُون = 'توار' جو جمع. ذڪر جا آلاپ. سرائتا آواز. جهونگارون.

- تُنهنجيون تَوارُون (يمن ١/٢)= تنهنجي ذڪر جا سنا آواز. ذڪر جون جهونگارون. تنهنجي ذڪر جون توارون.

- تکيون تَوارُون (سنهڻي ٣/١٠)= تکا آواز. لاتون. رڙيون. تکي پاڻيءَ جا آواز. پاڻيءَ جا تکا کڙڪا.

- تَوارُون پُون (ديسي ٦/٩)= اُنَ جون رڙيون پيون پون (جو سوڙهو ڏکيو لڪ ٽا لنگهن).

- تَڙِ ٽا تَوارِينِ (سامونڊي ۴/٢۴)= تڙ ٽا آواز ڪن. تڙن تي آوازن جا غلغلا پيا پون.

- تَوارِين (رامڪلي ٧/٨)= هڪ ٻئي کي سڏ ڪن ۽ پاڻ ۾ ڳالهائن.

● تَوانو (يمن ٢/٢٣)= بالڪل تندرست.

● تَواضعو (ڪلياڻ ٣/١٨)= ٻه معنائون (الف) (عربي. تَوَضُعُ= وضو ڪرڻ) وُضو ڪيو ٻاهران جسم کي ڌوتو، صاف ڪيو (ب) تواضعڻ. تواضع ڪرائڻ. نهٺائي ۽ نئڙت ۾ آڻڻ.

● تَوائي= گمراه. واٽڙو. ڀليل. منزل کان پري. هلڪڙو.

- توائي ڪرڻ= واٽڙو ڪري اماڻڻ.

- کَري توائي تَنِ کي (سامونڊي ١/٦)= تن کي واٽڙو ڪري، موڳو ڪري منجهائي.

- تَڙ تَوائي (سري راڳ ١/٢٢)= تڙ کان ڀليل. بندر کان پري ٿي ويل.

- تنه رِءَ تَوائي (ديسي ٢/٦)= ان (رهبر. مرشد) کان سواءِ گمراه.

- تَوائي ڪَري (سري راڳ ٢/٧)= رُلائي. بي حال ڪري.

● تَوبَه (پورب وائي ٢/٢. مارئي ١٠/١٠)= قرآن شريف جي سُوره نمبر٩. توبَه = پڇتاءُ. گناهن کان توبهه ۽ وري توبهه. هميشه لاءِ گناهه کان بس.

- ڪَيَمِ توبَهَ تَنِ کان (راڻو ۴/١٠)= تن گناهن کان توبه ڪيم (جيڪي مون طلسمي ڪاڪ محل ۾ ڪيا ۽ بي گناهه ماڻهو مارايا).

- تَوبَهه تاڙَ (رامڪلي ۴/١٧)= توبهه جو تاڙ. توبهه جو سخت ڪڙو.

● تُوتُ= ميوي جو قسم.

- تُوتَ پَچَنِ (مارئي ٦/٨)=تُوتَ پچي تيار ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● توتي ريڊو (ڏهر ٣/٤)= توتي راجا راضي ٿيو.

● تَوڏَ (ديسي ٦/٢٠)= توڏا، اُٺ.

توڏِي (سنهـــڻي ١/٢١، ٣/٦، ٤/٥، ٨/١)= نوجوان مادي اُٺِ جيڪا سمنڊ لڳ ڊيلٽائي دريائن مان پين ائن کـان اڳ ۾ پاڻي مـان تڪڙي تـري وڃي (ننڍي نيٽي نوجوان زال (=سنهڻي) مجازي نالو.

● تُورَ (راڻو ٤/٥، مـارئي ١/٥، سنهـڻي ٩/١)= هم سَن، هم عمر، هڪ جيڏين سرتيون، مون جيڏيون ۽ مون جيڏا، (ب) تور (=ترڪ)= سهڻو محبوب ميهار (پاڻ نه گهڙي ۽ مون ڏانهن نه اچي).

ـ پَسُو تُورُ تَڪُون ڪَري (ڪنيات ٤/١)= پاڻ جيڏا (=پنهنجو تور) ڏسي اوڏانهن وڃڻ جون رٿون ڪري.

ـ تُورُ (ڪنيات ٤/١)= پنهنجي تور وارو گلو.

تورِينِ (ڪلياڻ ١/١،٢)= ان واٽ ۾ هلن، ۽ ان کي آزمائين، پيٽين ۽ ماٽين.

● تورِ= آخري منزل، انت، انتها.

ـ تاڻِنِ مٿي توڙ (يمن ١/١٩)= چـڪين، ڪاهين، هَلن بالڪل آخري منزل تائين.

توڙا (ڪاموڏ ٢/٣، سنهڻي ٣/١٣)= اصل کان.

توڙان (ڪلهوڙي ١/٢٠)= ڪڏهن به، سڄي حياتيءَ ۾.

ـ توڙاهُ (سري راڳ ٢/٢٧)= توڙا، هميشه، توڙ تائين.

● توڙائين (سنهڻي ٤/٥)= اصل کان، ازل کان.

● توڙي = جيتوڻيڪ.

ـ توڙي توائي (سـري راڳ ٣/٧)= ٻيـڙي توڙي تڙ کـان توائي ٿي وئي آهي، تـڙ تي پوري نـه آئي آهي ۽ پرتي ٿي وئي آهي.

ـ توڙي تُپ مارِينِ (ڪارايل ٣/١٣)= تُوڙي صفا مارين، نيٺ به مارين، آخر به مارين.

ـ توڙي سوڏَنِ سَوَ (راڻو ٨/١٦)= توڙي سوڏا سَوَ مڙن.

ـ توڙي هُونِ هزَارَ (معذور ٥/٢)= توڙي پيٽ ۾ پيا هزار ڪٽي هجن.

● تَوسي (سارنگ ٢/١٥)= (جمع تَوسِيون) طوقن وارو ڳچيءَ جو ڳهه، ڏهري.

● تُون (يمن ١/١)= تون ئي.

ـ تُون نہَ مَرِين! (يمن ٦/٢٧)= تون چونہ مئين! تون چونہ ٿي مَرين! (تون جيڪر مرين ها!)

ـ تُون (ڪلياڻ ٣/٤)= اي ڏاٽي تون، اي مالڪ تون، اي ستار تون.

ـ تُون آڳُ (بلاول ٣/١)= تون آڳُ جنهن تي هٿ سيڪجن ۽ پڻ ڪاڏو پڇي.

ـ تُون اَجهو (بلاول ٣/١)= تون ئي سک ۽ پناهہ آهين.

ـ تون اوڍَڪَو (بلاول ٣/١)= تون ئي ڍَڪ وارو لباس، تون ئي منهنجو ڍَڪُ.

ـ تُون پَارِيج (آبري ٤/١٤)= تون پنهنجو وعدو پاڙيج.

ـ تُون جي ڪَالَهہ مُئِي (حسيني ٩/١٧)= تون جي ڪالهہ مرين ها.

ـ تُون جِيين (بلاول ٢/٤)= شال تون جِيين، شال جيين.

ـ تُون ڏِيين (يمن ١/٣)= تون ئي تـو درد ڏئين، درد تنهنجي طرفان ئي آهي.

ـ تُون ڪِيـئَن اِنهِين تُـوڪَ سِين (آسا ٥/٥)= تُون ڪيئن اها شيء (توڪ) ڪنيو پيو گهمين.

ـ تُون لاَهِين (يمن ١/٣)= تون ئي تو بيـماري لاهين. بيماري کان ڇڏائين، درد کي دفعي ڪرين.

● تونگ (حسيني ٥/١٦)= سرڙها لَڪَ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

● تُوڻ (حسيني ٥/١٠)= قوت، ڪاڏو.

● توڙي = توڙي.

- توڙي ڏي نه ڏي (اليلان ٤/١٥)= جيتوڻيڪ هو ڏئي نه ڏئي (يعني مون کي وارو ڏئي نه ڏئي، پاڳ ۽ سهاڳ جو وارو).

- توڙي لَکَنِ لَکَ (معذور ٤/١٠)= (ان جبل ۾) توڙي ڪٽي لک اوچا لڪ هجن ته به سَيني سِڪ سان لنگهي پار پونديس.

● توهُه (سري راڳ ٢/١٧، ٻرو ١/٢، راڻو ٨/١٤)= راضپو (الله جو)، فضل، لطف، ڪرم، رحم ڪرم.

- توهَ ڪري (سري راڳ وائي ٢/١)= احسان ڪري.

● توءِ = ته ڪر، ته پلا، ته به، ته هوند، تنهن هوندي به، تڏهن به، ته پڻ، تان به ضرور.

- جاڻين توءِ مَ جاڻُ (پرياتي ١/١٩)= جي تون جاڻين ٿو ته به ائين پاڻ ته نٿو جاڻين.

- چِنَنِ توءِ مَ چِنُ (ڪوهياري ٦/١٢)=هو توڙين ته به تون نه توڙ.

- ساٿي توءِ هَلَنِ (حسيني ٤/٧)= ساٿي ته به هلن.

- ساجَنِ توءِ سَري (ڪلياڻ ٤/٢١)= پياري سڄڻ جي ته به سَري.

- مانَ وِرمَنِ توءِ (ڪلياڻ ٥/١٩)= ته ڪر، ته پل (توءِ) آهستي ٿين ۽ وڃن.

- توءِ تَني جي تاتِ (ديسي ٥/٣)= تنهن هوندي، تڏهن به تو کي انهن جي تات آهي.

- توءِ تشنگي تار (آبري ١/٥)= ته به گهٽي اُڃ.

- تَوءِ تلاشُون ڪَن (آسا ٢/٢٣)= ته به پيون نهارن، جهاتيون پائن.

- توءِ پاڙج ڪومَ پرينءَ سين (معذور ٥/٢)= ته به پرينِ سان هرگز ڪو به مَٽ نه ڪجانءِ.

- توءِ پريان جي ڏيهَ (حسيني ٩/١٢)= ته به محبوبن جي ديس.

- توءِ پاندي پُوري نه ٿئي (ڪاپائتي ٢/٨)= ته به ڪَتيندي، ڪپڙي جو (رهيل) پاند پورو نه ٿئي. ٢. گهڻو ڪتيندي پورهيو ڪندي، ته به ڪمائي پوري نه ٿئي، گهرج پوري نه ٿئي.

- توءِ چيلهه ٻَڌيو چوٽين چڙهي (آبري ٧/١٨)= ته به سندرو ٻڌيو جبلن جي چوٽين تي چڙهي.

- توءِ گهرنَديسِ اَڃ (سنهڻي ٤/٢٠)= ته به ضرور آءُ اڃ ٿي گهرنديس.

- توءِ لِکيي کي ڪرنه لَهي (آسا ٦/٥)= ته به لکي ويندڙ کي ڪو به نه ڳولي سگهي.

- توءِ مَ لَڳُ (سنهڻي ٨/١٣)= ته به ويجهو نه وڃ، ساٿس نه لڳ.

- توءِ مُلُ مَهانگو اُنِ جو (ڪاپائتي ١/٢٢)= تنهن هوندي به ان جي قيمت ڳري آهي.

- توءِ موٽَڻَ جي ڪانه ڪري (آبري ٤/١٧)= ته به پوئتي ورڻ جي وائي ڪانه پئي ڪري.

- توءِ وَڃبو تَنِ ڏي (آسا ٢/وائي ٢٠)= ته به تن ڏي وڃبو.

● تَهُ (مارئي ٦/١٣)= رَلِيءَ جي هيٺئين ترَ واري پڙَ جي مٿان ڀريائين لهُ (سنهيون پراڻيون اڳڙيون) تهه طور وجهبو، لهُ جو تهُ ڏبو.

- تَه وڌائون (مارئي ٦/١٣)= تَهَ مِ وڌائون، تَهَ طور وڇايائون.

● تِهَان = تنهن کان، ان کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي اهي ڳل جيڪي تئونر تي پوتجي وجن سي مارين.

● تَئونسَ (سنهٽي ٦/١)= ١. گرمايش، پياس، ٢. پيارجي گرمي.

● تَئيءَ تَرو (رپ ١٩/١)= وڏي تـئي جو ترو (هينيون پلسو).

● تي = تيلانه، تنهن جي ڪري، تڏهن، تنهن سبان، جي (جڏهن) جو جواب تي (تڏهن).

ـ نوريءَ نوازئو، تـنو تماچي تي (ڪاموڏ ٤/٦)= نوري جڏهن جام تي نوازش ڪئي تڏهن هو تماچي ٿيو.

ـ صُوفي تي ٿيا (ڪلياڻ ٢/٦)= انهيءَ سبب جي ڪري صوفي ٿيا.

ـ لِڏا تي لَيَنِ (ڪلياڻ ٥/٢٤)= تڏهن ته هو ڳوليا لين (وڏي ڳولا سان ئي لين)، ڳولڻ سان ملن (سولا نه ملن).

ـ ڪَرَهو تي ڪامُون سهي (ڪنيات ٥/٤)= اُٺُ تڏهن ٿو لَڪڻ سهي.

ـ تي ٿي سيءَ ڳذاريان (سامونڊي ٤/١٣) = تڏهن ٿي سيءَ ۾ رهان، تڏهن ئي سيءَ سهان.

ـ وَهي تي وَهه سامُهُون (سري راڳ ٣/١٠)= تڏهن ته تي ٻيڙي سِير سامهون هلي (جڏهن ان جي سُکاڻ وارا مضبوط آهن).

ـ تَرَّ نهاريان تي (سامونڊي وائي ١/١)= تنهن ڪري ٿي تَـرَّن تي ڳولا ڪريان.

ـ تي چِلُون ڪريان چِپَرين (آبري ٢/٨)= تڏهن ته ٿي جبلن تي جلهُون ڪريان.

ـ تي ٿِي ڏونگر ڏوريان (ديسي ٦/١٥)= تڏهن ته ٿي جبل ڳوليان.

ـ تي روز روئين ٿِي راهَ ۾ (ڪوهياري ١/١)= تنهن ڪري ته روز پني واٽ ويندي روئين رڙين.

ـ سُورُ سَلِتَمِ تي (ڪوهياري ٤/٩)= انهيءَ ڪري سُور سَلِيم.

ـ تي لَهين (ڪاموڏ ٤/٢)= تڏهن لهين، ته پوءِ تون ان کي ملين.

ـ تي پَڌَرِ پيئي (آسا ٥/٨)= تنهن جي ڪري پڌري ٿي پئي، خوار ٿي.

ـ تي لائِقُ لَڏائين (سورٺ ٢/٢)= انهيءَ ڪري اهو مانائتو، شانائتو لڏائين (ڪيس مليو).

ـ تي اُٿانگا آرَ تَران (سنهـٽي ٤/١٤)= تڏهن ته، تنهن ڪري ئي ٿي درياءَ جا ڏکيا وهڪرا تَران.

ـ تي جيَان تي جِيَان (سنهٽي وائي ١٠/١)= تڏهن جيان تڏهن جيان.

ـ تي راضي ٿيو (سورٺ ٢/٥)= تنهن ڪري راضي ٿيو.

ـ تي لهنديِنءَ (معذور ٥/وائي)= تڏهن ڳولي لهنديِنءَ.

ـ تي مِڙيوس (مارئي ١١/٣)= تڏهن مليس.

ـ تِي وِيَاسِ (حسيني ١١/وائي-٢) = تڏهن وِيَسِ.

● تيرُ= نيزو، ڀالو.

ـ تيـرَ چِڪائي تَنِ کي (راڻو ٣/٨)=اکين جي تيز نظرن جا تير تن کي هٽي، گهورن سان گهائي.

● تيزَ تڙي (سارنگ ٣/٧)= مِينهن جي تِکي سَٽَ.

● تيغ (يمن ٤/١٩)= ترار.

ـ تيغُون (يمن ٤/١٧)=(واحد. تيغ)= تراريون.

● تيلَ چَنبيلنا (راڻو ٣/٢)= چنبيلي جي خوشبوءِ دار تيل سان واسيل.

ـ وِئو تيلُ ٻَري (راڻو ٥/٧)= تيل ٻري ختم ٿي ويو.

● تيلاهه (سري راڳ وائي ١/٢، سامونڊي ١/٧)= تنهن لاءِ، تنهن ڪري، انهيءَ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ تيـلاهَ مَـرَنِ اُڄ (آبري ۱/۸) = تنهن لاءِ مَـرن اُڄ، انهيءَ ڪري سچا عاشق اُڄ ۾ رهن ٿا ۽ پڻ اڄ ۾ مرن ٿا (جيتوڻيڪ اهي پاڻي ۾ هجن).

ـ تيلاَهين = تنهن لاءِ ئي، تنهن جي ڪري ئي، انهيءَ سببان ئي، تنهن ڪري.

ـ تيلاهِين پِنامِ (يمن ۲/۲۲)= انهيءَ ڪري ئي مون کي پيا، تنهن ڪري مون کي پيا.

ـ تيلاهِـين طَعنو (ديسي ۱/۱۹)= تنهن ڪري طعنو (جو آءُ سندن ڪاليّاري) آهيان.

ـ تيـلاهِين تَنگوُن ڪرِين (ڪوهياري ۲/٦)= تنهن ڪري تو گهُٽون ڪرين، هَلائون ڪرين.

ـ تيـلاهِين تَرِيِ (سنهڻي ۱۱/۵)= تنهن لاءِ ئي تَرِي، تنهن ڪري ئي تَري.

● تيلِيءَ- رُوهه (ڪنيات ۱/۱۷)= سائيـرڙي- نيـرڙي رنگ وارو (چـمـڪـندڙ تارو) (ٻوليءَ ۾ رنگ ڪي، تيل جي رنگ جي منلسبت سان، 'تيليو' ڪونه سڏيو ويو، پر سائيري- نيرڙي گَڏيل رنگ جِي رُوهه واري جانوَر کي 'تيليو' سڏيو ويو.

● تيهاڻي= تهڙي ئي.

ـ تيهاڻِي بِڪِيَا (ٻلاول ۱/۱٦)= تهڙي ئي بکيا، تهڙي ئي خيرات.

● تِيهِين (سلمونبري ۳/۱۹)= تيئن اي.

● تِيئَن جي پُڃَن پَنڌ (رامڪلي ٦/۱۴)= تيئن جي اڳتي پنڌ ڪرڻ لاءِ پُڇا ڪن، پنڌ جي ڳـڻـتي ۽ اونَ ڪن، ڪوشش ڪن.

ـ تِيئن نه هوءِ (راڻو ۱۰/۷)= تيئن نه آهي.

# ٿ

● ٿَلجَا= ۱. مزا، شغل، ڳالهيون ڪچهريون، ۲. ٿلجا=تلجا= تازا (پاڻي مينهن جا، ڏٿ طعام، ميوا).

ـ ٿلجا ٿَرَ بَرَ جهل (مارئي ۸/۲۷)= تازا (پاڻي مينهن جا) ٿرجي پٽَن لڳ.

ـ ٿَرَنِ ۾ ٿلجا، ڪَري مُنڌَ مِرنِ سين (ديسي ۷/۱۱)= ٿرن برن ۾ سنئي (منڌ) مرن سان گڏ ڳالهيون رهاڻيون ڪري.

ٿاڏيل (مارئي ۲/۱۴)= ٿاڏل، ٿڏائي (مُند جي).

ٿـاڪَ (مـارئي ۲/۱۳، ۴/۱۴)= مـقـرر مـاڳ، مدامي رهڻ ويهڻ جا ماڳ.

● ٿانءُ (مارئي ۲/۱۲)= ٿاءُ= ماڳ، مڪان.

ٿانگَ رَوَان (ديسي ۷/۲)= (بلوچي) ڪيڏانهن وڃان.

● ٿاءِ (آبري ۸/۱۰، ۱۰/٦)= ماڳ، منزل، جاءِ.

● ٿَڏي ٿَڪِي نه وهي (معذور ۵/۷)= ٿڏ (ڇانوَ) ۾ ٿڪجي ويهي نه رهي.

● ٿَرُ= پـٽن ۽ واري وارو ملڪ، سنڌ جو ڏکڻ- اوڀر وارو ڀاڱو.

ـ ٿَرِ اُڪرِي (مارئي ۱/۷)= اُڪري ٿر ۾ وئا، هتان ٿر ڏانهن ٽپي ويا.

ـ ٿَرَ ٻَاٻِيهَو (آسا ۳/۲۵)= ٿر جو ٻاٻيهو=ننڍڙو سهڻو ڳاڙهيرڙو ڳيرو (نازڪ پکي جيڪو مني، جون ۾ هاڙهه ۾ سخت جهولي ۾ سنجي مريا).

ـ ٿَرِ ٿُوهَرَ ٻَرِ جهُوپِڙَا (مارئي ۸/۲۱)= ٿر جي ٿوهرن

داڻهن ڪريان.

– ٿِي نِيشَانِ (حسيني ١١/٥)= هوءَ نروار ٿي، هوءَ پڌري ٿي، ظاهر ٿي.

– ٿِي واڌائِيءَ وِيرَ (بلاول وائي ١/١)= مبارڪ جي محل آئي.

– ٿِي وَهيٽي سَجَڻين (يمن ٢/٤، ڪوهياري ١٠/٤)= وڃي محبوبن جي حوالي ٿي، سجڻن جي هٿ وس ۾ حوالي ٿي (جن وٽ علاج آهي).

– ٿِي (يمن ١٦/٥)= (اُتر جي پولي) اٿئي، تولاءِ آهي.

ٿِيا سَٽائِيءَ سِيرَ (سامونڊي ٣/١)= (پيڙيءَ ۾) موافق هوا واري رخ سان روانا ٿيا.

● ٿِيَسِ ڳاهُه (مارئي ٢٢/٥)= آءٌ ڳاهجي رهيس، سخت چيپاتجي رهيس، ڳُهٽجي رهيس.

● ٿِيشِي (ديسي ٢/٧)= (بلوچڪي) اوهان کان سواءِ.

● ٿيڪڻ = تلوار يا خنجر مياڻ ۾ وجهڻ، بند ڪرڻ.

– ٿيڪ مَ (يمن ١/٣)= تلوار يا خنجر مياڻ ۾ نه وجهه.

● ٿڪيائي تون ٿيلِ (آبري ١٦/١)=ٿڪي آهين ته به هَلي منزل پوري ڪر، هلي پار پئُه.

● ٿيلهي (سنهٽي وائي ١/٣)= پنهي پانهن سان پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪي.

– ٿيلئو (سامونڊي ٢٩/٣) = پيڙيءَ کي ٿيلئو، پيڙي کي ڪناري کان ڌڪي پري ڪيو (رواني ٿيڻ لاءِ).

– ٿيلِين (بروو ٩/٣، مارئي ٢/٦) = ٿيلهي پري ڪَنِ، (هٿن سان) ٿيلهي پري ٿا ڪن.

● ٿيلِيُون (سنهٽي ١٨/١)= ٿيريون مَچيون.

● ٿِيَڻُ = ٿي پوڻ.

– ٿِيَنِ (مارئي ١٤/١١)= ٿي پوَن.

– ٿِينِ سوڙا (سنهٽي ١٣/٣)= سوڙها ٿين، ڏکيا ٿين.

– ٿِيُون هَسو (معذور ٦/وائي-١)= کِلو ٿيون.

– ٿِيِين سَاجائو (آسا ١٩/٧)= تون هوند ساجاءِ وارو ٿئين.

– ٿِيندَءِ ڪونه (ڪلياڻ ١٨/٣)= فائدو ڪونه ٿيندئي، ڪجهه حاصل ڪونه ٿيندئي.

– ٿيندي سُڌَ سِيڪَنهِين (يمن ٢٢/٦)= سيڪنهن کي خبر ملندي.

– ٿِيندِيَس ڪِيئن قَبُولُ (مارئي ٩/٤) =قبوليت ۾ ڪيئن ايندس، ڪيئن مقبول ٿيندس، ڪيئن قبول پوندس.

## ٽ

● ٽاٽارَ (سورٺ وائي ١/١)= هلڪڙا.

● ٽارڻ= پري ڪرڻ.

– ٽَارِين (يمن ٨/٦)= ٽارين پيو، پلسي ڪرين پيو (ته جيئن اهو نه پٽين).

● ٽاڪَرَ (آسا ١١/١)= ٽڪرن واري پيٽي، ٽَڪرَ.

ٽَانڊين ٻَاٻرين (يمن ٣/٤)= ٻٻرن جي ڪانئن وارن وڏن ٽانڊن ۾.

● ٽَاڻَ (ڳهاتو ١/١)= ٽاڻا، اُهڃاڻ، اٽڪلون، حيلا.

● ٽَرڻ= پاسي ٿيڻ.

– ٽَرِ (ديسي ١/٣)= پاسي ٿيءُ.

● ٽرسَنئي (ڪاپائتي ١٦/١)= ٽن سَوَن تندن واري اُچت، ٽن سَوَن تندن جي ٻَرَ واري تاڃي.

● ٽُروهُ (توهه) (يمن ٨/٦)= (ع. حَنظَله) ننڍي گول گدري مثل هڪ نهايت ڪڙو پتو جنهن جي ول ساوڻ جي مينهن تي واريا سي زمين ۾ ٿئي.

– ٽروهه ٽَسڪڙا (مارئي ٩/٦)= ٽوهن ٽسڪڙا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٺ

● ٺـاٺـارو (آبري ۷/وائي-۲)= ٺلمي، ڪُٺ ۽ جست جا ٺانءَ ٺاهيندڙ.

● ٺان ٺوڪِينِ (ڏهر ۳/۱۱)= ٺاهي پياٺوڪين(تياري پيا ڪن).

● ٺاهڻ= جوڙڻ، بڻائڻ، تيار ڪرڻ.

ـ مِٺ منجهيـنئي ٺاهه (يمن ۴/۷)= مِٺ پنهنجي اندر ۾ئي مچاءِ.

● ٺَپَ (ڪـليـاڻ ۴/۲۱، يمـن ۲/۱۹)= ڏڪ، زخم، فراق جا ڏک درد، ڏکن وارا زخم، گهاوَ.

● ٺرڻ= ٿڌو ٿيڻ.

ـ ٺَرِئا (بلاول ۱/۷)= ٿڌا ٿيا ۽ راحت ۾ آيا.

ـ ٺَرِئُو هَٿِ حَبِيبَ جَو (يمن ۳/۱۷)= محبوب جو هٿ جنهن سان (عاشق کي ڏک هنيائين) تنهن کي راحت آئي! محبوب کي راحت ملي!

ـ ٺَرِي (ڪلياڻ ۴/۲۱)= ٿڌائي ٿي (سورجي)، صفا لهي ختم ٿي.

# ث

ثابِتُ لَنگهـئـا (سـري راڳ ۲/۳۳)= بنا ڪنهن نقصان جي سلامت لنگهي ويا.

ـ ثابُوتُ (بروو ۲/۱۲)= پڪا، پختا.

ـ ثَابُوتِي (ڪلياڻ ۲/۲۲)= محڪم ارادي، پڪي يقين ۽ مڪمل ايمان واري حالت ۽ ڪيفيت.

● ثانِي سِڄُ (بلاول ۱/۱۷)= سڄ جو ثاني، سڄ برابر (جتي ڪتي روشني ڏئي).

● ثُمَ لاَ يَمُوتُ فِيهَا وَلا يَحيٰ (ديسي ۴/۹)= پوءِ نڪي ٿو ان ۾ مري ته نڪي جيئي.

● ثَمَرُ (سري راڳ وائي ۴/۱، ديسي ۵/۵)= توشو، هڙ موڙي، قوت، سفر ۾ ڪاڏي پيتي جو سلمان ۽ خرچ.

ـ ثَمَرُ ڪِنائون سِڄ جو (ڪاهوڙي ۱/۸) سِڄ کي سفر جو سلمان ڪري ڪنيائون، پيينگ کي پنهنجي لاءِ سفر جو سلمان ڪري ڪنيائون.

● ثَوابُ (سنهڻي ۲/۵)= اجر، چڱائي، نيڪي ('صواب' پڙهجي ته به ان مان معنيٰ نڪري ٿي).

ـ ڪونهي سُولُ ثوابُ (يا) ڪونهي سُود ثواب (سنهڻي وائي ۱/۱۲)= ٻنهي مان معنيٰ نڪري ٿي. سُول= سهڻو، سهڻائي. (چوندا: 'ڪم سُول ٿي ويو'، يعني سهڻو ٿي ويو. چوندا: 'ڪونهي سُک جو سول'= سُک وارو سَهنج ڪونهي، ڪونهي سول ثواب= ظاهري ثواب واري خيال ۾ معياري سونه يا بلندي ڪانهي (يعني اهو هڪ عام خيال آهي) ڪونهي سود ثواب = ثواب ۾ سود ڪونهي، سود جو ثواب ڪونهي. (اي خدا جي بندي يا بندا! گناهه ڪان سو پيچ، باقي ظاهري ثواب واري رسمي حال ۾ ڪو نفعو ڪونهي).

# پ

پاءُ= تور جو هڪ ماڻ، 'سير' جو چوٿون حصو.

ـ پَنجين لَکين پاءُ (ڪنڀات ۴/۷)= هڪ پاءُ جو مُلهه پنج لک روپيا.

● پاٻوڙو (ڪلموڏ ۱/۹)= پيڻ جو ٻچن وارو مولهيو، پيڻ جي لام جي چوٽيءَ ۾ ٻج وارو ٺـونـڊ، پيڻ جا پن پاٻوڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب کي پيغام ڏج.

– پارايا پرين جا (مارئي ۲۱/۱۱)= محبوبن جا نياپا.

– پارانيا (ڀروو ۲/۳، ۲/۱۰)= پارايا.

پاران (مارئي ۱۸/۱۱)= وتان، طرفان.

● پارچا (سري راڳ ۱۴/۱)= قسمين قسمين ڪپڙا.

● پارسُ=( آڳاٽي روايت موجب) اهو پٿر جيڪو لوهه کي لڳي ته لوهه سون ٿي پوي.

– تُون پارِسُ (پرڀاتي ۱۵/۲)= تون ئي پارس آهين (جيڪو لوهه کي به سون ڪري ڇڏين).

– تنه پارَسِ پيراتي (سورٺ ۷/۲)= تنهن وڏي راڳيندڙ (پارس) پوري صحيح (پيراتي) تند وڄائي.

– پارِس رَسِجَ پَبَ ۾ (ڪوهياري ۱۱/۶)= اي پنهون پارس! تون ان کي پب جبل ۾ پهچج.

● پارِسيُون (ديسي ۱/۷)= ۱. پارسي ٻوليون.بلوچي ٻوليءَ جا لفظ، يعني بلوچي ٻوليءَ ۾ پيا ڳالهائين. ۲. راز واريون ڳالهيون.

● پارَڪَرَ (سارنگ ۱۶/۴)= ٿر جي هڪ پاڳي جو نالو.

پارڪَ = پرڪا، پرک.

– پارڪَ پَکِيَان (ڪارايل ۱/۱، ۱۷/۲)= پکين جي پرکا.

● پَارو = سياري جي موسم ۾ سخت ٿڌ، سخت سيءُ.

– پارو پَواڙا ڪري (رامڪلي ۱۱/۴) = سخت سيءُ لڳي، زور سان لڳي.

● پارهيڙي (ڪارايل ۸/۱)= ميربحرن جو هڪ پاڙو، پکين جو شڪار ڪندڙ ميربحر.

– پارِهيڙي پَهُ (ڪارايل ۱۲/۱)= پارهيڙيءَ جو پَههُ، ارادو رٿ.

● پارڻ = پورو ڪرڻ، پاڙڻ، نباهڻ.

– پارِيَنِ ڪانه (ڀروو ۲۸/۲)= تو ڪانه پاري، تو پنهنجي ڳالهه پوري نه ڪئي، تو پنهنجو وعدو پورو نه ڪيو.

– نـَ پَارين (يمن ۷/۵)= تون پاڻ ان تي عمل نٿو ڪرين، تون پاڻ ان تي نٿو هلين.

– پارِين (آبري ۱۳/۷، معذور ۱/۴)= پوري ڪريين.

– سي پَنّا نَ پَارين (يمن ۷/۵)= انهن پنن واريون هدايتون تون پاڻ پورڀون نٿو ڪرين (جو پارڻ لاءِ هڪ مثال بنجي سگهين!).

– پارِئُون (يمن ۱۷/۲)= پوري ڪيائون، پوريءَ طرح مڃيائُون.

● پَاري (آبري ۲/۱، سنهڻي ۵/۸)= پُورو ڪري، نباهي.

– پَاري ٻول (آبري ۱۲/۱)= ٻول پُورا ڪري.

● پَارِئا (ڪاهوڙي ۹/۱)= اي پارئا! اي بي ڪَما! اي نڪمَا! اي واندا.

– پَارِي (ديسي ۱۲/۱۷)= نِڪمي.

● پارِي (حسيني ۳/۸)= پيادي (هيٺين لاڙ ۾ ڪچ ۾ چوندا: 'پارو ويندين ڪِ سواري سان ويندين').

● پارِئل= پاليل.

● پاريل= پارِئل، پاليل.

– جي پَارِيَلَ پُنهُونءَ جَام جَا (معذور ۳/۱)= جيڪي ڪتا پنهون جام جا پاليل آهن.

● پاريون ڪَري (سنهڻي ۱۴/۱۱)= نالِيون ڪري، آڏون ڪري.

● پاڙڻ = پورو ڪرڻ، پارڻ، برابر ڪرڻ، هڪ جهڙو ڪرڻ، مٽ ڪرڻ، بدلائڻ.

– نہ پاڙِئان (بلاول ۲/۱)= برابر نہ ڪريان، نہ ڀيٽيان.

– پاڙِجِ (راڻو ۱/۸)= پورا ڪج.

- پاڙج ڪو مَ پُنهونءَ سين (معذور ۵/۱)= پنهونءَ سان ڪوبه ڀيو برابر نه ڪج، پنهون جي مَٽ نه ڪج.
- قَمَرُ پاڙي ڪيرُ شَمَسُ سُپيرينِ سين (ڪنيات ۱/۱) =چنڊر (قمر) ۽ سج محبوبن سان ڪير مٽ ڪري!
- پاڙيَان (سورٺ ۱۲/۳، سارنگ ۱۵/۱۲، مارئي ۲۱/۶)= برابر ڪري بدلايان، هڪ جهڙو ڪري ڏي وٺ ڪريان. مٽ ڪريان، برابر ڪريان.
- پَاڙِئو وينِي پاڙِ (معذور ۹/۵)= اهو ويني پورو ڪر، سهه ۽ پور ڳ.
- پاڙِينِ، پارِينِ (مارئي ۷/۶)= برابر ڪن، مَٽُ ڪن.
- ● پاڙو (بروو ۱۷/۴)= گڏ رهڻ واري آبادي، محلو.
- پَاڙو ڪَرَڻ (آسا ۱۳/۴)= هڪ ٻئي سان گڏ گهر ڪري ويهڻ.
- پَاڙَئان تو (رامڪلي ۷/۶)= تنهجي پاڙي مان.
- پَاڙي (يمن ۲۲/۲، رامڪلي ۲۳/۴)= پاڙي ۾ پر ۾، قريب، ويجهو.
- پَاڙي پوءِ پَچَارَ (سنهڻي وائي ۱/۷)= پاڙي ۾ ڳالا پئي.
- پاڙي واريُون (سري راڳ ۲۵/۲)= پيون پاڙي واريون زالون (جن جا پتار ۽ پائر سمنڊ پوڙي چڙهيا).
- ● پاڙهيرينِ (بروو وائي ۱/۲)=پاڙهيڙين، شڪارين، مارين.
- ● پَاڙي (حسيني ۲۲/۹)= نوڪر، ٻانها.
- ● پَاسِ (ڪلهوڙي ۱۱/۳)= وٽ.
- ● پَاسا = پنهنجي جسم جا پاسا، پلسريون.
- پاسَا مَٿي پلهَٽين ڪاهوڙي ڪوڙينِ (ڪلهوڙي ۱۳/۱)= ڪاهوڙي پاهٽن پٿرن مٿان (ڏکيا ٿي به) سمهي رهن.
- پَاسَا ڪَوڙِيَو پَون (رامڪلي ۲۰/۵)= پاسا ڪوڙيو پَئجِي رهن.
- ● پلساڙا= پٽن جا پاسا.
- پَلسَاڙَا ٻيِني (يمن ۱۵/۳)=ڪنهن جسم جا ٻئي طرف، پيٽ جا ٻئي پلسا.
- پلساڙِئان (سارنگ ۳/۳)= پٽن جي پاساڙن کان.
- ● پَلسَنگ =اُتَل.
- پَلسَنگ مور نه پُڇِئَا (رپ ۲۱/۲)= هو اُتَل ڪڏهن به نه ڳڻن، ڪين اُتَل وٺڻ جي اصل ڪا ضرورت ئي ڪانهي.
- ● پلسو (ج) پلسا= طرف.
- پلسونِ (ڪلموڏ ۱۴/۲)= سندن (مهاڻن جو) پلسو.
- پلسَنئُون (سري راڳ ۹/۳)= (ٻيڙيءَ جي) پلسن کان.
- پَلسي تَني (ڪلياڻ ۱۴/۵)= تَن جي پلسي، تن وٽ.
- پَلسي ٿِيڻُ (آبري ۱۱/۱)= وڃ چڙهي پلسي تي ٿيڻ، هڪ طرف ٿيڻ، پري ٿيڻ.
- پَلسي ٿِيءُ (ڪلياڻ ۱۰/۳)= تون پلسي تي ٿيءُ، پَري ٿِيءُ.
- پلسي ٿِينِ (بروو ۸/۳، ليلان ۱۹/۲)= پاسي تي ٿين، هڪ طرف ٿين، پري ٿين.
- پَلسي ٿِيي (يمن ۸/۶)= پري ٿي وڃي، نڪري وڃي.
- پلسي پارڪَرَ (سارنگ ۱۸/۴)= پارڪر واري پلسي.
- پلسي ڀولَ (مارئي ۲۰/۵)= ڀول وٽ، منهنجي پياري مارُو وٽ.
- پلسي ڳوٺ (معذور ۲۸/۲)= (جتان نڪتيون تنهن) ڳوٺ جي پرپلسي ۾ ئي رهجي ويون.
- ● پاڪ پُرسَ (ديسي ۲۱/۱)= اعليٰ درجي وارو صاف سچو.
- ● پاڪِي (آسا ۱۴/۱)= پاڪائي، پاڪ هستي، پاڪ وجود.
- ● پاڪريين (يمن ۹/۴، ۱۰/۳)= پکر وارن کي، جن

كي پكر (زره) پاتل آهن. زره پاتل جوانن كي، پهلوانن كي.

● پاكِڙي= پيڙي.

ـ پاكڙين جا (سري راڳ ٢/٣)= پيڙين جا.

● پاكِي= پَڇي ۽ پاكي ٻئي ساڳي ڳالهه، بالكل چڱڙي پٽڙي رب.

ـ پَڇي پاكي پٽڙي (مارئي وائي ٢/٣)= چڱڙي پٽڙي رب.

● پاڳ (بلاول ١٢/١)= پڳ، سرداري.

● پاڳوڙو (بلاول ٢/٣)= ركيب.

● پالُ (سامونڊي ٢١/١)= پورچوگال يا ٻي كا مغربي طاقت مثلاً ڊچ يا فرنيچ (وڌيڪ تحقيق طلب).

● پَالأرَ (ديسي ٤/٣)= پاند، لأمن جون لڙكيل پوچڙيون.

● پالرَ (كارايل وائي ١/١)= پَلر، مينهن جو تازو پاڻي، ڳهٽو جهجهو پاڻي.

● پَالهو (كلياڻ ٢٢/٢)= خالي، آجو، پري، وانجيل.

ـ پسَڻَ كان پالهو رَهين (كلياڻ ٢٢/٢)= ديدار كان محروم رهين.

ـ پالهُو پاندُ (سورٺ ١٠/١)= خالي پَلئُه.

● پَالي (ديسي ٥/٤)= سنڀالي، پنهنجي كري.

● پانَ (سري راڳ وائي ١/١)= پَن، پن پردو، حفاظت، امان.

● پَانجَارِئَا (ديسي ١٣/٢)= پنجن سالن جا پورا جوان اُٺ.

پانُجِري (سامونڊي ٨/١)= جيكو متي پنجر واري جاء تي ويهي ۽ پري پري پاڻي، مڇي وغيره ڏسي جي جانچ كري ۽ هيٺين كي ٻڌائي.

● پاندِ (كلياڻ ٢٠/٤)= پاندَ تي، ڇيڙي تي، چوڻي تي.

ـ پاندَ نه كوء (ڏهر ١/١)= ڊيگهه يا ويكر جو كو ڇيڙو كونه.

ـ پاندَ نِسَرِئا (سامونڊي ٩/٤)= چوڻيون نِسريون.

ـ پاندِ تُنهِنجي پوء (سورٺ وائي ١/٢)= پاند تنهنجي ۾ پوي، توكي ملي.

ـ مُون پاند پئو (مارئي ١٨/١)= منهنجي پاندَ ۾ پيو، مونكي مليو.

ـ پَاندِ پُڇِي (ديسي ١٢/٧)= پاند كي پڇي جهلي.

● پاندَ (رپ ١/٣)= پَلئه (تنهنجي پناهه جو).

ـ پاند پَناهَ جو (ڏهر ٤/١)= بچاء جو پَلئه، حفاظت جو پَك.

ـ پاند ڳِچيء پائيج (آبري ٦/١٠)= (عام معروف ۽ مقبول رسم مطابق) ڳندي ڳچيء ۾ وجهي بخشائيج.

● پاندَ تَمَنِ (ڏهر ٧/٤)= پاسا تمن، پاسن كان پاڻيء جا ڦڙا پيا تمن (مينهن جا سگَ پيا تمن).

● پاندِي (كاپائتي ٨/٢)= ١- تاليء جو پاند، آخري حصو. ٢. پڇاڙي.

● پاندَّ= پاندَ.

ـ سِڙَهه پُراڻا پاندَّ (سري راڳ ٤/٣)= سڙهه جا پاند پراڻا آهن (سڙهه پراڻو آهي ۽ واء جي سٽ نه جهليندو).

● پانڊِيا (راڻو ١٣/٨)= اي پانڊيو!

● پَانڊِي پَرَوَرَ ميڙِ (رپ ١٧/٢)= اي منهنجا رب مون كي اهي پانڊي ملاء (جيكي مون كي پياري پرينء جي خير جون (كينء جون) خبرون ڏين.

● پانڊَپ (بلاول ٢/١، ٦/١)= وڏي ڏاتار، وڏي سردار.

ـ پانڊَپَ كئِي پانَ (سورٺ ٢/٤)= اي پانڊپ، اي

پلارا، پڻ مهر ڪري پنهنجي پان واري پڪ هن پينار تي وجهج.

● پانَنِ پڪَ (راڻو ١٣/١)= پانن جي ڳاڙهي پڪَ.

ـ پانوراتِيءَ (راڻو ٤/٢)= پان واري (لال) پڪَ.

ـ پانَنِ پَنَ (راڻو ٣/٣)= پانن جا ساوا پن.

● پانهيرو (ڪنيات ١٧/٢)= پوءِ پرو، ٿورو دير سان.

● پانهين (سنهٽي ٤/٢)= پوئتي.

ـ مُتان ڪا مُنڊ ڏئين، پانهين پَسي پَبُ (ڪوهياري ٦/٨)= اي منڊ! پب وڌو جبل آهي پر تون ان کي ڏسي متان ڏجين ۽ پوئتي مرت (پانهين) ڪئين، متان پوئتي ورين.

● پانِهِ (سنهٽي ١٢/٢)= پاءِ، پير.

● پاڻُ= خود پاڻ، پنهنجو پاڻ، پاڻ مرادي، پنهنجي مرضيءَ سان.

ـ ڪَري پاڻُ ڪَريمُ (ڪلياڻ ١/١)= الله مهربان موليٰ پنهنجو پاڻ ڪري.

● 'پَاڻُ'= آپو، آءُ، انانيت.

ـ 'پاڻُ' پَردو 'پاڻَ' (ڪلياڻ ٢٣/٢)= پاڻ ئي پنهنجو پردو آهي. (هڪ عزيز جي خيال ۾ هت 'پاڻ' مان مراد 'حق تعاليٰ' آهي، ۽ اها معنيٰ ابن العربي جي هن قول موجب ٿيندي ته 'خلق السموات والارض بظهوره في مظاهر ها واحتجابه بصورها"= حق تعاليٰ آسمان ۽ زمين خلقيا اهڙيءَ طرح جو ذات جي جلوي سان انهن جا مظاهر بنيا ۽ پويان ذات حق جي حجاب جي ذريعي انهن جون صورتون نمودار ٿيون. اها معنيٰ نهايت ڳوڙهي آهي، سالڪن لاءِ شايد سولي هجي، پر تصوف واري عام مفهوم توڙي حقيقت جي لحاظ سان مٿين معنيٰ وڌيڪ موزون ۽ مناسب ٿيندي).

ـ جان جان پَسين پاڻَ کي (ڪلياڻ ٢٠/٣)= جيسين تائين تو تنهنجي نظر پنهنجي پاڻ تائين آهي.

● پَاڻَ= جند، وجود، ذات، جوهر.

ـ پاڻهين پاڻَ خيالُ (ڪلياڻ ١٨/١)= پاڻهين پنهنجي ذات سان ئي، هو پاڻ پنهنجو خيال آهي.

ـ پاڻَ سين (رامڪلي ٣٦/١)= پاڻ سان (ڪي پٺو، ڪو پيو).

● پاڻَ = اسان.

ـ پاڻَ پَرائو چاڙهئو (سري راڳ ١٥/٣)= اسان پرائو مال پيڙيءَ ۾ چاڙهيو.

● پاڻِ (يمن ١٨/٢)= پاڻان، ويتر، هيڪاري.

ـ ڪِري ڪَنِ نه پاڻِ (يمن ١٨/٢)= پاڻان پرهيز ۽ رک نه ڪن.

ـ وَهِ وِجائي پاڻِ (يمن ١٤/٤)= وَهَه ۾ پاڻ کي وڃائي، ڏکن جي وارو وار ۾ پاڻ کي فنا ڪري.

● پاڻُ= پنهنجو خود، پاڻپڻو.

ـ نه ڪو سائَنِ پاڻُ (رامڪلي ٣٥/١)= نه ڪو سائن پنهنجو پاڻ، پنهنجو هئڻ ۽ هستي.

ـ پاڻُ ڪَڍِي وِئين پوءِ (بروو ٦/١)=ڪو معاملو جاڳائي، وڃان پاڻ نڪري وئين.

ـ پاڻُ وِڃايُم پير تي (حسيني ١١/وائي-٢)= پاڻپڻو وڃايم (پنهون جي قافلي واريا) پير تي، ان وات تي هلندي.

ـ پَاڻُ وِڃائي پُورِئو (رامڪلي ١٦/٢)= پنهنجو پاڻ کي وساري پنڌ ڪرڻ تي زور رکيو.

ـ پَنڌُ وِڌائين پاڻَ تي (معذور ١١/٥)= پنڌ جو ڪشالو

پنهنجي ذمي ڪيائين، پاڻ تي قبوليائين.

- پاڻَ تي ويچارِيءَ وِڌو (معذور ٢/٢)= ويچاريءَ پنهنجي ذمي ڪيو (تہ آءٌ پنهون کي گولينديس).
- پاڻَ پَچَار (ڪلياڻ ٣/٤)= پاڻپڻي جي پچار.
- پَاڻَ ڇَڏي (آسا ٦/٣)= پنهنجو پاڻ کي ڇڏي، آپي کي ڇڏي.
- پاڻُ سُڃاڻڻ= پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجي اعليٰ شان مطابق ٻني سان برتاءُ ڪرڻ، ٻني جي خطا معاف ڪرڻ.
- تُون پاڻُ سُڃاڻج (ليلان ٤/١٠)= تون پنهنجو اعليٰ شان سڃاڻج (۽ منهنجي خطا معاف ڪج).
- پاڻُ سُڃاڻجُ (ڪاهوڙي وائي ٢/١)= پنهنجو پاڻ سڃاڻج، پنهنجو شان سڃاڻي ڪرم ڪج.
- پاڻَ- سُڪاڻَ (معذور ٥/٧)= پاڻ واري سُڪاڻ، پنهنجي سُڪاڻ [سُڪاڻَ= چڱي ڪاڻ، اها ڪاڻ يا ميار جيڪا چڱي ڪري لاهجي.] سسئي چڱي ڪاڻ نباهڻ واري آهي، چڱي ريت ڪاڻ لاهڻ واري آهي. سسئي پنهنجي سُڪاڻ وڻڪار جي وڻن ۾ وڌي ۽ انهن کي بہ سُڪاڻ وارو ڪيائين جو هنن بہ ڪاڻ قبولي ڏس ڏنس.
- پَاڻَ پَرکِ (يمن ٥/١٧)= پاڻ کي آزماءِ (۽ نيڪي ۽ پاڪائي جي اعليٰ منزل تي رسا).
- پَاڻَ پِريَان سِين کَائي (آسا ٦/وائي)= هو پاڻ محبوبن سان گڏ ويهي ٿو کائي.
- پاڻُ پَسائيو (ڪلياڻ ١/٣١)= پنهنجو جلوو ڏيکاريو، پنهنجو ديدار ڪرايو.
- پَاڻَ کَان (آبري ١/١١)= پنهنجو پاڻ کان، آپي کان، انانيت کان.
- پاڻَ لَهي (سنهٽي ١٢/٤)= پاڻهي لهي.
- پَاڻَ مُنهَائِيُون (آسا ٢/٧)= پاڻ پنهنجي مُنهن، پاڻمرادو.
- پَاڻَ نہ آهي ڄَاڻَ (ڪلياڻ ٣/١)= هر وجود ۾ جيڪو 'پاڻ' يا 'آپو' آهي، تنهن کي خود اها ڄاڻ ڪانهي.
- پَاڻَ وِڃائي پَانهنجَا (آسا ٥/٧)= پاڻا پنهنجا ڪي ڪيل ڪم مون وڃائي ڇڏيا.
- پاڻ وِهيڻو (ڏهر ١/١٣)= پاڻ پنهنجي ذاتي آڌار تي، پاڻ پنهنجي ذاتي طاقت وارو، پاڻ پنهنجي ذاتي قدرت سان قائم، پاڻ پنهنجي وس وارو.
- پَاڻَ وَهيڻي (آسا ٣/وائي-٢)= پنهنجي وس.

● پَاڻَا وِتَرا (ديسي ٣/١٤)= پاڻ گهٽا (ٿين).

● پاڻان = پاڻ کان، پنهنجو پاڻ کان، پنهنجي 'آپي' ۽ 'انانيت' کان، پاڻ وڏيڪ، ويتر وڏيڪ، پاڻ مرادو، هيڪاري، پر وڏيڪ ڪا، ويتر آءٌ پاڻ، پاڻ مان.

- 'پاڻان' اُتي پَلِ (ڪلياڻ ٣/٥)= پاڻ کي 'پاڻان' پل، پاڻ کي پاڻپڻي کان بچاءِ.
- سي پاڻان پيِيُون مامرِي (ڪاپائتي ٢/٦)= سي ويتر مشڪل ۾ پيون.
- پاڻان وِجهي گُوندرِين (سامونڊي ٢/١٣)= ويتر غمن ڏکن ۾ وجهي.
- پاڻان ڏوهہ چَڙهنِ (يمن ٥/٣)= ويتر وڏيڪ گُنهگار ٿين.
- پاڻان ڏيلُ ڏُکوئيو (يمن ٢/١٠)= هيڪاري وڏيڪ جسم کي آزاريو.
- پاڻان مَتَ نہ آڇِيين ماءُ (ڪاپائتي وائي ٢/١)= اي امان، تون پاڻ هيڪاري ڪا صلاح نہ ڏئين! ويتر ڪا وڏيڪ سهٽي صلاح نہ ڏئين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پاٿا رِيڌو راءِ (پريـاتي ١/٢٣)= سـخي سردار ويتر وڌيڪ راضي ٿيو.
- پاٿان ڏيـئي ڏِڍُ (ڏهر ٢/٦)= ويتـر وڌو دلاسو ڏيئي، وڌو آسرو ڏيئي.
- پاٿان آءُ مَني (ڪوهياري ٢/٨)= ويتر آءُ پاڻ مڃي.
- پاٿان چڙهي پُورِ (حسيني ١١/٦)= ويتر پورو پڪو پَهُ ڪيائين.
- پاٿان ڦَٽُ فِراق جو (ليلان ٢/١٦)= هيڪاري وڇوڙي جو زخم.
- وِيا سُون پَاٿان (آسا ٦/١٤)= اسين پنهنجو پاڻ کان ويا سون، اسين پاڻپڻي کان الڳ ٿيا سُون.
- پاٿان پلسي ٿيءُ (رامڪلي ٢/١١)= پنهنجو پاڻ کان پري ٿيءُ.
- پاٿان نيـهُ نِکارِئو (آسا ٥/١٢)= ويتـر عشق کي اُجاريو، ظاهر ڪيو.
- پاٿان پيرَ ڏکويا پَکَنين (ڏهر ٥/٤)= تنهن زمين ويتر ويچارن پکين جا پير ڏکويا.
- پاٿان لَڳِسِ گهَاءُ (راڻو ٣/١١)= پنهنجو پاڻ کي گهاءُ لڳس، ويتر گهاءُ لڳس.
- پاٿان وِئا پَني (راڻو ٢/١١)= هو پنهنجو پاڻ مان پني وئا، هنن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ مان، حقيقت کي سڃاتو.
● پاٿو (آبري ٢/٧)= منزل.
- پاٿا ڏيڻ (راڻو ٧/١)= پاٿو ڏيڻ، منزل ڪرڻ.
● پاٿِين = پاڻ هِي، پنهنجو پاڻ، خود پاڻ، خود پنهنجي رضا سان، خود بخود، اهي پيارا محبوب جن گهايو آهي سي پاڻ، پنهنجو پاڻ هي، ٻين جي مدد کان سواءِ، پاڻ ئي.
- پاٿِين پيرُ مُرِيدُ ٿِئي (ڪلياڻ ١/١٨)= پاڻ ئي پير ۽ پاڻ ئي پنهنجو مريد (هڪ ئي آهي).
- پاٿِين جَل جلالُهُ (ڪلياڻ ١/١٨)= رب تعاليٰ پاڻ ئي پنهنجي جلال وارو.
- اَچِي پُڄندئي پَاٿِين (ڪلياڻ ٤/٢٢)= خود پنهنجي رضا سان پنهنجو پاڻ توکان اچي پڄندا.
- پِيارِينديءِ پاٿِين (ڪلياڻ ٤/٢٦)= خود بخود پنهنجو پاڻ، توکي پيارِيندا.
- پاٿِين پَٽَنِ پٽِيُون (يمن ١/١٤، ٣/١٣) پنهنجو پاڻ هي، ٻين جي مدد کان سواءِ، زخمن کي پٽيون پٽن.
- پاٿِين هاٿو، پاٿِين واهُرو، پاٿِين چورَنِ گَڏِ (آسا ٦/٧)= پاڻ ئي ڦرينديِ پاڻ ئي واهر ڪنديِ، ورائينديِ ۽ پاڻ ئي چورن سان گڏ.
- پَاٿِين جي (آسا ٦/١٤)= پاڻپڻي جي، خوديءَ جي.
- پاٿِين حُسنُ ڪَمالُ (ڪلياڻ ١/١٨)= پاڻ ئي 'حُسن' آهي ۽ پاڻ ئي ان حُسن جو ڪمال آهي.
● پَاٽي اُجـنو اُنِ کي (آبري ١/٩)= پاٽي به انهن لاءِ اُجايل آهي.
- پاٽِيءَ پَسَڻُ (سنهڻي ١٢/٣)= پاٽيءَ جو پسڻُ، پاٽي جو ڏيک ويک.
- پَاٽِي ڏِيَڻ (يمن ٤/١٧) (الف) ڪاتي، خنجر يا ترار کي پاٽي ڏيڻ ته نهايت تيز ٿئي. (ب) خاص پاڻيٺ ۾ وجهي وري وري سراڻ تي چاڙهڻ.
- پِيَارِي پاٽي (يمن ٤/١٧)= (ترار وغيره اوزار کي) پاٽي ڏيئي، تيزي وارو پاٽي ڏيئي.
- پاٽي سَهي نه پيرُ (سنهڻي ١٢/٢)= پاٽي پير ڪوڙڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتنگ اوچتو اچي شمع تي لهندا آهن ۽ انهن جي
کنيڙين جا چمڪاٽ پيا پوندا آهن).

پَتَڻَ = گهيڙ، بندر.

- پَتَڻُ تو پُورَ ڪَرِي (سري راڳ وائي ٣/١)= پتڻ پريو بيٺو آهي، پتڻ واريون بيڙيون پيون پرڻ ۽ مسافر پيا چڙهن.

- پَتَڻَ پوء پچار (سامونڊي ٣/١٢)= بندر واري گهاٽ تي پچار پئي پوي، ڳالهه پئي هلي.

- پَتَڻُ هُنَ پارَ مَٽي (سري راڳ ٢/٢٥)= هُن پار واري پَتڻ طرف هلڻ جو ارادو ڪري، (نصيحت جي لحاظ سان) هيءَ جهان ڇڏي هُن جهان ڏي هلڻ جو ارادو ڪري.

پَتِئو (بلاول ١/٨)= پت ۾ اچي ويو، يقين وارو ٿيو، مطمئن ٿيو (تہ بيشڪ هيءَ سخي آهي).

● پِتي تي پِٺُون (يمن ٦/٣٠)= دل سان لڳون، ڪين هِنيين تي صدمي طور لڳو.

پَٽُ= ساڳئي مول مَتي وارن ويراڳين فقيرن جو ٽولو.

- پيرَت پَسئو پَٽَ جِي (رامڪلي ١/٤١)= ان ٽولي جي واٽ ڏسي، ريت رسم ڏسي.

- پُورب ويندئي پَٽُ (رامڪلي ١/٨)= هيءَ ٽولو پُورب ڏي هليو ويندئي.

- پَٽِ تَني جي پِن (رامڪلي ٢/٢)= تن فقيرن جي ٽولي کان گهُر، تن فقيرن جي ٽولي سان گڏجي بکيا ڪر.

● پِٽَرُ= پِٽرائيءَ، هنڌ.

- پِٽَرِ پيرَ ڍِگهَا ڪَري (ڪوهياري ١/٩)= پٽرائيءَ تي پير ڍگها ڪري (بي فڪر ٿي سمهڻ).

- پِٽَرِ وارَ وِڇائِيان (رائو ٧/١)= زمين تي پنهنجا وار (هنڌ ڪري) وڇايان.

- پِٽَرِ وارَ پرين لَئي ويهه تون وڇائي (پورب ١/وائي٣)= پنهنجا وار پرين لاءِ پٽر ڪري وڇائي ويهه.

- پِٽَر جي وَارَ ڪريان (حسيني ٤/٧)= جيڪڏهن پنهنجا وار سندن آڏو پٿيريان، وڇائيان.

● پِٺُون= (لفظي معني) پِٺُون مڇي (جيڪا وڏين مڇين جي پيٽ ۾ ننڍڙي آهي، جڻ هڪ ڏرڙو آهي، (اصطلاحي معني) چمڪندڙ ڏرو، سنهڙو موتي.

- پِٺُون جو پاتارِ (ڪارايل ١/٢)= اهو پٺون (موتي) جيڪو پاتار (هيٺ تري) ۾ آهي.

- پِٺُون جي پاتارَ جا (ڪارايل ١/١٢)= (سمنڊ جي) هيٺ تري وارا موتي.

- پِٺُون پَروڙي جَنِ (آسا ٥/١٦)= جن سچن موتين کي سڃاتي (جڙون هٿي ڳنڍيو).

● پِٺُون= ڏرو، ڏرا ڏرا.

- پِٺُون ٽِينديَسِ پير (حسيني ٨/١، وائي ١٠/١)= ڦٽجي ڦِسي پير ڏرا پرزا ٽيندس.

- پِٺُون ٽِي پيلس (حسيني ١١/١٧)= آءُ ڏرا پرزا ٿي پيس.

- پِٺُون پيرَ ٽِشام (آبري ٤/٢٠، ديسي ٤/٩)= منهنجا پير پُرزا پُرزا ٿي ويا.

- پِهرِين پاڻُ پِٺُون ڪري (آسا ٦/٣)= پهريائين پنهنجو پاڻ کي ڏرا پرزا ڪري، پنهنجو پاڻ کي ماري.

- پِٺُون ڪَرِيان (ليلان ١/٦)= ڏرا ڏرا ڪريان.

- پِٺُون ڪَن (پرياتي ١/١١)= ييجي پُرزا ڪن.

- پِٺُون ڪَيا (ڪوهياري ٢/٥)= ڏرا ڏرا ڪيا.

● پَٽُ= جَمَنُ، پنڻ لاءِ پيالو.

- پِنَڻِ جو پَٽُ ڪَٽي (رامڪلي ٥/١٦)= اهو جَمن يا پيالو جيڪو پنڻ لاءِ پاڻ سان کڻي هلن.

- پاٽي پَٽ ڪَٺان (سورٺ ٣/٥)= جَمن يا پيالي ۾ خيرات طور مليل ان جا ڪَٺا وجهي.
- جِنن پَٽَ نه ڪَٺَنِ پاڻَ سِين (رامڪلي ٥/١٩)= (اهي نانگا) پاڻ سان پنڻ وارا پيالا نه کڻن.
- پَٽَ ڇَڏِيئُون (رامڪلي ٦/٢٤)=پيالا ۽ جمن ڦٽا ڪيئُون.

● پَٽُ= زمين.

- ڪَرِ پَڙاڏو پٽ (ڪلياڻ ٤/١٥)= پٽ کي پڙاڏو ڪن، محبت جي ميدان ۾ وڏي آواز سان پڙي پٽ ٻولائي هوڪو ڏي.
- پِنا نه پَسِينِ پَٽِ (ڪلياڻ ٥/٢٣)= پَٽَ تي، زمين تي، (اڏي جي پرسان) پيل نه ڏسين.
- پَٽِ هنيو (برور ٢/١٤)= زمين تي سٽيو.
- پَٽَ ۾ (ٻمن ١/٢٢)= بنا هنڌ بستري خاڪي پٽ تي، ڏکي حالت ۾.
- پَٽِ سُونَهنِ (سارنگ ٢/١٠)= پٽ ۾ سونهن، ميدان ۾ سهڻا پيا لڳن.
- پَٽِ پيئيُون (سارنگ ٤/١٣)= پَٽ واري ٻاڳي تي وسيون (وڄون).
- پَٽِ پاسو (مارئي ٧/٩)= پٽ تي پاسو (ڪوڙيل، سمهڻ ويل).
- پَٽَ پاڪَ (مارئي ٣/١٨)= ٿر بر جا پٽ پاڪ آهن (اُتي ڪا ميراڻ ڪانهي).
- پَٽِ ٿِئي (معذور ١/١)= سنئين ميدان مثل ٿئي.
- پَٽُ ٿِئو (ڪاهوڙي ٣/٩)= پورو ٿئو، ميدان ٿئو.
- پَٽَ نهاري (رائو ٣/٦)= وڏو ڪشادو ميدان جانچي.
- پَٽِ پَئو (سارنگ ١/٢)= مٿانهين پٽ تي چڙهو.
- پَٽَنِ جهَليا پاهَ (سارنگ ١/٢)= سڄا پَٽ ڳاهه سان ساوا ٿي وِيا، ڍڪجي وِيا.
- پَٽَنِ پوه (ڪوهياري ٦/٩)= پٽن ۾ پوي، مُلڪ ۾ مشهور ٿئي.
- پَٽَنِئا (سارنگ ٤/٩)= پٽن تان.

● پَٽَڻِ (سورٺ ٤/١١)= (اڳيون اُچار 'ب' جي زير سان، اِجان تائين به رائج)= پٽڻ، پٽڪو، پنڻُ.

● پَٽ= ريشم.

- پَٽَائين ڳَجَ جڻن (رپ ٢/٩)= پَٽَ جي ڳج وانگر، ريشم جي (رنگين پرت واري) ڳج وانگر.
- پَٽَائين ڪُونشَرا (آبري ٦/٨)= پَٽ ريشم ڪان وڌيڪ نرم نازڪ.

● پٽورو، پٽولو= مٽي جو ريشمي ڪپڙو.

- ڏئو پٽوري لانگ (معذور ٧/١٣)= مٽي جي ڪپڙي سان لانگ ڪيو.

● پَٽولا (مارئي ٧/١)= پٽورا، پٽ جا ڪپڙا.

● پِٽُون پُون (معذور ٢/٧)= روئڻ پٽڻ واريون رڙيون پيون پون.

● پَٽي (جمع) پٽيون (معذور ٢/٥)= ڪن ٻن ماڳن جي وچ ۾ وڏي ڏگهي ٽڪائيندڙ پنڌ واري سنئين سڌي زمين.

- جهاڳيندي جَهَر پَٽيُون (ڪتيلات ٣/١٢، حسيني ٥/١٦، سارنگ ٤/٦)= جهنگ جهر واري ڏکيي پنڌ جون وڏيون وِٿيون، ڏگهيون لامون، زمين جون پٽيون، گهٽو ملڪ، پنڌ جون پٽيون، مفاصلي جون ڏگهايون.
- هڪَ پاهَڻَ، پِيون پَٽيُون (حسيني ٥/١٦)= هڪ سخت پٿر پيا وڏا پنڌ.

● پَٽيين = پنڌ جي پٽين تي، ڏگهن مفاصلن ۾ (پَٽي (جمع) پٽيون= ڪن ٻن ماڳن جي وچ ۾ وڏي ڏگهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنڌ واري سڌي زمين).

- پسائيندو پَٽيون (سارنگ ۴/٦)= (سانوڻ جو مينهن) وڏا پَٽَ پسائيندو آلا ڪندو رچائيندو.

- آءِ پِيادي پَٽيين (ديسي ٥/١٠)= آءِ پنڌ جي پٽين ۾ پيادي پٽي هلان.

- پَٽيين پيرَ نهارِ (معذور ٢/٥)= پنڌ جي پٽينِ ۾ پيرو جانچ، ڳول (اُن جو).

- پَٽيين (ڪرهياري ٢/١)= پٽين ۾، ڊگهن مفاصلن ۾.

- پَٽين وڏو پنڌ (ڪنيات ٣/١)= ڊگهن مفاصلن وارو پنڌ وڏو آهي.

- پَٽين پِڪون پون (ڏهر ۴/٩)= (انهن پريل پاڻن مان، وڏن وڏن مان) زمين تي ڪير جا ڦڙا پيا ڪرن.

● پَٽي ڪَرَڻ (آبري ١/١٧)= ڦٽائي ڇڏڻ، ڊاهي پٽ ڪري ڇڏڻ (ڪِڇي - لاڙي محاوري ۾ چوندا ته: فلاڻي هِن شيءِ جي پَٽي ڪري ڇڏي).

● پٽي= هرگز، بالڪل.

- پَٽي ڪيمَ پَچَارِ (سنهٽي وائي ٦/١)= هرگز انهن سان ڪا پچار نه ڪر.

● پَٽيون= ڦٽن، زخمن مٿان ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جا ڊگها ٽُڪر، دوا واريون ليڙيون.

- ٻَڌن پَٽِيُون (يمن ١/١۴)= ليريون ٻڌن ۽ ڦٽن کي چينين.

● پَٽيهَل (ڏهر ٢/١١)= پٽيهل جويورو.

● پُٺيءَ تو (سورٺ ٢/١١)= تنهنجي پٺيان، پويان تنهنجي مٿان.

- پُٺي توڏِنِ تاڻِ (حسيني ٨/٣)= اُن پٺيان ڇڪي هَلُ.

- پُٺي وِڃِي (ڪلياڻ ۴/٢۴)= پوئتي اُڇلائي، پري ڦٽو ڪري.

- پُٺيءَ پيرَ پِري (رامڪلي ٣/٦)= پنهنجي ڳَروءَ جي ريت تي هلي، ان جي وات سان هلي.

- پُٺيءَ پيرُ ڪَڙيج (آبري ١/١٠)= سندس پٺيان پيرو ڪڍج.

- پُٺيءَ لائي لَڪَ (ڪارايل ١/١٥)= لڪن کي پنهنجي پويان لائي. (= وڏي مانَ وارو ٿي).

- پُٺيءَ هوت (حسيني ٣/١٣)= هوت جي پٺيان.

● پَڄُ (رامڪلي ٧/٢)= (الف) هٿ سان پڄي، پهچي پيرين پئو. (ب) زور ڏي (پيرن کي).

- پُڄَا ٿاءُ (حسيني ٦/٣)= ڪان پوءِ.

- پُڄاٿا پرينِ (معذور ٦/١)= پرين ڪانپوءِ.

● پُڄَاڻيءَ (سنهٽي ١٢/۴)= پڄاڻيءَ تي، خاتمي تي.

● پُڄِتوءِ پاندُ (راڻو ۴/۴)= جهليوءِ پاند (غير جو پاند ورتوءِ).

● پَڄُرَان (سنهٽي ٦/١)=سڙي ذرا ٿيان، ڳري ذرا ذرا ٿيان.

● پُڄي نه پڄئو (رامڪلي ٢/٢)= اُتي پيالو وٺي ڪونه ڏئو ۽ پڄئو (ته ڪيتري بِکيا ٿي آهي).

● پِڃَارو (آسا ٣/۴)= جيڪو ڪپهه پڃي، ڪپهه کي ٽوڙي اُڪوڙي ڦُونڊا ڦونڊا ڪري ته جنن صاف ٿئي.

● پِڃائينِ= ڪپهه کي پڃائينِ، ست ڪتائڻ کان اڳ ۾ ڪپهه کي صاف ڪرائينِ.

- جي پِرِ م پِڃائينِ (ڪاپائتي ٢٢/١)= جيڪي پنهنجي منهن تحفي طور ڪپهه کي پِڃائين.

- پِڃيائُون (ڪارايل ١٨/٢)= ڦُونڊا ڦُونڊا ڪيائون.

● پِڃائو (پ جي زير سان) (آبري ١٢/١١)= (پيءَ+يائو) پيءُ ماءُ وارو، مائٽن ڏي هلڻ وارو، هيج ۽ خوشي وارو.

● پِڃرو= پنهنجو جسم، جسم جو هڏائون پڃرو پنهنجي ٻُت جو پڃرو، بدن، جسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پچرو جو پاپَن جو (سري راڳ ۱/۵)= پاپن وارو پچرو، پنهنجو پاپن وارو بدن، پنهنجو پاڻ.
- پاڪ رکيائين پچرو (ڪلموڏ ۳/۲)= پنهنجو جسم پاڪ رکيائين، پنهنجو پاڻ کي پاڪ رکيائين.
● پچڻِ= اوزار جو نالو جيڪو ڪپهه کي پچي.
● پچُ (يمن ۲/۲۳)= (پچڻ مان امر)، ڪامر، جَلُ، انتظار ۾ سڙ، چمڙي جي بيماري جنهن ۾ بت پچي پوي.
● پچڻ = جلڻ، باهه ۾ سڙڻ.
- پڳهه پاسي پچُ (سامونڊي ۲/۲)= (پيڙي جنهن ۾ تنهنجو محبوب آهي تنهن جي) پڳهه (ڪلو ۽ منو جنهن ۾ رسو ٻڌل) جي پاسي وڃي تپش هوندي به بيهه : تون پنهنجي پر ۾ ڪامر.
● پچان (مارئي ۹/۳)= جلان، گهڻو سڙان.
- ڪامان، پچان، پچران (سنهڻي ۶/۱)= گهڻو جلان، پچان ۽ ڳران.
- تي پچان (ڪنيات ۱/۱۰)= سندن سببان تي پچان. (سندن حسن جي آڳ تي جلائي).
- پچان پيئي (يمن ۴/۳)= لڳاتار سڙان پئي.
- پچڻ گهٽا پچائيا (ڪلياڻ ۴/۲۹)= باهه جي جل گهٽن کي ساڙيو ، سڪ ۽ فراق جي جل گهٽن کي جلائيو.
- پچڻ کي (ڪلياڻ ۴/۲۹)= جلڻ کي.
- پچندا (بروو وائي ۲/۱)=جلندا، سڙندا.
● پچائڻ= جلائڻ، پچائي پڪو ڪرڻ، پختيون ڪرڻ، پڪيون ڪرڻ.
- پچائيا = جلائيا، ختم ڪيا.
- پچاءِ (يمن ۴/۵) = جلاءِ، جلائي ختم ڪر، پڪيون ڪر، پختيون ڪر، پچڻ، ساڙ.
- پنهنجيون سڀ پچاءِ (يمن ۴/۵)= پنهنجون (رٿون، ريتون) سڀ ويچار هيٺ آڻ ۽ پڪيون ڪر.
● پچاءُ= (اسم) پچڻ، ساڙو جَلُ.
- پٽن پوءِ پچاءُ (ڪوهياري ۶/۹)=بيابانن ۾ (اُڃ سبب) جل ۽ ساڙو پيو ٿئي.
● پچڻ= ميوي، ان وغيره جو پچي تيار ٿيڻ.
- پچي (آبري ۸/۱)= تيار، پچي.
- پچي پئو (مارئي ۸/۲۳)= اَنُ ۽ ڏٿ پچي تيار ٿيو.
- پچي پيئيون (مارئي ۶/۱۱)= پچي ويون، اَنُ ڪري ويون (ٿر ۾ ماروئڙن جون ٻنيون).
- پچين دَر فراقَ (ڪلياڻ ۲/۲۱)= جي تون فراق ۾ پچين، جي تون وڇوڙي ۾ سڪ ۽ صبر سان پچي لال ٿين.
- پچائي (يمن ۴/۱۱)= باهه ۾ وجهي، پڪو تاءُ ڏيئي، ڳاري نيي صاف ڪري.
● پچارَ= يڪي ورونهه، لاڳيتي اڻ تڻ، مسلسل يادگيري، پڇر، دعوئ، جهوري، هر وقت ساڳي ڳالهه، پلپل ۾ پرين جي وائي، اها وائي، اها گفتار انهن مقولي واري معنيٰ.
- پارانيا پچار (بروو ۲/۳)= محبوبن ڏانهن پيغام موڪلڻ تي سوچ، آيل پيغامن تي ويچار ڪر.
- پوءِ پچار (سامونڊي ۳/۱۲)= پچار پئي پوي، ڳالهه پئي هلي.
- سَندي پيءَ پچارَ (ڪنيات ۳/۸)= پرين جي ڳالهه ڪندي، پچار ڪندي.
- پروڙج پچار (ڪلياڻ ۱/ ۲۴)= ان ڳالهه جي پروڙ ڪج، ان کي سمجهج.
- سِڪَڻَ جي پچارَ (ڪلياڻ ۵/۸)=فراق ۾ محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سارڻ سنڀارڻ جي وائي، التڻ.
- پيڙا جِيءَ پَچارَ (يمن ٢/٣)= آزار جي ڳالھ.
- پرين جِيءَ پَچارَ (يمن ٥ وائي ١)= محبوبن جي لاڳيتي يادگيري ۽ ڳالھ.
- تَنِ پھنوارن پَچارَ (مارئي ٢/٦)= تن ڏڻ وارن ٻڪرارن جي يادگيري.
● پَچارُون= ڳالھيون، يادگيريون، سنڀارون.
- پَچاران (رپ ٢٠/١)= سندن پچار، سندن يادگيري.
- پَچارُون پرين جون (ڪلياڻ ٢٢/٢)= محبوبن جون سنڀارون ۽ ڳالھيون.
- ڪوهُ پَچارُون ڪن (يمن ٩/٦)= ڇو تا ڳالھيون ڪن.
- تُنھنجيون پِيَ پَچارُون (آبري ١١/وائي ١)= اي محبوب! تنھنجيون ساروڻيون ۽ ڳالھيون.
- پَچارُون ڪَرِينِ (ڪلياڻ ١٣/٥)= ڳالھيون ڪن، شڪايتون ڪن.
● پَچَ (يمن ٢٦/١)= بالڪل پٽڙي رَبَ، پَنگَ.
● پَچارُڻ= ڪيرائڻ، زمين تي اُڇلائڻ، پٽ تي هڻڻ.
- پيئي پَچَاڙي پَاڻ (آبري ٢٠/٧، ڪوهياري ٨/٥) = پنھنجو پاڻ کي زمين تي پٽي سَٽي، پاڻ کي هيڏانھن هوڏانھن اُڇلي.
- پَچارِيندَيس پَوتي (آبري ٩/وائي ٢)= پوتي يا ڪپڙو ڦَرهي تي سٽيندِيس (ڪپڙا ڌئيندس).
● پَچندڻ (ڪوهياري ١٠/٤)= ڏڪا اچلي هڻڻ، وهائڻ.
● پُڇَڻُ= پُڇا ڪرڻ، پرگھور لھڻ، همدردي ڪندي حال پڇڻ.
- پُڇڻ هوءِ نه پرينءَ کي (حسيني ٢/٧)= پرينءَ بابت تو کي پڇڻو نه هو.
- پُڇَڻ پَرَ پرينءَ جي (ڪلياڻ ٢١/٥)= اچي حال پڇڻ، اها مهربان محبوبن جي ريت.
- ناتَہ پُڇَڻُ هوءِ نه پرينءَ کي (حسيني ٢/٧)= نه ته محبوبن جو پڇين نه ها، نه ته محبوبن وٽ وڃي سانُ حال پائي نه ٿئين ها.
- پُڇي پيو پيَن کي (آبري ٥/وائي)= جيڪي منزل مِرتڪي ڪري پيا آهن، تن کي به پيو پڇي، انھن جي به پيو سنڀال لھي.
- پُنھون پُڇان پوتي (آبري ٩/وائي ٢)= پنھونءَ جو پڇان پوءِ تي، آءُ پوءِ تي پنھون جو پڇان .
- پُڇَڻ نَاهِ پَچَار (ڪوهياري ٢/٦)= پڇڻ جي پچار ئي ڪانھي، ڪو پڇي ئي ڪونه ٿو ته ڪو ڇو ٿو روئي.
- پُڇَان ڪِينَ طبيب (يمن ٢٣/٣)= ته پوءِ آءُ طبيب نه پڇايان، طبيبن کي پنھنجي علاج لاءِ نه ڳوليان، طبيبن کان پنھنجو علاج نه پڇان ۽ نه ڪرايان.
- پُڇُ پاڻَ کي پَھُ (رامڪلي ٣٢/٢)= پاڻھي پاڻ کان پھ پُڇُ، پھو پڇ، واٽ پُڇ.
- پُڇ پَاهِين (آبري ٢/٣)= پوئتي هلي پڇ، پانھون وري پُڇا ڪر
- پُڇج= ان بابت پڇا ڪج، پچارج، پُڇائج، ڳولج، ان جي ڳالھ ڪج (هن 'مستقبل' ۾ 'حال' جي معنيٰ پڻ سمايل آهي=) ڳالھ ڪر، پچار ڪر، پير پري پُڇ.
- پُڇج پرين سَدام (حسيني ٦/٧)= اي منھنجا محبوب پرگھور ڪج.
- پُڇج پوءِ پريتَمُو (ڪلياڻ ٨/٤، ٣/٥، ١٧/٥)= عشق جي پڇا پوءِ ڪر.

- پُڇج گهَرِ لُهارَ جو (يمن ۴/١٣)= لوهار جي گهر جي پڇا ڪج.
- پڇُ مَ رَندُ (آبري ٣/١۵)= واٽ نہ پڇ.
- اُوءِ ڪين پِنو پُڇَنِ (يمن ٦/٦)= اهي ڪنهن بئي ڳالهہ جو تا پڇن.
- پُڇَنِ پَنڌُ پَري (سنهڙي ٨/١٦)= پري وارو پنڌ پڇن، ڏوراهون ڏس پڇن.
- پُڇَن سي پَسَن (حسيني ١/٧)= جيڪي پُڇن سي ڏسن.
- پاڀوهيو پُڇَنِ (يمن ١/٧)= خوش ٿي مُرڪي پڇا ڪن (سچا عاشق).
● پُڇڻي= توڪي پڇن، تنهنجي بيماري جو پڇن.
- مانَ پُڇَنِي سُپرين (سامونڊي ٣/٣٢)= متان ڪنهن وقت محبوب توکي اچي پڇن، تنهنجو حال اچي پڇن.
- پُڇو پيرَ پَري (يمن ٣/١٧)= قدم وڌاءِ اچي حال پڇو.
- تَرَ پُونجارا پُڇِنَا (سامونڊي ۴/١٨)= بندر تي شاهوڪار وڻجارن کان پڇا ڪئي.
- پُڇِنوتان نہ پريانِ (سامونڊي ۴/۴)= محبوبن مون کان منهنجي ڏک سور جو ڪونہ پڇيو.
- پُڇِي سي پارِي (بلاول ٣/١١)= (ڪمِي، پورهيت) گهٽ آمدني وارا جن کي ٿورڙا اجورا تا ملن ۽ جيڪي انهن اجورن ۾ عاجز آهن.
- پُڇِي ڪَوهُ (ڪوهياري ٣/٣)= جبل جو پڇي، پهاڙ ۾ پڇاڻون ڪري.
- پُڇِي مَسَ (سنهڙي ٢/٢٠)= وري ڪا پڇي (= ڪانہ پڇي).
- پُڇِي نہ ڏيئي (پرڀاتي ١/٦)= ڏيئي وري نہ پڇي، ڏيئي وري نہ پچاري.
- پُڇِيائون= همدردي سان دريافت ڪيائون، محبت سان معلوم ڪيائون.
- پَرَمِ پڇائون (ڪلياڻ ۴/٢)= اڪيلائي ۾ محبت سان پڇيائون.
● پَچَندِيَئُ = زوراتا هٿئي. (تير، نيزا، ڏڪ).
- پُنهونءَ پيڪان پَچَندِئا (ڪوهياري ۴/١٠)= پنهون پنهجي نظرن جا تير هنيا.
● پَدَمُ= ڳڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو.
- جي وِڪامي پَدَمِ (بلاول ١/٢٠)= ڳڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو (ايڪا، ڏهاڪا، سو، هزار، ڏهہ هزار، لک، ڏهہ لک، ڪروڙ، ڏهہ ڪروڙ، ارب، ڏهہ ارب، کرب، ڏهہ کرب، سنک، ڏهہ سنک، پدم).
- پَدَمَانِ ئي پَرِي ٿِنَا (سري راڳ ١/٢)= پدم جي قيمت کان ئي وڌيڪ هئا، پدم جي ڳاڻيٽي کان ئي گهڻا هئا.
- پَدمنئون اڳري (ڪوهياري ٥/وائي)=پدمن کان وڌيڪ.
● پَدَمُ= بخت واري جي پير جي ترِي ۾ ليڪو جيڪو آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ مان شروع ٿي هيٺ کُڙي ڏي وڃي جيڪو بخت واري، چوندا تہ: فلاڻو پدم- پيرو آهي، پير ۾ پدم اٿس- يعني تہ بخت وارو آهي.
- سو پَدَمَ پريان جي نہ پاڙيان (ڪنيات ٢/٢١)= سو محبوبن جي پيرن جو مَٽ بہ نہ ڪريان.
● پَڌَرُ= ظاهر زمين، ميدان.
- پَڌَرِ پَگَهَ نہ لَڳَ (ڪنيات ۴/٥)= پڌر ۾ پيرا نٿا لڳن، پاهر ميدان ۾ پيرن جا نشان لڳل ناهن، جو پاڻنجي تہ وڳ مان اُٺي پاهر ويو آهي.
● پَڌَرو= ظاهر، سامهون جيڪو اکين سان سامهون

ڏسي سگهجي، جيڪو سڄاڻي سگهجي.

ـ اُتِ پاڀوهي پَڌَرو (بلاول ٣/٣)= اُت خوش ٿي سَرهائي سان سامهون اچي.

● پَڌِري ڪرڻ= ظاهر ڪرڻ، کولڻ ۽ ٻين کي ڏيکارڻ.

ـ جِنَن ڪا ڪَري پَڌِري (ڪلياڻ ٢/١)= جنن جو هوڪا ڳالهه کولي پڌري ڪري.

ـ پاڻي هارمَ پڌرو (حسيني ٣/١٠)= (راز) ظاهر نه ڪر.

ـ پَڌَرِ وِڏائين پاڻُ (معذور ٦/٢) = پاڻ کي ظاهر ڪري وڏائين (تہ اصل ۾ ٻانيڻ جي ڏيۓ هُئي ۽ پوءِ ڪٿيۓ ڪيس نپائي وڏو ڪيو).

ـ پَڌَرِ هَڏِ مَ پاءِ (يمن ٤/٥)= ظاهر هرگز نه ڪري وجهه.

ـ پَڌَرِ پَٽُ مَ اُنِ سين (پرڀاتي ١/١٢)= انهن سان سامهون بحث مباحثو نه ڪر.

ـ پَڌَرِ پيئي (آسا ٥/٨)= پڌري ٿي پيئي.

ـ پَڌَرِ پَئي (ڪاموڏي ١/١٩، رامڪلي ٥/٢٥)= ظاهر ٿي، کُلي.

ـ پَڌَرِ پيئي پِرين ري (آسا ٥/٨)= پرين کان سواءِ ٻين ۾ پڌري ٿي پيئي (پرين پڌري ڪانہ ڪئي، پر ٻين پڌري ڪئي).

ـ پَڌَرِ پرين نہ نينِ (ڪارايل وائي ٣/٢)= ظاهر ظهور پرين مونکي پاڻ سان وٺي نه وڃن.

ـ پَڌَرِ پوندَيسِ (سامونڊي ٤/١٣)= ظاهر ٿي ٻَڌنديس (پرين بنا بيحال ٿي جيڪي چوڻو هوندو سو چٽو چئي ڏينديس.

ـ پَڌَرِ پونِ مَ پرينۓ ري (حسيني ٥/١٥)= محبوبن کان سواءِ (ٻين جي آڏو) پڌرا نه ٿين، ظاهر نه ٿين.

ـ پَڌَرِ پَوَڻُ (پرڀاتي ١/١٢)= ظاهر ٿيڻ، نڪري نروار ٿيڻ. ڪنهن سان سامهون ٿي کُلي ڳالهائڻ ۽ بحث ڪرڻ، بي حجاب ٿي کُلي مخالفت ڪرڻ.

ـ پَڌَرِ پوءِ (راڻو ٥/١٢)= پڌر پوي، پڌري ٿئي.

ـ پَڌَرِ پوءِ پيياسِ (سنهڙي ٧/١٤)= پوءِ آءُ پڌري ٿياس (جڏهن سڪ منهنجو ستر وڃائيو).

ـ پَڌَرِ نہ وِڃَن (رامڪلي ٥/٢٢)= پاڻ کي ظاهر ڪن.

ـ پَڌَرِ ناهِسِ پيرُ (ڪلياڻ ٢/٥)= ظاهر ۾ پير جو نشان ئي ڪونہ اٿس.

ـ پَڌَرِ وِجُهہ مَ پرينۓ ري (رپ ٢/٣)= محبوب کان سواءِ ظاهر نه ڪر.

ـ پَڌَرِ وِجهہ مَ پِرت کي (رپ ٢/٥)= پِرت کي پڌرو نه ڪر، سِڪ کي ظاهر نه ڪري وجهہ.

● پَدامَ (سارنگ ٢/١٢)= هڪ ماڳ مڪان جو نالو.

● پَرُ= پرسال، اڳيون سال، گذريل سال.

ـ وِينو پُڇِين پَرُ (رامڪلي ٢/١٢)= تون پروڪو سال، اڳيون سال وينو پڇين (پر هينئر ئي هل).

ـ پَرُ پِيتَوئِي جَن سِين (يمن ٦/٢٤)= پرسال جن سان تو ڳنڍجي پيتو.

ـ وينو پُڇي پَرِ (بلاول ١/١٤)= ريت بابت وينو پڇي، خبر پيو پڇي.

● پَرَ (حرف جملو)= مگر، البت.

ـ پَرَ روئِڻَ ڪِي رَوشَن (آسا ٥/٩)= مگر منهنجي روئڻ ان کي پڌرو ڪيو.

● پَرِتي= حوالي ٿي، ڪنهن جي رحم ڪرم وَهيٺي ٿي.

ـ چامَ پَرَتي (ڪاموڏ ٢/٧)= چام کي پرتي، چام جي حوالي ٿي.

● پَرچڻ= راضي ٿيڻ، مهربان ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پَرچِئي جامَ پُنهونءَ (معذور ٣/وائي)= پنهون جام جي پرچڻ ۽ راضي ٿيڻ سان.
- پَرچِي ڏي پاٿا (راڻو ١/٧)= راضي ٿي منزلون (پاٿا) ڪر، تڪ ۽ رهه.

● پُڙ = پريل

- پُڙ پيالو پيءُ (ڪلياڻ ٢/٤)= پريل پيالو پيءُ.

● پُڙ=هل.

- پُڙ پيچَري (معذور ٤/وائي)= واٽ ۾ هل، واٽ وٺي روانو ٿيءُ.

● پَرَ = ڪنپ.

- پَکي تُنهنجا پَرَ (پربرو ٢/١٠)= اي پکي! تنهنجا ڪنپ.

● پَرَ = وڏا ور ۽ ٽِڙا.

- جَنِ جي پاڳُنِ پَرَ (ڏهر ٢/١٥)= جن جي پڳن ۾ اُڀا ڪنپ لڳل آهن (اڳ سٺائي لاءِ سٺا ڪنپ هڻندا هئا).

● پَرَ= ڏاريا.

- پَرَسين (ڪلياڻ ٥/١٢)= ڏارين سين، غيرن سين، ٻين سين.
- پَرَوَسِ ٿِئُم پَرياڻ (ديسي ٤/٧)= منهنجو پرين پَرائي وسِ ٿيو.

● پَرُ = پرائو، غير.

- جئن پَرُ پُڄتوءِ پاندَ (راڻو ٤/٤)= جئن تو غير جو پاند جهليو.

● پَرِ = ريت، رسم، حالت، نمونو، قانون.

- پَسِئو پَرِ عجيبَ جي (ڪلياڻ ٥/١٨) = محبوب جي ريت ڏسي.
- پُڇَڻُ پَرِ پرينِ جي (ڪلياڻ ٥/٢١)= حال پڇڻ، همدردي ڪرڻ، اها محبوبن جي رسم آهي.
- اِيَ پَرِ (يمن ٦/٤)= اها رسم.
- پَرِ پِرينَ (آسا ١/٢)= پرين جي ريت.
- اِيءَ پَرِ سَندي سَجڻين (پربرو ٣/٩)= اها ريت سڄڻن جي.
- نَه اِيءَ پَرِ گهاتوئڙَنِ جي (گهاتو ١/١٥)= اها ريت گهاتوئن جي ڪانهي.
- پَرِ ۾ تو پَليسِ (سنهڻي ٤/١٣)= پنهنجيءَ ريت، پنهنجي منهن، اڪيلائي ۾ جهليس تو.
- پَرِ ۾ پَرِيائين (رامڪلي ١/٣٦)= اڪيلائي (مخفي طور) هڪ ٻئي کي اهڃاڻ ڏين، هڪ ٻئي سان راز سلين.
- پَرِ پَرُوڙُ ڏاڪَڙو (ڪلهوڙي ١/١٤، آسا ١/٢٤)= ريت، نوعيت (رازداري) سمجهڻ مشڪل آهي.
- پَسِي پَرِ اها (آسا ٤/١٤)= اها ريت ڏسي.
- پَسَان شَالَ پَرڪنهين (آبري ١١/وائي-١)= شال ڪنهن ريت يا حيلي سان ڏسان.
- پَرِمِ پڇائين (ڪاپائتي ١/٢٢)= پنهنجيءَ پر ۾ ڪيهه کي پڇائين ۽ صاف ڪن.
- پَرِ ۾ پُڇيائون (ڪلياڻ ٤/٢، ڪاپائتي ١/٢٢)= مخفي طرح پُڇيائون، مام ۾، پنهنجي منهن، اڪيلائي ۾ پُڇيائون.
- پَرِ ۾ اُپي پَچ (مارئي ٨/٢٨)= پنهنجي مام ۾، اندر ۾ پئي ڪڙهه.
- پَرِ ۾ پَچَنِ (راڻو ٢/٥)= اندر ئي اندر ۾ ٿا جلن پچن.
- پَرِ ۾ پَچِي پِرينءَ کي مَري نه چاتوءِ (معذور ٤/١٢) = پرينءَ لاءِ پنهنجي مُنهن سڪ سوز ۾ سڙي پچي، (اي سسئي، تو مري نه چاتو).
- پَرِ ۾ پَچِي پِرينءَ کي (يمن ١/٢١)= پين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائڻ کان سواءِ، مات ۽ صبر ۾ پاڻ جلائي.

– پَرِ ۾ پُڇيياسِ (ليلان ٢/١)= مون کان راز ۾ پڇيو ويو، پنهنجيءَ پَرِ ۾ آءٌ پڇائجي ٿي ويس.

– پَرِ ۾ پُڇيائُون (ڪاپائتي ٢/٥)= مخفي طور پڇيائون.

– پَرِ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو (آبري ٧/١٠)= پنهنجي مُنهنِ هڪ مَني ٿي پنهونءَ جو پيرو ڪڍ.

– تان تون پَرِ پَرُوڙِ (مارئي وائي ٧/١)= تہ جيڪر تون ريت رسم کي سمجھ.

– پَرِ جوڳين جي (رامڪلي ٢/۴)= ريت رسم جوڳين جي.

– اِيءَ پَرِ سَندِي سَڄڻين (يمن ١/١٣)= محبوبن جي اها ريت رسم آهي، طور طريقو آهي، عادت آهي.

– پَسي پَرِ پرينِ جي (سارنگ ٢/٨)= محبوبن جي ريت ڏسي، سندن برتاءَ جو طريقو ڏسي.

– پَرِ اها پَاري (سنهڻي ٨/٢)= اها ريت رسم ضروري پوري ڪري.

● پُر بَندَرِ (سري راڳ ٣/١٦)= پور بندر (ڪاٺياواڙ جو مشهور بندر).

● پُران= هلان، پرڻ= وک وڌائي اڳتي هلڻ، پنڌ ۾ هلڻ، وڌڻ.

– پُران مانَ پُڄان (سامونڊي ٣/١٩)= اڳتي هلان تہ مَن پهچان.

– پُران پُونمِ پُرڪَٿا (آبري ۴/١٨)= هلان ٿي تہ پيرن ۾ پُرڪٿا (ڦڦون) ٿا پون.

– پُرِ پُنيرو (آسا ٥/٦)= پنيرو ٿي هل.

● پُرِ ٿي (رامڪلي ٦/ وائي)= (نشي ۾) مخمور ٿي.

– پُرِ ٿيو (سورٺ ٣/١٦)= پُرجي ويو، خوشيءَ ۾ پُرجي ويو.

● پَرا (حسيني ١٢/۴)= خبرون.

● پَرارَ، پَراڙَ= پَرين ڪنڌي درياءَ جي.

– پَهُچان شالَ پَرارَ (سنهڻي وائي ٣/١)= شال درياءَ جي ٻئي پار پهچان.

– ڏٺم ڪالهہ پَرارِ (ڏهر ٣/٢۴)= ڪالهہ پرئين پاسي ڏٺم.

– نہ اوراڙِ پَرارِ (سنهڻي ٦/١٥) نہ درياءَ جي اورئين طرف، نہ پَرئين طرف.

– پَراڙان (سنهڻي ٢/١٠)= پاران، پَرينءَ ڪنڌيءَ کان، درياءَ جي پرئين طرف کان.

● پَرانہَ (مارئي ٨/١٦)= پَري.

● پُراڻَ جا پَٽَ (سارنگ ۴/٨)= پُراڻ درياءَ جي وهڪري وارا پَٽَ. پُراڻ (عام مؤنث طور استعمال ٿيندڙ)= سنڌونديءَ جو اڳيون وهڪرو جيڪو نواب شاهہ ۽ سڪرنڊ جي وچ ڏاري اوڀر- ڏکڻ طرف ٿريو، ۽ اڳتي سنجهوري، ميرپورخاص ۽ ڏِگهڙي تعلقن مان وهندو ٽنڊي جان محمد، جهڏي ۽ نئين ڪوٽ کان هيٺ ڏکڻ پٽاري وٽان وڃي ٻوري ناري سان گڏيو.

● پَراهڻ= پهرائڻ، پارائڻ.

– پَراهيو (آبري ٧/وائي-١)= پهرايو، ڍڪايو.

– پَراهي (آبري ٥/وائي)= پهرائي، پارائي.

– پَراهي تَنِ کي (ليلان ٣/۴)= انهن کي پوشاڪ پهرائي، انهن کي لباس ڍڪائي.

● پَراهين (حسيني ١٢/١٨)= پري پنڌ واري.

● پَرائي ماءُ= ماٽيجي ماءُ

– تُون پَرائي مَاءُ (ديسي ٦/١٨)= تون ماٽيجي ماءُ آهين (منهنجي سڳي ماءُ ناهين).

● پرائڻ= حاصل ڪرڻ.
- مائٽُ ميءِ پرائِيو (ڪلمودُ ۱۰/۱)= چام تملچي نوري کي پنهنجو ڪيو.
● پَرايا (آبري ۱۳/۱۱)= ٻيا، ڌاريا.
● پرتِ = پريتِ، محبت.
- پرتِ نَئين (ڪنيات ۲/۲)= شروع واري گهاٽي محبت.
- پِرتِ ٻَڌائون پَنّيُون (يمن ۲۷/۱)= پرت جون پنّيون ٻڌايون، پرت سان لپريون ٻڌايون.
- پرتِ تَنهِين سِين پار (آسا ۱۱/۷)= تنهن سان پريتِ نباهه.
- پرتِ پريان جو پيچرو (سنهڙي ۲/۸)= پرينِ جي پريت واري وات، طور طريقو.
- ايحان پِرت پَ ري (يمن ۲۲/۴)= ايحان پرت پري آهي، گهڻو اڳتي آهي، عشق جي حد اڳاهين آهي.
- پرتِ وَنِجي پانءُ (سنهڙي ۱۲/۲)= پرت جو پير ونجي، پرت جو پيچرو ونجي.
- پرتَان (ڪلياڻ ۲۲/۴)= پرت مان، قرب مان.
- پَرتَامِ (آسا ۷/۵)= مُون سان پَرتا، راضي ٿيا، خوش ٿيا.
- پَرِتاءِ (ڏهر ۱/۳)= توکي پرتا آهن، تنهنجي ڌمي آهن.
- پَرتو (بلاول ۲/۲)= راضي ٿيو.
● پَرَتَوِ (ڪوهياري ۱/۴)= تجلو، جهلڪو (پنهونءَ جي حُسن جو).
● پَرِتياڻي (ديسي ۱/۲)= ڌوٻياڻي.
● پُرِج= پورج (ديسي ۳/۳)= پري پنڌ ڪج، ڪاهج.
● پَرچڻ= راضي ٿيڻ، صلح ڪرڻ.
- پَرچاءُ (آبري ۷/۱)= سَرچَاءُ، ٺاهه.
- پَرَچَنِ شالَ (مارئي وائي ۱/۱)= شال راضي ٿين.
- تِيئي پَرچِئا (سورٺ ۱۰/۴)=هڪ تند، ٻيو ڪٺارو ۽ ٽرٽو ڪنڌ. پاڻ ۾ رس راضي ٿي وئا، ٺهي وئا.
- پَرچِي= ٺاهه، راضي.
- پرچِي پاڙهيرِينِ سين (بروو وائي ۱/۲)=ماريندڙن سان ٺاهه ڪري.
- نَه پَرچَنِ (يمن ۱۸/٦)= نه سرچن، نه خوش ٿين، نشي واري سُرور ۾ نه اچن، سرور سان مخمور نه ٿين.
- پَرچِي وينو پاڻُ (ڪلمودُ ۴/۴)= پاڻ راضي ٿي وينو، خوش ٿي وينو.
- پَرچِي پُڃُ (آبري ۷/٦)= خوش ٿي پڇ.
● پَردو (ڪلياڻ ۲۳/۲)= حجاب.
● پَرڏيهه = پرديس، ولايت، ٻاهريون ملڪ.
- پرڏيهه پُورِيائون (سامونڊري ۱۳/۲)= پرڏيهه وڃڻ جو خيال ڪيائون، پرڏيهه وڃڻ جو پَڪُ ڪيائون.
- هِڪُ پاهَنُ ٻِيو پرَڏيهہُ (ديسي ۱۲/۴)= هڪ جبل (جو پنڌ) ۽ ٻيو ڏوراهون ملڪ.
● پُرزا= ٽُڪرا، ذرا.
- پُرزا پُرزا ڪَن (يمن ۵/وائي-۲)= ڀل ته مون کي ذرا ذرا ڪن.
● پُرسَ = مڙس.
- پاڳارا پُرسَ ٻنا (بلاول ۱٦/۱)= پڳ وارا مرد ٻنا.
- پُنهون پاڪ پُرِسَ (ديسي ۲۱/۱)= اي پاڪ ڀتار پنهون.
- پُرسُ ٿِي (آسا ۱۰/۴)= پُرس ٿي ڪري، مرد ٿي ڪري.
● پُرِڪَٽا (آبري ۱۸/۴)= ڦلوهان.
● پَرکَڻ= پروڙڻ، جانچڻ ۽ سمجهڻ، آزمائڻ.
- پَرکَ = پروڙ چاڻ، خبر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پيـئي اِيءَ پَرکَ (راڳو ٢/١٣)= اها خبـر پئي، اها ڳالهه مشهور ٿي.
- توکي سَڀِ پرک (کلموڏ ١/٢)= توکي سڀ خبر آهي.
- پيئي جَنِ پَرکَ (کاهوڙي ٢/٢)= جن کي صحيح ڄاڻ حاصل ٿي.

● پَرکِ= ڳالهه کي پرکِ، حقيقت معلوم ڪر.
- پياري پَرکِ (يمن ٦/٣)= شراب پياري ڪين پرک ۽ صحيح طور تي سڃاڻ.

● پَرکَا (يمن ٢/١٥)= پرک، جانچَ، سُڌَ، آزمايش.

● پَرکندَ= پراهان ملڪ، پرڏيهه.
- پَرکندين پَڌَرِي (بلاول ١/١١)= پرڏيهن ۾ پڌري.
- پَرکَندين پيـاَسِ (معـذور ١/٦)= پَرِيُونءَ ۾ منهنجو پير پيو، ڏُوراهينِ پيٽين ۾ اچي پِيَسِ.

● پَرگهَرِ (رامڪلي ٣/٦)= پرائي گهر، ٻئي ڪنهن جي گهر.
- پَرَگهَران (آبري ٣/٩)= ٻاهرئين، پَرائي ۽ پَراهين گهر کان.

● پَرمَلُ= پرملَ جا وڻ.
- پَرَمَلا = پَرَمَل جي وڻ تي.
- جو پَرَمـلا پيـو، ناهِ نهايَتَ تَنهِ سين (ڪنيـات ٤/٤) = جيـڪـو (اٺ) پَرَمَل جي وڻ يا ول تي پيـو، جنهن پَرَمَلَ جو ذائقو چکيو، تنهن سان ٻجڻ ٻيـٺي ڪانهي.
- پَرَمَلَ جي پَساهَ تي (ڪنيات ٤/٢٠)= پرمل ول جي تازي رَسَ تي.

● پَرَمَلُ = صاف پاڪ.
- پَرَمَلُ پُنهـون ميـڙِئين (ديسي ٣/٥)= مـون کي منهنجو پاڪُ پِتارُ پنهون مِلائين.

● پَرَنَڻُ = سپرد ڪرڻ، حوالي ڪرڻ، سونپڻ.
- پَرَنِ = حوالي ڪن، سپرد ڪن.
- پاڻُ پَرَنِ جي (سري راڳ وائي ٤/١)= جيڪي پاڻهي پاڻ کي سپرد ڪن.

● پڪين تان نـ پـَرَن (يمن ٦/٢٣)= پيالي ۾ شراب جي آخري ڦـڙن تي نشي ۾ نـ اچن، سرشـار نـ ٿين. پي بس نـ ڪن، نـ سرچن.

● پَرَنيان (ليـلان ٤/١٥)= آءٌ پاڻ کي حـوالي ڪريان، پنهنجـو پاڻ سـپـرد ڪريان، پـنهنجي پـارت ڪريان، پنهنجو پاڻ وڃايان.
- پاڻَ پَرِنـيَان تو (آبري ٩/٣)= پنهنجـو پاڻ توکي ٿي سونپيان، حفاظت لاءِ پاڻ کي تنهنجي حوالي ٿي ڪريان.

● پَرڻ = پُوري پوڻ، نباهڻ، گذارو ڪرڻ.
- پورِهيتِ تِي پَران (حسيـني ٩/١٤)= پورهيت ٿي گذارو ڪريان، نباهيان.

● پَرَڻِ = پَلجڻ، قوت گذر ڪرڻ، گذارو ڪرڻ.
- ڪيـهِيءَ پَرِ پَرِين (يمن ٦/٢٧)= ڪهـڙيءَ طرح، ڪيئن، تون پنهنجي پلجين، پني جيئين.
- پلسي تَنِ پَرَنِ (ڪاموڏ ٢/١٣)= انهن وٽ پنهنجو قوت گذر ڪنِ، انهن جي آڌار تي ٽِڳنِ.

● پُرَڻ (آبري ٩/٦، معذور ٣/١)= هلڻ.
- پُرئا پُوربَ پارَ ڏي (پورب ١/١١)= پُورب جي طرف ڏانهن هليا.
- پُري پُنهونءَ ڏي (آبري ٦/٨)= پنهونءَ ڏي هلي.
- پُري پـيـرَ پـَرِي (آبري ٨/٧)= قـدم وڌائي اڳـتي هلي، رواني ٿي.
- پُري پَبَ نـ جَـهَلنـا (مـعـذور ١/٧) = پَب جـبل بہ

- پُڄِجُ پوءِ پِريتَڙو (ڪلياڻ ۴/۸، ۵/۳، ۵/۱۷)= عشق جو ڏسُ پوءِ پڇج.
- پُڇَنِ پوءِ پِريتَڙو (ڪلياڻ ۴/۴۰) = هي عشق جو پوءِ پڇن، عشق جو نالو پوءِ وٺن.
- پهرين لايو پِريتَڙو (بروو ۱/۷)= پهريائين عشق جو ناتو لايو.
- پِريتَڙو پاري (آبري ۱/۲)= عشق جو ناتو نباهي.
- پاڻا ڏارَ پِريتَڙو (آبري ۱/۱۰) = پنهنجي وجود کان سواءِ بيو عشق (پاڻ سان پيڙو ڪج).
- پاڻان پِريتَڙو (آبري ۳/۲۱)= پاڻ وٽان پريت جو ناتو (مٿان چڙهين).
- جيئن پِريتَڙو پرينءَ سين (ديسي ۷/۱۹) = جيئن محبوب سان عشق جو ناتو.
- ڪوءِ پُنهونءَ پَنِ پِريتَڙو (حسيني ۲/۱۶)= ڪوهه ۾ پوي پنهون، پَنَ ۾ پوي عشق!
- مانو جَنِ پِريتَڙو (آسا ۳/۱۴) = جن جي محبت جو ناتو گهٽ آهي.

● پَريتَ = ڪنياٽي، ڏوبياٽي.
- پَريتَ پهري پورَ (آبري ۴/۲۳)= پرتِ (سسئي) پهرينءَ سٽ، يڪدم.
- پُوندا ڪينَ پَريتَ تي (معذور ۱/۵)= پَرتِ (سسئي) جي مٿان ڪين پوندا، حملو ڪين ڪندا (مرون).
- پَرتِ ڪي پَبَ ۾ (معذور ۴/۱۵)= پَرتِ (سسئي) ڪي پب جبل ۾.

پَرڪٽا (سري راڳ ۴/۱)= پرڪيندڙ.

● پريمِ = منهنجو پرين.
- پريَمِ تُنهجا پارَ (ڪلياڻ ۱/۲۹)= اي منهنجا پرين تنهنجا پار پتا.
- تان تون پريَمِ پَسُ (سري راڳ ۴/۲)= اي منهنجا پرين تون تان ڏسُ!

● پرين= محبوب، معشوق.
- سو 'پرين' سو 'پَساهُ' (ڪلياڻ ۱/۲۸)= سوئي پرين آهي، سوئي (منهنجو) پساهُ آهي.
- پرينِ پاڻُ پَسائيو (ڪلياڻ ۱/ ۳۱)= محبوبن پاڻ پنهنجو ديدار ڪرايو.
- پرينِ پَسين پارَ (ڪلياڻ ۵/۸)= تون محبوبن جي صورت ڏسين.
- پرينِ پُڄاڻا (ڏهر ۲/۴)= سڄڻن کان پوءِ.
- پرينِ جو پَارِ (ڪلياڻ ۵/۸)= سڄڻن جو سائيه، محبوبن جو ماڳ.
- پرينِ جي (ڪلياڻ ۵/۲۱)= محبوبن جي.
- پرين جي پاڻ ڏنا (آبري ۱۱/۹)= پاڻ پرينِ جيڪي (سُورَ) ڏنا.
- پرين جي پَنڌَا (آبري ۷/وائي-۲)= پرين جي پنڌان، پرين ڏانهن پنڌ ڪرڻ کان.
- پرين جي نہ پَسَنديُون (آسا ۲/۱)=جيڪي اکيون محبوب کي ڏسي نہ سگهنديون، محبوب جو ديدار نہ ڪنديون.
- پرينءَ ڪان پاسي (راڻو ۲/۷)= پرينءَ ڪان پري هجڻ واري حالت ۾.
- پرين لَئي (يمن ۵/۴، ۵/۱۳)= محبوب ڪاڻ، محبوب الاهي لاءِ، محبوب حقيقي جي وصال خاطر.
- پرينءِ مِڙَان (آسا ۶/۶)= محبوب کي ملاَن.
- پرين وِجهَبا پيٽ ۾ (رپ ۲/۲)= اهي پيارا پرين پنهنجي اندر ۾ سانديا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پِرِيَنئُون پَانھِين (آسا ٣/وائي-١)= پرين کان پوئتي (محبت جي ناتي ۾ محبوب جي پيار کان پوئتي نہ پئجي وڃان، پوئتي نہ رهجي وڃان).
● پَرِين= پرتي واري، پري واري.
- پَرِينءَ پَرِ پِريت (سنهڙي ١/١٢)= درياء جي ٻئي پار محبت آهي.
● پَرِيندھين =منڊ کان ئي، ڇائي ڇمر کان.
- پَرِيندَھين پيياسِ (بلاول ١/٥)= منڊ کان ئي پيّسِ، ڇائي ڇمر کان ئي پيّسِ.
- پَرِيندَھين پيرِ ٿِئا (رامڪلي ٦/٢١)= شروع کان ئي قدم ڪٽي هليا، هلڻ لاءِ اتنديئي اوڏاهن روانا ٿيا.
- پيرَ پرِيندَھين ٿِرِئا (بلاول ١/٧)= پير (اتي ويندي ساڻ) پهريائين ٿري پيا (راحت اچي وئي).
● پَريُون= جيڪي آڏو آهي تنهن کان اڳتي.
- پَريون پارُ (سنهڙي ٥/١٠)= درياء جو پَريون طرف.
- پَرِيين ٿَرِ ٿِئا (مارئي ٩/١٩)= (ڪاٺڙ کان ڏکڻ) پريين پارڪر واري ٿر ۾ وڃي پهتا.
● پِڙُ = وڏو ميدان.
- سَي پِڙَ پَسِڻو پَٽَ (گهاتو ١/٦)= اهي (ميائين وارا) وارا ماڳ ۽ پٽ ڏسي.
- پِڙَ تي سيڻي پُون (ڪنيات وائي ٣/٢)= (اڏيءَ تي ڪُسڻ ۽ پتنگن وانگر جلڻ واري) پڙ تي اهي ئي اچن.
- پِڙَ ۾ اُيو پاڻِ (بلاول ٣/٩)= ميدان ۾ پاڻ بيٺل.
● پِڙَا = پڙلاءُ (آواز جو).
- پيمِ ڪَنِ پِڙَا (سنهڙي ٥/٢)= ڪن تي پڙلاء پيم.
● پِڙاڏو= ڪنهن آواز ڳالهاء يا سڏ جي (اڳيان ڪنهن خاص آڏ يا اوٽ سبب) ساڳي صورت ۾ گونجدار موٽ، ساڳئي آواز جي گونجدار صورت ۾ پوئتي ورڻ، اصلوڪي آواز جي پوئتي ورندڙ گونج.
- ڪَرِ پِڙاڏو پَٽُ (ڪلياڻ ٤/١٥)= پَٽَ کي پڙاڏو ڪر، ميدان کي وڄاء.
- پِڙاڏو سو سَڏ (ڪلياڻ ١/٣٠) = سوئي پڙاڏو سوئي سڏ (آهي، ٻئي ساڳي ڳالهه آهن ڇاڪاڻ تہ 'پڙاڏو' انهيءَ ساڳي سڏ جي ورندڙ گونج آهي).
● پِڙلاوَ= پڙلاء، محبوب جي حسن جو جلوو.
- پيهي ويو پِڙلاوَ ۾ (ڪنيات ١/٢٢)= ڀڪجي ويو حسن جي زوردار تجلي ۾.
● پَڙڻ= برابر ٿيڻ، مٽ ٿيڻ، پورو.
- پِڄيءَ تان نہ پَڙي (آبري ٧/١٠)= (پيرن جي) خاڪ سان برابر نہ ٿئي، مٽ نہ ٿئي.
- پِڪَ پِريان جيءَ نہ پَڙي (ڪلياڻ ٤/٣٩)= جيڪا هڪ ڦڙي محبت واري شراب جي پرين هٿان ملي، برابر نہ ٿئي، مٽ نہ ٿئي.
- هَڏَ نہ پَڙان هَيڪڙي (مارئي ٨/١٨)=هرگز برابر نہ ٿيان.
- نہ پَڙي (سورٺ ٣/١٥)= تور ۾ پورو نہ بيهي، برابر نہ ٿئي.
● پَڙهڻ= علم پرائڻ، لکيل عبارت کي زباني بيان ڪرڻ.
- پَڙهنو پَڙهيجاءُ (يمن ٥/١٤)= جيڪي تو پڙهيو سو وري پڙهجان، پڙهيو پيو پڙهجانءِ.
- پَڙهنَو ٿا پَڙهن (يمن ٥/٣)= وري وري پيا پڙهن.
- پڙهيا پير (راڻو وائي ١/١)= علم وارا ۽ پير.
● پَزِيري (بلوچڪي) = پوء، بالآخر، آخرڪار.
- پَزِيري اِيندَامِ (ديسي ٧/٨)= آخرڪار مون وٽ ايندا.
● پِسُ (مارئي وائي ١/١)= نئين وِيائل مينهن، ڍڳي يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪريءَ جو ڀرين ٻن ٽن ڏينهن وارو کاڙهيل کيرُ.

● پَسُ= ڏسُ.

ـ ناتہ پَسُ سِڪَندِيُون (ڪلياڻ ٥/١۴)= نہ تہ سِڪڻ وارين کي ڏس.

ـ پَاٽَ پَهِرِئَا پَسُ (پرڀاتي ١/٩)= ڳائيندڙ جن کي وڳا پهرايا ويا سي ڏس.

● پساهہ = ساهہ وارو حِسُ، ساهہ، پنهنجي جند جان.

ـ سو پرين، سو 'پَساهُ' (ڪلياڻ ١/٢٨)=منهنجو محبوب بہ اهو آهي تہ منهنجو ساهہ پساهہ بہ اهوئي آهي.

ـ جا پَروڙِي پَساهُ (ڪلياڻ ٢/١)= جيڪا ساهہ واري حس صحيح ڪري، جيڪا پَساهہ سمجهي سگهي.

ـ هڪُ پَسَاهُ (آسا ١/٩)= فقط هڪڙو ساهہ.

● پُسَڻُ= نُقص، غير، گناهہ واري آلاڻ.

ـ تہ پُسَڻَ کان ڀالهو رَهين (ڪلياڻ ٢/٢٢)= تہ گناهہ ۾ آلي ٿيڻ کان بچين.

● پَسِبِيُون (سنهٽي ١/٨)= پَڌريون ٿينديون.

● پَسَڻ = نهارڻ، ڏسڻ، ديدار ڪرڻ.

ـ پاهُون ڪِين پَسَنِ (ڪلياڻ ٥/٧)= پوئتي ڪين ڏسن (اڳتي ئي پيا وڃن).

ـ پَسَڻُ پوءِ پِرينءَ کي (ڪلياڻ ٢/١٩)= محبوبن کي پسڻ پوءِ ٿيندو، محبوبن جو ديدار پوءِ ٿيندو.

ـ پَسَڻُ پِرِينءَ جو (ڪلياڻ ٣/٢٢)= محبوبن جو ديدار.

ـ پَسَڻُ پِرِينءَ کي (يمن ٥/١)= پياري پرين کي ڏسڻ، محبوب حقيقي جو ديدار.

ـ جِهَڙو پَسَڻُ پِرِينءَ جو (يمن ٥/١٨، سارنگ ١/٣) = محبوب جو نظارو، محبوب جو ديدار.

ـ پَسَڻ پَري سَندونِ (آسا ۴/١٦)= ڪين ڏسڻ (تهي ٿي) پري کان، سندن پري کان ئي ديدار.

ـ پَسَڻ ڏاران پرينءَ جي (يمن ١/٢٦)= دلبر جي ديدار کان سواءِ.

ـ پسڻ جو پرينءَ جو سا سَچائي سُچ (آبري ١/٨)= محبوب جو پسڻ حقيقت ۾ سُچ آهي (ڇاڪاڻ جو مقصد پوري ٿيڻ سان (يعني پَسڻ سان) محبت واري اها سڪ ۽ ڇڪ باقي نہ رهندي).

ـ پَسَڻَ لئي پِرِيَنِ (سارنگ ٢/٧)= محبوبن کي ڏسڻ لاءِ.

ـ پَسَٽان (مارئي ٨/٢٩)= پسڻ کان، ڏسڻ کان.

ـ پَسَٽان پري ٿيو (آسا ١/١٣)= پسڻ کان پراهون ٿيو.

ـ پَسَٽان پرائيو (حسيني ٢/١٦)= مون انهن کي پسڻ مان، موت پرائيو (ظاهري مقصد ۽ مطلب واريون شيون ملن ٿيون، تہ انهن جي سِڪَ ۽ ڇِڪَ ختم ٿي وڃي ٿي، ڳولا ۽ جستجو ۽ اڳتي وڌڻ وارو جذبو ختم ٿي وڃي ٿو، انهيءَ لحاظ سان ڇڻ ماڻهو مري چُڪو).

ـ پَنو سو پَسَنِ (يمن ٥/١)= اهو پنو ڏسن، اهو ورق پڙهن.

ـ جان جان پَسِين پاڻ کي (ڪلياڻ ٣/١٩)=جيسين تائين جو تون پاڻ ڏي ٿو ڏسين، پاڻ کي ڪجهہ ٿو سمجهين.

ـ پَسَندا سيِٺي (سلمونڊري ١/١۴)= اهي ئي (غواص يا ٽوبا وڏي ملهہ وارا موتي) ڏسندا ۽ هٿ ڪندا.

ـ پَسَندِهين (حسيني ١٢/٧)= پسندي ئي.

ـ پَسَندهين پُرِ ٿـا (بلاول ١/٢۴)= هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان مخمور ٿيا.

ـ پَسو پَکِهُ پِنومِ (راڻو ١٠/٦)= ڏسو جو مون کي راڻي جو پکهہ پيو (۽ آءٌ ان ۾ ٻڌجي ويس).

- پڪِينِ (يمن ٦/١٨)= پڪن تي، وڻيءَ جي تري ۾ پيل ٽوررين ۽ ننڍڙين سُرڪين تي.

● پَڪا (مارئي ٥/٤)= (الف) پڪل ميوا (ب) ڪرڙن جا پڪا.

● پُڪارُون (سنهڙي ٣/١٠)= دانهون، سڏ.

● پَڪو (سنهڙي ١٠/٧)= پڪو دلو.

پَڪَ= ڪنپ.

- پَڪَ نہ ڪوڙي پَٽيين (ديسي ٥/١) = زمين تي ڪنپ نہ ڪوڙي، زمين تي نہ لهي.

● پُڪو (ج) پُڪا= ڪٿو، فال.

- پُڪا (سري راڳ وائي ٣/١)= ڪٿا، فال جا چٽڪا.

● پَڪا (ڏهر ٣/١)= سَرن ڪانهنِ جي ڪانين وارا گهر. اوڏن وارا پڪا. ماڻهن وارا پکا.

● پَکو = گهر، جاءِ، رهڻ لاءِ جڳهه.

- نہ پَکو نہ پيتَمِ (رپ ٣/١٢)= نہ مون وٽ پکو آهي تہ نہ پرين آهي.

● پَڪارِئو (ڪلموڏ ٤/١٣)= سڻٽا سِڌا ڪري اڏيو.

● پَکَر، پَاکَر (يمن ٤/٩)= (پکين جي ٻن پکن يا ڪنين مثل) ڪُلهائين زره جيڪا سيني توڙي ٻنهي ڪلهن مٿان وري بيهي.

پَکَرِين (مارئي وائي ٢/٢، ڪلموڏ ٤/٤)= پکرن ۾، پکن ۾.

- پَکَنِ پَن (سري راڳ وائي ٣/١)= پکن جا پن.

- پَکي (سارنگ ١١/٨)= پکي ۾ ساٿين جي پکن اندر.

- پَکي پاندِ (مارئي ٨/٣)= پکي جي پاند، پکي جي بيگهه (جيترو مفاصلو).

- پَکي چِنا پَاندَ (رپ ٣/٢)= پکي جا (پکي واري گهر جا) پلسا چنل.

● پَکٽانيديون (ڪارايل ١/٢٠)= ڪنيڙا تيون.

● پَکي ٻنا مَچَنِ (ڪارايل ٢/٦)= ٻيا پکي متارا ٿين.

- پَکِيئڙو پارِي (ڪارايل ١/٩)= ننڍڙو پکي پيو پوري ڪري.

- پَکِيءَ پيرُ (ڪلهوڙي ٢/٢٠)= پکيءَ جو پيرو.

- پَکي پيهي نِڳنا (ڪارايل ١/١٥)= پکي اندران ٽبي هٽي نڪتا.

- پَکٽين (ڪلهوڙي ٢/١٨)= پکين جو.

- پَکي وِئا پيهي (رپ ٢/٢٧)= پکي وٽن ۾ وانهين ۾ اندر وڃي ويٺا.

● پَڳُ (سنهڙي ٨/١٣)= پير، ڏسُ

- پُڇِي تُنهنجو پَڳُ (پرڀاتي ٢/١٤)= (توتائين پهچڻ جو) ڏس پڇي.

- پاهان پڳ مَ ڏيج (يمن ٣/٩)= پوئتي پير نہ کڻج، پوئتي نہ هٽج.

● پَڳهَہ= ٻيڙيءَ کي ڪنڌيءَ سان ٻڌڻ وارو مضبوط رسو ۽ ڪلو.

- پَڳهَہ پلسي گهارِ (سلمونڊري ٢/١) = پڳهہ وٽ رهہ، انتظار ڪر.

- پَڳهَہ پَائي (رامڪلي ١/٢٠)= (ٻيڙي وانگر) پڳهہ وارا رسا ٻڌي (پاڻ سين گڏ).

- پَڳهہ پوڻ (راڻو ١٠/٦)= ٻيڙيءَ جو پڳهہ جي رسي سان ٻڌجڻ، ٻيڙيءَ جو ٽڙ بندر تي ٻڌجڻ.

- پَڳهہ کَڻ مَ پاتِي (سلمونڊري وائي ٣/٢)= او پاتي، پڳهہ (ٻيڙي ٻڌڻ وارو رسو) چوڙي ٻيڙي نہ هاڪار.

● پَڳهڻ= پڳهہ سان ٻڌڻ.

- پَگھِيو (سنھڻي ٩/١٢)= ور وَراڪا ڏيئي، ڀڏي سرگھو ڪيو.
- پَگھِيو ھِنيُون (سامونڊري ٢٨/٣)= دل کي ڀڏي قابو ڪيو.
● پَگھرَ سَائي پرکِي (ڪوھياري ٦/٤)= پگھر مون کي پسائي اھو ساڳيو حال ڪيو (جئن مينھن وسي ڪندو آھي).
● پَلُ (سارنگ ٢٠/٤)= گھٽو پاڻي.
● پلاڻُ، پَلاڻي= اٺ جي پٺيءَ تي بار وجھڻ لاءِ ڪَکن جي موڙن مان ٺھيل ڍانچو.
- پلاڻان = پَلاڻ ڪان.
● پلاڻڻ= گھوڙي يا اٺ کي سواري ۽ بار کڻڻ لاءِ تيار ڪرڻ.
- پَلاڻِيائون (راڻو ١٢/١٠)= وھٽن تي سنج وڌائون، ھلڻ جي تياري ڪيائون.
- پَلاڻيو (سورٺ ١١/٣)= تيار ٿيو.
- پَلاڻيندي (ديسي ١٠/١)= پلاڻڻ وقت.
- پلاڻان پنو اولاڻو نه اُٺيي (ڪنيات ٢/٥)= پلاڻ جو بار ته نه کڻي پر ٺلھي پني به اٿي نه سگھي.
● پَلاڻي = پَلڻُ، پلاڻُ.
- پَلاڻِي پائينس (ڪنيات ١٤/٤)= پلاڻي وجھينس ۽ چڙھينس.
● پَلتِشو پاريون ڪري (سنھڻي ١٤/١١)= پَرچي، اُٿلي واھيون ڪري وڙھو.
● پَلرَ = مينھن جو پاڻي، تازي وسيل مينھن جو پاڻي.
- پَلرَ جِي پالوٽَ سين (سارنگ ١/١) = تازي وسيل مينھن جي پاڻيءَ جي پلٽ سان.
- پَلرُ پَلتيائين (سارنگ ١/٣)= تازو مينھن نايائين، تازي مينھن جو پاڻي وھايائين.
- پَلرُ پِياري (سارنگ ٣/٤)= تازي وسيل مينھن جو پاڻي پياري.
- پُسايائون پَلرَسين (سارنگ ١٣/٤)= مينھن جي پاڻيءَ سان آلا ڪيائون.
● پَلَڪَ (معذور ١٩/٢)= گھڙيءَ جو ھڪ حصو.
● پلڻ= جھلڻ، روڪڻ.
- پَلِ (ڪلياڻ ٥/٣)= پلڻ مان امر، جَھلِ، روڪ.
● پَلَڻَ جا (ڪنيات ٦/٥)= روڪڻ جا، جھلڻ جا.
● پَلَئه = پوتي جو پاند، ڪپڙي جو پلئه، ميڙ مُنت لاءِ، معافي وٺڻ لاءِ جيڪو پاند ڪنھن جي آڏو جھلجي، يا زمين تي وڇائجي.
- چَندرَ پَلَئه ٻَڌَ (ڪنيات ٦/٢)= اي چندر! تون پنھنجي پلئه ۾ ٻڌ.
● پَلَئه پوڻ= پَلَئه ۾ پوڻ، ملڻ.
- پَلَئه پيئي (ڪوھياري ٦/٣)= پَناري پَئي، ساڻس منھنجو واسطو ٿيو.
- سو مون پلئه پاءِ (سري راڳ ١٩/٣)= (وڻجاري تي دعا گھري ته اي منھنجا ڏڻي!) اھو سودو مون کي پلئه پوي، ان جو نفعو مون کي حاصل ٿئي.
● پَلئه لَڳڻ (ڏھر ٥/٣)= دامن لڳڻ، پناھ ۾ اچڻ.
● پَلِئو نه رَھي (سامونڊري وائي ١/٣)= جھليو نه رھي.
● پَلي (سنھڻي ١١/٤)= جَھلي، روڪي.
- پَلي پاڻُ (ڪارايل ٩/٢)= پاڻ کي پلي (غير خيالن کان).
- پَلِيين (سامونڊري ٢٤/٣)= جھلين.
- پَلِيَان پَلِيو نه رَھي (رپ ٢٤/١)= جھليان جھليو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نہ رهي.

● پَلِيتُ= گندو، ناپاڪ.

- پَلِيتُ ئي پاڪُ ٿِئين (سنهٽي وائي ١٢/١)= تون پليتي هوندي پاڪ ٿئين (پنهنجو پاڻ مان جي چڱو ٿئين تہ پوءِ پليتي ۾ پيل هجين تہ بہ هوند پاڪ ٿي پوين!).

● پَنَ (ڪلموڏ ٢/١٣)= وڻ جا، ول جا، گاهہ جا پن. پيڻ جا ويڪرا گول پن.

- پَنَ چَرَنِ (مارئي ٢/١٤)= گاهہ چرن، مال کي گاهہ چارين.

- پَنجين لڪين پَنُ (ڪنيات ٤/٦)= پن پنجين لڪين وڪامي.

● پَنُ= پردو، ڍڪ، لڄ پت.

- پَنُ رَهائِيين (مارئي ٢/١٦)= پردو رکين.

● پَنَا پِنَا (يمن ٥/٤، ٥/١٣)= پنا پنا، پنا ورق، هڪ الله جي وحدت ۽ محبت کان سواءِ بيا غيرالله ۽ 'دوئي' وارا ورق.

● پُنَا (گهاتو ٢/١)= اچي پورا ٿيا، ختم ٿيا.

● پَنجَ پَگهَہ (سري راڳ ٢/١٠)= پڳهہ جا پنج رسا (معنوي لحاظ سان پنج وقت نمازجا).

● پَندَ= نصيحت، هدايت، نيڪ صلاح.

- جي پَندَ اِهائِي پارِيين (آبري ٧/١٣، معذور ٤/١) = جي تون ان نصيحت تي عمل ڪرين.

- جي پَندِ پارِئائُون (يمن ٢/١٧)= جيڪڏهن نيڪ صلاح تي عمل ڪيائون.

● پُندِينءَ= پَوَندِينءَ، مٿان پوندينءَ، مِلَندينءَ.

- پُندِيَسِ پَنڌِ پرِياڻ (آبري ٩/١٠)= پنڌ جو پتو پَوَندَ س.

- پُندِينءَ مُنڌَ پَهاڙَ ۾ (آبري ٧/١٢)= اي منڌ! تون جبل ۾ پوندينءَ (انهن جي مٿان).

- پُندِينءَ مُنهَن ميهارَ جي (سنهٽي ٦/وائي) = ميهار کي ڏسندينءَ، ميهار کي ملندينءَ.

- مون جٿن پُندي مامري (حسيني ٩/١٠، ١١/١٠)= مون وانگر معاملي ۾ پوندي، تڪليف ۽ ڪشالي ۾ پوندي.

● پَنڌُ=مفاصلو جيڪو پيرين پيادو هلي پورو ڪجي.

- انَ پَنڌَ جون (ڪلهوڙي ١/١٥)= ان پراهين پنڌ جو.

- پوءِ نہ رَهندوَ پَندَ ري (ڪنيات ٤/١٩)= پنڌ ڪرڻ کان سواءِ نہ رهندو.

- پَنڌ پُور.(ڪنيات ٣/٢)= (اي اٺ تون) پنڌ ۾ تکو هل.

- پَنڌَ نہ جو ڳِي پيرِّي (ڪنيات ٢/٢٤)= پيرينءَ سان ڳڏ پنڌ جهڙي ناهيان.

- جو تو چارڻ ڪنو پنڌ (سورٺ ٤/١٠)= اي چارڻ! جيڪو تو پنڌ ڪيو.

- پَنڌِ ٿِيا (سامونڊي ٢/٦، راڻو ١٠/١٢)= پنڌ ۾ پيا، روانا ٿيا.

- پَنڌان ڪارِيو پَهَيَرَا (مارئي وائي ١/٦)= قاصدن کي پنڌ ڪرڻ کان موڙيو، پري ڪريو.

● پِندَ= پنهنجا پاڻ، پنهنجا جسم.

- پاڪَ رکيائون پِندَ (رامڪلي ٤/١٥)= پنهنجا جسم پاڪ رکيائون.

● پِنجَرَ (سامونڊي ١/٨)= کوهي جي چوٽي جي ويجهو پيجري مثل ويهڪ جي جاءِ، جتي 'پانجري' ويهي.

● پُنُو = پورو ٿي ويو، پيچي پري وٺو.

- پاڻِيءَ مِنجهہ پُنُو (سنهٽي ٦/١٦)= پاڻيءَ منجهہ (دلو) پيچي پري وٺو.

● پَنهار = پنهوار ٻڪرار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پُڇان ٿي پَنهارَ تو (آبري ۹/وائي-۱)= اي پهنوار توکان ٿي پڇان.

- پنهوار ڪِي پَتِ (مارئي ۱۰/۶)= پنهوارن جي ريت رسم، عزت.

● پنهنجن = جيڪي پنهنجا هجن.

- پَرايا پَنهنجِن، وڃڻ ويچاريءَ تي (آبري ۱۳/۱۱) = پيا به پنهنجن ڏکن سورن تڪليفن ڪي ويچاريءَ (سسئي) تي وڃڻ.

- پنهنجي اَرِٽِ (سامونڊي وائي ۲/۲)= پنهنجي آتڻ تي، پنهنجي گهر ۾.

- پنهنجي ياڻِ (مارئي ۲۱/۱)= پنهنجي ياڻ تي، پنهنجي مال جي ياڻ تي، پنهنجي ماڳ تي.

- پَنهِنجي لَوءِ ۾ (حسيني ۱۶/۱۱)= سندس پنهنجي شهر ۾.

● پُنهون= هوت بلوچ سردار جو نالو (جيڪو سسئي تي عاشق ٿيو).

- پُنهون ٿِيس پَاڻهين (آبري ۳/۴)= آءٌ پاڻ پنهون ٿي پيس.

- پُنهون پريشان، بَرِ بَرِا! نڪو خانُ نه مانُ (حسيني ۵/وائي-۱) = پنهون هُتي (جتي ڪيس ڪنيو ٿا وڃن) پريشان! اُتي هو بين جي وس: بس، نڪو هو خان نه نڪو سندس مان!

- پُنهون پَسُ (آبري ۱۴/۱)= پنهونءَ کي ڏس.

- پُنهونءَ پوءِ (حسيني ۱۶/۱۱)= پُنهون پوي.

- پُنهونءَ پيراَندي (حسيني ۹/۱۱)= پنهونءَ جي پيراندي ۾ (آءٌ مران ته مون کي اتين دفن ڪن جو منهنجي قبر پنهونءَ جي قبر جي پيرن کان ٿئي).

- پُنهونءَ سين پِيَاءِ (ڪوهياري ۱۱/۱)= پنهونءَ سان تنهنجو ناتو رشتو ٿيو، پاند اٽڪيو.

- پنهونءَ سين پيچُ (آبري ۱۳/۳)= تنهنجو پنهونءَ سان پريت جو پيچ پيو، محبت جو وَرُ پيو.

- پُنهونءَ کي پيئي، رُنِدي ڪير رَتَ ڦُڙَا (حسيني ۱۱/۲) = هاڻي پنهونءَ لاءِ ڪير رت رُئندي! (جڏهن سچي محبت ۽ سچائي ختم ٿي وئي: دِلي ڏک باقي نه رهيو ۽ رڳو رسمي ڏک رياءِ وارو رهجي ويو).

● پَنڌُن، پَنءِ=اصل، بنياد، اشارو، اهڃاڻ، ٿورو ذرو.

- منجهان پَنڌَ پرُوڙِ (آبري ۱۳/۷)= اشاري مان صحيح ڪر، ٿوري مان سڃاڻ.

● پِنِي = بُڪي (تنگ واري).

- پِنِيءَ هيٺ (سنهڻي ۸/۴)= ايترو ٿورو ۽ ننڍو پاڻي جيڪو پِنِيءَ ڪان هيٺ بيهي.

● پَنِيرُ = اَڪري مثل هڪ ٻوٽي جا گل (ٻج وارا) ڦُل يا ڦونا، ڪَپُوئي.

- پاٽِرَ جو پَنِيرُ (مارئي وائي ۲/۱، ۱/۱۰)= پاٽر جي علائقي جو پنير، منهنجي وطن جو پنير.

● پُنِيُون مُون پَسَن (آسا ۱۸/۳)/= مانَ سڄڻ سان منهنجيُون اميدون پوريون ٿينديون ڏسن.

● پُٺِ ٿو (سامونڊي ۲۴/۳)= وري ٿو.

- پُٺِ ٿو سفر سنبهي (سامونڊي ۲۴/۳)= وري ٿو سفر جي سنبت ڪري، سفر تي وڃي.

● پُٺڻ = نپوڙڻ، نپوڙي ڇڏڻ، تُنگ تنگ ڪري ڇڏڻ، هيڻو ۽ بي حال ڪرڻ.

- پُٺي نَه پارو (رپ ۱۸/۲)= سخت سيءَ به نه هيڻو ڪري، نه بي حال ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● پَٽي = خاڪ، مٽي پيرن جي خاڪ.

- پَٽيءَ تان نہ پَڙي (آبري ٧/١٠)= پيرن جي خاڪ جي مَٽ نہ ٿئي.

- ڪنائون پاڻ پَٽي (ڪاھوڙي ٢/١٢)= پاڻ پَٽي ڪنائون، پاڻ کي مٽيءَ ۾ ميرسان پري ڇڏيائون، پاڻ کي مٽي ڪري ڇڏيائون.

- پيئي جَنِ پَٽي (ڪاھوڙي ٢/٣)= جن تي ڌَرِ مٽي پئي.

- پَٽي پوءِ مَ پرينءَ تي (ڏيسي ١/٢١)= سنھڙي ڌَرَ (مٽي) بہ محبوب تي نہ پوي.

- سَنَڍي پيرَ پَٽي (سامونڊي وائي ٤/١، حسيني ٥/وائي-٢) = پيرن جي خاڪ.

● پواڙا ڪرڻ= زور سان پوڻ، لڳڻ (واءَ جو، سيءَ جو).

- پَواڙا ڪَري (رامڪلي ٤/١١)= لھي ۾ لڳي، زور سان لڳي.

● پوتَ = پَلاند .

- چارئي چُنيءَ پوتَ (رپ ٢/١١)= چُنيءَ جا چارئي پلاند.

● پُوتِ (ڪارايل ٢/٥)= ڪوڙا مٺيا، مٺڪا (موتي نہ).

● پوتِ = ڌَرَ = (ڪپڙي جو)= ٽڪر ٽڪر.

- پاڻان تِيسِ پوتِ (رپ وائي ١/١)= ويتر آءُ ٽڪرا ٿيس.

● پوتو = ('پوئجڻ' مان ماضي) پوئجي ويو (سَرَ ۾ موتين جو پوئجڻ، ڌاڳي ۾ پوئجي وڃڻ).

- پار وَڃي پوتو (سنھڻي ١/١٥)= درياءَ جي ٻئي پار وڃي (منھنجو من ميھارن سان) پوئجي ويو.

- پوتا رَھيا (رامڪلي ٧/١٤)= ڳنڍيا رھيا، مَحو رھيا.

● پوتَيو (واحد)، پوتڙيا (جمع)= پتل يا ٻئي ڌاتوءَ جو ٿانءُ پاڻي لاءِ جنھن جي مٿان ڪپڙو سبيل (ماروا ڙ ۾ 'پوتَريو').

- پاڻي پوتڙين ۾ (ڪاھوڙي ٢/١٣)= پوتڙيا تن ۾ پاڻي پريل.

● پوچ = گھٽو، گھٽا، جھجھا، جام.

- پوچَ مَيي کي پاءِ (ڪنيات ٣/١٤)= اٽ (ميي) کي گھٽيون (ايلاچيون) ڏي، ان جي ڪاڻ لاءِ وجھ.

- پوچَ پيارِ پَھيڙا (يمن ٦/٣٢)= واٽھڙن کي گھٽو پيارج، پياري ھُو ڪرائج.

- پَڇي پوچ پيلِ (ڪنيات ٥/٨)=گھڻا ميوا پچي پيلس.

- پرينِ پوچَ پيارِئو (يمن ٥/ وائي-١)= محبوبن گھٽو پياريو، پياري ھُو ڪرايو.

- پَاڻي پوچُ پَتَن ۾ (مارئي ٨/٣) = پَتَن ۾ گھٽو پاڻي.

● پُوڄڻ = پرستش ڪرڻ، بندگي ڪرڻ.

- پُوڄا ڪارِ مَ پاڻ کي (رامڪلي ٢/٢٦)= پنھنجي پوڄا نہ ڪراءِ.

- پُوڄِنُو پُوڄِنُ (يمن ٥/١٧)/= تون مسلسل طور پرستش ڪرين، پوڄين.

- سَيَڪا پِريان ڪُون پُوڄي (ڪلياڻ ٢/وائي)= سيڪا پنھنجن پرين کي ٿي محبت سان مڃي، پيارو سمجھي پرستش ڪري.

● پُوڄارُي = ڏينھن جو پوين پاڳو، پوين پَھَر.

- پُوڄارُيءَ پَتَن تي (سارنگ ٣/١٤)= پوئين پَھر پتن تي.

● پُوڄُ، پُڄُ= ڪپڙي جو پاند، ڪپڙي جو ٽڪر، ڪپڙو.

- ھوتُ نہ چُنيءَ پوڄُ (حسيني ٧/١٤)= منھنجو محبوب پوتيءَ جو پاند ڪونھي.

● پوچو= ميرو ڪوجھو.

- پوچي مُنھ (مارئي ٤/٩)= پوچي مُنھن سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوجهي منهن سان.

● پور= ڇاپي جو نقش (ڪاٺ ۾ ڪوريل، جيڪو مُهر وانگر ڪپڙي تي هڻبو ته ڊزائين نڪري).

- پنهون ڪِنائُون پورُ (حسيني ٣/١)= اِسندن ڪاميابي انهيءَ ۾ هئي جو) پُنهونءَ کي نقش ڪئائون.

● پُورُ= مينهن جي سڱ وارو ونگ، ڳهيڻي جي سڱ وارو وراڪو.

- پُورين پانڌَ تِمَنِ (ڏهر ٤/٧)= انهن (مينهين) جي سڱن تان پاڻي پيو ٽمي، سڱن جا پاسا پيا ٽمن.

- جيِئن مينهن ڪُنڍِيءَ پُورُ (پرو ٤/٨)= جهڙيءَ طرح ڪُنڍي مينهن جي سڱ جو ڳول وراڪو آهي.

● پُورُ= پَرِيل ٻيڙيءَ جي روانگي، ٻيڙيءَ جو پار وڃڻ لاءِ وارو، ڳهمرو

- جي وِئا پِهرين پور (سامونڊي ٤/١)= جيڪي ٻيڙيءَ جي پهرين روانگيءَ ۾ چڙهيا، ٻيڙيءَ جي پهرئين ڳهمري ۾ روانا ٿيا.

● پُورُ= ڪنهن خيال جو پرجي اچڻ، ڪنهن خيال جو دماغ تي چڙهڻ، اوتار چڙهڻ، غمن جا اونان ڏکوئيندڙ ويچار.

- پَرِيتَ پِهري پُورَ (آبري ٤/٢٣)= سسئي (پريت) پهرئين خيال ۾.

- پيغامَنَ جا پُورَ (رامڪلي ٤/٢)= نياپن وارا پهرَ ۽ خيال.

- پُونِ ڏيهاڙي پُورَ (سامونڊي ٤/٢)= روزانو خيال چڙهن، غمن جا اوتار چڙهن.

- پَئي اَچَنِ پُورَ (ديسي ٣/١٤، ڪوهياري ١٠/٥)
= جيڪا هيٺي تي پئي آهي تنهن کي پيا غمن جا پور پون، هيٺيءَ تي پيا ڏکن جا اوتار چڙهن.

- پُورَن پَالِيَاسِ (حسيني ١٢/١٣)= ڳُڻتين مون کي پاليو، مون کي نپائي وڏو ڪيو.

● پُورُ= پورو پريل وهڪرو.

- پَتِيهَلَ تو ۾ پُورُ اڳيون ناهي آب جو (ڏهر ١١/٢)
= اي پَتِيهل جا پورا، اي پتيهل درياءَ! تو ۾ (اڳيون) پريل وهڪرو (ناهي) پاڻي جو.

● پُور هٽڻ = ٻن سانهه ڳهيڻن جو وڙهڻ وقت پوئتي هٽي، پري ڪان ٻوڙي چوٽ ڪري ٽڪرون هڻڻ.

- پُورَهَٽِي (راڻو ٣/٦)= زورائتا ٽڪر هٽي، موٽمار ٽڪرون هٽي.

● پُورا ٿِيا= ختم ٿيا، مري ويا، مُئا.

- سي پِهرئينَ سين پُورا ٿِيا (يمن ٣/١٦، ٣/٢١)= اهي پهرئين ڏک لڳڻ سان مري ويا.

● پُورَبُ= ١. پورب ديس (جيڪو منهنجو ۽ منهنجي پرين جو ديس ٢. پورب راڳ.

- پُورَبَ مارِييَاسِ (پورب ١/١)= ١- مون کي پنهنجي وطن پورب جي سڪ بيحال ڪيو آهي. ٢- مون کي پورب جي راڳ جي اثر بيحال ڪيو آهي.

- پُورَبِ ٿِينِدي پَڌَرِي (رامڪلي ٦/٢٦)= پورب ۾ پڌري ٿيندي، ظاهر ٿيندي.

- پُورَبَ پُورِيَائُون (پورب ١/١٢)= پورب جو رُخ ڪري اوڏاهين هليا.

- پُورَبُ ڪَنيو نَه پاڻ سين (رامڪلي ٣/٢)= پورب ڏانهن ويندي پاڻ سان نه ڪنيو.

- پُورَبَ وِئا پيهي (پورب ١/٧)= هو وڃي پورب ديس ۾ پهتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پورَب وِيندَء (رامڪلي ١/٨)= پورب ڏي هليا ويندئي.

● پُورڻ = پنڌ ۾ هلڻ، پنڌ جو قصد ڪرڻ، ارادو پڪو ڪري رخ وٺي تکو هلڻ.

- پُڇيوءِ تان پُورِ (حسيني ٧/٢)= تو پڇا ڪئي آهي ته پوءِ پنڌ ۾ هل. (انهن جي پنڌيان) رواني ٿيءُ.

- پُورياڻون پُورَبَ ڏي (پورب ١/٣)= هليا 'پورب' (ملڪ) ڏانهن.

- پُورِ اُبتي وَڳُ (سنهڙي ٨/١٣)= اُبتي پُور ۾ هَل، اوپاري وهڪري ۾ هَل، اُبتي رخ ڏي تَرُ.

- پُورِينديس پُنهونءَ ڏي (آبري ٩/١٠)=پنهون ڏي هلنديس.

- پُورِينديس پَارُ مَٽي (سنهڙي وائي ٣/١، ١٠/١٣)= رخ رکي دريا جي ٻئي پار وڃڻ لاءِ ترنديس.

● پُورڻ =بند ڪرڻ، ڦٽن زخمن جو رت بند ڪرڻ، ڦٽ ميٽي ڇڏڻ، ڇُٽائي ڇڏڻ.

- سي پريءَ ڳنڍي پُوريا (حسيني ٥/٢٣)= سي (ڦٽ) محبوب ملڻ سان ميٽي ڇڏيا.

- پُوري مَڙهه مُهيس (رامڪلي ٣/١٩)= وڏا جوڳي آسڻ ۾ مڙهيون پُوري، بند ڪري.

- پُورِئا دَرَ (پرڀاتي ١/٥)= پُوريل دروازا، جيڪي در اندران بند هوندا آهن. (جن تي بيهي منگتا ڏان وٺڻ لاءِ صدائون ۽ ساراهون ڪن).

● پُورو رَهجَ (رامڪلي ٢/١۴)= هر ڳالهه ۽ هر حال ۾ امر کي پوري ڪرڻ وارو ٿج.

- پُورو نَه ٿئي (يمن ٣/٧)= پورو نشان تي نه لڳي، پورو اثر نه ڪري.

● پورهَتِ جو (ليلان ٢/٥)= ڪَتڻ واريءَ (ڪورو) جو.

● پُورَڻ =بيڙي هاڪارڻ، هلائڻ، ڪنهن ماڳ ڏانهن هلڻ.

- اُتِ پُورَڻَ وارو پاڻ ڏٺي (سري راڳ ٣/٨)= اُت (وڏي سمندر ۾) بيڙي هلائڻ ۽ بچائڻ وارو ڏٺي پاڻ آهي.

- اورئان انگريزيءَ پُورِئو (سامونڊي ١/٢١) = هِن اورئين طرف کان انگريزن پنهنجو بيڙو هلايو.

- پُورِيندَء پَرَڏيهه (سامونڊي ٢/٣)= هو بيڙيون هاڪاري ٻئي ڏيهه ڏي هليا ويندئي.

- پُورِيندي هُنَ پارَ ڏي (سري راڳ ٣/١٧)= هن ٻئي پار ڏي بيڙيون هاڪاريندي ويندي.

- نارِيُون پُوري ناڪُئا (سامونڊي ٢/٥)= ناکئا (سمندر جي) نارين جو رخ رکي روانا ٿيندا.

- پُوري تان نه پَري (آبري ١/١٨)= وڏو پنڌ ڪري ته به (پنهونءَ جي محبت ۾) برابر نه ٿئي.

● پُوري = گهرج جي پورائي.

- پُوري نَه ٿئي (ڪاپائتي ٢/٨) = پوري نٿي ٿئي، پورت نٿي ٿئي، پوري نٿي پئي.

- پِنهينءَ جي پُوري (ڪلياڻ ٥/١) = پنهينءَ جي پورائي.

● پُوري = پَڪي.

- پرتِ جَنِ پُوري (يمن ١/٢٢)= جن جي محبت پوري پڪي.

● پُوري پَئي رَهُ (رامڪلي ٢/٣٢)= اکيون پوري (اندر ۾ سوچ لاءِ) پيو هج.

● پورِيُون = خال واريون، اندران خالي.

- هي جي مَنجهان پورِيُون (بلاول ٢/٩)= هي جيڪي اندران خالي آهن.

● پُوريُون پَاتيُون پَاڻَ ۾ (آسا ٢/٢٩)= پاڻ ۾ پوريون ڪري ڇڏيون. پاڻ ۾ پوريون جو تون ڏنائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پَچائي پَهَاڙُ (يمن ٤/١١)= پاهڻ کي پچائي، ٻاري.

● پَهائڻُ = پرچائڻ.

- رُنا پِرين پَهائِيَان (کنيات ٢/١٨)= رسي ويل محبوبَ مڃايان، پرچايان.

- پُنهون پَهَايان (آبري ٨/٢)= پنهونءَ کي مڃايان، راضي ڪريان، پرچايان.

- پَهَائيندِيس پُنهونءَ کي (ڪوهياري ٢/وائي) =پنهنجي پنهونءَ کي راضي ڪنديس، پرچائيندس.

● پَهَتَ = رسمَ، ريَت، پَرِ، پُوئُو، نيندَ، لاڳ، مان.

- پَهَتِ جَني جي پَرِ (يمن ٦/٧، ڪلموڏ ٢/١٧)= جيڪي ايندڙن کي محبت مانُ ڏين.

● پُهتي رِءِ پهاڙ ۾ (ديسي ٢/٨)= جبل ۾ پهچڻ بنا، پهچڻ کان اڳ.

● پَهَچُ = پرچاءِ، ملي هڪ ٿيڻ.

- پُنهونءَ ساڻُ پَهَچُ (معذور ٤/٢)= پنهونءَ سان ملي هڪ ٿيءُ.

● پُهچڻُ= اچي وجڻ، وقت ۾ منزل تي اچي وجڻ.

- پُهچڻ پارينداءِ (رامڪلي ٢/٢١)= اُهي پهچڻ ساڻ پوري ڪنداءِ (مراد).

● پَهَرَ = جتي ڪو ماڻهو هجي، وَسِين، وَسَندي.

- پَهَرَ نہ پِنيائُون (رامڪلي ٥/٢)= وسين وسنديءَ ۾ هو پنڻ وارا ناهن، ماڻهن کان نہ گهريائون.

- پَهَرَ نہ پُچَنِ ڪاپَڙِي (رامڪلي ٥/١٦)= وڏا فقير (پنهنجي غرض لاءِ) ماڻهن جي پڇا نہ ڪن، ڪنهن جا محتاج نہ ٿين.

- پَسِي پَهَرَ پُنهونءَ جي (حسيني ١٢/١)= پنهونءَ جو ڪو ماڻهو ڏسي.

● پَهَرَ = ڏينهن جو چوٿون حصو.

- پَهَرَ ڏينهان پوءِ (راڻو ١/٥)= ڏينهن جي هڪ پهر گذرڻ کان پوءِ.

● پَهرَڻ = ڪپڙا پائڻ، پوشاڪ ڍڪڻ، ٻاهر نڪرڻ ۽ هلڻ.

- پَهرَنَا پَسُ (ٻرياتي ١/٩)= پوشاڪون پهرايل ڏس.

● پهرو = پَهرو، پهريون.

- جَنهِ جو پهرو پُورو نہ ٿِئي (يمن ٣/٧)= جنهن جو پهريون (تير) پورو نہ لڳي.

- پهروِئي پاڻُو (آبري ٢/٧)= پَهرين ئي منزل.

- پَهرِئو چَرَنِ پَنَ (مارئي ٢/١٤) = ميدانن چراگاهن تي پکڙيل پن چرن، گاهہ چرن.

- پهرئين دَسِ (ليلان ٣/٩)= پهرئين دس ۾ پهرين سنبت ۾ (دهل جي هڪ وڄت جو نالو. 'دس' شاديءَ ۾ وڄندو: 'دهل جو پهريون دس'، ٻيو دس...)

- پَهرِئين سِين (يمن ٣/٢١)= پهرئين تير سان، پهرئين ڌڪ سان.

● پَهَرِي = پَکڙِي، هَلِي چَلِي.

- پَهَرِي پَٽَنِئان (سارنگ ٤/٩)=پَٽن تي نڪري هَلِي، پکڙي.

- پَهرِي ڪنا پَٽَنِ ۾ وڄن وَڏاڻا (مارئي ١١/٦)= ڪنوڻين ظاهر ٿي چوڌاري چمڪي ملڪن (پٽن) تي تجلا ڪيا.

● پهرين= سڀ کان پهريائين، اول ۾ اول.

- پهرين وِڃائڻُ پاڻُ (ڪلياڻ ٢/١٩)= اول پنهنجو پاڻ کي وڃائڻ.

- پهرين ڪاتي پاءِ (ڪلياڻ ٥/١٧)= پهريائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاتي وِڃهه (۾ ڪات).
- پِهرِينءَ گهوڙَ (راڻو ٣/٦)= پهرين تکي نظر مان.
● پَهرِيُون = پکڙي پيون.
- پَهرِيُون مٿي پَٽَ (ڪنيات ۴/١٩)= پَٽ تي پکڙي پيون.
● پَهَسَ = اڳ ۾، اڳواٽ
- پُڄِي تِنهان پَهَسَ (راڻو ٩/١٧)= تنهن کان اڳواٽ اتي پڄي.
- پَهسِ پِريان جو پُورُ (سنهڻي ٩/١) = پهرينءَ سَٽَ پرين جو خيال.
- پَهسِ پِريان جي پُورِ (مارئي وائي ٧/١)= پهريائين پرينءَ جي پور ۾، محبوب جي خيال ۾.
- پَهسِ پَکيءَ جِتُن پوءِ (راڻو ٦/٨)= پهرينءَ سَٽَ (مارينديءَ) پکيءَ وانگر اچي مٿان سٽڪو ڪري.
● پَهنَا = پرتا، راضي ٿيا، هڪ ٿيا.
- هيِڪِي پَهنَا پاڻَ ۾ (ڪاهوڙي ٣/١٠)= ٻئي پاڻ ۾ متفق ٿيا، ملي هڪ ٿيا.
● پَهنوارَن پَهي (مارئي ٨/٢۴)= پهنوارن جو پهي، پنهوارن جو قاصد.
- پَهنوارَنِ پاپوهِيو (مارئي ٦/۴)= پنهوار سرها ٿيا.
- پَهنوارَن جا (مارئي ٩/١٧)= جيڪي پهنوار (ماروئڙن) لاءِ آهن.
- پَهنوارَنِ پَنڌَ (مارئي ١٠/١)= ماروئڙن جو گس، پنڌ پيچرو.
● پَهڻُ = پاهڻ، پهاڙ، جبل.
- پَهڻُ تَني پَٽُ ٿيِي (معذور ١/١)= جبل ۾ پهاڙ تن لاءِ ميدان ٿئي.
- پَهڻِ پير پِٺو (حسيني ١/٥)= پير اچي پهڻن ۾ پيو، پٿرن ۾ پهڻن واري وات ۾ پيو.
- پَهڻِ منجهه پِهي (آبري ٩/١٢)= ٽڪرن منجهه گهڙي.
● پَهڻُ = ڪنهن کي ڳالهه سجهائڻ، ڪنهن سان ڪا خاص راز واري ڳالهه ڪرڻ، ڪنهن سان دل جو حال اورڻ.
- پِريان سين پَهڪار (ڪلياڻ ٢/٢) = پرين سان حال پيش ڪندڙ راز اوريندڙ محبوب جي قرب ۾ رضا واري منزل تي پهنچي دل جو راز بيان ڪندڙ.
- پَهي پُڇِيائون (آسا ٧/٢١)=سوچي پيار سان پڇيائون.
● پهٽو= پرچاءِ، رضامندو.
- پَهٽي ڏَاران پِيءُ (آسا ٦/١٦)= محبوب جي (پِنهِ =محبوب) راضپي (پهٽي) کان سواءِ.
● پَهو = ڪپهه جو ڍڙو
- پَهو پٽ ڪِريوسِ (آبري ٨/١٢)= (ڪتڻ وقت) سندس پهو پٽ تي ڪِريو، هٿ وارو پهو پٽ تي ڪري پيس (پر پهي وارو هٿ اُتي ئي مٿي رهيو).
- پَهو پَٽِ هَنيو (بروو ٢/١۴)= ڪپهه جو ڍڙو پَٽ تي ڦِٽو ڪيو.
● پَهُون = ڀڪريون.
- پيَارِينِ پَهُون (مارئي ٨/١۴)= ٻڪريون پيارين، ٻڪرين کي پاڻي پيارين.
● پَهي = ڪپهه جي پُوڻي (جيڪا هڪ هٿ ۾ جهلجي ۽ جنهن جي چوٽيءَ مان تند وَنجي نڪري).
- تَنِ هَٿان پَهي نه ڇَڏي (ڪاپائتي ١/٣)= تن هٿ مان پهي نه ڪيرائي.
- پَهي پڇيائون (ڪاپائتي ٢/١٨)= ڪپهه جي ڇڳ ذرا بُوندا ڪري صاف ڪيائون.
● پَهيِڙَا = جيڪي پَهو (پيچرو، وات) وٺي هلن،

تکڙا ويا.

- پَٽيين پيرُ نهارِ (معذور ٢/٥)= وڏي ڏکي پنڌ وارين پٽين تي پير جي جانچ ڪر، پيرو کڻ.

- پيرين ڪَرمَ پَنڌُ (آبري ٢/١٥)= پيرين سان پنڌ نہ ڪر.

- پيرين ڪيهَ (مارئي ٢/٣)= 'پيرن تي لڱل سنهڙي مٽي هجيس' (پير مٽيءَ پريل ۽ مٽيءَ هاڻا نظر اچن جو سمجهي تہ قاصد وڏو ڏکيو پنڌ ڪري پيغام پهچايو).

● پيرڙيون (حسيني ٩/١٣)= آهستي آهستي ڪنيل پيرڙا.

● پيرِ ڪَڙِڻ = پير ليکڻ (پير ڪٺنڊ پيري، چور جي پير جو مٽيءَ ۾ لڱل نشان ليکيندا يا ڪڙيندا يعني نشان جي چوڌاري ليڪو ڪڍندا جيئن پڌرو رهي).

- پاٿيءَ مٽي پير، ڪنهِ پرَ ڪڙيو پيرين (ڪاهوڙي ١/١٤)= (زمين تي يا مٽيءَ ۾ لڱل پير تہ ڪڙي سگهجي ٿو، پر) پاٿيءَ تي لڱل پير کي (جيڪو لڱندو ۽ بيهندوئي ڪونہ) پيرين ڪهڙيءَ ريت ڪڙيو!

● پيراِتي (سورٺ ٢/٧)=پيراِتي، سرپستي، سُر ۾ پوري.

● پيراندئا (ليلان ٤/٥)= (تنهنجي) پيرانديءَ ڪان.

● پيرَتِ = پيرَ وات، سنهون پيچرو، پيرن جا نشان، پيرن جي نشانن سان ٺاهيل پيچرو.

- پيرَتِ تان نہ پُڇَنِ (ڪاهوڙي ٣/٣)= ننڍڙي پيچري جي پڇا ڪانہ ڪن.

- پيرَتِ پَسنو پَٽَ جي (رامڪلي ١/٤١)= پنهنجي ٽولي جي وڃڻ وارو پيچرو ڏسي.

- پيرين مُون (راڻو ١٠/١٣)= منهنجي پيرن هيٺان.

● پيري = عمر جو آخري حصو، ٻڍاپو.

- پيريءَ ۾ (معذور ٧/٥)= آخري عمر ۾ (جڏهن پساهہ پورا ٿيڻ وارا آهن).

● پيڙ = پيڙا، سور جي سختي، آزار.

- پيڙَ پَري وِيئي (يمن ١/٢٨)= آزار پري ٿيو، لهي ويو.

- پَرڪا لَهي پيڙَ جِي (يمن ٢/١٥)= سُور جي جانچ لهي، سور کي سڃاڻي (تہ ڇو ٿيو آهي).

- پيڙا جِي پَچارَ (يمن ٢/٣)= آزار جي اُٿَڻ، سور جي ڳالهہ.

● پيڙو = پرين محبوب.

- پَنڌَ نہ جوڳِي پيڙي (ڪنيات ٢/٢٤)= پرينِ ڏانهن پنڌ جي لائق ناهي.

- پيڙو (ڏهر ٢/٨)= پيارو جوان.

● پيزارَ = جُتي، (اصطلاح طور) پير، پيرو (جنهن وات سان پنهون ويو).

- پُنهونءَ جي پيزار تان (ديسي ٢/٥)= پنهونءَ جي جتيءَ تان، قدمن تان، پنهونءَ جي پيري تان.

- پيزارَ پُنهونءَ جي (ڪارايل وائي ٣/٣)= جُتي پنهونءَ جي.

● پيشُ پَنُج (ڪلياڻ ٤/٢٤)= (پاڻ کي ئي گهٽ سمجهي نماڻائي سان محبوبن جي) آڏو حاضر ٿيءُ.

- پيشِ ڪَري (ليلان ٢/٤)= اڳتي ڪري، شان مان وڌائي.

● پيشاني = نراڙ، منهن.

- پيشانيءَ ۾ پرينِ (ڪنيات ١/١)= محبوب جي پيشانيءَ ۾.

● پيغام = نياپو، ارشاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پيــغــامَن جا پُورَ (رامـڪلي ٤/٢)= ھدايتن جي پيغامن جا پَھَءِ خيالَ.

● پيڪَان = تير (پنھنجين پنھي اکين جا).

- پُنھونءَ پَيڪانَ پَچَندِئا (ڪوھياري ٤/١٠)= پنھون (پنھنجين اکين جا) تير تکا ھنيا.

- پُنھونءَ جي پَيڪانَ جِيُون (ڪوھياري ٣/١)= پنھونءَ جي (پنبڻين جي) تيرن جيون.

● پَيڪرّا = پَئہ + ڪرّا = پيرن جا ڪڙا.

- پَيڪرّا پيرنِ ۾ (مارئي ٥/١٧، ٩/١٦) = پيرن ۾ لوھا ڪڙا (پيل).

● پيڪَنِ سُودَو (راڻو ٨/١١)= ماڻٽن سودو.

● پيڪُ = واسطو، واھپو، چاھہ، محبت.

- ڪري پيڪ (معذور ٦/٢)= گھڻو پيار وارو ناتو ڪري.

- پاڻيءَ سين پيڪُ ڪِئو (سامونڊي ١/٧)= (سمنڊر جي) پاڻيءَ سان محبت وارو واسطو رکيو (وڻجارن).

● پيلو= ڦِڪي رنگ جي ڪانيءَ وارو (تير).

- پارِ لَنگھئو پِيلو (يمن ٣/١٨)= (پيلو (تير) لڳو ۽ آروپار لنگھي ويو.

● پَيمال (آبري ٨/١١)= پائمال، نابود.

● پينارَجو (سورٺ ١/١٠)= منگتي جو.

● پينَامُ= (فارسي. پينهٔ) ڪپڙي جو ٽڪر، ڪپڙو، لباس، پوشاڪ.

- پابوڙا پينَامُ (ڪامـوڏ ٢/٦) = پَيرَ جا پَن (پابوڙا) پوشاڪ آھن.

● پيَندنِ= پنندڙن.

- پيارَ ڪي پِيَندَن (يمن ٦/١٨)= پيئندڙن کي پيار.

● پِيَنڌَ= رسو جيڪو اٺ يا مينھن کي ٻَڌڻ لاءِ ھڪ پير ۾ وجھجي.

- پَندرَھن پِيـنڌَ پَيــاسِ (ڪنيــات ٤/١٧)= ھن کي پنڌرھن رسا پيرن ۾ پيا.

- وِدَمِ پِيـنڌَ پَلَڻَ جا (ڪنيــات ٥/٦)= ھن (اٺ) کي جھلڻ پلڻ لاءِ پيرن ۾ رسا وڌم.

● پيَڻِ پَرچَــاءِ ناہ ڪو (آبري ١/٧)= پيَڻ ۾ پرچـاءُ، سرچاءُ، ناھي.

● پيڻَ (مارئي ٥/٦)= ڪوري ڪپڙي کي لڳل پُڇي.

● پيــو سي پَھــرَنِ (مــارئي ٨/١٨)= پاڻي پيــو وري تيــون جـھنگ چـرڻ وڃن، (= بي حـال تي وري تيـون سلامت ۾ اچن).

● پيــو ھُوندو پَٽَ ۾ (پريــاتي ١/٢)= (تون ھـوندين ئي ڪونہ ۽) تنھنجو ساز پَڳو تُنو (پٽ ۾ پيو ھوندو).

● پَيُون وَہ وَرَنِ سِين (آسا ٢/٨)= پـنھنجن ورن سين ضد پيون، پـٽارن سان سلھيون ٿيون.

● پيھـَ = گاٽ، ھمت سھت، داپ، سوڙھہ، زور.

- مَٿي پَنَنِ پيھـَ (يمن ٥/١٨) = پنن پڙھڻ تي زور.

- پريـن اکيـنِ ۾ پيــهُ (آسا ٣/١١) = اي مـحـبـوب منھنجي اکين ۾ پيھي وڃ.

● پيھي= اندر وڃي، گھڙي، پوري ڌيان سان محوٗ ٿي.

- پَني ۾ پيـھي (يمن ٥/١١) = پَني ۾ سـجـو ڌيان

غرق ڪري.

- پيهي وئو (ڪنيات ١/٢٢)= پنجي ويو، سمائجي ويو.

- پيهي مَنجهہ پاتارَ (سامونڊري ١/١٢)= اندر اونهيءَ پاتي ۾ گهڙي، تہِ ڏيئي.

- اِيندمِ جان پيهي (سامونڊري ٤/١٦)= جڏهن جو اندر گهڙي ايندم.

- پيهي جن پَروڙئو (ڪاهوڙي ٢/٨)= (تڪر ۾ اندر) گهڙي جن ڪي پروڙ پئي، جن سمجهيو.

- سي پرين پيهي گهرِ آئيا (سارنگ ٤/١٥)= اهي محبوب گهر اندر گهڙي آيا.

- پيهي آئيو (مارئي ١١/١٨)= اندر لنگهي آيو.

- پيهي وِئا پانڌ (رامڪلي ٧/١٨)= پنڌ جي رڏي منزل ۾ گهڙي پري هليا ويا.

● پيپائي (آبري ١/٢)= پَٽَ تي پئي آهي تہ بہ، سائي تي ڪري پيئي آهي. انهيءَ حالت ۾ بہ.

- پيئيءَ (ڪوهياري ٥/١٠)= پاسي پِرَ پيلِ.

- پيئينءَ مَلَمَري (معذور ٢/وائي)= معاملي ۾ پيئينءَ، تون ڏک ڏاڪڙي ڪشالي ۾ پنجي وئين.

● پيياسِ (بلاول ١/٥)= هن کي پئي.

● پييمِ ڪَرَ ڪپار ۾ (رپ ١/٣٥)= پيشانيءَ ۾ فرق آيم، نراڙ ۾ سامهون گهُنجَ پييم، سوچڻ وقت نراڙ ۾ سنهڙا گهنج پوندا آهن.

● پيئِن سَنجهہ (ڪاراڻيل ١/٧)= ڪين سانجهي تي، رات پئي (۽ هو اُتي لهي پيا).

- سي پاڻان پيپون مامَري (ڪاپائتي ٢/٦)= سي ويتر جنجال ۾ پيون.

- پيپون مون هٿا (راڻو ٤/٧)= منهنجي هٿان پيپون، مون کان خطائون ٿيون.

# ج

● جا= جيڪا.

- جا پون پيرين مون (راڻو ١٠/١٣)= جيڪا زمين (پون) منهنجي پيرن هيٺان آهي.

- جا ڪَڪَرَ ۾ ڪاري (سارنگ ٤/١)= جيڪا ڪاري ڪڪر ۾ آهي.

- جا تو اِينڊي اُن سين (يمن ٦/٣١)= جيڪا ان سان گڏ تو ڪي گهارڻي پوندي.

- جا پِرِ پاڻيءَ لوڻ (حسيني ٦/٢)= پاڻي جيڪا ريت لوڻ سان ٿو ڪري (لوڻ ڪي ڳاري ٿو ڇڏي).

- جَا پِرَ ڪاهوڙين (آبري ١١/١١)= جيڪا ڪاهوڙين جي (سخت محنت ۽ پورهيي واري) ريت.

- جا جَڙ هُتِي وِئا (سامونڊري وائي ٤/١)=اهي جيڪا لٽون لائي ويا.

- جا چارڻَ جي چِتَ ۾ (پرڀاتي ٢/٢٣)= جيڪا (آس اميد) چارڻ جي چِت ۾، دل من ۾.

- جا چِي (معذور ٥/ وائي)= جا چئي.

- جَا رهِي (رپ ٣/١٢)= جا بَچي، جا پويان جئي.

- جا ڪِي (ابرو ١/١١)= جا ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال تون جهجهي پاڻي سان نه وهين، پرجي نه وهين.

● جارُ= سور، جَلُ، آزار، جنجال.

- جُسي جارُ پرائيو (سامونڊي ٢/١٨)= جسم آزار ۾ پيو، بُت سور ۾ پرجي ويو.

- جَتنِ وِڏِيس جارِ (ديسي ١/١٧)=جتن مونکي جنجال ۾ وڌو، وڏي تڪليف واري ڪشالي ۾ وڌو.

- جوڳي لاٿو جارُ (پورب ٢/١۴)= جوڳي ڏک لاٿو.

● جارَ= جفا.

- جارَ ڪارڻ (آبري ٣/٧)= جفا ڪارڻ.

- جارا (سري راڳ ٣/١٥)= جار مان، جفا سان، وڏي همت سان.

جاران (سري راڳ وائي ۴/١)= ڪَست مان، زور مان.

جارانو= يارانو.

● جَارُ= ڏاڍائي، سختي، وڏائي واري تُندي، وَڏ ماڻهپي واري غفلت.

- جيڏيون جِڏي جارَ (معذور ٢/٢٢)= اي جيڏيون! وڏائي واري تُندي ڇڏي.

- جارَ مون ضعيف سين (بروو ١/١١)= زوراوري مون هيڻيءَ سين.

- جارَ جيان ٿي (مارئي ١/٨، ۵/١٣، رپ ١/٢۴)= پاڻ کي ڏکيو ڪري جيان ٿي، اجايو جيان ٿي، وڏي تڪليف ۾ جيان پئي، لاچار جيان پئي.

- جارَ ڪياءِ (راڻو ٧/٦)=تو جٽ ڪئي.

- جارُون ڪيم جَالَ (راڻو ٩/١)= زوراوريون، ڏاڍايون، مدايون.

- جبل تو جارُون ڪري (ڪوهياري ٢/٥)= ڏونگر تو ڏاڍايون ڪري.

- وَڏي جارَ ڪياءِ (ڪوهياري ١/١١)= وڏي زوراوري ڪياءِ، تو وڏي ڏاڍائي ڪئي.

● جاڙيجا= ذات، قوم.

- جاڙيجَن سان (ڏهر ٣/٢٧)= لوڙيون هڻندڙ جاڙيجن سان، لاکي ۽ سنڌس ساٿين سان.

- تَنِ جاڙيجَنِ جارَ ڪي (ڏهر ٣/١٨)= انهن جاڙيجن اَولي ڪئي، اجائي ڪئي، ڏاڍائي ڪئي.

● جاڪ= سونارن (۽ پڻ ٺاٺاري) جو ڏنڌي جو لفظ 'اُجارڻ' جي معنيٰ ۾.

- لَٿي جاڪ گهرا (آبري ٧/وائي ٢)=جاڪ لٿي.

● جاڳائڻ= ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ.

- مون جاڳاءِ (راڻو ٧/٦)= مون کي جاڳائين ها.

- جاڳائي جتن (ديسي ٢/٨)= جي جتن جاڳايو.

- وِئو جاڳائي جيڏيون (آبري ٦/٩)=اي جيڏيون (پنهون) مون ۾ درد فراق جاڳائي ويو.

● جاڳَرُ= رات جو جاڳڻ، رات جاڳندي.

- جاڳَرُ جوڳين جو (رامڪلي ٧/٧)= جوڳين جو ڳالهاءِ ۽ غوغاءِ.

● جاڳڻ= ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ.

- سا جَاڳندي نه ٿِئي (آسا ١/٢٣)= سا جاڳڻ واري حالت ۾ نه ٿئي.

- جاڳڻ منجهان (ڏهر ١/٢٠)= بيدار رهڻ مان، الله جي عبادت ۾ سڄي رات سجاڳ رهڻ منجهه.

- جَاڳڻ جَشَنُ جَن کي (آسا ٦/٦)= جن لاءِ اوجاڳو خوشي آهي.

- جاڳو جاڙيجا (ڏهر ٣/١٩)= اي جاڙيجا! اوهين سجاڳ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جان ڏناٺون پير (بلاول وائي ١/١)= جڏهن سڄڻن منهنجي اڱڻ تي قدم رکيا.
- بَندَر جان پَئي (سامونڊي ١/٢٨)= جيسين تائين جو بندر تي (خوفناڪ سمنڊ جو) خوف آهي.
- جان ڪي (سنهڙي ١٠/٣)= جيسينءَ تائين ڪي.
- جان جَرُ هُنڙو سيرَ (گهاتو ٢/٥)= جيسين تائين جو پاڻيءَ جي سِير هئي، درياءَ ۾ پاڻي پرپور هو.
- جان جان پَسين پاڻَ کي (ڪلياڻ ٣/١٩)= جيسين تائين جو تون پنهنجو پاڻ کي ٿو ڏسين، پاڻ کي ئي ٿو ڪجهه سمجهين.
- جان جان اوڏا ڪَرَها (بلاول ٢/وائي-١)= جسين تائين جو اُٺ ويجها آهن.
- جَانَ جَان يار هُئي (آسا ٤/١٩)= جيسين تائين دوست اتي هُجي.
- جان جِيَان تان پارَيان (مارئي ٧/٩)= جيسين جيئري هونديس تيسين پوري پاريندس.
- جَان مَڙهيان مُنهُ پائيان (پورب ١/١٣)= جڏهن جو مڙهين ۾ منهه پائيان، اندر نهاريان.
- جَان نَہ لَهَان (معذور ٢/١٨)= جيسين تائين ڳولي نہ لهان.
- اڱڻِ آيا جان (سامونڊي ٤/٣)= جڏهن وقت منهنجي اڱڻ تي آيا، جڏهن هت اچي ويا.
- جان گهڙَنداءُ گهاتُنا (گهاتو ١/١٣)= اي گهاتو! جڏهن جو اوهين اندر (پاڻيءَ ۾) گهڙندؤ.
- جان توهُنڙو وَڏُ (ڏهر ٢/٦)= جيڪڏهن توکي محبت جو گهاءُ ٿيو، يا گهاءُ ٿئي ها.

● جانِ= جند، ساهه پساهه، حياتي.
- مُنهنجي جانِ جُدا ڪَئِي (آسا ١/٩)= مونکي بي جانِ ڪيو، مونکي ماريو.

● جانِ ڪَپَت=جان جي ڪپت، جانِ جي گهُر، سر جي سَٽ.
- جِتي جَانِ ڪَپَتِ (آسا ٢/٢٠)= جتي جان جي ڪپت آهي، سر ڏيڻ جي سَٽَ آهي.

● جانا هَڻڻ، جانا پرڻ= نَڪ تي سڄي هٿ جي آڱر هٽي توبهه ڪرڻ، منٿون زاريون ڪرڻ.
- جورَ هٽي جانا (مارئي ٩/١٦)= زورائتا جانا پري.

● جَانَارَ= جانور.
- جَبَلَ ۾ جانارَ (ديسي ٥/٤)= جبلن ۾ جانور.
- جَکَنِ ٿا جانارَ (سنهڙي وائي ٣/١)= جانور بہ ٿا ڏڪن ۽ ٿڙڪن.
- جي جانارن ياد پُئين (معذور ١/٢)= جي تون جانورن کي ياد پوئين، جهنگ جي جانورن جي منهن چڙهين.

● جَانِبُ= جاني، محبوب.
- جانبَ مُنهنجي جيءَ ۾ (يمن ١/١)= اي جانبَ، منهنجي جان ۾.
- جَانبَ ري جَوَاب (يمن ٢/٦)= محبوب کان سواءِ پئي ڪنهن سان جواب (طور ڪجهه بہ نہ چون).

● جَاندِي (حسيني ١٢/وائي-٢)= آءُ ويندي، ويندس.

● جانڪي=١. وڏي ڌيان سان جانچي، پوري ڪوشش سان پڪا پختا ڪري ٢. جان ڪي: جان جو، جنن جو، جڏهن جو.
- جانڪي ڪَنا ويڄ (يمن ٢/٢٨)= طبيب جانچي چڪاسي (علاج) ڪيا.
- جانڪي جَهليا جوڳيئين (رامڪلي ٤/١٨)= جوڳين پڪا پختا ڪري جهليا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جانڪي جَهلون پائيـان (آسا ٢/١٥)= جڳن جو پئي جهليان.

● جَانڪِيتَان (رامڪلي ٤/١)= جڳن جو، جڳهن به.

● جَانڪِين= جان ڪين، جيسين تائين جو.

- جان ڪِين هُئِين جيَري (معذور ٤/٢)= جيسين تائين تون جيئري هُئين۽.

- جانڪين سَتيين سِيرُ (مارئي ١١/١)= جيسين تائين جو سَت وارين جو سچ سير قائم آهي.

● جاوا (سنهڻي وائي ١٢/١)= ١- جاوهَ (ف= ياوه) بي سود، بي معنيٰ ٢- جايا (ع ضايِع)= ضايع. جاوا ڪيا= جاوه ڪيا (ف= ياوه ڪردن) 'بي معنيٰ ڪري ڇڏيا، بي سود ڪري ڇڏيا.

● جَاهِلَ (رامڪلي ٧/١٤)= اڻ ڄاڻَ.

● جاءِ =اصل حق ۽ حقيقت وارو ماڳ، حقيقي مشاهدي واري منزل، اصل جاءِ، منزل مقصود وارو ماڳ.

- جَنِي ڏِٺِي جاءِ (ڪلياڻ ٢/١٧، ڪاموڏ ٢/١١)= جن اها حقيقي شاهدي واري منزل ڏٺي.

● جاءِ نَ (رپ ١/٢٣)= هڪ جاءِ نه، هڪ جاءِ تي بيٺل نه، ڦرندڙ، غيرصحتمند.

- جَاءِ نَہ مَاءِ (پورب ٢/٨)= ٿانُ نه ٿاڪُ.

● جَاٽُو (آبري ٢/٥)= هڪ وڏي جبل جي لَڪَ جو نالو.

● جاٺُون مَنجهه جِيءَ (ڪارايل ١/١٤)= جانِ منجهه جاٺون، جيري منجهه جاٺون (جيت).

● جاٺين (سنهڻي ٣/١)= جتائين = جتي ئي، جتائين.

● جايا ڪيا (سنهڻي وائي ١٢/١)= (ضايع ڪيا) ۽ وڃائي ڇڏيا، ختم ڪري ڇڏيا، مُني پنهنجي مرض ۾ سيني جا سوال جواب رد ڪري ڇڏيا. هن مُني (سنهڻي) عشق جي مرض (غَلبي) ۾ سيني جا جهل پل وارا سوال جواب رد ڪري ڇڏيا. (ڇنو ڇيائين ته آءُ پنهنجي پرين ڏي ويندس، ڇاڪاڻ جو ان ڪان سواءِ منهنجو هٿ گهاڻ ڪهڙي ليکي ۾ شمار آهي).

● جايون (راڻو ٧/٢)= گلن جو نالو، جاءِ جا گل.

● جايون= گهٽيون جايون، گهٽا ماڳ.

- جـايـُون جـانارَن (سنهڻي ٣/١١)= جانورن جون جايون، خوفناڪ جانورن جا ماڳ.

● جَبَاتَ = زَباد= مشڪ، خوشبوءِ.

- جبات وڻ (راڻو ٢/٧)= مشڪ وارا وڻ، سُرها وڻ.

● جَبَار = الله تعاليٰ جو نالو.

- جَبَّار لئي (سري راڳ وائي ٢/١)= ڏٿيءَ خاطر، الله جي عبادت خاطر.

● جَبرُوتَ = تصوف ۾ سالڪ جي 'عالم جبروت' واري مٿاهين منزل.

- جُنبي وِئا جَبروتَ ۾ (مارئي ١٠/٢)= ڏوڪي ويا جبروت واري منزل ۾.

- جَبرُوتاءِ (رامڪلي ٣/١٢)= جبروت واري منزل مان.

- جوڳي جَبروُتي (رامڪلي ٦/١٨)= جبروت جي درجي يا منزل وارا جوڳي.

● جِتِ = جنهن وقت، جنهن محل، جنهن تائي، جنهن جاءِ، جنهن ماڳ.

- جِتِ حَبيبَ هَتَنِ (يمن ٣/٢٢)= جتي محبوب (حسن جا) گهاءُ هڻن.

- جِتِ شاهِدَ ٿِينديءَ سامُهَان (ڪلياڻ ١/٤)= جتي تنهنجي مٿان سامهان شاهد بيهندا.

- لوري جِتِ لَڳوم (يمن ٣/١٢)= جتي مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'لوري' ڪان لڳو.
- جتِ جَواهرُ ناهه ڪو (سري راڳ ٤/٧)= جتي ڪو هيرو جواهر ڪونهي، جت ڪا وڏي قيمت واري وٿ ئي ڪانهي.
- جتِ چوَڻ نہ چارو (آسا ٢/٢١)= جتي چوڻ جو چارو ڪونهي، جتي منٿ ڪرڻ جي ڳلي ئي ڪانهي.
- جتِ ننگرَ نہ ٺهرَنِ (سامونڊري ١/١٠)= (اونهيءَ پاڻيءَ سببان) جتي لنگر پوريءَ طرح لڳي نہ سگهن.
- جتِ نهايَت ناهِ ڪا (ڪاهوڙي ١/٨، ١/١٣)= جتي آخري منزل آهي ئي ڪانہ، (اِيان اڳي) ايتري پري جو ان جي حد آهي ئي ڪانہ.
جَت = بلوچ.
- جَتَ ڏارا (آبري ٥/١٠)= بلوچ ڏاران، پنهونءَ ڏاران.
● جَتَن جَڳَ (معذور ٦/٧)= جتن جا جڳ، ڳهٺائي ڪي جت.
- جَتَن جو (ديسي ١/١٥)= جتن بلوچن جو، ڏوران ايندڙن جو.
- جَتَن وڏيس جار (ديسي ١/١٧)= جتن مونکي جار ۾ وڌو، آزار ۾ وڌو.
- جَتَنَ جاڙيجن سين (ڏهر ٣/٢٧)= جتن ۽ جاڙيجن (جهڙن ڏاڍن) سان.
● جَتَنُ = حيلو، علاج، تڪليف دور ڪرڻ جي تياري.
- جَتَنُ ڪج جَتَنُ جو (ديسي ١/١٥)= جتن (بلوچن) جو ڌيان رکج، جتن بلوچن کي جهلڻ جو حيلو ڪج، جتن بلوچن جو بندوبست ڪج.
● جُتو= لڳو، لاڳيتو، ڳنڍيو.
- جُتو وانءُ جهازَ سِين (سري راڳ ٣/١٧)= لڳو ڳنڍيو وڃ جهازن سان.
● جِتي= جنهن جاءِ تي، جنهن ماڳ تي، جنهن ڪُوٽ ۾.
- جِتي مارُو الو (مارئي وائي ٦/١)= جنهن جاءِ تي (منهنجو پيارو) مارو آهي.
- جِتي آڻي ڇڏيئي (آسا ٢/٢٦)= اي پرين جتي تو ڇڏيون (جتي تو پاڻ ڏيکاريو ۽ تو ۾ نظر ڪري بيٺيون، اڪيون اُتي ئي آهين).
- جِتي لهرِ ڏڪاءِ (سري راڳ ١/٩)= جتي سمنڊ جي لهر جا پيڙن کي ڏکن مٿان ڏڪَ.
● جَتڻ = جَتاءُ ڪرڻ، وڏيڪ وقت تائين رهڻ، ترسڻ، بيهڻ
- جَٿ = ترس، بيهہ.
- تان ڪي مُون لاءِ جَٿِ (سامونڊري وائي ٢/٢)= تہ ڪجهہ منهنجي لاءِ ترس.
- جٿي (راڻو ٧/٦)= ڪجهہ ترسي.
- جَٿِين (ڪوهياري ٥/وائي)= وڏيڪ ترسن.
● جُٽَ = جوٽون، سٿر.
- جُٽَ پٽي (آبري ٨/١٣)= جوٽون پٽي، سٿرن تي هاءِ هاءِ وارا هٽ هٽي.
● جَپُ = آرام.
- جَپُ نہ اچي جاتِ (رپ ٣/٧)= آرام ذات (جات) نہ اچي، آرام ذرو بہ نہ اچي.
- جيهَرَ لوڪ جَپُ ڪري (ڪارايل ١/١٢)= جنهن وير سڀو لوڪ آرام ڪري، سڀ ماڻهو آرام ۾ هجن.
● جَجهي = گهڻي.
- جَجهي جور (سامونڊري ١/١٠)= وڏي زور سان.
● جَجهي جَرَ (ڪلموڏ ٢/١٧)= وڏي اونهين پاڻيءَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● جڄ = ڄِنُو.
– جوڳِي ڪندا جڄ (رامڪلي ٥/١)= جوڳِي ڪاٿِي پِي ڄِنُو ڪندا.
● جُدا ڪنا (مارئي ١١/١٦)= جدا ڪنا وٺا. ڌار ڪيا ويا.
● جَڏَ = جَڏَا، معذور، اپرا، بيمار.
– کِهَڙا جَڏَ جَڏُوئِين (پرڀاتي وائي ١/٢)= کهڙا جڏا تو جڏَ ڪري پاڻئين.
● جَڏَارُئُون (سامونڊي ٤/٢)= اڳهو، بيمار.
– جَڏَارئين (رامڪلي ٤/١)= جَڏي، اَٽڪيل، بيمار.
– جَڏَاري (کوهياري ١/١٢)= جَڏي، بيمار.
– جَڏَائِي (آبري ٦/١)= اڳهائي، ٻي وسي.
– جَڏَنِ (يمن ٢/٢٧)= اڳهن، بيمارن.
– جَڏُوَ جِيءُ (يمن ٥/وائي-١)= بيمار جيءُ، ضعيف جند.
– جَڏُو جِيي نه مري (آسا ٢/٢٥)= هيءُ جَڏُو (تنهنجي محبت ۾) هيءُ بيمار هي اڳهو عاشق. اهڙي نازڪ حالت ۾ آهي جو نڪي تو چڱو ڀلو ٿئي، نه نڪي تو مري.
– جَڏُو ٿئين (يمن ٢/٢٥)= ناچاڪ ٿئين، اڳهو ٿئين.
– جَڏي ڪِيو (آبري ٨/وائي)= معذور ڪيو، لاچار بيمار ڪيو.
● جَڏَ= جڏهن.
– جَڏَ اَمُرُ ڪَرِين (يمن ١/٤)= اي مالڪ، جڏهن تون حڪم ڪرين.
● جڏهان "ڪُن فَيَڪُون" (بروو وائي ١/١)= آيت. خالق ڪنهن به ڳالهه ڪرڻ جو حڪم ڏيندو: "ٿيءُ" ته پوءِ ٿي پوندو.
– جَڏَانهه ڪَرَ (بروو ٤/١٢)=جڏهن ڪان وٺي.
– جَڏهن (ڪلياڻ١/٦)= جنهن صورت ۾، جنهن وقت.
– جَڏهن پَرِيو پُورُو وَهي (ڏهر ٢/٨)= جڏهن هيءُ پورو پرجي تي وڙهو.
● جَرُ =پاڻي (اڪين جو).
– جَرُ موتيين جِتَن هَارِئو (سري راڳ وائي ٣/٢)= اڪين جو پاڻي (ڦڙا، ڳوڙها) موتين وانگر وڙهو، هارجي ويو.
– جَرُ هارِيَان (راڻو ١٠/٦)= رُوئان ۾ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيان.
● جَرُ = درياءَ ۾ واهه، واهڙ جو وهندڙ پاڻي.
– جان جَرُ هَنِڙو سِيرَ (گهاتو ٢/٥)= جڏهن درياءَ پرجي سير ڪري تي وڙهو.
– جَرَ واڪو (سنهڙي ٣/١)= جر جو واڪو، جهجهي پاڻيءَ جو ڪڙڪو.
– جَرِ پَلَڪ تي پائِيَان (سامونڊي ٤/١٩)= پاڻيءَ (سمنڊ) آڏو منت وارو پلڪ تي جهليان، منت ۾ آزي وارو پلڪ تي وجهان.
– جَرِ تَرِ (سنهڙي ١١/١)= پاڻيءَ ۾، گهيڙ ۾.
– جَرَ تي (سنهڙي وائي ١٢/١)= پاڻيءَ (جي سطح) تي.
– جَرَ جُڳهه (سنهڙي ٤/١٤)= پاڻيءَ جي تيز وهڪري سببان جُهڳَ، پاڻي جي جَهڳِي واري اٿل پٿل.
– جَرَ سِرَ (سنهڙي ٧/٦)= پاڻيءَ مٿان، پاڻيءَ جي مٿاڇري تي.
– جَرَ سر ڪَوَنَر ڪَرِين (رپ ٢/٢٠)= (جهڙي سهٽائي) پاڻيءَ مٿان نڪتل (نيلوفر) گل ٿا ڪن.
● جَرا (حسيني ٤/وائي)= ذرا ذرا.
– جرا تي (آبري ٧/٢٠، کوهياري ٥/٩)= ذرا تي، ذرا پرزا تي.
● جَرَڪَنِ (کاموڏ ٢/١٣)= جَهرڪن، چمڪن.
– جَرَڪِئو(راڻو ١/١٠)= جهرڪئو، چمڪيو، روشن ٿيو.
● جَري، جَرِي (يمن ٣/٢٠)= جَهري، زخمي ڪري، چيري.

واري ملڪَ جو حڪمران (پٽيهل درياءَ جي وهڪري وارو ٻورو بدين کان اولهندي طرف آهي).

ـ جَسودَڻُ جيها يَار (ڏهر ٢/١٠)= جسو ڏڻ جهڙا سچا سا ٿي.

ـ هُئو جَسودَڻَ سِين (ڏهر ٢/٩)= جسودڻ وٽ هئو، يعني تڏهن جسودڻ جي هلندي ۾ ماڪ هئي.

● 'جَفَ القلمُ - الخ (مارئي ١/١٨)= قران شريف جي آيت: قلم سڪي ويو ۽ ان جيڪي لکيو سو لکيو (جيڪو لکيائين سو لکيائين ۽ پوءِ سڪي ويو).

● جَفا = تڪليف.

ـ جَفا ڏيئي جانِ کي (سري راڳ وائي ٣/١)= پنهنجي جند کي تڪليف ڏيئي.

ـ جَفا وارِين جَسُ (حسيني ٤/١١)= جيڪي محنت ٿيون ڪن ۽ تڪليفون ٿيون سهن تن کي شاباس هجي!

ـ جَفَا ڏيين نہ جان (آسا ٦/١٥)= پَنهنجِي جان کي جَفَا نَٿو ڏِين، تڪليف نٿو ڏين، سختي نٿو ڏين!

ـ جَفَائُون ڪَرِين (آبري ٣/٩)= ڏاڪڙا ڪرين.

● جِڪُسِ (مارئي ٨/١٦)= پانءِ تہ، شايد.

ـ جِڪُسِ لڏيو لوئِڙِيارِين (مارئي ٨/١٦)= شايد لوئي وارِيون ماروئڙيون لڏي ويون!

ـ جِڪُسِ ڪاڌِي ڪيڻَ (مارئي ٩/٥)= شايد ڪي ڪاڌا (وڏا طعام) ڪاڌئي.

جَڪَنِ ٿا (سنهڻي وائي ٣/١)= ڏڪن ٿا (خوف مان).

جَڪَ= يخي، ڏاڍائي.

ـ جبل ماري جَڪَ (معذور ٤/١٠، ديسي ٥/٧)= جبل پَلِ پيو جڪ ماري، يَخِي ماري ۽ پنهنجي ڏاڍائي ڏيکاري.

● جَڪرو = ماضيءَ جي هڪ وڏي سخي مرد جو نالو.

ـ جَڪَرو جوڙِي (بلاول ٢/١)= جڪرو پيدا ڪري.

ـ جَڪَرِي جِهو جُوانُ (بلاول ٢/١١)= جڪري جهڙو جوان.

● جُڪِي (سنهڻي ١/٢٢)= جڪيل، آزاريل.

● جُڳُ (جمع) جُڳَ= وقت جو هڪ تمام وڏو عرصو، هزارن سالن جو يا وڏيڪ عرصو.

ـ جُڳَ جُڳَ سي جِيَنِ (ڪلياڻ ٢/١٥)= اهي جُڳن جا جُڳ جئرا رهن.

ـ تہ جُڳان جُڳَ ڏِنوءِ (سورٺ ٣/١٣)= تہ هميشہ لاءِ تو ڏنو (تڪو سخين کي).

ـ جُڳنِ جا جُڳَ ٿِيا (سامونڊري ٢/١٥)= (اڳٽڻ کان پاهر) ڪيئي زمانا گذري وئيا.

ـ جُڳَ ٿِيَا (رامڪلي ٤/٨)= ڪي جُڳ گذريا.

● جَڳَ= جهان، دنيا.

ـ جَڳَ جو وَالِي (آسا ٣/١)= سڄي جهان جو مالڪ.

ـ جَڳُ ڇَڏِي (پورب ١/١١)= هي جڳ ڇڏي، هي ماڳ مڪان ڇڏي، هي ملڪ ڇڏي.

ـ جَڳَ گَهٽا (رامڪلي ٧/وائي)= جڳ ۾ گهٽا.

ـ جَڳُ نَہ ڏِٺو جوڳِيين (رامڪلي ٦/١١)= سچا جوڳي سدائين ست-جڳ ۾ ئي آهن: هنن هيءُ جڳ جيڪو ڪلجڳ آهي تنهن ڏي نهاريو ئي ڪونهي.

● جُڳاءِ = مناسب آهي، جڳائي ٿي، ٺهي ٿي، راس اچي ٿي.

ـ مون کي مون جڳاءِ (ڪلياڻ ٣/٧)= 'مون' واري ظاهري وجود کي، اها وجودي 'مُون' جڳائي ٿي، راس اچي ٿي.

● جُڳت (رامڪلي ٧/١٧)= جوڳ واري رهڻي ڪهڻي ۾ رهاڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

● جڳتَ جَنِ گـواهُ (راڳو ۴/۱۰)= سارو جڳ جن جو شاهد آهي.

● جَل (حسيني ۲/۱۷)= (عشق ۽ فراق ۾) ٻَرُ، سڙُ.

- جَلائيَا (يمن ۴/۱)= جلائي ڇڏيا، ساڙيا.

● جَل جَلاله = "وڏو شان شوڪت ٿيو ان جو" (الله جو)، اعليٰ شان وارو الله.

- پاڻهين جَل جلاله (ڪلياڻ۱/ ۱۸)= پاڻ ئي الله ۽ پاڻ ئي پنهنجو جلال آهي.

● جَلاَوت= (ع. جِلوَته= تحفو)= نذرانو، پاڻ قربان ڪرڻ، پاڻ پَرنڻ.

● جُسـو جَـلاوت (معـذور ۵/۱۱)= جسـم ذ نو ڪرڻ، قربان ڪرڻ.

● جَلدَايُون ڪَري (آبري ۲/۹)= تيزيون ڪري (سخت تپش جُون، تيز ٿـِيل چنهبيارين پٿرين جون، لڪن جي لاهن چاڙهن جون).

● جَلڻَ ري مَ جَلُ (آبري ۲/۴)= سچي 'جلڻ' کان سواءِ، (رسمي طور) نه جَلُ.

● جَليلَ (سنهڙي ۸/۱۰)= الله پاڪ.

● جِمَ = (جِئن + مَ) = مَتان.

- جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪَٽيون ٿئي (يمن ۴/۸)=متان ڪچو رڪ (جنهن کي لوهار جي ڪـوري ۾ پورو تاءُ نـه آيو آهي، سو ڏکن لڳڻ سان ڇيتيون ڇيتيون ٿي وڃي).

- صُوفي جِمَ سَڏائيين (ڪلياڻ ۲/۷)= متان پاڻ کي صوفي سڏائين.

- جِمَ دوسـتَنـئُون دُورِ ٿيين (ڪلياڻ ۴/۱۱)= متان سائين کان پري ٿي وڃين.

- جِمَ وِرچِي وِهين ويسرو (سري راڳ ۲/۳)= متان ٿڪجي بي خيالو ٿي ويهين.

- جِمَ ڳـالهائين ڪُوڙُ (سري راڳ ۳/۱۳)= متان ڪُوڙ ڳالهائين.

- جِمَ وَڃِني اوهَري (سامونڊي ۲/۱، ۲/۲)= متان ٻيڙيون هاڪاري هليا وڃنيئي.

- جِمَ موٽايين مَڱڻو (سورٺ وائي ۲/۱)= سوالي منگتو متان موٽائي ڇڏين.

- جِمَ وَٽَن ۾ واڪا ڪَرين (ڪوهياري ۱/۵)= متان پنهنجي جهنگ ۾ (وٽن ۾) دانهون ڪرين.

- جِمَ وِهين وِسَهي (آسا ۳/۳)= متان اعتبار ڪري (وِسَهي) ويهين.

- جِمَ پاڻهين وَرين (راڳو ۷/۱۵)= متان پوئتي پير ڪرين، پوئتي موٽين.

- جِمَ سُمهين (آبري ۴/۱۶)= متان سمهين، متان دپ لاهي ويسري ٿئين.

- جِمَ وساريين (پرڀاتي ۲/۲)= تون متان وسارين.

- جِمَ لَڪائيين (ليلان ۲/۸)= متان پاڻ لڪائين، متان پاڻ کي پڌرو ڪرين.

● جِمِ = پريل.

- جيءَ جِني جـا جِمِ (سنهڙي ۱۰/۱۴)= جني جون دليون محبت سان پريل آهن.

● جَماجُ = (ڪنيات ۵/۱۳)= جَمازُ، تکو هلندڙ اُٺ.

- جَمـاجِي (آبري ۹/وائي-۱)= جمـازي، پنڌ ۾ تکا هلندڙ اُٺَ.

● جَمَازن ڪي (معذور ۲/وائي)= اٺن کي.

● جمال = حسن، سونهن.

- جي مون ڏِٺِ جمـالُ (مارئي ۴/۵)= جي منهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماروُ مون کي سونهن (جمال) ڏين، سهڻو ڪن، سهڻو (بي عيب) ڪري سمجهن.
- پاڻهين جَلَ جَلالهُ پاڻهين جانِ جَمالُ (ڪلياڻ ١٨/١)
= جَل جَلالہ پاڻ ئي جند آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجي (جند جي) سونهن آهي.
- جُملوئي جَمالُ (ڪلياڻ ٦/٣)= سندس ئي (حقيقي محبوب الله جو ئي) جلوو ۽ جمال آهي.
● جِنِ، جَنِ = اهي جيڪي.
- چائي پُجهي جَنِ (ڪلياڻ ١٣/٥)= جن سوچي سمجهي.
- جَنِ ساڃاءِ سِراڻِ سِين (يمن ١٩/٤)= جن کي سِراڻ جي چاڻ آهي.
- جَنِ اَڻَ- سَنيُوڙي آئيو (ڏهر ٩/٣)=جن اَڻ- سنيريلن مٿان آيو، جن بي خبرن غافلن مٿان آيو.
- جَنِ ساجُهرِ سيڻَ سانييِتا (آسا ٥/٢)= جن سوير ئي پنهنجا سڄڻ پاڻ سان گڏ ڪيا.
- جَنِ اُجهنَو (رامڪلي ١٣/٣)= جيڪي تڪليفون ڪري هيڏانهن هوڏانهن هليا.
- جَنِ پرُوڙِئو (ڪاهوڙي ٨/٢)= جن سمجهيو.
- جَنِ جُهوناڳَڙهُ جَلائيو (ڪارايل ٢/٣)= روايت موجب، جهوناڳڙهه جا وڏا جوڳي جن جهوناڳڙهه کي باهه ڏني (۽ اتي نانگن کي ماريو).
- جَنِ ڪَلَهِنِ (سنهڻي ٤/١٠)= جن جي ڪلهن تي.
- جِن گودِڙِين ۾ گُلَ (رامڪلي ١٦/٤)= (الف) جن جي گودڙين تي پرت جا گل لڳل آهن (ب) جن جي گودڙين اندر گل (سهڻيون قيمتي شيون) آهن.
- جَنِ لڳو (حسيني ٢٠/٦)= جن کي اهو درد لڳو.
- لڳي جَنِ لوري (آبري ١٤/٥)= جن کي لنون لڳي.

- جَنِ نہ پيانيو پاڻُ (پرڀاتي ١٩/١)= جن پاڻ کي ڪجهہ ڪري نہ پانيو.
- جَنِ وماسِيا ويڻَ (ڪنيات ٥/١)= جن جا ڳَفتا ۽ ٻول مون کي سيباڻا، جن جي ڳالهاءِ (ٻڌڻ جي) اڻ تڻ آهي.
- جَنِ اَندَرِ ٻَري باهِ (ڪلياڻ ٣٥/٤)= جن جي اندر جان ۾ (محبت جي) مچ پيو ٻري.
- جَن سِرَئو (آسا ١٩/٦)= جن کي پلئہ پيو، جن کي سامائو، جن کي ٿيو.
● جَنَبُ= سڄي حياتي.
- جَنَبُ گُذاريِمِ جَنِ سين (مارئي ٢٤/٨)= جن سان مون پنهنجي سڄي حياتي گذاري.
● جُناب= پليتي.
● جُنبِئو= ناپاڪ، پليت.
- جُنبِئو مَنجهہ جُنابَ (سنهڻي وائي ١/١٢)= (تون) پليتي ۾ پيل (ٻہ) بارگاه عالي ۾ دل جي حضور سان هوند گهڙين تہ پاڪ ٿي پوين.
● جُنبَڻُ = ڌوڪڻُ، جوش جذبي سان گهڙڻ، ڪنهن سان لڳي وڃڻ.
- جُنبَنِ جَجهي جَرِ (ڪاموڏ ١٧/٢)= وڏي پاڻيءَ ۾ ڪاهي پون.
- جُنبَش ڪانهي جا (آبري ٢/٤)=مقابلي جي جاءِ ڪانهي، جنبڻ جي جاءِ ڪانهي، پنڌ ۾ وڏي شوق سان محو ٿي هلڻ جي جاءِ ڪانهي.
- جهجهي جورَ جُنبَنِ (سامونڊري ١٠/١)= وڏي زور سان (وڏي پاڻي ۾) ڌوڪي هلن.
- جُنبِنا ڏونہ جاباڻَ (ڪاهوڙي ١٧/١)= جاباڻ جي گهٽي ڏٿ واري جوءِ ڏانهن ڌوڪي هليا. (ڪاهوڙي)

زور سان هليا.
- جُنبي هَلِيا (رامڪلي ٣/١٩)= ڪَسَت مان ڪاهي هليا.
- جُنبي ڏِنو جَنِ (آسا ١/١٩)= جوش جذبي سان اڳتي وڌي ڏنو جن.
- جُنبي منجهان جِيءِ (يمن ٦/١٣)= جيءَ منجهان جُنبي، جند جان سان مشغول ٿي.

جَنجارُ = جنجالُ، ڏکيائي.
- وجهي جِيءِ جَنجار (سامونڊي ٢/١)= پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي.

● جِندا= جِهندا، مُوڙهل وارن وارا چَڳَ.
- جِندا ٿيءِ جُوانِ (رامڪلي ٢/٢٣)= اي جندا (موڙهل وارن وارا)، تون جوان ٿيءُ، همت ۽ حوصلي وارو ٿيءُ.
- جِندا هومَ جوڳَ رءِ (رامڪلي ٢/٢١)= اي جهندن وارن وارا رسمي جوڳي، جوڳ کان سواءِ نه 'جيءُ'

جِندڙو= جانِ ۽ جسم، ساهه وارو بُت.
- جَرَ جَرائيو جِندڙو (آبري ٦/١١)= جان جسم کي باهه ساڙيو.
- ساعتَ نه سُکهو جِندڙو (کليان ٥/٩)= جان جسم کا هڪڙي گهڙي به صحتمند ناهي.
- ماءُ منهنجو جِندڙو (رپ ١/١)= اي ماءُ منهنجي جان ۽ جسم.
- سو سِر ڏيئي سَهه جِندڙا (آسا ٥/۴)= اي منهنجا جيءُ، منهنجي جان، سو (آزار) تون سِر ڏيئي قبول ڪر.

جَندِرو (جمع) جندرا= ڪجائي مثل هڪ پچرو جنهن ۾ به دلا پاڻيءَ جا رکي سگهجن ۽ کُڏهه تي لڏجي = تمام ٿوري مقدار وارو پاڻي، ٿورو پاڻي.
- پايو جَرُ جَندِن ۾ (مارئي ٨/١۴)= جندرن ۾ پاڻي ڪٽي، پاڻيءَ جا دلا جندرن ۾ وجهي.
- تَني جَرُ جَندِرو ٿئي (سنهڻي ٢/١٩)= تن لاءِ وڏو اونهون پاڻي به جندري جيترو ٿي پوي.

● جُنگُ (جمع) جُنگَ= بهادر، وڏي شان مان وارا غريبن جا پرجهلا.
- الله جُنگَ جينِ (بلاول ١/١)= اي ڏاڍي منهنجا، اهي بهادر ۽ وڏي شان وارا شال جين جن جي سهاري تي آءٌ ٿي جيان.
- جُنگَ جَکري کي (بلاول ٢/٢)= وڏي مان واري سخي جکري کي.

● جُنگ جَهَازَ (سري راڳ ٢/١٨)= ١. وڏا شاهي جهاز.
٢. 'جُنگ' نالو جهازن جو جيڪي چين جا هئا.

● جهاجِ= جهاز
- جُنگَ جَهَاجَ (سامونڊي ١/١٥)= وڏا شاهي جهاز 'جنگ' جهاز.

● جُنگِنِ = فڪر ۽ چاڻ ۾ وڏن قداورن، وڏي منزل وارن، بلند درجي وارن، زوراورن.
- تِنِ جُنگِنِ سَندي جاءِ (ڪاهوڙي ١/٣)= انهن وڏي مان مرتبي وارن جي جاءِ تي.
- جُنگِنِ ڇَڏيو جورُ (ڏهر ٢/١٢)= وڏن دريائن ۽ پورن به زور ڇڏيو (جو انهن ۾ پاڻي گهٽجي ويو).
- جُنگِنِ کي جوکو ٿئي (ڪارايل ٢/٧)= وڏن زبردستن کي به نقصان ٿئي.
- جُنگِنِ پَنهنجي ذاتِ (ڪارايل ٢/١٩)= وڏي مانَ وارن هنجهن پنهنجي ذات (کي پنهنجي وطن روهه تائين پهچايو).

● جَنه وَارِ (يمن ١/٦)= جنهن ويل، جنهن وقت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جنه ۾ (ڪلياڻ ٣/١١)= جنهن 'نفي' ۾.
- جِنه ۾ مالُ نه مِريِءَ جيترو (سورٺ ٣/٧)=جنهن ۾ مريءَ جي داڻي جيترو به مال ناهي، جنهن ۾ ذرو به نفعو ناهي.
- جِنه سورِيندڙ (رپ ١/١١)= ڪانيون سوريندڙ، ڪانيون اڳتي ڪندڙ.
- جِنه ڪَرَ پُڇي لوءِ (آبري ۴/١٧)= جنهن ڪان ڳوٺ (لوڪ) جو پڇي.
● جِني = جن ڪي، جن جي.
- ڪاتِي جِني هَٿَ ۾ (ڪلياڻ ۵/١٦)= جن جي هٿ ۾ ڪاتي آهي.
- جِني پَانيو پَاڻَ (آبري ٣/١٨)= جن پاڻ کي ڪجهه ڪري پانيو، ڪجهه ڪري سمجهيو.
- جِني پِرِ (مارئي ٩/١)= جن جي پرسان، پاڙي ۾.
- جِني پَاسي پاڻُ (سنهڻي ١٠/٨)= پاڻ ڏٺي جن جي پاسي آهي.
- جِني سَنِدي (حسيني ١١/۴)= جن ڪوهيارن سندي.
- جِني مُنه مٺا (رامڪلي ٧/وائي)= جن جي مُنهن ۾ مٺيان، ڏيا ۽ روشني آهي.
- جِني نه جيهِيَاسِ (پورب ١/١)= آءُ جِن جهڙي ناهيان، جن جي برابر ناهيان.
- جِني جِيءَ خَميسَ (ڏهر ۴/١١)= جن جي خميس وارو ڏينهن (جڏهن هو کير خيرات ڪري ڇڏين).
- جِني سَندِي سَڏَ (ڏهر ۴/٣)= جن جو جتي سڏ سُجهي، سندن سڏ پند واري جُوءِ.
● جِٽيو = ڌرمي پورترا جو سڳو جيڪو هر هندو ڳچيءَ ۾ پائي.
- جِٽيو تو نه جُڳاءِ (ڪلياڻ ٣/١٣)= جٽيو تو ڪي نٿو جڳائي، نٿو ٺهي.
● جو= جڏهن جو، جڏهن ٿي.
- جو پِڙِ پيين سَنجهَه (يمن ١/١٨)= جڏهن ٻيو انهن لاءِ رات ٿي (ته سور شروع ٿيو).
● جو= جيڪو
- جو بَدو ٻِنِ ڳالهين (يمن ۵/٩)= جيڪو ٻن ڳالهين سان ٻَڌل آهي، جيڪو ٻن ضرورتن (ماني ۽ پاڻي) جو محتاج آهي.
- جو اَباڻِنِ اَڏيو (مارئي ١/۴)= جيڪو (جهوپو) اباڻن اڏيو.
- "جو تو ڏيَنَ ڏياچ پانئيو، اِيئن سِرُ سَيڪو ڏي" (سورٺ ٣/٨)= (بيجل منگتو راءِ ڏياچ کي چوي ٿو ته:) تو جو ڏياچ کي (رسمي طور) ڏيڻ وارو خيال ڪيو آهي، ائين ته سيڪو سِر ڏئي! (تون اجان) ڪجهه وڏيڪ ڪر. (اهو وڏيڪ ڪرڻ وارو مفهوم بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ سمايل آهي).
- جو ڏنو اُنِ ڏهي (سنهڻي ١٢/٧)= جيڪو ان ميهار (ساهڙ) ڏهي ڏنو (سنهڻيءَ کي).
- جو ڏينهاڻي تو ڏئي (پرڀاتي ١/٧)= جيڪو روز تو رزق ڏئي.
- جو پرين منجهه پَساه (آسا ١/١٨)= جيڪو محبوب ساه پساه ۾ آهي، جيڪو هلندي دم ياد ڪرڻ سان آهي.
- جو جرُ جيري ڇڏي (رپ ٢/١٣)= جيڪڏهن جيري جر ڇڏي، جي پَڙڪندڙ باه پنهنجي پَڙڪ ڇڏي.
- جو تو چارڻ ڪنو پَنڌُ (سورٺ ۴/١٠)= اي چارڻ! جيڪو تو پنڌ ڪيو.
- جو ڪَنين سُئومِ (بلاول ١/٨)= جيڪو مون ڪنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پڇو.

ـ جو نہ جِيَاري (حسيني ٩/١)= جيڪو صحت نہ ڏئي، ساهہ وارو نہ ڪري.

● جَواب = ورندي، آڏو ورايل ڳالهہ.

ـ جانِبَ ري جَوابُ (يمن ٢/٦)= محبوب کان سواءِ پيو ڪو جواب نہ ڏين (وٽن پيو ڪو جواب ناهي).

● جَوَانا (سري راڳ وائي ٢/١)= اي جوانو!

● جَـواهِرَن (سـري راڳ ١٠/١)= جـواهرن کي (هت مـوتين کي استعـاري طور 'جواهر' يعني قيـمتي هيرا سڏيو ويو آهي).

● جوتِ (راڻو ١٠/١)= روشني.

● جوبَنَ = جواني.

ـ سيئي جـوبَنَ ڏينهَن (سامونڊي ٣/٤١)= اهي ئي جوانيءَ وارا ڏينهن.

ـ جـوبَـنَ جي جَمَـالَ (سنهڙي ١٠/١١)= پنهنجي جوانيءَ جي سُونهن واري پُور ۾.

ـ جوبن وئو جاڙ (معـذور ٧/٦)= جواني ويساهي وئي؛ جوبن مون سان جاڙ ڪري وئو، مون کي برغلائي مون سان جٽ ڪري ڇڏي ويو!

ـ جوبَنُ وَهِي وِئو (رپ ٣/٩)= جوانيءَ جو پُور پورو ٿي ويو.

ـ جوبن ہہ ٽري ڏينهڙا (يمن ٦/وائي)= جوانيءَ جو پُور ڪي ٿورڙا ڏينهڙا آهي.

● جوٽِنِ = ڳوڏن.

ـ جوٽن مٿان جُٽِ ٿي (سري راڳ وائي ٣/١)= ڳوڏن رانن ۾ چيلهہ تائين ستيل.

● جُوٺَا (رامڪلي ٥/١٢)= ڪوڙا.

● جوپَ (سري راڳ ١/١٣)= مضبوط، وڏي همت ۽ حوصلي وارا.

● جُودُ= سخا

ـ جُودَ مَـهندان جَڏُ (پرڀاتي وائي ١/٢)= سخي جي سخاوت آڏو ڪو جڏو (آهي ئي ڪونہ).

ـ پسو جودُ جوان جو (ڪاموڏ وائي ١/١)= هن جوان مرد جي سخا ڏسو!

ـ سَندو جادَمَ جُودُ (سورٺ ٣/١٦)= جادم جي سخا.

ـ تُـنهنجي جُـودَ جُـوانَ (سـري راڳ وائي ١/١)= اي جوان، تنهنجي سخا.

ـ جُـودُ تُـنهنجـو جَـڳَرا (بلاول ١/١٧)= اي جـڳرا، تُنهنجي سخا.

● جورِ= زور.

ـ جـورِ نہ ٿِيان جوءِ (مـارئي ٣/١١، وائي ٦/١)=زور سان زال نہ ٿيان.

ـ جُنگن ڇڏيـو جورُ (ڏهر ٢/١٢)= وڏي همت وارن بہ پنهنجو زور ڇڏيو.

ـ جورِ هَٽي جانو (مارئي ٢/١١)= زور وارو جانو پيري، وڏي منٿ ڪري.

● جوراڻو =١- جهوراڻو، فراق ٢- زوراڻو آيل، ڏاڍائي.

ـ جَبَلُ جوراڻو (آبري ٢/٧)= سخت ڏکيو پهاڙ ڏاڍي تڪليف وارو جبل.

ـ جوراڻي سِين (معذور ٧/٩)= زوراور سين، ڏاڍائي سين.

ـ جوراڻا (ڪوهياري ٦/١٠)= زوروارا، وڏا زبردست،ڏاڍا.

● جورو (ديسي ٣/٦)= زور، زبردستي، جور ۽ جفا.

ـ جورو تو نہ جُڳاءِ (مارئي وائي ٩/١)= زور، ڏاڍائي توکي نہ ٿي سونهي.

جَوڙ (رامڪلي ٦/٩)= گڏ ويهڻ واري سِناهہ، پٽ.

جوڙَ= پيدايش، تخليق، بناوت.

- جوڙي جوڙ جهان جي (ڪلياڻ ١/١)= (الله تعاليٰ) ساري جهان کي سهڻي سِناهہ سان بنائي.

- جوڳي اِهڙيءَ جوڙ (رامڪلي ٦/٢٢)= جوڳي انهيءَ سناهہ سان.

- سَندي جوڳِين جوڙَ (رامڪلي ٧/٩)= جوڳين واري سناهہ، جوڳين وارو نمونو.

- جوڙ تي (پورب ٢/١٤)= گڏجاڻي تي.

- جوڙوَهي (آسا ٥/١٣)= موافقت ۾ محبت سان هلي، مخلوق پنهنجي سچي ساٿ سان پئي هلي (پکي ۽ ٻيا جيت جانور سڀ گڏ ساٿ ۾ پيا هلن).

- جوڙِ تَندُون ڪَرِ جاءِ (پرڀاتي ٢/١٠)= دنبوري جون تندون جوڙي ملاءِ، گڏي سُر ۾ آڻ.

● جوڙُون= جوڙي مان، نرماد جي جوڙي مان.

- ڪري پاڻ ڪريم جوڙُون جوڙ جهان جي (ڪلياڻ ١/١) = مولا مهربان نرماد جي جوڙي مان سڄي جهان جي مخلوق کي تو جوڙي.

● جوڙي (سري راڳ ٢/٢٤)= ٺاهي، جوڙي.

- جن رکيون جوڙي (سهڻي ٧/٤)= جن پنهنجون اکيون ميهار ڏانهن بيهاريون.

جَوش (يمن ٤/١)= عشق جو غلبو، سڪ ۽ محبت جو غلبو ۽ جذبو.

- جوشُ ڏنائُون (ڪاهوڙي ١/١٠)= سيڪ ڏنائون، پچايائون.

جوشان= جذبي مان.

- جوشان جُوانا! (سري راڳ وائي ٢/١)= اي جوانو! جوش جذبي مان.

- جاڳِنو جوشان جيڏيون (سري راڳ وائي ٤/١)= اي جيڏيون، جيڪي جوش جذبي مان جاڳي، سجاڳ ٿي.

● جُوعِ (مارئي ٧/٩)= بُک.

● جوکو (سري راڳ ٣/١١)= نقصان.

● جوڳُ (رامڪلي ٢/٣٠)= جوڳ جو مَتو، جوڳ جي متي واري فقيري،جوڳ وارن جو ٽولو، (هت اصطلاح طور) جوڳ واري رهڻي ڪهڻي.

- جوڳُ نہ جُهارِين (پورب ٢/٢)=جوڳ واري متي جي مجتا ۾ پڳتي ڪين ٿا ڪن.

- اِيءَ زَنّانو جَوڳ (رامڪلي ٢/٢٤)= (رسم طور ڪَن ڪپائڻ، والا پائڻ وغيره) اهو زنانو جوڳ آهي، گهٽتائي واري جوڳ جو متو آهي.

- جوڳُ مَ پاءِ ( رامڪلي ٢/١٩)=جوڳ اختيار نہ ڪر.

● جوڳو= برابر، لائق، ان جهڙو.

- جوڳ نہ جوڳو تُون (رامڪلي ٢/١٠)= تون جوڳ جي لائق نہ آهين.

● جوڳِي (راڻو ١٠/١)= جوڳ جي متي وارو (معنوي طور) مُوحَد، عارف.

- جوڳيءَ جاڳائي (راڻو ١/١٤)= جوڳي (هنن شڪار ڪندڙن کي) هوشيار ڪري.

- جوڳي هُونِ نہ جيَراَ (رامڪلي ٢/١١)= جيڪي صحيح سچا جوڳي آهن، سي عام ماڻهن وانگر ڪاڻ پيئڻ واري حياتي گذاريندڙ ناهن.

- جوڳي جُڳائي (رامڪلي ١/٢٤)= (الف) وڏي جُڳ جا جوڳي، وڏي جوڳ وارا جوڳي.

- جوڳي جاٽ نہ نين (رامڪلي ١/١٣)= (آءٌ معذور

آهيان ۾ مونکي) جوڳي جا ترا تي پاڻ سان نشانين، نشا وٺي وڃن.

● جوهَرُ = هيرو.

ـ جهڪو ٿيو جوهَر (ڪنيات ١/٢٣)= هيرو به پنهنجي چمڪ ۾ گهٽ ٿيو.

● جوهَرِي (سري راڳ ٤/٢)= جواهرن جو پَرکيندڙ ۽ چاڻو، جواهرن جو واپاري.

ـ جوهَرِينِ (سري راڳ ٤/٤)= قيمتي ذاتن جي پارکن.

● جُوءِ= پيٽي، ملڪ، ماڳ مڪان.

ـ جُوءِ ڪُشادي (مارئي ٦/١١)= وڏي پيٽي، وڏو مُلڪ.

ـ جَني ڏِني جُوءِ (ڪلياڻ ٢/١٦)= جن (حق ۾ حقيقت واري) پيٽي ڏني، عارفانه منزل ڏني.

ـ جُوءِ جيڏاهين جوڳيين (پورب ١/٨)= جنهن طرف جوڳين جو ماڳ مڪان آهي.

ـ جُوءِ جيَاري جَڏَڙيين (ڏهر ٤/٨)= (سخا ڪندڙ، سنگهارن جي) پيٽي، ضعيفن کي تازو توانو ڪري ٿي.

ـ جُوءِ جَتَن جي جَاءِ (ديسي ٢/١١)= جتن جي جُوءِ واري جاءِ، اها جُوءِ جتان جت ساٿ سان لنگهيا.

ـ مُون وَرُ وڏي جُوءِ (رپ ٣/٤)= (اصطلاحي معني) منهنجو پيتار وڏي ڪانڌ وارو، وڏي صبر ۽ برداشت وارو.

ـ آءِ آڙانگي جُوءِ (سامونڊي ٣/٦)= اها پيٽي ڏکي آهي، جو اتي پهچي سگهجي.

● جوءِ (ڪوهياري ٥/٩)= منڊ، زال (سسئي).

ـ منجهان جوئن جوءِ ٿي (آبري ٩/وائي-٢)= وڏن همت وارين جوئن مان ترن به هڪ همت واري جوءِ ٿيءُ.

● جُهُ= جنن جو، جونهين، جڏهن جو، اجهي.

ـ جُه سي اڱڻِ آئِيَا (يمن ٦/٣٣)= اجهي اهي اڱڻ تي آيا.

ـ جُه ڪاتَ ڪَلاڙَنِ ڪَڍِيا (يمن ٦/٩)= جنن جو ڪَلاڙن ڪات ڪڍيا.

ـ جُهُ ڏوٿي ڏٿُ گَڏُ ٿيا (ڪاهوڙي ١/٤)= جڏهن جو ڏوٿي ۽ ڏٿ پاڻ ۾ گڏيا.

ـ جُهُ وِڏا پيچَ پِرينِ (بروو ٤/١٠)= جنن جو محبوبن (محبت جا) پيچ پاتا.

ـ جُهُ سي سَنيرَجَنِ (رپ ١/٢٧)= جنن جو اُهي ياد پون.

ـ جُه آيا اُلوهيتَ ۾ (رامڪلي ٣/١٠)= جڏهن جو اهي الاهي محبت واري منزل ۾ آيا.

ـ جُهُ لالَ رَتائُون لوئِيُون (مارئي ٧/٧)= جڏهن جو لويون لال رڱيائون.

ـ جُهُ صَرافَنِ لَڏِئو (سري راڳ ٤/٩)= جڏهن سونَ جي سچن پارکن قدردانن ملڪ ڇڏيو.

ـ جُه ڦوڙايو سڄڻين (رپ ١/٦)= جنن جو سڄڻ وڇڙيو، جنن جو جاني (جُدا ٿي) ڪين وڇوڙي جو فراق ڏنو.

● جِهَا = جيها، جهڙا.

ـ جِهَا اُجا چَندَ (ڪنيات ٢/٨)= جهڙا اڇا چمڪندڙ چندر.

ـ جِهَا تَان نَه تِهَا (آسا ٤/١٤)= جيها تيها ناهن.

ـ جِها جي تِها (مارئي ٩/٧)= جيها جي تيها، جهڙا تهڙا.

● جهاجَ= جهاز

ـ جُنگ جَهَاجَ (سامونڊي ١/١٥)= وڏا شاهي جهاز، 'جنگ' جهاز.

● جهَارُ =ساراهه وارو جَسُ ۽ سلامُ، محبت وارا پيغام.

● جهار ڏيڻ= ساراه ڪندي جس ڏيڻ، واڌائي ڏيڻ.

ـ جاجِڪَ تو جهَارُ (سورٺ ٣/٧)= اي جاجڪ (ڳائڻا) توکي جس هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جِيءَ مگُنّا هوءِ (سورٺ ٣/١٣)= اي مگُنّا توکي جس هجي (جو تو منهنجي سر گھرڻ تي اڪتفا ڪئي).
● جيءَ (يمن ١/١)= ساهه، جان، حياتي.
- جِيءُ سَيَڪَنهِ جِيءَ سين (ڪلياڻ ١/٢٩)= هڪ جند جان جو جياپو ٻي جند جان سان.
- تُون ڪِنَن جِيءُ جڏو ٿيين (يمن ٢/٢٥)= اي جيئڙا! تون ڪيئن اگھو ٿئين، اگھائي ۾ بيڪار ٿئين!
- جِيءُ جُسي ۽ جان جِي (ڪلياڻ ٤/٢٠)= ساهه جسم ۽ جند جان جي.
- جِيءَ ڏني ري نه جُڙي (آسا ٢/٢٠)= جان ڏيڻ کان سواءِ کو ناهُ ئي نه ٿئي، ڪو سرچاڙهُ ئي نه ٿئي.
- جِيءُ منهنجو جَنِ سين (سلمونبري ٣/٢٠)= جن سان منهنجو ساهه پساهه آهي.
- جاجڪ مَنگي جيءُ (سورٺ ١/٣)= ڳائيندڙ (جاجڪ) جان (جيءُ) ٿو گھري (منگي).
- جِيءُ آزار (ڪلياڻ ٥/١١)= پنهنجي جند جان کي اڪائي، پنهنجو پاڻ کي ڦلساءِ ۽ تنگاءِ.
- جِرو رکيو جيءُ (سورٺ ٢/٤)= منهنجو جيءُ اجان جِرو رکيو (وڃي نٿو وحهين).
- جِيءُ جِئي (حسيني ٥/وائي-٢)= جيءَ جي جِڙَ، جيءُ جو جياپو.
- جِيءُ مِٺو نه ڪري (آبري ٤/٢)= پنهنجي جان پياري نه ڪري.
جي =جيڪي.
- جي نَه ٻُجهن (يمن ٥/٥)= جيڪي نٿا سمجهن.
- جي وَهَمَ پِريان جي وَڪَڙيون (آسا ٢/٣٠)= جيڪي پرين جي خيالن ۾ پورن ۾ وڪڙيل آهن، سرگهيون آهن.

- جي هُنان هوتَ مَرنِ (معذور ٢/٩)= جيڪي هوت (پنهل) جي هٿان مرن.
- جي مون کي ڏِنا سَجَڻين (يمن ٢/١٣)= جيڪي مون کي محبوبن ڏنا.
- جي تون اوڏ طَلَبِئين (ڏهر ٣/٦)= جيڪي (پِتيون ناهيندڙ) اوڏ چاهين ٿو، جي توکي گھرجن.
- جي اُڪنِيُون (مارئي ٦/١١)= جيڪي سڪن ٿيون.
- جي پِرتِ پِرِيان سين پُوتَ (رامڪلي ٢/٣٥)= جيڪي پرين سان پرت ۾ رَتل پوتل آهن (جن ظاهري ويس مٽائي ڇڏيا).
- جي جِيئا (ڪلياڻ ٢/١۴)= جيڪي دل جي صفائي ۽ حق جي يادگيري ۾ سدائين سجاڳ ۽ بيدار هئڻ سببان حقيقت ۾ جيئرا آهن.
● جي= جيڪڏهن، بشرطيڪ، جيڪر، توڙي جو.
- جي قِيامَ مِڙَن (سنهڻي ١٢/١١)= جيڪڏهن قيامت ۾ ملن.
- جي ڏِسي ڏوهَ اَکين سين (رپ ٣/٤)= جي منهنجا ڏوهه اکين سان ڏسي.
- جي ڏِنو (حسيني ٢/٨)= جي هُوندَ تو ڏنو.
- جي رَنجائين (پرڀاتي ٢/١٢)= جي تو رنج ڪيو.
- جي مان وَس هُئا (ديسي ٤/٧)= جي منهنجي وَسَ ۾ هئا.
- جي مَان مُحب مِلَن (يمن ٥/وائي-٢)= پر جيڪڏهن سڄڻ مونکي ملن.
- جي نَه هُئي (آبري ٦/١١)= جيڪڏهن اها هَي هَي واري وائي نه هجي ها ته.
- جي ڇِتُرو جي چوءِ (سنهڻي ١٠/١٣)= درياءَ ۾ پاڻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جيڪي ڪَنڌيءِ ڪَنِ (سنھٽي ١٠/١)= يا تہ پٽ ڪي ڪن.
- جيڪي موٽ مَ سُنھَٽي (سنھٽي ١١/٣)= يا تہ اي سنھٽي تون پوئتي نہ موٽ.
- جيڪي مون ڪي ني (رامڪلي ١٩/١)= يا تہ مونکي وٺي وڃ.
- جيڪي مون نِھو (نئو) (رامڪلي ٢١/١)= يا تہ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو.
- جيڪي ني وُجُود (معذور ١٥/٢)= يا تہ ڪٽي وڃ منھنجو وجود، منھنجي جان وٺ.
- جيڪي سِڪَڻُ سِڪُ (ڪلياڻ ١٤/٥)= يا تہ 'سِڪڻ' واري ريت سِک.
- جيڪي ٺُپ مَري (ڪاراڻل ١/٣)= يا تہ صفا مري.

جيڪين = جيڪو ڪجھ، جڻن ئي ڪجھ.
- جيڪين پڇين پِڇ سو (رامڪلي ٢٢/٢)= جيڪي ڪجھ پڇٽو اٿئي سو پڇ.
- جيڪين ڪٺو مَسُ (سري راڳ وائي ٢/٤)= ازل واري مَسُ جيڪي لکٿو.

● جيلاءِ = جنھن لاءِ، جنھن جي ڪري، جڏھن جو، جڻن جو، چاڪاڻ جو.
- جيلاءِ ٿِئا نابُودُ (ڪلياڻ ٢١/٣)= جڏھن جو، جڻن جو ھو نابود ٿيا، فنا ٿيا.
- جيلاءِ پُوٽِنِ پِڳِنِ گڏِئا (ڪاراڻل ١٣/١)= جڻن جو ھو پڳلن سان گڏيا گھمن، پڳا وَتن.

● جيلاھين = جنھن ڪري جو، جڏھن جو، جڻن جو، انھيءَ ڪري جو، چاڪاڻ جو.
- جيلاھين آءُ جوءِ (ڪوھياري ٦/٢)= چاڪاڻ جو آءُ عورت آھيان.

● جيڻ ڪارڻ (آبري ٢/٥)= جيڻ خاطر.

● جيھي = جھڙي.
- جيھيءَ پَرِتي (حسيني ٢٠/٤)= ڪنھن اھڙي عجيب ريت سان ٿي.
- جيھي نہ تيھي (يمن ١١/٥، پورب ٧/١)= جھڙي تھڙي ناھي، ڪا معمولي يا رواجي (ڳالھ) ڪانھي، ڪا سمجھڻ ۾ سولي عام ڳالھ ڪانھي.

● جيھَائي = ڪيھي جيھي (سنھٽي).
- جيھائي جوڙَ وَھي (آسا ١٣/٥)= جھڙي ئي حالت ۾ ٿي ھلي.
- آءُ جيھَائي جاتِ (ڪاھوڙي وائي ١/٢)= آءُ جھڙي بہ ذات آھيان.

● جيھَرَ (سنھٽي ٩/٧)= جنھن وير، جنھن وقت.

● جيھو = جھڙو.
- جيھوئي پَٽُ (بلاول ١٦/١)= جھڙو ئي پيالو، ڪشتو، ٿانءُ (خيرات وٺڻ جو).

● جين نہ = جڻن نہ!
- جانبَ مَنجھان جِين نہ (آسا ٣/٤)=محبوب (جي سھي) مان جڻن نہ (محروم ٿي مري ويا).

● جِيَڻُ = جيئرو ھجڻ، حيات ھجڻ ٢.حياتي.
- جيڻ جال نہ نبھي (سري راڳ وائي ١/٣)= جيڻ سدائين ڪونھي، حياتي ھميشہ لاءِ نہ آھي.
- جِيَڻ آڏو جَت (معذور ٣/٤، ٤/٤)= جيڻ تہ پُنھونءَ (جت) جي آڏوئي آھي، سچي حقي حياتي پنھون سان گڏ ھجڻ ۾ آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ جِيَڻَ گوشي جاءِ! (معذور ٩/٤)= اي جيڻ! تون پڇي پلسي ٿيءُ (گوشي جام)، ڇاڪاڻ جو تنھنجو رشتو (سگَ) 'ساھه ڪڍڻ' سان آھي.

ـ جِيَڻا اڳي جي جِيا (ڪلياڻ ١٤/٢)= (ڪاڻ پيڻ واري جسماني) جيئڻ کان اڳ، روزمره جي زندگي بسر ڪرڻ واري عام حالت کان اڳ جيڪي جئرا ھئا.

● جيھيائِي = جھڙي ئي، جھڙي به.

ـ جيھِيائِي ڪِي (راڻو ٤/٧)= جھڙي جو (جٺ) ڪئي!

● جِيَھِين= جڻن ئي، جھڙي طرح.

ـ جَڳُ جِيَھِين چوءِ (راڻو ٧/١٠)= لوڪُ جينئن ئي ٿو چوي.

# ڄ

● ڄارِ (جمع) ڄاريون= ڪَبِرَ وانگر ٿر جو وڻ جنھن ۾ پيرون ٿين.

ـ ڄارِين نارِين نيسَ (مارئي ١٦/٣)= ڄارَ جي وڻن ۽ نالين ۾ مينھن جي پاڻيءَ جي وڏي وَھُڪَ (وارو سمان).

● ڄارا واحد. ڄارو= ميڄي مارڻ جا ڄارَ.

ـ ڄارا ۽ ڪلرا (ڪلموڏ ٨/٢)=ميڄي مارڻ جا ڄار ۽ ٽوڪرا.

● ڄارِئان اَندرِ (ڪارايل ٦/٣)= ڄاڙي جي اندران.

● ڄَامُ = سردار، سَرواڻ.

ـ پييَمِ ڄامَ ڄَيَُون (آبري ٩/٩)= اي ڄامَ پنھون! مون کي ڄَيَُون پنجي وِيون آھن.

ـ ڄامَ سَما (ڪلموڏ وائي ١/٤)= اي ڄام سما!

ـ ڄَلَمَن سين (ديسي ١/٢)= سردارن سين.

ـ ڄامُ پَسَنَدي ھِي (بلاول ٨/١)= ڄام کي ڏسندي ئي.

ـ ڄلمان اڳي (ڪلموڏ ١٠/٣)= ڄامَ کان اڳُ.

ـ ڄلمائِي (ڪلموڏ ٧/٣)= ڄامن واري (خوبي، خصلت).

● ڄاڻُ = معرفت. آگاھي، سمجھه، پروڙ ڏاھپ، عقل، شعور اطلاع. اھو احساس ته آءُ ڪجھه ڄاڻان ٿو.

ـ ڄيري وِڄھان 'ڄاڻ' (راڻو ١١/٨)= باھه (ڄيري) ۾ وجھان پنھنجي سمجھه ۽ عقل کي، ساڙيان پنھنجي سمجھه کي.

ـ پاڻَ نه آھي ڄاڻُ (ڪلياڻ ١/٣)= ھر وجود ۾ جيڪو 'پاڻُ' يا 'آپو' آھي، تنھن کي خود اھا ڄاڻ ڪانھي، اھا خبر ڪانھي، ايترو علم ڪونھي.

ـ ڄَلُ وِڄائي ڄاڻُ (يمن ٨/١)= (پنھنجي) ڏاھپ ۽ عقل کي ڇڏي ھَل.

ـ ڄاڻُ وڄايو ڏاڻُ (پرياتي ١٠/١)= انھيءَ ڄاڻ ته آءُ ڪجھه ڄاڻان ٿو، انعام (ڏاڻُ) کي وڃائي ڇڏيو.

● ڄَالِي = ڄَالِي ٻُجِھي، پوري سمجھه ۽ ارادي سان سمجھي سوچي.

ـ ته ڄيري پَوُ ڄالِي (ڪلياڻ ٢٨/٤)= ته ڄالي ٻجھي (عشق جي) آگ ۾ پَئُه.

ـ ڄالِي ڇَڏي ڄاڻُ (رامڪلي ٢٧/٢)= سمجھي سوچي پنھنجي 'ڄاڻ' کي ڇڏي (اھو خيال ڇڏي ته آءُ به ڪجھه ڄاڻان ٿو).

ـ ڄَالِي ٻُجِھي (ڪلياڻ ١٣/٥)= سوچي سمجھي.

ـ ڄَالِي سُڄالِي (آبري ١٣/٥)= ڄالي ٻجھي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مچ پنهنجين چپين سان جلائي.
– جيري جي چپي (ڪلياڻ ٣٦/٤)= ٻاهه جي جَرَ.
– جيري پٺو (ڪلياڻ ٢٨/٤)= جيري ۾ پٺو. پرندڙ ٻاهه ۾ پٺو. پرندي ٻاهه ۾ پاڻ کي وجهه.

● جِيُون (جمع)= (واحد. جِني) سنهڙا اچڙا جيت جيڪي گدلائي سببان مٽي جي وارن يا جسم جي ٻين ڀاڱن ۾ ڄمندا.
– پيئِن رتُ جِيُون (مارئي ٢٦/٨)= جِيون منهنجو رت پيون پيئن.

# جهه

● جهاپا = اٺ جي ڳچيءَ جا ڳهه. رنگين ڳاڙها ڳانا ۽ پٽا. اهي جهاپا جن ۾ ننڍڙيون ٽليون هجن ۽ لڙڪ سان هلڪا مٺا واڄا ڪن.
– جهاپا ۽ جُهوڙا (ٻروو ٣/٢)= اٺن جي سينگار جا ڳهه ۽ ڳانا.

● جهاتَ= جهٽ. تکي ست. تکي وک. چالَ.
– جِڏ جهوري ڏي جهاتَ (ڪنيات ٤/٣)= هيڻائي ڇڏ ۽ تکو وک وراءِ. ڏي ست. ڏي چال.
– ڏيئي جهاتَ (سارنگ ٦/٤)= جهٽڪو ڏيئي. اوهيرو ڪري.

● جهاڳڻ = پاڻيءَ ۾ هلڻ. پاڻي جهاڳڻ.
– جهاڳي اُڪتي (معذور ٤/٦)= همت سان هلندي وڃي ٻئي طرف پار پئي. جهاڳي نِڪتي.
– جهاڳي آئيا (سامونڊي ١٣/١)= لنگهي آئيا.
– جهاڳي آئيُون (ڏهر ٧/٤)=پاڻيءَ کي لتاڙي لنگهي آيون.

● جَهالاَ= جَهلڪا.
– جهڙَ جِتن جهالا ڏي (ڪوهياري ١/٤)= جهڙ ڪڪرن وانگر جَهلڪا ڏئي.

● جَهالُو =اهو جيڪو جهلي. جيڪو ٻن وڙهندڙن جي وچ ۾ پئي. پاڻ ڏک ۽ زخم جهلي به ٻين کي ڇڏائي ۽ بچائي.
– جهالُو تي جَهليج (يمن ٩/٣)= تون جهالو تي ڏکن مٿي ڏک سَهج.

● جهانءِ (جهه ۽ ن غنو) = گُونج. غوغاءِ. هاءِ هاءِ وارو غوغاءِ. (رڻ جي) گونج.
– پُندي جهانءِ جَهروڪَ ۾ (سورٺ ١/٢)=بادشاهي محلات جي ڪَنهڙي (جهروڪي) ۾ رڻ جي گونج (جهانءِ) پوندي. محلات ۾ روج راڙو ٿيندو. روج واري گونج پوندي.

● جَهانءِ= چڙن جي واڄي جي هلڪي مٺي گونج. هڪ ڪان وڌيڪ آوازن جي گونج.
– سُڻُو جهَانءِ جهجهي هِنيُون (سنهڻي وائي ١/٣، ٥/٢)= چڙن جي واڄي جي گونج ٻڌي منهنجو هنيون پيو سڪَ ۾ ساڙو ٿئي.

● جهانپڻ = تڪڙا وڏا ڊگ پرڻ.
– ڏينهان جهڻ جهانپي (مارئي ٤/٧)= ڏينهن جو مَهي (ڳهائي لسي جنهن مان مکڻ نڪتل ناهي) مان وڏا ڊگ پري ٿو ڪري.

● جَهپ ڪرڻ= ذرا آرام ڪرڻ.
– جَهپُ ڪري (سنهڻي ٩/٧)= آرام ڪري.

● جهپَڻ= جهٽڻ (ڪا شيءِ ٻنهي هٿن سان). چنبي ۾ جهلڻ ۽ سوگهو ڪرڻ.
– جهڙَ جهپي ئي نه وڃين (ڪنيات ١٩/٢)= اي جهڙ تون (چنڊ کي) جهلي نه وڃين. ڍڪي نه ڇڏين!

● جُهنو = پراڻو.
- جُهر جُهنو (سري راڳ ٣/١٠) = تمام پراڻو، گهڻو جهونو.
● جُهني ڪِي (ديسي ٢/١٢) = ٻي حال ڪئي.
● جُهٽڪَ (يمن ١/٢٣) = جهوريءَ وارو هيٺو آواز درد واري هلڪي دانهن، سور واري ٻُٽڪَ.
● جُهٽڪَڻُ = هلڪي آواز جو مسلسل طور جاري رهڻ، درد واري آواز جي هلڪي هلڪي دانهن ٿيڻ.
- جُهٽڪَنِ پلسي جهوڪَ (سارنگ ١/١٠) = منزل واري ماڳ تي ٿورو ٿورو آواز ڪن، ٻُٽڪَنِ (سندن مسلسل ڳالهاءِ وارو پڙلاءُ، مينهن جي وسڻ وارو مسلسل آواز).
- جهنگل ۾ جُهٽڪَنِ (ڪلهوڙي ١/٤) = جهنگ ۾ چُٽيڻ ڪن، هلڪو ڳالهاءِ ڪن، ٻُٽڪنِ.
- جُهڙ پَسِنو جُهٽڪَنِ (سارنگ ٢/٥) = ڪڪر ڏسيو (وطن کي ياد ڪريو) رئڻ وارو ٻُٽڪو ڪن.
● جهوتَ = نهارَ تڪڙي جهاتي، گُهتَ، هيڏانهن هوڏانهن لِيا پائڻ ۽ ڳولڻ.
- جَتَنِ ڪارڻ جهوتَ (حسيني ٧/١٣) = جتن کي ڳولڻ لاءِ هرطرف نهار (ڪنديس).
- توهي ڪَارڻِ جهوتَ (رپ وائي ١/١) = تنهنجي (ڏسڻ) واسطي ئي نِهارَ ۽ جهاتي.
- جهوتون ڏِنيون (سنهڻي ٥/١٠) = (ميهار واري ٽڙ تي پهچڻ لاءِ سنهڻي) هيڏانهن هوڏانهن منهن ڪيو ۽ نهاريو.
- جهُوتون ڏِينديِ (رپ ٢/١٩) = هيڏانهن هوڏانهن مُنهن هڻندي، تڪڙا ابتا سبتا قيرا پائيندي.
● جهوتي = جهوتون ڏيئي، گهتون هڻي ڳولي.
- جهوتي جَواهِرَنِ (سري راڳ ١/١٠) = هيرن جواهرن کي نهاري ڳولي.
● جهُولِي ڏيئي جهاڻ (حسيني ٧/وائي-١) = (منهنجي ننڊر واري) جهولي ۾ جهٽ ڪري (ڏير پنهونءَ کي کڻي ويا).
- جهُولين ڏيئي جَهاڻ (آبري ٤/١١) = جهولن ۾ جهٽ ڪري، ننڊ واري حالت ۾ تڪڙ ۽ تيزي سان.
● جهُوپَا نه جوڙين (رامڪلي ٤/١١) = ڪکاوان گهرڙا نه اڏين.
● جهُورپو = جهُورپڙو.
- جهُورپو سَهي نه سيءُ (رپ ٣/١٣) = ڪکن جو جهورپڙو سيءُ نه جهلي.
● جهورڙوهي (سارنگ ١/١٦) = جهڙ مسلسل پيو هلي (ڪڪر پيا هلن ۽ وسن).
● جهورِي = هيڻائي، ڏک واري حالت، رئڻ.
- چِڏِ جهورِي ڏي جهاتَ (ڪنيات ٣/٤) = هيڻائي واري حالت کي ڇڏ ۽ تڪڙي وک واري سَٽ ڏي.
● جَهورڙِي (ڏهر وائي ٥/١) = جهوري، ڏک ۽ آزار.
● جهُوڙا = مِلس، پشم، ڏاس يا سٽ جا ڪاريگريءَ سان ڳُتيل ۽ ٺوڻن سان ٺهيل ٽُلها ڳانا جيڪي اڪثر اٺن جي ڳچين ۾ سينگار لاءِ وجهجن. (هت استعاري طور) محبت جا پيارا سهڻا پيغام.
● جهوڪَ = سانگين جي منزل، مال وارن جو پڙاءُ، مال جي ويهڪ وارو ماڳ.
- جُهٽڪَنِ پلسي حهوڪَ (سارنگ ١/١٠) = ماڳ منزل لڳ پيا ٻُٽڪا ڪن، هلڪو ڳالهاءَ ڪن.
- جهجان پَسِنو جهوڪَ (ڏهر ٤/١٤) = منزل ماڳ کي ڏسي پيو ڏک مان روئان.

● چاتو = (سرائيڪي) ڪنيو.

- مون چاتو عشق اِجاري (حسيني ۹/وائي) = مون (پنهنجي پياري پنهونءَ کي) عشق جي اجاري ۾ ڪنيو آهي، عشق ۾ اجاري طور ڪنيو آهي.

● چاٽَ = لڳاءُ، محبت.

- چِتَ جني سين چاٽَ (رامڪلي ۷/۱۵) = دل جو جن سان لڳاءُ آهي.

● چاتِي = چُوسَ (محبت واري)، چاڙُهه، نفعو (چوندا "اڄ فلاڻي واپار ۾ چاتي آهي"). پنهونءَ جي قافلي کي پهچڻ جي اميد واري خوشي.

- چاتِيءَ مَنُ چَرِيو ڪِئو (آبري ۷/۱٦) =پنهونءَ سان، سڪ ۽ محبت سان گڏجاڻيءَ واري چُوسَ من کي مستان ڪيو.

چادر = لباس جي مٿان ڍڪ واري وڏي پوتي.

- چِڏِ چادَر (رامڪلي ۲/۸)= پاڻ ڍڪڻ ۽ پرڏي پوشي کي چڏ.

● چارائڻ=(ڪنهن کان) مال چارائڻ (ته هو مال چاري).

- 'جِي مان چارائِين' (ڪارايل ۲/وائي-۲)= جيڪڏهن مون کان مال چارائين، مون کي چارڻ لاءِ ڏين.

● چارڻ= صدا ڪرڻ ۽ ساراهڻ وارو فقير.

- چَارڻَ وَسِ نه ڪاءِ (پرياتي ۱/۱۳)= اها چارڻ جي وس جي ڳالهه ناهي.

● چَارِي = جاسوسي، چڙڪَسِي ڪندڙ پهريدار، خابرو، جاسوس.

- چڙدارِي چاري (ڪوهياري ۱/۱۳)= چغلي طرفن کان جاسوسي.

- چارِي تِنم چڙو (سنهڻي ٦/۵)= (ميهار جي مينهين وارو) چڙو مون سان چاري ٿيو ۽ مون سان گڏوگڏ رهيو، چڙي جو آواز مون سان همراه رهيو.

- چاري چاڙهي آئيو (ڏهر ۳/۱٦)= جاسوس (جانچ ڪري، لاڪي کي حملي لاءِ) چاڙهي آيو.

● چارِيڪا = ڳُسَ، واٽون، چارا.

- ڪِئا چارِيڪا نيٽين (ڪنيات ۱/۷)= اکين واٽون نهاريون.

- چارِيڪا ڏِئي (پورب ۱/۹)= واجهائي، چتائي، نهاري.

● چاڙهڻ = پوڙ رڌڻ، ديڳڙو چلهه تي چاڙهڻ.

- چُونڊئو آٽئو چاڙهين (مارئي ٦/۸)= (ڏونرا) ڳڏ ڪري آٽي رڌين.

● چاڙِهئو لُوهُه (يمن ۳/٦)= لوهه چاڙهيو، رڪ جي چوٽين وارا تير ڪمان تي چاڙهيو، ڪمان تي ڪشيو.

- چاڙِهئو چاڙهئين (سنهڻي ۱۱/۱)= سوريءَ تي چاڙهيو پيو چاڙهين..

- چاڙِهيمِ مَنجها چاهَ (سري راڳ ۲/۱۵)= پنهنجي ڪَچ ڪُوڙ جي پيڙي حرص (چاهه) مان سمنڊر تي چاڙهيم.

● چَاڙِيڪَا (حسيني ٦/۴)= چاڙهيڪا، جبلن جا چاڙهه، مٿي چڙهي واٽون نهارڻ (چوندا "چاڙيڪو ڏيئي ڏس"= مٿي چڙهي نهار).

- چاڙِيڪا چُڪيامِ (حسيني ۷/٦)= جبلن تي چڙهڻ لنگهه ۽ لڪ نهارڻ مون کان چُڪي ويا (=نهارڻ کان آءُ چُڪي ويس، مون ۾ وڏيڪ ڳولا جي طاقت نه رهي).

- مُون جَني لاءِ ڪِئا چاڙِيڪا نيٽين (ڪنيات ۱/۷)= مون جن لاءِ مٿي چڙهي واٽون نهاريون.

- چَاڙِيڪَن چڙهي (حسيني ۷/۵)= وڏي چاڙهه (اوچائي) وارن لڪن تي چڙهي، لڪن تي چڙهندي.

● چَاڪَ (واحد. چاڪُ)= چَهڪَ، چِيرَ، زخمن جا

ڳهاءُ ڦٽَ.

- چَرَّنِ چوريُا چاڪَ (سنهڙي ٥/٩)= ميهار جي مينهين جي چَرَّن (جي آوازن واڄن) منهنجا ڦٽ ۽ زخم ڏڪائي وڌا.

- چِڪنا چاڪَ چِيهُون ڪَري (يمن ٢/١٩)= ڦٽَ ڦٽي ڦاٽي چِيرون ڪري وڌيڪ سُورائتا ٿيا.

- اَڄُ پُڻ چِڪِيمِ چاڪَ (سامونڊي ٢/٧)= اڄ به منهنجا ڦٽ ۽ زخم آلا ۽ آزار وارا ٿيا.

- چُرِ ڦُرڪاري چاڪُ (آبري ٦/٩)= زخم وارو ڦٽ (چاڪ)، ايذاء ۽ آزار واري چُر پُر ڪري.

- چِڪِي چِڪِيمِ چاڪَ (مارئي ٤/١٤)= ڦٽ (فراق جا) رَسيا چِڪيا، آلا ۽ آزار وارا ٿيا.

- چاڪَ اُيَرِئامِ (يمن ٢/١١)= منهنجا ڦٽ اندران سُڄي اُيري آيا.

- چاڪَ چِڪَندا ڇَڏيَا (يمن ١/١٦)= طبيبن، عاشقن جي فراق وارن چاڪن ۽ چيرن کي چِڪَندي ڇڏيو (ب) انهن اهي عاشق (بنا علاج ڪرڻ جي) اتي ئي ڇڏيا. انهن اهي چاڪن ۾ چڪيل وارن انهيءَ جاءِ تي ئي ڇڏيا. (جو لا علاج ٿي چڪا هئا).

- چوري چَاڪَ نهارِئا (يمن ١/١٧)= چڪندڙ ڦٽ ۽ زخم (علاج خاطر) جانچي ڏٺا.

- چَاڪَ وِجَهن (آسا ٢/١٤)= (پيل ته) چير وجهن.

- چِتَ سَندو مون چاڪُ (آبري ٤/١٨)= منهنجو اندر (چت) ڦٽ زخم (چاڪ) وارو ٿيو.

- چاڪَنِ ڪِيسِ چِري (راڻو ٥/٧)= مون کي (سِڪ ۽ فراق جي) زخمن ڦٽن (جي آزار) چريو ڪري ڇڏيو.

- چوري چاڪَ نهارِ (پورو ١/١٥)= ڦٽن کي چوري ڏس.

● چاڳُ (ليلان ٢/١)= حُجت، گهرائي، خوشي واري چلولائي.

- چڙهيو ٿي چاڳَ ڪَريان (راڻو ٩/١٢)= وڏي خوشيءَ مان اٿيو ٿي انگل ڪريان، ناز ڪريان، مزا ماڻيان.

● چالَ = هَل چَل.

- وَاڳِهينِ جي چارئي پَهَرَ چالَ (سامونڊي ١/٢١)= واڳيرا زور وارا جن جي پيڙين ۾ رات ڏينهن هلچل (هن وقت ڪيچ جا واڳير ۽ پڏالا مسلمان آهن. جيڪي جڪاڻو ۽ ڪوتيسر واري ڪناري سان رهن ٿا ۽ پيڙين ۾ هلن ٿا اها ڳالهه مشهور آهي ته اڳ واڳير ۽ پڏالا سامونڊي ڌاڙيل هئا).

● چاليها = (واحد) 'چاليهو'= چاليهن ڏينهن جي مدت جي اڪيلي سر گوشائتي عبادت. مسجد يا گهر، اندر ڪنڊ ۾ اولي واري جاءِ ناهي ان ۾ 'ٺهن' يا 'چاليهن' ڏينهن جي مدت تائين مسلسل طور عبادت ڪندا: اڪثر روزا رکندا، وضو سان رهندا، ان پاڻي ٿورو کائيندا ۽ ماڻهن کي مُنهن نه لڳندا.

● 'چاليهو' ڪڍڻ يا چاليهو رکڻ.

- ڪِينَ چاليِها رکُ (يمن ٥/١٧)= محض رسم ۽ ڏيکاءَ لاءِ چاليها نه رک (سچائي سان رکين ته رک).

● چاليهو= چاليهه ڏينهن، چاليهن ڏينهن جي مدت. (هڪ سال ۾ نوَ چاليها: آب هوا ۽ مندن جي مٽ سٽ جي لحاظ سان، ٻني ٻاري ۽ ڪرَمت جي لحاظ سان، ۽ پڻ مال جي سنڀال جي لحاظ سان هر 'چاليهي' جي جدا جدا خوبي ۽ خاصيت ۽ هر چاليهي جا جدا جدا نظارا. (مثلاً 'چيٽ وارو چاليهو' گلن ڦلن جي خوشبوءِ ۽ بهاري جو؛ 'سانوڻ جو چاليهو' ڪڪرن جي رنگن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كنوٽين جي تجلن، وس ۾ وسڪارن ۾ گلهن گلزارين
جو: 'سياري جا ٽي چاليها' چنڊ جي چانڊاڻ ۾ تارن جي
تجلين وارا؛ سواءِ هڪ 'هاڙهه جي چاليهي' (ويساک جا
پويان ڏهه ۽ جيٺ جا ٽيهه ڏينهن، مئي، جون ۾) جي
گهڻو ڪري سال جا ٻيا اٺئي چاليها، هوا، روشني، رنگ
۽ بُو جي لحاظ سان ڪنهن نه ڪنهن خوبي وارا).
– تهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پسڻ پرين جو (يمن
٥/١٨)= چاليهه چاليها به رنگن روپن ۾ اهڙا سهڻا
نالهن جهڙو محبوب جي صورت جو ديدار.
● چانڊُوٽا چمڪن (سورٺ ٣/١)= چؤطرف چانڊاڻ
آهي، چوڌاري چمڪ ۽ روشني آهي.
● چانڪِ = چوان ته، پانيان ته.
– چانڪِ چڙهنديس: 'ڪَٽ' تي (ليلان ٢/٤)= (سَدَ
ڪري پئي) چوان ته: 'ڪَٽ تي ويهنديس'.
– چانڪِ پيئنديس پرينءَ سين (مارئي ١/٢)= (سَدَ
ڪري پئي) چوان ته: محبوب سان گڏ ويهي پيئنديس،
کائينديس.
– چانڪِ پهرَ پنهونءَ جي (ديسي ١٧/٦)= ائين
چوان ۾ پانيان ته ڪو پنهونءَ جي طرف جو ماڻهو آهي.
– چان ڪِ آيس اڳاهين (حسيني ١٨/١٢)= چوان ته
آءُ سڀ کان اول اڳتي وڌي آيس.
● چانگَ = مٺي ڏکهي لات، مٺي آواز واري ٻولي.
– ڪانگل تنهنجيءَ چانگَ (پروو ٢١/٢)= اي ڪانگا،
تنهنجي ڊيگهه ۾ ڊار واري 'ڪان ڪان'.
● چانگُ = ١- چاق، سنرو، سگهارو، سدا حيات، ٢-
('چانگ' بلوچن جي سورهيه قبيلي سان تشبيهه طور)
سورهيه، بهادر ۽ سر ڏيندڙ (چانگ قبيلي جو پهلوان).

– چڙهه ته ٿيين چانگُ (ڪلياڻ ١٧/٤) = سوريءَ تي
چڙهه ته سَنرو ٿئين، ته چانگ (سورهيه) سڏجين.
● چانگَ = ١- بلوچ (چانگ) ٢- چانگا، اُٺَ.
– وِٺا چپُ چپاتي چانگَ (آبري ١٠/وائي-٢)= بلوچ ۽
اٺ چپ چپاتي هليا ويا.
● چانگاڙ= پکيءَ جون سنهڙيون سُريليون ٻوليون
ڪرڻ، لاتيون لنوڻ.
– چٽي چانگاري (ڪارايل ٩/١)= چکي ۾ لاتيون ڪري.
● چانگو = ڪرهو = اُٺ.
– چانگو چِني نه ڪنُو (ڪنيات ٤/٤)= هو چرڻ سان
چانگو (جوان اُٺ) ڪونه ٿيو آهي، ڪاڏي سان ڪا مايا
ڪانه چاڙهي اٿس، پر هو "انگ ميو" آهي، يعني ازل
جي انگ ۾ ميو متارو آهي، چمندي ئي جوان آهي.
– چانگي رَکيو چِتُ (ڪنيات ١٦/٤)= اُٺَ انهيءَ تي
پنهنجو مَنُ رکيو، ڌيان ۾ چاهه رکيو.
● چانٽ= گهر جي دَرَ جي هيٺين زمين سان لڳل ڪاٺي
يا دڪي.
– متان چانٽِ چپُ (پرياتي ١٨/١)= در جي چانٽ
متان پنهنجو چپُ (ادب جي چميءَ وارو).
● چاهَ = وڏا اونهان ڏر، کوه.
– چري پريائين چاهَ (سارنگ ١٠/٤)= وسي وڏا کوها،
وڏا کوه ڀريائين.
● چاهِ = باهه، آگ.
– چڙهنو چڪاسين چاهِ (ڪلياڻ ٣٥/٤)= مٿي
اڏاميو باهه کي جانچين (ته ڪٿي آهي).
– چورِ ته لڳي چاهِ (يمن ٧/٤)=اڳتي سور (ڪانئين ڏي)
اڳتي وڌاءِ (قدم ڪي) ته باهه لڳي، (عشق جو) مچ مچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● چاهُ، چاهہ = چاهت، شوق، پيار.

- چَنيسَرَسِين چاهُ (ليلان ٣/٢)= چنيسر سان پيار.

- چاهُ پِئو (مارئي ٨/٢٢)= چاههَ ۾ پيل، وڏي سِڪ ۽ شوق وارو.

- چاههِ پَئي (سارنگ ٢/٧)= شوق ۾ پئي، شوق مان.

● چائُت = پيائي، ڪوٽ.

- چائُتِ پائي چِتَ ۾ (ڪاپائتي ١/١٩)= اندر ۾ پيائي رکي، بغض رکي، ڪينو رکي.

● چائِنِ = چوائن (پاڻ کي).

- سُونهان چائِنِ سَدَ نه ڏينِ (آبري ٢/١١)= پاڻ کي سونهون سڏائين ۽ ڪا خبر نه ڏين.

● چائي = چوائي.

- ڪِئَن چائي چامُ (يمن ٥/٩)= ڪئن پاڻ کي چام سڏائي، سيني جو سردار ڪوٺائي.

● چائين= چوائين (تون پاڻ کي).

- صُوفِي چائين سَدَ ڪَرين (ڪلياڻ ٢/٣)= تون پاڻ کي صوفي سڏائين (۽ باوجود ان جي) سَڏون پيو ڪرين.

- پَتَنگُ چائين پاڻَ کي (ڪلياڻ ٤/٢٧)= پاڻ کي پتنگ تو سڏائين.

- سامِي چائين سُڪَ طَلبين (رامڪلي ٢/١٤)= پاڻ کي سامي سڏائين ۽ ته به سُکن جي خواهش پيو ڪرين.

● چايو = چوايو.

- بانهِي چايو پاڻَ (ڪوهياري ١/١٦)= پاڻ کي بانهي چوائي.

● چِبُون ۽ چِيهَا (آبري ١/٤)= ٻني نالا پکين جا.

● چِت = مَنُ، اندر، دل.

- پيئِسِ پَهُنواريون چِتِ (مارئي ٣/١)= ماروئڙيون سَرِتيون چِتِ تي چڙهيس (مارئي کي)، ياد پيَس.

- چِتُ جِنه جو چُورُ (ڪوهياري ٥/٣، مارئي ٣/٨)= جنهن جو من (سڪ ۽ فراق ۾) پچي پورا ٿيو آهي.

- چِتَ جَنِي جا چُور (رامڪلي ٦/٩)= جن جا اندر چُور ٿيل (جن جي اندر ۾ 'آئون' آهيئي ڪانه ۽ جن جي ميسَ ماريل آهي.)

- چِتَ پرکي چارڻين (پرڀاتي ٢/١)= ڏان گهرندڙ منگتن جون دليون تو پرکي.

- چِتِ ٻنا چڙهنِ ڪِينَ (هلاول ١/٢٢)= ٻنا سخي چت تي ڪين چڙهن، دل تي ڪين چڙهن، ياد ئي ڪين اچن.

- جِنه تان چِتُ ڪَٽِي (ليلان ١/٦، ٢/٥)= جنهن تان چاه ڪٽي ڇڏي.

- جَنِ جيڏاهِين چِتُ (سري راڳ ٢/١٢)= جن جو جيڏاهين ڌيان يا ارادو.

- چوري رکيم چِتِ ۾ (سورٺ ٣/٦)= سنياري ساري دل ۾ رکيم.

- جا چِتايَم چِتَ ۾ (ڪلياڻ ٢/وائي)= جيڪا (ڳالهه) پنهنجي من ۾ سوچيم.

- چَنيسَرَ جي چِتِ (ليلان ٤/١١)= چنيسر جي چتَ ۾، دل من ۾.

- چِرَنِ چِٽُڪَنِ چِتَ ۾ (آبري ١١/وائي-١)= وري وري اچن ۽ اُپرن اندر ۾.

- چِتَ جَني سِين چاتَ (رامڪلي ٧/١٥)= مَن ۾ جنهن سان محبت.

- چِتُ چَرِئو ڪَري (پرڀو ١/٦)= من مستانو ڪري، دل کي ديوانو ڪري.

- چانگِي رَکيو چِتَ (ڪنيلت ٤/١٦)= اُٺ پنهنجو پورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان رکيو.

● چِتا چوريجلا (يمن ٥/١۴)= پنهنجي چت مان ڪڍجان، پنهنجي اندر مان پنهنجي دل جي محبت سان. ڀلهرئين زور بار بدران پنهنجي ذاتي ضمير جي آواز تي پيدا ڪجان.

— لاهيان جي نه چِتان (سلمونڊري ٣/٣٠، رپ ١/٢٧) = جيڪي پنهنجي دل تان نه لاهيان، نه وساريان.

— چِتان جي نه چُرنِ (سلمونڊري ٣/٣١)= دل تان جيڪي نه لهن.

● چِتائڻ= دل ۾ ڌرڻ، ڌيان ۾ رکڻ، اندر ۾ نهارڻ، جانچڻ.

— ڪونه چتائي (آسا ٦/وائي)= جنڪي ڪو ڪونه ڏسي، جن ڏي ڪو ڪونه نهاري.

— ڪو ڏيهه چِتايو (سلمونڊري ١/٢١)= ڪو پرانهون ديس ڌيان ۾ رکيو، نظر ۾ ڪيو.

— جِن ڏورِ چِتايو ڏيهه (پرڀرو ٢/٦)= جن ڪو پري وارو ديس ڌيان ۾ رکيو، نظر ۾ ڪيو.

چِتَرَ = ريجهه، چِتَ، لَب، لالچ، فريب.

— چِتَرَ ڏيئي چِتَ ڪي (ديسي ١/وائي)= دل ڪي فريب سان ريجهائي.

● چِتَرُ = خوش ۽ سجاڳ. هوشيار.

— چِتَرُ رَهي نه چِتَ (رپ ١/٣٩)= هنيون خوش ۽ سجاڳ نه رهي.

● چِتَرون = توڪون، ننوليون.

— چاريءَ مِتان چتَرون (ڏهر ٣/٢٥)= نظر داري ڪنڌ متان ننوليون.

● چِتَ = چس، سواد، ذائقو.

— چانگي چکي چتَ (ڪنيات ۴/١٩)= (جي ان) اٺ اها چس چکي.

● چِتائي = روشنائي، اجاڻ، صاف.

— چِٽي چِتائي (ڪلياڻ ٣/٩، آسا ١/٢٢)= صاف سفيدي، چٽي روشنائي، ظاهر ظهور.

● چِٽراڻو= روشني.

— چوڏسِ چِٽراڻو (راڻو ٦/١٠)= چوڌاري روشني.

● چِٽرايو م= مون چِٽرايو (دلو).

— چِٽرايو م چِٽي (سنهڻي ١٠/١٦)= مون پاڻ چٽي تاڪيد ڪري (دلي کي) چِٽرايو (ان تي چِٽر ڪڍايا).

● چِتَڪا =ايذاءِ.

— چاڪَ چِتَڪا چَڪَ (يمن ٣/٨)= زخم گهاءِ، چڪَ، ايذاءِ سهڻُ.

— چِتَڪا چَکَڻ (يمن ٣/٨)= ايذاء سهڻ.

● چِتيون جي چِٽَڻ جون( راڻو ٩/١٦)= اهي جيڪي آڏو چِٽو چِٽي ڏيڻ واريون آهن. اهي جيڪي سامهون ورندي ڏيڻ واريون آهن. اهي جيڪي بي ادب آهن.

● 'چُپ' سين جي چونِ (راڻو ٩/١٣)= جيڪي چپ (ماٺ) صبر وسيلي سمجهائن. جيڪي چپ ۾ رهڻ سان ئي سمجهائن.

● چَپا (واحد چَپو) = اولا، پيڙهيءَ جا.

— چَپا چُرنِ ڪين ڪين (سري راڳ ٢/١٥)= پيڙهيءَ جا اولا اصل چُرنِ ئي ڪين.

● چُپاتا= چپ چپاتا، ماٺ ۾.

— هُوءِ چُپاتا چڙهي وِئا (ڪوهياري ١/٥)= هو ماٺ ۾ (انن تي) چڙهي هليا ويا.

● چَپيٽَ = نپوڙ چيپٽ.

— تَني جي چَپيٽَ (ڪارايل ٣/٧)= تن جي نپوڙ انهن جي چيپٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● چِرِ ڦِرِ ڪاري (آبري ٦/٩)=چُرِ ڦر ڪرائي، پيو چُلڪي.
● چَرَڪُ = چَرخُ = چادر سان مٿي تي چوٽيدار جُهنڊ.
- چيلا ماري چَرَڪُ (پورب ٢/٣)= اي چيلا! چادر سان جهنڊ هڻي.
● چِرڻ = لڳڻ.
- هڪُ لڳين لوهَ چِرِنِ (مارئي ٤/٢٠)= هڪڙا لوها تير پيا بدن ۾ لڳن.
- چِرِنِ چُڪڪن (آبري ١١/وائي-١)= لُڏن لڳن، سُرن چِين.
● چِرُون = چِروڻ، وڏا دَٻا (جيڪي باهه تي پاٽي، رنگ وغيره گرم ڪرڻ لاءِ چاڙهجن).
- چِرون جت چڙهن (راڻو ٢/٤)= جتي رنگ ٺاهڻ ۾ پڪي ڪرڻ لاءِ چرون باهه تي پيا چڙهن، رنگين ڪپڙن پائڻ ۾ سونهن وڌائڻ لاءِ رنگ پيا ٺهن.
● چِرهو = ڪاڏي ڪاچ.
- ڪَرهي چَرهو چڪيو (راڻو وائي ٣/١)= اٺَ (سنڌو) ڪاچ چڪيو.
● چِرئا چڪائين (ڪارايل ٣/١٣)= سُرئا (چِرئا) ته ڪائيندا ۽ چُنڪو چڪائيندا. ڏاهو ڏنگ هڻندا.
● چِري = ديواني.
- چاڪَنِ ڪَيس چِري (راڻو ٥/٧)= (فراق جي) ڦٽن (جي ايذائن) مونکي ديوانو ڪري ڇڏيو.
● چِريو = ديوانو.
- چَريو اُيو چوءِ (ڪلهوڙي ٣/١٢)= ديوانو ٿيو بيٺو چوي.
● چَريائي = مستي.
- چانگي چَريائي (ڪنيات ٥/١١)= اٺ جي مستي.
● چِڙا = اٺن، مينهن، ڳاين جي ڳچين ۾ ٻڌل آواز ڪندڙ وجندڙ سنياريَ ڏانبر.

- چِڙَنِ چوري آهيان (سنهڻي ٥/٣)= چِڙن جي آواز مون کي تڙقايو آهي.
- چِڙَنِ مُنهنجا چورِيا (سنهڻي ٥/١)= (ميهار جي مينهين جي) چِڙن (جي آواز) منهنجا (فراق وارا ڦٽ) اٿلايا، نوان ڪيا.
● چڙهه چوٽيين (آبري ٨/١٤)= جبلن جي چوٽين تي چڙهه، اُتاهان اٿانگا لڪ لنگهه.
● چِڙهنا = هميشه لاءِ چڙهنا ('چڙهنا' ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل تنهي جي معنيٰ سمايل آهي).
- عاشقَ اَنگڻِ چِڙهنا (ڪلياڻ ٥/وائي)= عاشق سوريءَ جي چوٽين تي وڃي پيا.
- گهڙٽا سي چڙهنا (سنهڻي ١٢/٦)= جيڪي درياهه ۾ (همت ڪري) گهڙيا سي ٻي ڪنڌيءَ تي وڃي چڙهيا، پار پهتا.
- چِڙهندي چِيائين (ڪارايل ١/١)= اڏامڻ ۾ مٿي چڙهندي چيائين.
- چِڙهي پُور (حسيني ١١/٦)= پُور تي چڙهي، پور ۾ اچي، سڪ ۽ چِڪ واري پهه ۾ پئي.
- چِڙهيس نيهَ نظاري (حسيني ١٠/وائي)= آءٌ چڙهيس نيه جي نظاري، عشق ۾ نڪري نروار ٿيس.
- چڙهيو ٿيو چوندو (ڪلهوڙي ٣/١٣)= سامهون اُيو ٿيو چوندو، سامهون بيهي پيو چوندو.
● چِڙي = جهرڪي.
- چِڙيءَ جتن چُهنج هڻي (ڪلياڻ ٢/١٣)= جهرڪيءَ وانگر چهنب هڻي (ڪو ذرڙو ڪڻي ڪائي، ذرڙو پاڻيءَ جو پئي).
● چَسَ = مزو لذت، ذائقو، ميٺاج.
- چرنو ڏئي نه چس (ڪاپائتي ٢/٤)= چرخو ڪتڻ

- چَڙھ چُڪيائي چوٽيين (آبري ٨/١۴)= ٽڪي سائي تي آهين تہ بہ چوٽين تي چڙھ.

● چُڪو = ڪير جو چُڪو، لَپ، سُرڪي.

- چُڪي ٽنہ چَري ڪي (سنھڙي ١٢/٧)= ڪير جي ٿڻن سُرڪيءَ (جي نشي) ھن کي چريو ڪيو.

● چُڪَڻُ= ڦٽن جو اُٿلڻ، وري رَسجي پوڻ (رت پُون ڪرڻ)، آلو ۾ آزار وارو ٿيڻ.

- چُڪِي چُڪيم چاڪ (مارئي ۴/١۴)= (منھنجا مارن کان جدائي وارا) ڦٽ چُڪي چاڪ ٿيا.

● چُڪَ = ١- چُڪيءَ طور ڏنل، بي ملھي ڏنل، بنا عيوض ڏنل، مفت ۾ ڏنل، ھار ۾ ڏنل، ھارايل راند ۾ ٿوري شيءِ موٽائي ڏنل. (ٻار ڪوڏين جي يا ٻي ڪنھن جنس جي راند ڪندا، پوءِ جي ھڪڙي سڀ ساريون ھارايون ۾ ٻئي ڪٽيون، تہ ھارائيندڙ کٽڻ واري کي چوندو 'چُڪي ڏي' يعني تہ ڪٽيل سارين مان ڪجھ مون کي موٽائي ڏي تہ راند ھلايون).

- مون چُڪَ توسين چاءُ (حسيني ٥/١۴)= مون بي ملھي، بنا عيوض آيل جو توسان ئي پيار ۾ ڳانڍاپو. (سسئي چوي ٿي تہ: آءٌ سگهڙي (بلوچ) ناهيان، پر چُڪي آهيان).

● چُڪ= ڪُنڊ، پاسو، پاند.

- هُيَمِ هوتَنِ سين چُڪَ (حسيني ٥/١٥)= هوتن (بلوچن) سان منھنجو پاند اٽڪيل هو.

● چَکَڻ= زبان تي رکڻ، ذائقو وٺڻ (امر چَکُ) ايذاء سھڻ.

- چَکيمِ چڱائي (يمن ١/٢٥)= مون چڱائي چکي، چڱائي حاصل ڪئي، مقصد حاصل ڪيم، چڱي منزل ماڻيم.

- چاڪَ چَٽڪا چَکُ (يمن ٣/٨)= ڦٽن زخمن وارا ايذاء سَھُہ.

● چِڪي = ھڪ ماڳ جو نالو.

- چيھو چِڪيءَ ڪنڌيين (سارنگ ۴/١١)= چِڪيءَ (ٻنڌ يا ٻوري جي) ڪُنڌي (ڪناري) لڳ چيھو گاھ.

● چڱو ڀلو= (جمع) چڱا ڀلا= خوش، سلامت.

- چڱا ڀَلا سُڻين (بروو ٢/١١)= خبر ڏي تہ پرين، منھنجا اتي خوش باش آھن.

- چڱا ڪٿا (يمن ٢/٢١)= چڱا ڀلا ڪٿا، ڪين صحتياب ڪيو.

- چڱو ڪم (آسا ١/١٧)= ڀلو ڪم (جيڪو ڪرڻ گھرجي).

- چڱيائي مَ ٿيان (يمن ٢/٢۴)= چڱي ئي نہ ٿيان، چڱي ڀلي ئي نہ ٿيان، صحتياب ئي نہ ٿيان.

● چِلڙَ= ڏُٻا، ڏُٻن جو گپ وارو گندو پاڻي.

- چِلڙَ جي چوئينِ (سري راڳ ١/١١)= جيڪي ڏُٻن جي تري وارو پاڻي چُوسينِ، پين.

- چلڙُ چڪُ ٿيو (ڏھر ٣/٢۴)= (چيھو گاھ) گپ چڪ ۾ لتاڙجي ويو.

- چلڙَ ۾ چُھنجَ هَٽي (ڪارايل ١/١٣)= گپ چڪ ۾ (چڳڻ لاءِ) چھنب هٽي.

● چَلَڻَ = ھلڻ. (اصطلاح طور) سھڻو ھلڻ، سھڻي ھلڻي.

- چَلَڻ جي چاھِ پَٽي (سارنگ ٢/٧)= سُھڻي ٽور جي سَڌ خاطر.

● چُلھو= وڏي چلھہ، وڏو مچ.

- چُلھي تي چاڙھين (يمن ٣/وائي)= محبوب پنھنجن عاشقن کي سھڻ سان ڪٽي بلھہ جي ٻرندڙ ڪوري مٿان رکن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَمڪَڻُ= چلڪڻ، چٽو تمڪڻ.
- چَمڪِنا چوڙدارَ (ڏهر ٣/٢٧)= چٽني طرفن کان چِٽا ٿيا، ڏکَ ڏنائون، پڌرا ٿيا ۽ آيا.
- چَمَڪِيُون چَوڏارَ (سامونڊري ۴/١٧)= چوڌاري چِٽيون ٿيون، پڌريون ٿيون.
● چَنبيلي (معذور ٦/۴)= (استعاري طور) باهِي (سسئي) جيڪا چنبيليءَ جي گلن وانگر سُرهي.
چِنّتا = اڻ تڻ، ڳڻتي.
- چنتا لڳي (بلاول ١/۴)= تنگيءَ جي ڳڻتي لڳي.
چنجون ۽ چوتيون (معذور ١/١)= جبلن جي پاهڻن واريون اُڀيون چڙُون ۽ چوٽيون.
● چِندانَ =چِٽان، چيتان، ڌيان سان، سوچ سان.
- چِندان جَنِ چِڪَرِي (رامڪلي ١/وائي)= جن وڏي سچ سان دل لائي چڪي.
● چُندا = چَوَندا.
- چُندا ڪِين چيلن وٽا (پورب ١/١٠)= چيلن کي ڪين ڪجهہ چوندا ويا (تہ انهيءَ وات سان يا اهڙي طرح هلجِئو).
چُنداءِ = چَوَنداءِ، تو کي چوندا.
- سُيان تان چُنداءِ (سنهڙي ٨/١٢)= سُياڻي تان تو کي چوندا، توتي ميار رکندا.
● چَنڊَنَ = سُرهي ڪاٺ وارو وڻ، صندل.
- چندن پري پُور (ڪنيات ٢/١۵)= چندن جو پورو لپ پري، هٿ پري.
- اَچِي چَنڊَنِ چوڙِ (راڻو ٦/۵)= تون اچي چندن ماڻ، چندن جي سرهاڻ تازي ڪر.
- چَنڊَنَ چِڪَ ڪِئو (راڻو ٣/۴)= چندن سان گهٽو مَليو.
- چَنڊَنِ چِڪَ ڪَري (راڻو ٣/١٣)= پنهنجو پاڻ کي چندن سان چِڪ ڪري (پنهنجي هيڪاري ۽ حسن سان).
- چَنڊَنَ جا چُوپا ڪَري (ڪنيات ۴/٣)= چندن کي بہ چاهہ سان نہ ڪائي ۽ چُوپا ڪري ڪڍي ڇڏي.
- چَنڊَنَ ڪوڙَنَ (راڻو ٦/٩)= چندن وڻ جا گلڙا.
● چُنڊِيس = چَوَنڊيس.
- پِهرين چُنڊِيسِ پرينءَ کي (ڪوهياري ٢/۵)= پهريائين پنهنجي پرينءَ کي چونديس.
● چَنڊرَ ميرائيءَ (ڪنيات ١/١١)= چنڊر جي ميرائي جهڙا، يعني چنڊر جهڙا روشن ۽ سهڻا.
● چُنڊِئو (مارئي ٦/٨)= چُونڊيو.
● چَنگَ= چنگل (ف)، پَنجو سُوريءَ جو (سوريءَ جو هيٺيون گهيرو جنهن ۾ اُبا بيٺل پالا).
- ڏيهاڻُو چَنگ چڙهين (ڪلياڻ ۵/٨)= (اي عاشق! تون) جي روزانو سُوري جي چنگل ۾ اچين، سوريءَ جي وَرِچڙهين.
- چَنگ چَڙهڻ (ڪلياڻ ۵/٨)= سوري جي پالن تي تنگجڻ، سرندي وانگر وڄي چڙهڻ، علي الاعلان سوريءَ تي چڙهڻ.
● چَنگُ (سورٺ ٢/۴)= هڪ ساز، سُرندو يا سرندي مثل ساز، واڄو.
- چَنگَ پَنگُ لَهِي (سورٺ ٢/٣)= چنگ جو پنگ لَهِي، ساز جو سَڄُهہ لهي، واڄي جو پورو وڄُهہ لهي، سُرندي جي تارن کي ملائي ان کي پوري سُرَ ۾ آڻي.
- چَنگ چَڙهان (سنهڙي ٦/٣)= سڪ ۽ فڪر ۾، چنگ جي واڄي وانگر پئي وڄان.
● چَنگلَ = چَنبا، اڻ جا وڏا پير، داڙوڙا.
- چَنگلَ جَني چوڙُڦرا (ديسي ١/١٦)= جن جا پير

- چَنَدنِ چوِتيُون (ڪنيات ٣/٩)= چندن جي تارين جا چوٽي وارا گوڇ.
- چوٽيين چڙهيَ (آبري ٧/١٨)= جبل جي چوٽين تي چڙهي.
- چوٽيين چاڙهيجاه (معذور ٣/٧)= مونکي مٿي چوٽين تي چاڙهجو.

● چَؤڏسِ = چئني طرفين، چؤڌاري.
- چَوڏسِ چِٽرالو (رالو ٦/١٠)= چئني طرفين چٽائي، روشني.

● چَؤڏول = هڪ قسم جي ڏولي يا ڪرسي (جنهن تي معزز مهمان کي ويهاري پوءِ ڪلهن تي کڻي واجهن سان ڇڪي مٿي محل تي چاڙهيندا هئا) چئن دروازن واري وڏي شاهي شاندار ڏولي..
- چڙهي ۾ چَوڏولَ (سورٺ ٣/٤)= مانائتي ڏوليءَ ۾ چڙهي.
- چارَڻُ چاڙهي چؤڏولَ (پرياتي ٢/٢١)= منگتي (چارڻ) کي چوڏول ۾ چاڙهي.

چوڏهنِ چارو (ڏهر ٣/١٨)= چوڏهن چارن (ياگن) وارو ڪڇ ملڪ (١-ٻني، ٢- پَڇم، ٣- ڪَريڙ، ٤- لوڊاڻي، ٥- پراڳر يا واڳيلاڻ، ٦- واڳڙ، ٧- ٻارو، ٨- ماڪَ، ٩- آبڙاسو گڙو، ١٠- ڪَنُڍا، ١١- چيتالو، ١٢- ڪَنِٺي، ١٣- انجار، ١٤- مُنرو). جتي چوڏهن طرفين مال چري، جتي مال جي لاءِ چوڏهن چارا آهن، چَرڻ جا چوڏهن پلسا آهن.

● چوڏِهين = چنڊر جي چوڏهين تاريخ.
- چوڏِهينءَ چَنڊرُ اُيري (ڪنيات ٢/١١)= چوڏهينءَ جو چنڊر (تہ بيشڪ اڀريل ئي آهي، يعني مٿي چڙهڻ کان اڳ ئي اڀريو جنهن کي سيڪو ڏسي).

● چُورُتِئي چُوڙو (سنهڙي ٢/٣)= چوڙو (ٻانهن وارو) ڀڃي ڀِري اُتو ٿئي.

● چورڻ= وڄت جي ساز کي چورڻ، ساز جي تند کي چورڻ، وڄائڻ، سورڻ، سِرڪائڻ، بيٺل شيء کي اڳتي پوئتي ڪرڻ.
- اَڇي چارَڻَ چورِئي (پرياتي وائي ٢/١)= چارڻ اچي تَند وڄائي.
- چورِئو چَنگُ (سورٺ ٢/٥)= ساز وڄائڻ شروع ڪيو.
- چورِ مَهِنيين سَلَ (ڏهر ٥/٢٣)= اندر جا ڳهاءَ (سَل، سوراخ) چور نہ، سِرڪاء نہ.
- چوري چَنگ (يمن ٣/١٤)= ڪمان کي ڇڪي ('ڪَشيل ڪمان ۽ تير' جي مشابهت وڄائڻ واري چنگ ساز جي ڳول گهيري ۽ ان جي وچين تند' سان ڏنل).
- چوري رکيم چت ۾ (سورٺ ٣/٦)= جانچي رکيم پنهنجي من ۾.
- چورِ تہ لڳي چاه (يمن ٤/٧)= (فراق جي آگ وارين ڪاتين کي) سور تہ ٻاهہ (چاه) لڳي، مچ مچي.

● چورَ کي (سنهڙي وائي ١٢/١)= 'آءُ' واري چور کي، اَنانيت واري وَهم کي.

● چَوران = چورن جي.
- يَڳِي چوران لِڪَ (ڪلهوڙي ٣/٩)= چورن جي لِڪَ ڀڳي، لڪڻ واري جاءِ باقي نہ رهي.
- چوران تَڪيو (آسا ٦/٤)= چورن جو ٽڪالو، چورن جو ماڳ.
- چوران ڪِي تَاتِ (آسا ٦/٦)= چورن جي (سُڄاڳي ۽ سنڀار واري) ريت.

● چوراسِيون= هڪ چوراسي نہ، پر گهڻيون چوراسيون.

- چوراسيين چنڊرن (ڪنيات ٢/١٢)= هڪ چنڊر نه، پر چنڊرن جون چوراسيون.

چورنگ (ليلان ١/١٦)= چئني طرفن کان رنگين، چئن رنگن رارو سهڻو.

چورڻ = زخمن کي زور ڏيڻ، ڦٽن کي سوٽري صاف ڪرڻ، سرڪائي سولو ڪرڻ، چُر پُر ڪرائڻ.

- چوري چاڪَ نهارئا (يمن ١/١٧)= زخمن کي زور ڏيئي اٿلائي، ڦٽَ (چاڪ) جانچي ڏس.

- چوري چِتُ وِٺو (ديسي ٣/٨)= چت چوري وٺو= من مستان ڪري ويو.

● چورِي =پيرت وارو ڳهڻو، هيٺ تي ڍڪڻو، ڪڙيءَ ڊار ڳهڻو (هينئر لاڙ ۽ ڪڇ جا جت بلوچ چونڊائي "چورِي". چولي پي، جنهن کي ٽي ڪڙا ۽ آڏو ڳنجيءَ مثل).

- ساڻ چُناڪَنِ چوري (ڪوهياري ٦/وائي-٢)= آءُ روئي رت جي ڦڙن سان پنهنجي چوري پريندي س.

چوريجاه (يمن ٥/١٤)= اوهين چورجئو، اٿارجئو.

● چوگانَنِ ۾ (مارئي ٥/١٧)= (ف. چوگان= راند جو نالو ۽ راند ۾ ڪشادو ميدان). ڪوٽ جي ٻاهران چوڌاري ڪليل ميدان ۾.

چوڻِ= چوَڻِ.

- چوڻيءَ چڙهئو چوڻِ (ٻروو ٢/٢٠)= مٿي چوڻيءَ تي چڙهي پيا چون.

- چلڻ جيئون تا چوڻِ (پورب ١/٦)= هتان هلڻ جون ڳالهيون تا ڪن.

- ڪنهَ کي ڪِين چوڻِ (ڪوهياري ٢/١) = ڪنهن کي ڪين چوَڻِ.

- سي نه رُونِ نه چُونِ ڪِين (يمن ١/٢١)= سي نڪي روئن، نڪي ڪجهه چون.

● چُوندَن = چوَندڙن، (ڳهٽ وڏ) چوندڙن.

- چکيو نه چُوندِن (آسا ٧/٢٠)= چوڻ وارن نه چکيو (صبر جي ساءُ کي)، صبر نه ڪيائون، ماٺ نه ڪيائون.

- چُوندَنِ ڪيمَ چَنيجُ (آسا ٧/١٣)= ڳهٽ وڏ چوندڙن (ڳلاخورن) کي تون نه چئج.

● چُوندو (پورب ٢/٢)= چوَندو.

- چڙهيو ٿيو چُوندو (ڪلهوڙي ٢/١٣)= چڙهيو پيو چوَندو.

● چُونديَاسِ = آءُ چوَنديس.

- پريان کي چُونديَاسِ (يمن ٢/٩)= آءُ محبوبن کي چونديس.

● چونَرِ = مونکي چون.

- چُونرِ جي هيڪارَ (سنهڻي ١١/٢)= جيڪڏهن منهنجا پرين مون کي هڪ پيرو چون (ته اي سنهڻي! پوئتي موٽي نه وڃ).

● چُونهَ = چُکَ، ڪُندِ، ڪَڏُ.

- چَرِي مَنجَهان چُونهَ (آبري ٥/٥)= هوت پنهون هن چري کي چُونه مان (چُکَ مان، ڪڏ جي ڪنڊ مان جتي هو زمين اندر پيهي ويٺي هئي) ڪڍي پنهنجي هنجهه ۾ ڪئو.

● چُوٽو = ڪاڏو.

- چُوٽو تان چُٽندا (ٻروو وائي ٢/١)= ڪاڏو چڳندا، قوت ڳذران پيا ڪندا.

● چوَڻ = ٻڌائڻ، ڪنهن سان ڪجهه ڳالهائڻ.

- چَئين = چوَين، اقرار ڪرين، قبولين.

- جان تو چَئين اِيئن (ڪلياڻ ١/٥)= جڏهن جو تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن وڳن کي چيٽاٺي ۾ ته چارين، ۽ وڳن کي بنا ڪنهن سار سنڀار جي ته وهارين!.

- چيٽاٺي جُوڙدارَ (ڏهر ٣/٢٨)= چيٽاٺي جبل ۾ ۽ ٻاهران جوڙداري.

● چيٺڻ = مريض جي ڦٽن زخمن کي آهستي آهستي صاف ڪرڻ، وڏي ڌيان ۽ غور سان علاج ڪرڻ.

- چيٺي هُوند چڱا ڪِئا (يمن ٢/٢١)= ڌيان سان ڌوئي صاف ڪري صحتمند ڪيا.

- چيٺي چڱيءَ چيٺِ (سامونڊي ٢/١٠)= پوري ڌيان سان صاف ڪري (چيٺي).

● چيڙ = چيڙهه، تيل ۽ مَر جو سٽُڀ، جيڪو وارن کي ڳنڍي ڳوپي ڇڏي.

- چوٽيءَ ۾ چيڙ پيو (مارئي ٨/٢٦)= متي جي وارن ۾ چيڙهه پيو.

چيلَ يا چيلهه هڻڻ= وهڙي يا ڍڳي جو زمين ۾ زوراٺتا ڪُرهٺي هيٺ چَري ڪري ڇڏڻ.

- هٺي چيل چرا ڪنا (ديسي ١/١٠)= زوراٺتا ڪُر هٺي زمين ۾ چرا ٺاهي ڇڏيا.

● چيلا چيلهه ٻڌن (رامڪلي ١/١٦)= (الف) چيلا خدمت ڪندي، وڏن فقيرن جي چيلهه تي وِڙي تا ٻڌن، سَندري طور ڪپڙو تا ٻڌن (ب) نانڪ' اڳتي روانا ٿيا، هاڻي چيلا پنهنجي پنهنجي چيلهه تا ٻڌن ته هو به روانا ٿين.

- چيلو چِٺيين (پورب ٢/١١)= پاڻ کي چيلو ته چوائين.

چيلهه ٻَڌيو (آبري ٧/١٨)= چيلهه کي سَندرو ٻڌي.

- چيلهه چَڪَر (رامڪلي ٦/٢٣)= چيلهه کي چمڙي جي وِڙيءَ جا وڪڙ.

● چيو ڪرڻ، چيو مڃڻ=جيڪي ڪو چوي اهو مڃڻ.

- چاريءَ جو چيو ڪَري (ڪنيات ٢/٢٠)= چوڪي تي بيٺل، پهري واري، جانچ ڪندڙ جي ڳالهه مڃي.

● چيهو= چيهو گاه (جيڪو هيٺاهين ريجائين زمين ۾ بيٺل پاڻيءَ جي پاسارن ڪان ٿئي).

- چيهو چُڪيءَ ڪَنڌيين (سارنگ ٤/١١)= چيهو گاه چُڪي جي ٻنڊ يا چڪي جي ٻوري جي پلسن سان.

- چيهو چِلڙچِڪَ ٿيو (ڏهر ٣/٢٤)= چيهو گاهه توڙي پاڻي ۽ گپ چلڙ ۾ پرجي ويو.

- چيها (مارئي ١١/١٢)= چيهو گاه.

- چيهَا ته چاري (مارئي ١/٥)= (منهنجو سَنُ) مال کي پهرائي چيها گاهه ته چاري.

● چيهاڙيُون = چيريل ڦاڙيل ٽڪريون ٽڪريون.

- چَرَخو چيهاڙيُون ڪَري (حسيني ٢/٨)= چرخي کي پچي ٽڪر ٽڪر ڪري.

● چيهان= چيهُون، چيخون، ٽڪيون رڙيون.

- چيهان ڪرِئو چوءِ (سنهٽي ٧/٦)= چيخون ڪري پئي چوي.

- چيهُون ڪَري (يمن ٢/١٩)= ڦٽي ڦاٽي چيرَ ڪري، سيرُون جهيرُون ڪري.

● چيئَن = ڏاگهه جي چوٽيءَ مٿان وچ تي توري ڪڏ وانگر نمندي جنهن ۾ هندو ماڻهو مردي کي ٺاهي رکن ۽ پوءِ باهه ڏين، ڏاگهه وارين ڪاٺين جو ڍڳ، ڏاگهه باهه جو مچ.

- مُون کي چاڙهي چيئَن (سامونڊي ٣/٤١)= مون کي ڏاگهه تي چاڙهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڇَپَرُ (ڏهر ١/٣)= مَنهَن (اصطلاح طور) ڏک، ڇانوَ.

● ڇَپَرُ = پهاڙ جبل.

- ڇپرَ ۾ سڏ ٿئو (ڪلهوڙي ٢/٢٣)= جبل ۾ سڏ وارو آواز ٿيو (='شايد ته ڪي ڪلهوڙي اتي آهن.')

- ڇپر ڪونه ڏي (ڪلهوڙي ٢/١٥)= جبل ڪونه ڏئي.

- پيهي ڇَپَرُ پَسُ (ڪلهوڙي ٢/٩)= جبل ۾ اندر گهڙي ڏِس.

- ڇَپَرِ ڪوسو واءُ (ڪوهياري ٦/٩)= جبل جو گرم واءُ، جهولو.

- ڇپر ويندي (ديسي ٣/وائي)= تون جبل ۾ ويندين؟

- ڇَپَرَ جا سينگارَ (حسيني ١/١٠)= اي (منهنجا پيارا پنهون) جبل جا سينگار!

- ڇَپَرُ منجهان چوءُ (معذور ٥/١٤)= چوهه ۽ تيزيءَ سان جبل کي (روئي رڳينديس رت سين).

- ڇَپَرِ اوتارا ڪري (معذور ٤/١٥، ٤/١٦)= جبلن ۾ منزلون ڪري، ماڳ مقام ڪري.

- وانءُ ڇپر پيهي (معذور ٢/٦)= وڃ جبل ۾ گهڙي.

- ڇَپَرَ جا سُونهان (ڪلهوڙي ١/١٢)= جبل (جي پنڌ) جا رهبر.

- ڇَپَرِ آئيون (ڏهر ٥/٥)= ڇپر ۾ آيون، ٽڪر ۾ آيون، ٽڪر واري ملڪ ۾ (جتي ڪونجون رهڻ ۽ چٽڻ) آيون.

- ڇَپَرَ وَٽِ (ڏهر ٥/٦)= ڇپر جي وٽ، ٽَڪر جي پر واري زمين (جيڪا خُشڪ آهي، پر ماڻهن کان پري آهي).

- پاڻان پيئيون ڇپرين (حسيني ١٢/٦)= پاڻ ئي ويتر جبلن ۾ گهڙيون.

● ڇَپَرَ کَٽَ (حسيني ٥/١٩)= وڏي اوچي پلنگ واري کَٽَ، جنهن جي مٿان مهاري اڏيل.

● ڇپريُون (ڪامود ٢/١٠)= ننڍيون ٽڏيون، ٽڏڙيون.

● ڇِپُون = وڏا ڳرا پٽر.

- ڇِپُون ڇَپَرَ کَٽَ (حسيني ٥/١٩)= ڇپون جڻ ڇپر کٽ (جهڙيون).

● ڇَجو = آڏو ورانڊي طور وڌيل مَنهَن.

- ڇَنِ نه ڇَجي هيٺ (مارئي ٥/١٨)= نه ڇَن (جهنگ جي هيٺاهين) ۾ ته نه گهر جي ڇجي هيٺ.

● ڇَڇَ = درياءَ جي اڳين آڳاٽي وهڪري واري پاڻي سان ڀريل ٻورا جيڪي ڊگها ۽ اونهان پر ويڪر ۾ گهٽ (اڳ ڪٿان درياءُ وڙهو، پر پوءِ جڏهن وهڪرو متاياڻين ته اڳين وهڪ وارن ڪن پاڳن ۾ اونهون پاڻي سدائين لاءِ بيهي ويو. مثلاً شاهه بندر تعلقي ۾ "ڇڇ جهان خان لغاري" جيڪو فرلانگ کن ويڪرو ۽ ڏيڍ ميل کن ڊگهو، پر گهڻو اونهو جنهن ۾ پاڻي سدائين ڀريو بيٺو آهي).

- هي چاڙُون ۽ ڇَڇ (گهاتو ١/١٤)= اهي ته ننڍيون چاڙون ۽ ٻورا آهن (وڏو سمنڊ ته اڳتي آهي).

● ڇَڏَڻُ= ٽوڙڻ منقطع ڪرڻ.

- ڇَڏڻ تعلق ٽڪيا (رامڪلي ٢/٢٧)= تعلقات ۽ ويجها ناتا ڇڏڻ، سڀ لاڳاپا ٽوڙڻ.

- ڇڏ لڏي (رامڪلي ٢/٦)= لڏي ڇڏ، هتان لڏي وڃ ۽ ڪان ڏار ٿيءُ، پنهنجو پاڻ کان پري ٿيءُ.

- ڇَڏي وِيا پيٽيُون (ڏهر ٣/٨)= هو پنهنجيون جايون ڇڏي ويا، هتان هليا ويا.

- ڇَڏي بارِ (رامڪلي ٦/٤)= ڳرو بار ڇڏي هلڪا ٿي هلن (ڏکيي ۽ وڏي پنڌ سببان)، لاڳاپن ۽ واسطن جا بار ڦٽا ڪري هلن.

- ڇَڏي هَليا (راڻو ٢/٨)= ظاهري اَسباب ۽ حيلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- چَنَ چَڏي پَٽِ پئو (سارنگ ۱/۲)= هيٺاهين چڏي متي پکي پَٽ تي ٿيو.
- چَنين چِيڪارِئو چيلڙا (مارئي ۸/۱)= چنن ۾ چيلڙن کي چيڪاري سڏي (پاڻي پياري چاريا).

چِنُ= چِني چڏ، ٽوڙ.

- سڳ سيبيني چِنُ (رامڪلي ۲/۲)= متي مائٽي وارا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏ.
- جِتَن چِنان چِنَنِ ڪِينَڪِين (بروو ۴/۱۶)= جتن آءُ ڪانئن لاڳاپا ٽوڙيان ٿن هو ٽَنَن ئي ڪين، هو چنڻ مان ڇجن ئي ڪين.

● چَنبو= ٿورڙي پاڻيءَ جي اُڇل.

- چَنبي سَاڻ (يمن ۴/۵)= پاڻي جي چنبي سان، صَبر جي ڏڍائي سان.

● چَنبڻِ = اڇلائڻ، تکو ڪيڻ، تکو ڪري هڻڻ.

- چَنبِين ڪَانَ = ڪانَ کي ڪمان مان چنبين، ڪمان مان ڪان کي جوهو چنبدي هڻن، تکو تاڻي هڻن.
- ڪَهيو چَنبِين ڪانَ (يمن ۳/۲۱)= پولائي ڪان کي ڪمان مان ڇڪي هڻن.

● چِنڊ ، ڳَنڊ= جدا ڪرڻ ۽ ملائي مضبوط ڪرڻ.

- چِنڊُ ڳَنڊُ اُنِ جو (يمن ۱/۹)= انهن محبوبن جو 'چنڊ' (وارو عمل به حقيقت ۾) 'ڳنڊڻ' آهي.
- چِني تَندَ تَڪِي (سامونڊي وائي ۴/۱)=واجهه جي ڳنڊ کولي. ٽڪيل تند ڏري ڪي، تندجي ٽڪ ڪڍي.

● چِٽڻ= ميري جو هيٺ ٻهڻ وڃ يا ول مان ڪرڻ.

- چِٽئو پوءِ چِڳا ڪنو (ڏهر ۲/۳)= چڳا چڳا تي پيو چِٽي. (ڳوڙهن ڳاڙڻ سان تشبيهه) اکين مان پاڻيءَ جا ڳوڙها پيا ڳڙن.

● چو پَاڻين (آسا ۴/وائي)= چو هٽ پيو هٽين.

● چوري (جمع) چوريون= چوري چني، يتيم چوڪري.

- چوريون چرڻ سِکيون (حسيني ۳/۱)= يتيمَ ۽ بي واهيون چوڪريون چرجو هنر سکيون، وڌيون هنرمند ۽ تخليقي صلاحيت واريون ٿي پيون.
- چورِين ڏنا چالَ (راڻو ۲/۱۴)= جي چوڪرين ٺينگ ٽپا ڏنا، جي نوجوان حسين چوڪرين پنهنجا ناز نخرا ڏيکاريا.

● چوڙڻ = ڪنهن پتل شيءِ کي آجو ڪرڻ. اٺ، گهوڙي وغيره کي ڪاهڻ لاءِ چوڙڻ، پتل پيڙي کي هاڪارڻ ۽ هلائڻ لاءِ چوڙڻ.

- چوڙيائون (سري راڳ ۱/۱۴)= هاڪاريائون، هلايائون.

● چولَ= وڏي چولي (پاڻي جي).

- چولَ چِلي (ڪلموڏ ۴/۱۴)= وڏي چولي لڳي، وڏي چولي متان وري آئي.

● چُونچَاٽ (ڪوهياري ۵/۸)= (الف) دانهون رڙيون (ب) چنڊا ۽ چاٽ.

● چوهڻ= وڏي تيزي ۽ تکائي.

- چَوهُ مَان (يمن ۳/۲۰)= وڏي تيزي ۽ تکائي سان.

● چُهو، چوهو (سري راڳ ۱/۱۴، ۳/۱۶)= سخت چوهو واءُ، تکو طوفان وارو واءُ اهڙي واءُ وقت، جنهن ۾ پيڙي هيٺ متي ٿيندي ته چوندا "پيڙيءَ ۾ چوهو پئي ويو".

● چي (حسيني ۷/وائي-۲)= چيه، پڇاڻي، بس.

● چيچَ (ديسي ۵/۵)= خوشي، خوشيءَ جا ناچ ۽ سهرا.

● چيڙون (ڏهر ۵/۵)= شڪار ڪرڻ وارن جون ٽوليون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪار ۾ هڪليندڙن جون قطارون.

● چيڙي (حسيني ١٠/وائي-١)= چڪي، چوري.

– چيڙي وِڌيَس چپرين (ڏهر وائي ١/٤)= سڪَ مون کي چڪي جبلن ۾ وڌو سڪ مون کي جاڳائي جوش ڏياري جبلن جي پنڌ ۾ وڌو.

● چيڪُ (ڪنيات ١٤/٤)= هيڏانهن هوڏانهن ويندڙ، آزادي سان هلندڙ ڦرندڙ.

– ”أني آڙائينس، چڙتو تہ چيڪ ٿئو“ (ڪنيات ١٤/٤)= اٿي اَتڪائينس (ٻڌينس)، ڇُوٽ ڇڏيئي تہ رُلندو.

● چيهُ (ڪلهوڙي ١٢/٢)= دنگ، آخري حد.

– چيهـُ لَڌائون چپرين (ڪلهوڙي ١٢/٢)= جبلن تڪرن جي آخري حد وجي ڳولي ڏٺائون.

# ح

● حاتم= حاتم طائي، عربن جو مشهور سخي سردار (جنهن جو نالو سنڌ جي سخي سردارن تي بہ آندو ويو آهي).

– حاتِم هڙد هزارَ (بلاول ٢/١)= ارڙهن هزار حاتم (ايترا گهڻا سخي).

– جاتِم پاسي هوءِ (بلاول ١٩/١)= جيڪو سخي جڪري (حاتم) جي حاضري ۾ هجي.

– آهي حاتِمَ هَٿَ ۾ (پرياتي ١١/٢)= سخي سَپڙ (=حاتم) جي هٿ ۾ آهي.

● حاجَ = گهرج،مراد.

– حاصِلُ ڪَريين حاجَ (سلمونڊري ١٥/١)= اي الله، تون انهن وڻجارن جي حاجت پوري ڪرئين، رٿيل مراد پوري ڪرين.

– ٿِيندِيَي حاجَ هِيائِين (پرياتي وائي ١/١)= تنهنجي مراد اتان پوري ٿيندي.

– حاجَ تُنهنجِي (ڪارايل ١٣/٣)= تنهنجي حاجت، تنهنجي ضرورت.

حَاذِق = وڏو ڄاڻو (طبيب).

– حـاذِقُ آهين هِن جـو (آبري ٤/وائي)= تـون هن جـو ويڄ ۽ طبيب آهين.

● حَاصِلُ = (ع. حاصِلُ) حاصل ڪيل، مُيَسر، موجود.

– حاصِلُ جان نہ حالُ (ڪلياڻ ٧/٢)= جيسين تائين ’حالُ‘ (’حال‘ واري منزل) حاصل ناهي.

– حَاصِلُ جَني حَال (رامڪلي ٩/١)= جن کي ’حال‘ حاصل آهي.

– حَاصِلُ ڪَري حَاجَ تو (آسا ١/٧)= تنهنجي حاجت پوري ڪري، تنهنجي طلب توکي پوري ڪري ڏي.

● حاڪم= حڪم هلائيندڙ، حڪمران.

– هٿي حاڪِمَنِ کي (راڻو ٦/٣)= وڏن حڪم هلائيندڙ کي، وڏي تابش رکندڙن مغرورن ڏاڍن کي (ميدان ڪري ٽَڪر هڻي).

● حَالُ= ’قال‘ جو ضد، پنهنجي وجود جي صفائي سهڻائي واري عملي ڪيفيت، روحاني بلندي واري هلندڙ حالت، سچي الاهي محبت واري هردم مشغولي، ’حال‘ واري منزل.

– حاصِلُ جان نہ حالُ (ڪلياڻ ٧/٢)= جيسين تائين ’حال‘ وارو مقام حاصل نہ ٿئي.

– جَني حاصِلُ ڪِئو حالَ کي (ڪلياڻ ٤/٢)= جن ’حال‘ واري منزل حاصل ڪئي.

– حَالُ پرائيو (پورب ١/٨)= حال حاصل ڪيو، حال واري ڪيفيت ماڻي. (١) سک ۽ سرور وارو حال پرائيو.

– هلي منجهان حالُ (رامڪلي ٦/١٢)= پنهنجي 'حال' منزل ۾ هلي (انهن جا تڪيا پسون).

حَالِ= حالَ ۾، حال سان، انهيءَ طرح، ساڳيءَ طرح.

– ايهي حالِ حبيبَ (يمن ١/٢٩)= اهڙي حال يا حالت ۾ محبوب (ساهه ڪان ٻه ويجها آهن).

– حالِ پهتي هوت ڪي (معذور ٢/٣٠)= حال واري منزل ۾ 'حال' واري ڪيفيت ۾ (پنهنجي هوت ڪي) وڃي ملي.

– اُڪنڊيو حالُ هماري حقَ (مارئي ٥/٤)= (هيءَ منهنجو) 'حال' ماروئڙن، جي حق ۾ اُڪنڊ وارو ٿيو، (حال ۾ پنهنجن ماروئڙن جي سک ۽ اڪير ۾ آهيان).

– حالُ وڃايم حقَ (راڻو ٧/١٣)= پنهنجا حال ۽ حق وڃايم، حق (بيشڪ) پنهنجا حال وڃايم.

– حالُ نه پاڻي هوتَ (حسيني ٧/١٣)= هوتَ حالَ پاڻي (همدرد) نه ٿيا.

– پسي حَالُ سَندوءِ (بروو ٢/٢٧)= (تنهنجو ضعيف ۽ هيڻو) حال ڏسي.

حال= هلندڙ وقت.

– مٿي حالُ هوشيارُ ٿي (آسا ١/١٨)= پنهنجي هلندڙ وقت ڪي سجاڳيءَ سان سنڀال (جو "حال" ئي هلندڙ زندگي جي حقيقت آهي).

حَالِ= هاڻي ئي، هن حال ۾ئي، هن وقت ئي، هينئر ئي.

– هَلُ هوتنِ ڪارڻِ حالِ (معذور ٢/وائي) (اي سسئي!) پنهنجن هوتن (کي ڳولڻ ۽ ملڻ) خاطر هينئر ئي رواني ٿي.

● حامي (حسيني ١/وائي-٢)= حمايتي، مددگار.

● حَبِ= حَب ندي (اهو نالو آڳاٽو عرب اسلامي دور ۾ پيو: حَبحَبَة= ٿورو وهندڙ پاڻي).

– جي حَبَ نه هَلَڻُ سِڪيُون (ڪوهياري ٥/٥)= جيڪي حب ندي (جيتري ويجهي پنڌ) تائين هلڻ نه سکين آهن.

● حُبُ= سچي محبت.

– حُبُ جنهين کي هوءِ (سارنگ ١/١٦)= جنهن کي سچي محبت هوندي.

● حُبابَ= بوڙيا، جَر ڦوٽا.

– سي تان سَبَ حُبابَ (سنهڻي وائي ١٢/١)= اهي سڀ خالي بوڙيا آهن.

– حُبابَ ئي هُتا (ڪلياڻ ٢/١٣)= (وادي جي سدا وهندڙ قيمتي پاڻي تورڙي وادي جي زرخيز زمين مان ڪو فائدو حاصل ڪرڻ ڪيائون ۽ نه ڪجهه پوکيائون نه لڻيائون) فقط وادي ۾ وهندڙ پاڻي مٿان عارضي بوڙيا بڻجي پل ۾ پورا ٿي ويا.

● حبيب= محبوب، پيارو دوست، سپاجهو سڄڻ.

– ڪٿي هَتُ حَبيبَ جو (يمن ١/٧)= منهنجي پياري پرينءَ جو هٿ (جنهن سان هو ڏک ٿو هٽي ۽ وار ٿو ڪري سو مون کي وٽي ٿو ۽ اهو) ڪٿي آهي.

– هَڻُ حَبيبَ هَتُ ڪَٽي (يمن ٣/١)= اي پيارا پرين! پنهنجو هٿ اُبو ڪري (پانهن الاري) مون کي ڏک هڻ.

– حَبيبُ تُون، طَبيبُ تُون (يمن ١/١)= تون ئي منهنجو حبيب ۽ تون ئي منهنجو طبيب آهين.

– حَبيبَاڻي هيج (سنهڻي ٢/٧) = حبيبن جي هيج ۾ محبوبن سان ملڻ جي چاهه ۽ خوشيءَ ۾.

– حَبيبَنِ هَنيوسِ (يمن ٣/١٤)= محبوبن ڪيس هنيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- حَبِيبَنِ هاٿا (راڻو ٦/٢)= منهنجي پرين وارا (اهي هٿ پلنگ جيڪي راڻي استعمال ڪيا.)
- حَبِيبَنِ هيڪاندِ (ڪلياڻ ١٩/٤) = حبيبن سان گڏجاڻي، حبيبن جي گڏجاڻي.
● حُجَ = حُجت، ويجهڙائپ جي دعوي.
- حُجَ هلائڻ= حجت هلائڻ ويجهائپ جي آڌار تي ڪجهه پاڻ مرادون مانڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
- حُجَ مَ هَلائيج (آبري ١/١٠، ١٠/٥) = حجت نه هَلائج، حجت ڪري ڪو ڪم نه ڪج.
- منجهان حُجَ هلن جي (آبري ٨/٥)= جيڪي حجت رکي هلن، ويجهائپ ۽ سڃاڻپ تي پروسو رکي هلن.
- ڇڏيمِ حُجَ هَلَڻَ جي (حسيني ٧/٥) = مون هلڻ جي دعوي ڇڏي.
- پينرُ! پيٽي حُجَ جِي (آبري ٢/وائي-٢)= اي اديون، حُجت جي جاءِ (هوت سان) ڪانهي.
- حُجَ وِڃائي (آبري ١/١١)= حُجَ ۽ دعوي ڇڏي.
● حِجابُ = پردو، ڍڪ ('تصوف' جو خاص اصطلاح= طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پردو).
- پاڻان هو حجابُ (سنهڙي ٢/٥)=ويتر اُهو آڏو پردو هو.
- هَلي منجهه حِجابَ (سنهڙي وائي ١/١٢)= ڍڪ ۾ هلي.
حُجَتَ= ويجهڙائي واري دعوي.
- حُجَتَ هوتُ وِڃائيو (آبري ١٥/٧)= ويجهڙائي واري دعوي هوت وڃائي ڇڏيو. پاڻان پري ڪري ڇڏيو.
- منهنجي حُجَتَ نَاهي واتَ (حسيني ٧/وائي) = منهنجي (محبوب سان) پنهنجائپ واري دعوي ڪانهي، حجت واري نيت ڪانهي.
حِجرِ (مارئي ١٠/٥، ١٠/٨) قرآن شريف جي سوره نمبر (١٥) جو نالو. لفظي معنيٰ = پٿرائون پيچرو.
● حُجْرات (مارئي ١٠/٥)= قرآن شريف جي سُوره نمبر (٤٩) جو نالو. لفظي معنيٰ = حُجرا، ڪمرا.
● حُجرو = مسجد لڳ هڪ ڪوٺي جنهن ۾ امام يا بانگو رهي.
- تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجِرو (يمن ١٧/٥)= منهنجو جسم 'ڪُڏِي' آهي ۽ منهنجو اندر 'حُجِرو' آهي.
● حَدَ = آخري دنگ، انتها، زياده ۾ زياده جيڪي ڪجهه ڪري سگهجي ۽ جيستائين ڪري سگهجي، توڙ واري بجا آوري، انتها واري پيروي.
- سِڪَڻَ ايءَ نه حَدَ (ڪلياڻ ١٢/٥)= سڪ ۽ محبت جو دنگ اهو ڪونهي.
● حُدي (جمع) حُديُون= بَدوين جو نغمو، اٺن تي لڏ لڏيندي، قافلي ۾ هلندي وقت وارو ڳائڻ، اٺن هلندي اوٺين جي هونگار وارو نغمو.
- حُدِنِ ۾ 'حُجرات' (مارئي ١٠/٥)= 'حُجرات' کي حُدي وارن نغمن ۾ ڳائڻ.
● حديث= نبي صلعم جو قول، ڪا ڳالهه، ڪو قول.
- انَ حَديث جو (ديسي ٢/٥)= ان قول جو، ان ڳالهه جو.
- حَديثَ ۾ (سري راڳ وائي ٣/١)= حديث ۾ اٿين چاڻايل آهي (ته دنيا ٻوڙ آهي).
● حرامُ= ممنوع.
- ڪَري هيءَ حرام (رامڪلي ٤/٥)= (هي ظاهري زندگي وارو وهنوار هي دنيا وارو خفو ۽ نفعو) پاڻ تي حرام ڪري، ممنوع ڪري.
● حرفُ = (١) اکر، لفظ، 'قالو بَلي' ۾ 'بَلي' (هائو) وارو لفظ (٢) ميار (انهيءَ هائو ۾ ڪيل اقرار واري).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي درجي وارا تون اچ.
– حُضُوري هيرَ (آسا ٦/١٠)= حُضوري دربار ۾ وڃڻ جي هيرَ، شاهي دربار ۾ حاضري جي عادت.
– حُضُوري ڪِئا (يمن ١/٢٣)= حقيقي محبوب جي حاضري ۾ آندا، حضور وارا ڪيا.
– حُضُوري حج ڪئو (آسا ٢/٥)= حضورَ ۾ وڃي حج ڪئو، حرم ۽ مقدس مقامات تي حاضر ٿي حج پڙهيو.
– ٿِئو حُضوري هاڻ (ڪارايل ١/٥)= هاڻي هو وڏي مان مرتبي وارو ٿيو.
حَقُ = حق واري حقيقت، 'ذات حق' (الله) وارو خيال، سَچُ، سچي حقيقت.
– هِتِي جَنهِ ۾ حَقُ (ڪلياڻ ٣/١١)= جنهن ۾ سچ هجي، سچي حقيقت هجي.
– حَقُ حَقِيقي هيڪڙو (ڪلياڻ ١/١٧)= اصل حقيقت ۾ ذات حق هڪ الله آهي.
– سو سيوِئي حَقُ (ڪليڻ ٣/٢٢)= اهو سڀ هيڪڙائي حق آهي.
– حَقُ چَوِين (ڪلياڻ ٣/٨)= ساڳي هڪ حقيقت چوين، حق الله چوين.
– حَقُ چَئِين (آسا ٦/٩)= حق سمجهي حق چوين.
– سَندو ماروءَ حقُ (مارئي ٧/٩)= پنهنجي وَرَ ماروءَ جو جيڪو مون تي حق آهي.
حقاني = حق ۽ حقيقت وارو، حق تعاليٰ اڳيان ڪيل (وعدو)، حقيقي حرف. (ڏسو 'حرف حقاني')
● حَقائُو = حق وارو، حق، مڙس، پتار، ڪانڌ.
– حَقائُو مون هُتِ ٿِئو (مارئي ٥/٩)= منهنجو حقي پتار هُت ٿيو، منهنجو حقي وارث هُت ٿيو.

● حَقِيقَتَ = اسلام جي پهرين ترڙي اندروني حقيقت ڪي سڃاڻ واري بصيرت، وحدانيت جي سچائي تي مڪمل يقين. 'حقيقت' واري منزل (تصوف جو اصطلاح)، 'حق' واري منزل، حق وارو خيال.
– هِنيو حَقِيقَتَ هيرِ تُونِ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= پنهنجي هانءَ (دل) ڪي حقيقت سان لڳاءِ، حقيقت واري منزل ۾ آڻ.
– هِنيُون حَقِيقتَ گَڏِئو (ڪلياڻ ١/١٢) پنهنجي من ڪي 'حيقيقت' واري منزل سان ملائي هڪ ڪري.
– حَقِيقتَ جو حَقَ (سنهڙي ۴/١٠)= 'حقيقت' جي منزل وارو حق.
– حَقِيقتَ هُتِي (آسا ١/٩)= 'حق حقيقت' واري جلوي مون ڪي ماريو (هتي منهنجي جان جدائي ڪئي).
● حَقِيقي = اصل حقيقت ۾.
– حَقُ حَقِيقي هيڪَڙو (ڪلياڻ ١/١٧)= ذات حق، حقيقت ۾ هڪ ئي آهي.
● حَڪِيمُ = سدائين حڪمت ۽ دانائي وارو.
– چَئِي حَمدَ حَڪِيمُ (ڪلياڻ ١/١)= حڪيم (الله) جي حمد چئي، سندس ساراهه ڪري.
● حل ٿيڻ = ڳري ڳڏجي هڪ ٿي وڃڻ، ڳڙي ملي هڪ ٿيڻ (جئن پيائي نه رهي).
– جي ٿِئا حَلُ حَبِيبَ سِين (آسا ٦/١٨)= جيڪي پاڻ "فنا" ٿي، محبوب ۾ ملي هڪ ٿئا، جيڪي محبوب سان ملي پن وارو فرق ختم ڪري هڪ ٿئا.
● حلَالِ = پاڪ صاف.
– ٿِيين هُوندَ حَلالُ (معذور ۴/١)= تون جيڪر پاڪ صاف ٿئين.
● حِلمَ جا (مارئي ٦/١٣)= نهٺائيءَ جا، صبر جا.

● حَمامُ = سخت گرم. (اصطلاح ۾) آڙاھہ.
ـ ٻارئو هوتَ حَمامُ (آبري ١/٦)= پنھون (هوت) منھنجي (جان ۾) سخت مَچ ٻاريو.
ـ هَنيُون مَنجهہ حَمامُ (آسا ٢/١٢)= (اڪيون محبت جي مچ ۾) آڙاھہ ۾ هنيون ويون.
ـ هُنا مَنجهہ حَمامُ (رامڪلي ١/٢)= هُو (هن جهان ۾ چڙ) آڙاھہ ۽ عذاب ۾ هنا.
● حُورُون = پَريون.
ـ وَتَي حُورُون هَنڌَ (بروو ٣/١)= (ديدار لاءِ) حورون هنڌ (پاسي تي هڪ جاءِ) جهلي بيهي رهيون.
حوصلو= سُرت، سمجھہ.
ـ حَوصلوَ حيرَتَ ۾ (آسا ١/٤، ١/٧)= "حيرت" جي مقام ۾ حوصلو هٿ، يا حوصلو رک.
● حَيُ = هميشہ حيات.
ـ سَمِيعُ بَصِيرُ حَيُ هميشہ (آسا ٤/وائي)= سدائين ٻڌندڙ، ڏسندڙ ۽ سدائين حيات.
● حَياتُ = حقيقي طور هميشہ لاءِ جيئرا، زنده جاويد، جيئرو، حياتي ۾.
ـ هوندا سي حَياتُ (ڪلياڻ ٢/١٤)= اهي حقيقت ۾ سدائين جيئرا هوندا، هميشہ لاءِ زنده هوندا.
ـ هوئي مَرُ حَياتُ (حسيني ١٠/٧)= ڀل تہ هو جئرو هجي! شال تہ هو جيئرو هجي!
● حَيدرَ جي هٿان (بلاول ٣/١٣)= حيدر (حضرت علي سائين) جي هٿان، سندس مدد ۽ مهر سان.
حيران ڪيو (پورب ١/١١)= حيران پريشان ڪيو.
حِماتي = حمائتي، حمايت ڪندڙ مددگار.
ـ هوتُ حِماتِي تَنِ جو (ديسي ٥/٥)= هوت (پنھون) تن جو مددگار آهي.
ـ هوتُ حِماتِي جَنِ جو (ديسي ٢/٩)= جن جو مددگار (حماتي) هوت آهي.
● حَمدُ= سوره اَلحمدُ، قرآن شريف جي پهرين سُوره 'فاتحه'= سڀ ساراھہ، سڀ تعريف.
ـ حَمدُ جَني جو هَنڌُ (مارئي ١٠/١)= جن جو تڪيو ۽ ماڳ 'حمد' آهي ۽ (الله جي يادگيري ۽ ذڪر آهي).
ـ چَئِي حَمدَ (ڪلياڻ ١/١)= حمد چئي؛ تعريف ڪري، ثنا ڪري.
● حَيرَتَ= تصوف جي اصطلاح ۾، سالڪ لاءِ هڪ خاص حالت وارو مقام، سڪ، پريشاني، مونجھہ.
ـ حَيرَتَ ۾ (آسا ١/٤)= 'حيرت' واري مقام ۾.
ـ هنيَڙي ۾ حَيرتَ (مارئي ٨/١٥)=دل ۾ سِڪ ۽ مونجھہ.
● حَيفُ = (تنبيھہ ۽ ملامت جو لفظ) ملامت، ميار، تُفُ، ڦِٽ.
ـ حَيفُ تَني کي هوءِ (ڏهر ٣/٩)= تن تي ملامت هجي! (جن يار اگهہ نہ سنڀاليو)، تن تي ميار آهي!
● حِيلو = ڀانو، رِٿَ، اٽڪل، ٽل، ڪاريگري.
ـ حِيلو هُنئين هارَجو (ليلان ٣/٩)= ڀانو اهوئي هارجو (تہ ليلان چنيسر کي هار تي وڪيو، پر ليلان تي ڪاوڙيل اگهہ ئي هو).
ـ ڪِنا هيڪَليءِ حِيلا (آبري ٢/٦)= هن اڪيلي (سسئي) وڏيون رِٿُون ڪيون، وڏا وَسَ ڪيا.
ـ هَٿُ سين حِيلو (يمن ٣/١٨)= چتائي ڏک هٿ ۽ چٽڻ سان وڏي ٽل.
ـ حِيلاَ ڪَنو هَلَن (رامڪلي ٢/٣٨)= ڀانا ڪيو هلن (سچا ٿي نہ هلن).

● خَبيثُ = بد، اندرجو پليت ۽ بڇڙو، ٻين کي آزاريندڙ.
- اهڙو خامُ خَبيثُ (ڪلياڻ ٣/١٦)= اهڙو بي افعالو ۽ بدڪار.
● خَتَنگ = هوشيار (محبوب).
- ڪوريءَ هيٺ خَتنگُ (يمن ٤/١٠)= ڪين هوشيار مچ (ڪوري) ۾ آئي هٽي، عشق جي آڙاهه ۾ هيٺ آئي هٽي.
● خُديانِ ئي (سنهڻي وائي ١٢/١)= خوديان ئي، پاڻهي پاڻ مان.
● خُرزينُون = سامان ڪڻڻ لاءِ ڪَرُيا (ڇمري، ڏاس، سڻ مان ٺاهيل، وڏا پِنا ٿيلها جيڪي اٺن ۽ گهوڙن تي رکجن، ۽ پنهي پاسن ڏانهن لڙڪي بيهن.
- وِيُون خُرزينُون کَڃي (کوهياري ١/٣)= خرزينون کڃي ويون (هو روانا ٿي ويا).
خَريدارَنِ سِين (يمن ٦/٢٤)= خريدارن سان، شراب وٺندڙ گراهڪن سان (واسطي ۽ لاڳاپي ۾، سندن حاضري ۽ خدمت ۾).
خِزان = سَرءَ جي مُندَ
- ڏِيان خيزُ خزاَن ۾ (معذور ٧/وائي-١)= سرءَ جي ڏکي موسم ۾ به پِرڪو ڏيئي اٿان، خوشيءَ مان ٽپا ڏيان.
خزانو = خزانو مال ملڪيت جو، سونهن ۽ سَت سير جو خزانو.
- ڪانءِ مَرَ خَزانو (مارئي ٢/١١)= سونهن ۽ ست سير جو خزانو ساڙ نه (ڪانءِ مَرَ).
خِفَتِ = خفگي، تڪليف.
- خُوبِي مَنجهه خِفَتَ (معذور ١/وائي)= تڪليف ۾ ئي سهڻائي آهي، راحت آهي.

● خَفي = اندرِ ڳجهه. تصوف جي اصطلاح ۾ 'جَلي' (پڌرو ظاهر) جو ضد.
- ڪاهوڙِينِ "خَفيءَ" ڪان (ڪاهوڙي ١/٢)= سخت مُجاهدو ڪندڙن سندن پنهنجي اندر مان، مخفي ذڪر ۽ فڪر مان، ڳجهي 'لطيفي' مان.
● خِلافُ = غير، ٻي ڪنهن ڳالهه جو گمان.
- کَٿيءَ مَنجهه خلافُ (مارئي ١١/٢٤)= ماروئڙن جي کٿيءَ واري لباس ۾ غير جو گمان (نه رهيو).
● خُلتُ (ع) = سچي محبت، سچو عشق، پيار واري دلي دوستي.
- جِهُ خُلتَ خَنجرُ آئيو (يمن ٦/٢)= جنڻ ئي عشق جو ڪاٽ آيو.
- سي خُلَتَ خِيالي (سنهڻي ١/١)= سي سچي محبت ۽ سچي عشق جي خيال وارا آهن، الاهي گهاٽي محبت ۾ مست ۽ مخمور آهن.
- خُلَتَ ڪاڄُ ڏِنائين (پرياتي وائي ١/١)= محبت ۽ اخلاص جو لُقمو ڏنائين.
● خَلق آدم عليٰ صورته (آبري ٥/٥)= الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت موافق خلقيو.
● خلوَتَ لاءِ (سورٺ ٣/٣)= خلاصي رهاڻ لاءِ.
● خليلِ = خليل الله حضرت ابراهيم، نهايت سهڻو ۽ سٺو.
- وَحَهَ مَنجهه خَليلَ (ڪلياڻ ٣/وائي) = مُنهن ۾، ڏسڻ ۾ خليل الله وانگر.
- خَليلَ جو رازُ (سورٺ ٤/١)= ابراهيم خليل الله وارو راز (جنهن پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل جي سر ڪاٽڻ جو پڪو عزم ڪيو). هيءَ بيت جڻ منگتي جي زباني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيل آهي، جنهن ۾ هو راءِ ڏياچ کي امن لاءِ ارداس ٿو ڪري (تہ باوجود سر ڳهڻ جي هو اول تہ ڪيس امان ڏئي) ۽ چوي تہ: اي ڏاتار! مون کي مون منگتي کي ساڳيو خليل الله جي راز (يعني سر وڍڻ) وارو مان ڏج.

● خُمار = نشو، ويڳُ.

- ڪَٽي نيڻَ خُمار مان (ڪنيات ١/٢٣)= ڳاڙهيون ڳوڙهيون (سهڻيون) خمارپل اکيون ڪٽي.

● خُمارِئا = خمار ۾ ڪيا، نشي ۾ آندا.

- ڪَرِيَ ڪيپَ خُمارِئا (راڻو ٢/٦)= پوري پريل ويڳ خمار ۾ آندا.

● خاندي= خواهشمند، هيراڪ.

- خُمَرَ جي آءُ خاندي (حسيني ١٢/وائي-٢)= نشي جي آءُ خواهشمند، هيراڪ.

● خمير= بنيادي مواد، اصل قوت ۽ طاقت وارو مواد.

- اِنَ خَميرَ (بلاول ٢/١٥)= انهيءَ خمير واري، انهيءَ مواد ۽ طاقت واري.

● خوار = بدنام.

- خُوارُ ڪيا (ليلان ١/٨)= بدنام ڪيا.

● خواه = توڙي، پانهہ.

- خواه ميڙيين خواه مارِيين (معذور ٢/١٨)= (اي منهنجا مولي) توڙي مون کي ملائين توڙي ملڻ کان اڳ مارين.

● خُوبُ= سونهن جو جلوو، سهڻي صورت، سهڻو معانڊو، حُسن، ۽ حسين صورت.

- پاڻهين خَلقي خُوبُ (ڪلياڻ ١/١٩)= پاڻ ئي سونهن جو جلوو، سهڻي صورت پيدا ڪري.

- خوبُ ٿيين (سهڻي وائي ١٢/١)= تون پاڻهي پاڻ مان رچي وڃين سهڻو صاف ٿي پوين، افضل ۽ اعليٰ ٿي پوين.

- خُوبِ هُٽي (يمن ٢/٤)= ئلهي هٽي، واهہ جو هٽي!

● خُوبِي = سهڻائي، سهنجائي، راحت، فرحت.

- خُوبِي مَنجهہ خَفتَ (معذور ١/وائي)= تڪليف (خفت) ۾ ئي راحت آهي.

● خُودِي = پاڻپڻو، آپو، انانيت، 'آءُ' وارو خيال، پنهنجي هستي وارو غرور.

- خُودِي ۽ خُدا (ڪلياڻ ٣/٢)= انانيت ۽ الله (پنهنجو غرور ۽ خدائي خيال).

● خَوفان = خوف کان، ڊپ کان.

- خَوفان ڪاهوڙِينِ (ڪاهوڙي ١/٢٠)= ڪاهوڙين پنهنجن عيبن، ڪچاين، گناهن جي سزا جي خوف کان.

● خِيالُ =عڪس، پاڇو، عارضي صورت، گمنامي صورت، صفت، عرض.

- پَاڻهين پَاڻ خِيالُ (ڪلياڻ١/ ١٨)= پاڻ ئي ذات حق ۽ جوهر وجود آهي (۽ پاڻ ان جي صفت صورت ۽ عرض عڪس آهي).

● خيزُ = اُچل، ٽپُ.

- ڏيان خِيز خزان (معذور ٧/وائي-١)= خزان کي خيز ڏيان، خزان ۾ خيز ڏيان.

● خِيما = طنبو (هت اصطلاحي معنيٰ ۾) غريبائيون، رانئٽيون، جهوپڙيون.

- خِيما ڪاهوڙِينِ (ڪاهوڙي ٢/٢٢)= ڪاهوڙين جا طنبو (= غريبائيون جهوپڙيون).

- خِيمي ۾ ڪَنگهارَ جي (سورٺ ٣/١)= راءِ ڪنگهار جي خيمي ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● داتا= ڏيڻھار، سدائين ڏيندڙ.

- داتا سُڻ دانھُون (سورٺ ١/٦)= اي داتا (منھنجي گذارش ۽ گھُر واريون) دانھون ٻڌ.

● داجو، داجا= مٽي پاڻيءَ جي ننڍڙي چيلري مڇي، 'شاڪر' جا ننڍڙا ٻچڙا. 'ڏوءُ' ۽ 'ڏرا' بہ ننڍڙيون مڇيون آھن.

● داجُن= انھن جو داجو (= انھن جو ڪاڏو داجو مڇڙي آھي).

- ڏوءِ ڏَرا داجُن (ڪلموڏ ٢/١۴)= ڏوءِ، ڏرا ۽ داجو مڇڙيون انھن جو ڪاڏو آھن.

● داخِلُ نَہ ڪِيو (ڪاپاتي ١/١٩)= ليکي واري ڪتاب ۾ نہ آندو، حساب واري ڪتاب تي نہ چاڙھيو.

● دَارُون = ڊرپ، دوائون. علاج (اصطلاحي معنيٰ) دردن زخمن ۽ گھاون جون ڦَريون پَٽيون.

- تون دارُون ڪي دَردَنِ (يمن ١/٥)= تون ئي دردن زخمن جو علاج آھين.

- تون دَردَ جو دارُون (يمن ١/٢)= تون ئي ڏک ۽ آزار جو علاج آھين.

- دارُون ۽ ڪارُونِ (يمن ٢/٢٨)= علاج ۽ ڪارڻ.

- دارُون دوست پيارا (پورب ٣/١٣)= دوست دوائون پياريون.

- دَارُون ھِنِ دَردَ جو (ڪلياڻ ۴/١٢)= ھن آزار جو علاج.

- دارُون ھِنَ دَردَ ڪي (يمن ٢/١٢)=ھن ڏک درد جو علاج.

- دَردُ مُنھنجي جا دارُون (آبري ١١/وائي-١)= اي منھنجي درد جي دوا.

- دَارُونئا (يمن ٢/٢٧)= دارونءَ ڪان، علاج ڪان.

- دَردُ نہ لَھي دارُوئين (آبري ٦/٢)=(محبوب جي فراق وارو) درد دوائن سان نہ لھي.

● دارُونِ= شراب.

- دارُونءَ ڏُڪو ھيڪڙو (بلاول ١/٢٠)= شراب جو ھڪ ڏُڪو، ھڪ ڍُڪ.

● داڙُو= سفارش ڪندڙ پرچھليندڙ پَرچَھلو.

- داڙُو ۾ ديوانِ (سري راڳ وائي ١/١)= (عدالت ۽ انصاف واري) دربار ۾ پَرچھلو ۽ سفارش ڪندڙ.

- دَاڙُو ٿي دَڙيندو (بلاول وائي ٣/١)= پرچھلو ٿي پُٺ پَرائي ڪندڙ.

● داسا داڪا داڙي (ديسي ٧/٨)= ھاٿي (داسا)، ھتان (داڪا)، داڙي (ھتي).

● دَاسِتُو= ذات جو داسِتُو چنيسر.

- دَستِ ڪنو داسِتُو (ليلان ٢/١١)= چنيسر کي پنھنجي ھٿ ۾ ڪيو.

● داڦَ = داڦوڙا، داڦوڙا.

- پيرَ ڏُڌا ڏَرُ داڦَ (ديسي ٢/١٢)= اٺن جا ڳرا تلھا داڦوڙا (پير).

● داڳُ= داغ.

- دِلِ اَندر مون داڳُ (ليلان ۴/٨)= مون کي دل اندر (ڏک ۽ فراق وارو ساڙيندڙ) داغ آھي.

● دانَہ (راڻو ١/١٥)= (مونٺ) داناءُ، چالاڪ (مومل).

● دَانھَ= رڙ ڪُوڪ.

- دَانھُو دَانھَ (يمن ١/١٧)= دانھن تي دانھن (سور سببان)، رڙو رڙ ھاءِ ھاءِ.

- دانھون دَنبُورَن جِيُون (پرياتي ٢/٩)= دَنبورن جي وڄت جون لاتيون.

- دَانھُون ڪَن (يمن ٥/٦)= واڪا ڪري ٻڌائن، وڏي سڏ ٻڌائن (اُڪالھيون، نصيحتون).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ديدار.

ــ دَرسَنُ ڏارو ڏار (ڪلياڻ١٥/٢٩)= ڏسڻ ۾ صورت وارو نمونو جدا جدا.

● دَرڪُ = سڃاڻ سمجهڻ وارو شعور، سڃاڻپ، احساس.

ــ دَرڪ ڪري= محسوس ڪري، ڄاڻي، سڃاڻي.

ــ ڪَري ڪِينَ دَرڪُ (آسا ١/٤)= سڃاڻپ وارو شعور ڪري نه سگهي.

دَرمَاندي (ڪلياڻ ۴/ وائي-٢)= بنهه ماندي، بالڪل بي حال.

● دَري = ننڍڙو در، خاص لنگهه.

ــ سَندي دوستَ دَري (ڪلياڻ ۴/٢١)= دوست جي ديدار لاءِ محبوب جي اچ وڃ واري دري.

● دَرِياهُ = درياءُ، وڏي ندي، وڏو سمنڊ.

ــ دُنيا سَپ دَرِياهُ (سري راڳ ٢/٢٧)= دنيا سڄي (ڄڻ) هڪ وڏو سمنڊ آهي.

ــ دَرِياهَ ڏَوَ لائي (سنهڻي ٦/٦)= درياءَ ڏَڪا ڪيا.

● دَڙ (ديسي ٢/١٢)= دَڙو جمع دَڙا= اُٺن جا پيرا (هيٺين پاسي وارا، پيرن جا نشان. چوندا "دڙا لڳا وڃن") وڏا تلها ڏڙهن وارا پير.

● دَڙهَڙَ (سنهڻي ٣/١٣)= پاڻيءَ جو سٽڪو، ڏڏڪو.

● دَڙِي دِڪَ (کاهوڙي ٣/١٠)= ننڍڙا دِڪا دڙا، رنڊڪون اَٽڪون.

● دَست= هٿ.

ــ دَستِ ڪئو (ليلان ٢/١١)= هٿَ ۾ ڪئو، پنهنجي هٿ ڪئو.

دعوي= حجت، طلب تقاضا، پنهنجي حق جي طلب.

ــ دَعوي دَمُ (مارئي ٩/١٠)= دعوي جو دَم، دعوي جي هامر.

ــ ڀِئي جي دَعوي رسي نه دَمُ (سنهڻي ١٢/١)= ٻئي ڪنهن جي حجت ۽ هامر هلي ئي نه.

ــ دَعوي مَ ڪَرِ (ڪلياڻ ۴/٨)= حجت نه ڪر، هامر نه هڻ.

● دَغا= ڪوڙ، فريب.

ــ دَغا تنهنجي دِلِ ۾ (ڪلياڻ ٣/١٢)= تنهنجي دل ۾ ڪوڙ ۽ فريب آهي.

● دقت = ڏکيائي، آزار، اَهُڪ.

ــ اي دوست دِقَتَ (معذور ١/وائي)= اي دوست! (عبداللطيف کي خفت ۾) دقت (۾ راحت آهي).

● دُڪَانَ تي (يمن ٦/١٩)= شراب جي هَٽي تي، ميخاني تي.

● دُڪو = تولو، ٿورڙو مقدار (اڳئين ماڻ موجب، هڪ دڪو= هڪ پاءُ جو ويهون حصو، هڪ سير جو اَسي ئون حصو) پنج دڪا= آنو، چار آنا= هڪ پاءُ.

ــ دُڪو دارونءَ (بلاول ١/٢٠)= دارونءَ جو هڪ دڪو، شراب جو هڪ ڍُڪ.

● دُکَ= ڏک، غم.

ــ کَنه کَنه دُکي دُکَ (رپ ١/١٢)= ڪنهن کي دُکي جيترو ڏک، دکي برابر غم، ٿورڙو غم.

● دُکَ = نظر، نگاهه، ٿوري نظر، ٿورو نظر ۾ ايندڙ، دُڪُ (ڪنهن شيءِ جو جيڪو پري کان ڏسڻ ۾ اچي).

ــ دبِمِين پِييس دُکُ (بلاول ٣/٦)= لشڪر جي جدا جدا ڇِلنگين قطارن تي نظر پيس.

● دُڪَانُ = ((ع) دُڪانُ (سنڌي) دُڪانُ، دُڪِڻُ)= ويهڻ جي جاءِ جتي واڻيو، لوهار، سونارو يا ٻيو ڪاريگر

روزانو ويهي ڪم ڪري)، روزانو ويهڻ وارو ماڳ مرڪز (جتي محبوب هميشه اچي ويهي)، اوطاق، نشست گاهه، هَٽُ.

- وَٺِي ويهُ دُڪاڻ (ڪلياڻ ۴/۱۴)= (اي عاشق! تون) پڪو ماڳ جهلي ويهه، هٽ يا دُڪان جهلي ويهه (جتي محبوب ضرور ڪنهن وقت ايندو).

● دُکائڻ= دونهون ڪڍڻ، ٻاهه ٻارڻ واري شروعات ڪرڻ، ٻاهه دُکائڻ.

- دُونهان دُکائڻ= منزل واري ماڳ تي رڌ پچاءُ لاءِ ٻاهه ٻارڻ جنهن مان دونهان نڪرن. (اصطلاح) منزل ڪرڻ.

- دُکائيندي دونهڙا (آبري ۴/۹)= ٻاهرڙيون ٻاريندي، دونهان دکائيندي= ويهندي منزلون ڪندي.

● دَڳ= صحيح رستو، وَهندڙ رستو (جيڪو جاري هجي ۽ ڦٽي نه ويو هجي).

- مَنجهان دِل دَڳُ لَهين (کوهياري ۶/۷)= پنهنجي اندر مان تون پاڻ لاءِ سڌي واٽ ڳولي لهين.

● دِل (جمع) دِليون= قلب، مَنِ، هنيون، هانءُ.

- دِل دَرماندِي (آبري ۷/۵)= اندر ۾ دِل ماندي، دِل بيحال.

- دل مٽڻ= دل ڦيرائڻ، ڪنهن کان محبت مٽڻ.

- دِل مَٽِيندو (ليلان ۱/۱۲)= (مون کان) دل ڦيرائيندو.

- دِل ۾ (ڪلياڻ ۳/۱۲)= اندر ۾، نيت ۽ ارادي ۾.

● دِلاسوَ (جمع) دلاسا = آسرو، آٿت، چڱائي جي اميد جو اظهار.

- دِلاسو دِلگيرَ کي (مارئي وائي ۵/۱)= دلگير کي دلاسو، غمگين کي آٿتُ.

- دوستَنِ دلاسو ڪِئو (ٻروو ۳/۱۲)= محبوبن ملڻ جو آسرو ڏنو.

- ڏئي دلاسا (ٻلاول ۱/۱۴)= آٿت ڏيئي، آسرا ڏيئي.

● دَلبو = ٻدڪ جي شڪل جهڙو ڪاٺ جو ٻوتو (جيڪو مٿي تي ڪري شڪاري پاڻ هيٺ پاڻي ۾ ڳُجهڙو ترندو هلندو: پکي جي ليکي ته هيءُ ڪو ٻيو پکي آهي، سو اڏامندو ڪونه، تان جو شڪاري وڃي ٽنگن مان جهليندس).

- دَلبو منجهه درياهه (ڪارايل ۱/۱۱)= درياهه (وغيره واري پاڻيءَ) ۾ ڪُوڙن ٻوتن وارا پکي ڏسي.

● دَلقُ = لباس

- دَلقَ ڳَنڍئو ڌُوڙِ ۾ (ڪلهوڙي ۱/۱۹)= لباس مٽيءَ ۾ ليٽڙيو، ڪپڙا مٽي ۾ ميرا ڪيو.

● دِلثَان = دل تان.

- دِلثان دُورِ تَنِ ٿِئو (آسا ۶/۱۸)= تن جي دِلين کان دور ٿيو، پري ٿيو.

● دَلِيلُ = ويچارُ خيالُ، ڳڻتيءَ وارو ويچار، اُڌڪو، اُلڪو.

- تِي دَوڙائي دَلِيلَ (آبري ۸/۸)= ويچارَ تي ڪري، خيالَ تي هلائي.

- دَرياهَ جي دَلِيلَ (سنهڻي ۸/۱۰)= درياهه جي خوف ۽ اُڌڪي واري خيال.

● دَلِيلُ =رهبري ڪندڙ سونهون ٿيندڙ رهبر، سونهون.

- دُوئِي ناهِ دَلِيلُ (ڪلياڻ ۲/وائي)= 'ٻيائي' رهبر بنجي نٿي سگهي.

● دَمر (=هڪ ساهه ڪڻڻ جيترو وقفو، ايترو جيترو ساهه اندر ڪڻي وري ٻاهر ڪيجي). هڪ لمح پنهنجو دمر، ساهه، هڪ گهڙي.

- سَندو دوسنِ دَمرُ (ڪلياڻ ۴/۳۹)= محبوبن سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت واري گهڙي محبوبن جو هڪ لمح وارو ديدار.

ـ دوستَ پُڄاڻا دَمُ (حسيني ٩/٢٠)= محبوب کان پوءِ هڪڙي گهڙي (به شال نه جيان).

ـ دَمُ نه سُڃاڻنِ (يمن ٥/٦)= وقت واري گهڙي جو قدر نه ڪن.

ـ دَمِ قَدَمِ (بلاول ١/٢٠)= هر دم، هر گهڙي، هر قيري تي، هر گهمري تي.

ـ دَمِ نَه دَميندا (ديسي ١/١٥)= دم نه ترسندا، گهڙي دير نه ڪندا.

دَمُ= زور.

ـ پٽي جي ڏهــونِ رسي نه دَمُ (سنهڻي ١٢/١)= ڪنهن پٽي جي نه حجت هلي نه زور.

ـ ڏهشَتَ دَمُ درياهَ ۾ (سنهڻي٣/٢)= درياه ۾ پاڻيءَ جو وڏو زور (دم) ۽ وڏي دهشت.

دَمَڻُ= دم رکڻ، وڏو دَم ڪرڻ، وڏي دم وارو ٿيڻ، وڏي صبر ۽ تدبر وارو ٿيڻ.

ـ دَمجِ تون دِلدارَ (ديسي ٧/وائي-١)= اي دوست تون دم وارو ٿج، پنهنجو وڏو دم رکج.

● دَنبُورو=وڃت جو هڪ ساز شاهه جي راڳ جو طنبور.

ـ دِلِ دَنبُورو جَن (آسا ٧/٣)= جن جي دل الله جو نالو وڄندي دنبوري وانگر وڄي.

● دِنُ = ڏينهن.

ـ جو رَيـنِ رَسَائي دِنُ (پرڀاتي ١/٥)= جيڪو رات توڙي ڏينهن رزق رسائي.

دَنگِي= ٻيڙي جو قسم، سامونڊي ننڍي ٻيڙي.

ـ دَنگِي مَنجهِ دَريا (سامونڊي ١/١١)= سمنڊ ۾ ننڍڙي ٻيڙي.

ـ دَنگِيءَ ۾ داڻا (سري راڳ ٣/١٢)= ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيل ٿورڙو اناج.

ـ دَنگِي هِن درياهَ مان (سري راڳ ١/١٩)= هن خوفناڪ درياهَ (سمندر) مان هي ننڍڙي ٻيڙي (خير سان هلائي).

● دَنهانُ = دانهن.

ـ دل ۾ ڏِري دَنهَــان (يمن ٣/٢)= دانهن دل ۾ ئي ڏري پئي آهي. (دل ۾ ڏريل ۽ دٻيل رهندي ۽ ٻاهر ڪانه نڪرندي).

● دُنيَا ڪَارَڻ (يمن ٢/١٦)= دنياوي طمع خاطر، پنهنجي ذاتي فائدي واسطي، پئسن ڪمائڻ خاطر.

● دُوبِينَائِي (آسا ٤/٩)= ٻٽو ڏسڻ، هڪ ٻدران ٻه ڏسڻ. (اصطلاح طور) ٻيائي، شرڪ.

● دو پيرَ = ٻنهي پيرن واري، ٻٽي، مضبوط.

● دو دستي= ٻنهي هٿن واري، ٻٽي، مضبوط.

ـ دو دَستي دو پيرَ (ڪنيات ٤/١٥)= ٻنهي هٿن واري تمام مضبوط.

● دوا= علاج.

ـ دَوا مُنهنجي دِلِ کي (يمن ١/٢)= منهنجي جان جگر لاءِ دوا.

● دَورُ= ورد، ياد، سڪ، دورو، خمار عشق.

ـ ديوانيءَ کي دَورُ (حسيني ٣/١٦)= محبت ۾ ديوانيءَ تي دورو آهي.

ـ دَور ڪنائون (ڪلياڻ ٢/١٠)= وري وري پڙهيائون، ياد ڪري ڇڏيائون، پنهنجي فڪر ۽ خيال جو جز بنائي ڇڏيائون، دل ۾ رسائي ڇڏيائون.

ـ دَورِ دَردَ جَو (يمن ٥/١)= درد جو دور، درد جو دور ڪرڻ، 'درد' کي پيرو ڏيڻ، درد کي وري ياد ڪرڻ،

- ڏُڙهَڙَ ڏئونسَ درياهَ ۾ (سنهڙي ٣/١٣)= درياءَ ۾ پاڻيءَ جي وڏي ڏڙا ڏڙ ۽ ڏهڪو ڦهڪو.

دَئي = ڇپي، سُور سختي، جُلهه.

- سِندي دَردَ دَئي (آبري ٦/١١)= سور ۽ درد جو جَلُ ۽ سازو.

● دُئي = دوئي، بيائي.

- دُئي دار دَري (يمن ٦/٢)= بيائيءَ کي پري ڪري.

● دِيَت= خون بها.

- دِيَتَ آهي دوسُ (آبري ١١/٧)= راه (مارگ) ۾ جيڪي مرن ٿيون، تن جي خون بها (ديت) خود پاڻ دوست ئي آهي (جنهن جي ڳولا ۾ موت واقع ٿئي ٿو).

● ديدُ = نظر، ديدار.

- ديدُ وڃاءِ مَ دوست جو (سنهڙي وائي ١٢/١)= دوست جو ديدار نه وڃاءِ.

● ديسي = ديس جا، پنهنجي وطن جا.

- ديسي سيڻ ڪجن (معذور ٦/١)= پنهنجا ديسي سيڻ ڪجن، پنهنجي وطن وارا ماڻهو پنهنجا مائٽ ڪجن (سيڻ= ويجها عزيز، پيارا مائٽ جن هڪ ٻئي کي سڱ ڏنا هجن سي پاڻ ۾ سيڻ ٿيا).

● ديکڻ = ڏسڻ.

- ديکِ مَ تُون سِين تَن (آسا ٣/٥)= تون تن (اکين) سان نه ڏس.

- دوستُ ديکڻَ آئيون (آسا ٢/٦)= دوست کي ڏسڻ آيون.

● ديگِ (مونث) = وڏو شاهي ديڳڙو.

- ديگيين = ديڳين ۾.

- ديگيين دوگُ ڪَڙَهن (يمن ١/١٦)= محبت جي ديڳين ۾ (عاشقن جي) ماس جا ڳچ پيا ڪڙهن.

● ديِما (ديسي ٧/٣)= (بلوچڪي) پويان.

● ديمِ (جمع) ديميون= فوج جو وڏو دستو، فوج، لشڪر.

- ديمينِ پيِيَس دُکُ (بلاول ٣/٦)= حملي ڪندڙ فوجن تي هن جي نظر پئي.

- ديمينِ پيِيس دانهَ (بلاول ٣/٧)= حملي ڪندڙ فوجن تي هن جي هَکل پئي.

● ديوانَ (رائو ١٠/١١)= وڏا پڙهيا پختا، اڪابر.

● ديوان = شاهي دربار، عدالت ۽ انصاف جي جاءِ.

- دارُوِ ۾ دِيوانَ (سري راڳ وائي ١/١)= عدالت ۽ انصاف جي دربار ۾ سفارش ڪندڙ بچاءَ ڪندڙ.

● ديوانو= مست.

- ديواني دَرياءَ جُيون (سري راڳ ٣/٢٢)= هيبت واري سمندر جون (ناڪنا سمندر کي درياءَ به سڏين. روايت موجب، اڳ ناڪنا جاوا ۽ چين ڏانهن ويندي ڪنهن ڀاڱي واري سمندر کي جيڪو خطرناڪ هو، 'ديوانو درياءُ' سڏيندا هئا.)

● دَيُون (آبري ٩/٩)= ڏرڙا پرزڙا.

● دَيُون = باه جُون زوردار ڇپيون، خوفناڪ اُلا.

- دائُودي دَيُون ڪَري (يمن ٤/٩)= (حضرت دائود وارو) ڏڳندڙ کُورو خوفناڪ اُلا پيو ڪڍي.

ڏات= ڏاڻ.
ـ ڏاتِ ڏِريان نہ سِگھنو (ڪنيات ۴/۴)= ڪير ڏاڻ (ڏات) اصل نندي هوندي کان ٿي نہ سگھيو.
ڏاڄا، ڏاسا (آبري ۴/۱)= گيڙو رنگ جا، ڳاڙهيرا ڪپڙا.
● ڏارَ= جدا، پري.
ـ سِپي ڏارَ ڏري (ڪلياڻ ۵/۳)= سپي وڃي جدا ڪري، ڪاٽي اڇلي.
ـ ڏئي ڏار ڏري (يمن ۶/۲)= ڏوئي کي پري ڦٽي ڪري، ٻيائي کي وڃائي ختم ڪري.
ـ ڏارَ مَ ڏِريجاهُ (مارئي ۵/۱۵)= اوهين مونکي جدا نہ رکجو (قبر ۾).
ـ ڏارَ ٿئو (ڪاهوڙي ۳/۳)= جدا ٿيو، پري ٿيو.
●ڏاران = ڏار سببان، ڪان سواءِ.
ـ ڏاران رَاگِ (پرڀاتي ۲/۲۲)= راڳ ڏاران، راڳ ڪان سواءِ.
ـ ڏاران هَاديءَ هيڪڙي (آسا ۱/۱۹)= هڪ هاديءَ ڪان سواءِ.
ڏارڻ= پالڻ، پاڻ سان کڻڻ، رهائڻ.
ـ ڏارِيِين= تون ئاهين ۽ رکين، تون پاڻ سان کڻين، پاڻ سان کنيو وتين.
ـ ڏارين دُنيا ڪارڻِ ڏرِيئون (يمن ۲/۱۲)= دنيا واري نفعي خاطر تون (ٻوا جون) ڏيون، پڙيون پاڻ سان تو کڻين.
ڏارو ڏارَ= جُدا جُدا.
ـ دَرِسَنُ ڏارو ڏارَ (ڪلياڻ ۱/۲۹)= ديدار جدا جدا، صورت جدا جدا.
ڏارِياَ= پَراوا، ٻاهريان، غير.
ـ ڏاريا پانئِج ڏارَ (آبري ۳/۴)= پراوا پاڻ کان پري سمجهج.
ـ ڏاريا پانئِين ڏارِيُون (آسا ۶/وائي)= ڏاريا اُن کي ڏاريو ڪري سمجهن.
ـ ڏارِيِن سِين ڏوئي (مارئي ۲/۱۷)= ڏارين سان گڏ ويهي، ڏوئي.
● ڏاڙيجا= ڏاڙا هڻندڙ ڦر ڪندڙ لُٽ ڪندڙ.
ـ ڏاڙيچن جِيُون (سامونڊي ۴/۱۷)= جيڪي (پرڏيهي واپار ۾ وڏا نفعا ڪمائي آيا، وڏا مال ميڙي آيا) وڏا خزانا لٽي آيا تن جي جهازن جون جهنڊيون (ڏجون) پري کان چمڪيون (نظر آيون).
● ڏاڪو (ڏهر ۳/۳۰)= (مال هڻندڙ سوارن جو) خوف، هراس.
● ڏاڳا= (واحد ڏاڳو) سڳا (اصطلاح طور). ’حال ڏاڳا‘ فقيري حال وارا ڏاڳا. اهي سڳا ڏاڳا جيڪي ڳچيءَ ۾ پائن، يا ٻانهن ۾ ٻڌن.
ـ ڏاڳا هڏ نہ ڏوءِ (پورب ۲/۱۷)= (اهو سچو فقير پنهنجي دل کي پنهنجي درد سان ڏوئي پيو صاف ڪري، باقي پنهنجي جسم تي ٻاٽل ظاهري) ڏاڳا هرگز نہ ڏوئي، ڪڏهن بہ نہ ڏوئي.
● ڏاڳا ڏِبَر (مارئي وائي ۲/۲)= ڏاڳا ڳانا ۽ رليون رلڪا.
ـ ڏاڳو تون ڏلاءِ (رامڪلي ۷/وائي ۲)= اهو پنهنجو سڳو ڏاڳو ڏوئي ڇڏ، ڦٽو ڪري ڇڏ.
● ڏاءُ= ڳاڙهي پٿر مان ئاهيل رنگ جيڪو ڪنيار دلي مٽان هڻن، دلي جو مٿيون رنگ ۽ ڳاڙهو چٽر.
ـ مونکي ڏاءُ ڏُتارئو (سنهٽي ۱۰/۱۰)= مونکي (دلي جي مٽان آيل) رنگ ڀلايو.

- جهلي نه ڏاءِ ڏمالَ (سهڻي ١٠/١١)= رنگ جيڪو دلي جي مٿان هو تنهن پاڻيءَ جي اُڇل واري سٽ ئي نه جهلي، لهي ختم ٿي ويو.

● ڏَبرُ= سادا ٿلها ڪپڙا، رليون ۽ رلڪا.

- ڏٿان ڪيئن ڏَبرُ (مارئي ١/٣)= (هت مارئيءَ بر آئون پنهنجا) سادا ٿلها ڪپڙا ڪيئن ڏٿان!.

- ڪِيئن ڏٿاريان ڏَبرا (مارئي ٧/١٦)= پنهنجا ٿلها ميرا ڪپڙا ڪيئن ڏٿاريان.

● ڏَبري= رلي، ٿلهي پوتي، لوئي.

- ميري جي ڏَبري (مارئي ٥/٢٤)= جي منهنجي لوئي يا پوتي ميري آهي.

● ڏَبڻ= هيٺ مٿي ٿيڻ، لُچڻ.

- ڏبي ڏڙُ پنو (راڻو ٤/١١)= (منهنجي جسم جو) ڏڙُ ڏبيو، لُچيو پُچيو.

● ڏٿارو= ڏٿو، ڏوڪو ڏيندڙ.

- هن ڏٿاري هارَ ڪي (ليلان ١/٥)= ڏوڪو ڏيندڙ هار ڪي.

● ڏَجَ= ڪنهن وڏي سامان جو ڏيک ۽ جلوو، ٻيڙين يا جهازن جي سِڙهن، رسَن، جهنڊين، وانٺين جو ڏيک ۽ ڇهڇٽو.

- وَجي ڏَنڪي ڏَجُ (سامونڊي ٢/١٩، ٤/١٩)= ٻيڙي يا جهاز تي جيڪي جهنڊيون ۽ وانٺيون لڳل هيون سي چمڪي پڌريون ٿيون.

- ڏٿاريائون ڏجُ (سامونڊي ٢/ وائي ٢)= (مَس، تيجُ ۽ وجُ وانگر ڏجُ به پيش سان آهي، پر آهي مونث). جهنڊيون وغيره ڏٿاري اچيون ڪيائون.

● ڏَجُون= وانٺيون، جهنڊيون، سڙهن جون چوٽيون.

- ڏَجُون ڏاڙيجَنِ جيئون (سامونڊي ٤/١٧)= وڏو مال لُٽي ايندڙن (گهڻو نفعو ڪمائي ايندڙن جي ايندڙ جهازن) جون جهنڊيون (چوطرفان ظاهر ٿيون).

● ڏَجِڻ= ڏٿڻ، پسند ڪن، چونڊين.

- دوسرڪينَ ڏَجِنِ (يمن ٦/٢٣)= (شراب جي وٽيءَ جو) پيو وارو پسند نه ڪن (هو پهريون وارو وٺڻ جا خواهان رهن).

● ڏَرَ= ڌرتي.

- ڏَرَ سِرِ ڏري نه ساهُ (ديسي ٥/١)= زمين تي پنهنجو ساهه نه ڏئي (مٿي اڏامندو رهي ۽ فضا ۾ئي رهجي مري وڃي).

- ڪِين ڏَرَتِي ماءِ (حسيني ٢/١)= ايهان وڏيڪ نه ڌرتي پنهنجي ماڳ (ماءِ) تي تتي.

- ڏَرَ تي ڏُونهين جيِئَن (بروو ٤/٦)=زمين جي سطح تي دونهين وانگر (سُرڻ).

- ڏَرَ جيڏو ڏَرُونِ (رپ ٢/٢١)= (سجڻن جي صورت جي سهڻائي ۽ ڳڻن جي ڳوراڻي وارو) ڌرتي جي تور جيڏو سندن سونهن صورت جو وزن.

- ڏَرِنٿو ماري (راڻو ٣/٨)= ڪنيو ڌرتيءَ سان هڻي، (ڏڱن ڪي، پهلوانن ڪي).

- ٻِي ڏَمرَ ڏَمرَ تَپي ڏَرَ (آبري ٢/٥)= ٻي وري وڏي تاءَ سان ڌرتي تپي، سخت گرم ٿئي.

● ڏَراڙِنئُون (سنهڻي ٩/١٢)= ڌنارن کان سواءِ.

● ڏَرڻ= رکڻ، هڻڻ، ڇڏڻ.

- ڏَڙُ ڏار ڏَرڻَ (ڪلياڻ ٤/١٣)= ڌڙ جدا ڪرڻ، ڌار ڪري رکڻ.

- ڏَرِين تَعلق تَڪيا (رامڪلي ٢/١٥)= تعلق تڪيا رکن، واسطا ۽ آسرا رکن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويو.

● دَمر دَمر (آبري ۲/۵)= تمام زورائتي دمر ٿمان.

● ڏنۀ ڏنۀ ڏَمَڻَ وارَ (يمن ۴/۸)= (لوهار جي) ڏنوڻي کي ٽڪڙو وارو وار ڏنوڻ.

● ڏنوڻي، ڏَنوَڻِ (يمن ۴/۸)= چمڙي جو هڪ خاص هوا ڦوڪيندڙ اوزار جنهن سان لوهار ٿورا دڪيل اڱار ڦوڪين ته ٽانڊا ٿين ۽ تيز ٻرن.

ــ ڏوڏا تون نه ڏَنئين (يمن ۴/۱۲)= تون ڏنوڻي، ڏَنوڻ يا ڏَمڻ سان مَچن کي نه ڀڙڪائين.

● ڏونرا ٿنا (راڻو ۷/۲)= (مٿان مٽي پوڻ سببان) اڇا ٿيا.

● ڏونراَ ڏَنئرارَ = ڏونري جهڙا اڇا، سفيد پوش، وڏي عزت ۽ مان وارا، وڏا ماڻهو.

ــ "ڏوتوه ڏَئونَرارِنَ ۾" مٿان مارُوچوه (مارئي ۴/۱۵) = مٿان منهنجو ماروچوي ته 'تون وڏ گهرائين ۾ ويهي (منهن) ڏوتو'.

● ڏَنئُرو، ڏَئونرو (جمع) ڏَنئُرا، ڏَئونرا= (ڏَئونري جهڙا) اڇا، اجرا.

ــ ٻَهرِ ڏَئونئَرا ڏُوڙِ سين (رامڪلي ۳/۸)= ٻاهران ڏوڙ ۾ اڇا ٻيوت.

● ڏَنئڪڻ=ٽَنئڪڻ، پري کان ٿورو چٽو ٿيڻ، چمڪڻ.

ــ ڏَنئڪن ڏچاٽون (سامونڊي ۴/۱۹)= پري کان ايندڙ جهازن جون جهنڊيون واٽئيون ٿورو چٽيون نظر ٿيون اچن.

ــ ڏَنئُڪِي= پڌري ٿي.

ــ وِڃي ڏَنئُڪي ڏَڃُ (سامونڊي ۲/۱۹) = وڃي چمڪي، وڃي پڌري ٿي.

● ڏڻ= مال جو ولر.

ــ ڪَيوڏَڻَ ڪاهي (سارنگ ۱/۲)= مالَ جا ڏڻ هڪلي ڪيو ۽ ڪاهيو.

● ڏُٺڻ= چونڊڻ، چونڊي پسند ڪرڻ.

ــ ڏُٺِي جا ڏرارَ (مارئي ۴/۷)= جيڪا ڏَنار پسند ڪئي.

ــ جيلاه ڏٺيءَ ڏُٺا (ڏُٺا = ڏُٺيا) (ڪلياڻ ۱/۱۰)= جڏهن جو ڏٺي تعاليٰ انهن کي چونڊيو.

ڏٺي= مالڪ. لاڳي جو ڏِٺي= لاڳو (محصول) وٺندڙ جنهن کي محصول وٺڻ جو اختيار هجي.

ــ لائِقَ لاڳي جا ڏِٺي (سري راڳ ۲/۱۵)= اهي ماڻائتا جن کي محصول وٺڻ جو اختيار آهي.

ــ ڏٺي آهِينم (ليلان ۴/۶)= تون منهنجو ڏٺي آهين.

ــ ڏِٺي ۽ ڏِٺي (آسا ۱/۹)= فقط هڪ ئي ڏٺي.

ــ ڏَٺيان ڏارَ (حسيني ۳/۱۲)= ڏٺي کان سواءِ، ڏٺين مالڪن کان سواءِ.

● ڏوٽيو (جمع ڏوٽيا)= اهو ڪپڙو جيڪو ڳوڏ مثل چيلهه تي وڪڙ ڏيئي ٻڌجي پر جنهن جي لانگ نڪتل هجي (يعني هڪ ڇيڙو آڏو لانگ وچان ورائي پوئيان پُنيءَ جي وچ تي، چيلهه تي وڪڙ ڪري ٽنبيل هجي).

ــ ڏُونِ ڏينهاڻِي ڏوٽِيا (رامڪلي ۴/۱۳)= روزانو پنهنجا ڏوٽيا (لانگوٽيا) ڌوئن.

● ڏوڄ= اڳواڻ، اختيار وارو (جيڪو ڏُٺي ۽ چونڊيا).

ــ ڏُوڄ ڏَٺِي (ڪارايل ۳/۳)= جن جو ڏُٺيندڙ ۽ چونڊيندڙ پاڻ ڏٺي آهي.

ــ ڏُوڄَ ڏرتيءَ جا ڏَٺِي (راڻو ۵/۱۴)= ڏوڄُ، مختيار (ڏرتيءَ جا مختيار ۽ ڏٺي).

● ڏُوڏَا= سخت تاءَ وارا وڏا مچ، وڏا تيز مچ.

ڏات=خدائي عنايت،الاهي بخشش، ڏانُ، انعام.

ـ تہ ڪَرَ لَڏيمِ ڏاتِ (ڪلهوڙي وائي ٢/١)= هوند مون ڏات لڌي، تہ ڄڻ مون کي ڏات ملي وئي.

ـ ڪَنا ڏاتَرَ ڏاتِ (رائو ١٠/۴)= ڏني تعاليٰ کان نوازش.

ـ ڏاتِ لَهي (پرياتي ١/١٧)= ڏان حاصل ڪري.

● ڏاتَارُ= وڏو سخي.

ـ ڏِسينِ جا ڏاتارَ (سورٺ ٣/٦)= سڀني طرفن جا وڏا 'سخي'، چئني ڪُنڊن وارا وڏا سخي.

ـ ڏاتَارُ تہ تُون (پرياتي ٢/١٨)= ڏاتار تہ هڪڙوئي تون.

ـ ڏاتَارَنِ ري (يمن ٦/٢٧)= (اصطلاح طور) متارن ميخوارن کان سواءِ (جيڪي ڏيڻ پيئڻ پيارڻ جا ڏاتار هئا).

● ڏاتَرُ= ڏاتارُ.

ـ ڏاتَرَ! کي ڏُکَندَنِ (يمن ١/۴)= اي مولئِ (تون ئي) آزار وارن تان آزار لاهين.

● ڏاجو= ڏاج.

ـ ڏاجونِ= انهن جو ڏاج، انهن جو عام رواج.

ـ ڏوڏا ٻِهہَ ڏاجونِ (ڪلموڏ ٢/١۴)= ڏوڏا ۽ ٻهہ انهن (مهاڻن) جو ڏاجو يا ڏاج آهي، عام کاڌو آهي.

ـ ڏاجي ۾ (ڪاپائتي ٢/٣)= ڏاج ۾.

● ڏاڍو= تمام ڪارگر، مجرب ۽ مفيد، هڪ تڪ، ڏاڍو عجب جهڙو، خاص ۽ خاطري جهڙو.

ـ ڏاڍو ڏسيائون (ڪلياڻ ۴/٢)= ڏاڍو ڪارگر ۽ مفيد (علاج) ٻڌايائون.

ـ ڏاڍي ڪَنہَ ڏکَ مِلي (حسيني ٧/١۴)= ڪنهن ڏاڍي وڏي ڏک ۽ ڪشالي سان ملي.

● ڏارڻ= چيرڻ، ڦاڙڻ.

ـ ڏاري جو ڏونگر کي (معذور ٢/٧)= جو جبل کي چيري ڇڏي.

ـ ڏري ۽ ڏاري (آبري ١/٢)= ٻجي ۽ چيري ڦاڙي (سُورن کي).

ـ نہ ماري نہ ڏاري (ڪلموڏ ٣/٥)= نہ ڀاڻ ميڇي ماري ۽ نہ وري ميڇي وڍي ٽڪرا ڪري.

● ڏارِي= ('ڏارِي' مؤنث) مذڪر 'ڏارو'، اهو جيڪو جنس (اَن وغيره) جي چوري ڪري جنهن کي سڃاڻڻ ڏکيو آهي: حقيقت ۾ چورُ پر ٻاهران لباس ٻيو.

ـ ڏِينهان ڏاريہَ وِيسُ (معذور ۴/١٧)= ڏينهن جو 'ڏاري' وانگر جو ان کي سڃاڻي نہ سگهجي (تہ ڪا ڏکايل آهي).

ـ ڏارِيہَ رُوءِ (معذور ۴/١٨)= ڏاريہَ جي شڪل ۾ ڏاريہَ وانگر.

● ڏاڙُون (ڪارايل ٣/٣)= ڏاڙون.

● ڏاڪَ= خوفائتي خبر، ڏاهہ، دانهہ، رڙ.

ـ ڏونگرِ پيئي ڏاڪَ (ڏهر ٣/١٢)= جبل ۾ دانهن پئجي وئي، رڙ پئجي وئي.

● ڏاڪا= چاڙهيون، جبل ۾ ڇپن مٿان ڇپون.

ـ ڏونگرَ کي ڏاڪا (ديسي ٦/١)=جبل کي چاڙهين، مٿان چاڙهيون.

● ڏاڪِڙو، ڏاڪَڙو= ڏکيو ڪم، تڪليف وارو ڪشالو.

ـ ٻَرِ پروڙڻ ڏاڪَڙو (ڪلهوڙي ١/١۴، آسا ١/٢۴، رامڪلي ٥/٢٣)= اها ريت رمز پروڙڻ ڏکيو ڪم آهي.

ـ ڏونگرُ ڏورڻَ ڏاڪَڙو (ڪلهوڙي ٢/١٥)= ڏونگر ڏورڻ ڏک ڏاڪڙو ڪرڻ، جبل ووڙڻ يا جبل ۾ هلڻ پنڌ ڪرڻ وڏو ڪشالو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

● ڏتَـڙِ= سُتڙَ جو ضد، ڏکيو تڙ، ڏکيو گهاٽ ('تڙ' اهو جتي پيڙيون لنگر انداز ٿين؛ 'سُتڙ' اهو جيڪو محفوظ هجي ۽ جتي پيڙيون سولائي سان پهچي سگهن؛ ڏتـڙ يعني غير محفوظ نقصانڪار تـڙ).

ـ ڏتَڙِ پِٽي ڏِينهن ٽـا (سامونڊي ۴/۴)= ڏکِيي تَـڙ ۾ پٽي ڪي ڏينهن ٿي ويا آهن.

● ڏٽُ= جهنگ ۾ ٿيندڙ ڪاڏي جهڙن شيون (مثلاً ١. اَن= پُرٽ جو، لنب جو، ٢. ميوو= گولاڙو چيڙ، سگر، پيرون، ٣. ڀاڄي= ڪُنيي، للر، مليرڙو).

ـ ڪِنه پَر ڏورِئو ڏٽَ ڪي (ڪلهوڙي ١/٩)= ڪهڙيءَ ريت ڏٽ کي ڳوليو.

ـ ڏٽُ ڪَنِ (ڪلهوڙي ٢/١٩)= ڏٽ ڏورن، ڏٽ ڳـولي هٿ ڪن.

● ڏِنَان (حسيني ٢ د۱/٥)= اوهان ڏنو.

ـ ڏيندا مُون ڏِناءِ (ڪلياڻ ۴/١٣)= (توکي تو چوان ته) مون عاشق سر ڏيندا ڏنا.

ـ اَڇي سو ڏِنوءِ (سري راڳ ٣/١٦)= تو (آخر) اهو اڇي ڏنو.

ـ ڏِنِئِي جي جَمالَ (رائو ١/٧)= تو جيڪي حسن جا تجلا ڏنا.

ـ ڏِنِي آن (سنهڻي ١/٣)= اوهان ڏني.

ـ ڏِنيـان جي (سنهڻي ١/۴)= اوهان جي ڏني هجي، اوهان جي ڏسو.

● ڏِجاهُ= ١. ڏِجاهو، اوهان ڏِجَنو. ٢. ڏجانءِ، تون ڏجان.

ـ ڏِجاهُ ٻاٽيءَ ٻول کي (رائو٦/٣)= ٻٽ جي ٻول (راڻيا) کي (منهنجو پيغام) ڏِجنو.

ـ ڏِجي ساهُ (ڪارايل ٢/٧)=ساهه ڏجي، مرجي.

● ڏِجيئين= تُون ضرور ڏِجَان.

ـ ته ڏِجيئين سِينو (يمن ٣/١٠)= ته (ڏَکن آڏو) پنهنجو سينو ڏجان.

● ڏُجَنُ، ڏُجڻ، ڏُجهَڻ= دشمن.

ـ جِئائين ڏُجَڻُ تَڪيو (سارنگ ١/١)= جتي دشمن جو ماڳ.

● ڏُتورَ= اَڏَ سَڙي، اڌ جَلي (وڏي آزار واري).

ـ ڏُکِي تِي ڏُتورَ (معذور ٢/٣)= هي ڏڪايل اڌ سڙي تي آهي ۽ وڏي آزار ۾ آهي.

● ڏُتِي= زخمي ڪئي، ڏَکن سان ڏڏريو.

ـ ڏُکَنِ آءُ ڏُتِي (ديسي ١/۴)= مونکي ڏکن غمن ڏَکن سان ڦٽي ڇڏيو آهي.

● ڏُڏُ= اڻ ڄاڻ، مورکو، ڪُند ذهن، ڪُند فهم، جيڪو ڳالهه سمجهي نه سگهي، بي عقل نادان اڻڄاڻ.

ـ جِـئن تُون ڏُڏُ تـئو (پرڀاتي ٢/٩)= جئن جو تون اڻڄاڻ تي پَئين (سڄاڻ ۽ هنر مند نه ٿئين جو ڳـائين ۽ ڪيرت ڪرين).

ـ ڏُڏُ تِي ڏانُ ڳُهرِ (پرڀاتي ٢/٣)= اي منگتا، تون اڻڄاڻ تي انعام ڳُهرُ.

ـ جيـڪِين ڏُڏُنِ ڏي (پرڀاتي ١/١١)= (اهو سخي) جيڪين ڪجهه اڻڄاڻن کي تو ڏئي.

ـ هِتِ ڏيِيو مَـٽين ڏُڏ (ڪاپائتي ١/١٥)= اي مورکي، تون هت 'ڏيِيو' (قيمت وارو) سُٽ تي مـٽائين، سوُدي ۾ ڏين.

ـ ڏُڏُنِ= نادانن، اڻڄاڻن.

ـ ڏيِئي ڏَنبَ ڏُڏُنِ (يمن ٢/١٠)= اڻڄاڻ اٻوجهن کي ڏنب زخم ڏيئي.

- ڏڏنِ ڏي (پرياتي ۱/۱۱)= ڏڏن کي ڏئي.
- ڏڏنِ ڏاتيون (پرياتي ۱/۹)= ڏڏن کي وڏا ڏانِ.
- ڏڏو ڏوليءَ چاڙهيو (پرياتي ۲/۱۹)= سخي سيڙ مڱڻي کي مانُ ڏئي ڏوليءَ تي چاڙهيو.

● ڏَرَ= جانور جي رَهڻ واري کُڏ، ٻِر.
- تو ڏَرمَتي پيرُ (ڪارايل ۳/۲)= تنهنجي ڏر (رهڻ واري ٻِر) مٿان منهنجو پير آهي.

● ڏرمِڻ، ڏِرمائڻ = رنج ٿيڻ، پڇتائڻ، ڪپت ڪرڻ، خفي ٿيڻ، دل هٽڻ.
- ڏيئي ڏرمائي ڪينڪين (پرياتي ۱/۵)= انعام ڏيئي پوءِ پڇتائي ڪونه.
- ڏِرمَنِ جي ڏيئي (پرياتي ۱/۶)= جيڪي ڏيئي ڏرمن، جيڪي ڪا شيءِ ڏيڻ بعد دل مان هٽن.

ڏرڻ= ٻُڇڻ.
- ڏاگها ڪيمَ ڏرو (ديسي ۱/۵)=اي اُٺَ، اوهين ٻڇو نه.
- ڏکين ڪِينَ ڏري (آبري ۱/۱۸)=ڏکن سببان ٻڇي ڪين.

ڏرَ= وڏا ڦوڙ وڏا ڏرا ۽ چِلها.
- جي ڏرَ ڏينهَنِ ڪاتيا (سارنگ ۳/۴)= جيڪي ڏرا سخت گرم ڏينهنِ ساڙي ڇڏيا.

ڏسُ= پَتو، اهڃاڻ.
- ڏورڻَ منجهان ڏسُ (آبري ۱/۱۳)= ڳــولڻ منجهان تو کي پتو پوندو.

● ڏسڻُ=پتو ڏيئي ڪا ڳالهه ظاهر ڪرڻ، سُڃاڻپ ڪرائڻ.
- ڏمريوئي ڏسِ (ليلان ۳/۹)= ان جي ائين سُڃاڻپ ڪراءِ ته هو وڏي ڏمر وارو آهي.

ڏسائڻ= ڏنگ لڳل ڪرڻ، ڏنگيل ڪرڻ.

ڏسڻ= نانگ جو ڪنهن کي ڏنگ هڻڻ، ڪاٽڻ.
- ڏسائيو= ڪنهن کي ڏنگيل ڪيو.
- جي هٿي ڏنگُ ڏسائيو (ڪارايل ۳/۱) = جيڪڏهن نانگ ان کي ڏنگيل ڪيو= ان کي (ڏنگيو، ڪاڙو).

● ڏسَنِ= آزارينِ، تڪليف، ڏينِ.
- اُيـا ڏُنبَ ڏَسَنِ (سلمونڊري ۳/۱۵)= مــون کي (انهن جي وڇوڙي جا) ڏُنبِ پيا آزارين (ڏسَنِ).
- ڪَنهِ جَنهِ ڏُکَ ڏسائيا (يمن ۱/۲۳)= ڪنهن اهڙي ڏک انهن کي سور ڏيئي ساڻو ڪيو.

● ڏِسَڻُ = نهـارڻ، ڪنهن کي ڏسڻ. (اصطلاح طور) رڳو 'اک' سان نه پر 'دل' سان ڏسڻ، عارفانه نگاهه سان ڏسڻ، ديدار ڪرڻ.
- ڏِسَڻُ ڏِسين جي (ڪلياڻ ۳/۸)= جنن ڏسجي تنن جي تون ڏسين، جي اندر واري اک سان ڏسين.
- ڏِسَڻ لَئي (آسا ۲/۲۲)= ديدار لاءِ.
- ڏِسَڻُ ياڻيڃ ڏِکَ (معذور ۲/۲۰)= (پنهـونءَ کي هڪڙي دمر وارو) ڏسڻ به ڏِکَ (شادي) ڪري ياڻيج.
- ڏِسَڻ ڏِکان اڳرو (معذور ۲/۱۹)= محبوب جو ديدار شادي واري خوشيءَ کان به وڌيڪ (اڳرو= اڳان اڳتي، اڳان وڌيڪ).
- ڏِسِنُو ڪِينَ ڏِسَان (رامڪلي ۱/۶)= ڏسان پَئي ته به جڻ ڪانه ٿي ڏسانِ (ڏسڻ مان ڪهو نٿو ٿئي).
- ڏِسُو ڏيکاري (سنهڻي ۲/۸)=پاڻ ڏِسيو ٻِينِ کي ڏيکاري.
- ڏِسِي ڏِسي آئيون (آسا ۲/۲۳)= وري وري ڏٺائون.
- ڏِسي واسِي (راڻو ۸/۱۴)= ڏسي وائسي، اکين سان ظاهر ڏسي.

● ڏِسِ = طرف، ڏوراهين ڪُنڊ، جِهَت، طرف، جُوءِ منزل (الله جي پنڌ واري واٽ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڏلهي ڇڏيائين (سارنگ ٤/٢٠)= پري ڇڏيائين.
● ڏمرُ (سنهڙي ٤/١١)= سنهڙي جي مڙس جو نالو.
● ڏمَرُ = سخت ڪاوڙ، گهڻو غصو.
ـ ڪير ڏمَرَ سَهي ڏمرَ جا (سنهڙي ٧/٨)= ڏمرَ جا غصا، ڪاوڙون ڪير سهي!
ـ جِنِ جِنِ ڏمَرَ ڪَنِ (آسا ٥/١٧)= جن جن سخت غصا ڪن، وڏيون ڪاوڙون ڪن.
ـ ڏمَرُ ڏولاڻو (آسا ٧/١٩)= ڏمر ڪرڻ وڏي ڏک وارو آهي.
● ڏمَرڻ، ڏمرجڻ= سخت ڪاوڙ ڪرڻ.
ـ ڏمَرِئو = ڪاوڙيو، ڏمر ۾ آيو.
ـ ڏمَرِئو ڏهاڳُ (ليلان ٣/١)= جي ڏمر ۾ آيو ته ڏهاڳ (ڏيندو).
ـ ڏمَرِئو ته ڏي (بلاول ٢/٢)= جي گهڻو ڪاوڙجي ته ڀ ڏئي، گهڻو ڪاوڙيو ته ڀ ڏيندو.
● ڏنا= وڏا ٻنا.
ـ ڏونگرَ ڏنا نُوڙِ (حسيني ٥/١٠)= جبل جا وڏا ٻنا ۽ وڏيون ٽمنديون (هيٺاهيون).
ـ ڏنِ ڏيئِي ڏيج (سارنگ ٤/٢٢)= وَڏن ٻَنن کي (پاڻيءَ جو) ڏاج ڏيئي.
● ڏنبَ = ساڻ وڇوڙي جي ڏک ۽ غم جا چٽڪا.
ـ ڏنبَ ڏسَنِ (سامونڊي ٣/١٥)= ڏنب ڏيئي ساڻن (= ڏک جا ڏکيا ڏنب ڏين).
● ڏنيَرا (ڳاهاتو ١/٥)= ڪُرڙا (ميڇي).
ـ ڏنيَريَنِ جي (ڳاهاتو ١/٦)= ڪُرڙي ميڇيءَ جي (جيڪا نهايت لذيذ ۽ قيمتي)، ڪُرڙن جي.
● ڏنجُ (سامونڊي ٢/١٩)= ڏنجهُ، سُور، درد فراق.

● ڏنڊُ (جمع ڏنڊَ)= ڏنڊو (فقيرن وارو).
ـ ڏنڊَ ڇڏيئُون ڏور (رامڪلي ٦/٢٤)= ڏنڊ پري اڇلايئُون.
● ڏنگا=ڏنگها، طعنا، مهڻا، اوپالا، ميار وارا ڏوراپا.
ـ هڪ ڏنگا ڏاڏاڻا (راڻو ٦/٢)= هڪڙا ڏاڏاڻن جا طعنا مهڻا.
ـ مَرُتيون ڏنگا ڏينِ (مارئي ٦/٢)= جيڏيون پل ته مون کي منهنجي پياري ماروءَ جا اوپالا ڏين، ميار وارا ڏوراپا ڏين.
ـ ڏنگا ڏاڏي پوٽيينِ (مارئي ٤/١)= ڏاڏي پوٽين مان ڪن طعنا مهڻا ڏنا (۽ ڪي پيون ڏين).
ـ ڏنگهو ڏاتارن کي (سورٺ ٣/١٣)= طعنو مهڻو، ڏاتارن کي، گلا وارو ٽڪو ڏاتارن کي.
● ڏِنو (اسم) = جيڪي ڪنهن ڏنو هجي، ڏنل مال.
ـ ڏِني ڏکويا (ڪلياڻ ٢/٦)= ڏِني ڪين ڏک ڏنو.
● ڏنءُ = وڏي وڪوڙيندڙ باھ (جا وڻ ٽڻ ۽ پٽن جا گاهه ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏي).
ـ اِيءُ ڏنءُ ڏيئِي ڏيرَ (آهري ٧/١١)= ڏير هيءُ (وڇوڙي واري) وڏي باھ لائي ويا.
ـ ڏنءُ لڳو (حسيني ٦/١٣)= وڏي ساڙيندڙ باھ وارو وَڪُڙ چڙهيو.
ـ مون کي ڏنءُ ڏيئي (راڻو ٥/٨)= مون کي (وڇوڙي جي) وڏي باھِ وارو جَلُ ڏيئي
ـ آيِئي ڏنءُ ڏهاڳَ جو (ليلان ١/٨، ٢/٩)= اي ليلان! تو کي ڏهاڳ جو ڏنءُ لڳو.
ـ مونکي ڏنءُ ڏِنو (حسيني ٢/٥)= (اي اوٺيا!) مون کي اوهين (وڇوڙي جي وڏي باھ لائي) ٿا وڃو.
● ڏِني = ننڍو مٿاهون ٻَنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سڪي ڏني (سنهٽي ١٥/٦)= متاهين سڪل وٽ، متاهين سڪل ڀر، پاڻيءَ ڪان مٿي بيٺل سڪل ٻنو.

● ڏنيرُ = ڏنيرُ، زبردست، زوراور.

- ڏنيرَ تن ڏارين (ڪارايل ١٢/٣)= وڏا شاهي نانگ انهن کي چڪن سان چيرين.

● ڏنيون = (واحد. ڏني) ننڍڙا ٻنا (جن جي اندر ٿورڙو پاڻي بيهي. ڏنا= وڏا ٻنا).

- ڏنيون هَڏ مَ ڏورِ (ڪارايل ١٥/٢)= ٿورڙي پاڻيءَ وارا ڍبا ۽ ننڍڙا ٻارا نه ڳول (انهن ۾ نه پئُه).

● ڏنن ڏيني ڏيجَ (سارنگ ٢٢/٤)= ڏنن کي (وڏي پاڻيءَ جو) ڏاج ڏيني.

● ڏوائون = (ڏنءُ + وائون) ٻاجهه واريون لوئون لهسون، سازيندڙ وائون.

- ڏي ڏوائون (يمن ١٤/٤)= ڏوائون ڏي، ڏنءُ واريون ٻاجهيون ڏي، تڪيون سازيندڙ ٻاجهيون لائي.

ڏويالا (اليلان ١٣/٢)= ميارن وارا طعنا، اوپالا.

ڏوٽي (ڪلهوڙي ٩/٢)= ڏٽ ڏورڻ وارا، ڏٽ چونڊڻ وارا.

- اَدا ڙي ڏوٽي (آبري ٩/وائي-١)= اي ادا ڏوٽي!

- ڏوٽيئڙا ڏوڙي، وڪَ وَرايو پَنڌَ جي (ڪلهوڙي١٦/٢)= (چڻ ڪاهوڙين جي زباني ڏوٽي پورهيتن کي چيل ته) اي ڏٽ ڳوليندڙئو! اوهان ٻيٺي وک وڌايو، (۽ گهڻو ڏٽ ڳوليو).

● ڏوٽِ = سخت ڪاوڙ، ڪيني واري ڪاوڙ.

- جي ڏمرئا ڪنهن ڏوٽِ (ٻروو ٩/٢)= جيڪڏهن هو ڪنهن ڪيني واري ڪاوڙ سببان ڪٽريا، ڪاوڙ!

● ڏوڏي (سنهٽي ٦/٧)= ڏهائي ڪندڙ (کير ڏهندڙ). پاڳيا، مال وارا (کير وارا).

● ڏوڏا = پيڻ جي پاٻوڙي اندر ڳول ٻجَ (جيڪي کائجن).

- ڏوڏا ٻهه ڏاجونِ (ڪلموڏ ١٤/٢)= ڏوڏا ۽ ٻهه انهن جو ڏاج آهي. (روزانو ۽ وٿندڙ کاڄ آهي).

● ڏورِ = ڍگهو وتيل سڳو جنهن جي چوٽيءَ ۾ ڪنڊي، ڪنڊيءَ لڳل ڏور (مضبوط ڏور واري ڪنڊي مڇيءَ جي ڪلين ۾ لڳل جنهن سان مڇي مري نه، پر ايذاءُ ۾ ٻه جيئري رهي).

- ڏورِ ڏيني وِئا ڏکَ جي (گهاتو ٨/٢)= منهنجا محبوب مون کي ايذاء واري ڏور وجهي ويا.

● ڏورِ = ڏوراهون، پري.

- ڏورِ ٿئي (يمن ٢٨/٢، سورٺ ١٢/١)= پري ٿئي، پري پيچي (نه قبولي).

- ڏورِ پئا (حسيني ١/٥)= پري پئا.

- جَنِ ڏورِ ڇتايو ڏيهه (ٻروو ٦/٢)= جن ڏوراهون ڏيهه نظر ۾ ڪيو (ته ڪين اتي وڃڻو آهي).

- ڏورِ وڃڻو ڏينهَ لائي (راڻو وائي ١/٥)= منهنجو راڻو گهڻو پري هليو ويو ۽ اتي گهڻا ڏينهن رهي پيو.

● ڏوران= پري کان پَري.

- ڏوران ڏورِ سڄَڻِ (ڪاهوڙي ١٣/٢)= گهڻو پري واري ماڳ کان ٻه اڃان پَرتي سندن ڏس ٿو پوي.

● ڏوراڻو = ڏور جو، پري وارو، پَراهون.

- ڏٽُ ڏوراڻي ڏيهَ جو (ڪاهوڙي ١١/١)= گهڻو پَري واري ملڪ جو ڏٽ.

- ڏوراڻو ڏيسُ (رامڪلي ٢٧/٥)= ڏوراهون ڏيهه.

- ڏوراڻا هَليا (آبري ١٢/٤)= (مون کان) پري ٿي هليا، پرانهان ٿي هليا.

● ڏورَڻُ= ڳولڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڏورِجُ ڏيو هٿِ ڪَرِي (آسا ۴/١٧)= ڏيو (روشني) هٿ ۾ ڪري ڳولج.
- ڏورڻُ ڏونگريـن (بروو ۴/١)= ڏونگرن کي ڏورڻ (سسئي وانگر)، جبل جهاڳڻ، بر بيابان ڳولڻ.
- ڏورِ تـہ ڏوريُون (ڏهر ۴/١٧، حسيني ١٠/١١)= ڳول تہ ڳوليون.
- ڏورَڻَ واريون ڏورِ (حسيني ٧/٢)= ڳولڻ واريون گهڻو پري.
- ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو (ڪاھوڙي ٢/١٥)= جبل کي ڳولڻ، جبل ۾ ڳولڻ ڏکيو آھي.
- ڏورَڻَ مَنجهان ڏسُ (آبري ١/١٣)= ڳولڻ ۾ پڇا ڪرڻ مان پتو پوندو.
- ڏکيءِ ڏورڻُ پاڻ تي ويچاريءَ وڌو (معذور ٢/٢)= هن ڏک واري (سسئي، پنهونءَ کي) ڳولڻ پاڻ تي لازم ڪيو.
- ڏورڻ گهڻو ڏاکڙو (رامڪلي ٥/٢٦)= (وحايل شيءِ کي) ووڙڻ ۾ ڳولڻ ڏکيو ڪم آھي، ڳولا ڪرڻ وڏو ڪشالو آھي.
- ڏورڻ ڏونگرين (ڪاھوڙي ١/١٨)= جبلن کي (ذات لاءِ) ڳولڻ، جبلن ۾ ذات ڳولڻ.
- ڏورِئو ڏٿ کي (ڪاھوڙي ١/٩)= ڏٿ کي ڳوليو.
- ڏوري ڏٿُ لَهي (ڪاھوڙي ١/٨)= ڳولي ڏٿ هٿ ڪري (پنهنجو ثمر ڪيائون).
- ڏونگرُ نہ ڏوري (آبري ۴/٥)= جبل نہ ڳولي.
- ڏوري لَهہُ (سري راڳ ٢/٢، ليلان ٣/٨)= ڳولي لھہ.
- ڏوري ڏِسي ڏونگريـن (ڪاھوڙي ٣/۴)= جن ڏونگرَ ڏوري ڏسي ڇڏيا آھن (جن کي جبلن جي ذري پرزي جي خبر آھي).
- ڏوري ڏورِ (معذور ٧/١٦)= پري پري تائين ڳولي.
- ڏوري ڏوري (ڪاھوڙي ٣/٦)= ڳولي ڳولي.
- ڏوريان ڏوريي نہ لَهان (ڪلياڻ ٢/٨)= ڳولڻ سان بہ ڳولي نٿو سگهان.
- ڏوريان ڏوريَان (حسيني ٧/٣)= ڳوليَان، ڳوليان.
- ڏوريج = ڳوليج، تون ڳولج.
- ڏور مَ تون ڏوريج (آبري ٩/٦)= پَري وڃي نہ ڳولج.
- ڏِسِ اندر ڏورين (ڪلياڻ ١/١٢)= الله جي پنڌ واري ڏوراھين ڏس، حق واري منزل مقصود، پنهنجي اندر (وجود) ۾ تلاش ڪن.
- ڏوريندي ۾ ڏونگرين (ڪاھوڙي ٢/١٢)= جبلن پهاڙن ۾ ڳوليندي.
- ڏوريندئون (حسيني ٧/١)= پري پري تائين ڪشالا ڪري ڳولڻ واريون پڄڻون ڪنديون.
- ڏونگرُ ڏوريو مُون (آبري ٥/١)= مون جبل ڳوليو.
- جو تون ڏورين ڏورِ (آبري ٣/١١)= جيڪو تون پَري پيو ڳولين.

● ڏوگاھو = ڏڪار.
- ڏوگاھي هٿانِ جي (مارئي ٦/١٦)= ڏوگاهي ۾ جن جا هٿا، جن جا ڏڪار ۾ هٿا.
- لٿو ڏوگاٿو (مارئي ٩/١٢)= ڏڪار لٿو.

● ڏولاٿو = وڏي تڪليف، وڏو ڪشالو.
- ڏولاٿي پيا (مارئي ٦/٢)= ڏک ۾ پيا، وڏي تڪليف هيٺ آيا.

● ڏون = بہ.
- ڏينهَ مٿيئي ڏون (راڻو ١٠/١٣)= ڏينهن بس آھن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڏورِجُ ڏِيو هَٿِ ڪَرِي (آسا ۴/١٧)= ڏِيو (روشني) هٿ ۾ ڪري ڳولج.
- ڏورڻُ ڏونگرين (بروو ۴/١)= ڏونگرن کي ڏورڻ (سسئي وانگر)، جبل جهاڳڻ، بر بيابان ڳولڻ.
- ڏورِ تہ ڏوريُون (ڏهر ۴/١٧، حسيني ١٠/١١)= ڳول تہ ڳوليون.
- ڏورَڻَ واريون ڏورِ (حسيني ٧/٢)= ڳولڻ واريون گهڻو پري.
- ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو (ڪاهوڙي ٢/١٥)= جبل کي ڳولڻ، جبل ۾ ڳولڻ ڏکيو آهي.
- ڏورَڻَ مَنجهان ڏُسُ (آبري ١/١٣)= ڳولڻ ۾ پچا ڪرڻ مان پتو پوندو.
- ڏُکِيءَ ڏورڻُ پاڻ تي ويچاريءَ وڌو (معذور ٢/٢)= هن ڏک واري (سسئي، پنهونءَ کي) ڳولڻ پاڻ تي لازم ڪيو.
- ڏورڻ گهڻو ڏاڪڙو (رامڪلي ٥/٢٦)= (وڃايل شيءِ کي) ووڙڻ ۾ ڳولڻ ڏکيو ڪم آهي، ڳولا ڪرڻ وڏو ڪشالو آهي.
- ڏورڻ ڏونگرين (ڪاهوڙي ١/١٨)= جبلن کي (ڏٿ لاءِ) ڳولڻ، جبلن ۾ ڏٿ ڳولڻ.
- ڏورِيو ڏٿَ کي (ڪاهوڙي ١/٩)= ڏٿ کي ڳوليو.
- ڏوري ڏٿُ لَهِي (ڪاهوڙي ١/٨)= ڳولي ڏٿ هٿ ڪري (پنهنجو ثمر ڪيائون).
- ڏونگرُ نہ ڏوري (آبري ۴/٥)= جبل نہ ڳولي.
- ڏوري لَهہُ (سري راڳ ٢/٢، ليلان ٣/٨)= ڳولي لهہ.
- ڏوري ڏِسي ڏونگرين (ڪاهوڙي ٣/۴)= جن ڏونگرَ ڏوري ڏسي ڇڏيا آهن (جن کي جبلن جي ذري پرزي جي خبر آهي).
- ڏوري ڏورِ (معذور ٧/١٦)= پري پري تائين ڳولي.
- ڏوري ڏوري (ڪاهوڙي ٣/٦)= ڳولي ڳولي.
- ڏوريان ڏوريي نہ لَهان (ڪليان ٢/٨)= ڳولڻ سان بہ ڳولي نٿو سگهان.
- ڏوريان ڏوريَان (حسيني ٧/٣)= ڳوليَان، ڳوليان.
- ڏوريج = ڳوليج، تون ڳولج.
- ڏور مَ تون ڏوريج (آبري ٩/٦)= پَري وڃي نہ ڳولج.
- ڏِسِ اندر ڏورين (ڪليان ١/١٢)= الله جي پنڌ واري ڏوراهين ڏس، حق واري منزل مقصود، پنهنجي اندر (وجود) ۾ تلاش ڪن.
- ڏوريندي ۾ ڏونگرين (ڪاهوڙي ٢/١٢)= جبلن پهاڙن ۾ ڳوليندي.
- ڏوريندِيُون (حسيني ٧/١)= پري پري تائين ڪشالا ڪري ڳولڻ واريون پُڇڻُون ڪنديون.
- ڏونگرُ ڏوريو مُون (آبري ٥/١)= مون جبل ڳوليو.
- جو تون ڏورين ڏورِ (آبري ٣/١١)= جيڪو تون پَري پيو ڳولين.
- ● ڏوگاهو = ڏڪار.
- ڏوگاهي هُٿَانِ جي (مارئي ٦/١٦)= ڏوگاهي ۾ جن جا هٿا، جن جا ڏڪار ۾ هٿا.
- لٿو ڏوگائو (مارئي ٩/١٢)= ڏڪار لٿو.
- ● ڏولائو= وڏي تڪليف، وڏو ڪشالو.
- ڏولائي پِٺا (مارئي ٦/٢)= ڏک ۾ پِٺا، وڏي تڪليف هيٺ آيا.
- ● ڏون = بہ.
- ڏينہَ مِڙيئي ڏون (راڻو ١٠/١٣)= ڏينهن بس آهن

- ڏورجُ ڏيو هٿِ ڪَري (آسا ۴/١٧)= ڏيو (روشني) هٿ ۾ ڪري ڳولج.
- ڏورڻُ ڏونگرين (بروو ۴/١)= ڏونگرن کي ڏورڻ (سسئي وانگر)، جبل جهاڳڻ، ٻر بيابان ڳولڻ.
- ڏورِ تہ ڏوريُون (ڏهر ۴/١٧، حسيني ١٠/١١)= ڳول تہ ڳوليون.
- ڏورَڻ واريون ڏورِ (حسيني ٧/٢)= ڳولڻ واريون گهڻو پري.
- ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو (ڪاهوڙي ٢/١٥)= جبل کي ڳولڻ، جبل ۾ ڳولڻ ڏکيو آهي.
- ڏورَڻَ مَنجهان ڏسُ (آبري ١/١٣)= ڳولڻ ۾ پڇا ڪرڻ مان پتو پوندو.
- ڏکيءِ ڏورڻُ پاڻ تي ويچاريءَ وڌو (معذور ٢/٢)= هن ڏک واري (سسئي، پنهونءَ کي) ڳولڻ پاڻ تي لازم ڪيو.
- ڏورڻ گهڻو ڏاڪڙو (رامڪلي ٥/٢٦)= (وڃايل شيءِ کي) ووڙڻ ۽ ڳولڻ ڏکيو ڪم آهي، ڳولا ڪرڻ وڏو ڪشالو آهي.
- ڏورڻ ڏونگرين (ڪاهوڙي ١/١٨)= جبلن کي (ڏٿ لاءِ) ڳولڻ، جبلن ۾ ڏٿ ڳولڻ.
- ڏوريُو ڏٿ کي (ڪاهوڙي ١/٩)= ڏٿ کي ڳوليو.
- ڏوري ڏٿُ لَهِي (ڪاهوڙي ١/٨)= ڳولي ڏٿ هٿ ڪري (پنهنجو ٿمر ڪيائون).
- ڏونگرَ نہ ڏوري (آبري ۴/٥)= جبل نہ ڳولي.
- ڏوري لَهُ (سري راڳ ٢/٣، ليلان ٣/٨)= ڳولي لهہ.
- ڏوري ڏِسي ڏونگرين (ڪاهوڙي ٣/۴)= جن ڏونگرَ ڏوري ڏسي ڇڏيا آهن (جن کي جبلن جي ذري پرزي جي خبر آهي).
- ڏوري ڏورِ (معذور ٧/١٦)= پري پري تائين ڳولي.
- ڏوري ڏوري (ڪاهوڙي ٣/٦)= ڳولي ڳولي.
- ڏوريان ڏوريي نہ لَهان (ڪلياڻ ٢/٨)= ڳولڻ سان بہ ڳولي نٿو سگهان.
- ڏوريان ڏوريَان (حسيني ٧/٣)= ڳوليَان، ڳوليان.
- ڏوريج = ڳوليج، تون ڳولج.
- ڏور مَ تون ڏوريج (آبري ٩/٦)= پَري وڃي نہ ڳولج.
- ڏِسِ اندر ڏورين (ڪلياڻ ١/١٢)= الله جي پند واري ڏوراهين ڏس، حق واري منزل مقصود، پنهنجي اندر (وجود) ۾ تلاش ڪن.
- ڏوريندي ۾ ڏونگرين (ڪاهوڙي ٢/١٢)= جبلن پهاڙن ۾ ڳوليندي.
- ڏوريندِيُون (حسيني ٧/١)= پري پري تائين ڪشالا ڪري ڳولڻ واريون پڇڙُون ڪنديون.
- ڏونگرَ ڏوريو مُون (آبري ٥/١)= مون جبل ڳوليو.
- جو تون ڏوريين ڏورِ (آبري ٣/١١)= جيڪو تون پَري پيو ڳولين.
- ● ڏوگاهو = ڏڪار.
- ڏوگاهي هُئَانِ جي (مارئي ٦/١٦)= ڏوگاهي ۾ جن جا هئا، جن جا ڏڪار ۾ هئا.
- لٿو ڏوگاٿو (مارئي ٩/١٢)= ڏڪار لٿو.
- ● ڏولاٿو= وڏي تڪليف، وڏو ڪشالو.
- ڏولاٿي پيا (مارئي ٦/٢)= ڏک ۾ پيا، وڏي تڪليف هيٺ آيا.
- ● ڏون = بہ.
- ڏينہَ مڙيئي ڏوُن (راڻو ١٠/١٣)= ڏينهن بس آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مُون ڏِينهَن سَنڻون (ڪوهياري ٣/٨)=منهنجو بخت سنئون.
- ڏِينهہُ حَشر (ڪلهوڙي ١/٢٠)= جزا ۽ سزا جو ڏينهن.
● ڏِينهَنِ = سخت گرم ڏينهن.
- جي ڏڙَ ڏِينهَنِ ڪانئِيا (سارنگ ٢/۴)=جيڪي ڪڏون ڪوپا (آرهڙجي) سخت گرم ڏينهن ساڙي ڇڏيا هئا.
- ڏاڳها ڏينه ڏٺاءِ (ديسي ١/٧)= اُٺ ڏينه جو تي ڏٺاءِ.
● ڏِينهَان = ڏينهن جو.
- ڏِينهان درَماندي (ڪلياڻ ۴/وائي-٢)= ڏينهن جو ساٿي ۽ ماندي.
- ڏينهان جَهڻ جهانپي (مارئي ٧/۴)= ڏينهن جو جَهڻ پي.
- ڏِينهان ڏاريءَ وِيسُ (معذور ۴/١٧)= ڏينهن جو ڏسڻ ۾ ڏارِي.
- ڏينهان ڏورڻ ڏُونگرَين (بروو ۴/١)= ڏينهن جو پهاڙن (رڻن) ۾ گهارڻ.
- ڏِينهان ڏورِن ڏونگرَين (ڪلهوڙي ١/١٨)= ڏينهن جو جبلن ۾ ڏٺ ڳولن.
- ڏِينهان ڪونه ڏي (مارئي ٨/١٣)= (سوير آڏيءَ رات جو انهيءَ ڪري تيون اٿن جو ڪوهن تڙن ۾ پاڻي تورو ۽ بالڪل تري ۾ آهي؛ جي ڏينهن جو تيون وڃن ته سوڙهه سببان) ڪين پاڻي پرڻ جو ڪو وارو ڪونه ٿو ڏئي.
● ڏِينهَاڻي = روزانو.
- ڏُونگرَ ڏِينهاڻِي (ڪوهياري ٢/١٢)= اي ڏونگر! آءُ روزانو (پنهنجو پاڻ سندن مٿان گهوريان).
- ڏِسَن ڏِينهاڻِي (آسا ٢/٢۴)=روزانو ديدار ڪن.
● ڏِيڻُ = هر ويل، هر ڏينهن، سڄي عمر تائين پيو نقد نائو ۽ مال متاع ڏيڻ.
- ڏِيڻُ گهَٽو ڏهلو (سورٺ ٢/٩)=ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
● ڏيهُ (جمع) ڏيهَ = ڪيئي ڏيه (ڪاهوڙي ٣/٦)= ڪيئي پيٽيون.
- هيءَ تِني جو ڏيهُ (ڪلياڻ ٥/١٦)= هيءَ اُنهن جو ديس آهي.
- ڏورِ چِتايو ڏيهُ (بروو ٢/٦)= ڏوراهون ڏيه وڃي ڏٺو، ڏوراهين ڏيهہ سان من لاتو.
- ڏيه ڏيهان ئي ڏور (آبري ٧/٣)= (اصطلاح) هن ڏيه کان گهڻو ڏور.
- ڏيهَ ڪي ڏيڪارِينِ (يمن ٣/وائي)= ڪلمر ڪُلا پِين ڪي ڏيکارين ته اجهو هيئن ٿا ڪريون.
● ڏيهَا = ڏيهہ مان، ملڪ مان.
- ڏکويُون ڏيها (حسيني ٦/١۴)=ڏکويلونِ ڏيهہ مان.
- ٿانارو ڏيهَا (آبري ٧/وائي-٢)= ٿانارو ڏيهہ ۾ (پلي ڪري آيو).
● ڏيهاءَ = ڏيهہ کان، وطن کان.
- آيو ڪيرُ ڏيهاءَ (مارئي ١١/١٩)= ڪير وطن کان آيو.
● ڏيهاڙو = ڏينهن جو روزانو.
- پُونِ ڏيهاڙِي پُور (سامونڊي ۴/٢)= روزانو پور پون، خيال اچن.
● ڏيهاڙِئون چَنگ چڙهين (ڪلياڻ ٥/٨)= (ڏيهاڙئون، ڏيهاڙئون، ڏيهاڙي، ڏيهاڙي) هر روز، روزانو جي تون سوريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهين.
- مَکَ ڏيهاڙي مَکري (سري راڳ ٣/٣)= روزانو پنهنجي پيڙيءَ کي مک ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رَتُ ڏيهـاڙي رُوڻِ (ڪليـاڻ ٤/٧)= روزانو رت جا ڳوڙها ڳاڙين.
- ڏيهاڙتو ڏين (يمن ١/١٣)=ڏهاڙي ڏين، روزانو ڏين.
ڏيهي = ڏيهه جا ماڻهو، مقامي ماڻهو.
- ڳڏيئي ڏيهي (معذور ٢/٦)= پنهنجي ڏيهه وارا تو کي ملندا.
- ڏورِ ٿنا ڏيهي، پرين پاڙُ وَتِ ۾ (مارئي ٨/٢٥)= (لاچار آهيان ڇا ڪريان جو) منهنجي وطن وارا پاڙ جي وٽ سان رهندڙ، مون کان پري ٿنا!
● ڏيهيا = ڏيهه وارا، وطن وارا.
- ڏيهيا مون سين ڏيڻ (مارئي ٥/١٨)=اي منهنجي وطن وارا مون سان ملي، ڪا منهنجي مدد ڪجو.
- ڏيهين ري (مارئي ١/٢١)= منهنجي ڏيهه وارن کان سواءِ.
ڏيهون خَبَرَ (راڻو ١/٣)= اسان کي خبر ڏي.
● ڏيڻا= نڪر جا ننڍڙا ڏيڻا. ڏيڻا موهڻ= (سُڪا طور پيٽيل ڏيڻا جيڪي اتي کي گيهه سان ڳوهي ناهجن ۽ پوءِ آهستي آهستي انهن جا پلسا سموهجن ۽ مٿي سڏا سولا ڪجن). موهي سموهي سڏا سهڻا ڪرڻ.
- ڏيڻا نه موهي (سامونڊي ٣/٨)= جيڪا ڏيڻا ناهي پيٽا طور نه ڏئي.
● ڏيڻ= ڪاشيءِ ڏيڻ.
- ڏيئي آڳ (معذور ٢/٣)= باه ڏيئي، باه پڙڪائي، باه لائي (پاڻ کي).
- ڏيئي تَن تَسو (معذور ٦/وائي-١)= جسم کي بُک اچ ڏيئي.

- ڏيئي تَنگنِ تاڻَ (ڏهر ٣/١١)= تنگن کي تاڻ ڏيئي، تنگ ڪشي (حملي خاطر، گهوڙن تي چڙهڻ لاءِ تيار ٿي).
- ڏيئي ڏڍُ (ڏهر ٢/٦)= ڏڍ ڏيئي، لڏيندڙن ۽ ويندڙن سان همدردي ڪري.
- ڏيئي ڏِرمائي ڪينَڪين (پرياتي ١/٥)= جيڪو ڪا شيءِ ڏيئي پوءِ پڇتائي نه.
- ڏيئي ٻانَه ڳَراءِ (سارنگ وائي ٢/١)= ڳچيءَ وٽان ٻانهن ڏيئي، ڳرهاتي ڏيئي.
- ڏيئي تَنِ تَپاسُ (ڪلياڻ ٤/٨)= ١. تن کي تپسيو ڏيئي، جسم کي جهوري ڳاري. ٢. پنهنجو پاڻ کي آزمائي، مهميز ڏيئي.
- ڏيئي ڏِيڪارِي (راڻو ١/١)= پنهنجو پاڻ ڏيکاري، جهاتي پائي.
- ڏيئي دَم (معذور ٤/٣)= ڏيئي ساهه، جند جان ڏيئي.
- ڏيئي رُپي ري (حسيني ٧/وائي-٢)= رُپي وارو ريهه ڏيئي (اُڳنديندا).
- ڏيئي مرج ڏونگرين جتن ڪارڻ جيءَ (معذور ٢/٢١)= جتن (بلوچن= پنهون) خاطر پنهنجي جان ڏيئي جبلن ۾ مرج.
- ڏيئي لِڪَ لاڙي، ڪَڪَرُ ڪِناٽيمِ ڪاڪِ جو (راڻو ٩/٨)= (هن سٽ ۾ شاعريءَ جي ڪمال سان، اجرڪ جي چِٽر "ڪڪر" کي ڪاڪ جو "ڪڪر" (ابر، بادل) چيو ويو آهي. لاڙ ۾ ڪَڪر جي نقش واري اجرڪ عام مقبول آهي. ڪڪر جي اها ڊزائين لاڙي لِڪ (نقش) واري آهي؛ لاڙي لِڪ سان ڪڪر ڊزائين ٺهندي. مومل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي چوي ته:) راڻي لاڙي لِک ڏيئي مون کي ڪاڪ جو ڪکر ڪَري ڇڏيو (ڪاڪ تي جي ڪکر ٿئي ته ڇڻ رنگ لڳي وڻا! اجرڪ جي ڪکر ڊزائين به لاڙي لک سان رنگ لائي ٿي، نهايت سهڻي ٿئي ٿي).

- ڏيئي هَٿَ (رپ ٣/٣)= پنهنجا هٿ مٿان ڏيئي.

● ڏِيين تون ڏهاڳُ (ليلان ٨/٤)= تون ئي ڏهاڳ ڏين، تڙائين، پري ڪرين.

## ڊ

● ڊامَڻَ، ڊرامڻ = هڪ گاهه جو نالو.

- ڊامڻَ ڊِپَ ڪَيا (سارنگ ٩/٤)= ڊامڻ گاهه وڏا ٻوڙا ٻَڌا.

● ڊاهڻ= ڪيرائڻ.

- اُترُ ڊاهي اُن جا (سارنگ ٦/٢)= اتر جو واءُ مينهن انهن جا جهوپا ڊاهي.

● ڊائي= ڊائِي. (رڪيل انجام موجب پاڻ ۾ ڳنڍڻ واري جاءِ. انجام موجب ڪٽي پاڻ ۾ ملڻ واري جاءِ).

● ڊِهڻ= هيٺ ڪرڻ.

- ڊٺو= هيٺ ڪريو. ڊَٺا= اهي جيڪي ڪريا.

- ڊَٺِن (يمن ٢/١)= جيڪي بيماري ۾ هيٺا ٿي ڊهي پيا، ڪري پيل، پٺجي رهيل.

- ڊٺو اچ اڏيو (سامونڊي ٥/٤)= ته هوند ڊٺو گهر اڏجي ويو، ته جيڪر (منهنجي دل جي غم ۾ ڏک ۾) ڊٺل گهر هوند اڏجي وڃي.

● ڊراکَ= ميوي جو نالو.

- سَجڻَ ڊراکَ ڇِگِڻِ جٺن (بروو ٢/٣)= منهنجو محبوب ڊراک جي پڪل ڇگڻ وانگر، ڊراک جي پڪل ڇگڻ وانگر سهڻو ۽ مٺو.

● ڊراءُ= خوف، ڊپ.

- تهان وَڏيرو ڊراءُ (پرڀاتي ٧/٢)=تهان کان وڌيڪ ڊپ.

● ڊَربُ، ڊربُ، ڊپُ= دوا، ٻُڪي، حيلو، علاج.

- تون هِين ڊرنِ ڊَربُ (يمن ٣/١)= تون ئي بيماري ۾ ڪريل هيٺن لاءِ علاج ۽ آسرو آهين.

● ڊَربيون (هيٺين لاڙ ۾ ڪڇ جي ٻولي وارو اُچار)= ڊربيون، ڊربن (ڄڙين ٻوٽين) واريون ٻُڪيون سُتيون.

- ڏارين دُنيا ڪارڻ ڊَربيون (يمن ١٦/٢)=دنيا ڪمائڻ، لالچ ۽ لوڀ خاطر تون ٻُڪيون سُتيون ڪنيو وتين.

● ڊَريڙا= سنهڙيون ڪُنيل گهوٽيل پڙيون، ٻُڪيون ڦڪيون دوائون.

- يَڪِ پنهنجا ڊريڙا (يمن ٨/٢)= پنهنجون پڙيون، ڦڪيون، ٻڪيون ويڙهي رک.

- ڊَريَنِ پَري هَٿَڙا (يمن ٤/وائي)= ٻُڪين سُتين سان ڀريل هٿ.

● ڊرپ، ڊپ= خوف، خطرو، اُڪو، ڊڄ.

- ڊَرپُ ڪِجَا (ڳهاتو ١/وائي-١)= ڊرپ ڪِجو، ضرور اُڪو ڪجو، خوف رکجو.

- ڊَرپُ نه ڊراءُ (راڻو وائي ١/٤)= نه خوف نه ڊڄ.

● ڊروهي= قَسم سان ڏنل جهل يا منع.

- ڊروهي اَٿيان (حسيني ٧/٩)= وڏي قسم واري جهل اَٿوَ.

● ڊرگهي، ڊِگهي= وڏي ڊريگهه واري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي پهچايو).

ـ ڪنه ڪنه ڪاريءَ ذاتِ ڪان (ڪارايل ۳/۱۳)= ڪنهن ڪنهن قسم جي ڪاري نانگ ڪان.

ـ ڪا ڪا ڪاري ذات (ڪارايل ۳/۱۴)= ڪنهن ڪنهن قسم جو ڪارو نانگ.

ـ جيهيءَ تيهي ذاتِ (آبري ۴/۲)=جيهي تيهي پري پيڙهي.

ـ جتي ذاتِ نه پائيان (معذور ۳/۹)= جتي بلڪل نه پايان.

ـ سَندي ذاتِ جتَنِ (معذور ٦/٥)= جتن جو قبيلو.

ـ باروچاڻي ذاتِ (ديسي ٥ /۳)= بلوچن جي پُري.

ـ گهوري ذات جتَنِ جي (حسيني ۲/١٥)= جتن جي پوري پيڙهي قربان!

ـ سڌَ مُنهنجي ذاتِ جي (حسيني ۴/۱، ۱۱/۱٦)= منهنجي قبيلي جي خبر.

ـ ذاتِ مُنهنجي ماءُ (حسيني ۴/۴)= اي امان! منهنجي ذات (ڪيچين بلوچن کي گهڻ نظر آئي).

ـ ذاتِ باروچيءَ نه جُڙان (حسيني ۱۱/۱۴)= بلوچن جي قبيلي سان آءٌ هڪ جهڙي ئي نٿي سگهان.

ـ جوڳيءَ سَندي ذاتِ ڪان (رائو ۱/۲)= جوڳين جي ڪُڙم قبيلي ڪان.

ـ ڪانَ پُڇي تو ذاتِ (رائو ۱۰/۴)=الله تعاليٰ ڪڙم قبيلو ڪونہ ٿو پڇي (جيڪو ڏانهس وڃي ٿو تنهن کي نوازي ٿو).

ـ جوڳي ڪا جا ذات (پورب ۱/١٥، رامڪلي ۲/وائي-۲) = جوڳي ڪا اهڙي ذات!

ـ سندي جوڳيان ذات (پورب ۳/۸، رامڪلي ۴/۱، ۷/۱، ۷/۱۰)=جوڳين جو قبيلو.

ـ ذات نه جاڻان ڪير (سنهڻي ۸/وائي)= ذات جي خبر نٿي ته (سنهڻي) ڪير آهي.

● ذَرو= ٿورو، ٿورڙو.

ـ ذرو جاڳَ نه هوءِ (سنهڻي ۷/۹)= ٿوري به سجاڳي نه ٿئي.

ـ ذَرو يادُ نه ڪيئوءِ (سري راڳ ۳/١٦)= توڏٺي کي ٿورڙو به ياد نه ڪيو، تو پنهنجي رب کي نه ياڏايو.

ـ ظاهرُ ڪَريان ذَري (آسا ۱/۱۰) = جيڪڏهن ذري جيتري به ظاهر ڪريان.

ـ ذَرو ٿِئي نه ضاع (سري راڳ ۱/۱۷)= هڪ ذرو به ضايع نه ٿئي.

ـ ذرو ضايُعَ نه ٿئي (معذور ٥/۸)= ذرو به ضايع نه ٿئي.

ـ لَڳُمِ ذَرو واءُ (حسيني ٥/۱۴)= مونکي ڪجهه ٿورو واءُ لڳو.

ـ جهَتَ جي ذري (رائو ۴/۸)= (محبوب جي) ديدار جي گهڙي.

## ر

● رَاتِ = هڪ رات، اڄ رات.

ـ رَهيا اَتِي راتِ (رامڪلي ۷/۱۱) = اڄ رات تو وٽ ٽڪيا اٿي.

ـ راتِ جَنِ جو رَنگُ (سنهڻي ۱/۱۳)= جن جو چاهه ۽ چهچٽو ۽ رنگ رات سان آهي، جن جو رنگ رات آهي.

(رات جو درياءَ ۾ گهڙڻ ۽ ترڻ ۾ آهي).

ـ راتِ سَمَڪَنو (پرڀاتي ۲/۲۲)= گذريل رات وڏا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيو.

ـ رَاتِ وِهاءِ (يمن ٦/۳۷)= رات وهامي ٿي، رات گذري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رَاتِڙي = ڪا رات، ڪا هڪ رات.
- رَهِي اَچــجِي راتِڙي (يمن ۱۴/۱)= ڪا هڪ رات اتي رهي اچجي، ٽڪي اچجي.
- رَاتَو ڏِيـنهن رَهَن (رامـڪلي ۱۰/۶)= رات ڏينهن پنڌ ۾ آهن ۽ پيا هلن.
- راتو ڏِينهان روءِ (مارئي ۶/۵)= ڏينهن رات روئي پئي.
● رَاتِيان = رات جو.
- راتِيــان رِڄ رَهَن (ڪـاهوڙي ۱۸/۱)= رات جـو رڄ (رڻ) ۾ گذارين.
- رَاتِيَـان دَرِد (ڪليـاڻ ۴/وائي-۲)= رات جو درد ۽ سُور (فراق جو).
- راتيان روئي رَتَ ڦُڙا (معذور ۱۷/۴)= رات جو رت جا ڳوڙها ڳاڙي.
● راتِيــون پِيـُـون (ڏهر ۱۸/۱)= اهي راتيــون بيــون (=قبر واريون). .
- راتيــون وِهائيــون (راڻو ۱۲/۸)= راتيــون وهامي ويون (گذري ويون).
راتِهن = رات هوندي، رات جو ئي.
- راتِهن هَلِي رَسُ (ڪنيات ۳/۳)=رات هوندي هلي پهچ.
راجا= راءِ ڏياچ.
- راجا راتِ رَمَ گيو (سورٺ ۱۱/۴)= راجا رات هليو ويو (=گذاري ويو).
- راجــا راڳِـائِي (سـورٺ ۹/۲)= راجـا ۽ راڳـائي (راڳيندڙ).
- راجا رَتولَنِ ۾ (سورٺ ۱۱/۱)= راجا رنگينِ مـحلن ۾ راجا رتولَ پينگهن ۾.
- راجـا رَنگ مَـحَلَ ۾ (سـورٺ ۶/۲)= راجـا رنگين محل ۾.
● راڄاڻُ = وڏو راڄيو، وڏو سردار.
- ريسـائو راڄاڻُ (اليلان ۱۰/۲)= وڏو راڄيـو ريس وارو ٿيو (غيرت ۽ غصي ۾ آيو).
- رُونجهائِي راڄاڻُ (پرڀاتي ۱۹/۱)= وڏو رونجهو سردار (سپڙ)، وڏو راڄيو، وڏو راڄائتو سردار.
● راحت = اطمينان ۽ خوشي واري حالت، رضا ۽ تسليم واري حالت.
- سيـني راحت روح جي (يمن ۱۰/۱)= اهي ئي روح جي خوشيءَ ۽ راحت آهن.
- اِيءَ رومِيءَ جي راحَتَ (ڪليـاڻ ۲۰/۲)= اها (مولانا جلال الدين) رومي جي (مثنوي ۾ سندس فڪر مطابق رضا ۽ تسليم واري) خوشي ۽ راحت آهي.
● راحم= رحم وارا ڌڻي، رحم ڪندڙ مولي.
- راحِمَ اَچِي رَسُ (سري راڳ وائي ۲/۴)= اي رحم وارا ڌڻي تون اچي مون کي پهچ (۽ پناهه ڏي).
● راڙو رَاڙهو (حسيني ۶/۹)= راڙو= وڏو گهڻو روڄ، وڏو غم.
- راڙي مَنجِهه (رامڪلي ۲۸/۱)=روڄ منجهه، غم منجهه.
● راڙي = رڻاڙي.
- راڙي رَتُ ڪَياسِ (ڪنيات ۸/۵)= مون کي رڻاڙي رت ڪيو.
● رازُ = ڳجهه، اندر جو مخفي حال.
- رازُ ڪَيَائين راوَ سِين (سورٺ ۸/۲)= راجا (راوَ) سان پنهنجي دل جو راز بيان ڪيائين.
- رَازُ جِنهِين سين رُوحَ (حسيني ۴/۲)= جنهن سان روح جو راز، جنهن سان دل جي ڳالهه ۽ دلي پيار.

● رازِقُ = رزق ڏيندڙ، روزي ڏيندڙ.
ـ رازِقُ رَبِ رَحِيمُ (ڪليات ۱/۱)= رزق ڏيندڙ، پاليندڙ سدائين رحم وارو (الله تعاليٰ).
ـ رازِقَ رَضائُون (مارئي ۱/۱)= رازق جون رضائون، الله تعاليٰ جون مرضيون.
● رَاسِيُونِ = نؤڪون، چوٽيءَ وارا ڪرڻا، (جڻ مٽي سج جي ڪنارسان چوڌاري پٽل) روشنيءَ جون ڏورون تارون جيڪي مٿان ڪان هيٺ تائين وينديون زمين تائين لاڙيل: اهو لقاءُ رڳو سج لٿي کان اڳ وچينءَ ويل ڏسڻ ۾ ايندو. ان وقت راسيون رتل (ڳاڙهيون) هونديون. صبح جو راسيون هيٺان اکين وتان مٿي وينديون ۽ زمين ڏانهن ڍاريل نه هونديون. جڏهن ڪڪر هوندا تڏهن راسيون ڏسڻ ۾ اينديون. (چوندا: سج لهڻ وارو ٿيو ۽ ان وقت راسيون ڳاڙهيرڙيون ڪيائين).
ـ راسِيُون رتائين (حسيني ۷/۱) =سج جي ڪرڻن واريون سڌيون ليڪون يا تارون جيڪي سانوڻ جي جهڙ ۾ وچينءَ ويل ڏرتيءَ طرف لڙن (چوندا: "سج سانوڻ ۾ وچينءَ ويل راسيون ڪوڙيندو" يعني هيٺ ڌرتيءَ ڏانهن ڍاريندو).
ـ راسِينِ جي رَونَقَ (راڻو ۱۳/۱)= مومل جي راسين جي رنگت (جڻن سج راسيون ڪري تئن مومل جي منهن مان حُسن جون تجليون).
● راسَ (جمع) راسيون= چوٽيون.
ـ راسيُون مَنجهان رُڪَ (ڪوهياري ۱/۳)= رُڪ واريون چوٽيون.
رَاضِ = راضپو، مهر، ٻاجهه.
ـ راضِ پَنهونءَ جي رِيهي (ديسي ۲/وائي)= پنهونءَ جي راضپي قابو ڪئي.

ـ رَاضي رهيا (ڪليات ۲/٦)= خُوش رهيا، رضا سان قبوليائُون.
● راماٽا = ٻوڙون ڍُڪون، روچ راڙا.
ـ روهه راماٽا ڪَنِ (ڏهر ۵/۱۲)= روهه (جبل) ڏي وِڄڻ لاءِ (ڪونجون) وڏي آواز سان ڪَرڪَن، وڏيون دانهون ڪن، هيڏانهن هوڏانهن ٻوڙن (منجهن اها ڦڙڦوٽ سندن پنهنجي ملڪ ڏانهن اڏامڻ جي).
● رَاندِ =ٻاراڻي راند. کيڏ، بازي، کيڏ جي مجال، عشق جي آزمايش واري ميدان ۾ بيهڻ جي جرات ۽ طاقت.
ـ رَڪن ڪانهي راند (ڪليات ۴/۱۸، ۴/۲۰)= بي حس ۽ بي اثرن لاءِ کيڏڻ جي مجال ڪانهي، بازي لڳائڻ جي پيٽي ڪانهي.
ـ رَاندِ = کل خوشي.
ـ روءِ وِسانئي رانِدِ (حسيني ۹/۵)= راند (کيڏ خوشي) کي ڇڏي ختم ڪري (وسانئي) روءِ (ڏک ۾ پئُه).
● رانِئڻ = ريجهائڻ، پنيلائي راضي ڪرڻ، هرڪائي راضي ڪرڻ.
ـ مَنڌَ رانئي رَهائي (آبري ۵/۸)= (لاڳاپن) منڌ (سسئي) کي ريجهائي پوئتي رهائي ڇڏيو.
ـ لوڪان لِڪي رانِيَان (رپ ۱٦/۳)= ماڻهن کان لڪي پنهنجي محبوب کي ريجهائي خوش ڪري پاڻ تي ڇِڪن ڪريان.
ـ جتِ رانيَائين راڻَن کي (راڻو ۱۳/۳)= جتي راڻن کي هرڪائي ريجهائي ڇڏيائين.
● رانِئيو = ريجهائي راضي ڪيو.
ـ راتِ تماچي رانِئيو (ڪاموڏ ۱۳/۲)= رات جام تماچي کي ريجهايو، جام ريجهي راضي ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● راٺو= راٺو ميندرو.

- راٺو پانيـو راندِ (راٺو ۴/۴)= (اي مومل) تو راٺي کي راند ڪري سمجھيو، تو راٺي سان پنھنجي سڱ سنگت کي ٻارن واري راند ڪري سمجھيو.

- راٺوئي راٺو (راٺو ٦/١٠)= جتِ ڪٿ راٺوئي راٺو آهي (راٺي کان سواءِ ٻيو ڪجھ آهي ئي ڪين).

● راٺيون= وڏيون، وڏي درجي واريون شهزاديون.

- راٺين روءِ (ڪاموڏ ١/٦)= (پنھنجين ٻين) راٺين جا سھڻا منھن، راٺين جا رخ (رايا).

● راوا (واحد راٺو) راٺو رڇ=وڏي ۾ وڏو رڇ جيڪو گھاتو سمنڊ ۾ وجھن.

- ڪي راوان رڱيُ رڇُ (گھاتو ١/١۴)= ڪي وڏا شاهي چار رڱي مضبوط ڪچ (اڳي رڇ رڱيندا هئا، ته جيئن اڇو واٽيل سُٽُ وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ پڻ ڏسڻ ۾ سولائي ٿئي. رڱڻ لاءِ ڳاڙهيرو رنگ، 'ڪرڙي' جي وڻ جي ڏانديءَ مان ڪڍندا هئا. 'ڪرڙي' جو وڻ هن وقت به ڪاري وارن واهڙن جي پيٽن ۾ موجود آهي ۽ خاص طرح ڪراچي جي پريان مياڻي جي ٻيلي ۾ گھڻو آهي).

● راوَلُ = راءِ- زادو شهزادو (اصطلاح) صالح نوجوان، مان اخلاق وارو.

- راوَلَ رَتو روءِ (راٺو ٣/۴)= جوان شهزادا رت جا ڳوڙها ڳاڙين.

● رَاوَل (رامڪلي ٢/٣۴)= اي مانائتا (وڏا چيلا)!

- راوَلَ رَتيءَ روءِ (رامڪلي ٧/١٢) = ڳاڙهي سونهن صورت وارا، لال رونق وارا مانائتا (فقير)!

● راهَ = واٽ.

- راهَ چمي ٿي رَندَ (بروو ٣/١)= واٽ به (محبوب جي) پيرن جا نشان (رند) چمي ٿي.

- رَاهَ چِتائي (رامڪلي ٧/٥)= (رڃ واري) واٽ کي نظر ۾ رکي، اها واٽ وٺي.

- راهَ گمُ ڪي (پرڀاتي ١/١٠)= راهه وڃائي.

- رَاهَ ۾ (ڪلياڻ ۴/٢٢)= منزل واري پنڌ ۾ محبت جي آزمايش ۾ سلوڪ ۽ طريقت ۾.

- رَاهَ هَليا (ڪاهوڙي ٣/٨)= واٽ وٺي هليا، واٽ وٺي هلڻ وارا، ڳس سان هلڻ وارا.

● راهُوءَ جي رِهاڻَ (بلاول ١/١٠)= (سخي) راهوءَ جي ڪچهري.

- رَاهُو تُنهنجي ريتِ (بلاول ١/١١)= اي راهُو تُنهنجي رسم!

- راڄ راهُوءَ جي رَسُ (بلاول ١/١٢)= راهوءَ جي راڄ (جي حد) ۾ تون پهچ.

● راءِ = رائنءَ= رائنيان، رائنيندِيس، ريجهائيندِيسِ.

- لوڪان لِڪِي راءِ (سارنگ وائي ٢/١)= آءٌ پنهنجي پرينءَ کي ٻين کان لڪي ريجهائينديس.

● راءُ = سردار، حاڪم، ڄام.

- راءُ رِيجھائڻَ آئيُون (ڪاموڏ ٢/٢)= ڄام کي خوش ڪرڻ لاءِ آيون.

- رِيجھايائين راءُ (ڪاموڏ ١/٨)=ڄامَ کي خوش ڪيائين.

- راءُ سين (ڏهر ٣/١٨)=راوَ سين: ١- لاکي راءُ سان ٢- ڪچ جي راءُ (ڪنگھار) سان.

- جي رَنجائين راءُ (پرڀاتي ٢/١٢)= اي راءُ، اي ڄام، جي تون رَنجائين (رنج هجين، ته به تنھنجو آسرو).

● راڻُ = حاڪم جو محصول.

- نَڪو راڻُ ڏيهَ ۾ (مارئي ٨/٣٠)= (مارُوئڙن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ ۾ ڪنهن جو بہ محصول لڳايل ڪونهي.

● رائڪَ = رائنڪ، لُوٽڙي، ڏڙهہ ۾ پَدِريو، سڀ ماڳن مڪانن جا نالا.

– ڏيئي ريجُ رائڪَ کي (سارنگ ٤/٢٠)=سلوڻ جي مينهن رائڪَ کي پچائي ريجائي (اڳتي پيو ملڪ وَسايو).

رائو=ريتي ڪڪري واري رَئي، سنهين پٿرائين زمين.

– رائو رَنجائو (ديسي ٤/١٠)= هڪ رائو پيو ڏک.

– رائو پَسيو روءِ (معذور ٧/١١)= جبل جي ريتي واري واءِ جو رائو ڏسي روئي (جو اڳتي ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي).

– رائو روئي روءِ، مُنڌ ڳوڙهن سين ڳَچُ ڪنو (ڪوهياري ٣/٣) = مُنڌ (سسئي) روئي روئي، رائي ريتي کي پنهنجي ڳوڙهن واري پاڻي سان پسائي ڳوڙها ڳوڙها ڪري ڇڏيو. ٢. ڳوڙهن سان ڳچ ڳپ ڪري ڇڏيو.

– رائي ڪِي رَنجُورَ (آبري ٧/١٩)= رائي ڏکي ڪني (سسئي کي ڏکيو ڪيو).

– رائي ۾ (ڏهر ٥/١٢)= ريتي واري پيٽي ۾.

– رائي پُڄُ مَ رَنڌُ (آبري ٣/١٥)= رائي ۾ گُسُ نہ پڇ (جو آهي ئي ڪونہ).

● رَبُ = پالڻهار، تڳائيندڙ، بچائيندڙ.

– رازِقُ رَبُ رَحِيمُ (ڪلياڻ ١/١)= الله تعاليٰ رزق ڏيڻ وارو، پالڻهار ۽ رحم وارو آهي.

– تون- هين هادِي رَبُ (يمن ١/٣)= تون ئي سنئين راهہ ڏيکارڻ وارو ۽ پالڻهار آهين.

– رَبُ جليل (ڪلياڻ ٢/وائي)= وڏي شان وارو پالڻهار.

– رَبَ رَضا (معذور ٤/١٥)= رب جي رضا.

● رَبابُ = هڪ ساز جو نالو.

– رڳُون ٿيون رَبابُ (يمن ٤/٦)= (جسم جون) رڳون رباب وانگر وڄيون.

– نَڪين منجهہ رَبابَ (سنهڙي وائي ١٢/١)= (حق حقيقت نڪين ظاهري پرهيز ۾ آهي نہ) نڪين راڳ رنگ ۾ آهي.

– رَبابِيءَ = رَباب جو ساز وڄائيندڙ.

– رَبابِيءَ کي رازُ (سورٺ ٤/١)= رباب واري کي (پنهنجي رضا جو) راز ڏي.

● رُباعِي = نظم جو هڪ قسم، منظوم نُڪتو، (اصطلاح) سهڻي سِٽاءِ واري اُهڃاڻي، وڻندڙ صلاح.

– راوِلَ رُباعِي (رامڪلي ٢/٣٤)= اي راوِلَ، هي عجب اهڃاڻي، هي سهڻي وڻندڙ صلاح.

● رَبّاني راهَ (آسا ١/١٨)= رب طرفان مقرر ڪيل وات، الاهي قانون واري راهہ.

● رُتِ = موسم.

– رُتِ نہ روڪيائين (سارنگ ٣/١)= موسم نہ جهليائين (موسم موجب مينهن آيو).

● رُتِ = رتيءَ واري روءِ، صحتمند بيهڪ بناوت.

– راحَتَ تَنِ جِي رُتِ (ديسي ١/١٦)= انهن جي رُتيءَ واري رُوءِ راحت آهي.

● رَتُ = جسم جو ڳاڙهو رَتُ، خون.

– رَت نڪري (ڪلياڻ ٤/١٠)= رت ٿو وهي.

– رَتَ وَرَنو (آبري ٤/١٧)= رَتَ جي رنگ جهڙو.

– رَتَ وَرَنو روءِ (رائو ١/٥)= رت جي رنگ وارا ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙي.

● رَتا = رَتَلَ، ڳاڙها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- روڙئو رَتا گُلَ (مارئي ٨/٣٠)= ڳاڙها رَتل گُلَ چڪي پَئي.

● رَتو = (رَچڻ، مان ماضي) ڳاڙهو ڪيو، رَتل.

- اَجهان راتِ رَتوم (حسيني ١٠/١٢)= اجهان گذريل رات ئي مون ڳاڙهو ڪري رڱيو آهي.

- رَتو رُون (راڻو ٣/٤، رامڪلي ٥/٢٠)= اُهي (ڳاڙهي) رَتَ ڳاڙئون رُئن.

● رَتولُ (سورٺ ٣/٤)= ڳاڙهو رنگ محل. ڳاڙهو رتل.

- ٻرئا رَنگَ رَتولَ (راڻو ٤/١٦)= ڳاڙها رَتل رنگ روشن ٿيا.

رَتي = تور جو ننڍڙو ماڻ. (پنج رتيون= هڪ ماسو). اصطلاح طور: ذرو، ذرڙو.

- رَتي علم نه رَاسُ (آبري ٥/٨)= (پرينءَ جي پسڻ کان سواءِ) ظاهري علم هڪ رَتيءَ جيترو (ذرو به) پورو پکو (مڪمل) ناهي.

- رَتيءَ جي (آبري ٥/١٥)= هڪ لمحي جي، هڪ ذري جيتري.

- رَتيءَ جيترو (مارئي ١١/٢٤)= ذري جيترو.

- رَتيون ٿئين (ديسي ٣/١٠)= ذرا ذرا ٿئين.

- مَڇڻ روهَ رَتيون ٿئين (کوهياري ١/١٢)= متان، اي جبل! تون ذرا ذرا ٿئين.

- رَتي رات (آسا ٣/١٢)= رهاڻ ۾ رَتل رات.

- رَتي روهه (رامڪلي ٧/٩) = ڳاڙهي پيشانيءَ سان، منهن جي ڳاڙهي رونق سان.

- رَتين مولهيين (رامڪلي ٥/٢٨)=ڳاڙهن پڳڙين سان.

رَتيُون (ڪارايل ١/٢٠)= رَتجي پيون، رتائجي پيون.

رُپو (مارئي ٧/٢)= چاندي.

- رُپو ڪَندا رَاهَ (يمن ٦/١٥)= رپو راهه ڪندا، چاندي جا ڍڳ ڪندا (قدر ڪندا ۽ وڏي ڳري قيمت ڏيندا).

- رُپي سَنديُون (پرڀاتي ٢/٢)= چانديءَ جون.

- رُپي راندَ ڪَيائين (ڪلموڏ واڻي ١/١)= (سوال جنهن ڪيو تنهن کي نه سون ڏنائين، باقي) رُپي جي نه راند لائي ڏنائين، لَٽ لائي ڏنائين (سيکنهن کي ڏنائين).

● رُجات = رُجوعات، (ڪنهن ڏانهن) رُجوع ٿيڻ وارو عمل، پوئلڳي، بندگي.

- ڪُوهه راولُ ٻَنِ رُجاتِ (رامڪلي ٢/٢٦)= ڪوهَ ۾ پوي راول نه ٻن ۾ پوي رُجوعات (سندس پوئلڳي)!

● رِجائڻ = زمين کي گهٽو پُسائڻ، پاڻيءَ ڏيئي گهٽو آلو ڪرڻ.

- رِجَائِيندِيَس رَتَ سِين (حسيني ٩/٦)= اکين مان رَت جا ڳوڙها ڳاڙي پُسائيندِيس.

● رِڄ =١. پٽن وارو رڻ جنهن ۾ هيٺ زمين ۾ به ڪٿي پاڻي نه هجي. (ايرندي ناري جي پريان سانگهڙ ضلعي جي اتر- اوير کان وٺي خيرپور ضلعي منجهان ويندي روهڙي تعلقي جي ايرندين حد تائين ۽ اڳتي، ڪٿي وڏي ۽ ڪٿي گهٽ ويڪر واري، پٽن جي ايراضي جنهن ۾ پاڻي ڪونهي ۽ جنهن کي مقامي سنڌي ٻولي ۾ 'رِڄ' ('ر' جي زير سان) سڏجي. هي 'رڄ' پاڻيءَ جي پاڇي واري 'رُڄ' يا سَرابَ کان الڳ آهي). ٢. رڻ بيابان واري رُڄ جتي پاڻيءَ جو ڏيکاءُ هجي، پر پاڻي نه هجي.

- راتيان رِڄ رَهَنِ (کاهوڙي ١/١٨)= رات جو رڄ واري رڻ ۾ رهن.

- روڏ رِجنِ ۾ رُونِ (معذور ٢/٨)= وڏا ڪارا ڪانگ (روڏ) به رجن ۾ دانهون ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رِڃنِ رات رهي (ڪلهوڙي ٢/١٤)= رڃن وارن بيابانن ۾ رات گذاري.
- رويو ڇتان رِڃنِ ۾ (آبري ٩/وائي-٢)=رڻن (رڃن) ۾ هلندي رئندي چوان.
- رِڃنِ جي رَهَنِ (ڪلهوڙي ٢/١٧)= جيڪي ان پٽن تڪرين واري بيابان ۾ رهن جتي زمين ۾ هيٺ گهڻي اونهائي تائين به پاڻي نه هجي.
- رَڃَ، رِڃَ = (جمع) رُڃون، رِڃون جتي پاڻيءَ جو ڏيکاءُ هجي پر پاڻي نه هجي.
- رُڃنِ ۾ رڙ ٿي (معذور ٧/١٩) = (سسئي جي) رڃ واري بيابان ۾ دانهن ٿي.

● رَڃنگَ = ('پَتنگ' سان اچار جي موزونيت جي لحاظ سان آندل)= رڃيل، رڃندڙ (عشق ۽ محبت ۾).
- پَتَنگَ ۾ رَڃنگَ (ڪلياڻ ٤/٣٤) پتنگ (باهه ۾ پئي) پورا رڃن ٿا.

رَڃڻ = پچي ڳاڙهو ٿيڻ، رچي لال ٿيڻ.
- رَڃَنديون ري پاهَ (آسا ٢/٦)= (اکيون) بنا رنگ ڏيڻ جي (بنا پاه جي) خمار ۾ ڪوريون، رچي ڳاڙهيون ٿينديون.
- منجهان راهه رَڃي (آبري ٨/١)= (پنهنجي پنهون جي ڳولا واريءَ) واٽ (جي ڪشالي) مان تون پچي (لال ٿيندين).

رُچڻ = دل کي وڻڻ، آئڙڻ، پسند پوڻ، سيبائڻ، نهي سهڻو ٿي بيهڻ.
- رُوح رُچَندو رَڃُ (رامڪلي ٧/٢)= روح وڻندو ڇُو.
- روح رچنديون (سامونڊي ٤/١١)= دل وڻنديون.
- روحَ نه رُچَنِ رنگَ (سارنگ ١/٣)= روح کي رنگ نه وڻن، رنگَ روح کي نه پسند پون، نه آئڙن، نه سيبائن.
- رُوه رُچَڻ (مارئي ٧/٤)= مُنهن جو مرڪڻ، منهن جو رنگ سهڻو ٿيڻ.

● رَڄَ = وڏا چارَ (جنهن ۾ وڏا مڇ ڦاسن).
- باب تُنهنجي رَڄَ (گهاتو ٢/٢)= تنهنجي باري ۾ رڄ آهي (توکي رڄ ۾ ئي ڦاسڻو آهي).
- رَڄَن رَنگَ ڏِڄَا (گهاتو وائي ١/١)= چارن کي اوهين رنگ ڏجو.

● رَڄَ = ٽانءَ، ٽانوَ.
- رَڄَ پَچندا ڪيئن (رپ ٢/١٤)= ٽانءَ ڪيئن پچي پڪا ٿيندا!
- پَڪا رَڄَ ڪُنڀارَ جا (سنهڙي ١٠/١٥)= (چاڪَ) ڪنڀار جا ٺاهيل ٽانوَ هميشه پڪائي هوندا آهن.

● رَحمَتَ پَريا راڄِيا (سارنگ ٢/١٦)= اي مولي مهربان!

● رَحِيمُ = سدائين ٻاجهارو.
- رازقُ رَبُ رَحِيمُ (ڪلياڻ ١/١)= رزق ڏيندڙ، پالڻهار ۽ ٻاجهارو.

● رَخْتُ = گذر سفر جون شيون، قوت گذران جو سيتو ثمر، شيون.
- رَخْتُ ريزالَن جو (پرياتي وائي ٢/٢)= گذر سفر ۽ قوت گذران، بيواهن ۽ يتيمن جو.

● رُخسارَ (آبري ٦/٢)= ڳل.

● رُخَصَتَ رُئارِين (رامڪلي ١/٣٦)= رخصت سان رُئارين، وڇڻ سان ڏک ڏين.

● رُخنو = رَنڊَڪَ، فتنو.
- رُخنو ڪونه رِهاءِ (آسا ٤/٩)= فتنو نه جُڳائي، رنڊڪ نه نهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● رِداء =(ع.) چادر.

- رِدا آهي رازَ جي (رامڪلي ٣/٢) = راز واري اها چادر آهي.

يا

- رِدا آهي راضِ جي = راضي ٿي رضا سان ڏيڻ واري اها چادر آهي.

رِڏَ = رَڏي ڪندڙ! ڳَهُ ڪندڙ! نتائيندڙ!

- ڪَهُ نہ ڪَتين رِڏَ (ڪاپاتي ١/١١)= اي نتائيندڙ! تون ڇو نٿي چرخو ڪَتين!

● رَڙِ = وڏي آواز واري دانهن، گوڙ.

- سُڻيو رَڙ رَعدَ جي (سارنگ ٢/٥)= جُهڙ ڪَڪَر (رعد) جي گوڙ ٻُڌي.

● رَڙڻ= وڏيون دانهون ڪرڻ.

- رَڙي ربارِڻ روهه (ڏهر ٢/٢١)=ربارڻ بيٺي روئي رڙي.

رِڙهڻ= آهستي آهستي هلڻ، هوريان هوريان اڳتي ٿيڻ.

- رِڙهہ رُوحَانِي سَسُئِي (آبري ٣/١٥)= اي سسئي! تون (پيرن سان پنڌ نہ ڪري سگهين تہ روحاني طور) هوريان هوريان اڳتي وڌ.

● رَسَڻَ = پهچڻ.

- اَچِي رَسُ (سري راڳ وائي ٤/٢)= اچي پهچ، پنهنجي مدد ڪر.

● رَسُ = ٻيڙيءَ جو رسو، جنهن سان ڪنڌيءَ لڳ ٻيڙيءَ کي ڇڪجي؛ ٻڳهہ وارو رسو (جيڪو ٻچاڙيءَ جو ٽو ڇوڙجي).

- ٻاڻُ وَراڪي رَسَ سِين (سامونڊي ٣/٢٩)= ٻاڻ کي ٻڳهہ واري رسي سان وَڪڙ ڏيئي (قابو ڪر).

● رَسُ= محبت جو ميل، پرت جي پورائي.

- رَهيسِ رَسُ (ديسي ٦/١١)= سندس (سسئي جو) رس رهجي آيو (سندس ساراهہ ۾ سَرسي ٿي).

- راتي پاتي رَسُ (راڻو ٧/٥)= راتي مومل کي (محبت جو) رسو ٻڌي قابو ڪيو.

● رَسائَڻ، رسائڻ= پهچائڻ، ملائڻ.

- جو رَينِ رَسائي ڏِنُ (پرياتي ١/٥)= جيڪو رات توڙي ڏينهن جو (رزق رسائي).

- سِڪَ رَسائي (سنهڻي ٢/١٧)= سچي سڪ رسائي ٿي، عاشق کي محبوب سان ملائي ٿي.

- جو مون راتِ رَسائي (ڪنيات ٢/٢٥)= جيڪو مونکي راتو رات (اتي) پهچائي.

- رَسائي ڪيچ کي (معذور ٢/٢٧)= ڪيچ تائين پهچائي.

- نيئي رَسائي ماء (پورب ٢/٥)=وٺي وڃي ماڳ تي پهچائي.

- جي مون راتِ رَسائِيين (ڪنيات ٣/٨)= جي تون مونکي راتو رات (اُتي) پهچائين.

● رَسائِڻ، رَسائڻ=رَسيلو ڪرڻ، ڌاتوءَ کي ڳارڻ پچائڻ.

- رَسائيو رُڪَ کي (يمن ٤/١١)= رُڪ کي رَسيلو ڪيو، ڳاريو پچايو.

● رَسڻ= پهچڻ.

- رَسِج پَبَ ۾ (ڪوهياري ٦/١١)= ساٿي تج پب جبل جي پنڌ ۾، پَب ۾ پهچج.

- رَسَڻَ وير (بلاول وائي ٣/١)=پهچڻ وقت، پهچڻ سان.

- رنج پرِيان کي رَسِئو (يمن ١/٢٥)= منهنجو ڏک پرين کي پهتو (ان جو اثر ٿيو).

- رَسِنا جي رَمزَ کي (سورٺ ٤/١٤)= جيڪي انهيءَ

راز کي پهتا تن اهو گجهه پروڙئو (پارسي پاٺي).
- توکي رَسي تو ڏٺي (ڪليات ٣/٥)= توکي، تنهنجو ڏٺي پهچي.
● رُسَڻ = ڪاوڙجي منهن موڙڻ.
- رُسَڻ سنديون (ليلان ١/٤)= رُسڻ جون رٿون.
- رُني جا رِهاڻ (آسا ٥/١٢)= ('رسڻ' مان رُنو، رُني وقت) محبوب جي رُسندي، محبوب جي رُسڻ واري حالت ۾ رهاڻ (جيڪا عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هلي ٿي).
- رُني ناهي رِيت، پهڻي پاڻَت ناه ڪَرَ (آسا ٥/١٣) = نڪو رُسڻ سان ئي ريت جڳائي، نه نڪو پرچڻ سان ئي ناه نهي.
رَسيلا = رَس وارا. (اصطلاح طور) گهاٽا ۽ چِٽا چمڪندڙ.
- اَڄُ رَسيلا رَنگَ (سارنگ ٢/١٢)= اڄ چٽا روشن رنگ.
رَضا گُهري (ڏهر ٢/١٣)= سردار جي رضا ۾ موڪل گهري (نه هو اتان لڏي وڃن).
رَعدُ = قرآن شريف جي سُوره نمبر (١٣) جو نالو ٢- لفظي معنيٰ: گوڙ (ڪنوڻ واري ڪڪر جي).
- رَعدُ مُڪائون راتِ (مارئي ١٠/٥)= رات ڪنوڻ ۽ گوڙ وارا ڪڪر (مينهن- پريل) موڪليائون.
- سُٽيو رَڙ رَعدَ جي (سارنگ ٢/٥)= رعد واري ڪڪر جي گوڙ پئي.
● رَفاقَتَ (معذور ٦/٣)=ٻيلپو، رفيق ٿي هلڻ واري ريت.
● رَفيعُ الدَرَجاتِ (ديسي ٣/٥)= وڏي درجي وارو.
● رَقصُ= نچ، ناچ، ٽپ، بي حليءَ وارو ناچ، لوچ پوچ.
- رَقصُ پاڳي رَنَ جي (ڪوهياري ٦/٤)= ٻي واهيءَ جي قسمت ۾ بي حالي جي پاڳي ۾ لوچ پوچ.

● رَقيبُ = چوڪسي ڪندڙ مٿان نظرداري ڪندڙ چاري، بدخواهه.
- رَهنُما رَقيبُ (يمن ٢/٤)= چوڪسي ڪندڙ چاري پاڻ رهنما آهي.
- ٿيا رَقيبا رَنجَ (سارنگ ٢/٨)= بدخواهه چاري رنج ۾ پيا.
● رُڪُ = سخت قسم جو هڪ ڏاتو.
- رُڪ ڪَريندا پڌرو (يمن ٤/١٨)= رڪ کي پڌرو ڪندا، چٽو ڪندا.
- رُڪ ڪي (يمن ٤/١١)= رُڪَ واري منزل يا درجي کي، رڪ واري منزل يا درجي تائين، رُڪ واري خالص صورت ۽ حالت تائين.
- رُڪ جو (ڪليات ٤/١٢)= رُڪ جي ترارين جو، وڍ ٽڪ جو، قتل ٿيڻ ۽ سر ڏيڻ جو.
- گـڏي ئي رُڪَ سِين (يمن ٤/١٣)= توکي ڏکڻ سان ڏکي، ڪَٽ ڪيي، رُڪَ جهڙو صاف ڪري رُڪ سان گڏي ملائي هڪ ڪري ڇڏي.
● رَڪُ (جمع. رَڪَ) (ڪليات ٤/١٧)= بي حس، بي اثر، سگهو پر صفا بي اثر، طاقت وارو بي مروت ۽ بي لڄڻ.
- رَڪَنِ ڪرنهي چيتُ (يمن ٤/٩)= بي اثرن کي ڪو سماءُ ئي ڪونهي.
- رَڪَنِ ڪرنهي رَنگُ (يمن ٤/١٠)= سخت دل وارن کي (محبت وارو) رنگ ڪونهي.
- رَڪَنِ ڪانهي راند (ڪليات ٤/١٨)= بي حس ۽ بي اثرن لاءِ کيڏڻ جي مجال ڪانهي، بازي لڳائڻ جي پيٽي ڪانهي.
● رِڪابُ = رڪيبُ (لوهو گولائون پيرڙيو جنهن ۾

پير وجهي گهوڙي تي چڙهجي).

– رڙهي ساڻُ رڪابَ (سنهڻي وائي ١٢/٧)= هادي يا رهنما جو رڪاب (رڪيب) جهلي، رڪاب سان گڏ رڙهي تون اٿين ڪر.

– رِڪابين پيرانِ (ڪنيات ٨/١)= رڪيبن ۾ (سندن پير آهن) يعني رڪيبن ۾ پير وڌا اٿن ۽ چڙهن ٿا.

– وِڌو راءِ رِڪابَ ۾ (ڏهر ١٠/٣)= ١. ڪڇ جي راءِ رڪاب ۾ پير وڌو.

● رِکَ = پناهه، حفاظت.

– رَبَ تُنهنجي رِکَ (سري راڳ ١٣/٢)= اي پروردگار تنهنجي پناهه!

● رَکَڻ = ڌَرَڻ، ريت رسم ڳالهه پوري ڪرڻ.

– رکج جوڳ (رامڪلي ٢٨/٢)= جوڳ جي ريت رسم پوري پڪي بجا آڻج.

– رکجُ حَقُ (سنهڻي ١١/٩)= توتي جيڪو حق آهي سو سنڀالي پورو ڪج.

– رَکِنو پَٽُ (مارئي ١٨/٩)= پَٽُ رکنو، پردو رکيو.

● رڳُن ۾ (ڪلياڻ ١/٢)= جسم جي جٽرين رڳن ۾.

– رڳُون سُوجهڻ، رڳُون سُوجهي ڇڏڻ (يمن ٥/٢)= ساهه واريون رڳون جهلي وڃي ڇڏڻ ("جانور کي ذبح ڪرڻ ۽ سِير وهائڻ وقت کي ساهه واريون رڳون رهجي وڃن ته پيو ڦٿڪندو: اهڙي حالت ۾، وري اهي رڳون جهلي سُوتي سوليون ڪري وڃي ڇڏبيون ته جئن ڦٿڪڻ لهيس ۽ ذبح ٿي وڃي. جانور جي ڦٿڪڻ وقت سير وجهڻ واري کي پيا چوندا ته "رڳون سوجهي ڇڏ!" = سوتي سوليون ڪري وڃي ڇڏ، هٿيڪون ڪري جهلي وڃي ڇڏ.

● رڳيائي راحتَ (معذور ١/وائي، ڪوهياري ٤/٤) = (هوت پنهون ۽ جو درد محبتيءَ لاءِ) سراسر راحت ئي راحت آهي.

● رِلي = اي رُليل! اي مُوڙهل!

– رِلي پانيـڻ راندِ (حسيني ٨/٥)= اي مـوڙهل (سسئي) تو پروچ (پنهون) جي عشق کي باراڻي راند ڪري پانيو!

● رَمزَ = راز واري ڳالهه.

– جان رَمزَ پَرُوڙيم رُوءِ (يمن ١٢/٦)= جئن جو مون راز جو رخ صحيح ڪيو، رازواري ڳالهه کي چٽو سمجهيو.

– رَمزَ پَرُوڙيئون راز (ڪلياڻ ٣٦/٤)= راز جي رمز کي پروڙيئون، (جيري جي جيي جي) رمز ۽ راز کي سمجهيائون.

● رُمُوز = 'رمز' جو جمع، رمز واريون حقيقتون.

– رُمُوزَ سِين (رامڪلي ٣/وائي)= رَمزُن سِين، ڳجهه وارن اشارن سان.

– رسي ان رُمُوز کي (ڪاراڻل ٦/١)= انهن رمزن کي پهچي، ڳُجهَن اشارن کي پروڙي، ڳجهين ڳالهين کي سمجهي.

● رَمَڻ (فارسي. رَميدن) = هلڻ، وڃڻ، روانو ٿيڻ.

– انهين راهَ رَميجُ (سنهڻي ١٠/٩)=انهين واٽ سان هلج.

– رِينگِڙِ يارا رَميا (رامڪلي ٢٢/٦) = اهي لانگوتيءَ جي لينگ وارا هليا ويا.

– راوَلَ ڏِکي رَمنا (رامڪلي ٢٧/٥)= اهي راول لباس پائي روانا ٿيا، اهي شهزادا ويراڳين وارو ويس ڏکي هليا.

– رَمُ رَباني راهَ (آسا ١٨/١)= رب واري راهه وٺي هل، ايمان ۽ سچائي واري واٽ وٺي هل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رَمَنِ مٿي راهَ (رامڪلي ٦/٨)= واٽ وٺي پيا پنڌ پر هلن.
- رَمِجِ راڻي پٽ ۾ (راڻو ١/۴)= راڻي جي پٺيان هلج.
- راتِ رَمَدي ڀولَ سِين (آسا ٣/٦)= پياري سڄڻ سان رات گذاريندي.

رَنجُ = درد.

- رَنجُ پِرِيان کي رَسِيو (يمن ١/٢٥)= منهنجو ڏک (رنج) پرين تائين پهتو (انهن کي منهنجي ڏک جي خبر پئي، انهن تي منهنجي ڏک جو اثر ٿيو).
- رَنجُ رکي وِيو (راڻو ٧/٧) = (مومل مٿان راڻو رنج رکي ويو، مومل کان رنج ٿي ويو.

● رَنجاڻو (حسيني ١١/١) = درد، ڏک.

- راڻو رَنجاڻو (ديسي ۴/١٠)= هڪ واٽ ۾ واءُ وارو راڻو (ريٽي واري هوا ۾ پٽرين واري واٽ) ۾ پئو درد ۽ ڏک.
- کِي رَنجائي راندِ (ڪنيات ١/٣)= رنجائي (سور ۽ درد) راند لائي ڏني (تمام گهڻو آزاريو).
- راتِ رَنجائي گُذري (ڪوهياري ٥/١٠)= سڄي رات رنج ۽ غم واري حالت ۾ گذري.

● رَنجوري = جن کي درد آهي، جيڪي سور وارا آهن، درد جا ماريل آهن.

- رُڪَنِ رَنجوري (يمن ١/٢٢)= جن کي درد ۽ سور آهي سي پيا رڙن ۽ ڪنجهن.

رَنڊُ = گس، پيچرو، رستو، واٽ.

- رِڙهي لَڏائون رَنڊُ (رامڪلي ٥/١۴)= آهستي آهستي هلي به وڃي رستو لڏائون.
- رَنڊ نه سي رِڙهَنِ (ڪاهوڙي ٣/٣)= سي عام گس سان نه رڙهن، نه هلن.
- رِڙهي رَنڊِ پِرِينِ جي (ڪنيات ۴/١٠)= محبوبن جي واٽ سان هلي.
- وَڃي ويهج رَنڊُ (ڪلياڻ ۴/٢٦)= اهو رستو وٺي ويهج، جهلي ويهج.
- راهَ چُمي ٿي رَنڊُ (بروو ٣/١)= (زمين به) محبوبن جي پيرن واري واٽ کي چمي ٿي.
- رَنڊَن ۾ (حسيني ۴/٩)= گسن پيچرن ۾.
- سَتي رَنڊنِ رُوِنِ (آبري ٧/٩)= راهن تي روئن، واٽن تي روئن.

● رِنڊُ= بلوچن جو هڪ وڏو قبيلو، (اصطلاح) صوفين جو هڪ گروهه جيڪو عام اعتقادي ريت رسم کان انحرافي رنگ وارو، وڏي توڪل ۽ همت وارو، نتيجن کان بي پرواهه.

- رِنڊَ رَسائي لاهِ (سورٺ ٣/١١)= اي رند، اي وڏا بي پرواهه سخي راهه ڏيارج، (منهنجو راز پنهنجي راز سان) رسائي ملائي پنهنجو سر وڍي لاهه.
- روزا رِنڊَ رکَنِ (رامڪلي ٥/١٠)= اهي رند روزن (اڄ بک) ۾ آهن.

● رِنڊي= رندن واري رسم، هڪ ڳالهه ۾ هڪ خيال وارو جذبو، محبوب سان ملڻ خاطر جنون ۽ مستي وارو جذبو، ڪنهن اعليٰ منزل ۽ مقصد تي رسڻ وارو اڻ- ٽر ارادو، هڪ ئي محبوب جي خيال وارو اٽل ارادو.

- رِنڊيءَ رَسائي ڪِنا (ڪلياڻ ٢/٢)= محبوب سان ملڻ واري اڻ ٽر ارادي انهن کي محبوب تائين پهچايو.

● رَنڊا=سٽ جون تندون يا سُٽ جا ڌورا جيڪي لسا ۽ صاف نه هجن پر جن ۾ ڳنڍيون ڳوڙها هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— رَنڍا رِيڙِيا جَنِ (ڪاپاٽي ١/٢٠)= جن ڳنڍين ڳوڙهين وارين ٿلهين تندون ڪيون، جن ٿلهو ۽ ردي سُٽ ڪتيو.

● رَنگ= ڪنهن به قسم جي رنگيني (اصطلاح) ١. اثر، لاڳ ٢. تماشو، ڇهچٽو، لقاءُ.

— رُڪَ جو آهي رَنگُ (ڪلياڻ ٤/١٢)= رُڪَ (ذاتي) وارو رنگ.

— رَڪَنِ ڪونهي رَنگُ (يمن ٤/١٠)= بي اثرن (رڪن) کي رنگ (جو اثر) ئي ڪونهي (انهن کي رنگ ئي نٿو لڳي).

— رَنگَ ڏِجَا (گهاتو وائي ١/١)= ضرور رنگ لائجو.

— رَنگ ۽ رُوپ (ڪلياڻ ١/ ٢٧)= ڪاراڻ اڇاڻ وارو مخصوص رنگ ۽ صورت.

— رَنگ ٻِوٽ (راڻو ١/٢)= رَنگ ۾ ٻريل، رنگ ۾ لُڙاتيل.

— رَنگ رَتول (راڻو ٤/١٦)= رنگا رنگي چِٽا پٽا ڳاڙها جنسار (هندورا، ڳاڙها پلنگ وغيره).

— رَنگُ ڪِئو (سنهڻي ١٠/٩)= رنگ ڪيو.

— رَنگُ نَہ مَٽائين (رپ ٢/٢٠)= اهي سهٽا گل پنهنجو سهٽو رنگ نہ بدلائين.

— رَنگا رَنگي راهَ (ڪوهياري ٤/٢)= گهڻن رنگن وارو سمان، (اهو سمان، عاشقن سان محبوبن جي ان رنگين رَوِش جو جهلڪو آهي جنهن ۾ ڪاري پاه ۽ ڳاڙهي رڱ جي آميزش آهي.

● رَنگَ= سَوائي، تور ۽ وزن کان ڪجهہ وڌيڪ (ورتل شيءِ جي تور کان پوءِ، وٺندڙ دڪان واري کان گهر ڪري رنگ وٺندو ۽ چوندو تہ: 'مٿان ڪجهہ رنگ وجهي ڏي'. پر 'رَنگ' ساڳي ورتل شيءِ جي ملندي، پي شيءِ جي ڪانہ ملندي).

— رَنگَ ڪتوري گهرين (سري راڳ ٣/١٣) = (تون وٺين لوڻ ۽ وري) رَنگ گهرين ڪتوريءَ جي!

● رِنَ (جمع) رِنُون= زال، بيواهہ زالون، رلندڙ زالون.

— رِنُن کي (آسا ٤/١٠)= زالن کي.

● رِڻ = بيابان.

— رِڻ اوڪارِئين (بلاول ١/٧)= رِڻ اُڪرندڙن، رڻ کي پار ڪندڙن.

— رِڻُ ڪِئو (راڻو ٧/٣)= وڏي تباهي ڪئي.

● رِڻِ جهڻِ (رامڪلي ٤/٦)= آهستي آهستي ذڪر وارو آواز. اورڻ، نام جپڻ. وروڻهہ. سڪ واري يادگيري.

— رِڻِ جهڻِ سَندي سَجڻين (ڏهر ٥/٢١)= محبوبن سندي وروڻهہ، سڄڻن جي سڪ واري يادگيري.

● رُڻڪَ = رُنِڻ ۽ درد جي دانهن جو هلڪو مسلسل آواز، ڪنجهہ.

— رَنجورن رُڻڪَ (يمن ١/٢٣)= درد مند جي درديلي ڪنجهہ.

— رُڻڪَنِ رَنجوري (يمن ١/٢٢)= درد ۽ آزار وارا (عاشق) پيا سُور ۾ ڪنجهن.

● رَواجي = عام رواج واري، عام ريت.

— ڇڏي راهہَ رَواجي (آبري ٩/وائي-١)= عام رواج واري واٽ کي ڇڏي.

● رَوازي = رواجي، ڪوڙو (سچو خالص نہ).

— رِيو رَوازي (سريُ راڳ ٤/٥)= مَٽ ڳنڍيل چاندي، ڪوٺاريءَ ۾ لڳل چانديءَ وارو فاسد مواد.

● رَوان (ديسي ٧/٣)= وهان.

— رَوان ٿيا (پورب ١/١٢)= تيز تکڙا هليا.

● رُوپ (رامڪلي ٥/٢)=صورت، مهانڊو، لباس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– رُوپ سِين (آبري ٦/٢)=سونھن واري وڏي رنگ سين.

● روڇھ (جمع) روڇھڙيون (ديسي ٥/٢)= روڇھ جانور.

● رُوحَ = جسم ۾ اندروني پاڪيزه قوت. (اصطلاح طور) دل جان، ساھُ پساھُ.

– رُوحَ ۾ آئا (سارنگ ١/١٢)= ساھ ۾ سمائجي ويا، دل تي چڙھيا، ياد پيا.

– منجھان رڳُن رُوحُ (يمن ٦/٨)= رڳن مان ساھ.

– روحَ تَني ساڻُ ريھي (ڪنيات ١/وائي-١)= روح جو تن ساڻ ريھ آھي، روح ڏن سان ريھيل آھي، ريھ سان ڳنڍيل آھي.

– رُوحان اندر روھ (پورب ٢/١٧)= روحاني طور اندر ئي اندر ۾ روئي.

روڏ = رڃن وارا وڏا ڪارا ڪانوَ.

– روڏ رِڃَنِ ۾ رُوڻِ (معذور ٢/٨)= بيابان وارا ڪانوَ بہ رڃن ۾ بي حال ٿي دانھون ڪن.

– روڏ رِڃن جا (معذور ٧/١٣)=رڃ جا وڏا ڪارا ڪانگ.

● روڏا = اُٺَ (ڏيرن جا).

– روڏا ڪري رِئي (ديسي ٥/١١)= اٺ تڪا ھلندي متي اڏاريندا.

– رَوڏا رِنگائي (ديسي ٦/١١)=اٺن کي رڙيون ڪرائي.

روڙڻ = (ڪوريءَ جو اصطلاح) چِپنيءَ سان زور ڏيئي، ڳنڍين ڳوڙھن کي سنواري، تند يا ڏوري کي صاف سٽو ۽ لسو ڪرڻ.

– رَنڍا روڙيا جَنِ (ڪاپائتي ١/٢٠)= جن تلھا ڏورا ڪتيا.

روش (بلوچڪي)= روز.

– روش مَروشِي روش (ديسي ٧/٧)= روز اجوڪي روز، اجوڪي ڏينھن.

● رَوگُ = بيماري، خرابي، خلل.

– راوَلَ وَڏو روگُ (رامڪلي ٢/٢٨)= اي پيارا (راول) اھو وڏو مرض آھي، وڏو خلل آھي.

● رُوم = قرآن شريف جي سُوره (نمبر ٣٠) جو نالو.

– منجھين 'رُوم' رَھَنِ (مارئي ١٠/٨)= سوره 'روم' ۾ سمايل فڪر ۽ رھنمائي تي سوچ ويچار ۾ رھن.

● رُومي = مولانا جلال الدين رومي (٦ ربيع الاول سنہ ٦٠٤-٥ جمادي الآخر سنہ ٦٧٦ھ) مشھور ڪتاب "مثنوي" جو مصنف، شمس تبريزي جو مريد، ترڪي جي شھر قونيا ۾ مدفون.

– اِيءَ رومِيءَ جي رُوھ (ڪلياڻ ٢/١٦)= مولانا روميءَ جي فڪر جي اھا صورت حال آھي.

– رُومِي جو آھي (ڪلياڻ ٢/١٨)= مولانا رومي جيڪو ان فڪر جو صاحب آھي.

– اَندَر رُومِي راءِ (ڪلياڻ ٢/١٧)= اندر ۾ وڏي نظريي (راءِ) وارو مولانا رومي.

● رُونِ = رُئن، روئن.

– سي نہ رُونِ نہ ڇُونِ ڪِين (يمن ١/٢١)= سي نڪي رُئن، نڪي ڪجھ چَون.

– رَتُ ڏيھاڻي رُونِ (ڪلياڻ ٤/٧)= روزانو رت جا ڳوڙھا ڳاڙين.

– پَنِي وِينا رُونِ (ڪوھياري ٢/١٤)= پٻي (اسنئي ۽ جبل) وينا رئن.

– نيڻ مُنھنجا رُونِ (ڏھر ٤/٩)= منھنجيون اکيون پيون رئن.

– سي مَرُ رويو رُونِ (آبري ٧/٩)= سي ڀَل پيون رئن.

● رُونٽو = رُونٽي ھٿ وارو لڱو مڱو.

- ڏِيان جو روئي (ڪنيات ٢/٥)= جيڪو پيغام آءُ رئندي ڏيان.
- روئي ڪَندِيَس ڪوه (حسيني ٩/٧)= روئي ڇا ڪنديس (منهنجي روئڻ سان ڇا ٿيندو).
- روئي رُوپُ وِڃاءِ (حسيني ۴/١٢)= (پنهنجي پنهونءَ خاطر تون پب پهاڙ ۾ رُلي) روئي پنهنجي سونهن صُورت وڃاءِ.
- روئِي ڏِنو رَنگ (معذور ١/٩)= رَت جا ڳوڙها ڳاڙي ڳاڙهو رنگ ڏنو.
- رُئندي سا رَتَ ڦُڙا (حسيني ٧/٩) = سا رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي.
- رويو رويو رُوِن (سارنگ ١/١٥)= روئي روئي وري رُئن.
- رويو راتڙي وهامي (يمن ١/٢٢)= رئندي رات وهامي، رئندي رات ڪٽين ٿا.
- رويو رويو روه (آبري ٧/٧)= روئي روئي وري روئي.
● رَهُ= بيهه، پاڻ جهل، پوئتي ٿي.
- رَهُ قَضا دَمُ ڪوئي (آبري ٧/۴)= اي قضا! ڪا گهڙي ترس، ڪو دم بيهه.
● رَهَ ۾ (آبري ۴/١٩)= راهَ ۾، راهَ جي ڏکي پنڌ ۾.
● رِهاڻ = پاڻ ۾ ورونهه، ڪچهري.
- رَتيءَ جي رِهاڻِ (آبري ۵/١۵)= هڪ گهڙيءَ جي (محبت واري) ورونهه.
- اِيءَ رُوميءَ جي رِهاڻ (ڪلياڻ ٢/١٩)= اها گفتگو ۽ سمجهاڻي مولانا روميءَ جي آهي.
- مَجُڻُ ڪا رِهاڻِ (حسيني ٣/۵)= متان ڪا رهاڻ.
- مليجُوني رِهاڻِ (حسيني ۴/٢١)= مجث جهڙي ڳاڙهي رنگ واري (محبت ۾ لال، دل گهري) ڪچهري.
- راتو ڏِينهن رِهاڻَ (ڪاموڏ ۴/۴)= رات ڏينهن (هر وقت هر گهڙي) محبت واري ڪچهري.
- روئي ڪِجِ رِهاڻَ (مارئي ٩/١۵)= تون محبت جا ڳوڙها ڳاڙي قرب واري ڪچهري ڪج.
- رِهاڻِ ڪِي (راڻو ٨/٧)= پياري وٽندڙ ڪچهري لاءِ، رهاڻ لاءِ.
- راڻي جِي رِهاڻِ مان (راڻو ١٠/١)= سوڍي راڻي جي ڪچهريءَ مان (تصوف جي لحاظ سان، نبي صلعم جي ڪچهري مان، سندس ڏنل تعليم جي ڄاڻ مان).
- رِهاڻِين (ڪوهياري ٢/١٢)= (ٻولي آهي) رهاڻيون، ڪچهريون.
- رِهَاڻِيون = محبت ڀريون ڪچهريون.
- راڻا رِهَاڻِيون (راڻو ٨/١٢)= اي راڻا، تنهنجيون محبت ڀريون ڪچهريون.
● رِهائڻ = جڳائڻ، پورو ٿيڻ، بيهڻ.
- رُئڻ مُون نہ رِهاءِ (ڪوهياري ٦/۵)= رُئڻ مون کي نٿو رهائي، رئڻ مون کي نٿو جڳائي.
● رَهبَر = سونهون.
- رَهبَرُ ٿِيندءِ راهہَ ۾ (ڪلياڻ ۴/٢٢)= رستي ۾ تنهنجو رهنما ٿيندو.
- رهنما راهہ ٿئو (آبري ١٠/٣)= (پنهونءَ جي وڇوڙي ڏيڻ) وارو اهنج پاڻ راه جو رهنما (سونهون) ٿئو.
● رَهيا = (ٻولي آهي) ٿي رهيا، بيٺا، هيٺا ٿيا، رهجي ويا، ڪنهن ڪم جا نہ ٿيا.
- هَتي رَهيا حِيلا (سنهڻي ٢/۵، ٢/٨) = هاءِ، سڀ حيلا بيڪار ٿي رهجي ويا.
- رَهي وِينمِ راسِ (مارئي ١٠/٧)= نهي جڙي وينا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- رَيائين = پوريءَ طرح پري پُسايائين.
- ريجي رَيائين (سارنگ ٣/٩)= سڄي ملڪ کي رِڃايائين ۽ پاڻيءَ سان پريائين.

ريبڻ = ڏتارڻ. نگڻ. پِلائڻ.
- رامَ تنهين کي ريبِيو (رامڪلي ٢/٢٤)= رام تنهن کي پِلايو.
- ريبي (ڪاپائتي وائي ٢/١)= ڏتاري.
- ريبي تانَ مَ رَهايو (آبري ١/وائي-١)= مون کي ڏتاري جهلي وهاري نه ڇڏيو.

● ريبارو (راڻو ١٠/٣)= قاصد.

● ريبارڻِ (ڏهر ٣/١٠)= ريبارين جي قبيلي جي عورت (جنهن کي ڪيچ جي راءِ ڪنگهار پاڻ وٽ وهاريو جو هو مٿس موهت هو. ڪيچ جي روايت موجب ريبارڻ سهڻي هئي ۽ سندس نالو ٿي چنيچل هو. ريبارڻ راءِ ڪنگهار کي پنهنجي محبت ۾ قابو ڪيو. انهيءَ لاءِ ته لاکي کي روڪي، ڇاڪاڻ جو لاکو ريبارين جي وڳن جون لوڙيون هٿندو هو).
- ريبارڻِ روئي، واڙي وِڏا وَڃَڙا (ڏهر ٣/٢٢)= ريبارڻ روئي وڇڙا ورائي واڙي ۾ وڏا.
- ريباري رَهي وِيا (ڏهر ٣/٣١)= ريبارين جي لَڏ لڏان ختم ٿي ۽ هو هاڻي ٿانيڪا ٿي هميشه لاءِ رهي پيا.

● رِيتِ (آسا ٥/١٣)= (اصطلاحي معنيٰ) جيڪي ڪجهه ڪرڻ جڳائي، جڳائتي رَوِش.

ريتو (آسا ٤/١٢)= ٻانڌڻي مثل ٻَڌل ڳاڙهو پوتڙو (ٻارن جي پاڻ لاءِ)، مَلِيرُ. ڇِتي ڳاڙهي رنگ ۾ رڱيل ملير، هڪ خاص رڱيل ڳاڙهو بوڇڻ.
- رڱي پَسُ ريتو ڪِيا (راڻو ٢/٧)= عشق ۾ رڱجي رڇي وِئا.
- ريتو ٿِئا (راڻو ٢/١٥)= ريتي وانگر رنگ ۾ سهٽا لال ٿيا.

● ريٽ= ريٽ= ريٽي مثل ڳاڙها سهٽا ڪپڙا.
- هِتِ رَچائِن ريٽ (مارئي ٥/١٨)= هت (عمرڪوٽ ۾) ڪپڙن کي ڳاڙها لال رنگ ڏين.

● ريجاٽي = ريج واري زمين.
- رِڙهنو ريجاٽِي چِٽِين (ڏهر ٥/٦)= تون آهستي آهستي وڌي وڃي ٿو ريج واري زمين ۾ چُڪِين.

● ريجَڻ = پاڻيءَ ڏيڻي زمين کي رِڃائڻ.
- ريجي رَيائين (سارنگ ٣/٩)= ملڪ کي رِڃائي پاڻيءَ سان پريائين.

● رِيجهه=خوشيءَ واري ريت رسم، خوشيءَ واري رهاڻ.
- رِيجهه ڪرڻ= خوشي ڪرڻ، گهڻو راضي ٿيڻ.
- ريجهه ڪيائون (سارنگ ٤/٤)= گهڻي خوشي ڪيائون (وڃڙيون ريجهي خوش ٿي گهڻو وسيون).

● رِيجهائِڻَ = (پنهنجي رهاڻ سان) خوش ڪرڻ.
- راءُ رِيجهائِڻ آئِيُون (ڪاموڏ ٢/٢)= راءِ کي ريجهائي آيون، خوش ڪري آيون.
- جَنِ ريجهَايا رَاڄِيَا (پرڀاتي ١/٢٠)= جن (منگتن ساراهڻ ۽ ڳائڻ سان) راڄن جا سردار ريجهايا، راضي ڪيا.
- رِيجهائي رُموزَ سين (رامڪلي ٣/وائي) = رمزن سان ريجهائي، نزاڪت وارن اشارن سان خوش ڪري.

● رِيڏا پَسِي رَنگُ (سورٺ ٢/٥)= راڳ جو رنگ پسي راضي ٿيا، خوش ٿي پيا.

● ريڏائي = نه نهڻ واري ارڏائي، ڏنگائي.
- چَڏِ راڻا رِيڏائي (راڻو ٤/٦)= اي راڻا! ارڏائي،

● زرخريد= ورتل، مُلهه سان ورتل.

- زرخريد جتن جي (ڪوهياري ۴/۷)= بلوچن جي خريد ڪيل.

زنانو= عورتائو.

- ايءَ زَنانو جوڳُ (رامڪلي ۲/۲۴)=اهو ضعيف (زنانو) جوڳ آهي.

- هَتين هَٿَ زَنجيرَ (مارئي ۵/۲۱)= هٿن ۾ زنجير.

● زُمرِ (مارئي ۱۰/۱)= قران شريف جي سوره جو نالو (اصطلاحي معنيٰ) جماعت، ٽولو، ميڙ.

● زنجير= لوهه جون ڪڙيون.

- هَٿين هَٿَ زَنجيرَ (مارئي ۵/۲۱)= هٿن ۾ زنجير.

● زور= زبردستي، سگهه، ڏاڍ، ڏاڍو تکو.

- جَتُ وجي تو زور (آبري ۸/۱۰)= جت تکو ٿو وڃي، زوري ڪنيل جت ٿو وڃي.

- زورِ نه (سامونڊي وائي ۲/۱)= زوري نه.

- ڏاڍي زور وِئام (آبري وائي ۶/۱)= ڏاڍي زور سان مون کان ويا.

- زور پريون زَبَرونُ (راڻو ۳/۷)= زورائتا ڏک.

- زوراوَرُ زنجير (آبري ۷/۵)= زبردست زنجير.

● زورو= ڏاڍائي.

- زورو هنِ ضَعيفَ سين (ڪوهياري ۵ وائي)=هن مسڪين سان ڏاڍائي.

● زَهرُ= وِهُ.

- زَهَر پِياڪِ (يمن ۶/۵)= جيڪي زهر پيئندڙ آهن، زهر پيڻ جن جي عادت آهي.

● زِيان= نقصان، ڪيس، هاڃو.

- جاڙيجو زيان ڪيڏو ڪري ويو ڪڇ سين (ڏهر ۲/۱۶) =لاکو (جاڙيجو) ڪيڏو نه وڏو نقصان ڪڇ ۾ ڪري ويو!

- جانِبَ تُون زِيانِ (يمن ۳/۴)= اي جانب، تون ايڏا زيان ٿو ڪرين، اي محبوب تون ايڏا نقصان ٿو ڪرين!

- جيڏيون هِي زِيانُ (حسيني ۶/۲۰)=سرتيون هي نقصان.

● زيب= زينت، سهڻائي.

- زيب زيان سين (ڪلياڻ ۳/۱۵)= زيان سان يا زيان تي سهڻيون مٺيون ڳالهيون.

● زيرِ=زيريون، پيڙيون، هيٺ ٽنگن ۾ لوهيون ڪَڙيون.

- زيرِ پَيَنِ جي ڪي (مارئي ۹/۱۷)= جيڪي زيريون پيل، ڪڙيون پيڙيون پيل.

- زيريين پيڙين لوهه ۾ (مارئي ۶/۲۲)= هيٺ پيرن تائين لوهه جون پيڙيون.

- زيريون لاهه ضَعيفَ تان (مارئي ۲/۱۴)= هن هيٺي تان پيرن واريون لوهيون ڪڙيون لاهه، هن هيٺيءَ تان بند لاهه.

- زيريون ۽ زنجيرَ (مارئي ۵/۱۷)=لوهي ڪڙيون ۽ زنجير.

- زيريين پيڙين لوهه ۾ (مارئي ۵/۲۲)= زيرين پيڙين سان انهيءَ قيد بند واري حالت ۾.

● زِينَ= هڪ سهڻو سنجُ جيڪو سواريءَ لاءِ گهوڙي جي پٺيءَ تي رکجي.

- آهِ احاطو زِينَ (آسا ۴/۱)= (طنبيلن ۾ بيٺل گهوڙن جو) تعداد، زين جي سنجنِ (جي تعداد) مان ڪجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا= 'جا' جو جواب. اُها. ساڳي.
- سا پَرُوڙِ ڳالهڙي (سري راڳ ١/٦)= اها ('ويمي' واري، خاص راز واري) ڳالهه سمجهه.
- سا نه ڪري ڳالهڙي (ڪليان ٢/١)= اها (راز واري) ڳالهه ظاهر نه ڪري.
- سَا اُڄ بُکَ آديسِينِ (رامڪلي ٥/١٠)= اُها (بُتن واري براد) آديسين لاءِ اُڄ ۽ بک آهي (هنن لاءِ براد بدران اُڄ بک وڏيڪ آهي).
- سَا آتِش آبُ ٿِئي (رامڪلي ٢/٣٢)= اها باهه پاڻي ٿي پوي.
- سَا تَان تُون سَنڀالِ (معذور ٤/٢١)= = اها خاص ڳالهه. (اَلَستِ بِرَبڪم قالو بليٰ) واري، ته تون ياد ڪر (جيڪا تو پنهنجي پياري سائين سان ڪئي!)
- سا پَرِ آءُ نه سِکَنو (پرڀاتي ٢/١٢)= اها ريت رسم آءُ نه سکيس (راڱيندڙن واري).
- سَا پَرِ سُورَنِ ساڻُ ٿي (پروو ٣/١٢)= منهنجي سورن ساڻ به ساڳي سختي ٿي (۽ سور پيچي پري ٿيا).
- سَا پَرتي نَه ٿِئي (آسا ٥/١٢)= سا (اها رهاڻ اهڙي مٺي آهي جو اُن جهڙي) پَرچندي به نه ٿئي.
- سَا پَرُوڙُ (رامڪلي ٥/٢٣)= اها (ڳالهه سمجهڻ، صحيح ڪرڻ.
- سا سِتَر نه سيڪارِين (يمن ٥/٧)= اها (اعليٰ مقصد واري) هڪ ئي ستر (ست) نه پڙهائين!
- سا سُئي (پرڀاتي ٢/٢٣)= اُها ٻڌي.
- سَا ڪِيئَن پُونه اڳاهين (آسا ٣/وائي-١)= اها پيٽي يا جاءِ پري ڪيئن ڇنجي!
- سَا مُون ڳالهه سُڻايو (آبري ٣/وائي)= (هوت پنهون وچڻ وقت جيڪي چيو) اها ڳالهه اوهين مون کي ٻڌايو.

● سات= ساعت= محل، گهڙي، وير.
- اَڄَڻِ جَهين سات (ڪنيات ٢/١٦)= جنهن ساعت اهي اچن.
- اُنِي ڪي ڪَنهِ سات (ڪليان ٤/٣)= انهن کي ڪنهن ساعت ۾، ڪنهن گهڙي ۾، ڪنهن وقت ۾.

● ساٿُ= قافلو، ساٿين جو قافلو، ساٿين جو سُنگ ۽ سنگت.
- سَاٿ پِريَان جي سَڌَ (حسيني ١/١)= سڄڻن جي ساٿ جي سڌ سان (تنهنجو ملڻ ٿئي).
- سَاٿ نِبَاهيو نِين (آسا ٥/٦)= (اهڙي طرح) قافلو (ساٿ) توڙ منزل تي پُهچائين.
- ساٿَ هٽڻ= ساٿ کي ڦرڻ، قافلي کي لُٽڻ.
- هُتي ساٿَ هيڪَلي (ڏهر ٣/٢٣)= لاکو هڪ ئي وقت سڀ مال يڪو گڏ تو ڪاهي (ڪا ڇڏي ئي ڪونه ٿو، جو پاڻي تي موٽي).

● سَاتَرُ = (عربي لفظ "صَعتر" جو سنڌي اُچار) هڪ ٻوٽي جو نالو (ٻه قسم: هڪ ڏگهن پنن واري ساتر ۽ ٻي گول پنن واري) جنهن جا پن دوا طور ڪم اچن (اصطلاح طور) دوا، علاج، شفا.
- ساتِرِ آهي سِپِرين (يمن ٢/٤)= منهنجو محبوب منهنجي درد جي دوا آهي.
- سَاتَرُ صحت سِپِرين (يمن ٢/٥)= ساتر ۽ صحت سڄڻ ئي آهي، صحت لاءِ دوا (ساتر) محبوب آهي، سڄڻ پاڻ سراسر صحت بخشيندڙ آهي.

● سَاٿِي = ساٿ وارا (پُنهونءَ جا ٻائر). (سڄڻ، پيارو) رفيق.

ـ ساٿِي توءِ هَلَنِ (حسيني ٤/٧)= ساٿ وارا تہ بہ وڃن (جيتوڻيڪ ڪٺي پنهنجا وار وڃايان).

ـ ساٿِي سَفَرِ هَلِئا (سامونڊي ١/١٥)= منهنجا سَڄڻ سفر تي هليا، سفر تي هلڻ وارا ٿيا.

ـ ساٿِي ٿيندو (حسيني ٨/٢)= پيڙو ٿيندو بيلي ٿيندو مددگار ٿيندو.

ـ ساٿِي پُڇِي سُکَ (معذور ٦/٣)= سُکَ پيو ساٿي پڇي (پر ملي ئي ڪونہ).

ـ ساٿِي ڏيجُ سَنيھَڙو (ڏهر ٤/١٣)= اي ساٿي! منهنجو پيار جو پيغام ڏيج.

ـ ساٿيَنِ سَنئين نہ جاڳِئين (حسيني ٤/٦)= ساٿ وارن (ڏيرن) سان ان ساڳئي وقت نہ جاڳئين.

● سالُو= سارين، ڪڻڪ وغيره جو سنڪو (سالو ڪندا يعني موڙيون ٺاهيءَ، سنگن واري چولي زمين تي سٽيندا، جنهن سان سنگ سنجي ويندا ۽ انهن مان داڻا ڇڻي جدا ٿي ويندا).

ـ جا پِرِ سالي سَنگَ (بروو ٤/١٤)= سالو جيڪا حالت سنگ سان ٿو ڪري.

● سالُو= سَنُو، سودو.

ـ سَالي ڏِيَان (رپ ١/١٤)= سودي ۾ ڏيان، سودي جي واڪَ ۾ ڏيان.

● سالِي = مڇيءَ وارا مُهاڻا.

ـ ويھِي ساليَنِ وِچَ ۾ (ڪلموڏ وائي ١/١)= مڇي مارينڊڙ مهاڻن جي وچ ۾ ويهي.

ـ سائينِ جِي (ڪلموڏ ٢/٧)= مڇيءَ وارن جي.

ـ سائين جي لَڏُ (ڪلموڏ ٢/٧)= مڇي وارن جو لڏو.

● سالُ= شاديءَ جا سوڻ ۽ سينگار، خوشيون.

ـ سالُ ڪِجَنِ (سارنگ ٣/١٥)= مينهن لاءِ (ڪڪرن، گوڙن، ڪنوڻين وڏ ڦڙن واڪن جونءا) رنگ رونقون ڪن.

● سائيڪا=اونهان سٺ پُرهہ ڪُرهَہ، اونهان تـڙ (ٽڙ ءِا).

ـ جِتِ سائيڪا سَٿِيون (مارئي ٨/٢٢)= جتي اونهان تڙ (سائيڪا) آهن ۽ جتي سَٿَ واريون سَٿيُون آهن (جيڪي پاڻي ڀيون ڀرين).

ـ سائيڪَنِ تي (مارئي ٨/١٤)= انهن کوهن تڙن تي جيڪي سٺ پرهہ اونهان آهن.

ـ جَنِ سائيڪا سِنجِئا (مارئي ٨/١٦)= جن ماروئڙن اونهن کوهن (سائيڪن) تي والِجَھ وَرَتَ رکيا ۽ پاڻي ڪڍيو.

● ساجَنُ (سارنگ ١/١١)= سڄڻ (اصطلاح)، پيارو پرين، محبوب.

ـ عِشق سلجن دا لَگا (ڪلياڻ ٤/وائي-٢)= پياري سڄڻ جو (مونکي) عشق لڳو.

ـ سَاجَنُ سُنجي نَہ مِلِي (پورب ١/٢)= سُجهي پيو تہ سڄڻ ڪٿي آهي پر ملڻ مشڪل آهي.

ـ سَاجَن ڪَارَڻ سُڄَ (آبري ١/٩)= سڄڻ خاطر سڄ.

ـ سَاجَن سُونہَ سُرت (آبري ٢/٢)= سونهن ۽ سُرت وارو سڄڻ.

ـ سَاجَن سينءَ (آبري ٣/٢٠)= ساجن لاءِ ۽ هميشه لاءِ.

ـ سلجَنَ صَفَائِي (ديسي ٢/٦)= ساجن جي صفائي، محبوب جي حُسن جي تجلي.

ـ سَاجَن مُون سَتَارُ (يمن ٢/٥)= منهنجو ساجن ستار آهي، منهنجو محبوب منهنجا عيب ڍڪيندڙ آهي.

ـ سَاجَنُ ميڙئُسِ سُورَ (آبري ٧/١٩)= سُور ڪيس ساجن ملايو (درد ڏيس تڏهن دوست مليس).

● سلجَ = سانَ سامان.

- سَڙي ساڄَ پيَانِ (گهاتو ١/١١)= انهن جا ساز سلمان سڙي ويا.

سَلَڄا (پورب ١/٣)=تازا توانا، سَوَلا سُوڊا، پڪا پختا.

- سَلَڄا ڪئَو (رامڪلي ٤/٢٠، ٤/٢١)= وڏي پڪا پختا ڪري، نوان ڪري.

● سلڄو = سولو.

- سلڄو جَهلِ (سامونڊري ١/٦)= سولو جهل، سولو ڪري جهل.

- سلڄو ٿي ءِ سُوارَ (راڻو ٥/٥)= سنيري سوار ٿي.

سلڄهه= سَجهه، سهولت، سبب.

- سوڊا اُنهين سلڄهه (راڻو ٨/٧)= اي سوڊا راڻا! انهيءَ سَجهه ۽ سبب جي ڪري.

سَلڄهرِ (ڪاهوڙي ٢/١٢)= صبوح جو سويل.

سَلِڄاري = چاڻ سڃاڻ رکندڙ ويجهي سڃاڻپ واري، سلڄاءِ واري.

- سلڄاري سين سَڄڻين (آسا ٦/١٠، ٦/١١)= پنهنجن پيارن سان چاڻ سڃاڻ واري.

● سلڄاءِ، سلڄاهه = ادب ۽ محبت واري ڏيٺ، سڃاڻپ، سرت، سمجهه، ريت رسم، چاڻ سڃاڻ وارو ناتو.

- سلڄاءِ سُپرينِ سين (بروو ٤/١٣، رپ ١/١٠) = محبوبن سان ادب محبت واري رسم.

- جَني جي سَلڄاءِ (ڪاهوڙي ١/٣)= جن کي سڃاڻڻ ۽ جن جو ادب.

- جَنِ سلڄاءِ سِراڻِ سين (يمن ٤/١٩)= جن جي ادب واري سڃاڻپ سِراڻ سان آهي، جن جو لڳاءُ سِراڻ سان آهي.

- مُون- هين جي سلڄاءِ (ڪلياڻ ٣/٧)= منهنجو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ واري تميز.

- سُتي جا سلڄاءِ (آسا ١/٢٣)=جيڪا سُرت ۽ سڃاڻ سُتي وقت آهي.

- سانگينِ سين سلڄاءِ (حسيني ٥/١١)=پنهنجن پيارن (دوستن، عزيزن، رفيقن، ساٿين) سان چاڻ سڃاڻ وارو ناتو.

- جَهين جي سلڄاءِ (حسيني ٤/٩)= جنهن سان ادب ۽ ناتي واري ريت رسم.

- سَلڄاءِ جُون (يمن ٥/١٠)= حق حقيقت کي سڃاڻڻ جون، ادب فضيلت ۽ صداقت جون.

● سَلڄائُو = سلڄاهه وارو برتاءُ، ادب ۽ پيار جي ناتي جي سگهَ ۽ سڃاڻپ وارو برتاءُ.

- سَرتيون سلڄائو (ديسي ٤/١٠)= اي جيڏيون مون سان (ڪيچين) سگهَ جي سلڄاءِ وارو برتاءُ ڪونه ڪيو.

- ٿيين سَلڄائو (آسا ٧/١٩)= تون هوند سلڄاءِ وارو ٿئين، تون پيار ۽ ادب جي ناتي ۽ سلڄاءِ وارو ٿئين.

● ساڏڻ= سنيال ڪرڻ، پرگهور لهڻ. (پهاڪو "جي ساڏينِ سي واڏينِ").

- ساڏڻ لَوڪُ سَندَونِ (رپ ٢/٢١)= اهو سندن شيرو آهي جو هو سڄي لوڪ کي ٿا ساڏين، هو سڄي لوڪ کي ٿا سنيالين ۽ سُکي ڪن.

● ساڏوهيون= چارڻ جي وڻ جو قسم.

- ساري ساڏهويون (مارئي ٥/٩، ٨/٢٦)= ساڏوهين چارڻ کي سنياري، ياد ڪري.

- تَنِ ساڏوهين سَڏَ مران (مارئي ١١/١٥)= مون کي انهن ساڏوهين چارڻ ڏسڻ جي بيحد اُڪير آهي، آءُ ان اڪير ۾ مران پئي.

● سارڻ= ياد ڪرڻ، يادگيرو ڪرڻ، خبر لهڻ، سنيالڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ سارَ= سارَ سنڀار، يادگيري، سجاڳي، سنڀال.
ـ ستين کهڙيءَ سارَ (سري راڳ ٢/٤)= ڪهڙي ڳالهه جي سنڀال سڀان تون سمهي پئين (اي ويسرا).
ـ پانهنجا سارج سيني (ليلان ٢/١٢)= پنهنجن سيني کي سنڀارج.
ـ سات لڏيندي سارَ (حسيني ٣/١٢)= قافلي جي وڃڻ وقت واري سار (اها سار ٿيڻ ته قافلو وڃڻ وارو آهي).
ـ سِتَر سائي سار (يمن ٥/١٣)= اهائي سِتر ياد ڪر.
ـ سِگهي سار لَهيج (يمن ٤/وائي)= جلد ئي سنڀال ڪج، خبر لهج، پرگهور ڪج.
ـ ويئي سارَ سَرير مان (آسا ٣/٤)= جسم مان سجاڳي ۽ جس ختم ٿي وئي.
● ساراهڻ= ڪنهن جي ساراهه ڪرڻ.
ـ ساراه (امر)= ساراهه، ڪر.
ـ سو ساراهِ سَچو ڌڻي (ڪلياڻ ١/١)= تون ان سچي سائين کي ساراهه، ان جي ئي ساراهه ڪر، حمد ڪر.
ـ سونه ساراهين سائين (پرڀاتي ٢/ وائي-٢)= تون تنهن سائينءَ کي چونه ٿو ساراهين.
ـ ساراهي سُبحانَ (سورٺ ٣/٢)= ايئن چئي پيو الله سبحانه و تعاليٰ کي ساراهي.
● سارنگُ=سانوڻ واري مينهن جي مند، سانوڻ جو مينهن.
ـ سارنگُ سينگاري (سارنگ ٤/١، ٤/٣)= سارنگ (سانوڻ واري مينهن جي مند) کي سينگاري.
ـ سارَنگَ ستَ (سارنگ ٢/١١)= سارنگ جي سِتاءُ، سانوڻ جي جهڙ ۽ ڪڪرن جي سهڻي صورت.
● سارو سنگهار (ڏهر ٤/١)= جنهن وٽ سڀ مال هجي ۽ سدائين هجي، مال وارن جو هڪ روايتي ڪردار جنهن وٽ سڀ مال (ڳئون، مينهيون، اٺيون، ٻڪريون، رڍون) هجن.
● سارڻ= سنڀارڻ، ياد ڪرڻ.
ـــ وڏيءَ سلڄڻ سارئا (يمن ٦/٢٥)= گهڻو سوير سنڀالئا، ياد ڪيا.
ـ سارئو رُونِ سَجڻِ کي (آسا ٢/٣٠)= سڄڻ کي ياد ڪري سنڀالي ڏک ۾ رئن.
ـ سنجهيئي سارئو (سامونڊي ١/٣٢)= سج لٿي بعد، سنجهي ۾ئي ياد ڪيو.
ـ سوڍا ويئي سارِيَان (رائو ٨/١٢)= اي رائا سوڍا! توکي ويئي ياد ڪريان.
ـ نه ساريان (رپ ٣/٧)= (جيڪو سيءُ مون کي لڳو تنهن کي) ياد نه ڪريان، نه ليکيان.
ـ نه سارِيو (مارئي ٥/١٢)= نه ليکيو، نه ڳڻيو، ڏک سور وارو ڪر نه سنڀاريو، نه ياد ڪيو.
ـ ساري ڏهَن (سارنگ ٣/١٢)= سيني کي سنڀالي ڏهن (ته جٺن ڪا ڳڻون ڏهڻ کان سواءِ رهجي نه وڃي).
ـ ساري حاجَ (مارئي ٩/١٩)= سڀ ڪم سنڀاري سولو ڪري.
ـ سي سارينديون (رائو ٤/وائي-١)= سي ياد ڪنديون.
ـ ساري ڏيان سهُ (مارئي ٥/١٥)= سنڀاري ياد ڪري مران.
ـ سِتَرِ نه سا سارين (يمن ٥/٤)= اها سِتر ياد نه ڪن.
ـ مُون سارِيندي سِپرين (ڪنيات ١/وائي-١)= ڪين ياد ڪندي سڄڻ پاڻ آيا، مون ڪين سنڀاليو پئي جو محبوب پاڻ آيو.
ـ سارِينِي (ڏهر ٥/١١)= سنڀارينئي، ياد ڪنئي.

سهيلين مون کي (فراق جا) سوراخ ۽ زخم ڪري ڇڏيا.

● سانيارَ=سانيرَ، چڙا (جيڪي ساهڙ جي مينهين ۾ ٻڌل).

– سانيارِن ـ اهڙ جي (سنهڻي ١/١١)= ساهڙ جي ڇڙن (جيڪي مينهين ۾ ٻڌل آهن).

– سانيَارا، سانياران = سانبارا، سامهون درياهه جي ٻئي طرفان.

– سانيارا سنيارَ (سنهڻي وائي ١/٣، ١/٧)= سامهون ٻئي پاران چڙا (جن جا آواز).

– سَانيَارَان سَڏ ڪِئو (سنهڻي ٨/٩)= سامهون درياهه جي پار کان سڏ ڪيو.

– سانيارِنَ جون (سنهڻي ٢/١٢)= اهي جيڪي سانياران (سامهون درياهه جي ٻئي طرفان) آهن تن جون (ڪير خبرون ڏيندو ته ڪيئن آهن).

● سانياهڻ، سانباهڻ= تياري ڪرڻ.

– سِڙهَ جي سانياهِي (سامونڊي ٢/۴)= سڙهه کي چاڙهڻ واري تياري.

● سانيرِ = سوير، سانير سان، پوري چاڻ سان، پڪي ارادي سان.

– سانيرِ ٻَڌي بيٺ (کلياڻ ٣/١٥)= صبوح جو سوير سندرا ٻڌي.

● سانيُويُون = پسانگي ڪاٺيءَ جي جَهل سان مڇي مارڻ جي هڪ ننڍي چار (اصطلاح طور) وڏي مارينڊ چار.

– سانيُويُون سانگنِ ۾ (گهاتو ٢/٦)= (اي مڇ، توکي اڄ يا سڀاڻي پرنديون) چاريون. (جيڪي) درياهه جي وهڪرن ۽ ڦاٽن ۾ (ٻڌل آهن).

● سانييٽڻ= سامهون گڏجڻ ۽ هڪٻئي جو ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڪرڻ، ملڻ ۽ ڀاڪر ۾ جَهلڻ (اصطلاح) ورائي سرگهو ڪري جهلڻ.

● سانييٽجڻ= گڏجڻ (سانييٽيلسون= مليلسون، گڏيلسون، چوندا: هو هُتان آيو، آءُ هتان پئي ويس ته واٽ تي سانييٽجي رهيلسين'.

– سَنجهي سَجَڻُ سانييٽِيَان (ڪنيات ٢/٢٣)= سنجهي ۾ سوير پنهنجو سڄڻ سيني سان لايان.

– آءُ سُورَن سَانييٽِي (ڪوهياري ٥/٢)= سورن مون کي سانييٽيو، پنهنجي ڀاڪر ۾ ڇڪي جهليو، سورن مون کي وڪوڙي جهليو.

– سانييٽِيَا = (اصطلاحاً) سامهان ديدار هيٺ ايندا.

– جَنِ ساجهُر سيڻَ سانييٽِيا (آسا ٢/٥)= جن صبوح جو سوير پنهنجا پيارا ڏٺا سيني سان لاتا.

– سامِي سو سانييٽِيو (پورب ٢/١٦)= سو سامي سامهون گڏجي ويو.

● سانٺو= سُڪي سنهو تيل، سڪي ٻانٺ تيل، سڪي ٿانٺو تيل (جوئر جو) ڪاٺو.

– سُڪِي جِنَن سانٺو تيو (ڪنيات ۴/١١)= سڪي ٿانٺو تيو، (هڪ ۾ اٺ ٽڪي ڏهرو تيو).

● سانجهِيءَ ٻانگَ (سنهڻي ٢/١)= سانجهي نماز جي ٻانگ.

● ساندارو ڏيڻ = ٻيڙي کي سمنڊ جي نار جي هڪ ڪنڌيءَ تان ٻي ڪنڌيءَ تي وٺي وڃڻ، هڪ ڪناري تان ٻئي ڪناري تي وٺي وڃڻ (چوندا 'ساندارو ڪر، ساندارو ڏي'. يعني ٻيڙيءَ کي موڙ ته ڪنڌيءَ ڏانهن هلي).

– ساندارو سَمُونڊ جو (سري راڳ ١/١٦، سامونڊي ٢/١٦)= سمنڊ ۾ (ٻيڙيءَ کي ڦيرو ڪرائڻ، ور ڏيارڻ، سمنڊ جي پاڻيءَ جو چاڙهه ۽ ڦيرو.

● سَانداڻ، سانداڻ، سنداڻ (عربي= سندان)=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سَجَڻَ جِنَن سانگِ وَٺا (حسيني ٦/٣)= منهنجا محبوب، گھڻ واري ماڳ ڏانهن مال ڪاهي ويا، هتان هليا ويا.
- سُپيريان جي سانگ (ديسي ٦/١٧)= منهنجن پيارن (پنهونءَ) جي ڇڏي وڃڻ ۽ جدائي.
- سانگَنَ پُٺيءَ سپرين (حسيني ٥/١)= پنهنجن پيارن (پنهونءَ) جي سانگن تي وڃڻ سان، لاڏائي سببان، جدائي جي ڪري.
- سانگِ سڌارِئا (پروو ٤/١٢)= سانگ تي ويا، پري هليا ويا (سانوڻ جي مينهن ۾ مال وارا ماڻهو پنهنجو مقرر ماڳ ڇڏي جتي گاھ ٿيو هوندو اتي وڃي مال سانگي ويهندا.)

سَانگُ=مال يا مال وارن جو اهو ماڳ جتي گاھ هجي.
- سَاهَڙ! سَانگُ سَندوءِ (سنهڻي ٧/٦)= اي ساهڙ، پنهنجو ۽ تنهنجي مال وارو ماڳ.

سَانگُ = سانگو، بچاءَ جو خيال.
- سِرَ جو سانگُ مَ ڪَرِ (ڪلياڻ ٤/١٦)= پنهنجي سر جو سانگو نہ ڪر، (سر کي نہ بچاءِ).
- توتان سانگُ نہ ڪو (سورٺ ٢/وائي-١)= تو کي نہ ڪو سانگو ڪونهي، بچائڻ وارو خيال ڪونهي.
- جَني سانگُ نہ ساہَ جو (يمن ٦/١٦)= جن کي پنهنجي ساھ جو سانگو ڪونهي، پاڻ کي بچائڻ جو خيال ڪونهي.

● سانگو ڇڏي ساهَہ (سنهڻي ١/١٦)= ساھ جو سانگو لاهي.

سَانگُ = ترار (جمع، سانگيون).
- هَٿِي سانگِ سَنئيءَ کي (معذور ٢/٩)= سنئي کي (فراق ۽ وڇوڙي جي) ترار هڻي.
- سانگُ کَنئي سردار (بلاول ٣/٤)= ابڙي سردار تلوار کڻي (وڙهڻ لئي تيار ٿيو).

● سانگاٽو ٿِٽا (ڪوهياري ٥/٦)= سانگ ڪري مون سان گڏ هليا. ("سانگاٽو" لفظ، سڱ يا سنگت سان لاڳو ڪونهي، پر "سانگ ڪرڻ" مان فاعل جي معنيٰ ۾ آيل آهي).

● سانگاپو= سانگ سانگي.
- سَانگاپي سيڻِ جي (ديسي ٦/١١)=سيڻن جي سانگي.

● سانگائيون (مارئي ٢/١٠)= سانگي سان، مرقعي سان، مهلاڪتيون (ميارون).

● سانگرٽا= ورن ورن وارا ڪوڏ.
- تَنِ سانگرٽا سُتيون (سري راڳ ١/١١)= تن کي مليا ٺلها ڪوڏ ۽ سپيون.

● سَانگي = جيڪي سانگ ڪن، مال وارا ماڻهو جيڪي پنهنجو اصل ماڳ ڇڏي گاھ سانگي پري پٽي پاسي هليا وڃن، لڏڻ وارا، وڃڻ وارا.
- جِنَن هُو سانگي تون سُمَهين (حسيني ٤/٦)= جنن هو وڃڻ وارا ۽ تون ٿي سمهين.
- سانگين سين ساڃاءِ (حسيني ٥/١١)= سانگين سان سڃاڻپ ۽ محبت.
- سانگين وَريا ساہَ (سارنگ ١/١)= (مينهن وٺا پالي ۽ گاھ ٿيو) ۽ سڪ سببان مال وارن جا ساھ وريا.
- سانگين سُکو گاہُ (ڏهر ٢/١٣)= درياءَ جي واهڙن ڦاٽن (سانگن) ۾ پالي جو زور ٽٽي ويو (۽ پالي نہ ملڻ سببان پاسي وارو) گاھ سڪي ويو.

● سَانگھارو = تورائي، گھتلي، چينوٽي، وقفو، وٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(آبڪلاڻي واري دريائي پاڻي ۾ ڪيتي جو اصطلاح، سيپٽمبر ۾ جڏهن پاڻي گهٽبو هو تہ ڪنهن ڪَرَيي تي جيڪي 'هُرلا' يا 'نار' هوندا هُئا تن جي وَهڪ لاءِ پهريائين 'وارو' بَڌندا هُئا جنهن موجب هفتي ۾ ٻہ يا ٽي ڏينهن منڍ وارا هُرلا وهندا هئا ۽ ان بعد اوتري وقت لاءِ پوڇڙي وارا وهندا هئا. پر جڏهن پاڻي گهٽو گهٽجي ويندو هو تڏهن 'سانگهارو' لڳندو هو. يعني منڍ کان شروع ڪندا هئا ۽ هر هُرلو 'هڪ جوڳ' (ٽي ڪلاڪ ڪن) يا اجهان بہ گهٽ وقفي جيترو وهندو هو. ائين اڳتي پوءِ ٻيو هرلو، پوءِ ٽيو هرلو.... ويندي پوڇڙي تائين).

- سُورَنِ سانگهارو ڪَڍُهن تان ڪوند ڪِنُو (حسيني ٦/٤) = سور ڪڍهن بہ گهٽيائي ڪونہ.

● سانگهيڙو، سانگهيڙي، سانگهڙي= ڪوري دلي يا مٽ جي تري ۾ سنهڙو سوراخ.

- سُورَنِ سانگهيڙا ڪَيا (بروو ١/١٥)= سورن منهنجي جان ۾ سوراخ ڪيا.

سانوڻ= 'سانوڻ' جو مهينو ('آکاڙ' ۽ 'بدي' جي وچ وارو) سانوڻ جي منڍ (مينهن واري، گهڻي پاڻي واري، ۽ درياءَ جي چاڙهہ واري).

- سانوڻَ سِيارو پانئيان (سنهڻي ٤/١٥)= سانوڻ واري تار درياءَ کي بہ سياري وارو تانگهو ۽ وڏي راحت وارو ڪري پانئيان.

- سانوڻَ ڏينهڙا (سنهڻي ٤/١٧)= سانوڻ (مهيني ۾ درياءَ جي چاڙهہ) وارا ڏينهن.

سانئون= سنهڙي سائي داڻي وارو گاهہ ۽ اَنُ.

- سانئون سُڪائين (مارئي ٦/٧)= مارو ماٿهو پيٽ گذر لاءِ سانئون سڪائين (۽ پوءِ ڪُٽي اَنُ ڏ ڪري رڌي کائنين).

● ساڻُ= سان گڏ، گڏوگڏ، بالڪل گڏ.

- ساڻُ اَمانَتَ (مارئي ٨/٢٨)= امانت ساڻ، امانت وانگر (جهڙي اصل هئين تهڙي).

- ساڻُ سُجاڻُ (ليلان ٢/٨)= سجاڻ سان، وڏي سمجهدار (چنيسر) سان.

- سَاڻُ ڪَرمُ (آسا ٧/١)= ڪرم سان، مهر سان.

- هُوئِجِ ثابُوتيءَ ساڻِ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= تون ثابت قدمي ۽ سچائيءَ سان پاڻ کي گڏ رکج.

● ساڻس= هن سان.

- جَنِي سَاڻسِ وَيرُ (ڪلياڻ ٢/٥)= جن جو هن سان وير.

● ساڻو= گهٽو ٿَڪل، بي حال.

- سَاڻو هوءِ (حسيني ١٠/١٤)= بي حال ٿيو وڃي.

● ساڻئہ= تو ساڻ.

- جان جان ساڻئہ ساهہُ (معذور ٥/٥)= جيستائين تو ۾ ساهہ آهي، جيستائين تون جيئري آهين.

● ساڻِي= گڏ، مدد گار.

- ساهڙُ ساڻِي تَنِ جو (سنهڻي ٨/١٦)= ساهڙ سان گڏ ۽ مددگار آهي.

● ساڻيهہُ= وطن، دائمي ماڳ.

- سَمُنڊُر جَنِ ساڻيهہُ (سامونڊي ٢/٣)= سمنڊ جن جو وطن آهي (جيڪي سدائين سمنڊ جو سفر پيا ڪن).

- جو تو ساڻيهہُ پانئيو (ڏهر ١/١٧)= تو جنهن کي وطن ڪري پانيو آهي.

● ساهہ= عورت جا سڀ ڳهہ (سر کان وٺي پيرن تائين ڳهن جي ساهہ.

- تون تو ساهِ ڳهائين سومرا (مارئي ٢/٢٣)= اي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کين، وڏي همت وارا.

● سائي = ساڳي، اها ساڳي.

- ڏوري سائي جوءِ (ڪلهوڙي ٢/۴)=اها ساڳي پيئي ڳولي.

- سِڪجُ تون سائي (ڪلياڻ ١/١٥)= تون اهائي (توحيد ۽ وحدانيت واري هدايت ۽ بشارت سِڪ).

- سائي پِرِ پاري (ڪلوڏ ٣/۴)= اهائي ريت ڪري.

- سائي سانجاءِ (مارئي ١/١١)= ساڳي سِڪ ۽ سچائي واري سانجاءِ (پنهنجي ماروءَ سان).

● سائين = الله سائين.

- جَڏ سائين سَبَبُ ڪَئون (سامونڊي ١/٣٥)= جڏهن الله تعاليٰ سندس واسطي حيلو ڪيو.

- سائينءَ ڪارڻ (ليلان ١/١)= ڌڻيءَ جي واسطي.

● سايو = ڇانوَ.

- سِپيريان جو سايو (آبري ١/وائي-١)= پيارن پرين جي ڇانو، حفاظت.

● سَبَا (مارئي ١٠/٨)= قران شريف جي سوره (٣۴) جو نالو. لفظي معنيٰ: يمن جي سَبا شهر جا ماڻهو (حِميَر يا يمن).

● سَبَبُ (جمع) اسباب=ڪارڻ، باعث، وجهه، دليل حيلو، ذريعو، وسيلو. عارضو، نقص.

- سَبَبَ تَنهِ سَتي وِئا (حسيني ٧ وائي ١)= منهنجي سمهي پوڻ سببان وئا. ان سبب جي ڪري هليا ويا.

- سائين جو سَبَبُ (سري راڳ ١/٢٠)= ڌڻيءَ جو وس، ڌڻيءَ جو ڪارنامو.

- سَبَبَ جي سَنيال (آسا ٣/٧)= وڄ جي وسيلي (سبب) کي سنيالڻ. يعني ان تي پيارڻ (عاشقن لاءِ عيب آهي).

- سائينءَ سَبَبُ ڪئون (سامونڊي ١/٣٥)= ڌڻي تعاليٰ سندن واسطي ڪو حيلو پيدا ڪيو.

● سَبِح = قرانَ شريف جي سوره "الاعليٰ" نمبر (٨٧) جو پهريون لفظ، معنيٰ= ساراه، تعريف ڪر.

- سَبِح سِيڻ سَندامِ (مارئي ١٠/۴) = منهنجا پيارا 'سَبِح' پڙهن، الله جي حمد ۽ ياد پڙهن.

● سُبحانُ = وڏي تعريف وارو رَبُ، مالڪ، مولئ.

- سوجهي لَتو سُبحان (ڪلهوڙي ١/١)= هو حمد ۽ ساراهه جي لائق (سبحانه و تعاليٰ) کي سمجهي سوچي ڳولي لڌو.

- سيپني سُبحَان جي ڪر حوالي ڪم (آسا ٧/١)= سڀ ڪم ساراهه واري الله سائين جي حوالي ڪر.

- ساري رات سُبحَانُ جاڳي جن ياد ڪئو (سري راڳ ١/٣)= سڄي رات جن الله سبحانه و تعاليٰ کي جاڳي ياد ڪيو.

● سَبَقُ = استاد جو شاگرد کي پڙهايل سبق، تعليم، سکيا، نصيحت.

- وِسرئوم سَبَقُ (يمن ٥/٢)= مون کي پڙهايل سبق وسري ويو.

- سَبَقُ سُورَ (يمن ٥/١)= سُورَ جو سَبَقُ.

● سَبِيءَ= سَڄِيءَ، جام، گهڻو.

- سَرو تَنِ سَبيءَ (يمن ٦/١٣)= تن کي وڏيڪ ڏک پيئي لاءِ.

● سَبيلَ =واٽ، پاڻي پيارڻ جي خيرات (واٽ ويندڙن لاءِ).

- سُوئُون سَبِيلَ (سنهڻي ٨/١٠)= واٽ وڙتائون.

- سمو جام سبيل (بلاول ١/٢١)= سخي سمو جام سبيل (عام جام پياري).

● سپاجهو = پاجهه وارو، مهربان.

- سپاجهي سيڻين (ڪنيات ١/٧)= منهنجن مهربان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اِيءَ نہ سَنگهارَنِ سِٽ (ڏهر ۴/۱۰)= انهن وٽ اها ريت ئي ڪانهي (جو ڏڻ ڏارين ۾ اڪيلا جدا جدا ماڳن تي رهن.)

● سَتاٽا= وڏا زبرا، طاقتور.

- جِتِ سَتاٽا سينسارِ (سنهڙي ۳/۴)= جتي وڏا زبردست سينسار (جانور).

● سِترَ (ع. سطر)، سِٽ = لکيل اکرن جي هڪ اوڙ.

- پهرين سِتَرَ نہ سَنيَران (يمن ۵/۲)= شروع واري اکرن جي اوڙ بہ مونکي ياد ڪانهي.

● سَترائو (ستائو) = وڏو، ڳرو، ڏکيو، سخت، اڻانگو، زبردست، خوفناڪ.

- سَترائي (ستائي) سانگَ (بروو ۲/۵، ۲/۲۲، راتو ۵/۱)= ڏکيي سفر ۾ وڏي ڪشالي ۾.

- سَترائي سَمونڊ جا (سري راڳ ۳/۱۷)= وڏي خوفناڪ سمنڊ جا.

● سَتڪو= زوردار ڌڪَن مٿان ڌڪن جو وارو.

- شهبازَ جو سَتڪو (ڪارايل وائي ۳/۱)= شهباز (مارينڌڙ شڪاري پکي) جو ٻئي (ننڍي پکيءَ مٿان) ڌڪ مٿان ڌڪ.

● سَتو= مٿا سٽا وارو واڪ، داءُ، مٿاسٽا واري بازي.

- سَتو ڪئو (سورٺ ۳/۱۳)= داءُ لڳايو، مٿاسٽا واري بازي لڳائي.

● سَتڻ= ڌڪن مٿان ڌڪ هڻڻ، ڪُٽڻ.

- سائيهہ مَنجهہ سَتِيندي (مارئي وائي ۲/۱)= پنهنجي وطن ۾ (سگر) چاڙيندي، ڪٽيندي.

● سَتو= آسانگو، ڪنهن ماڳ تي سَولائيءَ سان رهڻ واري صورت.

- سَتو ڪيو (سورٺ ۳/۱۳)= سرچاءُ ڪيو، آسانگو ڪيو، ان تي رضامند ڪيو، اڪتفا ڪئي.

● سَنيمِ = (سَهڻ فعل مان ماضي جو صيغو=) مون سَني، مون پورڻي.

- هُوندَ نہ سَنيمِ هيتَري (آبري ۵/۱۵)= آءٌ هوند ايتري نہ سَهي سگهيس!

● سَپَ (واحد. سَپُ)= 'نانگ'. (اصطلاحي معنيٰ) ڀپ ۾ خطرا.

- سُونهَپَ ۾ سَپَ گهڻا (ڪاهوڙي ۳/۲)= سُونهينءَ وات ۾ گهڻا نانگ (وڏا خطرا).

- سَپَنِ کي (ڪارايل ۳/۴)= وڏن وڙهندڙ زهريلن نانگن کي.

● سپَ = سِپي.

- سِپَ سَمُندرِنِ سَپجي (مارئي ۱۱/۱)= سِپي سمنڊن ۾ پيدا ٿئي.

- سِپُنِ ۾ (ڪارايل ۲/۴)= سپن جي اندر پيٽ ۾.

● سِپاهي=پوليس يا فوج جو ماڻهو (اصطلاح طور) خادم.

- ساجَنَ سِپاهي آءُ اوهان جو آهيان (بروو ۱/۱۲)= اي محبوب آءُ اوهان جو خادم آهيان.

● سِپَت (مارئي ۳/۱)= سُني پت، سهڻي ريت.

● سِپجڻ= سِرجڻ، پيدا ٿيڻ.

- اُت سِپجي (مارئي ۵/۱۸)= اتي پيدا ٿئي.

- گهرِ سَمِي جي سِپجي (ڪاموڏ ۳/۴)= سمي جي گهر ۾ پيدا ٿئي.

- جو مُلِ مون نہ سَپجي (سورٺ ۳/۱۳)= جيڪو مُلهہ مون وٽان پيدا نہ ٿي سگهي، مون کان نہ ٿي سگهي.

- مُون مُون ڇين ۾ سَپجي (ڪلياڻ ۳/۷)= 'مون'

واري أنانيتَ منهنجي پاڻ ۾ئي پيدا ٿي.

- سِپِنِ ۾چا سِپَجي (ڪارايل ٢/٤)= سِپِنِ يا سِپين (جي پيٽ ۾) ڇا تو پيدا ٿي.

● سِپَر= ڍال.

- سِينو سِپَر رکُ (يمن ٣/٨)= پنهنجي ڇاتيءَ کي ڍال ڪر (ان تي ڌڪ جهل).

● سُپرين= نهايت سنو سهڻو پرين، نهايت پيارو سهڻو محبوب.

- ٻَنِ ٻيائي سُپرين (ڪلياڻ ٣/٥)= اي پيارا پرين! ٻيائي (ٻاهران هڪ، اندر ٻي) پل تہ ٻَن پئي، وچي، ختم ٿي.

● سُپڪُ= سخت، ڏاڍو مضبوط، پڪو.

- سُپَڪُ ٿيءِ سورن سين (آبري ٨/١)= (اي سسئي!) آزارن آڏو تون سخت ٿيءُ.

- سُپڪ(سنهڻي ١٠/٨)=پورو لال پڪل، پڪو دلو.

- پَڪا جي نہ سُپَڪَ (آسا ٧/١٢)= جيڪي پوري طرح (سپڪ) نہ پَڪا، پچي راس نہ ٿيا.

- سُپَڪَ پَانيا سُنهڻي (سنهڻي ١٠/١١)= سنهڻيءَ پڪا سمجهيا (دلي جا رنگ).

● سُپَڪُ=پيڻ ۾ ساڪرو يا تلخي وارو (پر ڏاڍي ۾ لذيذ).

- سُپَڪُ آهي سَنڌُ (ڪلياڻ ٤/٢٦)= سنو سَنڌيل شراب لذيذ آهي.

● سُپيريان= سُپرينِ (جمع)، محبوبن.

- سُپيريان جي (رامڪلي ٢/٣٧، آسا ١/١) پيارن سڄڻن جي.

- سُپيريان جي سنگ (آبري ٨/١٣)= پيارن سڄڻن جي سنگت ۾ ڪچهري ۾.

- سَدا سُپيرينِ جي (ڪلياڻ ١/١٤)= سدائين سڄڻن جي، هڪ پياري سائين (الله) جي.

● سِجَ وَرّاءِ (راڻو ١١/١)=سج وانگر (وڙ=وَجهہ، نمونو).

● سُجانَ، سجاڻ= وڏي ڄاڻ وارا.

- سوڍا ٿيا سُجانَ (راڻو ١٠/١١)= ٿيا سوڍا بہ هوشيار آهن (پر راڻي جهڙو ڪونهي).

● سَجَدو فيلَ في الحالُ ڪئو، پسي مُطلبَ نُورَ نرارَ (سارنگ وائي ٣/١)= (روايت) حضور جن جي ڏاڏي عبدالمطلب جي چمڪندڙ پيشاني ڏسي، 'فيل' ناڻي هڪ ڪاهن سجدو ڪيو (تہ هن جي پيشانيءَ مان نور وارو نبي پيدا ٿيندو).

- سَجدَه (مارئي ١٠/٨)= قرآن شريف جي سُوره (٣٢) جو نالو. سجدو.

- سُجود (ڪلياڻ ٣/١٩)= (لفظي معنيٰ) سجدا (اصطلاح) سجدو.

● سُجهہ= سولو وَجهہ.

- سُوَرنِ لَڌو سُجهہ (حسيني ٦/٨)= سورن آزارن کي وَجهہ ملي ويو.

- مون کي سوڍو سُجهہ نہ ڏي (راڻو وائي ٧/١)=مون کي راڻو سوڍو (پرچڻ ۽ راضي ٿيڻ جو) سولو وجهہ نٿو ڏئي.

● سِجهائڻ = سِجهائي ڇڏڻ، سَڀي بيحال ڪري ڇڏڻ، بالڪل هيڻو ڪري ڇڏڻ، فنا ڪري ڇڏڻ.

- سوڍَلَ سِجهائي (راڻو ٦/٤)= راڻي مومل سجهائي ڇڏي، راڻي (رُسي) مومل کي بيحال ڪري ڇڏيو.

- جي سُورنِ سِجهائي (آبري ٧/١٨)= جي سورن سسئي سِجهائي ڇڏي، سسئي کي بيحال ۽ هيڻو ڪري ڇڏيو.

- سُورنِ سِجهائي (سامونڊي ٢/٢٠)= (سامونڊيِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سَڌائِتي سَيَڪا (آبري ٢/٤)= سَڌ ڪرڻ واري هَرڪا، سڌ تہ سيڪائي ڪري.
- سِڪَڻَ جون سَڌُون ڪرين (ڪلياڻ ٤/١٠، ١١/٥) = تون عشق جون تمنائون ڪرين.
- سَڌُون ڪوهُ ڪَري (سامونڊي ٣/٨)= ڇا لاءِ خواهشون ڪري، ڇو آسون اميدون رکي.

سُڌِ (جمع) سُڌيون= خبر، خبرون.

- اِيہَ سُڌ (يمن ٤/٢١)= اها خبر.
- اِيہَ سُڌِ سَيَڪا اُنِ ڪي (ڪلياڻ ٤/٣٥)= اها خبر سُڄي ان ڪي.
- سَگهڻِ سُڌِ نہ سُورَجي (يمن ١/٢١)= صحتمندن کي سُورجي خبر ئي ڪانهي.
- سُڌَ نہ پيين (يمن ٢/١٢)= ڪين خبر نہ پيئي، ڪين خبر نہ پوي.
- سُڌَ نہ لَهين (يمن ٢/٨)= توکي خبر نٿي پوي (سُورَجي)، تون سمجهي نہ ٿو سگهين (سُور کي).
- سُڌيُون ڏي سائيهہ جُيون (بروو ٢/١٩)= وطن جون خبرون ٻڌائي.
- سُڌيون سانبارِنَ جيون (سنهڻي ٢/١٢)= درياہ جي پار (سانباران) جون خبرون ٻڌائي.

● سِڌارڻ= روانو ٿيڻ، وڃڻ.

- سَنجهي ساٿُ سِڌارِئو (آبري ٩/وائي-٢)= قافلو سنجهي ئي روانو ٿيو (سوير روانو ٿيو).
- سِڌارِيندا سائيهہ ڏي (ديسي ١/١٥)= وطن ڏي روانا ٿيندا.

● سَڌَرُ= سَگهو، ڏاڍو، چالو ۽ حوصلي وارو.

- جيلاهَ سَڌَرُ سُڪائياسِ (سري راڳ ٣/١٠)= جڏهن جو سندس سڪاڻ وارو (ناڪئو) سگهارو آهي.
- سَڌَرَسِين سَگَ ڪَري (معذور ١/٦)= ڏاڍي سين مٽري ڪري، (پرٽو ڪري).
- سَڌَر سينَ (معذور ١/٥)= وڏي همت وارا سَڄڻ.

● سَڌِرِيَا (يمن ٦/٩)= ٿلهي سَڌ يا خواهش وارا.

● سِڌڻ = سنئون ٿيڻ، پورو ٿيڻ.

- سِڌامِ (ڪاموڏ ٤/١٠)= منهنجا پورا ٿيا (ڪاج، ڪم، مقصد).
- سَپوئِي سِڌو (معذور ٢/٢)= سڀ ڪجهہ حاصل ٿيو، سهٽو سولو ٿيو، هم گوش ۽ هم آهنگ ٿيو.

● سِڌو (جمع) سِڌا = سڌا سنوان سِڌي راہ تي هلندڙ.

- سِڌَنِ ڪي سِڌِرِي (ڪلياڻ ١/٢٢)= صحيح عقيدو رکندڙن، صحيح فڪر رکندڙن، سلوڪ جي اشارن کي صحيح طريقي سان سمجهندڙن 'شرع' واري سنئين راہ (صراط مستقيم) تي هلندڙن لاءِ سَوَلي.

● سُڌير= سلامت، سجاڳ، خوش، صحتمند.

- هَڏِ نہ ساهُ سُڌِيرُ (آبري ٧/٥)= جانِ هرگز صحيح نآهي، خوش نآهي (بيمار آهي).
- سُڌِيلُ = سڌير، سجاڳ، هوشيار.
- هِنَيِڙا تِيءَ سُڌيلُ (بروو ٤/٥)= اي دلڙي سڌير ٿيءُ، هوش واري ٿيءُ.

● سُڌيو = سڌ وارو، خبر وارو، چالو.

- سُڌِيو جو سُونهُون (آبري ٢/١٢)= سُڌ وارو ڇاتُو، خبر وارو واقف رهنما.

● سَڏُ= ١. وڏو بلند آواز ٢. 'شاہ جي راڳ' جو هڪ خاص اصطلاح: وائي جي ڳائڻ وقت، پهرين مٿي چوٽ واري ڇڪ (وائي جي ڳائڻ جا ٽي پاڻا: ١. سڏ ٢.

پالَيءَ سان پري چڏيو (سانوڻ جي مينهن).

سَرَ ڪِنو (ٺهر ٣/١٥) = سِڌيون ڪيو، تڪيون تيار ڪريو.

سَرِ ڪِنو (سارنگ ٤/١٣)= سڄو مينهن ٻڪيو، سڄي ملڪ کي مينهن هيٺ آندو.

سِرِ =سِرَ تي، سِرَ جي مٿان (مون سر= مون مٿان).

- مُون سِرِ وُٺا جيڏِيُون (سامونڊي ٢/١٢)= اي سرتيون، منهنجي مٿان وُٺا.

- سِرِڪِنو پانهنجي (ڪاموڏ ٢/١٠)= پنهنجي مٿان ڪيو، پنهنجي ذمي ڪيو.

- سِرِ چڙهي (ڪنڀات ١/٢)= منهن چڙهي، مٿان بيهي، ڪاوڙ ڪري، چوٽ چڙهي.

سِرَ = مٿا، واحد 'سِرُ'.

- سِرَ سانداڻَ ڪري (يمن ٤/١٣)= مٿي کي سانداڻ ڪري (ان تي مطرقن وارا ڌڪ سَهه).

- سِرَ جِنِي جَا سَٽَ ۾ (يمن ٦/٩، ٦/١٣)= جن سچن عاشقن جا سِرَ سؤدي ۾ ڏنل آهن.

- سِرَ جُدا (يمن ١/١٥)= مَٿا (ڌڙ کان) جدا ڪيل.

- سِرَ جو سَٽُ (ڪلياڻ ٤/٢٥)= سِرَ جو سؤدو.

- سِرَ جِي (سورٺ ٢/١)= راهه ڏياچ جي سر جي.

- سِرَ جِيُون (سورٺ ١/٢)= سر گهرڻ جيون.

- سِر سَپَايَنِ وِڪيَا (رامڪلي ٢/٢٢)= سَپَن جهليندڙن پنهنجا سِرَ وِڪيا (جو لالچ ۾ پئي نانگ جهليائون جن کين ڪاڌو ۽ هو مُٺا).

- سِرَ سَنبَاهِيَا (ڪلياڻ ٥/٢٣)= پنهنجا مٿا تيار ڪيا.

- سِرِ نَه سَانڍَڻُ (ڪلياڻ ٤/٢٩)= سِر جو بچاءُ نه ڪرڻ، محبت ۾ سِر کي قربان ڪرڻ کان نه بچائڻ.

- سِر نايو (ڪلياڻ ٣/١٨)= ظاهري طرح سر جُهڪايو.

- سِرَ وَٽِ (يمن ٦/١٢، ٦/٣٥)= سِرَ برابر، سر سان (مَٿا سَٽا ۾)، سر ڏيندي (وٽڻ= ونڊڻ، ڏيڻ). سر جي عيوض. سر جي وزن برابر، اها ونڊ يا وزن جيڪا سِر ڏيندي ملي.

- سِر وَڏَڻ (ڪلياڻ ٤/١٣)=سِرِ وڍي ڏيڻ، سِرِ وڍائڻ.

- سِرَ پِرَ رِڙهِي (آبري ١/١٤)= مٿي ڀَر رڙهي.

- سِرُ سِينگاريو ڏِينِ (سورٺ ٤/٢)= سورٺ ۾ ٻيون سڀ راهه ڏياچ جي وڍيل سر وارو رت اگهي، منهن صاف ڪري، عطر چنڪاري سهڻو ڪري سينگاري پيون چارڻ کي ڏين.

- سِرُ تان سَرَ ڪيترا (ڪارايل ٢/١٨)= جي سِرُ آهي، حياتي آهي ته سَر (تلاءُ= سڪ) گهڻائي ليي پوندا.

- سِرُتان هَڏِ آسانُ (سورٺ ٢/٣)= اهو سِر ڏيڻ ته بهرحال سولو ۽ آسان آهي (پر مڱڻهار ايجان مٿي گهرڻ وارا سرُ تو وڃائي.)

- سِرُ ڏري (ڪلياڻ ٥/٢٢)= منهنجو سر رکي، جهلي.

- سِر ڏِني (ڪلياڻ ٥/٢٤)= سر ڏيڻ سان.

- سِر سَنڄِي (ڪلياڻ ٥/والي)= سنڄي=سڄي، سوريءَ کي سِرُ سامهون ڪري (قرباني لاءِ محبوب آڏو پيش ڪري).

- سِرُ ٻونديان ڏَڙُ نه لَهان (ڪلياڻ ١/١٣)= سِرُ ٻُوليان ته ڌڙ (ٻُت) نه ليي.

● سِرِ = تي.

- سِرِ ڳَلَنِ (ڪوهياري ١/١٥)= ڳلن تي، مُنهن تي.

● سُرُ = راڳ جو سُرُ. راز (ڳالهه جو سُرُ).

- سِرَ جِي صَدا سُرَ ۾ (سورٺ ٢/١)= سِر گهرڻ جي صدا

- سَرڪَنَ شاخُون (راڳو ٦/٩)= چندن جي وڻ جون لامون، چندن جون سُرهيون ٽارڙيون.

سَرڪَنڊُ = چندن (جو سُرهو ڪاٺ).

- سرڪنڊُ جَنِي ساڻ (رامڪلي ١/٣٢)= چندن جي سُرهاڻ ۽ سڳنڌ جن ساڻ.

- سيڻين سَرَ ڪَنڊُ سَپڄي (رپ ٢/وائي)= پيارن پرين وٽ سرڪنڊ (واري سُرهاڻ ۽ سڳنڌ) پيدا ٿئي.

- ساڻُ سَرڪَنڊَ سوڙِ (راڳو ٦/٥)= سرڪنڊ (چندن) سان به سُوڙهي ڳُنڍ آهي (۽ اهو خوشبوءِ ڇڏڻ وارو آهي).

سَرڳِ = بهشت، سانت سلامتي وارو ماڳ.

- سامي تِنا سرڳِ (رامڪلي ٦/١١)= سامي سرڳ ۾ رسيا، پهتا.

سَرَلو = جهڙ ۾ مينهن ۾ ڪڪرن وچان ڪنهن وقت سج جو ترڪو، سِرِلي، سَرلائي، جهڙ وچان سج جي چمڪ ۽ چٽائي.

- سَرَلو سارو ڏِينهُ (سارنگ ١/١٨)= سڄو ڏينهن جهڙ ۾ مينهن ۾ ڪٿان سج جي چمڪ ۽ چٽائي.

● سَرِلي (لام جي زير سان)= سَرلائي.

- سرِلي وچان سِجُ (سارنگ ٢/٣)= ڳهٽن ڳهاٽن ڪڪرن وچان يا سوڙهين سنهڙين وِٿين واري جهڙ ۾ مينهن وچان، اَڌ مُنو سج جيڪو ذري ذري چمڪي.

سَرو= شراب (اصطلاح) محبت جو شراب.

- مَنجهان سِڪَ سَرو (رپ ١/١٩)= سِڪ مان محبت جو شراب.

- سَرو اُنِ جو سَڦرو (ڪلياڻ ٤/٢٦)= انهن جو سَنڌيل شراب سنو.

- مَ ڪَر سَڏَ سَري جِي (يمن ٦/٨)= شراب جي خواهش نه ڪر.

- سَرو جَن سَنباهيو (يمن ٦/٦)= جن سرو سنباهيو، جن شراب چڪايو ۽ پيارڻ لاءِ تيار ڪيو (جيڪي، بنيدار آهن، تن).

- سَرو چڪائيو (بلاول ١/١٠)= شراب چڪائيو.

- سَري جون (يمن ٦/٩)= عشق واري شراب جون.

● سَرڻ= ملڻ، حاصل ٿيڻ، پلئه پوڻ.

- سوڪِين سَرِئو مون (راڳو ٧/١٤)= مون کي اهو ڪجهه پلئه پيو.

- جَهه سو سَرِئو سُورُ (يمن ٢/١)= پل سو سوز پلئه پيو.

- سَرِئو سُون (راڳو ١/٢)= اسان کي حاصل ٿئو.

- سو سؤدو سَرِئُس هِتَهِين (آبري ٥/٥)= (نفي وارو) اهو سودو هن کي هتي ئي پلئه پيو.

- سَاجَنُ تَنِ سَري (معذور ٢/٢٥)= سجڻ تن کي ملي.

- جَنِ سَري (يمن ٦/٣٥)= جن (پِياڪَنِ کي) حاصل ٿي، جن کي نصيب ٿي.

● سَرڻ= گذارو ٿيڻ، گهرج پوري ٿيڻ، ٻئي جي محتاجيءَ کان سواءِ پاڻ وهيٺو هجڻ، حاصل ٿيڻ.

- اسان سَري نه اُن ري (ڪلياڻ ٤/٢١)= اسان عاشقن جي اُن محبوب کان سواءِ ڪا ڪار سولي نه ٿي، گهڙي به سندن محتاجي کان سواءِ نه گذري (۽ نه ٿي گذري).

- ساجَنِ توءِ سَرِي (ڪلياڻ ٤/٢١)= محبوبن کي ته به (مون کان سواءِ) هر طرح جي آساني ٿي ۽ ڪا به محتاجي نه رهي.

- سَرتيُون ٿي سَري (آبري ١/١٨)= اي جيڏيون، پئي گذري، گذارو پيو ٿئي.

- نه سَرَندي (سري راڳ ٣/٢)= اطمينان سان ويل نه گذرندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾.

- اهڙيءَ سِتَ سَرِير (مارئي ٥/١٧)= منهنجي جسم سان اها حالت آهي، منهنجو اهو حال آهي.
- ساڙيائون سَرِير (رامڪلي ٦/٥)= جسم کي جلايائون، جندجان کي جلايائون.
- سوڙي رهَ سَرِير ۾ (راڳو ٨/۴)= راڳي کان سواءِ منهنجي جندجان ۾.
- شاخون ڪيئو سَرِيرَ ۾ (رپ ١/٧)=اندر ۾ لامُون ڪريو.
- صِحَتَ جي سَرِيرَ ۾ (يمن ١/٢٨)= چڱڀلائي جي جان ۾.
- جَنِ کي سُورُ سرِيرَ ۾ (يمن ١/١۴)= جن کي جان ۾ سُور آهي.

● سَڙَڻ= جلَڻ، ڪامڻ.

- سَڙَان منجهين مانَ (آسا ٦/١٢)= شال، اندر جو اندر ۾ئي جَلان.

سَڙَڪو (جمع) سَڙَڪا = تيز تکو سٽڪو، ڪڙڪو.

- جتِ سِيرَ سَندا سَڙَڪا (سنهڻي ٥/۴)= جتي پاڻيءَ جي سِيرَ جا سَٽَڪا، زوراٽا ڌڪ.
- سِيرَ سندو سَڙَڪو (سنهڻي ٣/٨)= درياهه جي سير واري پاڻيءَ جو سٽڪو.

سِڙهه = ٻيڙيءَ کي تکي هلائڻ لاءِ ڪپڙي وارو وڏو ڪانبو جيڪو هوا لڳڻ سان پرجي ٻيڙي کي ڌڪي.

- سِڙهه ڏيئي (سامونڊي ٣/١٥)= سڙهه کڻي، سڙهه چاڙهي.

● سَڙِئا مَٿي سَچَ (ڪلياڻ ۴/٣٨)= سچ تي سَڙي مٿا، سر ڏيئي قربان ٿيا.

سِڙي (گجراتي)= ڪاٺي جنهن تي هندو مائهو مردي کي (ساڙڻ لاءِ) کڻن، ڪنڌي (ڪَڇي).

- سَسُئيءَ جي سِڙِيءَ سين (ڪوهياري ٦/١١، حسيني ١١/٩)= سَسُئي جي جنازي سان.
- سِڙِي مُنهنجي (مارئي وائي ۴/١، ١١/٢٢)= منهنجو جنازو، منهنجو مَيِت.

● سزاوار= سزا جا لائق.

- سُورِيءَ سزَاوارَ (سنهڻي ١١/١)= سوريءَ جي لائق.

● سزَاوارِ سگِين جَا (رامڪلي ۴/٢۴)= سگين ڪڻڻ ۽ وڃائڻ جا لائق.

● سَسَا = صاف اڇي اُن وارا ننڍڙا گهيٽڙا.

- اُتِ سَپجي اُنَ سَسَنِ جي (مارئي ٥/١٨)= اتي (مارُوئڙن وٽ) ننڍڙن گهيٽڙن جي سٺي نرم اُن پيدا ٿئي.
- سرتيون مٿان سَسَن (مارئي ٦/٥)= اي جيڏيون، انهن گهيٽڙن تان (اُن ٿا ڪورين).
- سُسَرِ(ڪاراڻل ٢/٧) =سُنُو سر، صاف سنو تلاءُ، ڍنڍ.

● سِسِي (ڪلياڻ ٥/٣)= سِري، سِرُ، مٿو.

- سِسِي نيزي پاندِ (ڪلياڻ ۴/٢٠)= سري نيزي جي چوٽيءَ تي (اُچل).
- سِسِي ڪَڻ مَرُ سانڍِ (آبري ٣/١٨)= سِسيءَ کي پاڻ سان نه ڪڻ.
- سِسِي ڏِيَڻُ (سورٺ ٣/٩)= سري ويئي ڏيڻ، هڪ ئي ڀيرو سِسِي لاهي ڏيڻ.
- سِسِيان ئِي (ڪلياڻ ۴/٣٩)= سِسِين کان ئي، سرن کان ئي.

● سَعَادَتَ = خوش بختي.

- سِڪَڻُ سَعادَتَ (ڪلياڻ ٥/٢٦)= محبت واري سڪ، خوشي ۽ خوش بختي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اِيءَ سَعادَت سَنديامِ (معذور ٣/١)= اها منهنجي خوش بختي آهي.
- سُئِجُ سَڏُ سَعِيدَ (نُهر ١/١٥)= اي سعيد، اي سعادت بخشيندڙ اي مالڪ مهربان، منهنجا سڏ سڻج، منهنجون آهون اگهائج.

● سَعيو = (سامونڊري ٣/٢٩)= سنبت، تياري.

● سَفَرَ = مسافري.
- سامُونڊرِينِ سَفَرَ جي (سامونڊري ٢/١٢)= سامونڊرين کي سفر جي اُڻ تڻ.
- سَفرُ سَتْراڻو (آبري ٢/٧)= سخت ڏکيو سَفَرُ.
- سَفَرُ سُکيرونِ (سامونڊري ٣/٤٢)= (ٻوليءَ جي خاص محاوري موجب دعائي فقرو) شال سندن سفر سولو ٿئي!!

● سُفيتُ (سامونڊري ٣/٣٥)= سفيد، اڇو.

● سَقُرو = (سڻي قُرَ وارو)، سڻي نفعي وارو، صاف جنهن ۾ ڪو غير نه هجي.
- سُتَر اُني جو سَقُرو (ڪاپاتي ١/٢٢، ٢/١٦)= انهن جو سُتَرُ صاف سٺو آهي.
- سَودو ٿيئي سَقُرو (سري راڳ ١/٢٤)= وڏي نفعي وارو صاف سودو ٿئي.
- هِيءُ جو سَودو سَقُرو (سري راڳ ٣/١٩)= هيءُ جيڪو صاف سچو سودو.
- سَرو اُنِ جو سَقُرو (ڪلياڻ ٤/٢٦)= انهن جو شراب صاف سٺو.

● سِڪَ= طلب، تانگهه، چِڪ.
- سَندِي سِڪَ پِرينِ (ڪلياڻ ٤/١)= پرين سندي سِڪ، محبوبن جي تانگهه.
- سِڪَ ٻَڌائين سَندرو (آبري ٧/١٠)= سڪ جو سندرو ٻڌائين.
- سِڪَ پِريان جي (سنهڻي ٤/٢٢)= پرين جي سڪ سبيان.
- سِڪَ سِڪائي سِڪُ (آسا ٣/١٣)= تون پنهنجي سِڪ کي سِڪائي پيو سِڪُ.
- سِڪَ سِرڪِيين نَه لهي (ڪارايل ٣/٩)= انهن جي سڪ ننڍين سرڪين سان نَه لهي، انهن جي اُڃ ننڍڙن ڍُڪن سان نه لهي.
- سِڪَ سِڪَندِينِ لاءِ (سنهڻي ١١/١٦)= سِڪَ وارين لاءِ سِڪَ.

● سُڪا= سُڪَل.
- سُڪا سَنڌِ (ڪهوڙي ١/١٦)= (موضوع مطابق هت معنيٰ) سُڪل ساندارا.

● سانگَ (واحد. سانگڙ)= واهڙ، ٻورا.
- سُڪا سانگَ ٻَري (پرڀاتي ٢/٤)= پلٽ ڪري سڪل ٻورا پيو پري، (اصطلاح) سخا جي پالوٽ سان سُجن کي پيو مالامال ڪري.

● سَڪاڄَ = سولو ڪم ڪندڙ، سُجاڻَ.
- سُومَرا سَڪاڄَ (مارئي ٩/٤)= اي ميان عمر سومرا سُجاڻ!

● سُڪاڻَ = چڱي ڪاڻ يا محتاجي، اها ڪاڻ جيڪا چڱي ڪري لاهجي.
- سَسُئي پاڻَ سُڪاڻَ (معذور ٥/٧)= سسئي پاڻ چڱي ڪاڻ ۾ ميار واري.

● سُڪرات= مرڻ واري حالت، موت واري سختي.
- سَهڪِي سَڪُرات ڪَرِين (راڻو وائي ١/١)= موت واري سختي سولي ڪرين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

● سِڪڻ = سڪ واري حالت، محبت واري تلنگهه، سوزَ ۽ درد واري اڪير ۽ ڇڪ، عشق.

- سِڪَڻ سَيوئي سُورُ (ڪليات ٥/٩) = عشق سڄو آزار آهي.

- سِڪَڻَ جي پچارَ (ڪليات ٥/٨) = عشق جي پچار، محبت جي ڳالهه.

- سِڪَڻُ سِڪَ (سنهڙي ٨/٨) = بيحد سڪ.

- سِڪَڻَ ڪِنا شَهيدَ (مارئي ٣/١٣) = مون (مارئي) لاءِ سڪڻ ڪين شهيد ڪري ڇڏيو.

- سِڪَڻُ ۽ سُورِي (ڪليات ٥/١) = هڪ عشق ۽ ٻيو سوريءَ تي چڙهڻ.

- سِڪَڻُ اِيُ شَرَطُ (ڪليات ٤/٩) = عشق جو شرط اهو آهي.

- سِڪَڻِ توهي ساءِ (سنهڙي وائي ١/١) = تنهنجي ساءِ (قرب) لاءِ ٿي پيون سڪن!

- سِڪَنديءَ ڪي (پورب ١/٢) = سڪايل کي.

- نا تہ پَسُ سِڪَنديُون (ڪليات ٥/١٤) = نہ تہ جيڪي سڪ واريون آهن تن کي ڏس.

- سِڪنو ڪَن سجود (سري راڳ وائي ١/٢) = اکيون اکين سان مليَ، سڪ ۽ محبت ۾ هيٺ نمن (وري ملن ۽ وري هيٺ ٿين).

- سِڪي هِنيُون (راڻو ٨/١٠) = (راڻي جي رهاڻ لاءِ) هانءُ پيو سڪي.

- ناتہ سِڪي صِحَتَ لَئي (ڪارايل ٣/١٣) = نہ تہ اهو (جنهن کي ڪارو نانگ ڪاٽي) سدائين صحت لاءِ سڪي.

- سِڪيس جَمر سيوئي (ڪنيات وائي ١/١) = آءٌ (سندن واسطي) سڄي جمار سڪيس.

- سِڪين ڪُهُ سَلامَ ڪي (آسا ٥/١١) = تون محبوبن جي سلام لاءِ ڇو پيو سڪين!

● سُڪنهُ (ڏهر ٢/١١) = تون سُڪين.

● سُڪُوتُ = ماٺ، صبر.

- سُڪُوتان سُڄَنِ (آبري ١١/١) = ماٺ ۽ صبر مان سمجهي سگهن.

- سُڪُوتُ ئي سَلامُ (آسا ٥/١٠) = (محبوبن جي اها ماٺ ئي ڄڻ (سندن موڪليل) سلام آهي.

- سَرِئو سُون سُڪُوتُ (راڻو ١/٢) = اسان کي آرام مليو.

● سُڪِنا = ڏنا، ڏِڄ ۾ پيا.

- سُڪِنا سِينهَ گُهمَنِ (ڪاهوڙي ٢/١٨) = شينهن بہ ڏنا گهمن.

● سُڪيلا = ننڍيون تراريون.

- نيڻَ سُڪيلا سُپرين (بروو ١/٩) = محبوبن جون اکيون ڄڻ ننڍيون تراريون آهن.

● سُکُ = راحت، آرام، سکيو سَوَلو ڪم.

- ميسِي ڏِينهُ سُکُ (سورٺ ٣/٩) = سر وڃي ڏينهن تہ سکيو سولو!

- سُکِ ٿِي سُتيون ڪِينَ ڪِين (سنهڙي ١/٤) = تہ هوند اهي سکيون ٿي ڪينَ سُتيُون!

- سُکُ طَلِبين (رامڪلي ٢/١٤) = جي تون سک ٿو چاهين، جي توکي سکن جي خواهش آهي.

- سُک نہ ميڙئس سپرين (آبري ٧/١٩) = سُکَ ڪيس محبوب نہ ملايو.

- سُکَ لَئي (بلاول ٣/٤) = سلامتي لاءِ، خير لاءِ.

- سُکن جان پيو (رپ ١/٢٥) = سکن ۾ جڏهن پيو.

- سُکَنِ اينديءَ ساءُ (پرڀاتي ٢/٢) = توکي سکن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُکيڙ= بي آرامي.

- سارو ڏينهن سُکيڙ (رپ ٢/١٧)= سڄو ڏينهن بي آرامي، تڪليف، پيڙا.

سَڳُ= سَگ، ڪتو

- تون صاحبُ، آءٌ سَگُ (پرڀاتي ٢/١٤)= تون منهنجو ڌڻي، آءٌ تنهنجي در جو ڪُتو.

سڳا (رامڪلي ٤/٢١)= سڳا ڌاڳا. سڳن ڌاڳن جا ڳانا. اهي سڳا جيڪي سڳين جي سوراخن مان لنگهائي هار مثل ڳنڍيجن ۽ سڳيون لٽڪائي ڳچيءَ ۾ وجهجن. سناسين لاءِ اهي سڳا سُورَجا (سڪ ۽ محبت واري درد جا) آهن.

- سڳا سِيليون تنبيون (رامڪلي ١/٢٢)= (فقيرن وارا) سڳا ڌاڳا، ڳوٽريون ۽ تنبيون.

- ڪي جي سڳا سُورَجا (رامڪلي ٤/٢٠)= ڪي اهڙا سورجا سڳا.

سڳا= (واحد. سڳو) ساڳئي ماءُ پيءُ جا (پٽ)، ساڳين سڳن ۾ ويجها عزيز.

- سڳا جي سِياءِ (پرڀاتي ٢/١٢)= جيڪي ويجها عزيز شريڪ آهن.

● سَڳائي = سڳي مائٽي.

- سانُسِ سَڳائي (آبري ٨/٥)= ان سان ويجهي سڳي مائٽري (مائٽي).

- سَڳَئِيءَ جي (معذور ١/٥)= ان سڳي مائٽي جي، ان ويجهي سڱ واري عزازت جي.

- سَڳِي تون نه سِياءِ (ڪوهياري ١/١١)= تون سڳي ۽ سياه ناهين، ويجهن عزيزن مان سڳي مائٽي واري نه آهين.

● سَڳايُون = ويجهيون مائٽريون (۽ مهربانيون).

- سَڳايُون ۽ سَڱَ (ڳهاتو ١/١٣)= ويجهيون عزازتون ۽ مائٽي وارا ويجها ناتا (سڱ).

● سَگِرَ= ساٿ واري وات، (اصطلاح طور) سلڪ ۽ ساٿي.

- سوڙهي جِتِ سَگِرَ (ديسي ٥/١٠)= جتي وات سوڙهي آهي، جتي قافلي ۾ سوڙهه ٿئي ٿي.

- سگِرِ رِهِ سُونهَنِ (آبري ٩/٢)= سونهن واقفن کان سواءِ، وات (سگر) ۾ (ڪا پنڌ ڪري ڪانه پهتي).

- سگِرُ سو ساري (ڏهر ٥/٢٠)= اهو ساٿُ ياد ڪري.

- سگِر جو سنٿون (ڪوهياري ٣/٨)= ١. اهو رستو جيڪو سنٿون آهي ٢، رستي جو سونهون جيڪو سنٿون هلي ۽ پيلجي نه.

- سَگِرَ ۾ سارَ ٿي (حسيني ١٠/٣)= ساٿ ۾ سنڀار ٿئي، يادگيري پوي.

- سَگِر مَانَ سُڄان (ديسي ٦/٢١)= ساٿ ۾ ۽ ساٿ واري وات ۾ مان ياد پوان (ته ويچاري واٽ ۾ رڙي مٽي).

- مَٿي سَگِرَ پَنَڌَرا (رپ ١/١)= ساٿ واري وات تي پنڌ.

● سَگِڙا= رنگين سگڙا جيڪي ڳهڻ (سينگار) طور پائجن.

- سونَ بَرابَر سَگِڙا (مارئي ٧/١)= اهي سگڙا سونَ جي برابر آهن.

● سُگِنڌو= سُرهو.

- سو سِرُ سُگِنڌو هوءِ (سورٺ ٢/وائي-١)= اهو مٿو سُرهو هجي.

● سُگِڻي= سهڻي ڳڻ واري، وڏي ڳڻ واري، نيڪ فال واري، وڏي بخت واري.

- سِرَ وَٽِ سِرڪي سَگِڻي (يمن ٦/١٢) = سِرَ جي مَٿا تي اها سُرڪي (ڏِڪ) وڏي ڳڻ واري آهي، نهايت خوب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● سڳُو = ڏاڳو، سُرندي جي ساز جو خاص ڏاڳو. رودو، زهَ جو سڳُو جيڪو وچت ۾ 'سا' وارو پريل سُر يا بنيادي بيهڪ وارو سُر ڏئي (سرندي ۾ وچت لاءِ اڪ رُڪ جون تارون ۽ هڪ سڳُو).

ـ جِئن سڳُو وِچِ سُرَندَڙي (ڪاموڏ ٣/٧)= جئن سُرندي ۾ سڳُو سُونهي (=وڏي اهميت وارو).

● سِگهائِي = جلدي، بنا دير جي، سيگهه ۾.

ـ سِگهو ميڙي سُپِرين (معذور ٤/٤)= محبوبن کي جلد ملائي.

سَگهه سَنديا، (ڏهر ١/٦)= تُنهنجي قوت طاقت.

سَگها= صحتمند، ثلها متارا ۽ بي غم.

● سَگهَائِي = صحت، چڱيلائي.

ـ سِگهائِي سَگها ٿِئا (يمن ٢/١٧)= جلد ئي چڱا ڀلا ٿيا، صحتياب ٿيا.

ـــ اَگهِئِي سَگها ٿِئا (يمن ٢/٢١)= بيمار به هوند، صحتياب ٿيا.

ـ سيڻن هَٿِ سَگهائي (ڪلياڻ ٤/وائي-٢)= سڄڻن (محبوبن) جي هٿ ۾ئي (محبت وارن جي) صحت آهي.

ـ سَگهَنِ سُڌِ نہ سُورَ جي (يمن ١/٢١)= صحت وارن (سگهن) کي سُور جي خبر ئي ڪانهي.

ـ ساعتَ نہ سَگهو جِندَڙو (ڪلياڻ ٩/٥، سنهڻي ٤/١٥)= هڪ گهڙي به هن جان وارو جسم چڱو ڀلو ڪونهي.

ـــ سَگهِي گَڏِي سَڄَڻين (حسيني ٩/١٧)= تہ ڪا خوش چڱي ڀلي پنهنجن سڄڻن تائين وڃي پهتي! (سورن واري ئي ڪشالا ڪري محبوبن سان ملندي).

ـ سَرَتيون ڪِيئن سَگهِي ٿِئي (ڪوهياري ٥/٢)= اي جيڏيون! اها ڪيئن چڱي ڀلي ٿئي.

ـ سَگهَنِ = سگهن کي، مغرورن کي، بي غم ثلهن متارن کي.

ـ سَگهنِ ٿِيي نہ سَيدَ چَئي (ڪلياڻ ٤/١٩)= سيد ٿو چوي تہ: جيڪي ثلها متارا آهن تن کي (محبوبن سان) ميلو نہ ٿئي.

● سَگهڻ= ڪم ڪرڻ جي سگهہ هئڻ، توفيق هئڻ.

ـ سَگهي ڪانہ ڪَتِي (بروو ٢/١٦)= (ڪانگ جي بولي ٻڌڻ ڪان پوءِ) ڪابہ ڪتي ڪانہ پئي سگهي.

ـ سَگهان ڪين سَهِي (ڏهر ٢/وائي-١)= آءٌ تان سَهِي نَہ سَگهَان، آءٌ تہ برداشت ڪري نہ سگهان.

● سڱَ= رشتو، ناتو، مائٽي واري نسبت، عزازت، ويجهي مِٽري (اصطلاح) محبت وارو ناتو.

ـ ايءُ سڱَ ساڱاهي (پورب ١/وائي-٣)= هي رشتو مانائتو ڪري، هيءُ ناتو چڱي طرح نباهي.

ـ جيڪا ڪَندي سڱَ (حسيني ٧/٩)= جيڪا عزازتَ، مِٽري يا محبت ڪندي.

ـ سڱَ نہ وَرِنِ سُپرين (آبري ٢/وائي-١)= رشتي ناتي جي حجت سان پيارا پرين نہ پرچن.

ـ سُتِينِ ڪونهي سڱَ (آبري ٧/٨)= جيڪي غفلت ۾ ستل آهن تن لاءِ ڪو محبت يا مِٽريءَ وارو ناتو ئي ڪونهي، ڪو سڱَ ئي ڪونهي.

ـ ساٿِي سڱَ نہ ڪَنِ (گهاتو ١/١٢)= ساٿي مِٽريءَ ۾ پنهنجو نہ ڪن، سگهيٽو ڪري نہ ياڻن.

ـ سڱَ سَيِپِي ڇِڏِ (رامڪلي ٢/١)= سڀ عزازتون، سنگتون لاڳاپا ڇڏ.

ـ سڱَ سَندَوم (پورب ١/وائي-١)= منهنجو سڱَ، منهنجو پيارو مِٽرُ.

● سُلڻ، سَلڻ= سڻائڻ، ٻڌائڻ، بيان ڪرڻ، ڪولي ٻڌائڻ، پڌرو ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ.

– ڪِنهِ ڪي سُورَ سُلان (معذور ٣/٨)= ڪنهن کي پنهنجن سورن جو حال ٻڌايان.

– سَرتيُون ڪيئن سُلان (معذور ٣/٥)= اي جيڏيون، ڪيئن ظاهر ڪريان.

– سُلِن نَہ (يمن ١/٢٠)= پڌري نہ ڪن.

– نَہ سُلَن (يمن ٦/٥)= نہ ٻڌائن.

● سَلَڻُ= سوراخ ڪرڻ، تنگ ڪرڻ.

– 'سَلي '= سَل ڪيدي، سوراخ ڪري (=زخم ڪري، آزار ڏئي).

– سُورُ مُونهين کي سَلي (سنهڻي وائي ٥/١)= سورُ مونکي ئي پيو سلي، مون ۾ سوراخ ڪري، زخم ڪري، آزاري.

– سَلي سوريءَ چاڙهِنا (آسا ٦/٦)= جسم ۾ سل ۽ سوراخ ڪري (آزار ڏيئي پوءِ) سوريءَ تي چاڙهيا.

سَلو ٻَڌڻ (رپ ٢/١)= زمين مان ٻج جو ڦٽي انگور جڻ ۽ ان بعد پڪي سائي ڏانڊي ڪرڻ.

● سُلوڪ= حال واري ڳالهہ، معرفت وارو نُڪتو، ڪماليت وارو راز، حقيقت.

– سَلِج تَنهِ سُلُوڪُ (ڪلياڻ ١/٢٠)= (فقط انهيءَ کي ئي) سلوڪ واري ڳالهہ ڪولي سڻائج.

– سامي تون سُلوڪَ کي (پورب ٢/٧)= اي سامي، تون فقيري طريقي کي.

سِلهہ ڪَري هَڻُ (يمن ٣/١٨)= ستو ڇُهنبيارو تير هڻ.

● سَلهارَڻ= ساڳئي رسي ۾ گڏ ٻڌڻ (جانورن کي).

– ساهُ سَلهاريو ڏينِ (ڪلياڻ ٤/٤٠) = پنهنجو ساهہ گڏ ٻڌي ڏين.

– سَلهاڙِئو سيڻَنِ (بروو ٤/١٠)= سڄڻن (محبوبن پاڻ سان) گڏي ٻَڌو.

● سَليهُون=(سَلي+ هُون) اسان کي سل. اسان کي سلي.

– سا سَليهُون جوءِ (راڻو ١/١٢)= اها پيٽي ۽ جاءِ اسان کي ڏس، اسان کي ان جو ڏس ڏي.

● سَما تو سِرِ ڇَٽُ (بلاول ١/١٧)= اي سما سردار! تنهنجي سِر تي تاج (ڇٽُ) آهي.

● سَمانا (جمع) = چڱي مان لهڻ وارا، آڌو چڱي مانَ مُهت وارا.

– سيئي سَمانا (سري راڳ وائي ٢/١)= اهي ئي مانَ مُهت وارا (جيڪي جاڳيا ۽ جن الله کي ياد ڪيو).

● سَمانو (واحد) = چڱي مانَ مهت وارو، خير خوشيءَ وارو، سولو، مقبول.

– ٿئو سَڏُ سَمانو (مارئي ٢/١١)= چڱي مانَ ۽ خير وارو سڏ ٿيو.

● سَماني = چڱي مان واري، مقبول.

– ٿيين سَماني سائيهہ ۾ (مارئي ٨/٢٨)= تون وطن ۾ چڱي مان ۽ مُهت واري ٿئين.

● سَمائڻ = سَمائجڻ، هڪ شيءِ جو ڪنهن ٻي شيءِ اندر نهي پورو ٿي بيهڻ.

– سامين وَٽ سَماءِ (رامڪلي ٧/وائي-٢)= سامين فقيرن جي سٽ ۾ سمائجي، سهڻو لڳي.

● سَمرٿيُون = تسبيحون.

– سمرٿيُون سورِين (رامڪلي ٤/١١)= تسبيحون چورين (الله جو نالو وٺن ۽ عبادت ڪن).

● سَمگڻ= انعام اڪرام ڏيڻ، بخشش ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوازڻ، سرفراز ڪرڻ.

ـ سُوالِي تو سَمگِئا (سري راڳ وائي ١/١)= سوالي تو ڏانئي ڇڏيا، سکيا ڪيا.

ـ سَمي جامرَ سَمگِئو (ڪلموڏ ٤/١٣)= سمي جام (ملاحن کي) بخشيو، انعام ڪري ڏنو.

● سَمگِئي = (اهو اچار راڳ جي لحاظ سان، اصل اچار) سَمکي يا سمنگي = نوازي.

ـ اِيءَ سَمي جا سَمگِئي (ڪلموڏ وائي ١/٣)= هن (نوريءَ) کي سمي جام انعامن اِڪرامن سان نوازيو.

● سَمَن (سنهٽي ٩/١)= گنڍجاڻيءَ جي مقرر ڏينهن ۽ وقت لاءِ ڏنل خبر، گنڍجاڻيءَ لاءِ مقرر ڪيل وقت ۽ ماڳ تي ملڻ جو اقرار ۽ انجام (جنهن ۾ نه پهچڻ وڏو عيب، جنهن لاءِ وڏي ميار).

ـ هِئي سَمنِ پُوري سَنَهٽي (سنهٽي ١١/٤)= سنهٽي گنڍجاڻي واري ماڳ ۽ محل (سمن) جي انجام تي پوري هئي، وعدي جي پوري پابند هئي.

ـ سَمنِ سَچائي (مارئي ٩/٥)= سچ پچ ملڻ ۽ گنڍجڻ جو وعدو انجام.

ـ سَرتِينِ ساڻُ سَمَنَ (مارئي ١٤/٢)= جيڏين ساڻ گنڍجاڻيءَ جو وعدو ۽ انجام.

● سَمنڊُر مَنهِ ڪَريان (سنهٽي ١/٦)= سمنڊر وات ۾ وجهان (پيان)، سمنڊر کي سامهون جهلي پيان.

ـ سَمنڊِرِ وِڌائين (مارئي وائي ١/١١)= سمنڊر ۾ وڌائين.

ـ سَمنڊُر سيوِئو جَنِ (سري راڳ ١٠/١)= جن سمنڊر جي تات تاري ڪئي، جن سمنڊر کي سنڀاليو ۽ مانائتو ڪيو.

● سَمُو جامرَ (بلاول ٢١/١)= سخي سمو سردار جکرو.

● سَمورا (ڏهر ٢٢/٣)= 'سمورو' جو جمع، سڀئي، مڙيئي.

ـ سَمُوري سَرڪارَ (آبري ١٤/٧)= پنهنجي حوالي ۽ وس واري هر شيءِ.

● سَموهڻ = چوڌاري ٽورو زور ڏيڻ، زور ڏيئي سولو ڪري بيهارڻ، سولو سوڙو ڪرڻ.

ـ وينئون سَموهينِ (ڪلموڏ ١٦/٢)= وينيون سولا ڪن (رڃن کي وينيون ٿاهي سولو ڪن).

● سُمهڻ = سمهي پوڻ، ننڊ ڪرڻ (اصطلاح) غفلت ۾ رهڻ، وقت وڃائڻ.

ـ جِنِ سَجيون راتيون سُمَهين (سري راڳ ٨/٢)= جنهن صورت ۾ تون آرامَ طلب آهين ۽ بنا ڪم ۽ ڪوشش جي سڄيون راتيون ستو پيو آهين (ان صورت ۾ تنهنجي ڪمائي ڪجهه به ڪانه ٿيندي، پوءِ چو پيو سوچين ته ڪمائي ڪيتري آهي!).

ـ سُمَهنِ ڪِينَ پَئي (ڪاهوڙي ٨/١)= اهي سمهي ڪين پون، اهي آرام نه ڪن.

ـ سُمَهڻ تَن صَوابُ (آسا ١٨/٦)= تن لاءِ سُمهڻ روا آهي، جائز آهي.

ـ سُمهڻ تَن ثواب = سُمهڻ تن لاءِ ثواب آهي.

● سُمَهڻان (آبري ١٠/٦)= سمهڻ مان.

ـ ڪامَ سُمهي (راڻو ١٢/٥)= ڪابه نه سمهي رهي.

● سَميعَ= سدائين سڻڻ ٻڌڻ وارو سائين (الله تعاليٰ).

ـ ساهڙُ ميڙِ سَميعَ (سنهٽي ١٣/٧)= سدائين عرض سڻڻ وارا سائين! مونکي ساهڙ ملاءِ.

ـ سَميعِ بَصيرُ (آسا ٤/وائي)= سدائين ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ (الله تعاليٰ).

● سَميُون= 'سمي' جو جمع، سميون راڻيون.

ـ سَميُون ڪَري سِينگارُ (ڪلموڏ ٢/٢)= سميون راڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينگار ڪري آيون.

● سَمي سَلَمَائي (ٻلاول ١/۴)= سمي جام جي سلامائجڻ سان، سخي سردار ٿيڻ سان.

● سَنَاسِي ۽ سُورَ رِي (پورب ٢/١٧)= هجي سناسي ۽ سور نه هجيس!

● سَنَاوَرَ = (ف= شناور)= وڏو تارو (پاڻيءَ ۾ ترڻ وارا، جيڪي پاڻي ۾ چڱي طرح تري سگهن).

– سَنَاوَرَ اُتِ سَهِمِيَا (سنهڻي ٣/٥)= وڏا تارو به اتي هبڪي ويا، ڊڄي بيهي رهيا.

● سَنَانُ = وهنجڻ، تڙُ ڪرڻ.

– ڏينهان ڪَنِ سَنَانَ (رامڪلي ۴/٦)= ڏينهن جو تڙ ڪن، وهنجن (پاڻ کي صاف پاڪ ڪن).

● سَنباهڻ= پوريءَ طرح تيار ڪرڻ، پوري تياري ڪرڻ، پوري تياري ڪري ڪا شيءِ تحفي طور کڻي هلڻ يا آڏو پيش ڪرڻ.

– سَنباهي سَيدُ چَني (سري راڳ ٣/١١)= سيد ٿو چني ته پوريءَ طرح تياري ڪري.

– ڪِيَرتَ ڪا سَنباهِ (پرڀاتي ٢/٥)= ڪا حمد ۽ ساراه (ڪيرت) بندگيءَ طور تيار ڪر.

– سِڙهَ سَنباهِيا (سامونڊي ١/٣)= (ٻيڙين تي چاڙهڻ لاءِ) سڙهه تيار ڪيا.

● سَنبَاهِيج (ڪلياڻ ٥/٢٥)= (اي عاشق تون) سينگاري کڻي هلج، تيار ڪج.

● سَنبَت = تياري.

– ساٿِين سَنبَتِ پَنڌَ جي (سري راڳ ٢/٢۴)= ساٿ وارن کي سفر جي پنڌ جي تياري آهي.

● سَنبهڻ = تيار ٿيڻ، سفر تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ.

– سفر سنبهي (سامونڊي ٣/٢۴)= سفر تي وڃڻ جي تياري ڪري.

– تُون سَنبَهي (سامونڊي ١/٦)= (وڏي سمنڊ ۾ آهين سو) تون تيار ٿي، پاڻ سنڀالي سجاڳ ٿي.

– ويهه سَنبِهي ساٿي (راڻو وائي ٢/١)= اي ساٿي تون تيار ٿي ويهه.

● سَنيَارَ= سانيرَ، چڙا.

– سَانيَاران سَنيَارَ (سنهڻي وائي ٣/١، ١/٧)= سامهون درياءَ جي ٻئي پار ڪان. (ميهار جي مينهن جا وڄندڙ) چڙا.

– سَنيارَنِ جو (سنهڻي ٥/٢، ٥/٩)= چڙن (جي آوازن) جو.

– سَنيارَنِ جي (سنهڻي ٥/٨)= چڙن جي.

● سَنيارَ= يادگيري.

– سيڻَنِ جيءَ سَنيارَ (يمن ٥/وائي-١)= پيارن سڄڻن جي يادگيري.

● سَنيارڻ=ياد ڪرڻ، پوئواري ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ.

– سَنياريان صَحي (رپ ١/۴١)= ياد ڪريان ته پوريءَ طرح ياد اچن.

● سَنيالَ = سنيارَ يادگيري ۽ حفاظت.

– سَامِينِ جي سَنيَالَ (رامڪلي ٦/١٢)= سامين جيڪا منهنجي يادگيري ڪئي ۽ خيال رکيو (ان مهر منهنجو من موهي ڇڏيو).

● سَنيِرِجَڻ = ياد پوڻ، دل تي چڙهڻ.

– ڪي نه سَنيِرِجَنِ (ٻروو ۴/٨)= ڪي ته ياد ٿي نه پَوَن، دل تي ٿي نه چڙهن.

– سَنيِرِئُو جِيَانِ (رپ ١/٣٦)= ياد ڪريو پيو جِيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌو تيار ڪرڻ، آڏو آڻي ڏيڻ.

ـ سجيھون = 'سَجي ھون'= ھو اسان کي سَجي، ھو آڏو اسان کي تَڪي، اسان کي نشان ڪري.

ـ مانَ سَجيھون يارُ (آسا ٣/٨)= جيڪر محبوب (اکڙيون کڻي) نظر اسان ڏي ڪري، اسان ڏي نهاري.

● سَنَدَ = پروانو، اختيار.

ـ توکي سَنَدَ سسئي (معذور ٥/٢)= اي سسئي! توکي عشق جي سَنَدَ حاصل آھي.

● سَندا= جا (واحد. سندو= جو).

ـ سَنداَ جي پُنونه (معذور ١/٢)= جيڪي پنهونءَ جا.

ـ سندا ڏونئرنِ ڏارَ (مارئي ٦/٨)= ڪرڙن ۾ ٻيـئل ڏونئرن جا ڏار (اصطلاحي معني) ڳهٽا جهجها ڏونرا.

ـ سَندا سَنَاسِين (رامڪلي ٣/١)= درويشن فقيرن جا (ڳوڏا: ھو جئن عبادت ۽ مراقبي ۾ ڳوڏا اُڀا ڪري ويھن ٿا تئن سندن ڳوڏا طورسينا مثل اُڀا).

ـ سَندَا سُورِ پرينِ (ربپ ١/٣٢)= محبوبن جا سُورَ محبوبن جا ڏُکَ.

ـ سَندَا ڳچينِ ڳچَ (ڪلياڻ ٤/٣٨)= ڳچين جا ڳچ، ڳچين جا وڏا ڳترا ۽ ڳپل، سسين جا ٽڪرا.

ـ سَنداءِ= تنهنجا.

ـ اي سِينگارَ سَنداءِ (ڪلياڻ ٤/١٢)= اھي تنھنجا سينگار.

● سَندرو ٻَڌڻ (آبري ٧/٢)= ملھ وڙھڻ، گهوڙي تي چڙھڻ، يا مقابلي لاءِ ميدان ۾ اچڻ لاءِ چيلھ کي سندرو ٻڌڻ، پورو تيار ٿيڻ.

ـ سي مرَ ٻڌن سندرا (آبري ٧/٢)= سي ڀل تہ سندرا ٻڌي پوريءَ طرح تيار ٿين.

● سَندِڙيانِ = سندن، انهن جي.

ـ سَندِڙيانِ سِگِڙي (رامڪلي ١/وائي)= انهن فقيرن جي (ڦوڪ سان وڄائڻ واري) سِگڙي.

ـ سَندِڙي ٻلجهہ پِنن (يمن ٥/وائي-٢)= پنن سَندي ٻلجهہ، محبوب کان سواءِ پين جي مِھر.

ـ سَندِن ڏيھڙو (ڏهر ٤/١٢)= سندن پيارو وطن، سندن اصل ماڳ.

● سَندوء= تُنهنجو.

ـ عالَمُ سَبُ سَندوء (سري راڳ ١/٢٥)= جڳ جهان سڀ تنهنجو آھي.

● سندي= جي.

ـ سَندي سُکَ پِرينِ (ڪلياڻ ٤/١)= محبوبن جي سک.

ـ سَندي سُورَ صفت (معذور ١/وائي)= سُورَ جي صفت، ڏک ۽ سور جي ساراهہ.

ـ سَندي دوستَ (ڪلياڻ ٤/٢١)= دوست جي.

ـ سَندي سردارن (آسا ١/٢٠)= سردارن جي.

ـ سَندي سوڍَلَ سِکَ (راڻو ١/١٣)= سوڍل (راڻي) جي سِک.

ـ سَندي عامَ (آبري ٦/٧)= عام خلق جي، عام غريبن بيواھن جي.

ـ سَندي ڪُنيارانِ (ربپ ٢/١٣)= ڪُنيارن جي.

ـ سَندي سَنگهارَنِ (ڏهر ٤/٨)/= سنگهارن جي.

ـ سَندي نيھَ (يمن ٤/٤)= نيھہ سندي، سک سوز جي، عشق جي.

ـ سَندي اُمتَ چامَ (مارئي ٩/١٨)= اُمت جي چام (نبي ڪريم صلعم).

ـ سَندي سُورَ (يمن ١/٦)= درد جي، ايذاءَ جي.

● سَندياسِ = سَنديس، ھن (مونث) جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڻاوا ٿيا، سِير تي سَوَلا آيا.

- سَڻائِي= سولي، موافق هوا واري.

- ٿِنا سَڻائِيءَ سِيرَ (سامونڊي ١/٣)= اهي سَوَلِيءَ سير تي چڙهيا.

سُڻائڻ= راڳ ٻڌائڻ.

- سُڻائي سُڻَن کي (پرياتي ٢/٢٠)= هو سُڻن کي ٿي سوير ڪيرت سُڻائي، رات وهائي هليو ويو.

● سُڻڻ= ٻُڌڻ.

- سُڻو نَہ ٻُڌي (ڪاهوڙي ١/١٣، ٢/٦)= نڪا سڻڻ ۾ نہ نڪا ٻڌڻ ۾ آئي (= نئين ۽ ڏوراهين).

- سُڻِجُ ڪا (سنهڙي ٣/٧)= ٻُڌج ڪا.

- سُڻِي سونُ لَڪاءِ جو (سامونڊي ١/٣٤)= ’لڪا‘ (=پَرِ لَڪَ، سوماترا- جاوا جو بندر ۽ ملڪ) جي سونَ جي ڳالهہ ٻڌي (تہ اتي گهڻو سون آهي).

- سُڻِي سُڻائيج تون (آسا ٤/٤)= تون اهو چڱيءَ طرح سان ٻڌي، پوءِ ٻين کي پڻ ٻڌائج، تون بہ ٻڌج ۽ ٻين کي ٻڌائج.

- سُڻيجاءُ= سُڻجائو، اوهين سڻجو.

- شَجَرَ سُڻيجاءُ (معذور ٣/٧)= اي وَڻو (’وڻ‘ جو جمع)! اوهين سُڻجوَ.

- سُڻيدهين= سُڻندي ئي، سڻڻ سان.

- سُڻيدهين سُلطان کي ظاهِر ٿِئو ذاتي (سورٺ ٢/٧) = تند جي اها وجت سڻندي ئي، راجا (سلطان) کي ذاتي ظهور ٿيو. (تصرف جي اصطلاح ۾) مٿس ذات الاهي جو جلوو ٿيو.

● سوءِ= سُڻوءِ، تو ٻُڌو.

- مُنڊَ نہ سوءِ (معذور ٤/١٢)= اي منڊ، اي زال، تو نہ ٻُڌو (= تو ’مُوتوا‘ وارو ٻول نہ ٻڌو، مرڻ کان اڳ نہ مُئين ءَ).

● سو= اهو ساڳيو.

- پِرِ ۾ سو پَسيجُ (سنهڙي ٩/١٠)= پنهنجي پِرِ ۾ ان (ساهڙ) کي ڏسجُ. پنهنجو پاڻ ۾ ان کي ڏسج.

● سو=انهيءَ ڪري، اهڙي حلت ۾، پوءِ چو، پوءِ چا لاءِ.

- سو تون ڪُڄاڙاءِ (ڪلياڻ ٤/١٠)= انهيءَ حالت ۾ تون چا لاءِ.

- سوڪين پَلَنہ پاءِ (سورٺ ٣/١٠)= اهو سِر (تنهنجو) تہ منهنجي پَلَنہ ۾ پاءِ (مونکي ڏي).

- سونہ ڪَهين شيءِ ۾ (سنهڙي وائي ١٢/١)= سو سَتُ، سا قُوتَ، ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪانهي.

- سو لَڳِي متان لَٿيين (آبري ٩/٣)= (اي واءِ!) اهو (پنهونءَ وارو پيرو) تون لَڳي متان لٿي ڇڏين.

- سو جي سُڻِين (پرياتي ١/١١)= اُهو جي هُو سڻن ٻُڌن.

- سو ڪِين چِيو چُونِ (معذور ٢/٧)= سسئي ۽ پيا سائس غمہ شريڪ سي اوسارن ۾ اهڙا تہ ڏک وارا لفظ پيا چون!

- سو گهُريوءِ (سورٺ ٣/١٣)= تو اهو گهريو جيڪي مون وٽ هو، يعني (منهنجو سِر).

- سو گهُوريان (سورٺ ٣/١٥)= سو (سِرُ) گهوري تو کي ڏيان تو.

● سُوات= سنئين وات.

- سُونهين ٿِيءُ سُواتَ (کوهياري ٦/٧)= (اي سسئي!) تون سنئين وات جي سونهين ٿي.

● سُواداڻي = خوشخبري، خير مبارڪ.

- سُواداڻي سَجَڻين (سامونڊي ٣/١)= پيارن کي سهڻي واداڻي، خيرمبارڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سوجهي لڌو سُبحانَ (ڪلهوڙي ١/١)= هنن وڏي واڪاڻ واري موليٰ کي صحيح طرح سڃاڻي ڳولي لڌو.
- سوجهي ڪَڍيائون (سري راڳ ٤/٤)= جانچي وڏي ڇاڻ سان ڪڍيائون (تن جوهرين ڪڍيو).
- سَسُئي سوجهي ڪَڍِيا (معذور ٤/١٩)= سسئي سوچي ويچاري سڀ تعلق ڦٽا ڪيا.
- سوجها پيَيسِ (ڪارايل ١/٥)= سمجهه پييس، ڇاڻ حاصل ٿيس.
- سوجهي تان نه سُجهي (سورٺ ٤/١٣)= سوجهڻ سان سمجهه ۾ نه آئي، پروڙڻ سان پوري پروڙ ۾ نه آئي.
- سوجهي ڪِنو صَحِي (راڻو ٢/١١)= وڏي سوچ ڪري صحيح حقيقت کي سڃاتو، حق کي سڃاتو.
- سوجهي سُونَّنائُون (آسا ٢/١٦)= سو جانچي سڃاڻي ان ڏانهن رُخ رکيائون؛
- سوجهيائُون (سلمونديري ١/١٢)= پَڌ ڪري جانچيائون، رٽ ڪري ڳوليائون.

● سودو (جمع) سودا= مَتاسنا، جنس جو واپار.
- سوداَ ڪَري (ڪلياڻ ٤/٩)= سودا چڪائي، ڏي وٺ ڪري، سر ڏيئي محبت وٺي.
- جَني سَودِي سَچَ سِين (سري راڳ ١/١٦)= جن سچ وارو سودو ڪري.

● سُودَا= جن سوجهي چاتو، وڏا چاڻو ڪاريگر.
- سُودَا سِراڻِي (يمن ٤/١٧)= سراڻ جا وڏا ڪاريگر ۽ چاڻو.
- سُودَا ڪي سُجاڻَ (يمن ٤/١٨)= وڏي چاڻ ۽ سمجهه وارا، وڏا هوشيار.

● سُودو= سڌو سولو. سَنئين طرح، صحيح طريقي سان، سميت.
- سُوڌو سگڙين سِين ڪين جو ڪَهيائون (رامڪلي ١/٢٣)= سگڙين وچاڻ سان. ناهي سولو ڪري (سوڌو) جيڪي ڪجهه چيائون.
- سُوڌو سي نه سُٽِين (رامڪلي ٢/٢٥)= پورو سچو صحيح سي نه پٽن.
- سُوڌو سورين سونهَ (ڪلياڻ ٣/١٨)= (مَن جو مَڙڪو) سو تون سولو ڪري نه ڦيرائين، صحيح طريقي سان نه اگهتي ڪرين!
- سُوڌو سُوال پُڇَن (ربپ ١/٣٢)= سنئون سڌو (ڏکائيندڙ) سوال پُڇن (۽ ڪا رک رکاءُ ئي نه ڪن).

● سُوڌي= صحيح، برحق، سچي سربستي، پوري پڪي سمجهڻ ۾ سنئين سَولي.
- سُوڌي سا صِفتَ (ڪلياڻ ١/٢٢)= اها صحيح ۽ سمجهڻ ۾ سولي 'صفت' (ظاهري صورت).
- سُوڌي خَبَرَ پَڪيان (تاهوڙي ٣/٧)= پڪين کي سچي سربستي خبر.
- سُوڌي خَبَر سڄڻين (سنهڻي ٤/١٦)= پيارن پريت وارن جي سچي صحيح خبر تو ڪا آندي!

● سُوڌيُون= سچيون سربستيون.
- سُوڌيُون ڏِيندءِ خَبَرُون (معذور ٢/٦)= تو کي سچيون سربستيون خبرون ٻڌائيندا.

● سوڙهو= راڻو مينڌرو سوڙهو.
- سوڙا صَبرُ تُنهنجو مَرڪُ لَجاينِ (راڻو ٩/١٣)= اي راڻا سوڙا! تنهنجي اها مات لڄي ٿيندڙن کي مَرڪائيندڙ آهي. (مومل ٿي چوي ته: اي راڻا، تو مون سان ماٺهو ستل ڏٺو، پر پنهنجو شڪ پاڻ تائين رکيئي، منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيب نه اگھاڙيندي، منھنجي ڪرجھي ڳالھ پنھنجي ڪنھن سان ڪانھ ڪيندي ۽ ائين مان سان مونکي مرڪائيندي).

- سوڍا صَبُرُ جَنِ (رائو ٩/٢١)= اي سوڍا تنھنجو اھو صبر! (راڻي سوڍي جو صبر جن کي اکين آڏو آيو ته اھي پنھنجن عيبن کي ڏسي لڄ شرم ۾ لڄڻ لڳيون).

● سوڍيون= سوڍن جي قبيلي جون زالون.

- سوڍيون سِجَھائي (رائو ٢/١٤)= سوڍين کي ھيڻو ڪري، بي حال ڪري.

سُورُ= تڪليف، درد، ايذاءُ، آزار، ڏک، اَھُڪُ.

- سَھائي مون سُورُ (ڪتيات ٢/١٥)= چانبوڪي ۽ چتائي مون لاءِ تڪليف واري آھي (جو اُن ۾ پڌرائي ٿي ٿئي).

- سُورِ تُماري جي مَران (يمن ٤/وائي) = تنھنجي سِڪ جي آزار ۾ جيڪڏھن آءُ ساھ ڏيان.

- سِڪَڻُ سَيوِئي سُورُ (ڪلياڻ ٥/٩)= سِڪ ۽ فراق ۾ رھڻ سورُئي سور آھي، سچو سور آھي.

- سُورُ جِنِي کي سَرِئو (يمن ٢/٢)= جن کي (سِڪ جو) سور پلئه پيو.

- سُورَ پِريائين سي (معذور ٢/١٢)= تن کي سورن ساڻ پريائين، گھڻا آزار ڏنائين.

- ڪِھَڙي سُورِ (ڏھر ٢/١١)= ڪھڙي سُورَ جي ڪري.

- سُورُ تَنِي کي سِڪَ (آبري ١/٤)= سور تن (محبتين) لاءِ سِڪ وڌائيندڙ ٿيو.

- سُورِ پَنِي (بروو ٢/١٤)= سور ۾ پني.

- سُورَ چَرَان (رامڪلي ٤/٥)= سُورَ ڪاوَان، ڏک سَھانءِ.

- سُورَ چَري (ڏھر ٥/١٨، رامڪلي ٤/٨)= سور ڪاٽي.

- سُورَ مَ سَلڻ سِڪُ (رپ ٢/٥)= اھو نه سک ته سور ڪيئن سلجن، ڪيئن بيان ڪري ٻڌائجن (سورن کي ساندڻو آھي، اندر ۾ رکڻو آھي).

- سُورَ ڏِنَائُون سَلَ (رامڪلي ٤/وائي)= مُون کي سُورن جا سَلَ (ڇيندڙ سوراخ) ڪيائون.

- سُورُ سُماري ڪِينَڪِين (آبري ٦/٩)= سور سمھڻ نه ڏي، آزار آرام ڪرڻ نه ڏي.

- سُورِ سَماء (ڪلياڻ ٥/٢٠)= سور جي خبر، ايذاءَ جو چاڻ.

- سُورَ طَبِيبَ (يمن ٢/٢٩)= سُورَ جا طبيب، سُور ۽ آزار لاھيندڙ.

- سُورَ ڪِنَار (يمن ١/٦)= ڦٽ يا زخم جي چوڌاري سور واري ڳاڙھي ڪنار، ڦٽ جي چوڌاري سوڄ ۽ سور وارو گھيرو، گھيري واري وٽ جنھن ۾ سخت سور جو احساس ٿئي.

- سُورَنِ سَانِدِيَاسِ (حسيني ١٢/١٣)= سورن مون کي سانڍيو، مونکي سنڀاليو (نڀائي وڏو ڪيو).

- سُورَنِ سِجھائِي (سامونڊي ٢/٢٠)= سورن مون کي پورو ڪري ڇڏيو.

- سُورَن سَڄ ڪِي (يمن ٢/٢٩)= سورن جي سڄ ڪئي، سور سامھان ڪيا، سور ڏنا.

- سُورَنِ سڄ (ڪلياڻ ٥/١٣)= سورن جي سَڄ، سورن کي سامھون آڻڻ، آڏا سور ڏيڻ.

- سُورَنِ سَھيلي (معذور ٦/٤)= سسئي سورن جي سھيلي آھي، ۽ سُور ساڻس ٻيلي ۽ ھمراه آھن، (ته پوءِ ھو ڏونگر ڏورڻ کان سواءِ، ڪيئن اجايو ويھي رھي!)

- سُورَان سَرھَائِي (آسا ٥/١٥)= سُورن مان سرھائي، غمن مان خوشي.

- سُوران ئي سَھيج (رپ ٢/٤)= سُورَن کي ئي پيو

سَهڻ، برداشت ڪرڻ.

● سَورانگهي (يمن ١/٢٥)= اورانگهي، مٿان لنگهي، مٿان مٿي.

● سُورائِتي = سور واري، محبت جي درد فراق واري.

— سُورائِتيءَ سُورِ پِئي (بروو ٢/١٤)= سُور واري سور ۾ پِئي (سور سَهي).

— سُورين صبر نه ڪري (رپ ١/٣٩)= سُورن هوندي صبر نه ڪري، سُورن ۾ صبر نه ڪري.

سورٺَ وَر (سورٺ ١/١٠)= سورٺ جا وَرَ.

سورِٺيا (سورٺ ٣/٣)= 'سورٺيا ڏوها' ڏيڻ وارا ڳائڻا، سورٺ ملڪ جا ڳائڻا.

● سورڻ = چورڻ، ڦيرائڻ، اڳتي ڪرڻ، ويجهو ڪرڻ، تسبيح سورڻ، (الله الله چئي تسبيح جو هڪ مڻڪو اڳتي ڪرڻ).

— سَارَ لَهندَمِ سوري (آبري ١٠/وائي-١)= پاڻ ڏانهن ويجهو ڪري منهنجي سار سنڀار ڪندا.

— سُوڏو سورِين سونه (ڪلياڻ ٣/١٨)= (تسبيح وارو مڻڪو به) سنئون سَولو ڪري اڳتي نه سورين.

— تِئن سُمَرَڻيون سورِينِ (رامڪلي ٤/١١) = تئن هو تسبيحون ڦيرين.

● سورهيه، سورِهه= بهادر، دلير.

— سُورِهه پرين سَندوم (يمن ٣/١٢)= منهنجو بلهست پيارو محبوب.

● سُوري (ڪلياڻ ٥/١)= اگ ڪنهن وڏي ڏوهاري کي سخت موت جي سزا ڏيندا هئا ته ان کي سوريءَ تي چاڙهيندا هئا: يعني ته هڪ اونهي کڏ يا کوهه جي مٿان رکيل تختي تي ويهاريندا هئا جنهن جي هيٺان تري ۾ اُيا پالا کُتل هوندا هئا، نيزن مثل تکين چوٽين سان سيخون کتل هونديون هيون. تختي تي ويٺل ڏوهاري نيٺ ننڊر سببان بيحال ٿي هيٺ ڪرندو هو ۽ پالن ۾ ٽنگجي مري ويندو هو.

— سُوريءَ سَڏُ ٿِئو (ڪلياڻ ٥/٢)= سُوريءَ تي چڙهڻ لاءِ سوريءَ ڏانهن هلڻ جو سڏ ٿيو.

— سِرُ سُوريءَ (ڪلياڻ ٤/١٥)= سِرُ سُوريءَ تي.

— سُورِيءَ سِپيرِينِ جي (ڪلياڻ ٤/١٧)= محبوبن جي (عاشقن لاءِ تيار ڪيل) سوري.

— سُورِي پانءِ مَ شَڪ (يمن ٣/٨)= سُوريءَ کي شڪ ڪري نه پانءِ، عشق جي سوري ۽ سختي ۾ شڪ نه آڻ.

— سُوريءَ چاڙهيا (آسا ٦/٦)= سُوريءَ تي چاڙهيا ويا.

— سُورِيءَ مَٿي (ڪلياڻ ٥/٦)= سوريءَ تي مٿي چڙهڻ لاءِ اچي بيهڻ وقت يا سوري تي چڙهيل حالت ۾ (جڏهن هو مرڻ پيا يا مري چڪا آهن ته به سندن چهرا ٻهڪن پيا، منهن مرڪن پيا).

● سُوريَان = سُوريءَ مان.

— سُورِيان ئي سيجَ ٿي (ڪلياڻ ٥/٦)= سوريءَ مان ئي سيج ٿي، (سوريءَ تي چڙهڻ سان ئي سيج ملي) سوريءَ مان ڦري سيج ٿي، سوريءَ بدران سيج ٿي.

— سُورِيُون سَجَنِ سيل (آبري ٩/١١)= سورِيون ۽ انهن جي پالن جون چوٽيون چنهبون پيون ڏسجن.

● سوڙ (رپ ٢/٩)=ڪپه سان ڀريل گرم اوڇاڻي، سَوَڙ.

— سوڙيين سُمَهَان (مارئي ٣/١٤)=سوڙيون اوڍي سمهان.

● سوڙ، سوڙهه= گهٽ، تڪليف.

— سارنگَ لاٿِي سوڙ (سارنگ ٤/٢١)= مينهن اچي سختي ڪٽي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي سونهون ڪري ڇڏيو.

● سُونهَپَ = واقفيت.

- سُونهَپَ ۾ سَپَ گهٽا (ڪلهوڙي ٢/٣) = سُونهين وات ۾ گهٽا خطرا.

- سونهپ جي (معذور ٧/٣) = وات جي سونهپ، راه جي رهبري.

● سونهريون (واحد. سونهري) = سوني جَڙاءَ واريون تلوارون، قيمتي ترارون.

- سونَهَرِيُون سَرڪِئو (ڏهر ١٥/٣) = سُونهَريون تراريون، سامهون سنيون ڪيو.

● سُونهڻ = سُونهن وارو هجڻ، سهڻائي وارو هجڻ، سهڻو لڳڻ.

- سي سُنائي سُونهَنِ (آسا ٣/٧) = سي سُتل آهن تہ بہ سهڻا پيا لڳن.

- سونهڻ لڳا سير (ڪنيات وائي ٢/١) = (محبوبن جي اچڻ جي ڪري) گس سونهڻ لڳا، سهڻا ٿيڻ لڳا.

- سُونهَڻَ لڳا (ٻلاول وائي ١/١) = سهڻا نظر اچڻ لڳا.

● سُونهَڻَ = ڪاٺ جو ڪليون جن سان ٻيڙيءَ جي پاسن ۾ تري وارا تختا ٺوڪي پڪائجن.

- سي سُونهَڻَ سَپَ سَڙيا (سامونڊي ١١/١) = (ٻيڙيءَ جي تختن ۾) اهي ڪاٺ واريون ڪليون (پاڻيءَ ۾ ڳري) سڙي ويون.

● سوءِ = سُئوءِ = تو سُئو، ٻڌوءِ.

- ڪِپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين (سري راڳ ١٦/٣) = جيڪو (خوفناڪ) ڪپر تو ڪنن سان ٻڌو.

● سُوءِ = وفات جو غم، وفات جي غم ۾ ڪن شين جي استعمال کي ترڪ ڪرڻ.

- سونُ اسان کي سُوءِ (مارئي ١٠/٧) = سونُ پائڻ اسان لاءِ سوءِ (غم) آهي.

- سوءِ وَرتي (مارئي ١٣/٣) = اسان عيد بہ سوءِ ڪري ورتي، عيد کي ملهائڻ بدران سوءِ ڪئي، غم جو اظهار ڪيو.

● سوئيتا = سُوءِ ۾، غم ۾.

- سُدا سُوئيتا ڪاپِڙي (رامڪلي ٧/٤) = اهي وڏا فقير سدائين ڏک ۽ غم ۾ آهن.

● سوئي = هوئي.

- سوئي سُجاڻيجُ (پورب ٦/٢) = ان حقيقي خالق مالڪ کي ئي سڃاڻيج.

- سوئي پاڙِج هوتَ (آبري ١٣/٤) = اي هوت، اهو پنهنجو وعدو پورو ڪج.

● سَهُ = جيڪي سُئو ويو هجي، برداشت ۽ اندر جو سانڍيل پيار (جنهن جي ڪري هر ڳالهہ جي برداشت)

- سَهُ جَني سين اوريَان (رپ ٣٧/١) = جن سان جيڪي مون سئو آهي سو بيان ڪريان، پنهنجو ڏک بيان ڪريان.

● سَهُ = پيار، قرب.

- سَهُ ڏيَڻ (رپ ٣٧/١) = پيار سان سهڻ، پيار ڏيڻ.

● سهہ سيارو = تَهہ سيارو، سخت سيارو، پُور سيارو.

- سِيارِي سِهَ راتِ (سنهڻي ٢١/٤) = سِهِ سياري رات ۾، تهہ سياري واري سخت ٿڌي رات.

● سُهاڳُ = پرڻي وارو بخت (پرڻيل زال جو خوشين ۾ پنهنجي مڙس سان گڏ ويتار سان گڏ، خير خوشي واري زندگي گذارڻ وارو سَمان)

- سوپي اِن سُهاڳَ کي (ليلان ٢/٣) = اي بختاوَر، تون پنهنجي ڪانڌ سان گڏ خوشيءَ وارن ڏينهن کي.

ـ اِن سُهاڳ کي (رائو ٩/٦)= رائي سان گڏ خوشين وارن ڏينهن کي.

ـ سُهاڳ جي (بلاول ٢/١٦)= پرڻي واري بخت جي.

ـ سَندا ڏينهَ سُهَاڳَ (پرڀاتي ٢/٢٢)= (اصطلاح طور) سک ۽ خوشي جا ڏينهن (سخي سپرن جي پيار ۽ مهر وارا ڏينهن).

● سُهَاڳڻيُون = سهاڳ واريون، جيڪي پنهنجي وَرن سان خوش آهن.

ـ سَيِئني سُهَاڳِڻيُون (کامود ٤/٥)= سيئي سهاڳ واريون (جام تماچي جي گهر واريون رائيون).

ـ سِگهو ڏئي سُهاڳِڻيين (ليلان ٢/١)= سهاڳ وارين کي جلد ڏئي.

سُهَاڳِي = سهاڳ واري، سُهاڳ وارا، بختاور.

ـ سلمِي سُهاڳِي (رامڪلي ٥/٢٨)= بختاور فقير.

ـ سهاڳِيُ ٿيڻ= سهاڳ واري هجڻ (اصطلاح طور) خوشي مائڻ.

ـ سُهَاڳِي ٿِئين (آسا ٧/١٣)= خوشي مائين.

سُهاءِ = سُونهاءِ، سونهي.

ـ شُڪُرُ جنهِ سُهاءِ (سنهڙي وائي ١/١)= جنهن کي شُڪر سُهائي، شڪر سونهي.

● سَهائڻ = برداشت ڪرائڻ.

ـ سُورِ سَهَاءِ (ڪلياڻ ٥/١١)= سُور سهائي، (پنهنجي عاشق کي) درد ۽ ايذاءَ ڏيڻ وٽي.

سُهائڻ= سونهائڻ، سهڻي لڳڻ، ٺهڻ.

ـ سا مون گهٽو سُهاءِ (پورب ٢/٥)= اهو مونکي گهڻو سهڻي لڳي ٿي.

سَهائو = شعاع، اُجالو.

ـ ڪِئو سامِي سَهائو (رائو ١٠/١)= سامي اُجالو ڪيو، سندس سهڻائي روشني ڪري ڇڏي.

● سَهائِي = روشني واري، چانڊوڪي واري.

ـ سَهائِي (ڪلياڻ ٣/٩)= چٽائي، روشنائي، اڇو ڏينهن.

ـ سَهائي سُپيرين جِي (ڪلياڻ ٤/٢٧)= محبوبن جي حسن جي شعاع.

ـ سَهائي مون سُورُ (ڪنيات ٢/١٥)= روشني منهنجي لاءِ تڪليف واري آهي (ڇاڪاڻ جو محبوب سان روشني ۾ ملڻ سان پڌرائي ٿيندي).

ـ سَهائيءَ جَهلَ (ڪلياڻ ٤/٣١)= روشنيءَ جي آڌار تي، روشني جي ويجهو، روشني وٽ، شمع جي شعاع وٽ ويجهو.

ـ سَهائي ساءِ (ڪلياڻ ٤/٣٣)= سهائي جي ساءِ تي، سهائي جي ميٺ خاطر، شعاع سان محبت واري ميناج تي، روشنيءَ جي لذت ۽ لطف خاطر.

ـ سَهَائِي سِياهُ (ڪوهياري ٤/٢)= چٽائي ڪاراڻ، روشني ڪاري (اصطلاح ۾) وڏي چٽي روشني جنهن ۾ اکيون پورتجي وڃن ۽ اونده ٿي وڃي.

ـ سَهائي وٽ (ڪلياڻ ٤/٣١)= سَهائو تنهن جي پر ۾ باه جي روشني وٽ، روشنيءَ لڳ، شعاع جي پر ۾.

ـ رَاتِ سَهائِي (ڪنيات ٣/٢)= رات چنڊ ۽ تارن جي روشنائي واري.

● سَهَتَ = سک ۽ چڪ، مهت سهت.

ـ سيڻَنِ جِيءَ سَهَتَ (حسيني ٥/١٩، رپ ١/٢٦)= پيارن سڄڻن جي سک ۽ چڪ جي آڌار تي مون لاءِ جبل تي چڙهڻ به ڏولي ٿيو.

● سَهَجُ= سات سهج، هيج، وڏي خوشي، وڏو وڙ.

شوق خوشي ۽ سک وارو جذبو.

ـ سَهَجُ سُوري پانئيان (مارئي ٣/١١، وائي ٦/١)= سُک سهنج آءُ سُوري کري ٿي سمجهان.

ـ توءِ سَهَجُ نه مَتي سُنهَٽي (سنهٽي ٨/١١)= ته به سنهٽي پنهنجو سک ۽ شوق وارو جذبو نه ڇڏي.

ـ سَهجَ جو (رپ ٢/١٨)= محبوب جي مهربانين جو، محبوب سان سگهوئي ملڻ جي خوشيءَ جو.

ـ سَهَجَ مَنجهاءُ (حسيني ١٠/١٣، سارنگ ٤/٩)= سکِ ۽ خوشيءَ مان.

● سَهجا = سهج مان، هيج مان، خوشي ۽ خير خواهي سان.

ـ ساهيڙيون سَهجا (ديسي ٢/٤)= اي جيڏيون، سهج مان، هيج مان.

● سَهَجَ = سهجَ، پيار ۽ خوشيءَ وارا ٻرتاءُ، وڙ مهر ۽ مهرباني.

ـ سَندا تنه سَهَجَ (پورب ٢/٤)= تنهنجا ٿورا وڙ ۽ احسان.

ـ سيڻن ڪِيو سَهَجُ (آسا ٢/٩)= پيارن سڄڻن وڏو وڙ ڪيو، مهرباني، رضا ۽ خوشيءَ وارو ٻرتاءُ ڪيو.

ـ سُورَ جَنِي کي سَهجَ (رپ ٢/١٨)= (سک ۽ فراق وارو) سور جن لاءِ خوشي ۽ خوشحالي آهي.

ـ سامِي کَنِ سَهَجُ (رامڪلي ١/٣٤) = فقير خوشي ڪن، وڙ ڪن.

● سَهسَ = سوين (اصطلاح طور) گهڻا.

ـ سَهسَ ڪري سِينگار (سامونڊي ٤/١٧)= سوين سينگار ڪري، گهڻا ٺاهه ڪري.

ـ سيڪاري سَهسَ (راڻو ٩/١٧)= گهڻا سيڪاري.

ـ سائِرَ سَهسَ گَجَنِ (سنهٽي ٨/١١)= سوين پاڻي گوڙيون ڪن، دريا ۽ سمنڊ گوڙيون ڪن.

● سَهسين = سئو سوين، ڏهه هزارين. (اصطلاح طور) تمام گهڻا.

ـ سَهسين سِجَنِ اُڀري (ڪنيات ٢/١٢)= سؤ سوين سجَ اڀرن.

ـ سَهسين شُڪرانا (سري راڳ ٢/وائي-١)= هزارين شڪرانا.

ـ سَهَسين سَائرَ ٻوڙيون (سنهٽي ١٢/٨)= دريا (سائر) سوين ٻوڙي ڇڏيون.

ـ سَهَسين سِجَ وِٺا (معذور ٧/٢)= هزارين سج لهي ويا، گهڻائي ڪي ڏينهه گذري ويا.

● سَهمجَڻ = خطري واري خوف ۾ هڪي ٻيهي رهڻ، خطري سبب ڊڄي ٻيهي رهڻ.

ـ سَنَاوَرَ اُت سَهميا (سنهٽي ٣/٥)= وڏا تارُو ترڻ وارا به اُت هڪي ويا.

● سُهمو (جمع) سُهما = طعنو، مهڻو.

ـ سُهمَا ڏينمِ (سنهٽي ١١/٨)= مون کي طعنا ڏين، مهڻا ڏين.

● سُهُڪُ = سک.

ـ ڪونهي سُهُڪُ سُولُ (مارئي ٤/٩)= سک پورو صحيح ڪونهي، سک جي صورت واري سهٽي ڪانهي.

● سَهُڪو= سُکيو.

ـ سَهُڪو هوندو سو (آسا ٣/١)= اهوئي سکيو هوندو.

ـ سَهُڪيءَ پَتِ (سري راڳ ٢/١١)= سَوليءَ طرح.

● سَهَندَلُ =سهڻ وارو، جيڪو سهي ٿو، سهي سگهي ٿو.

ـ تيڏو سَهَندَلَ سُپرين (رپ ٢/٢١)= ايڏو وڏو سهڻ وارو محبوب.

● سَهَنگِي آهه (يمن ٦/٧)= (ٽني ضلعي ۾ هينئن لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● سَئين = سِڌ، سِڌي، هڪ سارِيڪي سطح واري.

ـ سَئينءَ = سِڌائي ۾، سِڌو ٿي، سنئون ٿي.

ـ ساڱُهي سَئينءَ وَهين (ڪنيات ٥/٣)= راضي ٿي سُرت ڪري سڌائي ۾ هلين، سچو سياڻو ٿي سِڌو تڪڙو هلين.

● سي = اُهي.

ـ سي سُتائِي سُونهَن (آسا ٧/٣)= اهي (جن جو ذڪر پهرين سٽ ۾ آهي) سُتل آهن ته به ٺهن ٿا.

ـ سي آءُ ڪَندَڙِي سيڻَ (يمن ٦/وائي)= اُهي آءُ پنهنجا سڄڻ ڪنديس، انهن سان آءُ پنهنجو پيار وارو ناتو رکنديس.

● سِيَاڪو = ١. سِياءُ (عزيزن) جو ميڙ، ٢. هم شريڪن وارو واسطو، لاڳاپو، ٣. هڪ جهڙن جي ڳَڏجاڻي (جنهن ۾ پَرڪا ۽ پيٽ).

ـ صُباحَ سِياڪو (پرڀاتي ٢/٩)= (اي مڱڻا) سياڻي پنهنجا سڀ سِياءَ (عزيز)، سڀ لنگها پائر، گڏ ٿيندا.

ـ سِيَاڪو سيڻَانِ (ڪاهوڙي وائي ٣/١)= ساڻن سِياءَ وارو (سياڪو) سڱ.

ـ ڪونه ڪيو سيڻَنِ سَيَاڪو (رپ ٣/وائي)= سڄڻن مون سان ڪڏهن به شراڪت وارو برتاءُ ڪونه ڪيو. (هميشه عزازت ۽ محبت وارو برتاءُ ڪيو).

ـ نه سَڱُ، نه سياڪو (راڻو ٨/١٣)= نه عزازت نه شَراڪت!

ـ ڪَهڙو سَڱُ سِيَاڪو (آبري ٥/وائي-٢)= ڪهڙي مِٽري مائٽري ته ڪهڙي شراڪت.

● سيڻانِ = ساڻن، انهن سان گڏ.

ـ سِيَاڪو سيڻَانِ (ڪاهوڙي ٣/وائي-١)= انهن ساڻ عزازت وارو سَڱُ، شراڪت وارو واسطو.

● سِيَاهي = اونداهه.

ـ سَيا سِيَاهي (ديسي ٢/٦)= سڄي اونداهي، هر طرف کان اونداهي.

ـ سِيَاهِيءَ جو (آسا ٥/١٠)= ڪاراڻ جو.

● سُياءِ = تو سُئي، تو ٻڌي.

ـ ته سِرِ بُرِ هُوندَ سُياءِ (ڪوهياري ١/١١)= ته جيڪر تون ٻُڌڪو ٻڌين ها.

● سِياءَ= ١. عزيز، مائٽ ٢. هم شَريڪَ.

ـ سڳا جي سِياءُ (پرڀاتي ٢/١٢)= جيڪي ويجها پيارا مائٽ.

● سِيَاءِ = (مونث) ويجهي عزازت واري، ساڳي عزازت واري.

ـ هُيَسِ جي سِياءِ (حسيني ٤/٤)= جيڪڏهن آءُ (ڏيرن جي ويجهي عزازت واري هجان ها).

● سِياءُ = حسب نسب، سڱ ۽ مائٽي ۾ برابر هڪجهڙو، شريڪُ، هَم شريڪ.

ـ ننڍي وڏي ڳندريءَ سَينِ آهي سياءُ (ڪامود ٤/١) = جام تماچي پنهنجي اخلاق جي بلنديءَ سان، ننڍي وڏي ڳندريءَ جو سياءُ آهي، انهن کي پاڻ جهڙو سمجهي ٿو.

ـ سُونهَ سِيَاءُ (راڻو ٤/٩) = سُونهن ۾ سياءُ، حسن ۾ برابر.

● سيبا = ٽروپا.

ـ سَهسين سيبا ڪَنجَري (مارئي ٢/١٦)= چوليءَ کي سوين ٽروپا آيل (پراڻو غريباڻو چولو).

● سِيباڻو = دل کي وڻي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينڌي (مونث) = واقف، سڃاڻو.
– سينڌي سُورَجي (آبري ٦/وائي-٢، حسيني ١٢/وائي-١) = سُورَجي واقف، سُورجي سڃاڻو.
● سينگارَ = زيب، سهج.
– اِي سِينگارَ سَنداء (ڪلياڻ ١٣/۴)= اهي تنهنجا سينگار!
– سُوري ئي سِينگارُ (ڪلياڻ ٢/۵)= سُوري سينگار ئي، سوري سونهن واري ئي.
● سينگارڻ= سنواري سونهن وارو بنائڻ، سهڻو ڪرڻ، زيب ڏيڻ.
– سُوري سينگاري (ڪلياڻ ۵/۵)= سوري سينگار بنجي، سونهن ٿئي، سهڻي لڳي، ٺهي.
سينسارُ = واڳون مثل پاڻيءَ جو جانور جنهن جي منهنار سنهي ڊگهي ٿئي، سيسرُ.
– جِتِ سَناڻا سينسارُ (سنهڻي ۴/٣)= جتي زور وارا سينسار آهن.
– سَهَسين جي سينسارُ (سنهڻي وائي ١/٣)= جيترئيڪ ڪئي سوين سينسار هجن.
سِينو = ڇاتي.
– سِينو سِپَر رکِ (يمن ٨/٣)= سيني کي سپر ڪري جهل، پنهنجي ڇاتيءَ کي سپر طور سامهون ڪر.
– سينو سَاهڻ (آبري ١۴/٧)= مقابلي لاءِ ڇاتي سنئين ڪرڻ. سينو پاهر ڪيڻ (اصطلاح) مقابلي جي طاقت سارڻ، مقابلي جي طاقت ڏيکارڻ.
سِينهُ، سِينهَن = شينهن.
– سَگَ ڪَري سِين سِينهَ (راڻو ١/۴)= شينهن سان سگ ڪري، (اصطلاح) زوراور سان ناتو رکي.
– سَڪنا سِينهَ گُهمَنِ (ڪاهوڙي ١٨/٢)= شينهن بہ ڊنا وتن.
– پِنو سانباران سِينهُ (سنهڻي ٨/٦)= پنو درياءَ جي پٺي پاران (عشق جو) شينهن.
● سِينٺَ، سِينءِ = سوڍو، ٽائين.
– سِينءِ پِرياتِ (ليلان ١٧/٢)= پرِيات سوڍو پريات ٽائين.
● سيڻَ = ويجها عزيز، مائٽ، پيارا، سڄڻ.
– جِئَن سيڻَ مَنَائِين سونَ ٿي (مارئي ١١/٩)= جئن جو هو سونَ جي بدلي مائٽ ڏيئي ڇڏين، سڄڻ کي سون تي وکڻي ڇڏين.
– سيڻَنِ رِءِ (سارنگ ٣/١)= پيارن سڄڻن کان سواءِ.
– سانِيڙا ۽ سيڻَ (مارئي ۵/٩)= پيارا ساٿي ۽ ويجها مٽ مائٽ.
– آهِينِ سيڻَ سَتارَ (مارئي وائي ١/١)= منهنجا عزيز ۽ مائٽ هڪ ڪينڊو (ستار) آهن، وڏا مهربان آهن.
– سُتي وَهيا سيڻ (ڪوهياري ١٧/١)= منهنجي سُتي سڄڻ هليا ويا.
– سامُونڊِري! مُون سيڻَ (سامونڊي ٨/۴)= سامونڊي وڻجارا منهنجا پيارا سڄڻ آهن.
– ڪري سامونڊِري سيڻ (سامونڊي ١٨/٢)= وڻجارن کي پنهنجو عزيز بنائي.
– سُوريءَ مَٿي سيڻَ (ڪلياڻ ٦/۵)= سوريءَ تي چڙهيل پيارا سڄڻ.
– سيڻن ڏون (رامڪلي ١٠/٢)= سڄڻن ڏونهه، پيارن ڏانهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● شـاخَ (جمع) شـاخـون= لامَ - تاري، واهي، راس، ڪِرڻ جي ليڪ.

- شاخُون ڪَڍيُون (راڻو ٥/٣)= (سج) راسيون ڪڍيون، ايرڻ بعد سج ڪِرڻ جون ليڪون لاٽون ڪڍيون.

● شادي = خوشي، وهانءُ.

- شادِي ڏيني صِحَتَ جي (آبري ٤/وائي)= صحت ۽ چڱيلائي جي وهانءُ واري خوشي ڏيئي.

- شادِي ڏِيندو صِحَتَ جِي (يمن ١٦/٢)= چڱيلائي ۽ عافيت جي خوشي ڏيندو، خوشي واري واڌائي ڏيندو.

- شَادِيءَ جو سِينگار (حسيني ٢/وائي)= وِهانءَ جي سونهن جو سردار (اصطلاح) نهايت سهڻو گهوٽ.

●شَارِڪُ = شرڪ ڪندڙ دوئي جو گمان رکندڙ.

- شـارِڪَ شَڪُ وڃـائيـن (ڪليـاڻ ٣/٦)= تہ اي شرڪ ڪندڙ تون پنهنجو شڪ ختم ڪرين.

● شَاڪِرُ = شڪرانو ڪندڙ راضي ۽ خوش.

- سَدا شـاڪِرَ سُورَتي (يمن ١/١٩)= اهي سدائين سور ۽ آزار تي شڪر ڪندڙ آهن، شڪر سان سُورَ سهندڙ آهن.

● شال = شَلَ، شالا، سدائين.

- شَالَ جِئَو (ديسي ١/١٤)= شال پيا جيئو، سدائين سلامت هجو.

- شَالَ سي اوڏڙا آهِن (رامڪلي ٦/وائي) =شال سي اوڏڙا هُجن، ويجها هُجن (جو ڪِين ڏسي سگهان).

شامَتَ =مصيبت، بُرن عملن جو برباد ڪندڙ نتيجو، مارِيندڙ شيءِ.

- سِگهيون شامَتَ هَٿَ جِي (رامڪلي ٢/٣٠)= فقيرن جيڪي سگهيون وجائيون تي، سي هوڏ ۽ هٿ جي شامت آهن، هٿ وڌائي ڪي مارِيندڙ آهن.

● شانُ= مانُ، مرتبو.

- آهِين شانَ شُعُورَ سِين (بروو ١/٣)= اي محبوب تون وڏي شان شعور وارو آهين، عالي دماغ وارو آهين.

● شاهُ = شاهه بندر، بندر جو شـاهه (جنهن کي ميججي ۽ جنهن کي حساب ڪتاب سان محصول ڏيڻو آهي).

- تو نہ سَرَنِدي شـاهَ رَي (سـري راڳ ٣/٢)= (اي ناکئا! اي وڻجارا!) بندر جي شاه کي ميڄڻ کان سواءِ تنهنجي ڪانہ سرندي.

● شاهِدَ = شاهدي ڏيندڙ.

- شـاهِدَ ٿِيندءِ سلـمُـهان (ڪليـاڻ ١/٤)= پڪا شـاهد تنهنجي روبرو ٿـيندا ۽ تنهنجي خـلاف بيـان ڏيندا (تنهنجا عـضـوا شـاهد ٿيندا؛ اکيون، زبان، هٿ پير شاهديون ڏيندا).

● شَبَ = رات.

- شَمَعَ بارِيندي شَبَ (راڻو ٥/٦)=رات جو شمع باريندي.

● شَبانُ = ڏنار.

- رَسُو سُوزُ شَبانَ کي (آبري ١/٢٠)= ڏنار کي بہ درد ٿيو.

● شبيه= صورت.

- سيڄَڻِ جيءَ شَبِيهَ (سارنگ ٤/١٥)= سڄڻن (محبوبن جي صورت سان).

● شَجَرُ = وڻ.

- شَجَرَ سُـٽيجَاهُ (معذور ٣/٧)= اي وَڻَ! اي وَڻو! اوهين پٽو اوهين پُڄجو.

● شَرَعَ (ڪلياڻ ٣/١٤)= شريعت.

● شَرَطُ= داءُ، بازي، ڪـيل مـعـاهدي مطابق تقـاضـا، لازمي پورائي.

- اِيءُ شَرَطُ (ڪليـاڻ ٤/٩)= اهو شرط، اها ضروري

ڪفر، اها لازمي تقاضا.

● شرڪ = دوئي، ٻِن خدائن وارو وهم.

ـ سو شِرڪُ لاهي شَڪُ (ڪلياڻ ٣/١١) = اهو شرڪُ اهڙو جيڪو شڪ لاهي ڇڏي.

ـ شِرڪَ ساڻُ (ڪلياڻ ٣/۴) = دوئي يا ٻيائي سان گڏ.

● شَرمُ = پَت، حياءُ، لڄ.

ـ شَرمُ رکِين (سري راڳ ٢/١٥) = پَتِ رکِين حياءُ رکين ۽ لڄ رکين.

● شَرِيعَتَ = اسلام جي حڪمن احڪامن، قاعدن قانونن ڪي بالڪل صحيح نموني سان سمجهڻ واري هدايت، اسلام جو ٻڌايل مڪمل ضابطہ حيات.

ـ شَرِيعَتَ سُڃاڻ (ڪلياڻ ٢/٢٢) = تون شريعت کي سڃاڻ، شريعت جي ساڃاهہ رک.

● شِفا = عارضُن کان آجائي، مرضن کان نجات، صحت ۽ چڱيلائي.

ـ صاحِبَ! ڏِئين شِفا (يمن ١/١) = اي مالڪ، تون صحت بخشين!

● شَڪُ = 'هيڪڙائي حق' ۾ شڪ، دوئي وارو شڪ شبهو، غير وارو گمان.

ـ سوڙا لاٿَمِ شڪَ (راڻو ٧/١٣) = سوڙهي منهنجا سڀ شڪ لاهي ڇڏيا (مون کي سندس همت ۽ حوصلي جي پوري پڪ ٿي وئي.)

● شَڪُ نِيَڻُ (ڪلياڻ ٣/٨) = شڪ ڪرڻ، شڪ آڻڻ.

ـ شَڪُ مَ ني (ڪلياڻ ٣/٨) = شڪ م آڻ، شڪ سان نہ ڏس.

● شُڪرُ = احسان جي مڃتا، شڪرانو.

ـ ايءُ شُڪرُ اَلحَمدُ، جِئَن مَتو ڪُهريو مَڱِئا (سورٺ ۴/١٠) = ڏٺي جي حمد ۽ شڪر جو تو (مون کان) متو گهريو (جيڪو مون وٽ آهي، ڏيئي سگهان ٿو؛ پر جي ڪا اهڙي شيءِ گهرين ها جيڪا مون وٽ نہ هجي ها تہ مون لاءِ وڏو لاچار ٿئي ها).

ـ شُڪر بَارَسَنداءِ (ديسي ٢/١١) = اي ڏٺي تنهنجا شڪرانا ٻجاءِ!

● شِڪَستي = پڳل ٽُٽل، چُور چُور ٿيل، ٿڪل، ضعيف، هيڻي.

ـ هُني شِڪَستِي سَستِي (ديسي ٢/وائي) = سستي هيڻي ۽ ضعيف هئي.

● شِڪَمَ = پيٽ.

ـ جِني شِڪَمَ سانڍِئا (رامڪلي ٥/١٢) = جن پنهنجا پيٽ سنڀاليا، جن پنهنجا پيٽ پيارا ڪيا.

● شمسُ قمَرُ (سارنگ ۴/١٥) = سجُ چنڊُ.

● شَمشير = ترار.

ـ صَبرَ جي شَمشِير سِين (رامڪلي ٢/٣) = صبر جي ترار سان.

● شَمَعَ = چِٽو سوجهرو ڪندڙ ٻَتي.

ـ شَمَعَ ٻارِيندي شَبَ (راڻو ٥/٦) = رات جو ٻتي ٻاريندي (وهندي جاڳندي).

● شِوا وَهاوَ شَمُوشِ (ديسي ٧/٧) = (بلوچڪي) (اي سسئي تون) راتين ننڊ وسار.

● "شُوري" (مارئي ١٠/١٣) = قرآن شريف جي سُوره (۴٢) جو نالو، مَشورو، صلاح صواب.

● شَهبازُ = وڏو طاقتور باز.

ـ شَهبازُ ٿيءُ (سورٺ ٢/١٠) = شهباز وانگر وڏي قوت ۽ طاقت وارو ٿيءُ (تہ توکي پرائيين، يعني تہ ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم جي ۽ قيمتي شيءِ توکي هٿ اچي).

ـ شَهبازَ جو سَنڪو (ڪارايل ٣/وائي-١) = (وڏي طاقتور مارينڊڙ پکي) شهباز جو وڏو ڏڪ.

● شُهدي = ويچاري، نماڻي، سڪايل.

ـ شُهديءَ کي مَرسِڪايو (آبري ١/وائي-١)= ويچاري سڪايل کي وڌيڪ نہ سڪايو.

● شَيءِ ثَنا (سنهڻي ١/١١)= (اصطلاح) پورا ٿيا، ٺهي بيٺا.

● شَيدا= فدا، قربان.

ـ شَيدا صَلابَتَ جي (حسيني ٢/وائي)= (هيءَ پانهي) سهڻي محبوب (پنهون) جي قد ڪرڙي تان فدا آهي.

● شَيطاني (ڪلياڻ ١٧/٣)= شيطان واري.

# ص

صابَ= مقبول.

ـ سڏ منهنجا صاب پيا (بروو ٣٠/٢)= منهنجا سڏ سجايا ٿيا، مقبول ٿيا، اگهايا.

ـ سفر مٿيءَ جا صَابِ پِيا (ديسي ١٢/٣)= سسئي جا پنڌ مقصد تي پهتا، سَجايا ٿيا.

صابڻ=خوشبوءِ دار ٽکي، (هٿن، ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ).

ـ صابُڻ جِتَ (آبري ١٠/وائي-٣)=صابڻ جي سُرهاڻ.

ـ صابُڻ ساڻُ سُفيتُ (سامونڊي ٣٥/٣)= صابڻ سان ڌوئي سفيد ڪر، اجو ڪر.

● صاحب= سائين (ڌڻي تعالي)، مالڪ، ڌڻي اختيار وارو.

ـ سودو ڪن صاحب سان (سري راڳ ١٣/١)= مال جي ڌڻي سان جِنسَ جو سودو ڪن، جنس جي مٽا سٽا ڪن.

ـ صَاحبَ ڏئين شفا (يمن ١/١)= اي الله سياجها سائين تون ئي شفا ڏئين، تون ئي صحت ڏيڻ وارو آهين.

ـ صَاحِبَ وِجهُ سَئِين (ڪنيات ٦/٥)= اي الله، تون ئي (هن اڻنگي اٽ جي من ۾) سنئين سوچ وجهہ.

ـ تون صاحبُ، آءُ سَگُ (پرڀاتي ١٤/٢)= تون مالڪ ۽ ڌڻي آهين، آءُ تنهنجي در جو ڪتو (سگ) آهيان.

ـ سوئي صاحب سڏ (يمن ١٥/٢)= انهي ڌڻيءَ کي ئي پاڏاءِ.

ـ صاحِبَ تُنهنجي سَگهہَ جو (ڏهر ٢/١)= اي الله سائين، تنهنجي طاقت جو (ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي).

● صافِي= صاف صورت،چٽائي، سهڻائي.

ـ تِهڙي صافِي سَجَڻين (ڪنيات ١٨/١)= محبوبن جي (صورت جي) تهڙي سهڻائي ۽ چٽائي آهي.

● صالِحَ= چڱي عمل وارا، چڱا.

ـ صَالحَن جِيئَن سڏُ ڪري (يمن ٥/وائي-١)= چڱن جيئن، جيئن چڱا ۽ نيڪ سَڏُ ڪن، جيئن چڱن ۽ نيڪن کي سڏي ساڻن ڀلائي ڪجي.

● صُباحَ (سنهڻي ٨/١)= سڀاڻي.

ـ صُباحَ اِينديئي اوچتي (ڪاپائتي ٥/١)= ڪنهن سڀاڻڪي ڏينهن تي، اڳتي ڪنهن ڏينهن تي تنهنجي مٿان اوچتي ايندي.

ـ تو صُباح ڪندا سسئي (حسيني ٧/٥)= اي سسئي! (ڏير) توسان سڀاڻي سوير (هلڻ) ڪندا، وڏي تڪليف ڪندا.

●صَبّاح = صبوح جو سوير.

- صُباح جو سُجُود (معذور ٢/١٥)= صبح وارو سجدو.
- صباحَڙي آڏيو (ڏهر ١/١٠)= جن صبح ساڻ، صبح جو سويرو (گهر) اڏيو .
- صُبحِ سَوارو (راڻو ١٠/٣)= صبح جو سويرو.
- صُبحَ ساڻ (ڏهر ١/٢٠)= صبح سين، ويندي صبح تائين (صبح جي محل کي گهٽو سڦلو ڪجان.)
- صُبحَ جي سَنيالَ (راڻو ٢/٧)= صبح ساڻ ڏينهن واري ڪم جي اوڻ.
- صُبحاڻي صُبوحِ (رپ ١/٣٣)= علي الصباح، صبح سوير، سُپاڻي سوير.
- صُبحاڻي سَنڌياء (ديسي ١/٧)= صبح جي ويلي، صبح جو سوير تنهنجي (سجاڳي ٿئي).
● صُحبَتَ= روبرو هڪ ٻئي سان قرب واري ڪچهري رهاڻ.
- صُحبت سُهيرين جي (بروو ١/١)= محبوبن سان رهاڻ، محبوبن جي ڪچهري.
● صِحتَ= سُکهائي، تندرستي، چڱيلائي.
- صِحتَ ڪي (يمن ٢/٣٠، ڪارايل ٣/١٢)= صحت لاءِ.
- صِحتَ نييَمِ سَڄڻين (رپ ١/٢)= سڄڻ منهنجي صحت ڪٽي ويا (مونکي وڇوڙو ڏيئي بيمار ڪري ويا).
صَحرا سَتْرِڃَنِ (مارئي ٣/١٧)=ٿَر (صحرا) جن جو ڍڪ پردو (ستر) آهي (جتي مالهن جي گهٽي اچ وڃ ڪانهي).
● صحي= سچ، ثابت، برحال، بيشڪ.
- سيڻن ساڻ صحي (ديسي ٦/ وائي ١)= سڄڻن سان گڏ بيشڪ.
- مُومَلَ صَحِي پَسَندا (راڻو ١/١)= مومل کي سچي پچي ڏسندا.
- سنياريان صَحِي (رپ ١/٤١)= چتيءَ طرح ڪين ياد ڪريان، ساريان.
- لَهِرِيون صَحيءَ لڱنديون (سري راڳ ٣/١)= وڏيون ڇوليون ثابت ۽ پڪيون پختيون لڱنديون.
- صَحِيءَ هُوا (سامونڊي ١/٨)= بلاشڪ اتي هئا.
- صَحِيءَ مِڙَندو (پرياتي ٢/٩)= (سياڻي سياڪو يعني عزيزن پيارن جو راڄ) ضرور، پڪ گڏ ٿيندو.
● صَدا= گهُر، سوال.
- سِرَ جي صَدا سِرَ ۾ (سورٺ ٢/١)= (بيجل منگتو، راءِ ڏياچ کان سندس) سر گهرڻ واري صدا پنهنجي سُرندي جي سُر ۾ ڪندو.
- صَدا وِڌيَمِ (آبري ١١/١٠)= عاجزن وارو سڏ، سوال، عرض ڪيم.
- صَدائُون هَڻي (سورٺ ١/٢)= وڏي سڏ سوال واريون گهرون ڪري.
- صِدقَ صَدائُون (ليلان ٣/٣)= سچائي واريون صدائون، سچائي واريون گهرون، سچائي واريون ڳالهيون، دعائون.
● صَرافَ= سون چاندي پرکيندڙ، هر شيءِ جا پارکو، ڪَتيل سُٽ پرکيندڙ، سُٽ جي ڏيتي ليتي ڪندڙ پارکو.
- صَراف تنهنجي سُٽ ۾ (ڪاپائتي ١/١)= سُٽ جي پارکو (صراف) ڪا (ڪچائي) تنهنجي ڪَتيل سُٽَ ۾ ڏٺي.
- صراف ٿيءُ (سري راڳ ٤/٣)= صراف مثل ٿيءُ، سچ جو پارکو ۽ واپاري ٿيءُ.
- صَرافاڻي سَڏ (ڪاپائتي ١/١١)= صراف جي سڏ تي، پارکو ۽ خريدار جي سڏَ تي.
- صرافنئون ڏار (سري راڳ ٤/١)= صرافن ڪانسواءِ ٻين وٽ، جاڻن ڪانسواءِ اڻجاڻن وٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● صَغِيرَ (مارئي وائي ٥/١)= صغيرا گناه.
● صِفَتَ (سري راڳ ١/٢)= (فلسفي ڪلام ۾ تصوف جو اصطلاح) 'ذات' جي صفت، 'جوهر' جو 'عرض'.
ـ صفت تنهنجي (سري راڳ ١/٢)= تون 'ذات' آهين پيو جهان ۾ جيڪي به آهي سو تنهنجي 'صفت' آهي، تنهنجو پرتوو آهي ('ڪلام' ۽ فلسفي جي اصطلاح ۾).
ـ صِفتَ سَنگُ اَحد سين (ڪلياڻ ١/٢٣)= صفت' جو ناتو 'احد' سان آهي.
ـ سُودي سا صفت (ڪلياڻ ١/٢٢)= 'ذات حق' جي صحيح صفت، ذات حقيقي جي ظاهري صفت.
ـ صِفَتَ ري (ڪلياڻ ١/٢٣)= 'صفت' کان سواءِ.
ـ صِفَتَان (ڪلياڻ ١/٢٧)= 'صفتن' جو، 'صفتن' جي ڪري، صفاتي.
● صَلاَبَت= جوپ ۽ قد ڪڙي، هاٿي ڪاٺي جي پَڪائي، قد بت جي سهڻائي.
ـ شيدا صلابت جي (حسيني ٢/وائي)= (هيءَ ٻانهي) سهڻي محبوب (پنهون) جي سُودي قد تان قربان آهي.
ـ سَرَ صلاَبَتَ سپرين (ڪاموڏ ٤/٧)= سَرَ جهڙي سنئين سڌي سهڻي قد وارا سڄڻ! اي سهڻي قد قامت وارا محبوب!.
● صَلاحَ= مَت، راءِ.
ـ اِيَ نہ صلاح (ڪلياڻ ٢/٣)= اها صلاح ناهي، ائين نہ جڳائي، ائين مناسب ناهي.
ـ ڪري صلاح (گهاتو وائي ١/١)= پاڻ ۾ گڏجي پوري صلاح مصلحت ڪري.
ـ سوڍي جيءَ صلاحَ (رامڪلي ٦/١٢)= سوڍي جي صلاح سان، رضا سان.
● صَلاح= سلڪ، ناتو.
ـ ساهڙَ ساڻُ صَلاحَ (سهڻي ٩/٧)= ساهڙ سان ناتو.
● صَلاحَ (بروو ٣/١٠)= صلح واري ڳالهہ.
ـ صُلِح ري (آسا ٦/١٥)= صُلح کان سواءِ.
● صورت= مُهانڊو، مُنهن.
ـ صُورتَ پِڻ سِيئي (ڪلياڻ ٣/٢٣)= صورت ۾ پڻ سيئي آهن، سي ساڳي صورت ۾ پڻ آهن.
ـ صُورت ڪي (آبري ٧/وائي-١)= صورت لاءِ.
● صُوفِي= صوفيانہ زندگي گذاريندڙ، صوفيانہ مَسلڪ رکندڙ سيني سان صلح ۾ رهندڙ.
ـ صُوفِيءَ سَرُ سَپِن ۾ (ڪلياڻ ٢/١)= صوفي جو سوچ ويچار سيني ۾، صوفي جو واسو سيني ۾.
ـ صوفي چائين سَڏَ ڪرين (ڪلياڻ ٢/٣)= پاڻ کي 'صوفي' چوائين ۽ وري سڏون ڪرين!، (ائين نہ جڳائي).
ـ صُوفِي سالم ٿيءُ (ڪلياڻ ٢/٤)= پورو سچو صوفي ٿيءُ.
ـ صُوفِي جِمَ سَڏائيين (ڪلياڻ ٢/٧)= تون پاڻ کي صوفي نہ چوائين.

# ض

● ضَاف= ضعاف، ضعيف.
ـ زُلفَ ڪيَسِ ضافُ (آبري ٦/٣)= محبوب جي ڪاڪل ('وار' ۽ سونهن جي جلوي) مونکي ضعيف ڪيو، هيڻو ڪيو، بي حال ڪيو، بيمار ڪيو.
● ضاع= ضايع.
ـ جَواهِرَ ضاعِ ڪِئا (سري راڳ ٤/٨)= جواهر ضايع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ذرو ٽٽي نه ضاعِ (سري راڳ ١/١٧)= ذرو به ضايع نه ٿئي.
ضَرُورُ= ضَرَر، نقصان.
- منجهان جَرَ ضَرُورُ (سنهڙي ٩/١)= شال پاڻيءَ مان ڪچي دلي کي ضرر نه پهچي.
ضَرُورُ (جمع)= پنهنجا ذاتي ضروري ڪمَ، پنهنجون ضروري ڳالهيون.
- ڇڏي سي ضَرُورُ (ڪاهوڙي ٧/٢)= پنهنجا سڀ ضروري ڪم ڇڏي.
● ضروري= لازمي، جنهن کان سواءِ نه سرَي.
- ڪارڻ ضَرُوري (ڪليات ٥/١)= ضروري حيلو، لازمي ڪم (واڙين تي ويهڻ وارو).

# ط

طاقڻ = طاق ڏيڻ، در بند ڪرڻ.
- ڪَنهن طاقيو ڏينِ (بروو ١١/٤)= ڪنهن طاق پچائي در ڏيئي ڇڏين، در صفا پوري ڇڏين.
- تَرَ ۾ طاقيائُون (سري راڳ ١٤/١)= (ٻيڙيءَ جي تري ۾ قيمتي سامان پري پوءِ مٿان) طاق پچائي بند ڪيائون.
طَالب (ڪليات ١٦/٢)= طلب ۾ رهندڙ، ڳولائو، 'سلوڪ' ۾ طالب علم، 'طريقت' ۾ شاگردي وارو درجو رکندڙ سالڪ، الله جو طالبو.
- طالِبَ سُڄِجَ تون (ڪليات ٢٤/٢)= اي سُلوڪ جي طلب ۾ رهندڙ! تون ئي ٻڌج، دل سان هنڊائج.
- پاڻهين طالبُ تَنهِ جو (ڪليات ١٩/١)= پاڻ ئي ان جو ڳولائو.
- طالِبَ توڙا مائيين (رامڪلي ٧/٢)= اي طالب! تون توڙ تائين ان جو نفعو حاصل ڪرين.
- طالِبَ جي تَحقِيقَ جا (آسا ١٣/٦)= جن کي "تحقيق" جي طلب آهي. ("تَحقِيقَ"= صوفين وٽ سُلوڪَ جو هڪ درجو).
- طالبُ المَولِي مُذَڪَرُ (رامڪلي ٢/٣، سنهڙي ٢/٣)= مولِيٰ کي ڳوليندڙ مردانو آهي، باهمت آهي، مولِيٰ جو طالب مڙس ماڻهو آهي، همت ۽ حوصلي وارو آهي.
● طالح= بدبخت، بدڪار.
- طالِحَن کي تارئو (يمن ٥/وائي-١)= ايا ڳڻ، بدڪارن کي (ٻڏڻ کان بچائي) تاريو.
● طالع = بخت، قسمت.
- طالِعَ طائُوسنِ جا (بروو وائي ١/٢)= مورن جا ڀاڳ ۽ نصيب (ڏسي ڪانءَ پيا ڪڙهندا).
- وَڏا طالِعَ تَنِ جا (آبري ٦/٧)= وڏا بخت انهن جا.
● طامائُو= طمع وارا، طمع رکندڙ، ڳرج کي پوري ڪرڻ لاءِ ڳهرجائو.
- طاماعَنِ تارِي (ٻلاول ١١/٣)= جيڪي سوالي طمع رکي اچن تن کي تاريندڙ طمع وارن جي مهل ڪندڙ، ڳهرجائن جي ڳرج پوري ڪندڙ.
- طعامَ نه طامائُو (رامڪلي ٣/٥)= اهي ڪاڏي

پيتي جي طمع رکندڙ ناهن.
ـ تَن ۾ طماڻو (سامونڊي ١/٣٢)= تَنِ (موتين) ۾ اُنهن جي طمع آهي.
● طَبعَ = طبيعت، جان ۽ جسم جي سرشت.
ـ طبعَ جو طِبيبُ (يمن ١/٢٩)= طبيعت کي صحيح طور تي سڃاڻندڙ طبيب.
● طِبيبِ =علاج ڪندڙ حڪيم، داناء طبيب، حاذق حڪيم جيڪو مرض سڃاڻي صحيح دوا ڏئي ۽ مرض کي ميٽي.
ـ طَبيبُ تُون (يمن ١/١)= (اي محبوب) تون ئي داناء طبيب آهين، حاذق حڪيم آهين (تون ئي منهنجي مرض کي سڃاڻين ٿو ۽ ان جي صحيح دوا ڪري سگهين ٿو).
ـ طَبيبَ نه گڏئا (يمن ٢/١٠)= صحيح سچا طبيب نه مليا.
ـ طَبيبَنِ تَوارَ (يمن ٢/٣)= طبيبن جي ٻولي، طبيبن جو سڏ.
ـ جان کي ڪَري طِبيبُ (يمن ١/٥)= طبيب جيڪو علاج ڪري.
● طَرازَ (جمع) طَرازُون (سري راڳ١/١٩، ٢/١٨)= ٻيڙي.
ـ طرازُون تاري (سري راڳ ١/١٩)= طرازن ٻيڙين کي تاري.
● طَرِيقَتَ= شريعت کي وڏيڪ سهڻي نموني ۾ سمجهڻ ۽ طبعي طور محبت سان قبول ڪري ان تي عمل ڪرڻ واري واٽ.
ـ ڪَري طَرِيقَتَ تَڪيو (ڪلياڻ ٢/٢٢)= طريقت کي تڪيو ڪري، طريقت کي مضبوط مرحلو بنائي.
ـ طَرِيقَتَ جي (سورٺ وائي ٤/١)= سُلوڪ جي.
ـ طَرِيقَتان تِکو وَهي (سنهڻي ٤/١٠)= 'طريقت' کان وڏيڪ تکو ('حقيقت' جو درياء) ٿو وهي.
● طَعامَ نَہ طَمَعدَار (رامڪلي ٥/٤)= طعام جا طمعدار ناهن، کاڌي جي طمع ڪانه اٿن.
● طَعنو= ڳالهاء، گفتو، ويڻ، مهڻو.
ـ طَعني ڪِيا تَمامُ (ڪلياڻ ٤/٦)= انهيءَ 'ويڻ' پورا ڪري ڇڏيا، انهيءَ گفتي ڪين پورو ڪري ڇڏيو.
ـ ڏِنُمِ تنهِ طعنو (مارئي ٢/١١)= تنهن مون کي طعنو ڏنو.
ـ مون طعنو ٿي تُون (راڻو ٧/١٤)= مون کي پل تنهنجو ئي طعنو هجي، تون ئي تہ منهنجو طعنو آهين!
ـ طعنا ڏينم تي (راڻو وائي ٧/١)= تنهن ڪري ٿيون مونکي طعنا ڏين.
● طَلَبڻ = گهرڻ، منگڻ، وٺڻ، وصول ڪرڻ.
ـ اُٿي توهہُ طلبِ (سري راڳ ٢/١٧)= اٿي رحم جي طلب ڪر، الله جي فضل ۽ ڪرم جي گهُر ڪر.
ـ توبَہَ! توبَہَ! اِيءَ طَلَبَ (پورب ٢/وائي-٢)= 'توبه توبه' واري اها گهر ڪر.
ـ طَلَبَ ۽ تَحصِيلَ (آسا ١/١٢)=علم جي طلب ۽ تحصيل.
●طَمَعَ = ضرورت، لالچ.
ـ جي تو طَمَعَ پوءِ (بروو ١/٤)= جي توکي طمع پوي، جي ڪا توکي ضرورت پوي.
ـ طَمَعَ ڇڏِ تمام (رامڪلي ٢/٢)= سڀ لالچ ڇڏ.
ـ طمَعَ کي تَرکَ ڪَري (سورٺ ١/٥)= لالچ کي ختم ڪري.
● طَمعدارِ = ٻلائي جي اميد رکندڙ.
ـ آءٌ تو ۾ طَمعدارِ (ليلان ٤/٢)= آءٌ تو ۾ ٻلائي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميد رکندڙ آهيان.

طَنابَ= رسي، مفاصلي جي ماپ جي رسي.

- تري هيٺ طَنابَ (سامونڊي ١/٢٠)= پيڙي جي تري هيٺيان هڪ طناب جي مفاصلي تي.

طَنبُو (يمن ٢/١٢)= ڪپڙي جي اڏاوت واري جاءِ، خيمو، خيما (طبيبن جي ويهڻ ۾ دوائن رکڻ واري عارضي جاءِ).

طَنبورَ (ڪاموڏ ٣/٩)= طنبورا.

●طورِسينا (رامڪلي ٣/١)= جبل جو نالو جتي

حضرت موسيٰ کي الاهي تجلي نظر آئي.

● طَهُورا (بروو وائي ١/١)= پاڪ شراب.

- پيءُ مَر طَهُورا (بلاول ٢/٨)= پاڪ پائيٺ نه پيءُ.

- ڏي طَهُورا تَنِ کي (سنهڻي وائي ١٢/١)= تن کي پاڪ پائيٺ پيڻ لاءِ ڏي.

- طَهُورا جِي تکَ (بلاول ١/٢٤)= طهورا جي گِيٺ، طهورا جو وڏو ڍڪ.

● طَيرُ (جمع) طَيُورَ=(ع.) پکي.

- طيُورَنِ تَوارِئو (آبري ١/٢٠)= پکين ٻولين ڪيون.

# ظ

ظاني= ظن ڪندڙ گمان ڪندڙ شڪ ۾ شرڪ ڪندڙ (الله جي هيڪڙائي ۾)، شڪي (پنهنجي نظرن ۾ هر ڳالهه کي شڪ سان ڏسڻ وارو).

- ظاهِر ۾ ظاني (ڪليان ٢/١٠)= ظاهر ۾ تہ اهي شڪ ۾ شرڪ ڪندڙ آهن.

ظاهر= ظاهريءَ طرح، ڏسڻ ۾، ٻاهرئين عمل ۾.

- ظاهر زبانا (سري راڳ ٢ وائي-١)= زبان سان ظاهر.

- ظاهِرُ ساڻُ زَبانَ (بروو ٢/٢٨، سري راڳ ١/٢، سورٺ ٢/٢) = زبان سان ظاهر.

- ظاهِرُ ٿئو زمين (بلاول وائي ٢/٢)= زمين تي ظاهر ٿيو.

- ظاهِر ٿئو ذاتي (سورٺ ٢/٧)= ذاتي (الله جي ذات وارو) جلوو ظاهر ٿيو.

- ظاهِرُ ڪَريان ذَري (آسا ١/١٠)= ذري جيترو بہ جي ظاهر ڪريان.

- ظاهِرُ ڪَريان زَبانَ (آسا ١/١١)= زبان سان چئي ظاهر ڪريان.

● ظَنُ= گمان، شڪ.

- ظن رَسِيو (آسا ٥/٩)= گمان ٿيو (ڪين پتو پئجي ويو).

# ع

عاجِ = هاٿيءَ جي ڏندن وارو هڏو (جنهن مان ڪاٺ مثل جدا جدا شيون ٺهن).

- اولا سَنڌَنِ عاجَ (سامونڊي ١/١٥)= انهن (ناڪئن جي ٻيڙين جا) اولا عاج جهڙا سهڻا آهن.

● عَادَتَ = ريت، رسم.

- عادت جني ايءَ (يمن ٦/١٣)= جن جي اهائي ريت آهي.

- اها عـادَتَ سِکئـو (يمن ١/١٢)= اهو طور طريقو سکيو، اها ريت سکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- عَادَت عنبر جَهڙِي (رپ ٢١/٢)= سندن هر ادا عنبر جهڙي سُرهي آهي.

عَارِفَ (ڪلياڻ ٢٤/١)= عِرفان وارا، معرفت جا صاحب.

عَاجِزُ = بيوس، مرض ۾ لاعلاج، هيڻو، ضعيف، محتاج، مجبور.

- تہ اگھا! عاجزُ نہ ٿِيين (يمن ٢٦/٢)= تہ اي بيمار! تون مرض ۾ لا علاج نہ ٿئين، بيماري ۾ بي حال هيڻو نہ ٿئين.

- جي عاجزَ اُجُورَنِ ۾ (بلاول ١١/٣)= جيڪي روزگار جي ڪمائي ۾ مشڪل گذارو ڪندڙ آهن، محتاج ۽ مجبور آهن.

عاجِزا = (ع. عاجزه) ڏيہ..

- جَنہِ اهڙِي جائِي عاجِزا (سنهڻي ١٢/٤)= جن کي اهڙي ڏيہ جائي.

● عَاجِزِي (آبري ١١/١)= هيڻائي.

- عَاجِزين (آبري ١/وائي-١)= هيڻين، بي واهين.

عاجِزيون =عاجزي واريون منٿون ميڙون.

- ڪَرِي عاجِزِيون اڳِياءِ (راڻو ١/٨)= تنهنجي آڏو پنهنجي هيڻائي واريون ميڙون منٿون ڪري.

عَاشِقُ = عشق ڪندڙ. جيڪو پاڻ ڪنهن ۾ ٿي عاشق ٿئي.

- عاشِقُ چَنْـہ مَ اُنَ کِي (ڪلياڻ ٢٠/١)= ان کي 'عاشق' نہ چئہ.

- جان عاشِقَ مَٿَہِ ماسُ (ڪلياڻ ٨/٤)= اي عاشق! جيسين تائين جو تنهنجي جسم تي ماس آهي.

- عاشِقَ اَجَلَ سامُهُون (يمن ٨/١)= اي عاشقَ، موت جي سامهون (پنهنجي مَتَ وڃائي هل).

- عاشِقُ اُيو آهُون ڪَري (سنهڻي ١٦/٧)= عاشق بيٺو (درد ڀريون) دانهون ڪري.

- عَاشِقُ ٿِيءُ (يمن ٨/٣، ٩/٣) = صبر ۽ راحت سان زخم ۽ گھاءُ جَهليندڙ سچو عاشق ٿيءُ.

- عَاشِقَنِ سِين (ڪلياڻ ٤/٥)= عاشق سان ٻڌل آهي، عاشقن سان ئي لڳي ٿو، عاشقن سان ئي لازمي طور لاڳو آهي.

- عاشِقَنِ اَندوهُ (ڪلياڻ ١٨/٥)= عاشقن تي اندوهہ آهي، وڏي ڳڻتي وارو فڪر آهي.

● عَاقِل= عقل وارا، سڄاڻ.

- عاقِلَ ئِي اوجُهون ٿِنا (ڪلياڻ ٥/وائي)= عقل وارا ئي منجهي ويا، مونجهاري ۾ پئجي ويا.

● عالَمُ = جهانُ، سڄو لوڪ، سڄو ملڪ.

- عالَمِ آبُ اَگُوندَرو (سارنگ ٩/٣)= سڄي ملڪ ۾ پاڻي عام جام (بنا ڪنهن تڪليف جي) ٿيو.

- اُگهاڙيون عالَمَ ۾ (حسيني ٤/١٢)= هي سڄي جهان ۾ عيبن واريون.

- تہ عالَمُ سَڀُ سَندوءِ (سري راڳ ٢٥/١)= تہ سڄو جهان تنهنجو.

- عالَمُ آئون ساڻُ (ڪلياڻ ١/٣)= سڄو جهان 'آءُ' (انانيت) ساڻ (ڀريل).

- اَعلِي عالَمَ جو ڌَڻِي (ڪلياڻ ١/١)= مٿاهون ۽ سڄي جهان جو مالڪ ڌڻي تعاليٰ.

- عَالَمَ جا آڌارَ (حسيني ١٢/٣)= اي جهان جا ڀرجهلا، يا الله!.

- عَالَمَ ڪان (رامڪلي ١١/٦)= هن دنيا ڪان.

- عالَمَ ۾ (بلاول ٧/٢)= جڳ ۾.

● عَالِمَ= پڙهيا، علم وارا، ظاهري علم جا ماهر حقيقي علم وارا.

- ٿِنا مُستَغرَقُ، عالِمَ اِنهين ڳالهہ ۾ (ڪلياڻ ٢/١)=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهري علم وارا انهين ڳالهه کي سمجهڻ ۾ ٽپيون ڏيندا رهيا.

- أَحَدَ سين عالمَ (ڪلياڻ ١/٨)= حقيقي عالم هڪ الله (احد) سان هڪ ٿي ويا.

عَامر = عام ماڻهو، اڻڄاڻ ماڻهو.

- آهِ نَہ مَتي عَامرَ (آسا ١/٧)= اهو عام ماڻهن سان لاڳو نہ آهي.

- عَامرَ کي (ڪلياڻ ٤/٢٨، يمن ٦/٥)= محبوب کان سواءِ ٻين عام ماڻهن کي.

- عامَ تي (راڻو ٤/١)= عام ماڻهن تي، جنهن تنهن تي.

- عَامَن سَندو عَامر (يمن ٥/٩)= عامن ۾ عام ماڻهو، بالڪل اڻوڄهه، گهٽ سمجهه وارو.

عِبَادَتَ = بندگي، ٻانهپ.

- اَسَان عِبادَتَ (ڪلياڻ ٥/٢٦)= اسان لاءِ عبادت ۽ بندگي.

● عَبَثُ = اجايو، اجائي، بي فائدي.

- عُمرِ سَڀ عَبَثُ (سري راڳ وائي ٤/٢)= سڄي عمر اجائي.

- عَبَثُ اَڪِلهين (آبري ٣/٢)= اجايو اڪتي.

- عَبَثُ آريءَ ڄَامَ ري (معذور ٧/١، حسيني ٤/١٩) = آري ڄام کان سواءِ سڀ اجايو ۽ بي فائدي.

- عَبَثُ تان اَنُ ڪايو (آبري ٣/وائي)= اجايو ڪاڏو ڪايو.

● عَبدُ = ٻانهون.

- اَنَا عَبدُ (ڪلياڻ ٣/٢٢)= آءٌ ٻانهو آهيان، بندگي ڪندڙ آهيان.

- عَبدِ جي (ڪلياڻ ٣/٢٤)= (الله جي سچي) ٻانهي جي.

عَبِير = عنبر.

- آسڻ جَنِ عَبِير (رامڪلي ١/٢٥)= جن جا آسڻ عبير آهن، جن جي ويهڻ واريون جايون عنبر جهڙيون سُرهيون آهن.

- عَبِير جا طاقَ (راڻو ٣/١)= عَنبر جا پڙا، عنبر جون صندوقون.

- عَبِيرَ جا (سنهڻي ٤/٢٢)= عَنبر (جي خوشبوءِ) جا.

● عجب= حيراني.

- اِي عَجَب (يمن ١/٣)= هيءُ عجب، اهو عجب، اها حيراني.

- عَجَبُ ڏِٺي سُون (ڏهر ١/١٤)= وڏي عجب واري، وڏي عجب ۾ وجهندڙ اسان ڏٺي.

● عجز = نهٺائي، نماڻائي، عاجزي، نئڙت.

- عجزَ جو اَڌَ رات کي (سري راڳ ٢/٢٢)= آڌيءَ رات جو عاجزي، بندگي، عبادت.

- عجزُ ڪِين اَڏو ڪَري (رامڪلي ٢/٢٢)= ڪين ڪجهه پنهنجي عاجزيءَ کي آڏو ڪري (نياز نئڙت سان لنگهي اڳتي ٿي).

● "عَجِلُوا بالتَوبَةِ قَبلَ المَوت" (آسا ٧/وائي)= تکڙا ٿي توبهه ڪريو موت کان اڳ.

● عَجِيبُ (يمن ٢/١٦)= سهڻو پيارو سڄڻ (محبوب).

● عَدَدُ = انگ، ازلي لکيو (اصل جو).

- جيڪِين آيُسِ ڏُونهَ عَدَدَ (سنهڻي ٨/٥)= جيڪي ڪيس اصل جي لکيي موجب مليو.

- عَدَدُ نَاهِ عِشقَ (سنهڻي ١٢/٤)= عشق جو انگ عدد ناهي، عشق جو مدار ڪنهن خاص مدت تي ناهي.

- هت سڪڻ بي عَدَدُ (آسا ١/١)= هت عاشقن وٽ سڪڻ بي حساب آهي.

○ عَدلُ = انصاف.

- عَدلِ ڇِٽان آن نَہ (سري راڳ ١/١)= آءٌ عدل سان نہ ڇٽان، انصاف ٿيندو تہ آءٌ ڇٽي نہ سگهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● عَدَمَ (رامڪلي ٣/١٦)= نانه، نابودي، فنا.
ـ آسڻ جن عَدَمَ (رامڪلي ١/٤٣)= جن جا تڪيا فنا ۾ آهن.
● عدن= عدن جو بندر.
ـ وَڃي عَدَنئُون اُڪتا (سامونڊي ١/١٩)= (سامونڊري، جهازن وارا) وڃي عدن کان نڪتا.
● عَذابُ = آزار.
ـ اوسيڙو عَذابُ (آسا ٦/١٨)= فڪر ۽ آزار.
● عُذر خواهي (آبري ١/١١)= عذر پيش ڪرڻ، پنهنجي ڪوتاهيءَ جو ڪو سبب بيان ڪرڻ، ڪنهن جي وفات تي وارثن سان همدردي جو اظهار.
● عراقَ (ڏهر ٣/١٢)= عراقي گهوڙا، زبردست گهوڙا، عربي نسل جا گهوڙا.
● عُريَانُ = ننگو، اگهاڙو.
ـ آرِيءَ لَئي عُريَانُ (حسيني ٥/وائي-٢)= آري (پنهون) لاءِ بي لباس ۽ بي حال.
● عَزازيل = شيطان.
ـ آهي عَزازِيلَ ڪي (ڪاپائتي ١/١٣)= عَزازِيلَ ڪي (اها خبر) آهي.
عزرَائيل = موت جو فرشتو.
ـ آيو عزرائيل (معذور ٧/٩)= عزرائيل مارڻ آيو.
ـ اَڃي عِزرائيلَ (آبري ٨/٨)= عزرائيل اچي (سُتل سسئي کي جاڳايو).
● عشق= محبت.
ـ عِشقَ اِيءَ اُهڃ (ڪارايل ١/٤)= عشق جو اهو اهڃاڻ آهي.
ـ عِشقَ پَئي عَميقَ جي (سنهڙي ١٠/١٦)= اونهيءَ درياهه جي عشق ۾ اچي.
ـ عِشقَ جي اُساڪَ (سنهڙي ٤/٣)= عشق جي گُهٽَ.
ـ عشق اٽانگ (آبري ١٠/وائي-٢)= اٽانگي عشق، ڏکن واري ڏکيي نيه.
ـ عِشقُ اِئين ڪَري (ڪاموڏ ٣/٨)= اهو عشق آهي جيڪو اِئين ٿو ڪري (جو ڇام ڪي مهاڻن وارو چار ڪلهي تي آهي).
ـ عِشقُ نَہ ڪَري اِت (يمن ٦/٤)= عشق ان مطابق نہ ڪري، اها ريت ئي نہ ڪري.
ـ عِشقَ نَہ ڪَري اَڏَ (يمن ٦/٣)= عشق اڌو اڌ نہ ڪري، عشق ۾ (ساڄني پيالي مان) اڌو اڌ ڪري پيئڻ جائز ناهي.
ـ عِشقِ نَہ ڪَري اِيئَن (يمن ٦/١)= عشق ائين نٿو جائز ڪري، عشق ان جي اجازت نٿو ڏئي (جوئي پيئڻ جي اجازت نٿو ڏئي).
● عِصيانِ = گناهه.
ـ اَپَر ٿَنا عِصيانِ (سري راڳ وائي ١/١)= گهڻا وڏا گناهه ٿيا.
● عَطرُ اُوتيائين (ڪاموڏ وائي ١/١)= سمي ڄام عطر پلٽيو (تہ گندگي هٽي پري ٿي).
ـ عَطرِ پرين اَتورَا (رپ ٢/وائي)= پيارن پرين وٽ عطر اڻ - ميو آهي.
● عَظيمِ جي (ڪلياڻ ٥/١٨)= سڀ کان وڏي ۽ سدا وڏي جي (تلميح طور 'الله تعاليٰ جي').
● عقاب= شڪار ڪندڙ مارينڌڙ پکي.
ـ آءِ جَهلِ عُقابَ (سنهڙي وائي ١٢/١)= 'آءٌ' (انانيت) واري (مارينڌڙ) عقاب کي جهلي سوگهو ڪر.
ـ عُقابي اَڪيُون (يمن ٣/٧)= عُقاب جهڙيون اکيون، نهايت تيز نگاهه واريون گهوريندڙ اکيون.

اونهين پاڻيءَ مان ڪڍي آندائون.
- وڻا جي عَميقَ ڏي (سامونڊي ١/١٤)= جيڪي اونهين وڏي سمنڊ ڏي ويا.
- اُڪَنڊَ ڪَڻُ عَميقَ ڏي (سنهڻي ٢/١٥)= اونهين درياه ڏي سِڪ ساڻ هل.
عَوامُ = عام خلق.
- اُجهي جِيئن عَوامُ (کاهوڙي ٢/١٠)= جيئن عام خلق منجهي.
عَهدُ = پڪو انجام نامو، پڪو وعدو، پڪو پول.
- پَڳِمِ عَهدَ اَلله جا (سري راڳ ١/٥)= مون الله سان ڪيل عهد پڳا.
● عَهدُ اَلله سِين (ڪارايل وائي ٢/١)= ڏٿي تعاليٰ سان پڪل پول (قالو بليٰ وارو).
● عَيان= ظاهر، چٽو، پڌرو، عيان ٿيڻ= چٽو ٿيڻ ۽ سمجهه ۾ اچڻ: عيان نه ٿيڻ= چٽو نه ٿيڻ ۽ سمجهه ۾ نه اچڻ.
- اَڻَ ڪِي عَيان نَه ٿِيي (ڪلياڻ ٢/١١)= نه ڪيل ڪا ڪار سمجهه ۾ ئي نه ايندي، تجربي هيٺ نه آندل ڪو عمل سمجهي ڪونه سگهبو.
عَيبَ = نقص، اُوڻائي.
- عَيبَ نه اَچڻُ ڏيِن (بروو ٣/٨)= مون ۾ عيب آهن جن کان آءُ شرمندو ٿو ٿيان ۽ انهيءَ ڪري محبوبن ڏي نٿو وڃان: منهنجا عيب مون کي ڏانهس اچڻ نٿا ڏين.
- اَوڳُڻَ عيبَ اَپار (مارئي ١/وائي-١)= ڪُلڇڻ ۽ عيب تمام گهڻا (اپار).
- مُون ۾ عَيبَ اَپارَ (ڏهر وائي ١/١)= مون ۾ بي شمار عيب.
- عَيب عاشِقَنِ جو (آسا ٣/٧)= اهو عاشقن جو عيب آهي.
- عَيبَنِ لَکَ (ڪاموڏ ١/٢)= عيبن جا لَکَ، لَکَ عيب.
- عَيبَ نَکتا اَڳِيان (ڪاپائتي ٢/٥)= اڳيان عيب سامهون آيا، پڌرا ٿيا.
- مُون ۾ عَيبَن جُوءِ (ڪاموڏ ١/٦)= مون ۾ عيبن جي جُوءِ آهي عيب مون ۾ جُوءِ ڪري ويٺا آهن تڪاٿو ڪري ويٺا آهن.
- عَيبَنِ وِيهَ (ڪاموڏ ١/٤)= عيبن جي وِيهَ (اصطلاح) گهڻا عيب.
● عِيدَ= روزن واري عيد، حج واري عيد، خوشيءَ جو وڏو ڏينهن (اصطلاح) خوشي.
- عِيدَ ڪي (ڪاپائتي ١/٤)= عيد لئي.
- عِيدَ نه اوڏا ڪاپڙي (رامڪلي ٥/١٠)= اهي فقير عيد (جي خوشين ۽ طعامن) کي ويجهائي ناهن.
● عِيدُون = عيد جي خوشيءَ ۾ خيراتون.
- عِيدُون اُگهارَن (رپ ١/٣٠)= غريبن انگ اگهاڙن لاءِ خوشيون خيراتون.
● عينِ = هُوبَهُو، پڪو پورو، ساڳيو، سوئي.
- عَينُ شِرڪُ اِيءُ (ڪلياڻ ٣/١٠)= اِهوئي ته شِرڪ آهي.
- عَينُ تَڙَڻُ آهِ (يمن ١/٩)= اهوئي تـه تڙي ڪـڍڻ آهي، پاڻ کان پري ڪرڻ آهي.
- عَينِ اُنَ جو (رامڪلي ٤/٢٢)= انهن جو چٽو پڪو دستور.
- عَينِ عَذابُ (يمن ٢/٦)= هوبهو عذاب (آزار).
● عَينَڪَ = چشمو.
- اَلفَ جِي عَينَڪَ ۾ (ڪلياڻ ٣/٩)= الله جي اسم واري عينڪ (جنهن سان حق سچ ڏسجي ۽ سڃاڻجي).

● غارِ= جبل يا بي ڪنهن وڏي پڪَ يا پَٿَر جي پاسي ۾ ڏکڻي اونهي کڏ.

ــ غارِ ٿيڻ= غارِ ۾ اندر غرق ٿيڻ.

ــ غارِ ٿيو (آسا ٣/١٦)= تري ۾ هيٺان ويو، نڱوسار ٿيو.

● غاريبو= غريبن وارو، غريبي حال وارو، ٿوري خرچ سان ٺهيل ۽ سادو.

ــ غارِيبي غوراب ڪي (سامونڊي ١/٩)= ٿوري خرچ سان ٺهيل سادي ٻيڙي ڪي، سادي جهاز ڪي.

غرضُ (جمع) غَرضَ =مطلب، گهرج، ڪاڻ، محتاجي.

ــ غَرضَ سَڀَ گُناهَ (سنهڙي ١/١٦)= پنهنجا ذاتي مطلب سڀ گناهه آهن، نفساني مقصد سڀ ڏوهه آهن.

غَفلَتَ= بي خيالي، ڪاهلي، سستي، ويسر.

ــ غَـفلَتَ يـارُ گنوايـو(آبري ٣/وائي-١)= ڪاهلي دوست وڃايو، (منهنجي غفلت جي ڪري پنهون مون کان ويو، ڏير ڪئي ويا).

● غَـمَـنِ گُمَـائي (آبري ٨/٦)= ڏکن سورن ڪيس مونجهو ڪيو، مونجهه ڏني.

● غَواصَ= پاڻيءَ ۾ وڏي ٽٻي هڻندڙ، پيشه ور ٽوبا.

ــ اِيءَ گَتِ غَـواصَنِ (سامـونڊي ١/١٢)= اُها ريت وڏن ٽوبن جي آهي.

ــ گڏئا غواصَن (سامونڊي ١/١٣)= ٽوبن سان گڏئا.

● غوراب=هڪ خاص قسم جو ننڍڙو ٻيڙو، ننڍڙو جهاز.

ــ غُورابَنِ سين (سامونڊي ١/٩)= ننڍين ٻيڙن سان.

ــ گـڏئو غُـرابَنِ سينِ (سـري راڳ ٣/١٧)= ننڍڙن جهازن سان گڏيو وڃ.

ــ غـافل ٿي غُرابَ ڪي (سري راڳ ٣/١٦)= غفلت ۽ بي خيالي ۾ اچي غُرابَ کي اونهين ۾ اوڙاهه ٿي آندو اٿانگي پاڻي ۾ آندو.

● غيبَتي = گلاخور، بدخواهه.

ــ غِيبَتي غَارِتيـو (آسا ٣/١٦)= گلاخور بدخواهه غار ۾ غرق ٿيو، مئو.

● غَـيرُ= هڪ الله کان سواءِ ٻيو، پنهنجي محبوب کان سواءِ ٻيو، مالڪ کان سواءِ ڪو ٻيو.

ــ ڪَرِيـن غَيرُ غَرَقُ (سنهڙي ٩/١١)= جي تون ’ٻئي‘ کي ٻوڙي ڇڏين، جي تون ’دُوئي‘ کي ختم ڪرين.

ــ غَـيرُ گُمانُ (راڻو ٦/٧)= مالڪ ۽ محبوب کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو خيال، شرڪ وارو گمان.

# ف

فـاتِحـ(مـارئي ١٠/٨)= قـرآن شـريف جي پهرين سُورَه (الحَمدُ)، ڪوليندڙ شروعات ڪندڙ.

’فَـاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم‘ (ڪليـاڻ ٣/٤، ٥/٢١، سـري راڳ ٢/وائي-١، مـارئي ١٠/٢، سنهڙي ٢/١٨) (قرآن شريف جي آيت: سوره بقره، آيت نمبر١٥٢)= الله تعـالى طرفـان ارشـاد ته ”پوءِ اوهين مـونکي ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ياد ڪريان“.

ــ فَـاذڪُر رَبَّـڪَ فِـي نَفـسِـڪَ (آبري ٥/١١)= تون

پنهنجي رب کي پنهنجي اندر ۾ ياد ڪر.

● فَارِسِي = فارسي ٻولي.

- جي تون فارسي سِکِئو (يمن ٥/٩)= جيڪڏهن تون فارسي ٻولي پڙهيو آهين، جيتوڻيڪ تون فارسي سکيو آهين.

● فَاقوئِي (فاقه + ئي)= بک ئي.

- فاقوئِي فرحتَ (معذور ١/وائي)= بک ئي راحت.

- قُرَن سِين فاقي (مارئي ٧/٤)= بُک ۾ گذارين.

● فَانِي ٿِئا= فنا ٿيا.

- فاني ٿِئا في الله سان (ڪلياڻ ٢/٢١)= 'فنا في الله' واري درجي تي رسيا.

- فَانِينِ سَندَا فَنَ (رامڪلي ١/٤٠)= انهن فقيرن جن پاڻ کي ماري فنا ڪيو آهي، تن جا اهي ڪارگر حيلا آهن (جو پورن کي به سَرلو ڪن).

● فَائِقَ = ٻين کان وڌيڪ، ٻين کان بهتر، ٻين تي فوقيت رکندڙ برگزيدا.

- اُو فائِق ۾ فَرمانَ (ڪلياڻ ١/٧)= اهي فرمانبرداريءَ ۾ ٻين تي فوقيت رکندڙ آهن.

- جَنْهِنِ فَرمايو فَائِقَ (سنهڻي ٨/٨)= جنهن (الله تعاليٰ) فرمايو، روحن کي چيو.

فَتاحُ= الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.

- جَڏ فَرمايو فَتاحَ (سنهڻي ٨/٦)= جڏهن جو فتاح (الله پاڪ) فرمايو.

فِدا= قربان، گهور.

- فِدا ڪَرِيان فِي الحَالُ (پرڀو ٤/٩)= گهوريان فوري طور تي، يڪدم قربان ڪريان.

فِرَاقُ= وڇوڙو، محبوبن کان جدائي.

- فنا ڪنا فراق (يمن ٦/٥)= وڇوڙي ڪين ماريو، مٿن مثال ڪري ڇڏيو.

- جيڪِين فِراقان (حسيني ٥/٢٢)= جيڪو ڪجهه لطف ۽ فائدو وڇوڙي ۾ آهي.

● فراقي = فراق وارو.

- فِراقي فَرمانَ جو (ڪاهوڙي ٣/٤)= فراق واري حڪم جو (جنهن روح مالڪ کان جدا ٿيا).

● فَرَحتَ = راحت.

- فاقو فَرحتَ پانئِيان (مارئي ٧/١٠)= بک به راحت ڪري ڄاڻان.

● فَردا (فارسي)= سڀاڻي.

- فَردا مُنڌَ ڦِٽي ڪِي (معذور ٢/١٦)= هن زال (سسئي) 'سڀاڻي' کي ڇڏي ڏنو (۽ 'اڄ' ئي هلي).

- فَردا مُون ڦِٽِي ڪِي (معذور ٢/١٨)= 'سڀاڻي' واري وائي مون ڇڏي.

● فَرقُ= تفاوت، ڦير، ڪمي.

- فَرقُ ڪَنِ (يمن ١/٤)= تفاوت ڪن (دوائون اثر ڪن جو اهو فرق ڪري سگهجي ته بيماري ڪجهه گهٽي آهي ۽ صحت ڪجهه وڌي آهي)، چڱي اثر وارو فرق ڪن.

- فَرَقُ نَه ڪَنِ (يمن ٢/١٢)= سُورَ کي لاهڻ ۾ ڪو به تفاوت نه ڪن (جو گهٽي مان ٿورو ٿئي).

● فَرمانُ= الاهي امر، حڪم.

- اُو فائِق ۾ فَرمانَ (ڪلياڻ ١/٧)= اهي پلارا فرمان ۾ آهن، الاهي حڪم تي پورا آهن.

● فرمائڻ= چوڻ، حڪم ڏيڻ، امر ڪرڻ.

- جَنْهِن فَرمايو فَائِقَ (سنهڻي ٨/٨)= جنهن ان پاڪ پلاري (الله پاڪ) (روحن کي) چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● فِرَنگِي = (انگ. فرِئنڪ) يُورپي (جهازن وارا).

- فِـرَنگِي منجهہ ڦِريـا (سامـونڊي ١/١١)= يورپي سمنڊ ۾ اندر گهڙي آيا. سمنڊ ۾ طاقتور ٿي هليا.

فَريادَ= (ڏک سور کان) دانهن، ڪوڪ.

- فَريادُون فَريادَ (پروو ١/١)= هڪ فرياد مٿان ٻي فرياد، دانهہ تي دانهہ، هڪ دانهہ مٿان ٻي دانهہ.

فَريادي= دانهن، فرياد.

- فَريادي فَقيرَ جي (سنهڙي ٣/٧)= ٻي حال مسڪين جي دانهن.

فَضْلُ= مهر، ڪرم.

- ڪو ڦيرو ڪَجِ فَضَلَ جو (سري راڳ ١/١)/= ڪو مهر ۽ ڪرم جو گهمرو ڪج.

فقيرُ= 'فَقرُ' وارو (سالڪ، درويش). مسڪين، مفلس، محتاج، نادار.

● فقيرائو= فقيرن وارو، فقيرن جو، فقيرن طرف، فقيرن ڪي.

- فَقيرائي پارِ (سامونڊي ١/٢٦)= درويشن ڪي، فقيرن ڪي.

فَكَانَ قابَ قَوسِين اَوْ اَدنيٰ (رامڪلي ٣/١)= "هو اسان کي ڪمان جي گوشن وانگر يا اهان بہ گهٽ مفاصلي تي هو."

فِـكرُ= ڳـوڙهو ويچار، وڏو غـور، حقـيـقت کي سمجهڻ وارو ويچار.

- فِكرَ مَنجهہ فَنا ٿِيا (ڪلياڻ ٢/١٠)= هنن (حقيقت کي سمجهڻ واريا) وڏي غور ۽ فڪر ۾ 'پاڻ' کي وڃائي ڇڏيو.

- فِكرِسين (آسا ٦/٧)= غور سان، ويچار سان.

- فِـكِرَ ڦَرَهي (يمن ٥/١)= فڪر جي ڦرهي، غور ۽ ويچار واري پٽي، اوسيڙي ۾ ڳڻتي جي پٽي.

● فَمُ (ع)= وات.

- فنا وجهي فَمَ ۾ (سنهڙي وائي ١٢/١)= ('فنا' کي وات ۾ وجهي=) فنا کائي. پاڻ ماري (محبوب لاءِ ڪباب بنجڻ جو سبب ٿيا).

● فَنا= نيستي، نابودي، گم، غرق.

- فنا ٿيڻ= برباد ٿيڻ، ختم ٿيڻ (اصطلاح) نابودي واري حال ۾ ٿيڻ، مَحو ٿيڻ، غرق ٿيڻ.

- فنا ٿِنا (ڪلياڻ ٢/١٠، رامڪلي ٦/٥)= غرق ٿنا، مشغوليءَ ۾ محو رهيا، نابودي واري حال ۾ ٿيا.

- فَنَا ڪِنا فراق (يمن ٦/٥)= وڇوڙي ڪين ماريو (مٿن مثال ڪري ڇڏيو).

● فَهُوَ حَي لَاَيَمُوتُ (يمن ٣/وائي)= پوءِ اهو سدا حيات آهي ۽ مري ئي ڪونہ ٿو.

● فِي الحَقِيقَتَ (آسا ١/٢٠)= حقيقت ۾، حقي طور.

- فِي الله (ڪلياڻ ٣/٢١)= الله ۾ ذاتِ حق ۾.

● فِي الحَالِ= فوري طور، بنا دير جي.

- فِدا ڪَريان فِي الحَالُ (پروو ٤/٩) = بنا دير قربان ڪريان، گهوريان.

● فـيروز (ڪامـوڊ وائي ١/١)= فـيروزي رنگ وارا قيمتي پٿر، قيمتي مڻيا.

● فَيضُ (راڻو ١/٤)= فائدو خير وارو نفعو، نيڪي ڀلائي وارو عمل.

● فِيلُ (آسا ١/٢٠)= هاٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪائي (اصطلاح) پيرن جا پب، پير.

- ڦٽيا ڦَنَ فقيرَ جا (آبري ٦/٨، ديسي ٦/١)= هن مسڪين (سسئي) جي پيرن جا پب ڦٽجي پيا.

● ڦنگي وِٺا (ديسي ٧/٦)= ڪنيي وٺا (پنهونءَ کي بڊي ڪٽي وٺا).

● ڦنگي (جمع)ڦنگيون (سارنگ ٢/١٥)= سانگوٽيي جي ول (ع ف. سماروغ). جنهن جي ڏانڊي سِڌي اُڀي ۽ جنهن جي لامن جون چوٽيون ٻار پٽي ڪٽن ۽ ڪٽڻ ۾ سُرهيون.

● ڦوٽو= ٻوڙيو، جرَ ڦوٽو، حُباب.

- جَرَ ۾ ڦوٽو جِيئَن (سري راڳ ٣/١٨)= پاڻيءَ جي مٿان جئن ٻوڙيو.

● ڦورو= سٽ جو ڦورو، گول ويڙهيل سٽ جو ويڙهو.

- ڦورو ڦولٽو ڪينڪين (ڪاپائتي ١/١٨)=سٽ جو ويڙهو ڪوليو نه ويو، نه ڪليو.

● ڦوڙائو= فراق، وڇوڙو.

- ڏيئي ڦوڙائو (ڪوهياري ٤/٥)= وڇوڙو ڏيئي.

- ڦٽو ڦوڙائو (آسا ٥/١٩)= ڦوڙائو ويو.

- تَني ڦوڙائو مَ ڏِئين (ماروئي ٨/٢٣)= تن کي وڇوڙو نه ڏئين!

- ڦوڙائو فَقِيرَ کي (ديسي ٣/٥)= مسڪين (سسئي) کي وڇوڙو.

- ڦوڙائي پِرينِ جي (رپ ١/٢)= محبوبن جي فراق.

- آءُ ڦوڙائِي مارِئي (ڏهر وائي ٢/١)= مونکي فراق ماريو.

- وَڃ مَ ڦوڙائي (سامونڊي ٣/١٤)= فراق ڏيئي، وڇوڙو ڏيئي نه وڃ.

- وِئو ڦوڙائي (ڪوهياري ٢/٩)= جدا ٿي ويو، مون کي فراق ڏيئي ويو.

- جي اَچَنِ ڦوڙايُون (ڪوهياري ٢/١٠)= جيڪي وڇڙيل آهن.

● ڦوڪڻ= ڦوڪ ڏيڻ، ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڦوڪون ڏيڻ.

- ڦُوڪِ تَه لڳِي اَنبَرين (آبري ٧/١٤)= باه کي ڦوڪ ته جئن جيئي وڃي آسمانن کي لڳي.

- ڦُوڪَ ڏِهو (رامڪلي ١/٢١)= ڦوڪ ڏيو.

- ڦُوڪيي ڏوتي (ڪلياڻ ٣/١٨)= ڦوڪڻ ۽ ڏوئڻ مان، ٻاهرين چند ڦوڪ مان.

- ڦوڪيي ڏوٽيي (ڪلياڻ ٣/١٨، ٻي پڙهڻي)= ڦوڪن ڏيڻ مان ۽ مٿي ڏُوڻڻ سان، رسمي وهمي حيلن هلائڻ سان.

● ڦوڳِي= ڦوڳ مثال، رس ۽ رطوبت کان خالي، ٻي ڪَما، ٻي ڪار.

- ڦِتَلَ سي ڦُوڳِي (رامڪلي ٥/١٢)=اهي مُوڙهل ۽ بيڪار.

● ڦولڻ=ڪنهن مراد کي هٿن سان واڪو ڪرڻ. ڪولڻ.

- ڦورو ڦولٽو ڪِينَڪِين (ڪاپائتي ١/١٨)= سٽ جو ويڙهو ڪوليو نه ويو، نه ڪليو.

● ڦِهيَارَ= سنهي مڇي، جيڪا ڪائڻ جهڙي نلهي.

- ڦِتَلِ ڦِهيارَنِ تي (برووَ وائي ٢/١)= مٿلن مڇڙين جي ٻُونڊِ تي، (اصطلاح) ننڍين بي سود ڳالهين تي.

- ڦهيارَنِ کي (ڪارايل ٢/٤)= سنهي مڇي کي.

● ڦيرُ (ڏهر ٣/٥)= پير، نوع نمونو.

● ڦيرڻ= بدلائڻ.

- ڦيرِمَ (برووَ ٢/٤)= بدلاءِ نه، مٽ نه.

- ڦيرِمَ تُون اُبتِ (آسا ٢/٢٥)= تون پنهنجيون اکيون ابتيون نه ڦيراءِ (ڪاوڙ نه ڏيکار، لاغرضائي نه ڪر).

- فِڪرَسِين ڦيراءِ (آسا ٦/٩)= خيال سان هلاءِ، فڪر سان نظر کي ڦيراءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● قَاتِلُ (ع. اسم فاعل) = قتل ڪندڙ (عام سنڌي اُچار 'قَاتُلُ') = ('وهُ' جي صفت) (قاتل وه يا قاتل زهر، صفا ماريندڙ ٿُپُ ماريندڙ زهر.

- قَاتِلُ ڪُلُ (يمن ٦/١٧) = ڪُلُ قاتل، سڀ قتل ڪندڙ سچوئي ماريندڙ.

- ڪَڙيءِ قَاتِلُ جا هَميشه هيراڪَ (يمن ٦/٥) = سدائين ڪڙيءِ قاتل شراب جا پيئندڙءِ هيراڪ.

- جيڏانه قَاتِلُ ڪوڙَ (يمن ٦/١٦) = جنهن جاءِ قتل ڪندڙ گهڻو شراب.

- قَاتِل ڪَمَائي ڪَري (يمن ٦/٣٦) = قاتل زهر کي پوري طرح سان ڪَمائي، ڪچي شراب کي جيڪو پيئڻ سان ماري تنهن کي چڱائي سَنئين پڪو ڪري.

● قادِرَ (ڪاپاتي ١/١٦) = اي قادرَ! اي ڏڻي!

- قادِرَ تُنهنجيءِ قُدرَتَ جا مِڙيئي مَڪان (سري راڳ ١/٢) = اي قادر! تنهنجي قدرت هر جاءِ تي حاوي آهي.

- قادِرُ پَنهنجيءِ قُدرَتَ سين (ڪلياڻ ١/١) = ڏڻي تعاليٰ جيڪو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي تنهن پنهنجي قدرت سين.

- ڪونهي قادِرُ ڪو پنو (مارئي ٤/١١) = قادر ساڳيو آهي، ڪو بيو ڪونهي (پر اهو انهن جو پنهنجوئي اياڳ آهي).

● قَاصِيدائِي ڪَارِ (آبري ٣/١٤) = نياپن پهچائيندڙ وارو ڪم، (قاصد موڪلڻ ۽ نياپا ڏيڻ سان پنڌ پورو ڪونه ٿيندو منزل تي ڪونه پهچبو).

● قَاضِي = 'قضا' جو صاحب، حق جو فيصلو ڪندڙ، انصاف ڪندڙ.

- قَاضِي! هِنَ ڪِتابَ جي (يمن ٥/١١) = اي قاضي، هن (عشق جي) ڪتاب جي.

- قاضِي ڪاڻِيارو نه ٿئين (آسا ٧/١٦) = ته اي منصف (قاضي) تون حرفي نه ٿئين.

● قاف = (ق) قرآن شريف جي سُوره نمبر ٥٠ جو نالو.

- ڪَهي 'قاف' وِئامَ جي (مارئي ١٠/١٣) = منهنجا مارو 'قاف' سُوره ۾ قران شريف جي ڏنل هدايت ڏانهن مائل ٿي ويا.

● قَالُ = فقط زباني ڳالهه (بنا عمل جي)، محض پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ ۽ سڏائڻ واري قِيلَ مَقالَ (جنهن ۾ ڪابه حقيقت نه هجي).

- ڪينهين وٽن قال (رامڪلي ١/٩) انهن فقيرن وٽ محض زباني ڳالهه ڪانهي (پر حال وارا آهن).

- ڪونهي تَني قَالُ (ڪلياڻ ٢/٧) = تن سالڪن عارفن وٽ 'قال' ڪونهي، 'حال' آهي.

- مَنجهه ڪالهوڻي قالِ (معذور ٤/٢١) = اندر منجهه 'ڪالهوڻي قال' هجي يعني ماضي واري اصل ڪيل ڳالهه (قالوابليٰ) جي يادگيري هجي.

- نڪو قالُ نه قيلُ (بروو ٤/٥، مارئي ٧/١٤) = ڇوڙ چائڻ ڪونه هلندو نصيحت واري ڪا ڳالهه ڪارگر نه ٿيندي، انهن جي آڏو سوال جواب ڪونهي.

● قالُوابَلَيٰ (يمن ١/٦، مارئي ١/١٠) = (روحن) چيو ته 'هائو' (بيشڪ برابر).

● قالي (ع. قالُ = ڳالهاءِ) = پاڻهين پاڻ سان ڳالهائڻ ته ڪيئن ڪريان، هلان يا پوئتي وران! دل جا دليل ۽ وسوسا.

- اِيءَ قَالي آڏو ڪيچَ کي (ڪوهياري ٦/٨) = اها 'قالي' ڪيچ جي آڏو رنڊڪ آهي.

● قائِمُ (ڪلياڻ ١/١) = بيٺل، محڪم.

● قِبلہ گاہ قَلب ڪري (رامڪلي ٣/۴)= هو پنهنجي دل (قلب) کي قبلو ڪري (پنهنجي تن اندر طواف (تواب) ٿا ڪن).

● قَبُولڻهار (رامڪلي ٦/۴)= سدائين قبول ڪرڻ وارا.

● قَتلامُ= قتل، موت، ڪوسُ.

ـ قَتلامُ ڪرڻ (رامڪلي ٢/٣)=قتل ڪرڻ، ماري ڇڏڻ.

● قَدُ بَدِي (آبري ٧/١٥)= ضد بدي، برابري وارو مقابلو ڪري.

● قَد سَمِعَ (مارئي ١٠/١٢)= قد سَمِعَ اللهُ (تحقيق الله ٻڌو). قران شريف جي سُوره مُجادله (نمبر ٥٨) جا شروع وارا الفاظ.

● قُدام (ع)= اڳ، آڏو، اڳتي.

ـ ڪَهِجُ پِرِ قُدامُ (معذور ٥/٣)= ڪي ڪجھ اڳتي هلج، اڳتي وک وڌائج.

● قَدُرُ= انداز، وزن، مقدار، ملھ، قيمت، لياقت جي شناس، خوبي جو احساس، رُتبي ۽ درجي جو مانُ.

ـ قَدُرَ ڪَيفَ ڪَمالَ جو (يمن ٦/١٩، ٦/٣٥)= الاهي نشي جي انتها جو اندازو.

ـ قَدُر لَهندَء ڪونہ (سري راڳ ۴/٩)= پنهنجي لياقت ۽ خوبي کو ڪونہ سڃاڻيندو.

ڪي قدر= ڪي ٿورا.

ـ قَدُر وِٺا قَلِيلَ (سنهٽي ٨/١٠)= ڪي ٿورڙا وٺا.

● قَدُوري (يمن ٥/١٠)= حنفي فقہ جو ڪتاب "القدوري". تصنيف ڪيل عبدالحسين احمد بن محمد القدوري (بغدادي وفات ۴٢٨ هجري) جو.

قَديمُ (ڪلياڻ ١/١)= آڳاٽو جنهن جي ابتدا نہ هجي، ازل کان اڳي موجود.

● قرابت = قريبن سان نسبت، ويجهي مائٽي.

ـ پِرَ قَرابَتَ ڪَمُ ڪِنو (معذور ١/٥)= سڄڻ سان ويجهڙائي واري نسبت ڪم آئي (جو ماريندڙ مرون بہ هٽي ويا).

● قَرارُ (جمع) قرارَ (ڪاپائتي ٢/٩)= اطمينان، آرام، راحت.

ـ ڪوڙين ٿـا قَرارَ (برو ۴/١٧)= تمام گھڻيون (ڪوڙين) راحتون ٿيون.

ـ بَندِي پِٺا قرارُ (مارئي ٥/٧)= پٺا جيڪي بند ۾ (قيدي) آهن سي سڀ سانت ۾، آرام ۾.

● قَرارُ= پڪو ٻول، پڪل وعدو.

ـ ڪُسَڻَ جو قَرارُ (ڪلياڻ ٥/۴)= ڪسڻ جو اقرار، ڪُسي قربان ٿيڻ جو وعدو.

● قَرارِ= پڪجاء، سڪيا سَولا.

ـ ٿـا پاڻَ قَرارِ (ديسي ١/١٧)= پاڻ هڪ جاء گڏ ۽ سڪيا ٿـا.

● قَرارجڻ= ٿانيڪو ٿيڻ، سکيو ٿيڻ.

ـ وَڃي ڪيچ قَرارِئا (حسيني ۴/١٠)= هو وڃي ڪيچ ۾ ٿانيڪا ٿيا، سکيا ٿـا.

ـ ٻولو ٻَٽِ قرارِئو (راڻو ٥/٨)= ٻوليو ٻٽ ۾ وڃي سکيو ٿيو.

ـ ڪينجھرُ قرارِئو (ڪاموڏ ۴/١٣)= ڪينجھر ۾ سکيو ٿيو، امن وارو ۽ آباد ٿيو.

● قُرب = ويجهائي، وصال، پيار ۽ محبت.

ـ قُربُ رَسَندا (يمن ٦/١)= قرب کي پهچندا، وصال ماڻيندا.

ـ ڪَثرَتَ آهي قُربَ ۾ (سنهٽي وائي ١٢/١)= (قرب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الاهي ۾ به) آءُ ۽ هو واري 'ڪثرت' موجود آهي، يا 'ڪَسرت' (ڀڳڻ ۽ جدائي) آهي (باقي 'ادغام' ۾ ئي 'هو' سان هڪ ٿيڻ وارو حقيقي وصال آهي.)

ـ ڪُسَنُ قُربَ جَنِ (يمن ١/٧)= ڪُسي قربان ٿيڻ جن (عاشقن) لاءِ محبوب کي ويجهڙي برابر آهي، محبوب جي محبت آهي.

ـ قُربَ جي (ڪلياڻ ٤/٣٧)= عشق جي.

ـ قُربَ جا ڪَڙائي (آسا ٢/وائي-١)= قرب جنهن کي ڪڙايو آهي، جنهن کي قرب يا پيار منهن پنجي ويو آهي، ڪڙو ٿي ويو آهي.

● قَرِيبَ= ويجها عزيز، سڄڻ.

ـ سرئي ڪَنِ قَرِيبَ (يمن ٢/٢٩)= سڄڻ اهوئي ڪن.

ـ قِرِيبائي هُنس، آهي ڪَرَ ٻَڪَرَڙي (ڪوهياري ٤/٣) = محبوبن جي سختيءَ ۽ آزمايش واري روش ائين آهي جيئن ڄڻ ڇيلڙي لاءِ ڪوس.

ـ قَرِيبَنِ جا (راڻو ٣/٨)= ويجهن پيار وارن جا.

ـ قَرِيبَن جو (يمن ١/٩)= سڄڻن جو.

● قَرِينو= محبوب سان ملڻ جو امڪان ۽ آسرو، محبوب سان ويجهائي واري نسبت.

ـ قَرِينو قَرِيبَ جو (بروو ٤/٦)= محبوب سان ويجهائي واري نسبت ۽ ملڻ جو امڪان.

● قَزاقَ = ڌاڙيل (جو پنهون ڦري ويا). قوم قبيلي جو نالو (اصطلاح) زوراور ۽ زبردست.

ـ ڪَرَها ٿيا قَزاقَ (حسيني ٦/١٢)= اٺ ڦري ڌاڙيل ٿيا (جو پنهون کي کڻي ويا).

ـ قَزاقِي (بروو ١/١١)= قزاقن واري ڪار، زبردست حملي ڪندڙن وارو ڪم.

● قِسمَتَ قَيدُ (مارئي ١/١٥)= قسمت جو قيد، قسمت ۾ لکيل قيد، نصيب ۾ لکيل بنديخانو.

● قَصرُ (عربي) قَصَرَ (سنڌي)= محل، محلات، ماڙي. قَصرِ= قصر ۾، محل ۾.

ـ قَصرِ ڪِينَ اَچَنِ (سورٺ ٣/١)= منگتا ڪنهن مصلحت يا رٿ کان سواءِ شاهي محل ۾ ڪين ٿا اچن.

ـ طالبُ قَصرُ (ڪلياڻ ٢/١٦)= طلب رکندڙ، متلاشي شاگرد جڻ (وڏي درجي وارو آهي)، محل مثال آهي.

● قَصَص (مارئي ١٠/١٣)= قرآن شريف جي سُوره (نمبر٢٨)= جو نالو. (معنيٰ جي لحاظ سان) اَحسن القصص، سڀني قصن ۾ سٺو قصو، سٺي ڳالهه.

● قَضا= رضا رباني، تقدير، ازل جو فيصلو.

ـ قَضا رِءَ ڪيرَ ڏَري (سنهڻي ٧/٨)= الاهي حڪم کان سواءِ ڪير رکي.

ـ ايءَ قضا (مارئي ١/١٨)= ان ازل واري فيصلي.

ـ قَضا ڪَندين (آبري ٥/١)= فيصلو ڪندين، (ڪنهن کي ڏوهه ڏيندين ۽ سزا ڏيندين).

● قضا ٿيڻ= وقت پورو ٿي وڃڻ، مقرر وقت گذري وڃڻ. نماز جو وقت قضا ٿيڻ.

ـ سَو قَضا ٿئي ڪِيئَن (آسا ١/١٦)= اهو وقت جيڪو پورو ٿي وڃي ٿو، گذري وڃي ٿو سو وري، ڪيئن ٿو هٿ اچي سگهي.

● قضيو= عمل، نياءُ.

ـ اهڙي ڏِني قَضيي (آسا ١/٢)= اهڙي قضيي ڏسندي، اهڙي عمل ڏسندي، اهڙي نياءُ ڏسندي.

● قطارڇڻ= هڪ ٻئي پويان قطار ۾ بيهڻ.

ـ قَطارِئا= هڪ ٻئي پويان قطاريل.

- ڪاٺي سي تُنبيرَ (پرياتي ١/٢٠)= اهي سازن وارا تُنبا وڄائيندڙ ڪٿي!

● ڪاٺڻ= وڍڻ.

- ڪاٺڻ ڪارڻ (ڪليات ٥/٢٥)= وڍڻ واسطي، وڍجڻ لاءِ.

- ڪاٽ تہ پوءِ قَبُولَ ۾ (ڪليات ٥/٢٣)=وڍ تہ قبول پوي.

- ڪاٽان پوءِ (سورٺ ٤/٤)= ڪاٽجڻ کان پوءِ، ڪٽجي ويو تہ پوءِ.

- ڪاٽي، چِکُ ڪَڪُرهُ (يمن ٦/٨)= (پنهنجو سِرُ) وڍي، ڪکي رنگ جي شراب جو مزو چک، ڪڙي شراب کي چک.

- ڪاٽي وِجهہ ڪُلاهَ (ڪليات ٢/٣)= پنهنجي چوٽيدار ٽوپي وڍي وجهہ.

- ڪاٽيندي قَهارُ (يمن ٢/٥)= (محبوب) ڪاٽڻ وقت، عاشق جي سرُ وڍڻ وقت، بي رحم (قهار) آهي.

● ڪاپائِتي (جمع) ڪاپائتيون= ڪپهہ ڪتيندڙ.

- ڪاپائِتي سَيڪا (ڪاپائتي ١/٣)= سيڪا ڪاپائتي (جڏهن ڪتي ٿي تڏهن سيبائي ٿي، وٺي ٿي ۽ مانائتي ٿئي ٿي).

- پِئي ڪاپائتين ڪاڻِ (ڪارايل ١/١٦)= تن ڪتڻ وارين کي سٽ جي خريدارن سان ڪاڻ پئي (اهي پيچا ۽ عتاب هيٺ آيون).

ڪاپَٽ=ڪاپڙي جو مخفف (ڪاپٽ= ڪاپٽي =ڪاپڙي). "ڪن ڦٽ" سان لاڳو پرتي جو لفظ.

- ڪَنَ - ڦَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙي (رامڪلي ٦/٢)= اهي وڏا فقير جيڪي ڪنڦاڙ آهن.

ڪاپَڙي (جمع)= ڪاپڙي فرقي جا فقير، (اصطلاح) وڏي منزل وارا سچا سورهيہ عاشق، وڏا جهانديده، وڏي حوصلي ۽ جاڻ وارا.

- ڪاڪِ نہ جَهلِنا ڪاپَڙي (راڻو ٢/١٢)= انهن وڏي منزل وارن فقيرن (عاشقن) کي (طلسم واري) ڪاڪ روڪي نہ سگهي.

- ڪالهہ گَڏيوسُون ڪاپَڙي (راڻو ١/١)= ڪالهہ اسان کي ڪاپڙي مليو.

● ڪاپو = ڪتڻ جو پورهيو.

- ڪاپو ڪر (ڪاپائتي ١/١١)= ڪتڻ جو پورهيو ڪر.

- ڪاپي مٿان (ڪاپائتي ٢/٢)= ڪاپي واري قيمت جي مٿان وڌيڪ.

- ڪاپي منجهان (ڪاپائتي ١/٧)= ڪتڻ منجهان، ڪتڻ جي پورهيي مان.

● ڪا= ڪائي.

- ڪا مُنهنجي ڪَرِ (سورٺ ١/١٠)= ڪا منهنجي پوئواري ڪر، منهنجو عرض اُوناءِ.

● ڪَاجَا =ڪا اهڙي، اهڙي ڪا وڻندڙ اهڙي ڪا عجيب.

- ڪا جا پَرِ پِرينَ (آسا ١/٢)= محبوبن جي اهڙي ڪا ريت، اهڙي ڪا عجيب رمز.

- ڪَا جَا لَڳي لاڳ (ڪليات ٤/٣٧)= ڪا جا لاڳ لڳي، اهڙي ڪا عجب لٽون لڳي.

- ڪَا جَا پيين پتي (حسيني ١٠/وائي-١)= ڪا اهڙي ڳالهہ پتي (جگر) تي پيين، ڪا اهڙي ڳالهہ دل تي لڳين.

- ڪا جا ڳالهہِ (معذور ٤/وائي، سورٺ ١/١٢)= ڪا جا ڳجهي ڳالهہ، ڪا رمز واري ڳالهہ.

- ڪا جا ڳالهہِ ڳُجهي (سورٺ ٤/١٣)= (پاڻ ۾) ڪا اهڙي ڳجهي ڳالهہ رکيل هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪارڻ ضروري (ڪلياڻ ١/٥)=ضروري حيلو آهي.

● ڪارڻ= خاطر، واسطي.

- سيڻن ڪارڻ (بروو ٢/٨)= پيارن سڄڻن خاطر.

- ڪارڻ ٿيءِ ڪباب (سنهٽي وائي ١٢/١)= ڪباب جو ڪارڻ ٿيءِ، سبب ٿيءِ، ڪباب ٿي پئه.

- ڪارڻ ڏانَ (پرياتي ١/١٥)= ڏان ڪارڻ، انعام خاطر.

- ڪارڻ ڪن (ڪوهياري ١/٨)= ڪن جي لاءِ.

- ڪارڻ ڪوهيارن (آبري ١/١٩)= ڪوهيارن ڪارڻ (پياري پنهونءَ خاطر).

● ڪارڻي = سدائين ڪارڻ ڪندڙ، بلو ڪندڙ، نئين راه ڏيکاري، جيهن ڏکن ڏوهن کان بچائيندڙ، پرچهلو، آڳهه، هدايت ۽ رهنمائي ڪندڙ.

- مَج مُحمدُ ڪارڻي (ڪلياڻ ١/٥٠١/٧)= محمد ﷺ کي پرچهلو ۽ رهنمائي ڪندڙ ۽ جيهن کان بچائيندڙ ڪري مڃ.

- اُتي رَبِ ڪارڻي (بروو ١/وائي-١)= اي ڪارڻ ڪندڙ، تون اتي مون کي اچي پهچج، منهنجو مددگار ٿج.

- ڪنديءَ اچي ڪارڻي (سنهٽي ٨/١٧)= ڪارڻ ڪندڙ پرچهلو ڪنديءَ تي اچي.

● ڪارون = منٿون، آزيون.

- ڪارون وس ڪنامِ (آبري ٦/وائي-٢، حسيني وائي ١٢/١)= مون گهڻيون منٿون ڪيون.

- ڪارون ڪيچ ڏڻين کي (آبري ٨/٧)= ڪيچ ڏڻين کي ميڙون منٿون.

- ڪارون تي ڪريان (سلمونڊري ٣/١٩)= تڏهن ته، تنهن ڪري ته (تي) منٿون ٿي ڪريان.

- ڪريان تي ڪارون (يمن ١/٢)= تنهن ڪري (تي) منٿون ٿي ڪريان.

- دارون ۽ ڪارون (يمن ٢/٢٨)= دوا علاج ۽ حيلا.

- ڪارون آڻيين (ليلان ٣/١٠)= حيلا ڪرين (پرچائڻ جا)، عاجزيون ڪرين.

- ڪارون ڪري تن (حسيني ٩/٢٢)=تن سان نيازمنديون ڪُرنشون ڪري.

● ڪارونيارَ=(اصطلاح) پاڻي جو وڏو چاڙهه ۽ لُڙ، ڪڪرن جي گهاٽي ڪاراڻ، سمنڊ جي هيبت واري ڪاراڻ.

- ڪَپَرَ ڪارونيارَ جا (سنهٽي ١٠/٤)= درياءَ جي لُڙ ۽ چاڙهه جي گهاٽي ڪاراڻ واري ڪنڌي.

- گهوريون ڪارونيارُ (سنهٽي ٩/٣)= اونهون اجهاڳ پاڻي ڳوليون.

- ڪارونيارَ ڪنن (سلمونڊري ١/١٢، ١/١٣)= ڪنن جي ڪارونيار مان، ڪنن جي خطري مان (مان لنگهي آيا).

● ڪارئو= ڪرايو.

- توکي ڪارئو سيرُ سَتارَ (سارنگ وائي ٣/١)= توکي مولي سير ڪرايو.

- ڪارئو پنڌ قضا (معذور ٤/١٥)= قضا پنڌ ڪرايو، تقدير پنڌ ڪرايو.

● ڪاري= ڪرائي.

- ڪوهيارو ڪاري (حسيني ١٢/١٩)= ڪوهيارو (پنهون تو) ڪرائي.

● ڪاري= ١. ڳوڙ ڪري (ڪَرَڻ، ڪارڻ= ڪڪر جو ڳوڙ ڪرڻ). ٢. رنگ جي ڪاري (ڪڪر).

- ڪَڪَرَ اَجُ ڪاري (سارنگ ٢/٢)= ١. ڪڪر اڄ ڳوڙ تو ڪري ٢. اڄ ڪاري ڪڪر.

● ڪاري= وڏو زخم ڪندڙ، مارينڌڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪانْ هَٽِي ڪارِي (سامونڊي ٢/١١)= ماريندڙ گولي هٽي.
- ڪَارِي ڪَانْ (حسيني ٥/وائي-١)= ڪان جيڪو ڪاري ضرب لڳائي ۽ ماري.
● ڪارِيندا= ڪرائيندا.
- ڪُرِڪَ ڪارِيندا ڪَچَڙي (ڏهر ٣/١١)= ڪچ کي دانهن ڪرائيندا.
● ڪَارِيين= تون ڪرائيين.
- جي مون هٿان ڪارِيين (پورب ٢/وائي-٢)= جي منهنجي هٿان ڪرائيين.
● ڪاڙهو= وڏي تپش، وڏو مچ.
- قُرب جو ڪاڙهو (حسيني ٩/٦)= محبت جو مچ.
● ڪلبِڪِي ڪارِ (بروو ١/١٥)=ڪلسائڻ واري (ڪُهڻ جي) ريت. (اصطلاح) سخت ايذاءُ رسائڻ واري رسم.
● ڪاسو= وڏو شاهي وٽو (ڪاٺ جو).
- ڪَنڌَ ڪاسو (مارئي ٧/٩)= ڪنڌ جي هيٺان ڪاسو (وهاڻي طور).
● ڪاغَذَ ڪَچَ جي (سري راڳ ٢/١٥)= بي ڪار شين مان ٺهيل بيڪار ٻيڙي.
- ڪَاغَذ ڪورِيين (يمن ٥/١٩)= تون ڪاغذ ڪورين، وڏا پنا وڏي جُزون ٺاهي ننڍا پيو ڪرين. (ته جيئن انهن تي ڪتاب لکين يا نقل ڪرين).
● ڪَافُ= الف- بي جو اکر 'ڪ' (جنهن ۾ وَرُ آهي)، ور وڪڙ وارو.
- سندو ڪاڪُلَ ڪافُ (آبري ٦/٣)= محبوب جي وارن وارو 'ڪاف' (ڏنگڙو وريل)، وَلِ ڇَلِ وارو.
ڪافُ= جبل، پهاڙ.

- ڪيرِ لنگهيندي ڪافَ (ديسي ٢/١٢)= ڪير جبلن مان لنگهندي.
- ڪافَ نه ڏيين ڪو (ڪوهياري ٢/٣)=اي جبل (ڪاف!) تون مون کي (پنهنجن پرين جو) ڪو ڏس نه ڏئين!
● ڪَافِرُ= انڪار ڪندڙ ڪفر ڪندڙ.
- ڪُفرُ ڪافِرُ پاڻ ۾ (ڪلياڻ ٢/١٢)= 'ڪفر ۽ ڪافر' (انڪار ۽ انڪاري) پاڻ ۾ مقابل ٿي، اسلام وارا ٿيا.
● ڪَافين = جبلين، جبلن ۾، جبلن ڏي.
- ڪافين ڪاهيندياس (آبري ٥/٩)=جبلن منجهان پنڌ ڪنديس.
● ڪاڪِ = جيسلمير ضلعي ۾ ندي جيڪا برسات ۾ پرجي وَهي ۽ جنهن جو پاڻي ڪڪوريل (ذرا ڳاڙهيرو).
- ڪَڪورِي ڪاڪِ وَهي (راڻو ٨/١٨)= ڪاڪ ندي ڪڪوريل پاڻي سان پئي وهي، ان ۾ جيڪو پاڻي وهي پيو سو ڪڪوريل آهي.
● ڪاڪِ تَڙِ (راڻو ٢/١)= ڪاڪ جي گهيڙ تي، ڪاڪ واري ڪوهه تي. (اصطلاحي معني) مومل جي ڪاڪ محل تي.
- ڪاڪِ تَڙاءُ (راڻو ١/١١)= ڪاڪ جي تڙ تان، ڪاڪ جي تڙ وٽان.
- ڪاڪِ جِي (راڻو ١٠/٨)= ڪاڪ محل ۾ ڪيل گناهن جي (طلسم ڪري ٽوڪو ڏيڻ، ماڻهو مارائڻ وغيره).
- ڪاڪِ ڪَڪوريا (راڻو ٣/١)=ڪاڪ جا رڱيل، ڪاڪ محل ۾ مومل جي ديدار لاءِ ڪڪوريل اکين وارا.
- ڪاڪِ ڪَنڌيءَ (راڻو ٣/٧)= ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪانھِرَ = ڪاھل، سُسُتَ، ڪانئر، ٻچڙا.
ـ سي ڪانھِرَ ڪِبَا ڪانه (ڪلياڻ ١/٣٢)= انھن ڪاھلن کي ڇا ڪبو، اھي سُسُتَ ڪھڙي ڪم جا.
● ڪَانھِرِي= ڪَاھِلِي، نِھِلِڙِي.
ـ آءُ اِڳِھين ڪانھري (حسيني ٢/٦)= آءُ اڳ ئي ھيٺِي ۽ ٻي حل.
● ڪانھي = نلھي.
ـ ڪانھي جاءِ جلڻ ري (حسيني ٢/١٧)= (وصال لاءِ) جلڻ کان سواءِ (وصال لاءِ)، ٻي ڪا پيٽي ڪانھي، ٻي ڪا جاءِ ڪانھي.
● ڪاني= ننڍي ڪانَ جو گھاءُ، زخم (= ان قول ۽ وعدي جو ويچار، ان وڏي ويڻ جو ويچار). سَرائي (سُرمي لاءِ).
ـ ڪُڙِھہ اَندَرِ ڪانِي (ڪلياڻ ٢/١٠)= اندر ۾ ڪانُ، گھاءُ ۽ زخم، (اصطلاح) قول ۽ وعدي جو وڏو ويچار.
ـ تان ڪا ڪانِي پاءِ (آسا ١٩/٤، ٥/٩)= تان ڪا اکين ۾ سَرائي پاءِ.
ڪانِي= ننڍي نڙاٽي. ("ڪلمون" جو ڪانو جنھن کي سيڪ ڏيئي نَڙَجي ڪاني ٺاھين).
ـ ڪانِي ڪانھَ (ٻروو ٤/٤)= ڪانھَ جي ڪاني.
ڪاڻَ، ڪاڻِ= محتاجي، نقص، خطا، ميار.
ـ نہ ڪَڍي ڪوريين ڪاڻَ (ڪاپائتي ٢/١٠)= ڪورين جي ڪاڻ ئي ڪانہ ڪڍي.
ـ مُونکي وِڄھہ مَ ڪاڻِ (گھاتو ١/٩)= منھنجي ساٿن ڪاڻ مَ وجھہ، مون کي سندن ڪاڻيارو نہ ڪر.
ـ ڪاجا پيِيَمِ ڪاڻِ (ليلان ١/١٨)= مون کي ڪلجا ڪاڻ پئي، مون کان ڪلجا خطا ٿي.

ـ تَنِ پَئي ڪاپاتِينِ ڪاڻِ (ڪاپائتي ١/١٦)= تن ڪاپاتين کي ڪاڻ پئي، تن ڪتڻ وارين کي سٽ جي خريدارن سان ڪاڻ پئي (سي پڇا ۽ عتاب ھيٺ آيون).
ـ ڪلجا پيِيَسِ ڪاڻِ (حسيني ١٢/١٥)= ھن کي ڪلجا ڪاڻ پئي، ڪلجا محتاجي ٿي.
ـ مون پَئي نہ ڪاڻ (راڻو ٨/١٠)= مون تي ڪاڻ نہ پئي، آءُ ڪاڻياري نہ ٿيان، مون تي ميار نہ اچي.
ـ ڪيچِين سِين ڪاڻَ (ڪوھياري ١/١٦)= ڪيچ وارن سان محتاجي.
ـ ڪِنه پَرِ لاھيان ڪاڻِ (آبري ٩/١٠)= ڪھڙي ريت ميار لاھيان.
ـ ڪوھياري جِي ڪَاڻِ (آبري ٥/١٥)= پنھونءَ (ڪوھياري) جي ميار.
ـ ڪاڻ پيِيَمِ (مارئي ١١/٢٠)= آءُ ميار ھيٺ آيس، آءُ حرفي ٿيس.
ـ ڪاڻِ لاتِي (سارنگ ٤/١٩)= ميار لاٿي (ڪيچ جي وٽن کي ساٿو ڪيائون).
ـ ڪاڻِ لَھي (مارئي ٣/٢)= حرف لھي، ميار لھي، گلا لھي.
● ڪَاڻِيَارَو = ڪاڻ وارو، گلارو، قصور وار.
ـ تہ قاضِي ڪاڻِيارو نہ ٿِئين (آسا ٧/١٦)= تہ اي قاضي، تون قصوروارو نہ ٿئين، مياردار نہ ٿين.
● ڪاڻِيارِي = ڪاڻ واري، جنھن ڏانھن ڪاڻ ھجي، مياردار.
ـ ڪاڻِيارِيءَ ڪاڻ لَھي (ٻروو ٣/٨)= ميار واريءَ جي ميار لھي.
ـ ڪاڻِيارِي ڪاڪِ ڪري (راڻو ٨/٣)= ڪاڪ کي

مورت ۾.

ـ ڪوڙيين ڪايَائُون تنهنجيُون (ڪلياڻ ١/٢٩)= تنهنجيون ڪيئي نراليون صورتون.

ـ ڪُبَجَ ڪايا سِين ڪِئو (يمن ٢/٢٣)= تو پنهنجي جان سان 'ڪُبَجَ' جو مرض لاڳو ڪيو.

● ڪَبَاب ڪرڻ= ڳترا ڳترا ڪرڻ، تڪر تڪر ڪرڻ.

ـ ڪِيَسِ جَنهِ ڪَبابُ (يمن ٢/٦)= جنهن مون کي تڪر تڪر ڪري ڇڏيو.

● ڪبا ڪانه (ڪلياڻ ٢/٢٣)= ('ڪِبا' توڙي 'ڪَبا' صحيح) ڪيڏانهن ڪبا، ڇا ڪبا، انهن کي ڇا ڪبو، هي کهڙي ڪم جا ٿيندا.

ڪَبِي، ڪِبي= ڪري سگهبي.

ـ ڪبِي اِتِ ڪيهِي (ڪلياڻ ٣/٢٣)= ات ڪهڙي ڪري سگهبي.

ڪِبرُ ڪِبرِياءَ (ڪاموڏ ٤/١)= وڏي وڏائي وارو.

● ڪَبِيرَ= ڪبيرا، وڏا ڏوهه.

ـ ڪوڙين ڪِئَم ڪَبِيرَ (مارئي وائي ٥/١)=مون گهڻائي ڪي وڏا گناه ڪيا.

ڪُبِيلِيَائِي (آبري ١/١٠)= جنهن سان گڏ سنو ٻيلي (سونهون) نه هجي، بي واهي.

ڪَتُ ڪَنبَنڊِي آءُ (ڪاپائتي ١/١٢)= ڪت به، ٻ ڪنبندي به رهه.

● ڪتاب= لکت جو هڪ مجموعو، مڪتوب جلد.

ـ ڪوڙين ڪتابَنِ ۾ (يمن ٥/١٦)= مختلف ڪتابن ۾، جدا جدا سيني ڪتابن ۾.

ـ ڪتابن جي ڪوڙ (يمن ٥/١٥)= الاهي ڪتاب، تمام گهڻا ڪتاب.

● ڪِتابَتَ (بروو ٢/٢٣)= لِکت، خط.

ـ ڪِتابتُون (مارئي ٢/٤)= لِکتُون، خطَ (اصطلاح) خبرون.

● ڪَتائڻ= سُٽ ڪتائڻ.

ـ نه ڪتي ڪتائي (ڪاپائتي ٢/١٠)= نڪي ڪَتي نڪي ڪَتائي.

ـ ڪُتائِينديُون ڪيتَرو (ڪاپائتي ٢/٤)= اوهان ڪيترو ڪتائينديون.

● ڪِتُمِ = (ٻوليءَ جو اڳيون محاورو) ڪَتِيُمِ.

ـ آتَڻِ ڪِتُمِ جَنِ سِين (ڪاپائتي ٢/١٣)= جن سان گڏ ويهي مون آتڻ ۾ چرخو ڪتيو.

ـ ڪِتو وِتو نَه تِئي (ڪاپائتي ١/١٤)= ڪتڻ اجايو نَه ٿئي، ڪيل پورهيو اجايو نَه وڃي. (لفظي معنيٰ: ڪِتو= ڪَتيل، وِتو= قِتو ڪيل).

● ڪِتوءِ= تو ڪتيو.

ـ نَه ڪِين ڪِتوءِ (ڪاپائتي ١/٧)= نه تو ڪجهه ڪتيو.

● ڪِتي=ڪتيي، ڪتيل (جملي ڪتيل، سٽ ڪتيل).

ـ ڪِتي مُقابِلِ ڪَپَڙا (ڪاپائتي ٢/٣)= ڪَتيل سٽ (جي مقدار) مطابق ئي ڪَپڙا جڙندا.

● ڪَتي ڪامَ (ٻروو ٢/١٧)= ڪامَ ڪتي، ڪله نه ڪتي.

ـ ڪَتي مَتي (ڪاپائتي ٢/٩)=پورو ڪتي ناهي جوڙي.

● ڪَتِي، ڪَتيون= ڪَتيءَ جو نکٽ، ثُريا.

ـ ڪَتيون ڪَپاران وِيون (راڻو ٥/٤)= ڪَتيون مٿان سَر ڪاپار کان گهٽو اولهه طرف هليون ويون.

● ڪَتَ= ڪت ڪٿان، تخميني طور ويچار، تخمينو.

ـ ڪَتَ نه ڪَندوڪاءِ (ڪنيات ٣/١٤)= ڪَت ڪٿان ڪونه ڪندو (پيو تڪو هلندو)، ٻرو نه ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ متان ڪَرِيين ڪَٽَ (ڪنيات ٣/١٢)= متان تخمينو ڪرين، متان تڪ تڪان ڪرين ته ڪيترو پنڌ ٿيندو!

● ڪَٽِ = جال، گهار، گڏ گڏار، گڏارو ڪر.

ـ تون تَنِي سِين ڪَٽِ (آسا ٧/٩)= تون تن سان گهار.

● ڪَٽُ = ميراڻ، تڪو.

ـ هُوندَ ڪَٽُ نه لايان ڪَڍِهين (ليلان ٤/١١)= هوند ڪڍهين به تڪو نه لايان.

ـ لَٿـو ڪَٽُ قُلُوبَ تان (سـارنگ ١/٨)= قلب تان ڪٽ لٿو.

● ڪَٽُ= موريائُ، ڪَسُ.

ـ ڪَٽُ نـه لَڳِي ڪَڌِهين (يمـن ٤/١٩)= انهـن کي ڪڏهن به موريائ نه لڳي، ڪَسُ نه لڳي.

ـ ڪَٽُ ڪَڙهي (يمن ٤/٢٠)= اوزار تي چـڙهيـل ڪٽ باهه ۾ سخت تپي ۽ ڳري.

ـ ڪَتِـٺو هـومِ ڪَٽَ (رپ ١/٢٦)= ڪَٽَ منهنجي هنيين کي ڪٽ وارو ڪيو.

● ڪَٽُ = ذري جيترو، ڪجهه ("فلاڻو ڪَٽ به نه ڪيو" (ڪڇ جي جتن جي ٻولي)، ڪجهه به نه ڪيو.

ـ مَتان ڪُجِين ڪَٽُ (ڪلياڻ ٤/١٥)=متان ڪجهه چورين.

ـ ڪَٽُ نه ڪِچِنَائُون (حسيني ٤/١٧)= ڪجهه به نه ڪچائون، ذرو به نه چيائون.

ـ ڪَٽُ نه سِڪيا (پرڀاتي ١/٢٣)= ڪجهه به نه سڪيا.

● ڪُٽُ (سري راڳ ٤/١٢)= فاسد لوهه.

● ڪَٽَارَو = وڏو گول خنجر، بڇڪي، ترار.

ـ ڪَنڌِ ڪَٽـارو (يمن ٦/١٣)= ڪنڌ تي ڪٽارو، سر تي ترار.

ـ ڪَٽـاري جِي ڪارِ (آسـا ٢/١٤)= ترار جي ڪار ڪوس ۽ ڪُسڻ.

● ڪَٽِڪو= وڏو گوڙ، گهمسان، آواز.

ـ 'ڪِٿو ڪَٽِڪو' (ڪارايل وائي ٣/١)= وڏي ڪـٽـڪي ڪئي، وڏو شور زور ڪيو.

● ڪـٽـڪـا ڪٽ (يمن ٦/٢٨)= ١. ٻَٽين تي چڙهيل ڪَڙاهين ۾ لڳندڙ ڪَفگيرن جا آواز-٢. پڳل مٽن جا تازا توتا تڪرا.

● ڪُٽَلَ = سڪ ۽ محبت جي ماريل.

ـ ڪو مُنهُ ڪُٽَلِ آئيو (ديسي ٧/١٢)= هن محبت ۾ ماريل کي ڪو خيال چڙهي ويو.

● ڪُٽِيسُ= آءُ ڪُٽي! (ندا وارو ٻول).

ـ ڪُٽِيَس ڪاهِ مَ ڪَرَهو (ديسي ١/١)= هاءِ آءُ مُيَس! تون اٺ نه ڪاهه!

ـ ڪُٽِيَسِ ڪُريجِنِ (يمن ٢/١٠)= مونکي اڻ ڄاڻ طبيبن ماريو.

● ڪَثافَتَ= ميراڻ، مدائي، نقص، گهاٽائي.

ـ ڪَثافَتَ جا ڪاڪِ جِي (راڻو ١٠/٨)= ڪاڪ واري جيڪا مدائي.

ـ ڪَثـافَتَ ڪَثـرتَ جِي (آسـا ٦/٣)= مـخلوق جي گهڻائي واري ميراڻ.

● ڪَثرَتَ = گهڻائي، گهڻا رخ، گهڻا جلوا، 'هيڪڙائي' جون گهڻيون صورتون.

ـ ڪَثَرتَ آهي قُربَ ۾ (سنهـڻي وائي ١/١٢)= ويجهائي ۾ گهڻائي آهي (هڪ مان به گڏ).

ـ وَحدَتـان ڪَثرتَ ٿِي (ڪليـاڻ ١/١٧)= گهڻائي 'هڪ' مان ٿي.

● ڪَپُ= ڪنارو، ڪپر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪَپُ ڪَسِينِ جو (ڪلرايل ٢/١٥)= ننڍڙين واهين جو ڪنارو.
● ڪَپَارُ= مٽي جو هڏو، ڪيپراٽي.
- جي اَچي ڪَمُ ڪَپَارُ (سورٺ ٣/٧)= جي مٽي جو هڏو ڪم اچي.
- ڪَريان ڪوڏِ ڪَپَارَ جيئون (سورٺ ١/٦)= آءُ ڪوڏ مان 'ڪپار' جي گهَر تو ڪريان.
● ڪَپار= ڪاپار ڪان، ڪاپار تان.
- ڪَپاران ويون (راڳو ٥/٤)= مٿان چوٽيءَ ڪان اڳتي وڌي ويون، آسمان ۾ اتي آيون جو ڪنڌ کڻي مٿي نهارجي ته بالڪل ڪاپاريا مٿي جي مٿان نظر نه اچن.
● ڪُپَچُ= خراب ٻَچُ (ٻت پچي پوي جيڪو چٽي نه).
- ڪُپَچُ ڪاياسِين ڪِئو (يمن ٢/٢٣)= تو پنهنجي هانيءَ سينِ ڪپچ ڪيو، وڏو مرض لاتو.
● ڪُپِرِ = ڪُرِيت.
- ڪُپِرِ منجهان ڪَل (راڳو ٩/١٩)= (مون کي پنهنجي) ڪُريت مان خبر پئي، ڄاڻ حاصل ٿي.
- اِيءَ پَرَ ڪُپَرَ هوءِ (حسيني ٤/٦)= اها (تنهنجي) ريت ڪُريت جهڙي آهي.
- ڪُپرسين (معذور ٤/٧)= ڪُريت سان.
ڪَپَرُ = ڪنارو.
- ڪَپَرُ ڪِينَ ڪَندَوءِ (سري راڳ ١/٢٥)= ڪنارو تو کي ڪو نقصان نه ڪندو (تنهنجي ٻيڙي ڪناري سان ڪٿي لڳي ڀڄندي ڪانه).
- ڪَپَرُ تو ڪُنَ ڪَري (سامونڊي ١/٢٨)= ڪپر وارو پلسو تو وڏا ڪُنَ ڪري.
- ڪَپَرَ ڪارُونپارَ جا (سنهٽي ١٠/٤)=وڏي درياءَ جا ڪنارا.

● ڪَپُورُ= ڪافور.
- چوٽا پَري ڪَپُور (ڪنيات ٢/٢٣)= وارن جا چوٽا ڪافور جي خوشبوءِ سان ڀري.
● ڪُپيرِي = اها ڀيٽي جتي وات وارو پير ٺي نه ليي، پير وڃائيندڙ وات، منجهائيندڙ وات.
- ڪُپيرِيان پري ٿِئا (ڪلهوڙي ٣/٥)= ڪُپيريءَ کان پري ٿئا، کُواٽَ کان، منجهائيندڙ وات کان هٽي ويا.
● ڪِجُ (بروو ٢/١٠)= ڪجانءِ.
- ڪِجُ وَحڻ سِين وَسُ (ڪنيات ٣/٣)= وحڻ سان وس ڪجان، تکي هلڻ سان زور لائجانءِ.
● ڪجا= ڪجان، تون ڪجان.
- وَرِنَهَ ڪِجا وَسُ (ڏهر ١/٢٠)= اي لاڪيٺا، تون ڪو وڏو حيلو ڪجان.
● ڪِجاءُ= ڪِجاهو، ڪجائو، اوهين ڪَجئو.
- ڪا مَددَ ڪِجاءُ مازِيين (مارئي ٥/١٨)= منهنجي ڪا ماڙين ۾ مدد ڪجئو.
- نه ڪِجاءُ (سامونڊي ١/٢٨)= نه ڪجئو.
- سرتيون دُعا ڪِجاءُ (ديسي ٢/٥)= اي سرتيون اوهين مونکي دعا ڪجو.
● ڪِجاهُون= اسان کي ڪجان.
- پِرين ڪِجاهُون پانهِنجو (رامڪلي ٣/١٤)= اي پرين تون اسان کي پنهنجو ڪجان.
● ڪِجائُنِ = تون سندن ڪجان.
- ڪِجائُنِ گهولَ (پورب ١/٥)= سندن گهول ڪج.
● ڪَجَلَ پِنا (سامونڊي ٤/٨)= ڪجل سان آلا.
● ڪِجي بَسِ (معذور ٦/١)= بس ڪجي، ايئن ڪجي، وڌيڪ ڪجهه نه ڪجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڪُڇاڙاءِ= ڇـا لاءِ، ڇا جي ڪري، ڇـا جي واسطي، ڇاجي لاءِ، ڇاڪان.

ـ سـو تون ڪُڇـاڙاءِ (ڪليـاڻ ٤/١٠)= انهيءَ ڪري تون ڇا لاءِ.

ـ تُون هَڏِ ڪُڇاڙِئا (ڪـاهوڙي ١/١١)= تون هاٿي وڏيڪ ڇاجي لاءِ.

ـ ٻولا ڪُڇاڙِئا (ليلان ٤/٥)= اي پيـارا تون ڇاجي ڪري، ڪهڙي سببان.

ـ ڪَلَ ڪُڇاڙِئا ڪـانئيين (يمن ٢/٧)= (منهنجي جسم جي) ڪل کي ڇا جي ڪري ٿو ساڙين.

ـ ڪاتب ڪُڇـاڙِئا ڪريين (يمن ٥/٧)= اي ڪاتب تون ڇا لاءِ ٿو ڪرين (پنن تي پيه، ڪاغذن تي جلهه).

ـ ڪُڇاڙِئان ڪـيچ وِئا (معذور ١/٧)= ڪـهڙي سبب ڪان، ڪهڙي ڳالهه جي ڪري (مون کي ڇڏي پاڻ) ڪيچ هلئا وئا.

ـ ڪُڇاڙِئان روءِ (حسيني ٤/٦)= ڇاجي لاءِ روئين ٿي.

ـ ڪڇاڙئا ٻوڙون پائيين (ڪارايل ١/٤)= ڇاجي لاءِ ٿو ٻوڙون پائين.

ڪڇاڙو= ڇا.

ـ ڪُڇاڙو سَرِئوءِ (ليلان ١/٧)= ڇا ورڻيوءِ، ڇا پلئه پيوءِ.

ـ ڪڇاڙو هي ڪَکَ (سري راڳ ٢/١٢)= ڇا هي ڪک.

ـ ڪُڇَـاڙو ڪَـهان (ڏهر ١/٣)= ڪٿي ڪري چوان، ڇا چوان.

ـ ڪُڇاڙو ڏيئي (آبري ٢/١٣)= ڇا ڏيئي.

ـ ڪُڇاڙِي کي ڪَنِ (آبري ٧/٦، معذور ٤/١٣)= ڇا لاءِ ڪن.

ڪَڇُ= سچ جو ضد، ڪوڙو وڪر، ڪوڙي جنس.

ـ ڪَڇُ ڪَمَـايُمِ ڪُوڙُ (سـري راڳ ١/٥)= مون ڪـچو ڪوڙو وکر ڳڏ ڪيو (اصطلاح) چڱا ڪم نه ڪيا.

ـ ڪَڇاين جو (راڻو ٨/١٥)= مَداين جو، مَناين جو.

● ڪَچڪَولُ= ڪشڪول، ڪِستو.

ـ جَنِ ڪَرَّن ۾ ڪَچڪولَ (پورب ١/٥)= جن کـي ڪَرَّن ۾ ٻڌل ڪِستا آهن.

● ڪَچو= عيب.

ـ ڪَچو ٿي ڪيچين کي (حسيني ٤/٤)= ڪيچ وارن لاءِ عيب ٿي.

● ڪَچو (سنهٽي ٣/٣)= درياءَ جي وچين وهڪ جي ٻنهي پاسن وارو، پاڳوءِ جهنگ جيڪو آبڪلاني ۾ ٻڏي.

ـ ڪَچو تان ڪوهُ (سنهٽي ١٠/١٢)= دلو ڪچو آهي نه ڇا ٿي پيو!

● ڪَچو= ميهڻو، طعنو.

ـ جي ڪَچو چُونمِ ڪوءِ (سنهٽي ٧/٩)= مون کي جي ڪو ميهڻو ڏين.

● ڪَچو= ڪچو دلو.

ـ سَندو ڪَچَ (سنهٽي ٦/١٦)= ڪَچ جو، ڪچي (اڻ پڪل) مٽيءَ جو.

ـ ڪَچو مَنجهه ڪِلي (سنهٽي ١٠/٩)= ڪچو دلو درياء جي ڇولين واري مقابلي (ڪلي) ۾.

ـ ڪَچي ساڻُ (سنهٽي ١٠/٧)= ڪچي دلي سان.

ـ ڪَچو ڳهُڙو (سنهٽي ٦/٧)= اَڻ پَڪل دلو.

● ڪَچو رَڪُ (يمن ٤/٨)= اهو لوهه جيڪو پچي راس نه ٿيو هجي.

● ڪَچـو ڪَرَڻُ (ڪوهيـاري ١/١٤)= (اصطلاح) حـرف رکڻ، ميار رکڻ، گهٽ ڪرڻ.

● ڪِرڪَ (ڪوهياري ٣/١)=ننيڙي چِڙي، چِڙيءَ جي لار.
ڪَرڳَلُ= گوڙ وارو وڏو آواز، گجگوڙ، گهمسان.
ـ ڪَرڳَلَ ڪُوجَ ڪُنَ گهٽا (سنهڻي ٣/١، ٢/٢)= پريل درياءَ ۾ گجگوڙيون، ڪُن ۽ ڪڙڪا گهٽا.
ـ ڪَرڳَلُ ڪونجڙينِ، رائي ۾ راتِ ڪِئو (ڏهر ٥/١٢) = ڪونجڙين پڪين رات رڻ ۾ گڏ ٿي وڏيون لاتيون ڪيون (جو واپس وڃڻ واريون هيون).
ـ ڪَنِ ڪَرڳَلَ (سري راڳ ٢/١٣)= گوڙ ڪن، وڏا آواز ڪن.
ـ ڪَرڳَلُ ڪندو ڪَيَجَڙِي (ڏهر ٣/٩)= ڪيچَ ملڪ تي گوڙ گهمسان (ڪري ڪاهه) ڪندو.
ـ ڪَرڳَلُ ڪِيئو نہ ڪَنِ (ڪوهياري ١/٧)= تو ان گوڙ گهمسان تي ڪَنُ نہ ڏنو، تو نہ ٻُڌو.
ڪَرَمُ = احسان، ڀلائي، لکيو، نصيب، ڀاڳ.
ـ ڪَرَمَ ڪريمن جَٿي (يمن ٥/ وائي ١)= ڪريمن جي ڪرم، نهايت مهربانن جي مِهر.
ـ ايءُ ڪَرَمَ جو ڪايو (ڪوهياري ٢/١)= اهو (ڪَرَمَ. يا لکيي جو نتيجو.
ـ پَرَ ڪَرَمَ ڪٿي ڪَچو ڪئو (سنهڻي ١٠/١٦)= پر نصيب ۾ لکيي ڪٿي (دلو) ڪَچو ڪيو.
ـ ڪَرَمَ مِلندا (رامڪلي ٧/٥)= ڪرم سان ملندا، ڀاڳ سان ملندا.
ـ ڪَرمين (رامڪلي ٧/٣)= ڀاڳين.
ڪَرَنُ (بلاول ١/٨)= سخي چام ڪرن.
● ڪُرَندُ = ڪريل پيچرو، قتل گس، ڪُراتَ.
ـ ڪُرَندان (ڪلهوڙي ٣/٣)= ڪريل گس مان، ڪُراٽان.
● ڪُرِنشُون (بروو ٢/١)= (ف) تعظيمون، آدرون.

● ڪَرِنگهَرُ (يمن ٢/٥، راڻو ١١/٤)= (متي ڪانسواءِ باقي) پٺيءَ جي ڪنڍي وارو جسم، ڌڙ.
● ڪَروڙُ (مارئي ٧/١١)= هڪ قسم جو ڪاٺ جنهن مان چوڙا ٺاهيندا هئا (ڪِرڙ جو ڪاٺ؟).
● ڪَرَهَ (آبري ٨/وائي)= ڪرها، اُٺَ.
ـ ڪَرَهَ سَندانِ (ڪارايل وائي ٣/٢)= سَندنِ اٺ.
● ڪَرَهَلُ= ڪَرهو، پيارو ڪرهو، پيارو اٺ.
ـ ڪَرَهَلَ (ڪنيات ٥/١٠)= اي پيارا ڪرها.
ـ ڪَرَهَلُ ڪَاهِيَان (آسا ٣/وائي ٢)= (پنهنجي حياتيءَ جي) ڪَرهو ڪاهيان، حياتيءَ جي پنڌ ۾ ڪاهيان.
ـ ڪَرَهَل ڪَوڏ ڪَشِين (ڪوهياري ٣/ وائي ١)= اُٺن کي تيز تکڙو پيا ڪاهين.
● ڪَرَهو= اُٺ.
ـ ڪرهو سَرَهو نہ ٿئي (ڪنيات ٤/١٢)= بيمار اٺ سَکَرَ نہ ٿئي، چڱو ڀلو نہ ٿئي، خوش نہ ٿئي.
ـ ڪُنِيَسِ ڪاهِ مَ ڪَرهو( ديسي ١/١)= آءُ مُيَسِ! اُٺ نہ ڪاهه!.
ـ ڪَرَهَو وارِ (راڻو ٦/٦، ٦/٧)= پنهنجو اُٺ واري آڻ (مون ڏي اچ).
● ڪَرَهڻ= ڪَره ڪرڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، ڪاوڙجڻ.
ـ ڪَرَهِينِ (بروو ٣/١٠)= ڪاوڙ ڪن.
● ڪُرَڻُ= سُور ڪرڻ، ڪُرجڻ.
ـ ڪُرِئا (بروو ٣/١٣)=سور وارا هئا، ايذاءَ وارا هئا.
● ڪِرِي (يمن ٢/١٧، ٢/٢٠)= رَکَ، پرهيز (بيماري ۾ کاڌي پيتي جي).
● ڪُرِيتِ (مارئي ٩/١١)= ڪَچي ريت، ڪُڌِي رسم.
● ڪَرِيمُ (يمن ٥/وائي ١)= هر وقت ڀلائي ڪندڙ،

سدائين احسانن وارو.

- ڪَرِيمَ رِي (سورٺ ۴/۱۲)= قادر ڪريم جي رهنمائي ڪان سواءِ.

● ڪَرِينِ (سنهڻي ۳/۵)= (ٻولي آهي) ڪَنِ، ڪو ڪم ڪن.

- پَچَارِيُون ڪرِينِ (ڪلياڻ ۵/۱۳)= ڳالهيون ڪن، شڪايتون ڪن.

- ڪاڄا ڪُنَ ڪرينِ (سنهڻي ۷/۱۱)= درياءَ جا ڪُن اهڙي ڪا هيبت ڪن!.

- جِئَن ڪُنِيارَ ڪَرِينِ ڪَمَ سِين (رپ ۲/۱۴)= جئن ڪنيار پنهنجي ڏنڊي ۾ ڪوشش ڪن (يعني آوِيءَ کي باهه ڏيڻي مٿان مٿي ورائي ڏکين).

- ڪَرِيندا (يمن ۴/۱۸)= ڪندا.

- ڪَرِيندو (ڄاپائني ۱/۸)= ڪندو.

- ڪَرِيندِهِن (ڪنيات ۱/۳)= تون ڪندين.

- آهَ ڪَرِيندي (ڪلياڻ ۴/۴)= آهَ ڪندي، اندر واري دانهن ڪندي.

ڪَڙا = ڪَوڙا.

- ڪَڙا ڳهاءَ ڪيوڙي (ڪنيات ۱/۱۱)=ڪيوڙي جهڙا ڪڙا.

● ڪَڙِ ڪَڙِ = ڪڙڪو.

- ڪَڙِ ڪَڙِ ڪانُ ڪَري (يمن ۳/۱۶، ۳/۲۰)= ڪانُ (گولي، تير) ڪڙڪو ڪري.

- ڪَڙِ ڪَڙِ ڪُنَ مَ وَڄُ (سنهڻي ۴/۲۰)= اي ڪُن! تون ڪڙ ڪڙ ڪري وڄ نه (پنهنجو زور نه ڏيکار).

ڪَڙَڪو = وڏو آواز، وڏي گوڙ وارو آواز.

- جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙَڪو (سنهڻي ۳/۸)= (درياءَ ۾) جتي ڪنن جو ڪڙڪو آهي.

● ڪِڙڪِنو= ڪِڙڪِنو، ڪِڙڪي وِئو، تڪڙو نڪري هليو ويو.

- رِڪي ڪامَ ڪِڙڪِنو (راڻو ۴/۱۴)= (راڻو) پنهنجي لٺ (ڪام) اتي رِڪي پاڻ تڪڙو نڪري هليو ويو.

● ڪَڙَنِ ۾ ڪَڇڪَولَ (پورب ۱/۵)= ڪستا ڪَڙَن ۾ پٿل (ڪستن ۾ لوها ڇلا ڪڙا، جن ۾ سٽ جو وڏو ڏورو جيڪو ڪستي لٽڪائڻ لاءِ ڪلهي ۾ وجهجي).

● ڪِڙَڻُ = سڪڻ ۽ وڏيڪ پختو ٿيڻ.

- ڪَڙُنو ڪَوهَ ڪِڙَنِ (ديسي ۲/۹)= اُٺ ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڪري سِڪي وڏيڪ پختا ٿين.

● ڪَڙُڻُ = پيـر ڪڙڻ، پيـر جي نشـان جي چـوڌاري ليڪو ڪيڻ ته چٽو ٿي بيهي، نشان ڪرڻ.

- ڪَڙهي ۽ ڪَڙِي (آبري ۷/۱۰)= جان ۾ جلي ۽ پڻ پيرو ڪٽي.

● ڪَڙو= ڏائقي ۾ ڪڙو، گهٽو ڪَسارو.

- ڪَڙِي ۽ قاتلُ جا (يمن ۶/۵)= (محبت جي) ڪڙي ۽ قاتل (شراب) جا.

- ڪَڙو جي ڪَڪَرو (يمن ۶/۲۲)= جيستوڻيڪ اهو رنگين شراب سخت ڪوڙو آهي.

● ڪَڙو ڪَنڌَ (مارئي ۵/۸)= ڪڙو ڪنڌَ ۾.

- ڪَڙو هَڻي (رپ ۱/۲۶)= ڪڙو وجهي، سوگهو ڪري جهلي.

● ڪَڙولَ = ڪڙولا، لوهه جا ٿلها ڪڙا.

- هٿين هَٿَ ڪَڙولَ (مارئي ۵/۲۰)= هٿن ۾ زيردست هٿڪڙيون.

● ڪُڙهه= پري، نسب ائن گهوڙن جو (پشت به پشت سٺي ٻڻ وارا پاليل گهوڙا، اٺ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي نشي کين رڱي ڇڏيو.

● ڪَڪورڻ= ڪڪورڃڻ، ميوي جو پچڻ وارو ٿيڻ، رنگدار ٿيڻ.

- ڪَڪورِئو (راڻو ١/١١)=مٽس محبت جو رنگ چاڙهيو.

- منجهہِ هين ڪاڪِ ڪَڪورِئي (راڻو ٦/١٠)= ڦٽي رنگن واري ٿي (ان ۾ گل ڦل ڦٽا ۽ رنگين ٿي).

● ڪَڪَوء =رنگ جو ڪڪو شراب، ڳاڙهيرڙو شراب.

- ڪاتي، ڇَڪُ ڪَڪوءُ (يمن ٦/٨)= پنهنجو سِر ڪاتي قربان ڪري پوء (محبت جي خاص) شراب جو مزو وٺ.

- ناٿي ناہِ ڪَڪُوءُ (ڪلياڻ ٥/٢٥)= ڪڪوء پئسن سان نہ ملي.

- ڪَڙوجي ڪَڪُوء (يمن ٦/٢٢)= ڪڪوء جيتوڻيڪ ڪَوڙو هجي.

ڪَڪَ = پُوڙا (ٻجاء جا).

- ڪُوڙيون ڪَڪَ پُڃَنِ (سنهڻي ٢/١٧)= سچيون نہ، پر بهانا ڪندڙ 'ڪڪن' کي ڳولين.

- ڪَڪَ پائي پِنڻِ (راڻو ٢/١٣)= ڪڪ پکيڙي، ڪکن تي ويهي پِنڻ ۽ وڏو روڄ راڙو ڪرڻ.

- ڪَڪُ چُني (ڪلياڻ ٤/١٠)= ڪک جي ڇهڻ سان، ڪک جي لڳڻ سان.

ڪُل (ڪلياڻ ١/١٧)= سڀ، جملي، وحدت ۾ ڪثرت ٻني.

- ڪُلُ ٿيا (رامڪلي ٦/٢٤)= "جزُ" مان وڏي "ڪُلُ" ٿيا، "الڪ" سان وڃي مليا.

- ڪُلُ سُڃاتُون ڪِينَ (آسا ٤/١)= سچو جملي ڪونہ ڏٺائون، ديدار ڪندي سچي صورت ڪانہ ڏٺائون (رڳو ان جو جزُ ڏٺائون).

- "كُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِليٰ اَصلِهِ" (مارئي ١/٢١)= سڀڪا شيء پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي ٿي.

- كُلُّ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ (سري راڳ وائي ٣/١، سورٺ وائي ٣/١)= هر ساهہ واري کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

● ڪَلَ = خَبَرَ.

- ڪَلَ نہ آڪَنہ کي (يمن ٣/٦)=ڪنهن کي خبر ڪانهي.

- ڪَلَ نہ پيئيمِ (ليلان ١/١٣)= خبر نہ پيئيم.

- ڪَلَ پِريان پيئِي (برور ٣/٧)= محبوبن کي خبر پئجي وئي.

- ڪُپَرِ منجهان ڪَلَ (راڻو ٩/١٩)= (مومل چوي ٿي تہ: مون ڪُريت ڪئي جو سومل کي مردانو ويس ڏيئي پاڻ سان گڏ سمهاريم جنهن کي ڏسي راڻو رسي ويو، پر پوء منهنجو ڏک ڏٺائين، ان مان مون کي سندس اخلاق ۽ عظمت جو پتو پيو) منهنجي ڪيل ڪريت جي نتيجي طور مون کي اهو پتو پيو.

- ڪِنہ ڪِنہ پيئِي ڪَلَ (سورٺ ٢/٨)= (سيني کي نہ، پر) ڪنهن ڪنهن کي ڪا خبر پئي.

- ڪَلَ ڪَڙيين پيئِي (يمن ١/٢٩)= ١. ڪڙين کي خبر پيئي: ڦٽن جيڪي ڪڙيون ٻڌيون هيون تن کي خبر پئي ٢. ڪڙين ذريعي خبر پئي، خود مريض کي زخمن جي پرجڻ ۽ ڪڙين جي پکي ٿيڻ ذريعي سڌرندڙ صحت جو احساس ٿيو (خبر پئي).

● ڪلا= مينهن جي وٺڻ جا ڪِلا.

- ڪَنڌيءَ پَرِ ڪِلا (سنهڻي ١/٩)= درياء جي ڪناري لڳ (ميهار جي مينهن جو وٺڻ ۽) ڪلا.

● ڪَلاچِيان= ڪلاچيءَ ڪان.

- ڪَلاچِيان ڪَهِي (گهاتو ١/٢)= ڪلاچيءَ ڪان پنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هلي.

● ڪَلاڙ = (١) ڪَلاڙ جيڪو جانورن جون کلون ڪوري صاف ڪري، لوٽي، سڪائي وڪڻي. کلن تي ڪاتي هلائيندڙ ۽ ماس ڪوريندڙ. کلن جا سودا ڪندڙ. (اصطلاح طور) ڪاتي وارو، ڪٺور سخت دل (٢) شراب چڪائيندڙ ڀٺيدار (سنسڪرت جي اشتقاق موجب 'ڪليا پال' =ڪليا=شراب + پال= رکندڙ، مئي فروش، شراب چڪائيندڙ).

- ڪَلاڙڪي گهر، ڪلالڪي گهر (يمن ٦/٧)= ڪلاڙن يا ڪلالن جي گهر.

- ڪَلاڙڪي هَٽ (ڪلياڻ ٥/٣)= شراب واري جي دڪان تي.

- ڪَلاڙڪي مَنهين (يمن ٦/٣٤)= ڪَلاڙن جي مَنهن هيٺ (سندن ويهڪ واري جاءِ تي).

● ڪَلاڙنِ = سَري ڏٺين، ڀٺيدارن.

- جُـه ڪاتَ ڪَلاڙنِ ڪَڍيا (يمن ٦/٩)= جنن جو شرابدارن، عاشقن کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪات ڪڍيو سنوان ڪيا.

- ڪَلاڙنِ ڪوءِ (يمن ٦/١٢)= ڪلاڙن جي ڪوءِ ۾، ڪلاڙن واري گهٽي يا بازار ۾ (جتي ڪلاڙن جو دڪان آهي ۽ جتي عاشقن جا سِرَ وڃن پيا).

● ڪَلاڙَنئون = ڪلاڙن کان، ڪلاڙن وٽان، شراب چڪائيندڙن وٽان (جيڪي ننڊ نه ڪن، ساري رات ڀَٺين جون ڀاهيون ڦوڪين، ڦوڪا ڏيندي دونهان سهن).

- ڪَلاڙنئون ڪاهِ (يمن ٦/٣٧)= ڪلاڙن وٽان ڪا.

- ڪَلاڙين ڪاتي (يمن ٦/١٠)= ڪلاڙن جي ڪانتي تي، ڪلالڪي ڪانتي تي، سر وڃڻ جي اڏي واري ڪانتي تي، ڪُسڻ واري تراڙي تي (سچن عاشقن جي پرک لاءِ وٽن ڪانتو ڪتو پيو آهي، ۽ تراڙو پيو تري).

● ڪَلاڵَ (سنهٽيءَ ١٠/١١)= (ف. گلال) ڪنيار.

● ڪَلامُ = هاءِ هاءِ وارو گفتو، آه دانهن وارو لفظ، ڳالهاءِ، ويڻ، طعنو.

- ڪَهڄَ ڪو مَ ڪَلامُ (ڪلياڻ ٤/١١)= (ڪُسڻ وقت) تون ڪا پڙڪ ٻاهر نه ڪڍج.

- ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ (آسا ٥/١٠)= محبوب جو ڳالهاءِ (مٺو آهي) ڪڙو آهي ئي ڪونه.

- ڪُنيَس ڪَلامَنِ (راڻو ٧/١٢)= مون کي ويڻن طعنن ماريو.

● ڪَلاڙِي = ڪلاڙن وٽ ايندڙ، ڪلاڙن سان واسطو رکندڙ (جيڪي ڪلاڙن جي نسبت سان 'ڪلاڙي' سڏجن) ميخاني جا گهورا ۽ شائق.

- ڪوُنرَ ڪَلاڙِي آئيا (يمن ٦/١٥)=ڪلاڙن سان واسطو رکندڙ ميخاني جا گهورا جوان شهزادا (ڪونر آيا)

● ڪُلاهُ= ڊگهي چوٽيدار ٽوپي جيڪا عام طور صوفي 'تاج' طور پائين، ظاهر نمايش واري ٽوپي، عام صوفين وارو تاج.

- ڪاتي وِجهُ ڪُلاهَ (ڪلياڻ ٢/٣)= پنهنجي نمايشي تاج کي ڪاتي رک.

● ڪَلَرَ ڪاڏي (ڏهر ١/٩)= ڪَلر جي ڪاڏل.

● ڪَلمي - گر (ڪلياڻ ٣/١٢)= ڪلمو پڙهندڙ ظاهري مسلمان.

● ڪلو= جنگ.

- ڪِلو ڪئو (معذور ٢/٩)= جنگ مچائي.

- ڪِلي وِرَ (ڪارايل ٣/٤)= مقابلي وقت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جا بيئل جهونا ڪنڍا! ٻوري (درياء) جي مالڪن (جون ڪي خبرون ٻڌا).

ـ ڪَنڍا تُون ڪيڏو (ڏهر ٢/٨)= اي ڪنڍا تون تڏهن ڪيڏو وڏو هئين؟

● ڪُنڍِي = ڪميري دار گولائين مضبوط لوهي نوڪدار انگڙي، هڪ پاسي ڏور ٻڌل ۽ ٻيو پاسو گولائون هيٺ وريل اُبي ڇنهب سان جنهن ۾ گهاهُ (ننڍڙي مڇي، سانپيا يا ٿاهيل ڪاڏو) وجهي پاڻيءَ ۾ اڇليندا: مڇي گاهه کي ڳڙڪائيندي ته ڪنڍي اندر مڇيءَ جي ماهه ۾ ڦاسندي ۽ مڇي کي جهلي ان مان ڪنڍي ڪڍندا؛ پوءِ مڇيءَ کي پاڻي کان ٻاهر ڇڏيندا ته ٿوري دير کان پوءِ مري ويندي، يا ڪنڍي مڇي جي ڪلين ۾ لڳي پئي هوندي ۽ ان کي پاڻي ۾ ڇڏي ڏيندا ته جيئن مري نه ۽ تازي رهي. اها حالت مڇي لاءِ ايذاءُ واري.

ـ ڪُنڍي ڪلين وچ ۾ (ڳهاتو ٢/٧)= مڇي جي ڪلين جي وچ ۾ لڳل ڪنڍي.

ڪُنڍيُون = ڪنڍن سڳن واريون مينهيون، مينهين لاءِ سُپاٽتو نالو.

ـ وَنءُ ڪُنڍيُون ڪاهي (ڏهر ٤/١)= تون ڪنڍيون مينهيونَ ڪاهي وڃ.

ـ ڪُنڍيون ڪاهي ڪَسِ ڪَريو (سارنگ ٤/٦)= (هيٺاهين مان) مينهيون اُتاري مٿي ڪَس تي ويهاريو، ڇَن مان ڪڍي مٿي ڪنڌيءَ تي ڪريو.

ـ اَڳَڻِ تازِي، ٻَهَرِ ڪُنڍيُون (سارنگ ٢/١٠)= اڳڻ تي سلهون تازي گهوڙا ٻَڌل ۽ ٻاهر سهٽيون ڪنڍيون مينهيون.

ـ ڪُنڍِينِ جِي (سنهٽي وائي ٧/١)= ڪنڍين مينهين جي.

ڪُنَرُ= حَلقهءَ چوبي، ڪاٺيءَ مان ٺاهيل والو.

ـ ڪَنين ڪُنَرَ پائِيَان (آبري ٤/١٠)= ڪنن ۾ ڪاٺيءَ جا والا پايان.

ـ ڪَنين ڪُنرَ لالَ (پورب ١/وائي-٢)= ڪنن ۾ ڪاٺيءَ جا رڱيل ٻاڙها والا.

ـ ڪُنَرَ ڪنڊيس ڪارا (آبري ٨/وائي)= ١. ڪاٺيءَ جا ڪارا والا ڪنن ۾ وجهنديس. ٢. ڪُنَ ۾ رڱيل ڪارا ڪپڙا، نيرَ ٻڌل ڪپڙا پائينديس.

● ڪَنزُ=حنفي فقه جو ڪتاب "ڪَنزُالدَقائق" (مشهور عالم عبدالله ابن احمد النسفي جو تصنيف ڪيل).

ـ ڪَنزُ قُدُورِي ڇَڏِ (ٻمن ٥/١)= فقه جا ڪتاب 'ڪنز' ۽ 'قدوري' ڇڏ، ظاهري درسي ڪتابن کان مٿي حقيقي علم واري معنيٰ وٺ.

● ڪَنسِ = اُن کي ڪن.

ـ ته ڪِي ڪَنِس ڳِيَرُو (ڪلياڻ ٤/٢٠)= ته ڪي ڳيرو جوانڙا عشق کي راند طور ڪن، عشق کي راند ڪري ڪيڏن.

● ڪَنگَ = پاڻي جا ڪنگ پکي، ڪانيرا.

ـ ڪَانِڌِي ڪَنگَ تِنْاسِ (سنهٽي ٩/٢)= (درياء ۾ ٻڏل) سنهٽيءَ جا ڪانڌي ڪنگ پکي ٿيا.

ـ ڪَنگَ ڪُجاڙِئا (ڪارايل ١/١٤)= اي ڪانيرا، تون ڇا لاءِ، ڇلجي ڪري.

ـ ڪَنگَنِ قَبَرُون (ڪارايل ٢/٧) =ڪانيرن پکين جون قبرون.

ـ ڪَنگَنِ لَتِي ڪاڻِ (ڪارايل ٢/١٤)= ڪنگن جي ڪاڻ لٿي، ڪنگن جي محتاجي ڇُٽي، ڪنگن جي محتاجي ڪرڻ واري حالت ختم ٿي.

● ڪنگال= بالڪل مسڪين.

ـ ڪرِيو ڪَنگالَنِ کي (بلاول ١/١٤)= مسڪينن

- کَھڙي ڪَريين ڪوڏ (آسا ۷/۱۰)= تون ڪهڙي خوشي ٿو ڪرين!
- جي مُون ڪوڏِ نھارِئا (سامونڊي ۴/۱٦)= جيڪي مون وڏي سڪ ۽ چاھہ سان پٺي ڳوليا (تہ ڪٿهن ٿا اچن).
- ڪُنَ ڪَلاچِيءَ ڪوڏُ (گھاتو ۱/۱۵)= ڪَلاچيءَ جي ڪُن جي چاھہ مان.
- ڪَجي تان ڪوڏ ٿيي (سنھڻي وائي ۱/۱)= (محبوبن جي ڳالھہ) ڪجي تہ پاڻ خوشي ٿئي ۽ وڏي.
- ڪوڏِ ڪوھِيَاري ڪَنجَرو (حسيني ۱۰/۱۲)= ڪوھياري جي ڪوڏ ۾، پياري پنھونءَ جي خوشيءَ ۾ چولو رڱي لال ڪيم.
- ڪوڏ وِھايا (حسيني ۱۰/۱۲)= خوشي مان خريد ڪيا.
- ڪوڏِ ھَٽائِج (سري راڳ ۲/۲۴)= ڪوڏ سان ھٽائج، وڏي چاھ ۽ ھيج سان لڳرائج.
- ڪوڏئون قَرِيبَنِ جا (راڻو ۳/۸)= وڏي چاھہ مان پيارن جا.
- ڪوڏان ڪَنِ ڪَھُون (مارئي ۸/۱۴)= وڏي چاھہ مان تڪيون ھلٽيون ڪن، تڪا پنڌ ڪن.
- ھوڏئون ڏانِ ڏُڏنِ ڪي ڏي (پرڀاتي ۲/۴)= وڏي خوشيءَ مان اُبوجھن اڄاڻن کي انعام ڏئي.
- ● ڪوڏِيو = چاھيندڙ، گھڻو گھرندڙ.
- ڪانڌُ اُني جو ڪوڏِيو (ڪاپائتي ۲/۷، ۲/۱۷)= پيتار بہ انھن کي تمام گھڻو چاھيندڙ، پيار ڪندڙ.
- ڪوڏِيا ڪاڪ جا (راڻو ۲/۱۰)= ڪاڪ جا گھورا (موت قبولڻ وارا).
- ● ڪُورُ= انڌو.
- ڪُور پرُوڙي ڪِينَڪِين (آسا ۱/۳)= انڌو (ڏسي ڪين ۽ انھيءَ ڪري) سڃاڻي ڪين، سمجھي ڪين سگھندو.
- سندو ڪُورَنِ ڪاجُ (پرڀاتي ۲/۱۱)= نابينن آپاھجن (منگتن) جي شادي جو جشن.
- ● ڪَورَ (معذور ۳/وائي)= تازگي واري سونھن ۽ سرھائي.
- ● ڪورا (رپ ۲/وائي)= سُور جي ڪور، سور جي سخت ايذاءِ واري ڪِنارَ.
- ● ڪورڻ= چيرڻ، وڍڻ.
- ڪوري ڪَڪَر وِڏاء (رامڪلي ۲/۸)= تو ڪپي وڍَ وڌاء.
- ڪُلَھِنئَون ڪورِينِ (ڪلياڻ ۱/۱۲)= ڪلھن ڪان ڪنڌ وڍين.
- ● ڪوريين= ڪورين جي.
- نہ ڪڏي ڪوريين ڪاڻ (ڪاپائتي ۲/۱۰)= ڪورين جي پرواہ نہ ڪري، غرض نہ ڪڏي.
- ● ڪُوڙُ= ڪوڙي شيءِ، ڪوڙو ڪم.
- ڪَجُ ڪَمَايِمِ ڪُوڙُ (سري راڳ ۱/۵)= ڪچا ڪوجھا ڪم ڪيم، ڏوھ گناہ ڪيم.
- ڪُوڙُ ڪُلَڪَڻُ ڪَجُ (رامڪلي ۳/۸)= ڪُوڙ ڪُليڄڻ ۽ ڪچو ڪم.
- ڪُوڙَ ڪَٽيُون (ليلان ۱/۴)= ڪوڙ جو ڪَٽو، ڪوڙو داڻو، ڪوڙو ٻُڙو.
- ڪوڙو چِٽَڪو (ڪارايل وائي ۳/۱)= ڪوڙو ڪيل.
- ڪُوڙَ اوڏا (سري راڳ ۲/۲۲)= ڪوڙ کي ويجھا.
- ڪُوڙو ڪورَ (سامونڊي ۳/۳۷)= ڪوڙو ڪوٽ، ڪوڙي ڪِنارَ ڪوڙو ڪوپو.
- ڪُوڙو ٿوڪو (ڪلياڻ ۴/وائي)= ڪوڙي شيءِ، ڪوڙا ٿوڪ.
- ڪُوڙِي (ڪاپائتي ۱/٦)= ڪم جي ڪوڙي، ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪُوَڙيون= وڙ وجهڻ ۾ ٻليون.

ـ ڪوجهيون ڪُوَڙيون (ڪاموڏ ٢/١١)= منهن معاندي ۾ ڪوجهيون، وَڙ وجهڻ ۾ ٻليون.

● ڪَوڙڪي = ڪاٺ ۽ لوهه مان جوڙيل هڪ ڦَل ۽ اتڪل جيڪا جانور جي اچڻ وڃڻ واري واٽ تي زمين ۾ لڪائي پورجي ۽ جڏهن جهنگ جو جانور ان ۾ ڦاسايل شيء کي ڪاڻ لاءِ ڇڪي ته جانور جو عضوو ان ۾ ڦاسي سوگهو ٿي وڃي.

ـ نه ڪُتا نه ڪوڙڪيون (ڪلهوڙي ٣/١٢)=نڪي شڪاري ڪتا ته نڪي جانورن کي ڦاسائڻ واريون اتڪلون.

ڪوڙو= ڇاتي، سينو.

ـ ڪَوڙي لائڻ= سيني سان لائڻ، پنهنجو پيارو ڪرڻ.

ـ ڪوڙي لاءِ (آبري ٤/وائي)= ڇاتيءَ سان لاءِ، پنهنجو ڪر.

● ڪوسو= گرم.

ـ ڪَٿهن ڪوسا نه ٿيا (بروو ٣/٧)= ڪڏهن ٿورو گرم به ڪين ٿيا (ڪڏهن ڪين ڪاوڙيا).

ڪوسي= گرمي.

ـ ڪوسي سَهان ڪانه (سورٺ ٤/٢)= گرمي ڪانه سَهان.

● ڪُوفي = ڪُوفي وارو، ڪَنبَ وارو، مائٽن وارو، ڪنهن خاص راڄ برادر وارو، ڪنهن خاص فرقي وارو.

ـ صُوفي لاَ ڪُوفي (ڪلياڻ ٢/٥)= 'صوفي' يا ڪنهن به خاص فرقي وارو يا برادري وارو ڪونهي، صوفي جو ڪُوفو ڪونهي.

● ڪُوڪَ= راڳ جي وڏي سُرائتي 'ها'، وائي.

ـ ڪاجا ڪِيائين ڪُوڪَ (سورٺ ٢/٦)= ڀيجل اهڙي سُرائتي وائي ڪئي.

ڪُوڪَ= دانهن.

ـ مَتي ڪَٽج ڪُوڪَ (رامڪلي ٥/١٨)= (باهه ٻارڻ لاءِ) ڪانئين مٿان ڦوڪ ۽ ڳالهاءِ.

ـ ڪُوڪَ ڪارِيندا ڪَچڙي (ڏهر ٣/١١)= ڪَچ ڪي دانهن ڪرائيندا.

ـ ڪُوڪَ نه سُٽِي ڪَٿهين (ڏهر ٤/٥)= ڪڏهن به دانهن نه ٻڌي.

ـ ڪوهيارو ڪُوڪَ سُٽي (حسيني ١٠/٤)= پنهون منهنجي دانهن سٽي.

● ڪُوڪار= وڏي ڪوڪَ، وڏا سڏ.

ـ ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= ڪنڌي ۽ ڪناري وارا سڏ (ته سگهو اچو جو ٻيڙي هلڻ واري آهي). (پاڻيءَ جي ڪاڏ جي ڪري) ڪپر جي ڪرڻ وارو وڏو آواز (ٻيڙيءَ کي خطري وارو سمان).

● ڪُوڪارڻ= دانهون ڪُوڪون ڪرڻ، سور واريون دانهون ڪرڻ.

ـ ڪَنَلِ ڪُوڪاري (معذور ٢/١٤)= وڏيل (سَسُئي) دانهون ڪري، ڪُنل (ڳُهٽي گهايل) پٽي دانهون ڪري.

● ڪُوڪيٺو (ڪوهياري ٣/٣)= ڪوڪارون ڪيو.

● ڪُوڪيَان = رڙيون ڪريان.

ـ ڪُوڪيان وَرُ ڪيڻانِ (حسيني ١١/وائي-١)= پل ته (ور) سندن واسطي (ڪيڻان) دانهون ڪريان.

● ڪُوڪين= تون ڪوڪون ڪرين، دانهون ڪرين.

ـ ڪُوڪِين ڪانڌَ ڪي (آبري ٣/٢)= پيتار لاءِ دانهون ڪرين، پنهنجي وَر لاءِ سِڪين، دانهون ڪري پيتار کي آزيون ڪرين.

● ڪوڪَڙ= سڪل پيرون.

ـ ڪوڪَڙِ ڪُنڊيرَنِ ۾ (مارئي وائي ٢/٢)= سڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرون ڪُنڌيرن (ٿانوَن) ۾ رکيل.

● ڪَومَر مُنجهَائين رَاهَ (آسا ٧/٢)=(يا الله!) ڪوبه وات ڪان نه پُلائين.

● ڪُومائجڻ= جَهڪو ٿيڻ، ڪوماڻو ٿيڻ، سُڪڻ شروع ٿيڻ.

- ڪوماڻو ڪَپُورُ (ڪنيات ٢/١٥)= تولاء واجهائيندي واجهائيندي مون کي ايتري دير ٿي وئي جو (منهنجي بدن کي سرهاڻ طور لڳايل) ڪافور (ڪپور) جي خوشبوء به جَهڪي ٿي وئي.

- ڪوماٽا ڪَرِيُون ڪَري (يمن ٢/١١)= ڦٽ ڪَرِيون پڌي مڙي ويا.

- ڪُوماڻو ڪوڙين لَهي (ڪنيات ٤/٦)= ڪومائجي ته به ڪوڙيون لهي.

ڪُون= (سرائڪي) کي.

- سَيَڪا پِريان ڪُون پُوجي (ڪلياڻ ٢/وائي) = سيڪا پنهنجن محبوبن کي گهڻو پيار ڪري.

● ڪُونجَ= ڪونج پکي.

- ڪُونج نَہ پسين ڪَڪَ (ڏهر ٥/٧)= اي ڪونج، تون (ڦاهيء کي لڪائڻ وارا متان رکيل) ڪک نٿي ڏسين!

- ڪُونجَ ڪَرِيندي سَڏَ (ڏهر ٥/١٦)= ڪونج کي ٻوليون ڪندي، پنهنجي وڳر کي سڏ ڪندي (رات وِهامي وئي).

ڪُونڙِيون= ڪوٺيون، سايون لامون ڪُوٺين جون.

- ڪُلهنِ تي ڪُونڙِيُون (ڪاموڏ ٢/٤)= ڪُلهي تي ڪوٺين (وَلين) جون لامون.

● ڪونهي ٻيو خيال (ڪلياڻ ٣/٦)= دوئي آهي ڪانه، حقيقت هڪ آهي ۽ ان ۾ ڪو غير آهي ئي ڪونه.

● ڪُوٺِي (جمع) ڪوٺيونَ (ڪاموڏ ٢/١٣)= ٻيڻ مثل ٻنڌ جي پاڻيء جي وَلَ.

● ڪوهُ =ڪهاڙو، ڇا، ڇو، ڪهڙي ڳالهه، ڪهڙي ڳهتلي.

● ڪوهُ (يمن ٥/٧)= ڇو، ڪهڙي ڳالهه! ڇا ٿي پيو!

- ڪوه اڏياء (پورب ٢/١٠)= تو ڇو اڏيا.

- ڪوهُ نه ڪِيئي ڏِريڙا! (يمن ٢/٢٥)= تو ڇونه دوائون ڪيون، ڇونه علاج ڪيا.

- جي نَنديو تان ڪوهُ (راڻو ٦/٨)= جي ننڍو آهي ته پوءِ ڇا ٿي پيو!

- سي ڪَنداَ ڪَوهُ (ديسي ٣/١١)= سي (حق مون کي ڇا ڪندا (مون تي ڪيئن لڳندا جو آءُ اڳ ڪٺل آهيان).

- ڪَوه پَڌِن (آبري ٧/٢)= ڇو پَڌِن.

- ڪُوهُ ٻُجهنِ (ڪارايل ٢/٤)= ڇا ڄاڻن، ڇا سمجهن.

- ڪوهُ ٿيوء (بروو ٢/٢٧)= تو کي ڇا ٿيو.

- ڪوهُ ڄاڳائي (ڪارايل ٣/٣)= ڇو ڄاڳائي.

- ڪوهُ ڪَريندو (سنهڻي ٦/١٠)= ڇا ڪندو.

- ڪُوه ڪَبو کي تَن (ايمن ٥/٥)= تن کي ڇا ڪبو (تن کي وڏيڪ ڪجهه سمجهائڻ مان ڇا ورندو).

- ڪوهُ ڪَرِينِ (ڪوهياري ٥/وائي)= ڇوڻا ڪن

- ڪوه ڪَريندا (يمن ١/٢٦)= ڇا ڪندا.

- ڪوهُ ڪَرِينديسِ (سارنگ ١/١٨)= ڇا ڪنديس.

- ڪَڍِي ڪوهُ نه ڇڏِيين (ڪلياڻ ٣/١٦)= ڇو نٿو ڪڍي ڇڏين.

- پورو ڪوهُ نه لَڄي (ڪلياڻ ٥/وائي)= اپوجهه ڇونه لڄي ٿي.

- ڪوهُ نه ڪُڪين ڪونجڙِي (ڏهر ٥/١٥)= (رات ٻيون سڀ ڪونجون سَر (تلاءَ) مان گڏ اڏامي هليون ويون، پر هڪ رهجي وئي، جنهن کي خطاب ته): تو

ڪي پيار مان سڏي ءِ) ڪُهي.

- ڪُهَنمِ ڪاتِرِيون (ڪنيات والي ۴/۱)= سڪ ءِ فراق واريون ڪاتريون مونکي تيون ڏري ڏري ڪهن.

- ڪُهَڻَ ساڻ (يمن ۱/۸)= ڪُهڻ شرط، ڪُهندي ئي.

- ڪُهَڻُ قريبت، ڪونڻَ پر پرينِ جي (آسا ۵/۱۸)= عاشقن کي ڪونڻي سڏ ڪري ڪهڻ اها محبوبن جي ريت رسم آهي.

- ڪُهي سوڪَرَ لهي (يمن ۱/۱۱)= اهو سچڻ جيڪو ڪُهي ٿو سوئي وري سڏ لهي ٿو.

- مانَ ڪُهَنمِ سُپرين (ڪلياڻ ۵/۲۲)= مانَ محبوب مون کي ڪُهنِ.

● ڪَهڻ= گهٽو پنڌ ڪرڻ، وڏو ڏکيو پنڌ ڪرڻ، منزل مارڻ.

- جي ڪَهندِينءَ (معذور ۵/وائي)= جڏهن گهٽو پنڌ ڪندينءَ، تکو تکڙو پنڌ ڪندينءَ.

- ڪَهان تان ڪيچان پري (حسيني ۴/۱۹)= (پنهونءَ جي پريان) جنن وڏي منزل وارو پنڌ ڪريان ته هو ڪيچ کان به اڳتي پري پيو سُجهي.

ڪهو = ڪيهو، ڪهڙو، ڪير

- ڪِلي وير ڪهو (ڪاراڻل ۳/۴)= مقابلي وقت ڪير جو (نانگن کي سامهون ٿئي).

● ڪَهُون= تکا پنڌ، تکيون وکون پنڌ واريون.

- ڪَندِينءَ توءِ ڪَهُون (آبري ۴/۱۵)= ته به تون پنڌ جون وڏيون ستون ڪيندينءَ.

- ڪوڏان ڪَنِ ڪَهُون (مارئي ۸/۱۴)= وڏي خوشيءَ مان تکيون ٿي هلن.

● ڪَهي= هلي، موتي، پنڌ پئي.

- ڪَهِي جا ڪينَ ڪَٽِي (معذور ۲/۲۳)= جيڪا ڪجهه به ڪَٽي نه هلي، جنهن بنا ثمر جي ڪشالو ڪيو.

- ڪَلاچِيان ڪَهِي (گهاتو ۱/۲)= ڪلاچيءَ جي ڪُن کان (سلامتيءَ سان بچي پوئتي) موٽڻ.

- ڪَچِي ساڻُ ڪَهي (سنهڙي ۱۰/۷)= ڪچي دلي ساڻ جيڪا هلي، جيڪا ڪچو دلو کڻي هلي.

- ڪَهجِ ڏونهُ هُواتَ (ڪاهوڙي ۳/۱)= تون ڏکي وات ڏانهن هلج.

- ڪارڻِ قُوتَ ڪَهَنِ (ڪاهوڙي ۱/۴)= قوت گذران لاءِ وڏا پنڌ ڪن.

- ڪَهِي جا ڪُوِيرَ (آبري ۱۰/۴)= جيڪا ڪُوِيل هلي، جيڪا ڪُهلي پنڌ پئي.

- ڪَهِي آيو (مارئي ۹/۱۳)= گهٽو پنڌ ڪري آيو.

- ڪَهيا ڏونه قلاتِ (رامڪلي ۱/۳۰)= قلات ڏانهن هليا.

- ڪَهيو ڪاهُو جِيءَ ڏانهَ (سارنگ ۴/۱۰)= ڪاهوجيءَ ڏانهن هليو.

● ڪَهَڻُ= چوڻ، چئي ٻڌائڻ، پڌرا ڪرڻ.

- ڪَهِنِ جو (مارئي ۱/۱۸)= جيڪو چون ٿا، جنهن جي ڳالهه ٿا ڪن.

- ڪَهيو سو قَبُولُ پِئو (سورٺ ۴/۴)= (تنهنجي ساز جي تند ءِ تانَ ۾) جيڪي تو چيو (جيڪو سوال تو ڪيو) سو قبول ٿيو.

- ڪَهَڻُ ته ڪَچائي (رپ ۱/۱۶)= چوڻ ءِ راز پڌرو ڪرڻ، اهو عيب آهي.

- ڪَهي ڪين قوالُ (سورٺ ۱/۷)= قوال (ڳائيندڙ پنهنجي ڳائڻ ۾) ڪين ڪجهه چوري پيو.

- ڪَهيو چَندِين ڪانَ (يمن ۳/۲۱)= چئي ٻولائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانُ هٽن.

- ڪِين جو ڪانگ ڪَهيو (ڀرو ٢/١٤)= ڪي ڪجهه جو ڪانگ ٻوليءَ ۾ چيو.

- تہ ڪَهيو سُٺيان ڪانگَ جو (ڀرو ٢/١٥)= تہ ڪانگ (ٻوليءَ ۾) جيڪي چوي پيو سو ٻڌان.

- ڪِين جو ڪَهيائون (رامڪلي ١/٢٣)= ڪين ڪجهه جيڪو چيائون، ڪا جا ڳالهہ ڪيائون.

● ڪِنا، ڪِناءِ، ڪِنان=ڪٿان، ڪيٿن ڪري، ڇاجي ڪري.

- تِني ڏونہ ڪِنا (مارئي ١/٩)= انهن (مارورڙن ڏانهن جيڪي اُتان هليا ويا) تن ڏانهن آءُ ڪنن ۾ ڪهڙا ڏوراپا چوائي موڪليان.

- آٿيندين ڪِنا (ڪلهوڙي ١/١١)= ڪٿان آٿيندين.

- سو اُجهاميّ ڪِنا (رپ ١/١١)= سو ڪٿان تو اُجهامي.

● ڪِناءُ= ڪٿان! ڪيٿن!

- هيڏِيءَ وِيرَ ڪِناءُ (ڪاموڏ ٣/١)= هن (ڏکيءَ) مهل ڪٿان! هن مهل ڪيٿن!

● ڪِنا= ڪَيا.

- ڪِنَا گهٽا ڪارُون (آبري ١١/وائي-١)= گهٽا تورا ڪيا، وڏا وڙ ڪيا، وڏا پال پلايا.

- ڪِنائُون، ڪِي ڪَنِ (ڪلهوڙي ١/٢٠)= ڪا ڳالهہ ڪنِ لاتائون.

- ڪِنائُون تن تمام (رامڪلي ٦/٢١)= پنهنجو سڄو جسم جهوري ڇڏيائون، پاڻ کي پورو ڪري ڇڏيائون.

- ڪِنائُون پِرِ پُراڻَ (سارنگ ٤/١٩) = پراڻ جي ٻوري کي پاڻيءَ سان پريائون.

- ڪِنَڙَءِ ڪانهہ (مارئي ٨/١٦)= (سي منهنجا پيارا، مولي) ڪيڏاهن ڪِيا، ڪٿي ڪيا.

● ڪِنُڻ= سُسڻ، سوس ۾ گهٽڻ. ڪوئجڻ= سسي وڃڻ، هيڪڻ ۾ گهٽ ٿيڻ.

- ڪِنُہ مرَ (ڪلياڻ ٥/٣)= ڪوءِ مرَ، سُسَاءِ نہ، ذرڙي جيترو بہ هٽاءِ نہ.

- ڪِنِي= ڪوئجي وئي، پاڻ ڪوئجڻ لڳي، پيرڪوڻ لڳي، (پند ڪرڻ کان گهٽجڻ لڳي) ٿڪي.

- ڪَنُهن ڪاڻ ڪِنِي (معذور ٤/وائي)= ڪنهن ڪاڻ ٿڪي، ڪنهن ڪاڻ هٽي.

● ڪِنَن= ڪيٿن، ڪهڙي سببان، ڇالاءِ.

- ٿُون ڪِنن سَنديون تَنِ (ڪلياڻ ٥/١٣)= تون انهن جون ڪيٿن تو (ڳالهيون ڪرين).

- ڪِنَن گهَارِينِ (يمن ١/٢١)= ڪٿن تا گهڙيون ڪاٽين، ڪٿن تا جِئن.

- ڪِنَن سي راتڙيون، ڪنہ پرڏينهن گذارين (ڏهر ٢/١)= (انهن ٻوري جي ڏٿين جي ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، تون ڪيٿن پيو پنهنجون) اهي راتيون ۽ پنهنجا ڏينهن گذارين.

- ڪِسن نہ وَڃي (ڪلياڻ ٥/وائي)= چونہ غوغاءِ ڪري، ڪيٿن نہ هُلي.

● ڪِنو سَڌُ (يمن ٢/٣٠)= سڌ ڪيو، ڏٿي ڪي باڏايو.

- ڪِنو ڪَرُو (سنهڻي ٦/٥)= اٿاريو، سجاڳ ڪيو.

- ڪِنو وَسُ (يمن ٢/٢٠)= وَسُ ڪيو، وڏو حيلو ڪيو.

- ڪِنِي جَا (يمن ٦/٣)= جيڪا (ڪَهرَ سائل) ڪئي، جيڪا (سوالي) ڪئي.

● ڪِنين= ڪيترائي.

- ڪَرهي ڪي ڪِنين (ڪنيات ٥/٦)=اٺ ڪي ڪيترائي.

● ڪي= ڪاڪ تي جيڪي مومل ڪي ملڻ تي آيا.

- ڪي رَتائين لاڪَ ۾ (راڻو ١/١٣)= ڪن ڪي لاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪامان، پَچان، پَچُران (سنهڙي ٦/١)= جلان، سڙان، جلي پچي ساڻي ٿيان
- پيئي ڪا مِ ڪَرَنِ ۾ (ڪنيات ٢/٩)=بدخواهن رقيبن کي باهه لڳي.
- ڪامي خاڪِ ٿيَنَ جو (ڪلياڻ ٤/٣٦)= سڙي رک ٿيڻ جو.
- ڪلان تان ڪامي هِنيُون (ڪنيات ١/٦)= ڪلان ٿي ته هانءُ تو جلي.
- ڪامي خَريدارَنِ سين (يمن ٦/٢٤)= تون پاڻ (آتي اڱار ٿي جلي) پچي، خريدارن سان گڏ ٿيءُ.
- ڪامي پَچِي (سارنگ وائي ١/١)= سڙي، جَلي.
- ڪامي ڪُوري وِچَ ۾ (ريپ ١/١٩)= اڱرن جي سخت باهه واري مچ ۾ سڙي.
- ڪَامي پِرينءَ لَئي (رامڪلي ٣/٥)= پياري پرينءَ لاءِ ڪامي پچي، پنهنجي جان جلائي.

ڪانڊ = برداشت، سهڻ جي طاقت، صبر ۽ مات.
- تنهنجي ڪانڊِ (ڏهر ١/١)= تنهنجي سهڻ جي طاقت.
- ڪانڊ وَڏيئي ڪيڻ (آسا ٧/١٧)= صبر ۽ سَهپ وڏو قوت آهي.
- ڪانڊِ وَڏيائِي ڪاءِ (ليلان ٢/٦)= وڏي سهه ۽ صبر وارو آهي، گهڻو سهندڙ آهي، گهڻو غم کائيندڙ آهي.

ڪانڊيلا (ليلان ٢/١٣)= (واحد. ڪانڊيلو) وڏي ڪانڊ وارا، وڏي سهه وارا، وڏي ست ۽ صبر وارا.

ڪانئڻ= جلائڻ، ساڙڻ، ختم ڪرڻ.
- خُوديءَ کي ڪانئين (رامڪلي ١/٢٦، ٦/١)= جيڪي پاڻپڻي ۽ انانيت کي ساڙين، پنهنجي هستي کي ختم ڪن.
- نيئي ڪِدائون ڪانءِ (رامڪلي ٢/٣٠)= اهي فقيري وارا تول (ڪدائون) ڪٽي وڃي ساڙ.
- ڪانءِ مَرُ (مارئي ٢/١١)= ساڙ مَر، جلاءِ نه.
- ڪاهوڙين آءُ ڪانئي (رامڪلي ٣/وائي)= مونکي انهن (ڪاهوڙين) فقيرن (سِڪ ۽ فراق جي) آگ ۾ جلايو.
- ڪَانئي ٿي (حسيني ٧/وائي-١)= ساڙي ٿي.
- ڪَانئيا = اڱار ڪانئجي ويا، مچي ويا پر صفا سڙي رک ٿي نه ويا.
- هڪ جِتَن ڪُوريءَ ڪانئيا (يمن ٤/١٥)= هڪ ته انهن کي ڪوريءَ ساڙيو، ڪوريءَ ۾ ڪانئجي ويا.
- جي ڏُرَ ڏِينهَنِ ڪانئيا (سارنگ ٣/٤)= جيڪي وڏا ڪُوبا (ڪڻون) سخت گرم ڏينهنِ ساڙي ڇڏيا هئا.
- ڪانئيلسِ = ساڙياس، آءُ ساڙجي ويس.
- ڪانئيلسِ ڪَرَنِ (راڻو ٧/١٢)= مون کي مخالفن رقيبن ساڙيو.
- ڪُوريءَ ڪانئي ڪَلَ (سنهڙي ١١/١٣)= ڪُوريءَ ڪَل کي ساڙي ڇڏيو.
- خُودي ڪانئي هليا (رامڪلي ١/٣٢)= پنهنجي هستي کي ساڙي جلائي ويا.
- خُودي ڪَانيَائُون (رامڪلي ٦/٧)= خودي کي ساڙيائون، پاڻپڻي کي ختم ڪيائون.
- ڪَلَ ڪُجاڙَا ڪانئيينِ (يمن ٢/٧)= (اي طبيب: منهنجي) ڪل کي ڇا لاءِ تو ساڙين (چوٿو ڏنپ ڏين).
- ڪانيَمِ هُوندَ پَلاڻَ (ديسي ٣/٧)= هوند انهن جا پلاڻ ساڙيان ها.
- ڪاڻا تَنِ ڪَتِنو (يمن ٤/٢١)= جيڪي سَڙيا تن سوپ ڪئي.
- ڪالِيءَ کي ڪانئي ٿِي (حسيني ٧/وائي-١)= هن سَڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مون لاءِ) نهايت سهڻو سنو آهي.

- ڪَتيريءَ تان ڪِلَ (مارئي ٣/١٤)=ڪَتيءَ واريءَ تان ٽوڪ.

ڪَتِ = نفعو، فائدو.

- اِي ڪَتِ ڪَنيائون (سري راڳ ١/١٥)= اهو نفعو حاصل ڪيائون.

ڪَٽرِنِ = ڪَٽر ميٺنِ ۾ ڳاينِ (جيڪي ڪير ڏهڻ وقت ڏنگائي ڪن).

- ڪَٽرِنِ ڪيتا ڇِڏيا (سارنگ ٢/١٤)= ڪَٽر (ميٺنِ ڳاين) وڙهڻ ڇڏيو.

ڪَتُّهارَجِنِ (سارنگ ٤/٩)= ڪتهارجي گلن واري رنگ جڻ.

ڪَتُون ڪَنيائون (راڻو ٢/٨)= ١. لڏو ڪنيائون، ٢. مَيتَن واريون ڪتون ڪنيائون.

● ڪَتُو = داءُ ڪٽيو، محبت ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، محبوب جو وصال ماڻيو.

- ڪامِ ڪامَندَنِ ڪَتُو (ڪلياڻ ٤/٢٥،يمن ٤/٧)= تون (پاڻ کي سڪ ۾ فراق ۾) جلاءِ، چاڪاڻ جو جيڪي سڙيا جليا تن ڪتو.

- ڪَتُو تُنهنجو گهورئو (سري راڳ ٣/١٣)= تنهنجو نفعو ويو ته پل ويو.

ڪَتِي (ڪتري)= ڪپڙا ڏئندڙ.

- جا پَرِ ڪَتريءَ ڪوڙَ (برو ٤/١٥)= ڪتريءَ جي ڪوڙ واري ريت (ڪپڙي ڌوئڻ بعد ڪتري ان کي تهه ڪندو هو ۽ متان مگر ويا مهرو هڻندو ته سَرَ نڪري سڌا ٿين).

● ڪُتِي = پڇاڙي، خاتمو.

- ڪُتِيءَ لَئِي (حسيني ٥/٧)= پنهنجي ڪُتِيءَ لئي، پُڇاڙي لَئِي، ختم ٿيڻ لئي.

● ڪَپَڻُ= تڪليف واري ڳڻتي ڪرڻ.

- ڪَپُ مَ ڪِجُ (سارنگ ٢/٣)= نه پريشان ۽ بي حال ٿي ۽ نه الڪو ۾ ڳڻتي ڪر.

- ڪَپَتِ = الڻ، ڳڻتي.

- ڪَپَتِ ڪاهوڙِينِ (ڪاهوڙي ٣/٤)= ڪاهوڙين کي الڻ آهي، فڪر آهي.

- ڪَپَتِ ڪِجاڻي (مارئي ٥/٩)= ڳڻتي ۽ فڪر.

● ڪَپُرُ= نانگ جو قسم، سخت زهريلو نانگ.

- سَپَ ڪَپُرَ سَچا ڳِهي (ڪارايل ٣/١١)= سَپُ وڏيڪ زوراور آهي، اهو سچي جا سچا ڪپر ڳهي وڃي.

- ڪَرَ ڪي ڪَپُرَ ڪاءِ (آسا ٣/١٥)= مخالف رقيب کي نانگ ڪائي.

● ڪَپَڻُ ۽ ڪِجڻ= پريشان ٿيڻ، بيحال ٿيڻ، چڙڻ، الڪو ۾ ڳڻتي ڪرڻ.

- هنيڙا ڪَپُ مَ ڪِجُ (سارنگ ٢/٣)= اي دل، پريشان ۽ بي حال نه ٿيءُ.

● ڪُپڻ=زمين ۾ ڪُپي وڃڻ، ڪنهن جاءِ تي پڪو ٿي ويهڻ.

● ڪُپڻُ= ختم ٿيڻ.

- وانءُ ڪُپي ڪائِي (رامڪلي ٢/٢٤)= ڪپي ڪائي وڃ، (اهي خصوصيتون ۽ اشارتون پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏ).

● ڪِجَڻُ= وِرچڻ، ماندو ٿيڻ.

- ڪاهوڙي ڪِجَنِ (ڪاهوڙي ٢/١٧)= ڪاهوڙي پيا ورچن ۽ ماندا ٿين ته به پيا ڪم ڪن.

- ڪِجِنا ڪاهوڙي (ڪاهوڙي ٢/١٦)= ڪاهوڙي ڪم ۾ پئي ماندا ٿيا.

- ڪِجان خَبَرَ نه لَهان (رامڪلي ٦/١٣)= فڪر ڪندي ٿڪجان پر حقيقت معلوم ڪري نه سگهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پون سميون ۽ سومريون!

- ڪوءِ سودو سندوءِ (سامونڊي ۳/۱۳)= ڀن پيو تنھنجو اھو واپار.

- ڪُوءِ سي راتڙيون (ڪنيات ۴/وائي-۱)= ڪڏ ۾ پون سي راتيون، گھوريون سي راتيون.

- ڪُوءِ سَربتُ تنھنجو سومرا (مارئي ۲/۱۵)= ڪڏ ۾ پوي شربت تنھنجو سومرا (اڳين ٻولي ۾ ڪن لفظن ۾ 'ش' بدران 'س' اچار ڪيو ويو، ۽ اھا ن تائين ڪن جاين تي راقم اٿين پتو. 'سَربَت ۽ سومرا' پڙھڻ سان شعر جي خوبي وڌي ٿي).

- ڪُوءِ پنھنجي خاصَ (سنھٽي ۱۲/۳)= ڪڏ ۾ پوي پنھنجي خاص خواھش.

- ڪُوءِ ڪَتَڻُ ڀَنِ ڪَپاهُ (حسيني ۲/۱۱)= ڪڏ ۾ پوي ڪتڻ جو ڏنتو تہ ڪڏ ۾ پوي ڪپاھہ.

- ڪُوءِ تُنھنجا ڪيڻَ (مارئي ۱۰/۳)= ڪڏ ۾ پون تنھنجا ڪاڏا.

- ڪوءِ ھاڙھو ڀن ھوت (حسيني ۲/۱٦)= ڪڏ ۾ پوي ھاڙھو جبل تہ ڀن ۾ پوي ھوت پنھون!

- ڪوءِ ڀَنِ پَلاٽِنا (ڪنيات ۵/۱۲)= پلاڻ ۽ پلاٽجڻ تہ ڪڏ ۾ پون (پر ھي اٺ تہ خالي پني بہ اٿي نٿو سگھي).

● ڪهُ (مارئي ۸/۲)= گاھہ جو قسم.

● ڪهَ = دڙ، سنھڙي رئي.

- ڪهَ ڪَٿُوريان اَگِري (حسيني ۳/وائي)= واٽ جي دَڙ ۽ رئي (جيڪا ھوتن ھاٿي آھي سا) ڪٿوريءَ ڪان بہ وڌيڪ (سُرھي) آھي.

- پيئِي ڪهَ ڪَتَنِ تي (راڻو ۷/۲)=ڪتن تي لَٽ پنجي وئي.

- ڪِهَ هيٺ (ڪلھوڙي ۳/۱۵)= مٽيءَ ھيٺ، زمين ھيٺ.

● ڪهُ= ڪوھہ ۾ (پوي)! ڪڏ ۾ پوي!

- ڪهُ چانڊوٽي چانڊارا (سنھٽي ۱/۲۵)= چانڊوڪي ۽ چنڊ جي چانڊاڻ ڪهُ پوي.

- ڪهُ قوڙاؤ سَجڻين (رپ ۱/۱۹)= ڪڏ ۾ پوي وڇوڙو پياري محبوب جو!

● ڪُهجڻ= ٽڪجي پوڻ.

- ڪُهج مَر (آبري ۹/۵)= ٽڪي ساٿي نہ ٽڄ.

- ڪُهجَنِ ڪي ڪوتيُون (معذور ۱/۱)= ڪي نيت جون ڪوتيون پنڌ ۾ ٽڪيون.

● ڪُهي= ٽڪل ۽ ساٿي.

- ڪيرِنِ پَاسِ ڪُهي (معذور ۴/وائي)= اھا ٽڪل ۽ ساٿي (سسئي) اوھان ڪيرن وٽن وٽ ڏني.

- تون ڪُهي ڪَٽِجُ وِکَ (آبري ۹/۸)= تون ٽڪل ھوندي بہ وک اڳتي وڌائج.

- ڪُهي ڪَنيَائين (آبري ۹/۷)= (اھا وک جيڪا ڪُهِي ڪنيائين، ٽڪجي ڪنيائين.

● ڪُهيا= ڏٽڙيل، ڪنگال.

- ڏي ڪُهيَنِ ڪي (بلاول ۱/۱۷)= ڏٽڙيلن ڪنگالن کي ڏي.

- ڪُهيَنِ سَڏُ ڪَرِينِ (آسا ۵/٦)= ٽُڪلن ماندن (ڪُهين) کي پيا سڏين (۽ ڪاڏو پيتو ڏين).

● ڪِيانتو= ڪينءَ خوشيءَ جي خبر آڻيندڙ.

- تہ ڪِيانتا خوشُ ھوئين (بروو ۲/۱)= تہ اي ڪيانتا تون شال خوش ھجين.

- ڪَٿِئو ڪِيانتو خَبَرُون (بروو ۲/۲۵)= ڪيانتو (ڪانءُ) خبرون ڪٿئو آٿي.

● ڪيٿُ (ڪلھوڙي ۲/۱)= ڀني.

● ڪِيتا چِڏيا (سارنگ ٢/١٤)= (ٻِڪانئن) لتن هٺڻ ۽ ڦرڻ گهرڻ واري ڏنگائي ڇڏي.

● ڪيپ= ڪيف، نشو.

- ڪِنهِ جنهِ ڪيپَ خُمارِئا (رامڪلي ٥/٢٥)= ڪنهن اهڙي نشي مخمور ڪيا.

- ڪَري ڪيپَ خُمارِئا (راڻو ٢/٦)= ڪنهن تکي تيز نشي انهن تي خمار چاڙهيو.

● ڪيرَ= واڏائي.

- گهُرِ تَنِي جي ڪِيرَ (سري راڳ ٢/٢٤)= تني جي گهر واڏائي.

- ڪيرُون ڏِينديسِ جيڏيين (سري راڳ ٣/٧)= سرتين کي مبارڪون ڏينديس.

- ڪِيرُون ڏيو (بروو ٢/٢٥)= مبارڪون ڏيو.

ڪِيرَ (جمع) ڪيرون= لانڊي، جماعت، ٽولي، سنگت، قطار.

- ڪِيرُون ڪاهوڙِين جِيُون (ڪاهوڙي ٢/١٤) = ڪاهوڙين جون قطارون، لانڊيون.

- ڪاهوڙڪيءَ ڪِيرَ ري (ڪاهوڙي ٢/٢٠)= ڪاهوڙين جي ٽولي کان سواءِ (لفظي معنيٰ ڪيـر= پُري ٽُڪ، چوندا: هيءَ ته ڪو ڪريل ڪير جو آهي.)

- اهڙي خاصِي ڪير (گهاتو ١/٣)=اهڙي پَلي ٽولي.

● ڪيرَ جمع ڪيرون (حسيني ٩/١١)= ٿر ۽ ڪوهستان جو عام وڻ.

- ڪيرِ پاس (معذور ۴/وائي)= ڪيرن جي وڻن وٽ.

- ڪيريون ۽ پيريون (مارئي ٢/٢٢)= ٿر ۽ ڪوهستان جا به وڻ (ڪير ۽ پير).

ڪِيروليُون= ١. ڪيرول وڻ جون ٽاريون ۽ ان ۾ لڳل ڪيروليون ٢. 'ڪيرول' وليون.

- ڪـارايان ڪِيـروليُون (راڻو وائي ٧/١)= اٺ کي ڪيروليون کارايان.

● ڪيڙائو = ڪيڙيندڙ.

- ڪيڙائِنِ ڪارو (سامونڊي ١/٢٢)= ناکئا جيڪي سمنڊ ۾ وڏا سفر ڪن، جيڪي سمنڊ جهاڳين ۽ جن کي سمنڊ جي خبر آهي.

- ڪاري- ڪيڙائِنِ جي (سامونڊي ١/٣)= جيڪي ڪاري (سمنڊ) کي ڪيڙين ٿا، سمنڊ ۾ هلن ٿا ۽ چولين کي اٿلائن پٿلائن ٿا (سنڌن پيڙا انهن ۾ لهن چڙهن ٿا).

- ڪارو جي ڪيڙِينِ (سامونڊي ٢/١۴)= جيڪي ڪارو (سمنڊ) ٿا جهاڳين.

- ڪيڙي ڪيڙي (سامونڊي ۴/٢١)= پيلي پيلي، جهاڳي جهاڳي.

● ڪيڙِنِ = ڪيڙين ۾، پٽرن وارين پيٽين ۾.

- ڪيڙِنِ مورِئو ڳاهُ (ڪاهوڙي ٣/١١)= ڪَڙِن پٽرن واري زمين ۾ ڳاهه ڦٽو.

● ڪيلِ= تماشو، مَنڊلُ.

- اِيءُ اُهوئي ڪيلُ (آسا ١/٢)=هيءُ اهوئي تماشو آهي.

● ڪِينِ = ڪائڻ.

- نَه ڪِينِ ڪِينَ (رامڪلي ٥/٢٣)= نه ڪين ڪجهه ڪائڻ.

- مَـڇِي ڪِينِ نـه اي (ڪارايل ١/١٣)= اهي مـڇي ڪين ڪائڻ.

- ڪِين ئي (معذور ١/١)= ڪائڻ ئي.

● ڪِينئَن (رامڪلي ٥/٢٩)= خير، خوشي.

- ڪِينءَ جي خَبَرَ (مارئي ٨/٢٩)= خوشيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبرَ، واڌائي.

- ڪينءَ واڌايُون (مارئي ١١/٢٣)= خير جون مبارڪون.

ڪينڪارَ= ڀلي ڪار، آجيان، مرحبا.

- مٿو ۾ ڪينڪارَ يار (سورٺ وائي ٣/١)= اي يار! هيءَ سر مرحبا طور، ڀلي ڪار طور حاضر آهي.

● ڪيڻَ= ڪاڌا، طعام.

- جِڪُسِ ڪاڌِي ڪيڻَ (مارئي ٩/٥)= لاشڪ تو ڪي طعام ڪاڌا.

- رِڌي ڪيڻَ ڪارايو (آبري ٧/وائي)= طعام تيار ڪري ڪارايو.

- ڪيڻَ سي تَڙمِ ڪارا (آبري ٨/وائي-١، سامونڊي ٣/٣٩)= اهي ڪاڌا مون لاءِ ڪارا ٿي پيا.

- ڪاندِ وِڌوئي ڪيڻُ (آسا ٧/١٧)= غم کائڻ صبر ڪرڻ، وڏو کاڌو آهي.

- ڪُوءِ تُنهنجا ڪيڻَ (مارئي ١٠/٣)= ڪڏهن ڪڏ ۾ پون تنهنجا طعام!

- ڪِيَنَ مِڇِي ڪاڄونِ (ڪاموڏ ٢/١٤)= سندن ڪاڄ (ڪاڄونِ) ئي مڇي آهي.

● ڪيو= نشي ۾، خماريل.

- ڪيو مُنجھه خُمارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= نشي ۾ خماريل.

● ڪيھَ= ڪهَ، دَرَ، واٽ واري سنهي مٽي، لٽ.

- ڪُهجِ مَر، اُجها ڪيھَ (آبري ٩/٥)= اي سسئي! تون ٿڪي نه پئج، آڏو اِها جا پنهون جي قافلي جي مٽي اڏامي رهي آهي.

- جٽن لَٽي وِيَسِ ڪيھَ (حسيني ٩/١٢)= مٽي کيس لٽي ڇڏيو.

- ڪَرِيُون ڪيھَ پَڪِليُون (مارئي ٦/٩)= پير ۾ ڪرِيُون مٽيءَ سان ڀريل.

# گ

● گاڏو= عام ماڻهن جون گاڏيون ۽ حاڪم جو شاهي گاڏو.

- گاڏي چاڙهي گَندَرِي (ڪاموڏ ١/٩، ٤/٦)= (اصل لفظ گاڏو) شاهي گاڏي ۾ گندريءَ (نوري) کي چاڙهيو.

● گاڏُئون= گڏيل، مليل، شامل.

- گوندر گاڏُئون (سامونڊي ٢/٧)= ڏکن سورن وارو.

گاڏيليُون (مارئي ٦/٤)= ڦداور زالون، سٺيون سرتيون.

● گاڏَرَ= ڪَتياڻي.

- گاڏَرِ منجهان گامر (حسيني ١١/٣)=ڪتياڻي (پنهونءَ پنيان وڃڻ لاءِ) پنيور جي گام مان پاهر نڪتي.

گاروڙي= وڏي عرصي تائين گهٽي تجربي وارا، گهٽي شوق وارا، گهٽو سهندڙ سڪايل، وڏا عاشق، وڏا موالي.

- گُجَرِ گاروڙِينِ، اچنو آڏي اُپيي (راڻو ٣/٩)= مومل (گجر) وڏن عاشقن کي اچي سامهون ٿي.

● گامر= (حسيني ١١/٣)=ماگ، ڳوٺ (پنيور).

- وِڃنِ گامر (ديسي ١/٢٠)= وڏي وِک پيا وڃن.

● گبرو= ٿلهي وڏي گبري.

- نه مون سوڙ نه گَبرو (رپ ٣/٩)= (سيءَ ۾) نه مون وٽ سوڙ نه گبرو.

● گَبري= بَگري= بَغلي، بغل ۾ ڪلهي ۾ لڙڪندڙ ڳوٿري (جنهن ۾ مسافر شيون وجهي کڻي هلن).

تون منهنجا عيب ڍڪي مونکي مانائتو ڪر.
ـ تـي تِي سِيءَ گُـذارِيَان (سامونڊي ۴/۱۳)= تـنهن تـي سيءَ ۾ وقت گذاريان.
● گِراهُ=هٿ ۾ ڪنيل ٽورو ڪاٺو جيڪو ڪاٺڻ لاءِ وات ۾ وجهجي.
ـ گولا جي گِراهَ جا (رامڪلي ۵/۱۲)= جيڪي مانيءَ جي هڪ گراهه جا محتاج آهن، ڪاڏي پيٽي جا محتاج آهن، پيٽ جا غلام آهن.
● گِرِد= مٽي.
ـ گِرِدَ پَسُ گُنگُنِ جِي (آبري ۹/۵)= اُنن جي هلڻ واري اڏامندڙ مٽي ڏسُ.
● گِرداب= پاڻيءَ جو ڪُنُ، وڏو خطرو.
ـ گِرداب کي گِيانَ سِين (رامڪلي ۳/۱٦)= وڏي خطري کي وڏي ڄاڻ سان.
ـ گِردائنو (رامڪلي ۳/۱٦)=ميڙايو، ڦيرايو.
● گِرمِي= سخت تپش.
ـ گِرميءَ ٿيان گُداز (سورٺ ۴/۱)=گرميءَ ۾ پگهري ٿو وڃان، ڳري ٿو وڃان.
● گِرنارَ (بلاول ۱/۳، سورٺ ۴/۱۱)= جهونا ڳڙهه جي شهر ڪان لڳو لڳ اوير طرف وڏو شاهي جبل.
● گِروهُ= ٽولو، جماعت.
ـ گِروهَ گودڙِيـنِ جي (مارئي ۱۱/۱)=گـودڙين فـقيرن جي ٽولي سان.
● گِرَهُ= گِراهُ.
● گِرِهُ= (ف. گرِيہ)= روڄ، ڏک، غم.
ـ مَنجهه گِرِهَ گهاري (سري راڳ ۲/۲٦)= ڏک ۽ غم ۾ گذاري.

● گَرهَڙُ= درياءَ جو ڦـاٽ يا گـهارو (اصطلاح) درياءُ، سمنڊ.
ـ تَون تان گَرهَڙَ پاڻي لَڄُ (سامونڊي وائي ۱/۲)=تون درياءَ کي لڄ ۽ ننگ وجهين ها ته توکي تاري پيڙيءَ ۾ پهچائي ها!
● گَڙي=ننڍو ٽڪر (جوئر، ٻاجهري، ڪماند، يا ڪنهن وَلِ ۽ گاهه جو) هڪ ڳنڍ کان ٻي ڳنڍ تائين ٽڪرو.
ـ گَڙِي گُوندَر وَلِ جِي (حسيني ۱۲/۱۳)= 'گوندر ول' (=غم جي ول) جي گڙي.
● گَرِيو= روڄ، غم.
ـ گَرِيي جِي گُفتار (ڪرهياري ٦/۳)= غم جي ڳالهه.
● گَڙَڪَا=گڙ گڙ ڪري وهڻ وارا گوڙ.
ـ گَرهَڙَ ڪَنِ گَڙَڪا (سنهڻي ۵/۴)= درياءَ جا ڦاٽ ۽ گهارا وڏا گوڙ ڪري وَهن، پاڻيءَ جا وڏا گهارا وڏا گوڙ پيا ڪن.
● گَڙَنگَ= هڪ ماڳ جو نالو.
ـ ڪـنـائين گَڙَنگَ تي گَلَ (سارنگ ۴/۱۲)= (ساوڻ جي مينهن وسي) گڙنگ تي گل ڦل ڪيا.
● گَسَ= گهٽي سنهي مٽي، دز.
ـ گَسَ نه لَـگِيَمِ گَسَ جي (مارئي ۲/۱۰)= وات پيچري واري مٽي مون کي نه لڳي.
ـ گَسڙِ ٿئي مَ گَسَ (ديسي ۱/۲۱)=وات ۾ وڏي مٽي نه ٿئي، ٻُسڙ نه ٿئي.
● گَسَ= وات جي.
● گَسَا= گس ڪان، گَسَ تان.
ـ گَروءَ جي گَسَا (رامڪلي ۵/٦)= گَروءَ جي وات ڪان، گَروءَ جي هدايت کان.

ـ گُوندرَ جا گورا (حسيني ٢/١٤)= ڳُڻتين جا اوتار.
● گوريون= دوا جون ٽڪيون.
ـ سي گُورِيُون گُورين گَڏِ (يمن ٢/١٥)=اي طبيب! اهي گوريون جيڪي تو مريضن واسطي ڪيون جُدا ڪيون آهن، سي واري بين گورين سان گڏي ڳوٿري ۾ وجهي بند ڪري ڍڪي رک.
● گوشي= گوشائتا، هڪ پاسي تي، اڪيلا.
ـ جي گوشِي هوند گَڏيامِ (حسيني ٥/١٢)=جي مونکي خلاصو پاسي تي مليا.
ـ گوشي پِرين نہ گَڏئا (ڪنيات وائي ٣/١)= مون کي گوشائتا پاسي تي پرين نہ مليا (=منهنجي ساڻن گوشائتي گڏجاڻي نہ ٿي).
● گولاڙا ۽ گُگِريون (مارئي ٣/١٧)= گولاڙن جون وليون ۽ گگريون (وليون) اباڻن جو اوڇڻ آهي (انهن ولين جا پن پاند انهن جو لباس آهي).
● گولو= ٻانهو.
ـ گولو توءِ غلامُ (يمن ٥/٩)= گولو تہ بہ غلام آهي.
● گولي= ٻانهي.
ـ گولِي ٽِئي نہ گُسِ (ديسي ٧/١٣)= گولي گس سان نہ لڳندي، گوليءَ کي گس هٿ نہ ايندو.
ـ گولِي گهاگهائي گهِڙي (سنهٽي وائي ٣/١)= هي هيٺي ضعيف اتي وڏي چاهه ۾ ڪوڏ مان پَئي گهِڙي (جتي جاندار بہ ڏکن ٿا).
ـ گولِي ٿيان گُلبُوءِ (ديسي ٣/٢)= (اوهان جي) سُرهي ٻانهي ٿيان.
● گُوندا= (الف) سرتين جي لباس جا گوندا (ب) ٻڪرين يا رڍن جي ڦرن جا ننڍڙا واڙا.

ـ گاڏيليُون گُوندا (مارئي ٦/٤)= مانائتيون قداور سَرتيون ۽ ننڍڙن ڦرن جا واڙا.
● گُوندرُ= ڏک، غم.
ـ گُوندرِ گُذارِين (ڪلوڙي ١/٥)= گوندر ۾ گذارين، غم ۾ گهارين.
ـ گُوندرَ وِسرِئامِ (حسيني ١/١٢)= مون کي ڏک غم وسري ويا.
ـ گُوندرَ هَٿِ نہ پيرِ (رپ ١/٤)= غم کي هٿ پير ناهن، ڪو جسم ڪونهي.
ـ گُوندرَ وَڏي وَٿُ (رپ ١/٥)= وچوڙي وارو غم وڏي قيمتي شيءِ آهي.
ـ گُوندرَ گَڏِيا (رامڪلي ٥/٣)= هو غم ۾ پيا، ڏکيا ٿيا.
ـ گُوندرَ گُسُ (حسيني ٦/١)= گوندر جو گس، ڏکن واري وات.
ـ گُوندرَ جو غلافُ (مارئي ١١/٢٤)=غم جو ڍَڪ، پوش.
ـ مون مَنْ گَڏي گُندرين (ديسي ١/١٧)= منهنجو جيءُ ڏکن ۾ گڏي.
ـ پاڻان وِجهي گُوندَرين (سامونڊي ٢/١٣)= ويتر گوندرن ۾ وجهي، ڏکن ۾ وجهي.
● گُوني (رپ ٢/٩)= رنگا رنگي گُوَنَ جهڙا، گُوَنَ جي ڪپڙي جهڙا سهڻا ڳاڙها رنگين (گُوَنَ= رنگين گلزاري وارو زنانو ڪپڙو).
● گوهَرُ گُلُ (بلاول ٢/١٢)= املهہ ماڻڪ ۽ سهڻو گل.
● گِيانُ (رامڪلي ٣/١٦)= ڄاڻ.
● گِيرَبُ ۽ گاءُ (ليلان ٢/٣، ڪلوڙ ١/٨)= هٺ ۽ غرور.

● ڳاتُ= ڪَرُ.
- اُنچي ڳات (يمن ۱/۷)= اوچي ڳاتَ سان، وڏي ڪَرَ سان.
- ڳاتُ ڪَڍي (بلاول ۱/۱۲)= ڳات مٿي ڪري، سيني تي ڪرم جي نظر ڪري.
● ڳارا= وڏا ڏکيا ٽُڪر.
- ڳارا ڪِئو ڳِھَنِ (ڪارايل ۳/۹)= نوڙين وانگر لڙڪايو ڳھي ڇڏين، لامن وانگر وڪوڙي ڳھي وڃن، ڏکيا ٽڪرا ڪيو ڳڙڪائي وڃن.
● ڳاراڃو= زاري نيزاري.
- ڪِجُ ڳاراڃو ڳوٺِ (برو و ۲/۹)= اتي ان ماڳ (ڳوٺ) تي وڃي (محبوبن آڏو) زاري نيزاري ڪج.
● ڳارائڻ= راڳ ڳارائڻ، راڳ ڪرائڻ.
- جي ڳارائِينسِ تہ ڳاءِ (پرياتي ۱/۱۳)= جيڪڏهن ڪيس ڳارائين، ڳائڻ جو چون تہ هو ڳائي (بنا اجازت ڪونہ ڳائي).
● ڳارڻ= پگھارڻ، پٽڙو پاڻيءَ جھڙو ڪرڻ.
ڳاريَمِ جندڙو (معذور ۵/۱۵)=جان، ساھ پساھ پيڙيم.
● ڳاڙڻ= وهائڻ، ڦڙا ڦڙا ڪري هارڻ.
- ڳاڙيندين ڳوڙها (ڪلياڻ ۱/۴)=لون رُئندين، پڇتائيندين.
ڳاڙهائيءَ جو ڳِچُ (رائو ۱/۹)= ڳاڙهاڻ وارو وڏو شاهي (ڳول) ٽڪر، سِجُ.
- ڳاڙهوئي ڳاڙهو (آسا ۴/۱۳)= فقط ڳاڙهو رنگ ئِي ڏِسَن.
- ڳاڙهي رُوءِ (رامڪلي ۶/۶)= بيوت مٿي ۾ سيندر سان مَليل مُنهن.
● ڳالھ (جمع) ڳالهيون= انوکي ڳالھ، راز ۾ رمز واري ڳالھ، 'عشق ۾ محبت واري ڳالھ'.
- ڳالھ ڪِيئَن نہ وَڃي (ڪلياڻ ۵/ وائي)= (محبت واري) ڳالھ ڪيئن نہ مشهور ٿئي.
- ڳالھِ نہ ڳالهينِ جھڙي (يمن ۴/۲۲)= اها عشق ۾ محبت واري ڳالھ ڪا عام ڳالهين جھڙي ناهي.
- ڳالھ اُگھاڙَ جو (پورب ۲/۹)= اُگھاڙ واري ڳالھ جو.
- ڳولئو ڏسن ڳالھڙي (يمن ۱/۲)= اها محبت جي مام واري ڳالھ راز واري خاص ڳالھ ڳولي لهن.
- ڳالھِ ڳُجهي (رائو ۵/۱۰)= راز واري ڳالھ، ڍَڪ پَردي واري ڳالھ.
- ويئي ڳالھ هَٿا (ليلان ۲/۱۵)= تنهنجي هٿان ڳالھ وئي، تو کان خطا ٿي وئي.
- ڳالھِ ڪَيائينِ ڳُجهہَ جي (آسا ۵/۹)= (ان بدليل رنگ) ڳُجھ جي ڳالھ پڌري ڪري وِڌي.
- سا نہ ڪري ڳالھڙي (ڪلياڻ ۲/۱)= اها (راز ۾ رمز واري) ڳالھ ئي نہ ڪري.
- ايءَ اُلٽي ڳالھڙي (يمن ۱/۹)= اها اُلٽي رمز واري انوکي ڳالھ.
- ڳُڻُ ڳالهيين (ڪلياڻ ۲/ وائي)= ڳڻن وارين ڳالهين ۾.
- نَہ ڳالهين جھڙِيون (يمن ۴/۲۲)= (هيءَ ڳالھ) عام ڳالهين وانگر ناهي جو ڪجي (۽ سمجھہ ۾ اچي وڃي پر سمجھڻ ۾ ڏکي آهي). عام ڳالهين وانگر ناهي جو ڪولي بڌائجي پر راز واري هڪ خاص ڳالھ آهي.
● ڳالهائون (رائو ۷/۹)= سندن ڳالهاءِ، انهن سهيلين جو آواز.
● ڳالهائي= ڳالهاءِ ئي.

- ڳهڙَ ڳالهائي (بلاول ١/١٥) = وڏي مان شان واري (ڳهڙ) جي ڳالهائي، سندس ڳڻتي ٿي.

● ڳاهہُ = ڳاهڻ، ڳاهجڻ مان اسم.

- ٿيس ڳاهہُ (مارئي ٥/٢٢) = آءُ ڳاهجي رهيس، سخت چيپاتجي رهيس، ڳهٽجي رهيس.

● ڳاءُ = هڪ ٻني سان لڳل سوڙها ڳهاتا.

- ٿِئَس ڳُرلون ڳاءُ (مارئي ٣/٧) = مارئي جا ميندا (وار) منجهي وتجي ڳوڙها ٿيا.

● ڳاءَ = اهڙو بيت جنهن ۾ ڪو راز وارو اشارو ڏجي، راز واري ڳالهہ ڪجي.

- جيڪا ڳاءَ ڳالهائين (سورٺ ٤/٣) = جيڪا ڳجهي راز واري ڳالهہ ڳاهہَ ۾ ڳائين.

- ڳاهُون ڳالهائين (ديسي ٢/٣، ٢/٤، رامڪلي ١/٣٧) = رواني ٿيڻ واريون ڳجهيون ڳالهيون پيا ڪن.

● ڳاٿو نہ وٿو (ڪوهياري ٤/٥) = (ڳالهڻ ۽ ڳالهائڻ مان اصطلاح) نہ آواز نہ پڙڪو، نڪاڇڻ پڻ نہ ڪوچو ٻول.

● ڳڀرو = جنهن جي روءِ (منهن) ۾ نوجواني وارو ڳڀُ آيو هجي، اَلهڙ نوجوان، الهڙ ڇوڪرو.

- تہ ڪي ڪَنس ڳڀرو (ڪلياڻ ٤/٢٠) = تہ ڪي اَلهڙ نوجوانڙا ڪيڏنس (اها راند ڪن).

● ڳتَا = ڳهيا (ڳَهڻ = ڳاهہ ۾ ڳهڻ)، ڳڏجي سوڙها ٿيا، ڳوڙهہ ٿيا، ڳاهت ٿيا.

- جي ڳتا نيهہَ ڳري (يمن ٦/٢) = ١. جيڪي نيهہَ واري ڪاٺيءَ سان لڳي سوڙها ٿي، ڳاهہ ۾ هليا. ٢. جيڪي نينهن (عشق) ۾ سور سَهي ڳهيا.

● ڳتَ = ڳچيءَ جا (ڪڙا).

- ڳتين ٿيَسِ ڳاءُ (مارئي ٥/٢٢) = ڳچيءَ ۾ پيل ڳتن سان آءُ ڳري ويس، پيسي ويس.

- ڳَنرَڙ = مينهن، ڳئون يا ٻڪري جي ٿڻ مان سٽو سٿون پنهنجي وات ۾ ڳوها هٽي ڪير ڳڙڪائڻ.

● ڳَتڪَڻ يا ڳهٽڪڻ = ڳيتون ڏيئي پيئڻ وقت نڙي مان 'ڳَٽ ڳَٽ' يا 'ڳهٽ ڳهٽ' وارو آواز نڪرڻ.

- ڳَترن ۽ ڳَتڪن (يمن ٦/١٨) = (خوشي ۽ سِڪَ مان، هيڄ ۽ هيج مان) وڏا تکا تکڙا ڍڪ پري ڳيتون ڏين ۽ ڳَٽ ڳَٽ ڪن ۽ ڳَتڪن سان ڳيتون ڏيئي پين.

● ڳُجهہ = راز.

ڳالهہِ پريان جي ڳُجهہَ جي (ڪلياڻ ٢/٢٣، يمن ٥/١١، آسا ١/٢١) = پرين جي ڳجهہ يا راز واري ڳالهہ، سراسر ڳجهہ ۽ راز آهي، ۽ راز ۾ ئي رهندي.

- ڳُجهہَ ڳُرهيان ڳالهڙي (راڻو ٧/١، رپ ١/٧) = راز واري ڳالهہ ڪريان پنهنجي اندر وارو حال اوريان.

- ڏَکنا ڳُجهہَ ٻجهي (سري راڳ وائي ٤/١) = لڪل راز سمجهي

- ڳُجهہَ ڳجهاندَر (سنهٽي ١٢/٩) = وڏي راز ۾، وڏي راز واري.

- ڳجهو تو ڳالهاءِ (ڪاراايل ٣/٦) = ڳجهو تو ڳالهائي.

- ڳجهي ڳالهان ئي (آسا ٥/١٥) = ان ڳُجهي ڳالهہ سان ئي، ان ڳُجهي ڳالهہ مان ئي، ان ڳجهي پيغام ۽ نيايي سان ئي.

- ڳُجهان ڳجهہ وڃن (آسا ٧/٥) = ڳُجهوئي ڳجهو پيا وڃن.

- مون ڳُجهہُ (سورٺ ٣/١١) = منهنجو ڳجهہ، پيجل تو راءِ ڏياچ کي چوي تہ: منهنجو ڳجهہ (تہ 'توکان سر گهران') پنهنجي ڳجهہ سان (تہ 'سر ڏيان') ملائي، سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي لاهه.

– ٻُجهاندَرَ=ٻُجهه اندر، ٻُجهو، راز ۾.

– ٻُجهاندر ڳاهَ (مارئي١/١١)= راز واري ڳالهه، راز وارو راز.

– ٻُجهاندَرَ ڳُرهين (بروو ٤/١١)= (مون سان) ٻُجهو ويهي حال ونڊين.

– ٻُجهه ٻُجهاندَرِ ڳالهيون (پرياتي وائي ١/١)= ٻُجهيون ٻُجهه اندر واريون ڳالهيون.

● ٻُجهه (جمع) ٻُجهون= وڏو شاهي پکي جيڪو مثل جانور کائي.

– ٻُجهن ٽيندي ڳاهه (معذور ٧/١٠)= ٻُجهن جو قوت ٽيندي (سسئي پنهونءَ پويان ويندي، بيابان ۾ ٻُجهن جو کاڄ ٿيندي).

● ٻُجهان= مٽي کي پيڙون، خدمتون چاڪريون، سک ۽ آرام.

– ٻُجهون ڏيڻ =پيار سان ڪنهن پياري عزيز جي مٽي کي هٿن جي موڙ سان آرام وارا نرم زور ڏيڻ، خوشيءَ ۾ مبارڪ طور ٻُجهون ڏيڻ.

– ٻِئَن ٻَرِ ٻُجهان (حسيني ١٢/١٦)=ٻين وٽ سک ۽ آرام.

● ٻُجهڙو= ٻُوٺ، ماڻهن جي ميل وارو ماڳ.

– اَڄُ نہ آيا ٻُجهڙي (يمن ٦/٢٥)= اڄ (هن ميخاني واري) ماڳ تي نہ آيا.

– ٻُهڙَ تنهنجي ٻُجهڙي (بلاول ١/١٦)=اي وڏا وڏي مانَ وارا تنهنجي ماڳ تي، تنهنجي ديري تي.

– اَڄُ نہ سُجهي ٻُجهڙي (پرياتي ١/٢١)= اڄ ان ماڳ تي ڪونهي.

● ٻُڄُ= وڏو، گهڻو.

– ٻُڄ ٻَرَي پورڻ= وڏو غم ۽ اندوهه ٿيڻ.

– پِنڙمِ ٻُڄَ ٻَرِي (سامونڊي ٣/٢٣)= منهنجا ٻُڄ ٻَرَي پيا، مون کي وڏا افسوس ۽ ارمان ٿيا.

– ڳالهه ڳُهرجي ٻُڄ (رامڪلي ٢/١٣)= ايان گهٽو ڪجهه ڳهرجي.

– ڳاڙهائي جو ٻُڄ (راڻو ١/٩)= (اصطلاح) سِڄ.

● ٻُڇي= ڳلو، ڳاٽ.

– ٻُڇيءَ پايو ٻانهہ (سنهڻي ٥/١٢)= (وَچن جي) ٻُڇيءَ ۾ ٻانهه وجهيو، ڀاڪر پايو.

– ٻُڇيءَ پايو پانڌ (ڪاپائتي ١/١٤)= ٻُڇيءَ ۾ پوتي وجهيو، نياز مندي سان.

– ٻُڇيءَ سِرِ (حسيني ٤/١٣)= ٻُڇيءَ تي.

● ٻَرَ= ١. کي (ٻَرِس= کيس، ٻَرِن= کين) ٢. وٽ (مان ٻَر=مان وٽ، تو ٻَر=تو وٽ، تو ٻَري= تو وٽ).

– متان مان ٻَرِ مَٽيين (ڪلموڙ ١/١)= متان مون وٽان منهن مَٽيين، متان مون کي ڇڏين.

– مان ٻَري (بروو ٢/٨)= مون وٽ.

– مون ٻَرِ (ليلان ٢/٢، سارنگ وائي ٢/١)= مون وٽ.

● ٻَرِ= ڳلو، ٻُڇي (ٻَر لڳي=ٻَري لڳي، ٻُڇيءَ لڳي).

– هُندَ ٻَرِ لَڳي ڳالهيُون ڪَريان (سامونڊي ٤/١١)= جيڪر ڳلي لڳي ڀاڪر پائي حال اوريان.

● ٻَرَا= وٽان، ڪان.

– ڪاهوڙين ٻَرَا (ڪاهوڙي ٣/٧)= ڪاهوڙين ڪان، ڪاهوڙين وٽان.

● ٻَرَا= وڏي ٻار وارا، وزني.

– ٻَرَا مَنجهه ٻُٽانِ (ڪنڀات ١/١٠، رپ ٢/٣)= سندن ٻُٽن ۾ پلاڻن جي ڪري پرين ٻَرا آهن، (هو جي پنهنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تورن ۾ وڙن (ڳتن) ۾ ڳرا آهن.

● ڳُرنديون= مُوڙيون، ڳُنديون ڳُنديون.

– ٿيَس ڳُرِنديون وارَ (مارئي ٢/٩٤)= هن جا وار وتجي ڳنديون ڳُنديون ٿي ويا.

● ڳُرو= وزندار (اصطلاح) هوش ۾ ڳرو، (بي هوش) بي خبر.

– توکي ڳَهَرَ ڳرو ڪِئو (ڪوهياري ١/١٥)= توکي نندر جي ڳهر بي هوش ڪيو.

● ڳُرهڻ= حال بيان ڪرڻ، دلي دوست سان پنهنجو حال اورڻ.

– سُورَ ڳُرَهيَان (راڻو وائي ٥/١)= سور جو بيان ڪريان.

– ڳُرَهِ مَ، ڳُجهو روءِ (رپ ٢/٣)= ڇَني نه ٻڌاءِ ۾ ظاهر نه ڪر، جي روئين ته راز ۾ رو.

– اُپو ڳُرَهي حالُ (سامونڊي ١/٢١)= بيٺو پنهنجو حال اوري.

– هَڏ نه ڳُرَهي حالُ (آبري ٨/١١)= پنهنجو حال هرگز نه ٻڌائي.

– ڳُجهه ڳُرَهيان ڳالهڙي (راڻو ٧/١)= آءُ راز ۾ دل جي ڳالهه، دل جو حال بيان ڪريان.

– ڳُجهه ڳُرهيان ڪَنِ سِين (رپ ٢/١)= ڪنهن سان پنهنجي اندر جو حال اوريان.

– ڳُرهيان سُورُ سَفَرَ جو (سامونڊي ٢/٢)= سفر جو سور بيان ڪريان.

– حَالُ ڳُرهيان (رپ ١/١٧؛ سنهڙي ٤/١٥)= پنهنجي دل جو حال سڻايان.

– مَ ڳُرهيج (رپ ٢/٤)= ڇني نه ٻڌائج.

● ڳُري=ڪنهن وٽ، ڪنهن جي ڳُلي، ڪنهن جي ذمي.

– مون ناه ڳُرَي(ڪوهياري وائي ١/٦)= مون وٽ ناهي.

– جَنِ ڳُري (ڪلياڻ ٥/٢٢)= جن ساڻ (سدائين)، جن وٽ (هميشه موجود).

– ڪانگل ڳالهه ڳُري (يمن ٦/٢، برو ٢/١٨)= ڪانگل وٽ ڪا ڳالهه آهي، ڪو خاص پيغام آهي.

● ڳُري= ڳلي، ڳهتي.

– وَني ويهه ڳُري (ڪلياڻ ٤/٢١)= (اي عاشق!) محبوب جي ڳهتي جهلي ويهه.

● ڳُري= ڏکي، ڳتي واري، بيچاريندڙ.

– مُون ڳُري سُني ڳالهڙي (سامونڊي ١/١٠)= مون وڏي ڳتي واري ڳالهه ٻڌي آهي.

● ڳُرڻ= پگهرجڻ، پاڻي ٿيڻ، تمام ضعيف ٿيڻ، بي حال ٿيڻ.

– ڳُري ۾ ڳالهيون ڪري (آبري ٨/١٢)= بي حال ٿئي ۾ پڻ بيان ڪري.

● ڳُريو= پگهه وارو رسو (جنهن سان پيڙي ٻڌل آهي).

– ڳُريو جهلنو روءِ (سامونڊي ٣/١٣)= پگهه واري رسي کي هٿ ۾ جهلي پئي روئي.

● ڳُڙ= ڪمانڊ وغيره جي رس مان ٺهيل مٺائي.

– ڳُڙ وَاتِ (ڪلياڻ ٥/٢١)= وات ۾ ڳڙ، زبان ۾ ميٺاج، مٺو ڳالهائڻ.

● ڳُڙهه= قلعو.

– ڳُڙهه پِرَ (سورٺ ٢/٢)= قلعي لڳ.

– ڳُڙهه سورٺِ (سورٺ ٢/١٥)= سورٺ ملڪ جي ڳادي وارو قلعو، جهونا ڳڙهه جو قلعو.

– ڳُڙهه ڳرا (ديسي ٥/١٠)= شاهي ڪوٽ قلعن مثال وڏا جبل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڳُڙهان ٻاهر (سورٺ ٢/٣)= قلعي ڪوٽ کان ٻاهر.
● ڳُڙلون= ڳوڙهيون، ڳوڙهه. ڳُڙ (چوندا 'وار ڳڙ ٽيا پيا آهن')، مُنڊل، مُوڙهل.
- ٽِنس ڳُڙلون ڳاهُ (مارئي ٣/٧)= وار ڳوڙهه ڳنڍيون ٽي ويس.
● ڳَڳاٽ= ڳهرَ، ٺارَ.
● ڳَڳاٽيا= ڳهرائي چڙيا، ٺاري چڙيا (ماري چڙيا، سندن بت ٺري ويا).
- هُوءِ جي ڳالهينِ ڳَڳاٽيا (يمن ٦/٢٩)= اهي متارا جيڪي موڪيءَ جي ڳالهين ("تہ اڱوٺي شراب ۾ ڪارو نانگ ڳري ڪندا ٽي ويو هو") جي سيراپ ۾ اچي ويا، ڊپ ۾ ٺري ويا.
ڳَل ڦَٽ (رامڪلي ٦/٦)= جن جي ڳَلن تي چيرَ.
ڳَلِ سِڱيُون (رامڪلي ٦/٢٣)= ڳَلي ۾ سڱيون، ڳچيءَ جي پاسي کان ڪلهن وٽان لٽڪيل سڱيون (وڃائڻ واريون).
● ڳَلِ ڳانا (ڪنيات ٣/٧)= ڳچيءَ ۾ ڳانا.
● ڳَلِ وِهاٽو (رپ ١/٣٣)= ڳَل وارو وهاٽو.
● ڳَلِيين= ڳَلين ۾، ڪهتين ۾ (ٻين جي آڏو).
- ڳَلِيين مَ ڳَرهيجُ (رپ ٢/۴)= ڪهتين ۾ (محبت جو راز) بيان نہ ڪجِ، پڌرو نہ ڪجِ.
● ڳَمُ (معذور ٢/٢٩)= آرس، ٻُت ۾ ڳوڙائي، ڏرائي.
● ڳَمَنِ= ڏريون ڳوريون ٽي رڙهن.
- ڳوريون ٽِيُون ڳَمَنِ (معذور ٢/٢٩)= وڏي ٻار واريون (جن ڳهٽو ميڙي ڪنيو) يا ٽولهہ ۾ڳريون، آرس ۽ سستي واريءَ حالت ۾ پيرُ پيرَ ٽي ڪٽي ٽيون هلن.
- ڳَمي ڳَمي اُٿڻ (معذور ٢/٢٩)= آهستي ڏرو ڏرو ٽي اُٿڻ (چوندا: ڳَمي ڳَمي تو وقت وڃائي چڏيو).

● ڳَنُ= ڪُهاڙي، ڪاتي وغيره اوزار جو مُنيو.
- ڳَنُ وَڍِيندڙَ هٿَ ۾ (ڪليات ٥/١٨)= ڪاتيءَ جو مُنيو وڍڻ واري جي هٿ ۾ آهي.
● ڳَنڌَڻ= سِنگهڻ، خوشبوءِ وٺڻ.
- ڳوليانِ ءِ ڳَنڌِيانِ (رامڪلي ١/٥)= آءُ سندن خوشبوءِ سنگهي ڪين ڳوليان پئي، آءُ سندن واسيل خوشبوءِ پنيان ڪين ووڙيان پئي.
● ڳَنڍَڻ= جوڙڻ، ملائڻ.
- چِنڻُ ڳَنڍڻُ اُنِ جو (يمن ١/٩)= انهن جو 'چنڻ' بہ جڻ 'ڳنڍڻ' آهي.
● ڳَنڍيرُ= ڳاهہ جنهن جي ڏگهين پڪڙيل لامن ۾ سنهڙيون ڳريون جن جي ڳنڍين مٿان پَن.
- جِئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍيرَ (مارئي ٦/١۴)= ڳنڍير ڳاهہ ۾ جيتريون گهٽيون ڳنڍيون آهن.
● ڳَنڻ، ڳَنهڻُ= وٺڻ، خريد ڪرڻ.
- نانءُ تَهين جو ڳَنُ (پرڀاتي ١/٥)= انهي جو نالو وٺ (ڳَنُ= ڳَنهُ).
- تہ تون ڳُڻائي ڳَنُ (ڪوهياري ٦/١٢)= تہ تون انهن کي پنهنجن ڳُڻن سان خريد ڪر، ڳُڻن سان پنهنجو ڪر.
- نالو نيہ ڳَنَهن جي (ڪليات ٥/٢)= 'جيڪي عشق جو نانءُ ڪٺن ٿا'، دعويٰ ڪن ٿا، هام هڻن ٿا.
- ڳَنهيو پُٺان ڳالهڙي (حسيني ١٢/١٧)= اها (ڳُڻن واري) ڳالهڙي اندر ۾ سانڍيو هلان.
- ڳَنهي نہ مَتِ (رپ ١/٢۴)= صلاح نہ وٺي، نصيحت نہ مڃي.
- ڳَنهي وڃان (مارئي ۴/١٥)= ساڻ کڻي وڃان.
- ڳَنهيو پُٺان (حسيني ١٢/١٧)= وٺيو وتان، ياد ڪيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پٺي هلان.

● ڳُڻَ= ڀلايون، نيڪيون، تورا، احسان.

- ڇڏي ڳُڻَ وِئا (مارئي ٩/١٩)= پاڻ ويا پر پنهنجا تورا ۽ احسان، ڀلايون، نيڪيون پويان ڇڏي ويا (جيڪي ياد آهن).

- ڳُڻَ ڪِنائُون ڳَچ (رامڪلي ٣/٨)= (الف) ڳُڻ وڏي تڪرا (ڳَچ) ڪيائون، يعني ڳڻن کي ٻـ ڇڏيائون، ۽ هو ڳڻن تورڻي اَوڳڻن ڪان آجا ٿيا. (ب) گهڻا (ڳَچ) ڳُڻ ڪيائون.

- سو ماَن ڳُڻ ڳِنڍِ ٿئو (آسا ٥/٥)= اهو ڳُڻ سنهنجي ڳنڍ ٿئو، اهو احسان مون ڳنڍ ٻڌي سانڍيئو.

- عُمرَ اُنِ ڳُڻَنِ (مارئي ٦/١٧)= اي ميان عمر بادشاهه! انهن تورن جي ڪري، انهن ڳڻن سببان.

- ڳُڻَنِ جا ڳُهيرَ (مارئي ٦/١٤)= گهڻن ڳڻن وارا، وري وري ڳُڻ ڪرڻ وارا.

- ڳُڻَنِ سان (مارئي ١/٤)= چڱن لڇڻن سان، سُلڇڻاين سان.

- وِئا ڳُڻَن ئي ساڻُ (مارئي ١/٨)= پنهنجا سڀ ڳُڻ پاڻ سان کڻي وئا.

● ڳُڻانِ (ڪنيات ١/١٠)= سندن ڳُڻَ، انهن جون ڪيل چڱايون.

● ڳُڻائي= ڳُڻان+ ني، ڳُڻن ساڻ ني.

- تہ تون ڳُڻائي ڳَنُ (کوهياري ٦/١٢)= تون انهن کي ڳُڻن سان پنهنجو ڪر.

- ڳُڻُ ڪَري (ڪارايل ٢/٣)= چڱائي ۽ قرب ڪري.

- پائي ڳُڻَ پَڳهيو هنيون (سامونڊي ٣/٢٨)= ڳڻن جا واجهه وجهي هانءَ (دل) کي ٻڌي قابو ڪيو.

● ڳُٿائڻ= ڪنوار کي ڏاج ۾ ڳهڻا ۽ ڪپڙا سوغات ڪري ڏيڻ، شادي تي آيل ڄڃ وارين کي اُهي سڀ هڪ هڪ ڪري (=ڳُٿي) ڏيکارڻ، تحفي طور ڏيڻ.

- سَج ڳُٿائي سيجَ ۾ (مارئي ٣/١٧)= سيج ۽ ڏاج ۾ مون کي مائٽن 'سَج' ڏني.

● ڳوڻي آڻيين (مارئي ٢/١)=جيڪر تون کو ڳوٺ وارو (ويجهو مائٽ) وٺي اچين.

● ڳوڻ= رسي، نوڙي، يا سڳن ڏورن کي ڇپتين سان سُوٽي، ڇڪي سوڙهو ڪري، ڳنڍ ڏيڻ.

- ڳُڻَنِ سين ڳوڻي (مارئي ١/٤)= ڳُڻن سان ويڙهي ورائي پنهنجو ڪري.

● ڳوري(معذور ٢/٣٠)= ڳري بار واري (جنهن پاڻ سان گهڻو سامان کنيو).

● ڳوريون= ڳري بار واريون (جيڪي پاڻ سان گهڻو ڪجهه کڻي هليون).

- ڳوريون پاسي ڳوٺَ (معذور ٢/٢٨)= ڳري بار واريون پنهنجي ڳوٺ ڀرئي رهجي ويون (پنڌ ڪري منزل تي پهچي نہ سگهيون).

● ڳوريون= ڳوري رنگ واريون، خوبصورت.

- ڳوريون آن ڳرِ جي (سري راڳ وائي ٤/١)= اوهان وٽ جيڪي ڳوري رنگ ۽ حسن واريون زالون آهن.

● ڳوڙها= ڏک ۽ غم جا ڳوڙها، ڳُڻين جا اوتار.

- ڳالهڙيين ڳوڙها ڪنا (ڪنيات ٥/٥)= انهن ڳالهڙين اندر ۾ غم جا غبار ڪيا، ڳُڻين جا اوتار آندا.

● ڳوڙهو= ڳجهارت، ڳجهه، راز.

- ڳوڙهو انهينءِ ڳالهه جو (سري راڳ ١/٥)= انهين ڳالهه واري ڳجهارت، ان ڳالهه وارو راز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شڪار) شروع ڪرڻ ساڻ ئي.

- گھوري نہ جاڻن (گھاتو ١/١٦)= مڇي ڳولڻ ۽ مارڻ (جو ڍنگ ئي) نہ ڄاڻن.

- گھوري ماري گھاتوئا (گھاتو وائي ١/١)= اي گھاتوئو! اوهان مڇي ڳولي ماري.

- گھڙي گھورَ نہ جھلي (سنهٽي وائي ١/٨)= دلي جانچ ۽ ڳولا واري سَٽ نہ جھلي (۽ پڇي پيو).

- ڏوريان گھوريان نہ لَهان (رامڪلي ١٢/٧)= هلان ڳوليان پر نہ لهي سگھان، پر نہ هٿ ڪري سگھان.

- گھوريون ڪارونيار (سنهٽي ١/٣)= وڏي لڙ واري (لڙيل) درياء کي ڳوليون.

● گھوري (مونث)= ڳولائو، ڳوليندڙ.

- آهيان گھوري اُن جي (سامونڊي ٤/١)= آءٌ انهن جي ڳولائو آهيان.

- تَن اُتَنِ گھوري آهيان (ديسي ٣/٨)= آءٌ انهن جي ڳولائو آهيان (جيڪي پنهونءَ کي ڪٺي ريا).

- هوءِ جا گھوري گھوٽَ جي (حسيني ١٢/٤)= هوءَ (سسئي) پنهنجي گھوٽ پنهونءَ جي ڳولائو.

● گھورڻ= ڏيئي ڇڏڻ، قربان ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ. ڪنهن جي مٿي مٿان ڪا قيمتي شيءِ ڦيرائي ڦيرائي ڪنهن کي بخشي ڇڏڻ.

- گھُرڻ هَنِهين گھورِ (پرياتي ١/١٥)= سوال ڪرڻ (بني ڪان ڪجھ گھرڻ) ماڳھن ڇڏ.

- گھورِئو هيءُ پَنيورُ (حسيني ٣/١٦)= قربان ٿيو هي شهر پنيور!

- گھڙو پڳو تہ گھورِئو (سنهٽي ٢/٣)= دلو پڳو تہ صدقي ٿيو!

- ڪِتِئو تُنهنجو گھورِئو (سري راڳ ٣/١٢)= نفعو تنهنجو قربان ٿيو.

- گھورئا سُڪَ ڏُکَنِ ري (رپ ١/١٣)= ڏکن ڏسڻ کان سواءِ سک گھورئا (نہ گھرجن).

- ڪي گھوريس ڪِئو گھڙَنِ (سنهٽي ١/١٠)= ڪي 'قربان ٿيس' چئي گھڙي پون.

- هيءُ گھَرُ گھوريائون (پورب ١/١٢)= هن جهان وارو هيءَ گھر قربان ڪيائون، ڇڏيائون.

- آءٌ گھٽوئي گھوريان (سامونڊي ١/٤)= آءٌ گھٽوئي قربان ڪريان (ڦٽو ڪري ڇڏيان).

- سو ڪِئن گھڙو گھوريان (سنهٽي ٢/٢)= اهو گھڙو آءٌ ڪيئن قربان ڪريان!

- گھٽين پٽين گھوريان (يمن ٥/وائي-١)= هر طرح قربان ڪريان.

- پاڻُ مَٿانءِ ئي گھوريان (ڪوهياري ٢/١٢)= آءٌ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي ئي مٿان گھوريان، صدقي ڪريان.

- گھَرِ وِينِي گھوري (آبري ٤/٥)= گھرَ ۾ ويٺي پاڻ کي پنهونءَ مٿان گھوري، (باقي ڪشلو ڪري نہ وڃي ڳولي).

- اَبو ڏاڏو گھورِ (ليلان ٢/١٤)= پنهنجو پيءُ ڏاڏو قربان ڪر، صدقي ڪر.

● گھُورَ= اکين جي پوري پَريل نظر، تيز تکي نظر.

- گھَٽ پريان جي گھُورَ (ديسي ٣/١٤)= منهنجو اندر (گھٽ)، محبوبن جي تيز نظر (زخمي ڪيو).

- گھُورَنِ گھايا جي (راڻو ٢/٩)= جيڪي عاشق (مومل جي) تيز نگاهن زخمي ڪيا.

- گھاتو ڪري گھُورَ (گھاتو ١/٤)= گھاتو گھُور ڪري، نظر ۾ رکي جُوهہ ڪري (ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ويا).

● گهورَ هَٽي (سورٺ ۲/۱)= گهور واري تند هٽي.

_ گهورَ= ساز (سرندي يا دنبوري) جي تند جو نالو (جيڪا گهور جي سُر تي وڄي، يعني 'سا' تي وڄي).

● گهَوڙا = گهوڙا جانور (اصطلاح) هاءِ گهوڙا، هاءِ هاءِ.

_ گهوڙا! گهٽِيءَ پُون (حسيني ۳/۸)= هاءِ گهوڙا! (پنهونءَ کي کنيو) گهٽو پراهين پنڌ واري زمين تي پيا وڃن!

_ گهوڙن هَنيُون (حسيني ۹/۱۰)= گهوڙن کنيون ۽ ماريون.

_ گهوڙَن هَنئي (ليلان ۱/۴)= گهوڙن ماري.

● گهُونَا گهُون (ديسي ۶/۹)= شاهي وڏا ۽ نرالا.

● گهُونو = ٿوري پاڻي وارو ڏبو.

_ گهُونو مَ گهوريج (ڪارايل ۲/۱۷)= ڏبو نه جانچج، ڏبي ۾ نه هلج.

● گهُونيري='پاوَر' جي ملڪ ۾ هڪ ماڳ.

_ گهُونيريان گهير ڪري (ڏهر ۳/۱۴)= گهُونيري کان گهيرو ڪري.

● گهلَ = وڏي شاهي ٽولي، گهوڙن جي وڏي گهل (جن تي حملي ڪندڙ چڙهيل).

_ ڪَڏِي گهلَ گهرا (بلاول ۳/۱۲)= پنهنجي ماڳ تان، پنهنجو پاڻ وٽان گهوڙن جي گهل ٻاهر ڪڏي پري ڪري (پرو صلح ڪر).

● گهَنڊَ = وڏا شاهي چڙا، وڏا سانپيرو.

_ گهنڊي= چڙي.

_ واڻيتين سِرِ گهنڊَ (سامونڊي ۴/۲۱)= جهاز جي ڪوهي تي جهنڊيون ۽ انهن جي مٿان وڄندڙ گهِنڊَ.

_ گهَنڊيءَ لار (معذور ۷/وائي-۱)= چڙي جي لوهي لار جيڪا چڙي ۾ لڏي ٿي، لڳي ٿي، ۽ وڃي ٿي.

● گهنڊِي= گهنڊ، پيشانيءَ ۾ گهنج (ڪاوڙ جو، اوڏائي جو، لاغرضائي جو).

_ گهنڊِڙِي نه لاهين (پرو ۲/۴)= (اي منهنجا محبوب! تون) اها پنهنجي ماٿي واري گهنڊڙي (ننڍڙو گهنج) ڇو نٿو لاهي ڇڏين!

● گهنگهرجڻ = گهٽي اولاد جي سنڀال ۾ گهيرجي وڃڻ، مشڪلاتن ۾ وڪوڙجي وڃڻ، ويچارن ۾ ويڙهجي وڃڻ.

_ گهنگهرئا گهڻ جاڻ (گهاتو ۱/۱)= وڏي جاڻ وارا ٻه ويچارن ۾ پئجي ويا، وڏي مونجهارن ۾ پئجي ويا.

_ گهَنگهَرُ گهارَڻُ (مارئي ۱/۲۰)= ڏکيا ڏينهن ڪاٽڻ.

_ گهنگهرِ گهاريان ڏِينهڙَا (ڏهر ۵/۲۲، مارئي ۶/۱۴، ۹/۱۶)= گهنگهرِ ۾ گذاريان ڏينهڙا، ڏکيا ڏينهن گذاريان، فراق ۾ گهاريان.

_ گهنگهرُ گهٽو ٽياسِ، جاپِي ماروڙن کي (مارئي ۵/۳)= آءٌ جاپي وڏي ٿي پنهنجن ماروڙن لاءِ وڏو جنجال ٿي پيس!

● گهٽين پٽين (يمن ۵/وائي-۲)= گهٽين ريتين، طرحين طرحين.

● گهٽيِني ٿيا (ڏهر ۳/۱۲)= گهٽا ٿي پيا. (اصطلاحي معنيٰ) گهڻ ٿي وئي، گهمسان ٿي ويو.

● گهيرُ ڪَري (ڏهر ۳/۱۴)= گهيرو ڪري.

● گهيڙُ لَنگهي گهَاري (سنهٽي ۸/۲)= گهاري وارو گهيڙ لنگهي (پار پئي)، درياء جو گهيڙ ٽپي (ميهار ڏي وئي).

● گهيڙان ڪَري نه گهُورَ (سنهٽي ۴/۲)= گهڙڻ وقت گهيڙ ڪانه نهاري (جتان اچي اُتان گهڙي پري).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لا = (عربي) نہ، نانہ، ڪِين، نابودي، نيستي، نَفي.

- 'لاَ' سِين اُٿي لَڏ (معذور ٢/٢٧)= تون ڪجهہ بہ نہ ڪٿي رواني ٿي.

- "لاَ" لَڳي (رامڪلي ٣/١٦)= "لا" سان لڳي، نفي ۽ نيستي سان ملي.

- "لاَ" ٿيا (رامڪلي ٣/١٦)= "نانہ" ٿيا، "ڪِين" ٿيا، "نابودي" واري منزل تي پهتا.

- "لاَ" لَکتو جن (رامڪلي ٣/١٦)= "لا" واري نَفي ڪي جن سڃاتو.

- لاهُوتيڪولاَ (رامڪلي ٧/٦)= لاهُوتيءَ وارو 'لا' لاهوتيءَ جي منزل واري نيستي.

- لاَ الٰهَ اللّٰهُ مُحَمدُ رَسُولُ اللّٰه رکيائين تَندُن مَنجهہ تَوارَ" (سورٺ ١/١)= "هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود (عبادت جوڳو) ناهي ۽ محمد (ﷺ) ان جو رسول آهي"، اها توار سندس سُرندي جي تندن ۾ سمايائين.

- لاَحَدَ ۾ (آسا ١/١)= 'حد کان ٻاهر' واري منزل ۾.

- لاَخَوفٌ عَلَيهِم وَلَاهُم يَحزنُونَ (ڪلياڻ ١/٩)= (قران شريف جي آيت ٢:٦٢) "نہ آهي خوف انهن تي: نڪو ڪو ڪين ڏک رسندو" (انهن مٿان يا انهن لاءِ ڪوبہ خوف خطرو ڪونهي، ۽ نڪي هو ڪو ڏک ڏسندا".

● لاٽ لنوڻ= لاٽ ڪرڻ.

- لاٽ= ميناج وارو سنهو سريلو بُلند آواز، مِني وائي، مِني ٻولي.

- لاٽ جا لَطِيفَ جي (ڪلياڻ ٢/ وائي)= لطيف (جي راڳ) جي جيڪا لاٽ آهي، جيڪا مني وائي آهي.

- لاٽ لَٽي (ٻروو ٢/١٦)= لاٽ لَنئي، ٻولي ڪئي.

- ٻي لاٽ نہ لَحظي جيٽري (يمن ٥/٢٠)= ٻي ذري جيٽري ڪا ڳالهہ ڪانهي (رڳو هڪ تون ئي تون آهين).

- لاتِ چوريجَاهُ (يمن ٥/١٤)= اها وحدت واري ('الف' ۽ 'م') واري وائي ڪجانءِ.

- لاٽيُون ڪَيُون (ڪارايل ١/٢٠)= لاٽيون لَيُون، مٺيون ٻوليون ڪيون.

● "لاَ تَقنَطُوامِن رَحمَتِ اللّٰه" (قران شريف جي سُوره زُمَر آيت نمبر ٣٩) (سنهڙي ٢/٧)= اوهان آسرو نہ لاهيو الله جي رحمت مان.

● لاهڻ=هيٺ ڪرڻ، مٿان ميٽي صاف ڪرڻ، جُتي لاهڻ.

- لاَٿَا لاَلَنَ لَٽَ (رپ ١/٢٦)= مٿان جيڪي لَٽَ چڙهيل هئا، سي پياري سڄڻ لاهي ڇڏيا.

- لاٿائين لطيف چئي عالَمَ تان اَهُڪُ (بلاول ٣/٦) = لَطيف ٿو چوي تہ (جڏهن هيٺن تي حملي ڪندڙن ڪي هو سورهيہ سامهون ٿيو تہ مظلومن جي مدد ڪرڻ وارو اصول پڪو ٿيو ۽) عالم تان آزار لاهي ڇڏيائين.

- لاٿيُون سَڀِ پَرين (معذور ٣/١٠)= (ڏکيي پنڌ واري) هر حالت ۾ (ادب مان) سسئي جتيون لاٿيون (۽ پيرين اگهاڙي پنڌ پئي).

● لاٽَ= دونهون، روشني.

- لَڪَنِ مَٿي لاتَ (ڪوهياري ٥/٧)= جبلن جي لڪن تي دونهون (سسئي جي سور ۽ درد جو).

● لاڄو= ڪوهي جا رسا، ڪوهي جي بالڪل چوٽي ۾ ٻڌل جهنڊيون.

- لاڄو لَڳائينس (سري راڳ ٣/١١)= نوان رَسا ٻڌينس، جهنڊيون لڳائينس.

- لاڄنِ منجهہ (سري راڳ ١/١٤)= جهاز جي رسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو رنگ (لاڳِ) لائي آيو.

ـ لاهي ويهہ مَ لاڳ (يمن ٦/٢٨، راڻو ١٢/٤)= لاڳ لاهي نہ ويهہ. سهاڳ وارا لاڳ لاهي نہ ويهہ، سوءِ نہ ڪر، غم نہ ڪر.

ـ لاڳَ ڪرڻ (راڻو ١٢/٤)= (شادي جو اصطلاح) ڏيج ڏيڻ، وڙ ڪرڻ، لاڳاپا ڪرڻ.

● لاڳاپو= واسطو.

ـ لاڳاپا لاهيج (آبري ٩/٦)= واسطا ۽ تعلق ٽوڙيج، آسرا لاهيج.

● لاڳِ، لاڳو= محصول.

ـ لَڪَ مَٿي لاڳو (ڪوهياري ٨/٤)= گهٽ تي محصول جي اڳاڙي.

ـ ڏِينِ نہ لاڳُ (بلاول ١/٣)= محصول نہ ڏين.

ـ لائقَ لاڳي جا ڏٺي (سري راڳ ١٥/٢)= جيڪي لاڳو (محصول) وٺندڙ، لائق مالڪ آهن.

● لاڳيدارَ= محصول اڳاڙيندڙ.

ـ جِنِ لاڳيدارَ لَنگهائِيا (سري راڳ ٢٤/٢)= جن محصول اوڳاڙيندڙن کي محصول ڏيئي روانو ڪيو.

لالَ (جمع) لالون= ١. قيمتي قسم جو پٿر ٢. (اصطلاح) لُولُو، موتي.

ـ لالون لَٽاڙي (ڪارايل ٥/٢)= لُر لُر جتي هٿا، اتي انهن جي مٿان گهمي.

● لالَ (جمع. لالَ) = رنگ ۾ رتل، نينهن ۽ سڪ ۾ رتل، ڳاڙها گهوٽ، وڏي مرتبي ۽ مان وارا.

ـ لالون ٿيون (آسا ٩/٢)= رنگ ۾ ڳاڙهيون رتيون، ڪڪوريون.

ـ هَليا لالَ لَڏي (پورب ١١/١)= اهي وڏي مرتبي وارا (لال) هتان لڏي چڙهي هليا.

ـ لُڏِي آيا لالَ (آسا ٢٠/٣)= اهي منهنجا محبوب سُهٽي ٽوڙ ٽُرندا آيا.

ـ لَهَر مِڙوئي لالَ (سنهٽي ٢٢/٤)= درياء جي سيڪا لهر روشن (ڳاڙهي).

ـ لالَ لبيَس (اليلان ٤/٣)= رنگين لباس، ڳاڙهو لباس.

● لَالائي= لال رنگ جي ڳاڙهي روءِ.

ـ لالائِي لالَڻ جِي (آسا ١٠/٤)= ڳوري سهٽي محبوب جي سهٽائي.

● لالڻُ= ڳاڙهو گهوٽُ، محبوب.

ـ لالَڻَ لَني لوٺيُون (معذور ١/١)= محبوب لاءِ پَٽڪيل رُليل.

ـ لالَڻُ جان نہ لَهان (معذور ١٨/٢)= جيسين تائين پنهنجو محبوب (پنهون) ڳولي نہ لهان.

ـ لالَڻَ کي لِيلاءِ (آبري ١١/٥)=پنهنجي پنهونءَ (لالڻ) لاءِ ٻاڏائي، دانهون ڪري، سهٽي محبوب کي ٻاڏاءِ.

ـ لالَڻَ پِرِ (سنهٽي ٤/٦)= لالڻ وٽ.

ـ لالڻ ڪارڻ (معذور ١٢/٧)= پياري پنهونءَ ڪارڻ.

ـ لالَڻَ لَڳِ ٿَئين (سنهٽي ٣/١٢)= لالڻ پيڙي ٿئين.

ـ لالَڻُ جِني نہ لوءِ (سارنگ ١٦/١)= جن جو محبوب وٽن ڳوٺ يا وطن ۾ نهي (ڪاٿئن پري آهي).

ـ لالَڻَ جو (آبري ١١/٨)= پياري پريءَ (پنهون) جو.

ـ لالَڻَ لالَائِي (آبري ١٨/٧)= لالڻ جي لالائي.

● لالي= عشق جي لالاڻ.

ـ لالِي تِنهِ لائِي (راڻو ٩/١٠)= تنهن عشق جي لالاڻ لاتي.

ـ لالي ڪِي لَبَنِ (سارنگ ٧/٢)= (جنن جو) محبوب

= لطيف ٿو چوي تہ سر وڃي.
ــ مون ڳُجھہ پنھنجي ڳُجھہ سين، رِندَ رَسائي لاءِ (سورٺ ۱۱/۳)= (پيجل تو راءِ ڏياچ کي چوي تہ:) اي رند (ارادي جا پڪا، بي پرواھ!) منھنجو ڳجھہ (تہ تو کان سِر گھران) تون پنھنجي ڳجھہ سان (تہ سر ڏيان) ملائي جوڙي، پنھنجو سر وڃي لاءِ، وڃي ڏي.
ــ لاهِيندائي ڪَنِ (سامونڊي ۲/۲۰)= (سفر تان موٽڻ وقت ڪناري تي) ٻيڙين جي بار لاهڻ ساڻ، سامان بندر تي لاهڻ ساڻ.
لاهڻ= ڪولڻ.
ــ تازي جي لاهي (ڪلياڻ ۲/۱۸)= جي دري ڪولي.
● لَاهُوت (رامڪلي ۱/۴۲)= لاهوت وارو ماڳ، پب جبل جي لَڪ ڪان اڳتي ۽ شاه بلاول نوراني جي اوريان هڪ ماڳ جو نالو (لاهوت لامڪان) جتي شاه بلاول چلا ڪيا. صوفين فقيرن جي سُلوڪ واري منزل جتي ذات الاهي جو جلوو.
ــ لِکجي لاهوت ۾ (رامڪلي ۲/۳)= 'لاهوت' واري منزل ۾ نالو لکجي.
ــ لَاهُوتَان = لاهوت مان، لاهوت واري هتان جي ماڳ کان (هت مراد "لاهوت واري صوفيانہ منزل" ناهي، پر هتان جو هڪ زميني ماڳ لاهوت).
ــ لَنگھہ لاهُوتان ڪاپَڙي (پورب ۲/۸)= اي فقير لاهوت واري ماڳ کان ٽپي اڳتي ٿيءُ.
لاهوتي (راڻو ۲/۱۳)= 'لاهوت' جي منزل وارو فقير، نفساني خواهشن کان مٿي وارو فقير.
ــ لَاهُوتِيڪَو (رامڪلي ۲/۱۸، ۷/۶)= لاهُوتِيءَ -ڪو، لاهوتيءَ وارو، لاهوت جي درجي وارو.

ــ هِتان لاهُوتِي لَڏِ (رامڪلي ۲/۱)= اي 'لاهوت' جي درجي وارا سالڪ! تون نفساني خواهشن واري هن ملڪ کي ڇڏ.
ــ وِٺا لاهُوتِي لَکَ (راڻو ۲/۱۲)= اهي مضمير مرد جيڪي مجازي رنگ تي نہ هرکيا ۽ حقيقت واري راهہ وٺي اڳتي روانا ٿيا.
● لاءِ = لا، نہ، بغير، بنا، ڪجھہ نہ، نفي، نيستي.
ــ 'لاءِ' سين لَڏِين جي (معذور ۲/۲۵)= جيڪي اَڻ-هوند واري حالت ۾ هن جهان مان وڃن (فوت ٿين).
● لاءِ = واسطي.
ــ لاءِ پِيَاڪَنِ (يمن ۶/۳۱)/= پِيَاڪَنِ واسطي، پياڪن کي ڏيڻ ۽ پيارڻ لاءِ.
ــ هَنيُون 'لاءِ' (آبري ۸/۱۵)= لا ۾ هنيون، نابود ڪيو.
● لائِقَ = وڏي لائق، وڏي شان واري (ڏٽي تعاليٰ).
ــ جَنِ جي لائِقَ لَڄَ ڪَنِئي (سامونڊي ۱/۲۹)= جن جو ڏٽي تعاليٰ ننگ ناموس رکيو، جن جو بار ڪنيو.
ــ لائِقُ لَڏائِين (سورٺ ۲/۲)= راءِ ڏياچ جهڙو سخي لائق ڳولي لڏائين.
● لائُون= پرڻجڻ (لائون لهڻ= ڪنوار ٿيڻ، گهوٽ ٿيڻ).
● تان مون هَڏ لائون لَڌِيون (سامونڊي ۳/۲۷) = (ڪوهستان، ٿَـــي، ڏکڻ اوپر لاڙ واري ٻولي جو محاورو=) مون ڪر لائون نہ لڌيون، آءُ جڻ ڪنوارئي ڪانہ ٿيس (جوتہ ڪانڌ وڃارو آهي سو سدائين ٻاهر هوندو ۽ هت اڪيلي گذاريندي س).
ــ لَائُون لڌيون (آبري ۱۱/۸)= شادي ڪئي، منهنجو نينہ نئون ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● لائون لَگو (آسا ٧/٢)= برو بدڪار.

● لائڻ= لڳائڻ. (امر لاءِ = لڳاءِ).

- تِلڪُ تَنِي کي لاءِ (ڪلياڻ ٢/١٣)=تِلڪ تن کي لڳاءِ.

- لاهُوتِي تون لاءِ (رامڪلي ٢/٣٣)= اي لاهوتي! تون (عشق جي باهه) لاءِ.

- لاَئِي جو وِئا (رپ ١/١١)= (درد ۽ فراق جي) باهه جو لائي وئا!

- لائِيندَئِي (آسا ٥/١٥)=اهي پيارا سڄڻ تو کي لائِيندا.

- سَڄَڻَ ڳَرِ لائِي (سري راڳ ٣/٧)= سڄڻ جي ڳرلاتل آهيان، سڄڻ مون کي ڳرلاتو، سڄڻ پرڏيهه کان موٽيو ۽ مون کي مليو.

- لائِي جنهن لالَنَ سان (بروو ٢/٢٥)= جنهن منهنجي سڄڻ سان منهنجي ڳالهه ڪئي.

- لائِي چِتُ چَريو ڪري (بروو ١/٦)= مون سان لنئون لائي مست ڪري ڇڏيو.

- لائي ڪورا (رپ ٢/وائي)= رقيبن ڪَرَنِ کي جيڪي اسان جي مِٺي محب کي ڦِٽائڻ ۾ هئا تن کي سندن مقصد حاصل نه ٿيڻ سببان ڪورا لائي، جَلِ ۽ ساڙو لاتو، سُور ڏنو.

- لائي لِينگَ (ڪاموڏ ٢/١٧)= ڪپڙي جي پَٽي بڌي (ڳوڏ ڪري).

- لائي لِڳَ بَيوتَ (رامڪلي ٢/٢٥)= بيوتَ سان لِڳَ لائي، لڳن کي بيوت مِٽي ملي.

- پِهرين لايو پِريتڙو (بروو ١/٧)= اول نينهن لائي، عشق جي لنئون لڳائي.

- لائي لڏَ (مارئي ٩/١٩)= لڏ پاڻ سان لائي، لڏ پاڻ سان کڻي.

- لاَئِيا سير (ڪوهياري ٦/١)= سيرَ لاتا، واتون لايون.

- لاَيان ڳرِي (ڪوهياري ١/وائي)= پنهنجي ڳچيءَ ڳل لڳائيان.

● لائِين (مونث)، (مذڪر) لائون= گهٽتائي واري ڳالهه، گهٽتائي، ڪوجهائي.

- شَالَ مَ لَگَنِ لائِين (آسا ٣/وائي-١)= شال ڪا گهٽتائي واري ڳالهه نه لڳن، ڪو عيب صحي نه ڪن.

● لِباسُ= 'بيک' ڪوڙو ڏيک ويک، ڍَڪُ، پوشاڪ.

- لَڏِينِدي لِباسُ (ديسي ١/٢٢)= وڃڻ وقت جتن (بلوچن) وڏو بيک ڪيو، وڏي چال چلي.

- ڇَڏِي سي لِباسَ (ڪلهوڙي ٢/٥)= سي ڏيک ويک کي ڇڏي، ظاهري ڏيکاءُ ڇڏي.

- لِبَاسَ جِيُون (ڪارايل ٢/١٣)= ٻاهرئين ڏيکاءُ جِيُون.

- لڳِي ڪِينَ لِبَاسَ سِين (رامڪلي ٦/١٩)= (الف) تن جي دل ڪپڙن وڳن جي ٺاهه سان لڳي ڪين (ب) سي سچ جا طالب آهن، ۽ تن جي ٻاهرئين ڏيک ويک ڪوڙي لباس سان پوي ٿي ڪانه!

- لَهرِيين لَکَ لِبَاسَ (سنهڙي ١٢/٣)= لهرين جون بي شمار صورتون آهن (پر پاڻي ساڳيو هڪ ئي آهي).

● لِباسَان (رامڪلي ٢/٢٦)= لباس کان، لباس سان، ٻاهرئين ڏيک ذريعي.

● لِبيسَ = لباس ويس.

- ڪَرِي لالَ لِبيسَ (سارنگ ٢/٥)= ڳاڙها ويس ڪري.

- لالَنَ جي لِبيسَ (راڻو ٣/٢)= پياري دوست جي صورت ۽ پوشاڪ (جي سڪ ۾ آتڻ ۾ ويهي ڪتڻ ٿي نه سگهي).

● لِين= مِلَنِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ لَڏا لَيَن (ڪلياڻ ٥/٢٤)= ڪنهن ٻيا ڳ سان تڏهن اهي ملن.

● لَتاڙڻو لَڪين چڙهي (ڏهر ٥/٨)= ماري (شڪاري) پيرن هيٺان لتاڙيو، لڪ چڙهيو ماريو هليو وڃي.

ـ لَتوڙِئا (ڪارايل ٣/١٣)= لتاڙيل ٿيا (ڪنهن انهن کي لتاڙيو ته)، لتاڙجي پيا.

● لِتڻ= گپ چڪ.

ـ مَنجهان لِتڻِين لَڪ (ڪارايل ١/١٥)= (ڪانيرا کي ئي لَڪَ پڪي) گپن چڪن مان لتڙجي نڪتا.

● لَتو پاندُ مُهاءِ (ڪاموڏ ٣/١)= منهن تان پوتيءَ جو پاند لهي ويو.

ـ لَتو ڏَنُ ڏيهاءِ (ڪاموڏ ٤/٣)= ڏيهه تان ڏن لٿو، ملڪ تان محصول معاف ٿيو.

ـ لَتو ڏِرتُ (بلاول ٢/٣)= ڏک، ڏڪار لٿو.

ـ لَتسِ ڪوڏ ڪَپُورَ (مارئي ٣/٨)=(ڪپور=ڪافور) ڪافور جي خوشبوءِ وارا لاڏ ڪوڏ لهي ويس، سُرهايون سَرهايون لٿس.

ـ لَتِي لِڪَ (ڪاموڏ ٤/٣)= لِڪَ لهي وئي، ڳالهه پڌري ٿي.

● لَٽَ اوتاريُون (آبري ١٢/٥)= لَٽَ جا اوتار چڙهي ويا، لَٽَ ڍڪي ڇڏيون، پوري ڇڏيون.

ـ لَٽجي نتِ (رپ ١/٣٩)= سدائين پيو لَٽجي.

لَٽِ لائڻ= (اصطلاح) نابينا جي لٺ وٺي ڪيس رستو ڏيکارڻ.

ـ لَٽِ لائيندو ڪيرُ (آبري ١٢/٥)= اکين ڪانسواءِ مون انڌيءَ کي ڪير لٺ مان وٺي هلائيندو.

● لَپاتَ = زورائتي چماٽ.

ـ لَوٽي ڦيرِ لَپاتَ (راڻو ٤/٢)= لوٽيءَ وتان لپات، زورائتي چماٽ.

● لَپيٽَ = پاڻي جي وڏي ڇولي جو زوردار ڌڪ.

ـ لَڳي ڪامَ لَپيٽَ (سامونڊي ١/٩)= ڪا لپيٽ نه لڳي، ڪا وڏي ڇولي ڌڪ نه هڻي.

● لَپيٽڻ= ويڙهي ورائي سوڙهو سوگهو ڪرڻ.

ـ لَپيٽج (راڻو ٤/٦)= ڍَڪج (منهنجي مدائي، منهنجا عيب).

ـ جيٺن لوهارَ لَپيٽيو (بروو ١/٢)= جيٺن لوهار اٽلايو، ورايو ملايو. سوگهو ڪيو.

● لَپيٽيُون = ورائجي ويڙهجي ويون.

ـ توسين لالَ لَپيٽيُون (راڻو ٥/١٣)= اي منهنجا لال! توسان (منهنجيون محبت جون ميخون) لپيٽيل آهن.

● لڄ= عزت، شان.

ـ لَڄ بَلوچَان نشتغان (ديسي ٧/٦)=(بلوچڪي) بلوچن جي لڄ آهيان، ويني ئي هجان (هوند ٻاهر نه قران).

ـ لالَڻَ ڪارڻ لَڄَ (معذور ٧/١٢)= لالڻ (پنهونءَ) خاطر پنهنجي لڄ (برپٽن کي باسيائين).

ـ لَڄَ پنهنجي لوءِ ۾ (حسيني ١١/١٦)= (متان پنهون) پنهنجي ملڪ ۾ لڄي ٿئي.

ـ لَڄَ ڪَنئي (سامونڊي ١/٢٩، ڏهر ٣/٣)= لڄ جو بار ڪنيو، عزت آبرو جو بار ڪنيو.

ـ لَڄَ سَنڌياءِ (ڏهر ٣/١)= آءٌ تنهنجي لڄ آهيان (جيستوڻيڪ آءٌ اڳلي اوڏڻ آهيان).

ـ لَڄَ مري (پرياتي ٢/٩)= لڄ ۾ مري، شرمسار ٿئي.

● لَڄارو ٿيڻ، لڄي ٿيڻ= شرمندو ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.

ـ پورو ڪوهُ نه لَڄي (ڪلياڻ ٥/وائي)= ابوجهه ڇونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڄي ٿئي!

● لَڄاينِ= لڄاين لاءِ، جيڪي لوڪ اڳيان لڄي ٿين تن لاءِ.

ـ مَرڪُ لڄَاينِ (راڻو ۹/۱۳)=۱. جيڪي لوڪ اڳيان لڄي ٿين تن لاءِ مناسب. ۲. لڄ پت وارين لاءِ مناسب.

● لَڄيندو= لڄارو ٿي.

ـ لَڄيندو تو لاهِيَان (سورٺ ۲/۱۲)= لڄي ٿيندي (ته هي بي قيمت آهي، پنهنجو سر تو لاهيان (وڃي تو کي ڏيان).

● لَڄاڻي = لڄي ٿيس.

ـ آءٌ هَڏَ لَڄاڻي (مارئي ۲/۲۱)=آءٌ ته بالڪل لڄي ٿيس.

ـ وڃي لڄاڻو (آسا ۱/۸)= لڄي ٿي پيو، پنهنجي ڪوتاهيءَ سببان شرمسار ٿي پيو.

● لَڄَائِيَا = لڄائِجي پيا، کين لڄ جو تڪو لڳو (جو پنهون وڃي ڏوڀياٽي سان پرڻيو).

ـ ليـڙَنِ ڏِٺي لَڄائِيَا (آبري ۴/۱۱)= اٺن جا ڏٺي لڄائجي پيا.

● لُڄهڻ= لُڇڻ، تـڙڦڻ، ڪاوڙجڻ، ڪاوڙجي ڳالهائڻ (چوڻي: لُڄهه لُڄهه ڪُلڄهه نه)

ـ لَڪَنِ منجهه لُڄهي (ديسي ۳/۱۳)= جبل جي لڪن ۾ تـڙڦي.

● لِڇڪڻ، لِڇڪي وڃڻ= هڪ جاءِ تي نه بيهڻ، اڳتي پوئتي ٿيڻ، سِرڻ.

ـ لِڇِنو وَڃي (ڪلياڻ ۵/۱۸)= لِڇڪيو وڃي، (سر واري جاءِ تي نه وهي ۽ چُريو وڃي).

ـ نَہ لِڇِنَا (ڪلياڻ ۴/۳۸)= اصل جاءِ تان ذرو هيڏانهن هوڏانهن نه چُريا نه هٽيا، ذرو به پري نه ٿيا.

● لُڇِڻ= ڦٿڪڻ.

ـ لُڇان ۽ لوڇَان (سنهڙي ۱/۶)= آءٌ ڦٿڪان ۽ سوچان، تڙڦان ۽ ڳوليان.

ـ لُڇان ٿِي (آسا ۱/۱)= ڦُٿَڪان ٿي.

ـ تِنهِ لاليءَ آءُ لُڇائِي (آسا ۲/وائي-۱)= تنهن سونهن مونکي لڇايو، مونکي لوڇ پوڇ ڏني.

ـ لُڇَنِ، ڪُڇَنِ نہ ڀِٺو (يمن ۲/۶)= ڦٿڪن، پر واتان ڪجهه نه چون.

ـ لُڇَڻَ لَٺُون (يمن ۴/۵)= لڇڻ واري لَٺُون، لڇ پڇ واري سِڪَ.

ـ لُڇي لاَلَڻَ لاءِ (آبري ۴/۲۴)= (سسئي پنهنجي پياري (پنهونءَ) لاءِ لڇي.

ـ لُڇي ڪِينَ ڪُڇي (آبري ۷/۱۷)= اندر ۾ پئي لُڇي پر واتان ڪِينَ ڪُڇي، زبان مان ڪا ڀِڙڪ ٻاهر نه پئي ڪڍي.

● لَحظي جيتري (يمن ۵/۲۰)= ذري جيتري، لِڪَ جيتري.

ـ لَحظي مَنجِهه (سري راڳ ۱/۱۳)= پَل ۾، بلڪل جلد.

● لَحَمُ= ماسُ، گوشت.

ـ نَڪو لِڳَ لَحَمُ (مارئي ۱/۱۲)= نڪو ٻُت تي ملسُ.

● 'لَحماً' (مارئي ۱۱/۲۵)= قرآن شريف جي سوره 'فاطر' جي آيت نمبر (۱۲). لفظي معنيٰ: (دريائن ۽ سمندر مان) تازو گوشت ۽ جنسار (سون، موتي، وغيره) کيو ٿا جيڪو پايو ٿا (اصطلاحي معنيٰ) ٿر جو تازو طعام ۽ صاف سٿو سادو لباس.

● لَذَّ= لذت وَٽ.

ـ لالَڻَ تَنِي لَذَّ (سنهڙي ۲/۱۳)= پيارو سجڻ تن جي لذت وٽ آهي (تن اهڙي وڏي وٽ کي ڳولي لڌو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجي ملڪ ۾ ريڪو پيلو هو، وڻ هئا).

— ليرَنِ لَنگهي لَسَ (حسيني ٥/٢)= انهن لس پيلي وارو ملڪ لنگهيو (۽ اڳتي ڪيچ ڏي ويا).

● لِسانَ=زبان. لسانا=لسان سان، زبان سان، زبان مان.

— قلب ساڻ لسان (ڪلياڻ ١/٧)= دل ۽ زبان ٻنهي سان.

— لِسانَ سِين (رامڪلي ١/٢٩، آسا ٥/٧)= زبانَ سين.

— پِڙهه لالَڻَ لِسانا (سري راڳ وائي ٢/١)= اي پيارا (لالڻ!)، تون زبان سان پڙهه.

● لَسِي تَندُ (ڪاپائتي ١/٢٣)= اها تند جنهن ۾ ڳنڍيون ڳوڙها يا ٻڙا نه هجن.

● لُطفَ ، لُطفُ (سري راڳ ١/١)= ڪرم، مهر.

— لُطفَ ساڻ (سنهڻي ٣/١)= ڏڻيءَ جي ڪرم سان.

لَطِيفُ= ١. الله تعاليٰ ٢. شاهه عبداللطيف.

— لَهين تون لَطِيفَ ڪان (سري راڳ وائي ٢/١)= تون الله تعاليٰ ڪان حاصل ڪرين. الله تعاليٰ توکي عطا ڪري.

— لاهي سِرُ لَطِيفُ چئي (ڪلياڻ ٤/٤، ٤/١٦)= لطيف ٿو چوي ته سِر لاهي.

● لَطِيفَنِ = سهڻن سپاجهن.

— لَڌيو لَطِيفَنِ (راڻو ١٠/١٢)= سهڻن سپاجهن لڌيو.

● لُعابُ= پاڻيٺ، پِڪَ، مَڪُ. ڪوريئڙي وارو جار.

— لاهيين جي لُعابُ= جي تون مٽيون ڏيکاءُ وارو مَڪُ ۽ سٽي لاهين، جي تون پنهنجي مٽان ڪوريئڙي وارو جارُ لاهين.

● لَعلَ (سامونڊي ١/١٢)= لعلون.

● لَغارَ = ٿورو ڏرو، سڪ جي رَتي.

— پَسِي لِيءَ لَغار (ڪاموڏ ١/١)=ٻچيءَ جي ڏري جيتري ڏَپ. (ليءَ = ليئي مچي)

— لَڳڙي آهِ لَغارَ (ديسي ٧/وائي-١)= مونکي محبت جي لغار لڳي، سڪ جي رتي سَمائي آهي.

● لُقمانِ (مارئي ١٠/١١)= قرآن شريف جي سُوره (٣١) جو نالو (جنهن ۾ لقمان نالي اڳئين جُڳ جي، الله پاڪ جي چاڻ واري، هڪ وڏي ڏاهي جو نالو ۽ مثال آندل آهي).

● لَڪُ= چيلهه وارو وَڪو چيلهه.

— لوئيءَ اندر لَڪُ (مارئي ٧/٩)= چيلهه لوئي سان ڍڪيل.

— لَڪُ لَهرِينِ ڇڏيو (سنهڻي ١٠/٢٠)= چيلهه وارو وڪو (چيلهه) لهرين ۾ اچي ويو. لهريون چيلهه کان مٿي ٿي ويون.

— لَڪ سَنهين (سامونڊي ٤/٨)= چيلهه سنهين.

● لڪُ (جمع) لَڪَ= جبل جا لانگها، ڏکيو لانگهو، آزمايش وارو لنگهه.

— لانچي لَڪَ لَطِيفُ چَئي (آبري ٢/١)= جبلن جا لڪ جانچي، چيلهه تي سندرو ٻڌي.

— لَڪِ تَهِين سِين (آبري ٨/١٣)= (اي سسئي! سڄڻ جو سور ۽ درد سنو رفيق ۽ ٻيلي آهي، تون تنهن جي رفاقت سان) سِپ لڪ لتاڙي لنگهه!

— مٿان لَڪَ، لَطِيفُ چئي (مارئي ٢/١١)= لطيف ٿو چوي ته ڏکيي لانگهي وقت، ڏکي آزمايش وقت (پنهنجو سَت وارو خزانو جلاءِ).

— لَڪَنِ جي لوڏُ (حسيني ٣/٦)= جبلن جي لَڪن تي لوڏا کائي لُڏي چڙهڻ واري حالت.

— لَڪَ مَٿي لاڳُو (ڪوهياري ٤/٨)= لَڪ (ڏرو وات وارو) تي محصول جي ادائگي.

— لُکَنِ ۽ لَڪَنِ (آبري ١/١٩)= گرم جهولن لُکن، ۽ ڏکين لَڪن لانگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڪُونجَ نَہ لَڪيو (ذهر ۵/۱۰)= ڪونج نہ سڃاتو.
- لَکِي جي ہُجَهِنِ (پرياتي ۱/۱۲)= جيڪي پري ڪان ٿورڙو ڏسڻ سان ئي صحيح ڪري ٿا وٺن، ذرا ڏسڻ سان ئي لکي ٿا وٺن، سمجهي ٿا وٺن.
- جن لِڱو تن لَکيو (حسيني ۶/۲۰)= جن کي (تير) لڳو تن سو سڃاتو.
● لِڪُون ڪَري (گهاتو ۱/۱۱)= ريڪون ڪري، ڪَتِجي پُري سيرون ڪري (لوهہ جون ڪليون پٽيون ڳري ويون).
● لِکِيو، لِکيو= جيڪو لوح محفوظ ۾ قلم لکيو، ازل جو انگل لکيل جيڪي تقدير ۾ لکيو، ڪرم ۾ لکيو.
- لکيي منجهان (معذور ۵/۸)= جيڪي 'لوح' ۾ قلم لکيو تنهن منجهان، تقدير جي لکيي مان.
- جو لکيو هُتِ (يمن ۲/۲۹)= جيڪي اتي قلم لکيو.
- لِکيي لوحَ جي (مارئي ۱/۱۵)= لوح قلم جي لکيي.
- لکيا لوح قلم ۾ (گهاتو ۲/۲)= ازل کان وٺي لکيل آهن.
- لِکيي جون (آبري ۲/۴)= قسمت ۾ لکيل انگ جُون.
- لکيو جو نراڙ (معذور ۵/۹)= جيڪي نراڙ ۾ لکيل، جيڪي چٽو پڌرو پيشانيءَ تي لکيل.
- لِکيو تان نہ ٽري (کوهياري ۱/وائي)= تقدير ۾ جيڪي لکيو سو ضرور پورو ٿئي.
- هڪُ لِکيي هئي نِيهَن (سنهڻي ۱۱/۶)= هڪ ازل جي لکيي، پيو عشق.
- لکيي آءُ لَڌِي (ديسي ۱/۴)= لوح قلم جي لکيي مون کي جهليو.
- جي لِکِئي لَڌِيُون (آبري ۴/۸)= لکئي (ازل جي لکيل فيصلي) کي لڌو، جن جي لکئي ۾ لکيل آهي، قسمت ۾ لکيل آهي.
- لِکِئي لامُون ڪوڙيُون (برور ۴/۵)= جيڪي تقدير ۾ لکيو هو سو اچي پورو ٿيو.
- ويئي لکيو لوڙيان (سري راڳ وائي ۴/۲)= جيڪي نصيب ۾ لکيو سو ويئي پوڳيان.
● لَکِي= لاکي جي گهوڙي جو نالو.
- لَکِي لاکي ساڻُ (ذهر ۳/۱۶)= لکي گهوڙي سدائين لاکي جي سواري هيئ.
● لَڳِ = واسطي، لڳو لڳ، ساڻ، پيڙو.
- لالَڻَ لَڳِ ٿِين (سنهڻي ۱۲/۳)= لالڻ پيڙي ٿين.
- لَڳِ الله (راڻو ۴/۱۰)= الله واسطي.
- لَڳِ جَلِيلَ (راڻو ۵/۱)= الله لڳ! خدا جي واسطي.
● لَڳَڻُ= ڏک جو نڪاءُ ٿيڻ، باهہ جو لڳڻ، واءَ جو لڳڻ، ڪنهن جي پريان لڳڻ، ڪنهن هڪ جو ٻئي کي ڇهڻ، ٽڪرجڻ، پيڙو ٿيڻ، عشق جو لڳڻ.
- عِشق ساجن دا لَڳا مَين نُون مائي! (ڪلياڻ ۴/وائي-۲) = اي امان! مون کي پياري سڄڻ جو نينهن لڳو آهي.
- لَڳَم پاڻُ پِروچَ جو (حسيني ۶/۱۱، ۱۱/۱۷)= بلوچ (پنهونءَ جي محبت) جو تير لڳم، مون کي سندس عشق لڳو.
- لَڳَمِ لوهَ (مارئي ۵/۹)= لوهہ جون ڪڙيون پيون، قيد جا بند لڳا.
- لَڳَندي لَڪِنِ سين (آبري-۱۱/۸)= لَڪن سان ٽڪرندي، لکن مان لنگهندي، جسم جو لکن جي چپن سان لڳندي.
- لَڳَندي لَڪَنِ ۾ (رپ ۱/وائي)= لکن سان ٽڪرندي، جسم جو چپن سان لڳندي.
- لَهرِيُون صَحيءَ لَڳَندِيُون (سري راڳ ۳/۱)= وڏيون

- لَنگهيءَ جو پَتار (پرياتي ٢/١)= لنگهو، مگهار.
● لَنوڻ= پکيءَ جو بولي ڪرڻ، لات لنوڻ.
- ڪانگَ لَوندو ڪَڏهين (سنهٽي ١١/١٦)= ڪانگ ڪڏهن (واڌائي واري) بولي ڪندو.
● لَنءُ، لنءُ= عشق، سڪ، محبت.
- لايئين لَنءُ لَطيفُ چئي (سنهٽي ٨/١)= لطيف ٿو چوي ته: عشق لاتائين.
- لَنءُ لايا (ڪلياڻ ٤/٣٤)= لَنءُ لڳا، عشق ۾ پيا.
- لَڳين لَنون لَطيفُ چئي (يمن ٦/٥)= لطيف ٿو چوي ته انهن کي محبت لڳي، عشق لڳو.
لَنڻُ، لَنوڻ = مٺي بولي بولڻ.
- آءُ ڪانگا لَنءُ لات (بروو ٢/٧)= اي (محبت جا پيغام ڏيندڙ) ڪانگل، آءُ ۽ اچي ڪا بولي ڪر (۽ واڌائي ڏي).
● لَنءَ لَنءَ (ديسي ٧/وائي-١)= وار وار ۾.
● لوڀَ= طمع، لالچ.
- هِڪڙي لَهرِ لوڀَ جي (سري راڳ ٢/٢٧)= هڪڙي تکڙ تيزي طمع جي.
● لُوٽَ= ڏِکَا.
- لُوٽَ لِيارَ (سنهٽي ٤/١٨)= ڏِکا وڻ ليار جا.
● لُونو=١.سڙيو بريو ٢. ڏکاريل، مٺي هاب، ڪميڻو.
- لَڳِيءَ لُونو نه ٿِيان (ڪلهوڙي ٣/١٢)= (جهنگَ ٿو چوي ته:) باه لڳڻ سان هوند سڙي نه وڃان!
- لُونو لُڏائو (راڻو ٤/١٧)= لُڏائو لهسيو، بريو.
● لُوني (جمع) لونيون=١. سڙي، ماري، ٢. ڏکاريل، مٺي هاب، چڙواڳ، بي لڄي، ڪميٽي.
- سا لُوني ليلان جيئَن (ليلان ٣/٥)= اها ٻـ ليلان وانگر ڏڪارجي وئي.
- لُونيءَ تان سبِ لاهيو (آبري ١/وائي-١٠)= هن سَڙيءَ تان سڀ لاهيو.
- لُونيءَ کي مَرلَجايو (آبري ٧/وائي)= هن سَڙي ماريءَ کي لوڪ ۾ لڄي نه ڪريو.
- لُوني تو لَجائيو (معذور ٤/٧)= اي سڙي! تو لڄايو.
- لُونيَسِ لُڏائي (راڻو ٧/٤)= (لَهسڻ= ساڙڻ. ماضي لُونيو، لهسيو) لُڏائي مون کي ساڙيو پاريو.
- لونيسَ لانگوتينِ (رامڪلي ٦/٢٢)= انهن فقيرن درويشن مونکي جلايو ماريو.
- لُونيَسِ لاڳاپَنَ (رپ ١/٣١)= آءُ واسطن ۽ ننگن ساڙيَس، ڪانيَس.
- لالَنَ لَئي لُونيُون (معذور ١/١)= ١. پياري سجڻ لاءِ سڙي ويون، ٢. پنهنجي پياري سجڻ خاطر لوڪ ۾ بي لڄي ٿيون.
- ٿِيون لُونيُون سَهَنِ لوڪَ ۾ (کوهياري ١/١٧)= اهي بي لڄيون لوڪ ۾ ٿيون طعنا مهڻا سهن.
- لُونيُون سَهَنِ لوڪَ جا (يمن ٦/وائي)= ڏکاريل ڪميٽيون لوڪ جا طعنا مهڻا سَهن.
● لُوپِنا= اوڪا ڪيا، جنجال ۾ وڌا، لُٽجي ويا.
- لِلهِ ڪارَڻَ لُوپِنا (رامڪلي ٤/١٠)= خدا ڪارڻ ڏکيا ٿيا، ڏکوئجي ويا، ڦرجي ويا.
- لُوپي آئيَا (سامونڊي ١/٣٣، ٤/٢٣)= لُٽي آيا، واپار ۾ کٽي آيا.
- لوهُ پَـچي لُوپي (مارئي ١/٤)= لوهه وارو بند پـچي، لُٽي ڦري.
● لوچَڻَ = محبت ڪرڻ، وڏي ڪوشش ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- لويَڻَ جي لطِيف چئي (ديسي ۲/۱۴)= لطيف ٿو چوي ته: ڪوشش ڪرڻ (توتي لازمي آهي).
- لوڪَ وڄان ئي لوحَ (حسيني ۵/۴)= ڪوشش ۾ ڳولا (لوح) سسئي کي ماٺهن منجهان ئي (ڪڏي وڃي پنهونءَ تائين پهچايو).
- مون کي ڇيان لوحِ (حسيني ۲/۱۵، ۱۲/۶)= مون کي ڇيڻون ته: تون پاڻ پَتوڙ، تون ڪشالا ڪر.
- لَوحَ تُنهنجِي نه لَهي (آسا ۴/۲۳)= اُن تڻ ۾ سڪ تنهنجي نه لهي.
- آءُ تي لوڇان لوءَ ۾ (مارئي ۵/۷)= آءُ لوهي قيد بند ۾ پئي سڪان سوچان، ڳڻتيون ڪريان.
- لُڇان ۾ لوڇان (سنهٽي ۶/۱)= لِڇَ پڇ ۾ آهيان ۽ پئي پريشان ٿيان.
- لوڇِن ٿيون (سارنگ ۲/۷)= سڪن ۽ سوچن ٿيون، فڪرمند ٿين ٿيون.
- لوڇنو تان نه لَهَنِ (يمن ۵/۶)=جانچي ڳولي هٿ نه ڪن.
- لوڇنو لُڇنو (رپ ۱/۹)= لوڇيندي، لڇندي، فڪر ڪندي، سوچيندي.
- لوڇي لاَهُوتي ٿِئا (ڪاهوڙي ۲/۱، ۲/۸)= فڪر ڪري سوچي ڳولي هو وڏي درجي وارا (لاهوتي ٿئا).
● لَوحَ قلم ۾ (آبري ۵/۷، معذور ۵/۱۰)= ازل جي پَٽي (لوح) تي قلم جيڪي قادر جي حڪم سان لکي ڇڏيو.
- لکيو لَوحَ ۾ (معذور ۵/۹)=لوح قلم ۾ لکيو.
● لوڏِڙا، لوڏينڙا = لوڏ وارا، مومل جي لوڏ وارا، هن جهان جي شغل وارا.
- لَڏئو لوڏيڙَنِ (راڻو ۲/۱۰)= لوڏينڙا لڏي ويا، شائق ۽ شوق وارا هليا ويا، اهي وڏي مان مرتبي وارا مري ويا.
● لوڏي = لوڏ وارا، شوق شڪار وارا.
- لوڏي لَڪَ اُچَن (راڻو ۲/۵)= شوق وارا، شائق مومل لاءِ گهٽائي اچن.
- لوڏي ٿِئا (راڻو ۲/۷)= ۱. مومل جي عاشقن جي لوڏ ۾ شامل ٿيا ۲. لوڏ جي ويا، مومل جي وصال ۾ ناڪام ٿيا.
● لوڏ= هلڻ جي سهٽي لوڏ، سهٽي هلڻي.
- لَوڏان = لوڏ ۾، هلڻ تلڻ ۾.
- مون لوڏان ئي لَکيا (ديسي ۷/۱)= مون سندن هلڻي واري لوڏ مان ئي کين صحيح ڪيو.
- لوڏان ئي لَڪَ لَهي (آسا ۳/۲۱)= هَلڻ جي سهٽي لوڏ ۾ئي هو لڪ لهي، هو وڏي ملھ وارو آهي.
● لوري= 'لورن' ڪاريگرن جو ناهيل تکي لوهي نوڪ وارو تير.
- لوري جِتِ لَڳوم (يمن ۳/۱۲)= مون کي جنهن جاءِ تي تکو تير لڳو.
- لائي وِئڙا لوري (ڪوهياري ۶/وائي-۲)= عشق جي لٺون لائي ويا، لوري ڪانُ هٽي ويا.
● لوڙو (جمع) لوڙا = حملا، هَلائون.
- لاهِين نه لوڙا (بروو ۱/۸)= حملا هَلائون بند نه ڪن.
- مَتان لوڙو لاهين (بلاول ۳/۱۳)= متان ان جي مٿان حملو بند ڪرين!
● لوڙا = زوردار ڳالهاءَ (نصيحتن جا)، چتا تاڪيد وارا ڳُتا (هدايتن جا). وڏا هُلَ، وڏا آواز. لَڙَ.
- لاهوتين لوڙا (رامڪلي ۱/۳۹)= وڏن فقيرن وڏي

سڏ (وڏي آواز سان) گهڻو ڪجهه چيو.

- جتِ لهريون ڪنِ لوڙا (سنهڙي ۳/۱۳)= جتي چوليون وڏا ڪڙڪا ڪن.

● لوڙائو=لوڙا هڻندڙ، لوڙيون هڻندڙ، زوري زبردستي مال ڪاهيندڙ، هاڙو.

- جڏ سي لوڙائو ٿيا (مارئي ۹/۱)= جڏهن جو اهي هاڙو ٿيا، حملو ڪندڙ ٿيا.

- لکين لوڙائو (حسيني ۵/۹)= بي شمار حملي وارا، گهڻا ڦريندڙ.

- لوڙائنِ سين (ڏهر ۳/۲۴)= لوڙ هڻندڙ ساٿين سان گڏ.

● لوڙڻ= سهڻ، پوڳڻ.

- ويني لکيو لوڙيان (سري راڳ وائي ۴/۲)= ازل جو لکيو ويني لوڙيان، جيڪي لکيو سو ويني پوڳيان.

لوڙهه= مڙهه، جنازو، ميت.

- لتي لوڙهه وٺام (آبري وائي ۶/۶، حسيني ۱۲/وائي-۱) = منهنجو مڙهه پوري وٺا.

- منهنجو لوڙهه لتاءِ (حسيني ۶/وائي-۱)= منهنجو جنازو پوراءِ.

- مٺيءَ جو لوڙهه لڏن ۾ (آبري ۱۰/وائي-۳)= (اي منهنجا پرين پنهون) تون هن مٺيءَ جو (منهنجو) جنازو جبلن جي لڪن ۾ اچي پور.

لوڙيون= ڪُوٽيءَ جي پاڻ وارا ننڍا ڪچا لوڙ.

- لوڙيون ڪينِ لطيفُ چني (ڪاموڏ ۲/۳)= لطيف ٿو چوي ته: اهي لوڙيون ڪاٺ.

لوڙ (جمع) لوڙيون= زوري ڪاهيل مال، ڌاڙا هڻي ڪاهيل چوپايو مال (اٺ، ڍڳيون، مينهون).

- سي لوڙيون ڏين نه لاڳ (بلاول ۳/۱)= اهي زوري ڪاهيل مال (مال ڪاهيندڙ، لوڙيون هڻندڙ) ڪو محصول نه ڏين، ڪو ڏنڊ نه پرين.

- لوڙيون هٽي (ڏهر ۳/۱۹)= چوپائي مال جا ڌاڙا هڻي، مال ڦري ۽ ڪاهي.

- لوڙيون ڇڏيون (ڏهر ۳/۲۸)= لوڙيون بند ڪيون.

● لُوسڻ= لُهسڻ، لُهسجڻ، لُوساٽجڻ.

- جنِ پٽا لوسن لڪَ ۾ (ڪلهوڙي ۲/۲۱)= جنن جو اهي سخت گرم هوا، لُڪ ۽ جهولي ۾ پيا لوساٽجن.

● لوڪُ (آسا ۴/۶)= جڳ، ماڻهو، عام ماڻهو.

- لوڪَ جا (يمن ۶/وائي)=اوڙي پاڙي جا ۽ بين سيني جا.

- لوڪَ سين (رامڪلي ۵/۲۵)= عام سين.

- لوڪِ نه آڇِن پاڻ (حسيني ۳/۴)= پنهنجو هيڻو ڏکيو حال ماڻهن کي نه ٻڌائين.

- لوڪَ نه لکي سَسُئي (آبري ۷/۱۷)= سسئيءَ کي ماڻهو لکي نه سگهيا، صحيح ڪري نه سگهيا.

- لوڪَ سُئي (معذور ۴/وائي-۱)= هوءَ (سسئي) جڳ ۾ پنهونءَ جي سڳَ سان مشهور ٿي.

- لوڪِ نه آڇي اوءَ (رپ ۳/۴)= هوءَ لوڪ کي نه ڏيکاري، بين ماڻهن ۾ پڌرا نه ڪري.

- لوڪَ لکَ پئي (راڻو ۱۰/۷)=لوڪ کي معلوم ٿي وڃي، لوڪَ ۾ لکا پوي.

- لوڪَ ستي ٿي ڇڏيا (رامڪلي ۶/وائي)= لوڪ ستوئي پيو هو جو هو پنهنجا آسڻ ڇڏي ويا. (هليا ويا).

- لوڪُ مڙوئي لهسنو (آبري ۱/۲۰)= سڀ ماڻهو ويچار ۾ ڏڪوئجي ويا، سارو جڳ ارمان ۾ اچي ويو.

- لوڪَ لباسُ (بروو ۴/۲)= ٻاهريون ڏيکاءُ، ٻاهرئين ڏيکاءُ وارو عمل، رياڪاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- لوڪَ لَڪاءِ (يمن ٤/٥)= لوڪ ۾ لَڪا پَوي، لوڪ کي ڪا خبر پوي.

● لوڪان، لوڪاءِ= لوڪ کان، ماڻهن کان.

- لوڪان لِڪي سَپُڪو (آسا ٦/١)= ٻين ماڻهن کان سپڪو پاڻ کي لڪائي، لوڪ کان تہ هرڪوئي لِڪ ڪري.

- لوڪان ڪل نہ ڪائي (ڪلياڻ ٤/وائي-٢)= عام ماڻهن کي خبر ڪانهي.

- لِڪائي لوڪاءِ (يمن ١/١٤)= لوڪ کان لِڪائي.

● لوڪو= اي ماڻهوئو!

- دل مــاهِي دي نال لــوڪو (ڪليــاڻ ٤/وائي)= اي ماڻهوئو! منهنجي دل ماهي ساڻ آهي.

● لُولاٽ (حسيني ٧/وائي-١)= منٿون زاريون (تہ مونکي ڪيچين جو ڪو ڏس ڏيو).

● لُونِ= ڦڙڪن، ڦڙڪڻ جو آواز ڪن.

- لاڄُوتا لُونِ (سامونڊي ٤/٢٢)= ٻيڙن، جهازن جا جهنڊا ٿا ڦڙڪن.

● لُونڙ= لوڻ.

- وکر وهاڻي لونڙ (سري راڳ ٣/١٣)= لوڻ جو وکر خريد ڪري، لوڻ سودي.

● لُونءَ= اُٺيل لوئيءَ جا سنهڙا وارڙا (ذرا ٻاهر نڪتل).

- وَرُ لوئيءَ جي لُون (مارئي ٧/١)= پَل تہ لوئيءَ جا سنهڙا وارڙا.

- لُونءَ بَرابَر لَکَ (مارئي ٧/٢)= لکن جا لک (لوئيءَ جي) لُون برابر آهن.

● لُونٽــان= اُلا، ڦُلا (ٻاهہ جا) ڏَنوٽيءَ جي زوراٽين ڦُوڪن سان اپــرنڊڙ ٻاهہ جـون تکيــون لهـســون، تکا ساڙيندڙ سيڪ.

- لُونٽان لُهارَنِ جا (يمن ٤/١٦)= لوهارن (جي ڏَنوٽين) جا اُلا ڦُلا.

● لوڻ ٽٽي (ڪاپائتي ٢/١٢)= (لوڻ وانگر) ڀُري، وِکري.

● لُوڻ، لُنوڻ= پکيءَ جو لات واري ٻولي ڪرڻ.

- ڪانگُ لُونُدو (سارنگ ٢/١٦)= ڪانگ واڏائي طور لوندو، واڏائي واري ٻولي ڪندو.

● لُوٽُو= سنڌ مان ڪڇ ڏانهن رَهمڪي واري واٽ تي ترُ پــتــارو، اُتان اڙائي ڪوهہ (پنج ميـل) اڳـتي رڻ جـو اوڪارُ لوٽو يـا لوٽو بندر جــتان ڪـان ٻَني جــو علائقـو شروع ٿئي.

- لُوٽي آئيو (ڏهر ٣/١٢)= لوٽي جي شهر تي آيو.

- لُوٽي مَٿان لوڪَ (ڏهر ٣/١٣)= لاکي لـوڙيون هڻي حملا ڪري، لوٽي تان راڄ لڏائي ڇڏيا.

● لُوٽُو= ٻنهي پاسي، ڪنن ۾ اکين جي وچ وارو مٿي جو پاڳو.

- لُوٽي ڦير لپاٽ (راڻو ٤/٢)= اها لپاٽ جيڪا لڳي تہ لوٽو ڦيرائي ڇڏي.

● لوئڙيارين (مــارئي ٩/٨)= لوئي وارين کي (منهنجي وطن وارين کي).

● لوهہَ= تيرن جي چوٽين وارا لوهہ، تيرن جون لوهيون چوٽيون لوها ڪَرا.

- جَني لوهہَ لڳن ۾ (يمن ٣/١٣)= جن جي جسم ۾ (محبوب جي هنيل) تيرن جون لوهيون نوڪون آهن.

- لِچنو وَجي لوهہُ (ڪلياڻ ٥/١٨)= (ڪاتيءَ وارو) لوهہ لچڪئو وڃي.

- لوهہَ (مارئي ٨/٣)= لوهہَ- ڪَرا ، لوها ڪرا.

- لوهَ ۾ (مارئي ٥/٧)= ڪڙين ۾ زنجيرن ۾ (بند ۾).

- جي مان لوهَ لاهين (مارئي ٤/١)= جي تون منهنجون لوهيون ڪَڙيون ڪاٽين.
- لوهَ تَني ڪي لاهيين (مارئي ٦/١١)= تن جا لوها ڪَڙا لاهين، قيد بند لاهين.
- لُوههَ ٻَري (يمن ٤/٢٠)= اوزار وارو لوه يا رُڪ تَپي ڳاڙهو ٿي ٻري.
- لوه ٻِنوَ (يمن ٣/١٤)= ٻني قسم جو لوه، عام رواجي لوه نہ پر خاص قسم جو وڏيڪ سخت ۽ وڏيڪ وڍيندڙ.
● لوههَ (ڪنيات ٤/١٧)= (اٽ جي پاڪڙي سان) ٻَکهيا‌ڙين واريون لوهيون ڪليون.
لُوهَ (حسيني ٢/٤)= سخت گرم جهولو.
- تہ مَرُ لَڳي لُوههَ (آسا ٣/٢٥)= تہ پَل لُڪَ لڳي.
لوهاٽو (سنهٽي ٤/١٥)= لوهاٽو درياءَ (درياءَ جو اهو وهڪرو جيڪو شهدادپور نصرپور وٽان هو).
● لوهَرَ = لوهار.
- جا پر لوهَرَ لوهَ (بروو ٣/١٢)= جيڪا سٽ ڪٽ ۽ سختي لوهار لوهہ سان ٿو ڪري.
● لوهَڙيون، لُهڙيون، لَوهٽيون (سنهٽي ١/١٨)= لُهڙ جنس واريون مڇيون جيڪي ڪَنڊو هٽن.
● لوهُو (ڪوهياري ٤/١١)= رت.
لُوهِيُون = سَٽون، وهڪري جون تيزيون تڪايون.
- ڏئي لوهاٽو لُوهِيُون (سنهٽي ٤/١٩)= لوهاٽو درياءَ پنهنجي وهڪري جي تڪاين ۽ تيزين سان، لڙهندڙ يا ترندڙ شين کي آٿيو آر ۾ هٽي.
● لوءِ = ماڳ، وَسين، ڳوٺ، وطن.
- ڳِنهي وِحان لوءِ (مارئي ٤/١٥)= ڳوڙهن جون قطارون پاڻ سان ڪري پنهنجي وطن وحان.

- پهرينِ وِحان لوءِ (مارئي ٥/٦)= پهريائين وحان پنهنجي وطن.
- لالَڻ جَني (نہ) لوءِ (سارنگ ١/١٦)= جن جا پيارا سڄڻ سندن پنهنجن ڳوٺن ۾ موجود ناهن.
- لوءِ وِجي ڪو چوءِ (مارئي ٥/١١)= منهنجي ڳوٺ (وطن) وڃي ڪو چوي، منهنجو پيغام پهچائي.
- جِنهِ ڪَرَ پُڇي لوءِ (آبري ٤/١٧)= جنهن ڪان (پنهونءَ جي) ڳوٺ جو پڇي.
- لَنگهہ لاهُوتي لوءِ (رامڪلي ٢/٢٢)= اي الله وارا فقير (لاهوتي)، تون ڳوٺ وَسينءَ مان (هن جهان مان) عجز ۽ عاجزيءَ سان لنگهي وڃ.
- لاکو لوءِ بَلوءِ (ڏهر ٣/٩)= لاکو ڳوٺان ڳوٺ ۾، هر ڳوٺ ۾ (حملا ڪري وڙهي).
● لوئَڙيارِي (مارئي ٧/٩)= لوئي واري.
● لوئي = اُنَ جي ڏاڳن مان اُڻيل ٿلهي چادر.
- لوئيءَ لَجَ مٿي ڪَري (مارئي ٢/١٢)= لوئي جي لج کي مٿاهون ڪري، لوئي جي لڄ سان مٿي کي ڍڪي.
- لوئي ۽ لَڪ (مارئي ٥/٤)= (الف) لوئي ۽ پٽن جا لَڪ (ب) لَڪ (چيلهہ) تائين ويڙهيل هن اباڻي لوئيءَ سان (پنهنجن پيارن مارُن سان ملڻ جو انجام).
● لَهَرَ (جمع) لَهَرون، لَهَرِ (جمع) لَهَرِيُون= (الف) سمنڊر جي وڏي لهر جيڪا پري کان ڪِلندي (چمڪندي)، ('لَهر' ڪناري کان پري، وڏي سمنڊر ۾ ٿيندي پر ڪناري جو اهڃاڻ ڏيندي. لهر جو رخ هميشہ ساڳيو هوندو. سنڌ لاڳو سمنڊر ۾ لهر (تارن جي حساب سان) 'سِٺيل' کان شروع ٿيندي، جنهن جي رخ سان ناکئا پيڙي ڪناري ڏانهن آٿيندا. (ب) درياہ جي وڏي تکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَهڪ، مسلسل چولي.

- لَهرِيين لَڪَ لِبَاسَ (سنهڻي ۱۲/۲)= لهرين جا ڪَٿين نوع نمونا آهن.

- لَهرِ لَڳَندِي نِتِ (سري راڳ ۱۲/۲)= هميشه لهر پلسن ڪان لڳندي، ضرور پاسن ڪان لهر ڏڪ هڻندي.

- لُڙ لهرين لَس ليٽ (سامونڊي ۹/۱) = ڏڏڪار، چولين ۾ پاڻيءَ جي يڪي اٿل پٿل.

- وانءُ تُون لَهرِنِ گَڏِئُو (سري راڳ ۲۵/۱)= تون لهرين چولين سان گڏ (پنهنجي بيڙي هاڪاري) پيو هل.

- لَهرِن پاندِ (سنهڻي ۱۵/۷)= لهرين سان لڳي.

- لَهرِين سِرِ (سنهڻي ۱۶/۸)= لهرين مٿان.

- لَهرِينِ لوڏِي (سنهڻي ۱۰/۳)= لهرين ۾ لوڏجي.

- لَهرِينِ لوڏيا ڪِينَ ڪِين (سري راڳ ۲۳/۲)= انهن کي لهرين ڪوبه نقصان نه پهچايو.

● لَهرو = نندي بيڙي، لاهري (لاهري بيڙي يارهين صدي عيسوي کان وٺي سنڌو درياءَ ۾ سامان ڍوئڻ توڙي مسافري ڪرڻ ۾ ڪم ايندي هئي، (لاهري بندر انهن لاهري بيڙين جو هو).

- لَهرو لَهرين وِچ مان (سري راڳ ۱۹/۳)= نندڙي بيڙي لهرين جي وچ مان سلامتي سان لنگهاءِ (يا الله پنهنجي ٻاجهه سان).

● لَهَس = جَرِ، سازو، باهه جو سيڪ.

- پَسِي لَهَسَ نه لِڇِنا (ڪليات ۳۸/۴)= (باهه تي عاشق پتنگ) سيڪ ۽ سازو ڏسي نه هٽيا.

- لَهسَندي لاٽيُون ڪري (بروو ۴/۴)= سيڪ ۾ جلڻ سان مٺا آواز ڪري.

"لَهمُ البُشري" (سري راڳ ۱۶/۱)= انهن لاءِ خوش خبري.

● لَهَن= ڳُولي لهڻ، ڏسڻ، سارڻ، سنڀار ڪرڻ، ڳولي هٿ ڪرڻ، حاصل ڪرڻ.

- جي لَهين (سري راڳ ۶/۱)= جيڪڏهن تون پروڙين.

- لَهين تون لطيف ڪي (سري راڳ وائي ۱/۲)= تون الله کي حاصل ڪرين، ماڻين.

- لَهَنِ سَارُون (يمن ۲۸/۲)= سنڀارُون لهن، يادگيرون ڪن.

- لَهندءِ سَارَ (ڪليات ۲۳/۴)= سنڀار لهندءِ، خبر لهندءِ، پوئواري ڪندءِ، پرگهور ڪندءِ.

- لَعلُون سي لَهَنِ (سامونڊي ۷/۱)= لعلون اهي حاصل ڪن.

- ڪِئَن آن لَهَندِي سي (ڪليات ۱/وائي)= آءٌ (آن) ڪيئن انهن کي ڳولي لهنديس.

- لَهَنِر سارَ (ڏهر ۶/۴)=منهنجي سار لهن، سنڀار ڪن.

- وَرُ وَاڳِيءَ جـو جي لَهين (ڪليات ۳۰/۱)= جي تون آواز جو وَرُ (پڙاڏو) سمجهين.

- سِرُ ڀونديان ڏَڙُ نه لَهان (ڪليات ۱۳/۱)= (ٻي خودي واري اها حالت) جو سِر نه ليي، ۽ ان کي ڳوليان ته ڏڙ نه ليي.

- ڏوريان ڏوريان مَ لَهان (حسيني ۲/۷)= پئي ڳوليان، ۽ ڳوليان، پر شال ڳولي لهي نه سگهان.

- ڳُولي لَهجُ ڳَالهڙِي (ڪليات ۱۵/۱)= (پيچي پروڙي، اها راز واري) ڳالهڙي ڳولي هٿ ڪج، ان کي سمجهج.

- نَه لَهين (ڪليات ۲۷/۴)= نٿو ڄاڻين، نٿو سمجهين، توکي خبر ئي ڪانهي.

- منجهان لڌو مون (آبري ۱۷/۳)= مون پنهنجي اندر مان، پاڻ مان ڳولي لڌو.

● لَھَڻُ= ڪنھن شيء جو گھٽجڻ، پاڻيءَ جي سطح جو هيٺ ٿيڻ.

ـ مون پِريان جو نہ لَھي (سارنگ ۱/۱۸)= مون تان محبوبن جو (سندس سڪ ۽ فراق ۾ غم ۾ رئڻ) نہ گھٽجي، بند نہ ٿئي.

ـ نہ لَھي (يمن ۱/۶، ۱/۱۶)= اها تڪ ۽ چڪ ڍري نٿي ٿئي، سور جي سختي ختم نٿي ٿئي، بيھي نہ، بند نہ ٿئي، مسلسل طور پيو وڃي.

ـ لَھي نہ تڪَ (سنھڙي ۱/۲)= پاڻيءَ جي وَهڪَ جي تيزي گھٽ نہ ٿئي.

ـ لَھي نہ تِرُ تِشان (مارئي ۱/۱۹)= تتان تِر جيترو بہ نہ گھٽجي.

● لَھَڻُ = قدر قيمت وارو ٿيڻ.

ـ لَھي تِي لَڪَ (يمن ۶/۳۱)= (لوڏ) لڪ ٿي لھي، وڏي قيمت واري آهي.

● لَھــوارا = لاهَ يا هيٺ واري پاسي، جنھن پاسي درياه جو وهڪرو هجي.

ـ لَھرِ لَھوارا ڪِٿا (سري راڳ ۲/۴)= وهُڪَ هيٺ تي لوڙهي ڇڏيا.

لَئُ لڳڻ، لَہُ لڳڻ (ڪلياڻ ۵/۶)= محبت ۾ محوَ ٿيڻ، عشق ٿيڻ.

لَئُ = عشق.

ـ لَئُــ لَڳُوري (راڻو ۱/۱۴)= عشقُ لوڙاٽي تي آهي (عشق جي ڳالھ اُتي آهي).

ـ جو لَئِہ لَڳا نيـڻَ (ڪلياڻ ۵/۶)= اکيون عشق ۾ اٽڪيون، محبت ۾ محوَ ٿيون.

ـ مان لَئُــ لڳو تَنِ سِين (ڪلياڻ ۵/۲۲)= منھنجو انھن سان نينھن لڳو.

ـ لَئُ سين لَنگھيائين (سنھڙي ۴/۲۳)= عشق ۾ تارُ تَريائين، درياهہ پار ڪيائين.

ـ لَئـ پِريان پيِئي (سنھڙي ۱/۸)= پرين جي خاطر درياء ۾ گھڙي، پرين جي عشق ۾ پئي.

● لَئِڻ، لَوَڻُ= پکيءَ جو مٺي ٻولي ڪرڻ، مٺي لات ڪرڻ.

ـ تان ڪِين لَئِجُ ڪانگ (بروو ۲/۸)= اي ڪانگا! تون ڪا (واڌائي واري) مٺي ٻولي ڪج.

ـ لَيو مَٺي لامَ (بروو ۲/۱۷)= تاريءَ تي مٺي ويھي لات ڪيائين.

ـ وِٺو ڪانگُ لَئِي (برور ۲/۳۱)= ڪانگو ڪا ٻولي ڪري ويو، (محبوب سان ملڻ جي ڪا واڌائي ڏيئي ويو).

ـ ڪَرُ ڪَنيــو ڪانگُ لَئي (برور ۲/۱۲)= ڪانگلُ ڳچي مٿي ڪري پيو لات لَئي (واڌائي پيو ڏئي).

ـ ليَو (ڪارايل وائي ۳/۱)= (جڻن اوهين) لاتيون ڪيو.

ـ ڪُونجَــڙِي ڪالَھــ لَئِي (ڏهرَ ۵/۲۲)= ڪونج ڪالھ ٻولي ڪئي.

ـ لَئِنِ لَطيفي لات (مارئي ۱۰/۵)= پاڪيزي ٻولي پيا ڪن (الاهيءَ ذڪر ۾ آهن).

● لَئِو= لئي جو وڻ.

ـ هيٺِ لئي (ڪارايل ۱/۱۴)= لئي هيٺ، لئي جي وڻ هيٺ.

● لَئُون = وارُ.

ـ لَئُون لَئُون مَنجھان مون (آسا ۴/۲۳)= منھنجي وار وار منجھان.

● لَئُون، لَنئُہ= محبت، عشق.

ـ لَئُون جي واٽ مَ لَتِ (ڪوهياري ۶/۱۳)= محبت

واري وات ۾ متي نہ وجھہ، محبت واري وات نہ ڦٽاءِ.

● لِيا، لِياڪا= جھاتيون.

- لِيا پائڻ= جھاتيون پائڻ.

- لِيا پائڻ آئيا (ڪلياڻ ۱/۳۱)= ضرور جھاتيون پائڻيون پيون، ديدار لاءِ واجھائڻو پيو.

- لِياڪا پائيين (ڪلياڻ ۵/۱۲)= تون لڪي لڪي جھاتيون پائين!

● ليتَ ( سامونڊي ۱/۹، سنھڻي ۳/۹)= پاڻيءَ جي ليٽ (جڏھن مٿاھين تان ھيٺ ليٽي ٿو)، ھيٺ تي پلٽ، اٿل پُٿل.

● لِيڙَ = لينگ، ريڙ (ڪپڙي جي).

- نہ لانگوٽيءَ ليڙَ (رامڪلي ۶/۱۶)= نڪا نَنڍڙي لانگوٽي تہ نڪا ڪپڙي جي ٽورڙي ڪنار.

- ليڙُون ٿي لوئي (مارئي ۲/۱۷)= لوئي ڦاٽي ريڙون ريڙون ٿي وئي.

● ليڙو= اُٺ.

- ليڙَنِ ڌَڻي (آبري ۴/۱۱)= اٺن جا مالڪ، اٺن وارا (ڌير جيڪي پنھون کڻي ويا).

- ليڙَنِ سين (معذور ۳/۲)= اٺن سان مقابلي ۾.

● "لَيسِ كَمِثله شيءُ" (مارئي ۸/۶)= ڪا شيءِ (الله پاڪ) جھڙي ۽ ان جي برابر ناھي.

● لِينگَ (کاموڏ ۲/۱۷)= ڪپڙي جو سنھو ڊگھو ٽڪر، ليڙَ (ڪجھہ اوگھڙ ڍڪڻ لاءِ لانگوٽيءَ طور ٻڌل).

● لَيڻ، لَنڻ= ۱. پرڻ، پري ڇڏڻ (پاڻيءَ سان) ۲. ٻڏڻ.

- ٿَر لَيا، تاڏيلَ ٿي (مارئي ۲/۱۴)= ٿر جا پٽ پرجي ويا، تڏڪار ٿي وئي.

- لَيا ڏِنَمِ لاَرَ (سنھڻي ۹/۱۲)= نَنڍڙا ڦر (لارَ)، مون پَٽل ڏٺا.

● ليڪڻ= تفصيل سان جانچڻ، ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڇوڙڻ ۽ گڏڻ، ڪجھہ ليڪي ۾ آڻڻ.

- ليڪيَم جي لِسانَ سين (آسا ۵/۷)= جيڪي مون پنھنجي زبان سان چيا، مون جيڪي وعدا ڪيا.

● لَيلَ = رات.

- لَيلَ نہ جاڳينءَ لڪَ سين (ڪوھياري ۱/۱)= تون ذري جيتري بہ رات جو نہ جاڳينءَ.

● ليلائڻ= گھٽي نٽرت سان منت ڪرڻ، ٻاڏائڻ، معافي ۽ مھر جي گھر ڪرڻ.

- تون ليلاءِ (پرڀاتي ۲/۵)= تون نياز نئڙت سان ٻاڏاءِ، نيزاري ڪر.

- ليلائي نہ لَھين (ليلان ۳/۱۱)= جي تون ليلائڻ سان بہ ڪجھہ حاصل نہ ڪرين (تہ بہ پني ليلائج).

- لَکين ليلائي مُئا (ڪلياڻ ۴/۱۸)= ڪيترائي منٿون ڪندي ٻاڏائيندي مري ويا.

● لِينجُھون= (واحد. لينجَھہ) پڙيون، تند ۾ سنھڙيون ڳنڍيون.

- لِينجُھون ڪيمَ لڳاءِ (ڪاپائتي ۲/۳)= تند ۾ جيڪي پڙيون ڳنڍيون آھن سي لڳاءِ نہ (پر اھي جانچي سوليون ڪري پيچ، ڪڍ).

● لِينگَ = ڪپڙي جي سوڙھي ڊگھي پٽي جنھن جي لانگ ڪيجي، لانگوٽيءَ طور ورائجي تہ مَن ڪجھہ اوگھڙ ڍڪجي.

- لائي لينگ (کاموڏ ۲/۱۷)= لينگ ڪي لانگ ھيٺان ورائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـــ نـہ لانگوٽي نـہ لينگ (رامڪلي ۱۵/۶)= نڪا لانگوٽي تہ نڪا ڪپڙي جي ليڙ.

● لينگڙيَاري (مارئي ۱/۶)= ليڙون ٿيل ڪپڙن سان، ڦاٽلن ڪپڙن سان، اَپري ۽ اَبالي.

● لينگھو= (اصطلاح) گناهہ جو داغ.

ـــ لينگھو لَهرائيندو (بلاول وائي ۳/۱)= داغ ميٽائيندو.

● لَيون= ۱. لاهيون، هيٺانهيون ۲. لَٺيءَ جا ننڍڙا وڍ.

ـــ پانيان لَڪ لَيُون (آبري ۹/۹)= ماٿهن کي لَيُون ڪري سمجهان، بَستيءَ کي جهنگ ڪري ڄاڻان.

● ليھَا= ليهان= ليهون، ڪَھلُون.

ـــ لِکيي جُون لِيھَا (آبري ۲/۴)= نصيب ۾ لکيل (ڏکن جون) ليھون.

● لِيءِ لَغار (ڪاموڏ ۱/۱)=(ليئي ميچي جي) ڪکيءَ جو ذري جيترو پاٿيٺ.

# م

● مَ=نہ.

ـــ مَ مَارِج (يمن ۵/۳)= تون نہ هڻج.

ـــ مَ ٿي (ڪلياڻ ۱۹/۵)= نہ ٿيءَ.

ـــ ڪافرُ مَ ڪوناءِ (ڪلياڻ ۱۳/۳)= (پاڻ کي) ڪافر نہ سڏاءِ.

ـــ مَ ميرو وَتُ (ڪارايل ۱۸/۲)= ميرو اگلو ٿي نہ هل.

ـــ ويهي وير مَ ڪَنِ (ڪاموڏ ۴/۱)= ويهي دير نہ ڪن.

ـــ شال مَ لَھنين (آسا ۲۲/۴)= شال توکي ڳولي نہ سگھان (= پيو ڳوليان).

ـــ مَ ڪَٽِ (رامڪلي ۸/۱)=ڪٽ نہ ڪر، اندازو نہ لڳاءِ.

ـــ مَ ڪين ڳاءِ مَ گھاءِ (سورٺ ۹/۴)= (تون سر وڍ ۽) نہ وڍيڪ ڳاءِ ۽ نکين وڍيڪ گھاءِ (زخمي ڪر).

ـــ مَ ڳِرهيج (رپ ۴/۲)= چٺي نہ پڏائج.

ـــ مَ جَلُ (آبري ۱۶/۱)= نہ سَڙ.

ـــ ٿيءِ مَ سَنري (آبري ۱۷/۱)= صحتمند نہ ٿيءُ.

ـــ تُرهو مَ ٿي (سنھڻي ۱۹/۲)= تُرهو ميسر نہ ٿي، نہ ملي، نہ هجي (تن کي ترهي جي ڪاڻ ڪانہ ٿي).

ـــ مَ وارِ (معذور ۱۶/۲)= نہ وراءِ، نہ موڙ.

ـــ مَ مَتِ (ڪوهياري ۱۳/۶)= نہ مَٽاءِ، نہ بدلاءِ.

ـــ مَ تَوارِ (آسا ۱۱/۷)= آڏو ورندي نہ ڏي، سوال جواب نہ ڪر.

ـــ مَ جاڻُ (پرڀاتي ۱۹/۱)= (تون سپڙ جي آڏو) ڄاڻ وارو نہ ٿيءُ.

ـــ مَ ويھہ مُنڌَ مات ڪري (آبري ۱۲/۱)= اي زالَ (سسئي!) مات ڪري نہ ويھہ.

ـــ مَ چِچِي نِيهُ (سنھڻي ۸/۶)= نينھن جو ناتو نہ ٽُٽي.

ـــ مَ لَٺہ (ڏهر ۲۳/۵)= نہ بول، ڏک واري بولي نہ ڪر.

ـــ مَ لَڏِ (سري راڳ ۱۷/۴) نہ وڃ، لڏو ڪٽي نہ وڃ، پري نہ ٿيءُ، جدا نہ ٿيءُ، وٿي نہ وجهہ.

ـــ مَ ڏورِ (پرڀاتي ۱۵/۱)= مَ پنڌ ڪر، ڪشالا نہ ڪر.

ـــ مَ ڪين هَنجُون هارِ (مارئي ۱۸/۷)= نہ ڪي ڳوڙها ڳاڙ.

● مَا= اسان (بلوچڪي).

ـــ ما وَڏي براٿ بَرون (ديسي ۲/۷)= اسين پنھنجو پاءُ ڪٽي وجون.

● ماتُ ڪِئو (رامڪلي وائي ۱/۱)= ماريو.

ـ ماڙهو موڪليو (آبري ۸/۸)= پنهنجو ڪو ماڻهو موڪليو، نياپي وارو ماڻهو موڪليو.

ـ ماڙهن ڏجي نہ مَنجهہ (ڪلياڻ ۵/۱۵)= ماڻهن کي اندر جي ڳالهہ نہ ٻڌائجي، راز نہ ڏجي.

ـ ماڙهئين ڏئي (سارنگ ۲/۳)= ماڻهن کي ڏئي.

ـ ڪِنِي ڪِنِي ماڙهُوئين (سورٺ ۴/۱۴)= ڪن ڪن ماڻهن کي.

ـ ماڙهُو ڪِي (راڻو ۸/۱۹):- ماڻهو ڪئي، ماڻهپي واري ڪئي.

ـ مُنهِ نہ پيئي ماڙهُوئين (آسا ۶/۲)= ماڻهن جي مُنهن نہ پيئي، ماڻهن کي معلوم نہ ٿي.

● ماڙي= محلات.

ـ ماڙيءَ مُورمَ چاڙ (مارئي ۶/۱۱)= محلات تي مون کي نہ وهار.

ـ ماڙين مارِيَس ڪِينَڪِين (مارئي ۶/۱)= مون کي ماڙين ڪرنہ ماريو پر مارُوئڙن جي سِڪ ماريو ماريو.

ـ ڪا مَددَ ڪِجاهُ ماڙِيين (مارئي ۵/۱۸)= ماڙين ۾ ڪا منهنجي مدد ڪجانءِ!

● مَاسُ= گوشت، وَهُ، تولهہ.

ـ جان عاشقَ مَٿَءِ ماسُ (ڪلياڻ ۴/۸)= اي عاشق! جيسين تائين جو تنهنجي جسم مٿان گوشت آهي (تون ٿلهو متارو آهين).

● مَاسِ = سنديس ماءُ.

ـ نَڪو پيءُ نہ ماسِ (معذور ۷/۱۵)= نڪو سندس پيءُ نہ نڪا سنديس ماءُ.

ـ سا مَرُ مَرَڪي ماسِ (سنهٽي ۴/۱۲)= سا پل تہ سنديس ماءُ سَرهي ٿئي.

● ماسو= توري جو هڪ ننڍڙو ماڻ. تورو وزن (اصطلاح) تورو ذرو.

ـ جي ماسو مِلِيئي ماڻُ (سري راڳ ۱/۷)= جيڪڏهن توکي مال جو هڪ ماسو ملي.

● مَاڪَ = مات، شبنم.

ـ مَيخاني جِي ماڪَ (يمن ۶/۳۳)= ميخاني جي مٿي واري بُوندار.

● ماڪاٽِي (سارنگ ۴/۱۱)= ماڳ جو نالو.

● ماڪُر = مقبول.

ـ ماڪر پُونِ (ڪلياڻ ۴/۷)= مقبول پون، مانائتا ٿين.

● ماڪي=ماڪيءَ جي مکين جي جوڙيل مٺي رسيلي خوراڪ.

ـ ماڪِيءَ ساءِ (ڪنيات ۱/۱۴)= ماڪيءَ جي مٺي ميٺاج جهڙو.

ـ سَجَڻَ ماڪِيءَ مَنڊ (ڪنيات ۱/۱۳)= پيارا پرين ماڪيءَ جي رَس جهڙا مٺا.

ـ ماڪي هوءِ (ڪاهوڙي ۳/۲)= ماڪي ٿئي، ماڪي ٿيو پوي، وڏي فائدي وارو ٿئي.

● مَاڳُ= جاءِ، مقام، هنڌ.

ـ مَرِي پِنا سَبِ ماڳِ (ڪلياڻ ۴/۳۷)= پنا سڀ ان ماڳ تي، اتي جو اتي مري پيا.

ـ کُورا ماڳَ (يمن ۶/۲۸)= شراب چِڪاڻ وارا مَچ ۽ ماڳ، ٻَنين وارا هنڌ، ميخانن وارا ماڳ.

ـ ماڳِ هَٽيو (يمن ۳/۴)= ماڳ تي هٽيو، ساڳئي هنڌ تي هنيو (جنهن هنڌ تنهنجو شڪار (عاشق) بيٺل آهي، تنهن هنڌ تي نشان هنيو).

ـ ماڳِ پُڄَندي (سري راڳ ۲/۲۶)=ٻيڙي ماڳ تي پهچندي، بندر تي سلامت پهچندي.

- تان مون هنيڙو ماڳِ (راڻو ۴/۱۲)= ته منهنجو هانءُ جاءِ تي هوندو، دل جاءِ هوندي، خير خوشيءَ ۾ هوندي.
- موتي ماڳِ نه آئيا (سامونڊري ۲/۱۷)= وري اصل ماڳ تي نه آيا، موتي کين آيا.
- ماڳ نه پويا مڪرا (گهاتو ۱/۸)= ٻيڙا ٻيهڪ واري هنڌ نه آندا، ڪناري لڳ ٻوڪ تي نه ڍڪايا، بندر تي نه پهتا.
- موٽئو ماڳ نهاريان (رپ ۲/۲۴)= وري اچي اصلوڪي جاءِ ڏسان.
- ماڳُ معرفت جاڻ (ڪلياڻ ۲/۲۲)= 'معرفت' واري منزل کي ماڳ بناءِ.
- ماڳ مُهن (رامڪلي ۱/۲۸)= ماڳ تا ڏڪوئين، اهي هنڌ ۽ ماڳ تا مارن.

ماڳا= ماڳ تان.

- مَيو تنهِ ماڳا (ڪنيات ۴/۷)= اٺ ان ماڳ تان، ان جاءِ تان.
- ماڳائي (ڪنيات ۵/۱۱)= ماڳان ئي، ماڳهان ئي، ڏريان ئي، منڍان ئي.
- ماڳنِ ۾ (راڻو ۸/۱۹)= هنن ماڳن ۾، هتي.

● ماڳهان، ماڳهن، ماڳهين = انهيءَ ماڳ تي ئي، صفا ان هنڌ تي ئي؛ منڍئون، اصلي، پاڙان، ويتر وڌيڪ.

- ماڳهان پني ماٺ جي (رامڪلي ۵/۲۱)= اصل ئي پيتي چپ ۽ صبر جي (ڦڪي).
- مري رهنديس ماڳهين (سامونڊري وائي ۲/۱)= آءُ اصلي مري فنا ٿينديس.
- ماڳهن مون منهُ ٿئي (يمن ۳/۳)= منڍئون، پاڙان مون لاءِ ڀهانو بڻجي.
- مون کي ڇڏي ماڳهين (سامونڊري ۲/۱۵)= مون کي اصلي هتي هن جاءِ تي ڇڏي.

● ماڳين= جدا جدا ماڳن تي.

- ماڳين پيئون مسندون (ڪاموڏ ۴/۰۴)= جدا جدا جاين تي تخت وڇايا ويا.

● مالَ= مالها، مهار، ڳاني.

- موتيين ڳتيئين مالَ (ڪنيات ۳/۷)= (اي اٺ) تنهنجي ڳاني موتين سان مڙهيان (ڳتيان).

● مالُ= قيمتي سامان.

- هيءَ مَڏ پهچي مالُ (سامونڊري ۱/۲۱)= هي مال مڏ تي پهچي، بندر واري گدام تي رسي.
- مالَ جني جا مَڏ (ڪاموڏ، ۲/۷)= جن جا مَڏئي سندن مالَ آهن، سرمايو آهن.

● مالِ= مال سان، مال جي ڪري.

- ڪانه پهتي مالِ (معذور ۲/۳۰)= ڪابه مالُ پاڻ سان ڪٺي (مال جو ٻرو بار کٽي منزل مقصود تي) ڪانه پهتي.

● مَالاَ وارِ (رامڪلي ۲/۴)= مالها هلاءِ، تسبيح ڦيراءِ.

- مالها موچاري (راڻو ۱/۱)= مٺين وارو سهڻو ڪنٺو.

● مامرَ = راز واري ڳالهه.

- مانَ پروڙي مامرَ (ڪنيات ۵/۳)=شال راز کي سمجهي.
- ڪلجا مامرَ مننِ (ديسي ۱/۱۱)= انهن منن (اٺن) کي ڪلجا راز واري ڳالهه اندر ۾ آهي.
- مورڪ مامرَ نه بجهٽا (آسا ۷/۱۲)= موڳا راز کي سمجهڻ وارا ناهن.
- محبتَ سندي مامرَ (آسا ۱/۷)= محبت جي راز واري ڳالهه، عشق جي ڳجهارت.

● مامرو= معاملو، آزمايش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَنگهر کان اتر - اولهہ طرف آهي).

- مانباڻان مَتي ٿِنا (حسيني ٥/٢)= هو (پنهون جي قافلي واري) مانباڻ کان بہ اڳتي وڃي نڪتا.

مانجهاندو= مَنجهند وارو وقت، منجهند جي ماني، منجهند جو ٿوري آرام وارو وقت.

- ايءُ مانجهاندي جو ماڳُ (ڏهر ١/١٧)= هيءُ (جهان) ڄڻ مانجهاندي وارو ماڳ، مانجهاندي جي عرصي جيترو ٽڪاءُ آهي.

● مانجهي موچارو (راڻو ١٠/٣)= چڱو ۽ وڏي همت ۽ طاقت وارو.

● ماندي دِل (سنهڻي ٣/٧)= ضعيف دل، بي حال دل.

مانڊاڻو (مارئي ٨/٧)= گاهہ جو هڪ قسم.

مانڊري = مَنڊرُ ڪندڙ، جادو ڪندڙ، طلسم ڪندڙ.

- مانڊِريءَ منڊرُ پَڪيڙيو (ڪلياڻ ٣/١)= ڄڻ ڪنهن طلسم واري طلسم ڪري ڇڏيو!

● مانگرُ = مانگر مَڇ، ماڇو ڪائيندڙ وڏو مَنگرو ('واڪيڻ' ۽ ٻيا انهيءَ جنس جا منگرا).

- مانگرُ مارِيائون (گهاتو ١/١٧)=مانگر مڇ کي ماريائون.

مانيين = مانيِن سان، اَن سان.

- ماڻهو ٻيِين مانيين (سارنگ ٢/١٦)= ماڻهن کي مانيِن مان ڍئو ڪرائين.

● ماڻ= ٻارُ، ماڻو.

- تَنِ مَلاحَنِ جو ماڻُ (ڪاموڏ ٢/١٠)= انهن ملاحن جو سڄو ٻار ۽ سندن ماڻو (سمي چام پنهنجي نمي ڪيو).

● ماڻڪُ= وڏو قيمتي موتي، (اصطلاح) نهايت چڱو انسان، وڏي مٽيا وارو ماڻهو.

- ماڻِڪُ ٻارِجُ مَڇُ (سري راڳ ١/٢٤)= ماڻڪ مڇ ٻارج، جِتي سهٽي شعاع وارو مڇ مچائج (هت 'ماڻڪ' صفت آهي 'مڇ' جي).

- ماڻِڪَ مَتائِينِ (ڪاپائتي ١/٢٢)= سُٽ جي مَتا ۾ ماڻڪ وٺن، سٽ متائيندي ڪين ماڻڪ ملن.

- ماڻِڪُ مُلاحظو ٿِئي (سري راڳ ٤/١)= ماڻڪ ملاحظي وارو ٿئي، ماڻڪ کي ملاحظو ٿئي، حجاب ٿئي، ماڻڪ شرميلو ٿئي، شرمائجي.

- ماڻِڪَ ماڳ (آسا ٦/٤)= ماڻڪ جو ماڳ، جتي ماڻڪ موتي آهن.

- ماڻِڪُ ميءِ پرائيو (ڪاموڏ ١/١٠)= مهاڻي، ماڻڪ (چام تماچي ماڻڪ جهڙو) هٿ ڪيو.

- پاٽوندَر ماڻِڪَ پِرين (بروو ٣/٥)= ماڻڪ جهڙا سخي سپاجها املهہ ماڻڪ محبوب.

● ماڻهنئون= ماڻهن کان، ماڻهن وٽان.

- ماڻهنئون ميٺ گهٽو (ڏهر ٥/٢)= ماڻهن کان وڌيڪ محبت وارو ميٺاج.

●ماڻڻ= دل سان لائي پنهنجو ڪرڻ، حاصل ڪرڻ.

- ماڻيو تَني مورُ (حسيني ٣/١٣)= تن انهيءَ مورَ (سهڻي سائين) کي پنهنجو ڪيو (جن ساڻس دل لاتي).

- مَيِي سيئي ماڻيا (راڻو ٦/٩)= اُٺ اهي ئي خوشيءَ مان ڪاڏا.

- ماڻيان شالَ مَلِيرَ (مارئي ٥/١٨)= آءٌ شال ملير ۾ حياتي گذاريان ۽ ان کي پنهنجو ڪريان.

- ماڻين جانِبَ جو جمال (معذور ٤/١)= تون پنهنجي محبوب جي جمال جو جلوو ڏسين پسين.

- ڪِيئن ماڻيندا (ڏهر ٢/١٨)= ڪيئن حاصل ڪندا (پنهنجي مال چارڻ لاءِ ڪتب آڻيندا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ تـہ مُشاهدو مـاٿِيين (سنهڙي ٩/١١)= تـہ توکي الاهي اسرار ۽ ديدار حاصل ٿئي.
ـ نہ مـاٿي ماڳ (ليـلان ٣/١)= پـنهنجي سُهـاڳ وارو ماڳ نہ ماٿي، پنهنجي سُهاڳ واري جاءِ تي هميشہ نہ رهي.
● مَاٿي مانَ (آسا ٥/١٧)= رُسَڻَ جي بَهاني مانَ.
● مَاهُ= ماس (جسم جو).
ـ سيخن مَـاهُ پَچَاءِ (کلياڻ ٥/١٧)= پـنهنجو مـاس پچاءِ، پنهنجو جسم سيخن ۾ پچاءِ (وڏو سُور سهہ ۽ وڏو صبر ڪر).
ـ مـاهُ وِڃي اَنگرا ڪري (آسا ٤/١٥)= مـاس وڃي، جسم جي عضون جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري.
● ماهُ مُنِيرُ (رائو ١/٤)= روشن چنڊ.
● ماهِرُ= وڏو چالو، خاص وڏي ڄاڻ وارو.
ـ ماهِرَ تِي نہ مُـنا (کلياڻ ٢/١٣)= وڏي ڄاڻ وارا، مکمل ڄاڻ وارا، معرفت جا صاحب تي نہ مٺا (تورڙي ڄاڻ ۾ رئي رهيا).
● مـاهِي دي نَال (کليـاڻ ٤/وائي)= (سـرائڪي) ماهي سَان گڏ.
● ماءِ=جاءِ، مقرر ماڳ، بستي، منزل، پيڙهي، يڪجاءِ.
ـ ماءِ پَهُتا ميرَ (سري راڳ ٢/٢٣)= اهي مـير ماڳ تي پهتا.
ـ تِهَان پوءِ مون مـاءِ (آسا ١/٢٣)= ان کان پوءِ مـون يَکجاءِ (ماءِ) تي (اننبر شروع ڪئي).
ـ نَکا اوڏي ماءِ (کاهوڙي ٢/١١)= نکا کا ويجهي وَسُنُ يا بستي.
ـ موتي مـاڳ نہ آئيا، مـاءِ سلمُونڊرِي سي (سامونڊري ٢/١٧) = اهي سلـمونڊري (وڻجارا ويا تـہ) وري موتي ان ماءِ ۽ ماڳ تي نہ آيا.
ـ مُوڙِ نـہ مِڙِي مـاءِ (سري راڳ ٣/١٩)= هرگز مـاڳ تي نہ پهچي (هي ٻيڙي مقرر ماڳ ۽ بندر تي نہ رَسي).
ـ ڪين ڏِرَتِي ماءِ (حسيني ٢/١)= گهٽي تـہ ڪجهہ تہ زمين (ڏر) جي پيڙهي تني.
ـ نيئي رَساٽي ماءِ (پورب ٢/٥)= وٺي وڃي ماڳ تي پهچائي، منزل مقصود تي پهچائي.
ـ مـاءِ هَلِيَـا (کـاهوڙي ١/١٢)= اُن ڇـپـر واري مـاڳ ڏانهن هليا.
● ماءُ= امان، امڙ.
ـ مونکي مـاءُ مَجَاڄَ (آسا ٣/٤)= اي امـان، مونکي مجاز (عشق).
ـ مـاءُ! سلمُونـڊرِي آئِيا (سامونڊري ٤/١٥، ٤/١٧) = اي امان، اجهي سلمونڊري آيا.
ـ مـــاءُ مُنهنجي نِينهُ (آبري ١١/٨)= اي امـــان! منهنجي عشق.
ـ گهٽو گهُرجِنِ ماءُ (سارنگ وائي ١/٢)= اي امان، گهٽو وڏيڪ گهرجن.
● مائٽَ = عزيز. مَائِٽنان= مائٽن کان.
ـ مائِٽَنان مون سين گهٽا (آبري ١١/وائي-١)= مون سان مائٽن کان وڌيڪ (مخالفن ڳُڻ ڪيا).
● مائڻ= سمائجڻ، ماڻڻ، ماپڻ.
ـ مَائِڻ، مائِين (يمن ٦/٤)= سمائجن، ماپن.
ـ ڪيـڻن مـائيندا (کلـيـاڻ ٣/٢)= ڪهڙي ريت ماپي سگهندا، امڪان ناهي جو سمائجي سگهن.
● مَائِي= ماءُ، امان.
ـ عِشق سلجن دا لڳا مَنـن نُون مائي (کليـاڻ ٤/وائي-٢٠)

- مَٿان ٽَڪر توري (آبري ۱۰/وائي) = ٽَڪرن جي مٿان تورائي، هَڪلي.
- مَٿان وِير وَري (سنهڙي ۳/۶) = (عشق مان پني تري، ائين جو) وير جي مٿان پني وري.
- مَٿان پَني تَنِ (راڻو ۳/۹) = تن جي مٿان پني، تن مٿان آفت ٿي آئي.
- مٿان پَلاٽيو (سورٺ ۳/۱۱) = تيار ٿيو.
- مَٿان ڳَلن (حسيني ۷/۱۰) = ڳَلن جي اُتان، ڳَلن تي.
- مَٿان ڳَلن ڳاڙ (رامڪلي ۴/۱۷) = ڳَلن جي مٿان ڳاڙ ڪن، ڳَڙن.
- مَٿانءِ گهوريان (ڪوهياري ۲/۱۲) = پنهنجو پاڻ تو تان قربان ڪريان.

مَٿو (جمع) مَٿا = سِرُ، جند، جان.

- مَٿي ري (سورٺ ۱/۶) = سر (وڃڻ) ڪان سواءِ.
- مَٿي هَتَڙا (معذور ۲/۴) = مٿي تي هٿڙا (مٿو هٿن ۾ جهلي پني سُور سهي).
- مَٿي ڪَنِ (مارئي ۷/۷) = مٿي تي ڪن، سر تي ڪن.
- مَٿي ڏِنيَس (مارئي ۳/۱۲) = مٿي تي ڏنيس.
- مَٿي سِين ميري (رامڪلي ۴/۸) = ميري مٿي سان.
- مَٿو لاهي رک (يمن ۶/۱۰) = سر گهوري رک، قربان ڪري رک.
- مَٿو ڪَن نه مُلُ، پِڪَ بَرابرِ پِاهنجو (يمن ۶/۱۷) = پنهنجو مٿو (محبت واري شراب جي) پڪ برابر نه ڪن.
- مَٿا مَهاين جا (ڪلياڻ ۵/۲۳) = وڏن پهلوانن جا سِرَ.
- مَٿي منجهان مينهُ (حسيني ۲/۳) = سخت گرمي ۾ پگهر مينهن وانگر پيو مٿي مان وهي.
- ● مَٿو ڏيڻ، مَٿا ڏيَڻ (حسيني ۹/۱۸) = ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اورچ ٿي وڏا حيلا ڪشالا ڪرڻ، وڏيون تڪليفون ۽ سختيون سهڻ.
- مَٿو ڏيندا (ڪلياڻ ۴/۳۱) = ۱. پنهنجا سِر ڏيندا، يقيني طور پنهنجا مٿا گهوري ڏيندا. ۲. (اصطلاح) پنهنجي مٿي ڪندا. پنهنجي نمي ڪندا. منهن ڏيندا، مقابلا ڪندا.
- مَٿي سِر سَٿوه ڪيو (سورٺ ۳/۱۳) = سر وڃڻ تي وڏو زور رکيو، جبر ڪيو.
- مَٿان مَٿي (حسيني ۲/۲) = مٿي ڪان مٿي.
- مَٿِيان مَٿي بانهَن (بلاول ۳/۷) = پنهنجي بانهن مٿي ڪان مٿي اپي ڪري.
- مَٿي وَٽِ = مٿي برابر، مٿي جي بدلي، سر جي عيوض.
- مَٿي وَٽِ مِڙَن (ڪلياڻ ۵/۲۴) = مٿي جي مَٿا ۾ ملن، مٿي جي بدلي ۾ ملن، سِر ڏيڻ ساڻ ملن.
- مَٿو مَٿائين گهوريَان (سورٺ ۳/۱۴) = پنهنجو سرُ تنهنجي مٿان گهوريان، توکي ڏيان.

● مَٿو = چيهه، چيڙو، چوٽي.

- مَٿو مَٿاينِ ناهِ ڪو (راڻو ۸/۱۴) = ڪَچاينِ ڪوجهاينِ جو چيهه ئي ڪونهي.

● مَٿائي = مَٿَ يا مٿائي محصول.

- مُهري ۽ مَٿائي (سري راڳ ۱/۸) = به جدا محصول ۱. ته مهري يا مت تو تان معاف ٿئي. ۲. ته مهري تو مٿان ئي (معاف ٿئي).

● مِٿر = مون تي.

- مِٿر بارانو (ديسي ۲/۱۹) = مون تي بار، مون تي ميار.

● مِٿس = هُن تي.

- مِٿس مينه (حسيني ۱۱/۷) = هر وقت مينهن سندس

ناهي، پيٽي ناهي (جو حق آڏو جواب ڏيان).

● مَجلِسِ = صُحبت، گڏجي ويهڻ واري رهاڻ، ڪچهري، محفل.

- سا مَجلِسِ ئي مَٽِ (آسا ۷/۸) = تون اها رهاڻ ۽ صحبت ئي ڇڏي ڏي.

- مَجلِسِ وير (يمن ۲/۵) = راضي ٿي ملڻ ۽ گڏ ويهڻ وقت.

● مَجُوسي = بدنيت، بدخواه (اصطلاح) نفس اَمّارو.

- مَجُوسي مٺاءِ (بلاول ۳/۱۳) = بدخواه نفس جي مٺان.

- مَجُوسي ماري (بلاول ۳/۱۵) = مجوسيءَ کي ماري.

● مِجيجِي = حال محرم، حال پائي.

- موتِجَ مُحبَ مِجيجِي (آبري ۹/وائي-۱۰) = اي منهنجا حال محرم محبتي تون موتي اچج.

● مَجنُون جَان (رپ ۲/۵) = مَجنون وانگر.

● مَچ = سڃن سَرن جي تيلين کي ڪٽي سَٽي تندون تندون ڪيل، ڪُٽيل چٽيل، پائمال.

- مَري ٿِيندِيس مَچ (حسيني ۹/۱۹) = آءٌ مري پائمال ٿينديس، بي حال ٿينديس.

- من ماري ڪِنو مَچ (رامڪلي ۵/۱) = جن پنهنجن مطلبن، مَن گهُرين خواهشن کي چٽي ڇڏيو.

● مَچِرُ (ڪاموڏ ۲/۶) = پاڻي ۽ ساون وڻن ٻوڙن واري جوءِ جتي پاڻيءَ ۾ مڇي ۽ وڻن ۾ ٻُور ۽ ڪِچ.

- هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچِرُ (ڪاموڏ ۴/۹) = هيٺ پاڻي مٿي وڻن ۾ ٻور ۽ گل.

- موري مَچِرُ نه ڪرين (ڏهر ۲/۶) = وڏيڪ ڦٽي ٻُور ۽ گلڙا نه ڪرين.

- ميوا مَچِرَ مَڪَ (مارئي ۵/۴) = ميوا، وَلين جا گل

گونچ، ۽ پيرُون.

- مَچِرَ تاريُون (ڪوهياري ۱/۱۲) = مچر واريون تاريون جن تي ڪچڙو ٻُور ۽ سنهڙا گلڙا (مچر) آهن.

- مَچِرُ تو مَٿاءِ (ڏهر ۲/۳) = تنهنجي لامن تي تازو ڦٽل ڪچ، گونچ ۽ ٻُور.

● مچڻ = قبول ڪرڻ.

- مَچي رَضا رَب (راڻو وائي ۱/۱) = الله جي مرضي مڃي، قبول ڪري.

- مِهرِي ڪين مَچِيندِي (مارئي وائي ۴/۱) = هيءَ ضائفان قبول نه ڪندي.

- تَن مَچِيو مُحَمدُ ڪارڻي (ڪلياڻ ۱/۶) = تن حضرت محمد (ﷺ) کي ڪارڻ ڪندڙ ڪري مڃيو.

● مَچُ (سري راڳ ۱/۲۴) = باهه، آڙاهه.

- مَن ۾ ٻاري مَچُ (سامونڊي ۲/۲) = اندر ۾ محبت جو مچ مچائي.

- مَچ ناهه (يمن ۴/۷) = مچ ٻار، مچ مچاءِ.

- مَچ ۾ (يمن ۴/۴) = سڪ ۽ سوز جي مَچ ۾، عشق جي آڙاهه ۾.

- مَچَ لاءِ (ڪلياڻ ۴/۳۵) = محبت جي مچ خاطر، عشق جي آڙاهه لاءِ.

● مَچِڻُ = ميو متارو ٿيڻ، سُيرَ ٿيڻ.

- سي ڪيئن ٻيندرا مَچِنِ (راڻو ۲/۵) = اي راڻا! اهي (اڪيون ۽ انگ) ڪيئن سُير ۽ سَرها ٿين!

● مَچِڻُ = متان.

- مَچِڻُ موٽي ڪا ڪرين (سورٺ وائي ۳/۱) = متان وري بي ڪا ڪرين.

- مَچِڻُ مَري رَهِن (ڪارايل ۱/۱۹) = متان مري پون.

- مَچُڻ پاڳ پِرُ ڏيين (ڪاپائتي ١/١٢)= متان پنهنجي پاڳ تي آسرو ڪرين، متان پنهنجي پاڳ تي پاڙين.
- مَچُڻ پوئي هُڏَ ( ڪنيات ٣/٦، سري راڳ ۴/٦) = متان تنهنجي ڳچيءَ ۾ پوي، متان تنهنجي لاءِ مصيبت بنجي.
- مَچُڻ آڳِ اُجهائيين (يمن ٦/١٥)= تون متان محبت واري باهه وسائين.
- مَچُڻ پُوري نه پِئين (ليلان ٢/٨)= متان پوري نه پوين، پجي نه سگهين.
- مَچُڻ مارِيَنئي (ڪارايل ١/٨)= متان تو کي مارين.
- مَچُڻ پوئين وٽ وصال ۾ (رامڪلي ۴/١١)= متان محبوب سان ملڻ (وصال) ۾ ڪا وِٿي پوين.

● مُچون= شهپر.
- مُچون موڙي (ٻلاول ٢/١)= (لفظي معنيٰ) مچون وٽي مٿي ڪري. (اصطلاح) خود اعتمادي ۽ بي ڊپائي ڏيکاري.

● مَچيءَ- هَٽَ تي (ڪاموڏ ١/وائي-١)= مچيءَ جي هٽ تي (جتي مچي وڪامي)، مياڻي جي ماڳ تي.

● مَحَبَت = عشق.
- مَحبَتَ جي مَيدانَ ۾ (ڪلياڻ ۴/١١)= عشق جي ميدان ۾.
- مَحبَتَ سَندو مَنَ ۾، پِرِ پيالو جَنِ (آبري ١/٧)= جن محبت جو پرريل پيالو پيتو آهي؛ جن جو اندر الاهي عشق جي نشي ۾ آهي.
- مَحبَتَ مَٿين مَنَ ۾ (آبري ١/٦)= دل ۾ بيحد محبت، بي انتها سِڪ.
- محبت ڪي ميهارَ جي (سنهٽي ٦/۴)= ميهار جي محبت لاءِ.

محبِتي = سچي محبت وارا (پتنگ توڙي عاشق).
- جِنَ مَحبِتي مَچَ لاءِ (ڪلياڻ ۴/٣٥)= جنن پتنگ ۽ عاشق مچ لاءِ تڙڦن.
- مَحَبِتي مَيا ڪَري (يمن ٣/٢٣)= اي محبتي، اي محبت پريا سڄڻ! تون مهر ڪري، ٻاجهه ڪري.
- مَحَبِتين مَرڪُ (ڪلياڻ ٣/٢٢)= عاشقن لاءِ مَرڪ آهي، سونهن ۾ خوشي آهي.
- محبِتين مَتاءُ (يمن ۴/٦)= سچي محبت وارن جي متان، سچن عاشقن متان.

● مَحبُوب= معشوق.
- پاڻهين ئي مَحبُوبُ (ڪلياڻ ١/١٩)= پاڻهين پاڻ ئي معشوق.
- مَحبُوبَنِ سِين (ڪلياڻ ۴/٧)= محبوبن وٽ.

● مُحتاجَ = بي وس، مدد جا گهورا.
- مُعَلِمَ جِتِ مُحتاج (سري راڳ ٣/٨)= جت ناڪتا به محتاج ٿيندا ۽ سندن وس ڪونه هلندو (ته پاڻ ڌڻي تعاليٰ انهن کي سلامتيءَ سان هلائيندو).
- مُحتاجِي ڪَري (آبري ١/١١)= محتاج ٿي ڪري.
- مُومِلَ مُحتاجيون ڪَري (راڻو ٨/١) مومل ڪُرنشون ڪري، ڪاٺيون ڪڍي، خدمتون ڪري.

● مَحرُوم= وانجيل، پري ڪيل، غافل، ڌڪيل، نامراد، نامقبول.
- مَحرُومَ ئي مَري وِئا (ڪلياڻ ٢/١٣، آسا ۴/٣)= هو محروم ٿي، محروميءَ واري حالت ۾ ئي مري ويا، بي علمي بي سمجهيءَ واري حالت ۾ مري ويا.

● مَحفوظان= لوح محفوظ جي لکيي موجب.
- جي محفوظان مَحو ٿيون (سنهٽي ٨/٣)= جيڪي ازل کان الاهي عشق جي نشي ۾ مخمور ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مُحڪَمُ = مضبوط.

ـ مُحڪَمِ ڏني موڙَ (بروو ۴/۱۵)= زبردست موڙ ڏني، پڪيءَ طرح پوئتي هٽايو.

ـ مُحڪَمُ وَٺي (ڪاپائتي ۱/۸)= مضبوط جهلي.

● محل = ماڙي، محلات.

ـ مَحلين مَگٿو (سورٺ ۲/۱)= مگٿو محلن ۾، مگٿو محلاتن ۾.

ـ مَحلين مُنجهي مون هِنيون (مارئي ۲/۱)= محلن ۾ منهنجو هنيون ٿو منجهي.

ـ محلين مارُوئان ڏار (مارئي ۳/۵)= محلن ۾ ماروئن کان جدا.

● مَحوَ ٿيون (سنهڻي ۸/۳)= (محبت ۾) مگهن ٿيون.

مَخفِي = لڪل، سمايل.

ـ صُورَتَ ۾ مَخفِي ٿيا (ڪلياڻ ۲/۲۳)= ظاهري صورت ۾ پاڻ لڪايائون.

مَخلوق= خلقيل، پيدا ڪيل.

ـ مَرڪين ڇَنهِ مَخلوقُ (ڪلياڻ ۱/۲۰)= نڪين هن کي 'خلقيل' ڇَنهِ.

● مُدَ= مند، موسم.

ـ مُدَ موچاريءَ مُوهَ (مارئي وائي ۳/۱)= موچاري موسم جي موهر ۾، شروع ۾.

● مُدامي = دائمي، هميشه، سدائين.

ـ دائمُ مُدامي (رامڪلي ۲/۱۴)= هميشه سدائين.

● مُدائُون (ع. مُدعاون)= مقصد واريون ڳالهيون، مرادون.

ـ پِنيِنِ مُدائُون (سامونڊي ۴/۱۹)= هنن جون رٿون پوريون ٿيون، مرادون پوريون ٿيون.

مَدَايِنِ جي (بروو ۳/۷)=ڪَچاين جي، ڪوتاهين جي.

● مدت= 'مدد' جو عام ٻوليءَ وارو رائج اُچار.

ـ مدت ٿيءِ ميهارَ يار! (سنهڻي وائي ۳/۱)= اي دوست ميهار منهنجي مدد ڪر، حامي ٿي.

● مَدَح (معذور ۱/وائي)= تعريف.

● مُدَعَا= مطلوب، مقصد، مراد.

ـ مُـنِي ٿي مُدعَا گهُري (معذور ۲/۱۵)= هيءَ بيواهي پنهنجي مُراد ٿي گهري.

● مُدَعِي = ڪوڙا دعويدار.

ـ مُدَعِي پاڻَ مُنائِين (پرڀاتي وائي ۲/۲)= ڪوڙا دعويدار ويتر شرمايائين، مدعين کي خوار خراب ڪيائين.

● مَديُون =(ڇگايون جو ضد)=مدايون، ڊلايون، بديون.

ـ ٽِيَنِ مُورائِين مَديُون (حسيني ۱۱/۱۵)= ماڳهين مدايون ٿين.

● مَڏُ =ٻيڙين جي مٿان اڏيل گهر، اَڏيل ڪاٺ ڪاٻاڙا.

ـ موڙي اُچو مَڏُ (سنهڻي ۹/۵)= مَڏن واريون ٻيڙيون ڦيرائي اچو.

ـ مَڏُ مياٿيون مَڪرا (ڪاموڏ ۳/۱۱)= مياٿين وارا مَڏ ۽ ٻيڙا (مَڪرا).

● مَڏُ = گدام، بندر.

ـ پَهچي مَڏِ (سامونڊي ۱/۲۰)= مڏ تي پهچي، بندر واري گدام تي سلامت پهچي.

● مَڏُ= سامان سڙُو مَڏي.

ـ مَڏُ ٻَڌڻ= سامان سولو نالهي ٻڌڻ (اصطلاح) ظاهري ٻَن بنائڻ، ڪوڙ جو بوتو بنائڻ.

ـ اگهيان عجين جي، مُشڪِلُ ٻَڌَڻُ مَڏُ (پرڀاتي وائي ۲/۱) = محبوبن آڏو (جيڪي وڏا پارکو آهن) مڏ ٻڌڻ مشڪل آهي، ڪو ڪوڙو ڀهانو بنائڻ مشڪل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● "مُذَکَرُ"= مردانو، مردانگيءَ وارو.

- طالبُ المولٰيٖ مُذَکَرُ (رامڪلي ۳/۳)= الله جو طالب مرادانو آهي، وڏي همت ۽ حوصلي وارو آهي.

مذکُورَ (پورب ۱/۲)= ڳالهه، ڳالهيون، يادگيريون، ريت رسم، هلت چلت.

- ماروءَ جي مَذکُورَجي (مارئي ۴/۱۹)= (منهنجين سرتين) ماروئڙن جي ڳالهه جي، انهن جي هلت چلت جي.

- مارِئُون مَذکُورَ (راڻو ۴/۵)= انهن جون يادگيريون ٿيون اسان کي مارين.

- موٽڻ جا مَذکُورَ (آبري ۴/۲۳)= پوئتي موٽڻ جون ڳالهيون ۽ صلاحون.

● مَرُ= ڀَل، چڱو ته، مَنَ، شال، سدائين.

- چُونِمِ مَرُ (معذور ۵/۱۳)= ڀل ته مونکي چون.

- مَرُ سُورَ سَهَنِ (کاهوڙي وائي ۳/۲)= ڀل ته سور سهن.

- مَرُ هيڪاندا هُونِ (ڪنيات ۱/۵)= شال گڏ هجن، ڀل ته سدائين گڏ هجن.

- پَچان مَرُ پيئي (يمن ۴/۳)= ڀل ته پئي محبت ۾ جلان ٻران.

- سي مَرُکنِ پَچارَ (يمن ۱/۱۵)= اهي (عاشق) ڀل ته اها ڳالهه ڪن.

- مَرُ مُنياٰئي هوءِ (ڪلياڻ ۵/۱۹)= ڀل ته (ڪاتي) مُڏي ئي هجي.

- مَرُ تا مُون تي ڪَنِ (معذور ۱/۵)= ڀل ته پيا مون تي (جلهون) ڪن.

- مَرُ ٿيون مَرُڪَنِ (ڪاموڏ ۴/۳)= سدا پيون ٻهڪن ۽ سرهيون ٿين.

- سومَرُ پاندِ تَنِهنجي پوءِ (سورٺ ۲/وائي-۱)= سو ڀل تنهنجي پاند ۾ پوي، توکي ملي.

- مَرُ قَبُولي (آبري ۱/۹)= ڀل ته قبولي.

- مَرُ ميروِئي هوءِ (مارئي ۴/۱۵)= ڀل ته ميروئي هجي.

- مَرُ مَتِي تي هوءِ (مارئي ۵/۲۴)= ڀل ته سِرَ تي هجي.

- مَرُ اولِجان اُنِ پارَ ڏي (سنهڻي ۸/۱۷)= مَنَ چولجي هلان ان طرف ڏي.

- سي مَرُ رويو رُونِ (آبري ۷/۹، سارنگ ۱/۱۵)= سي ڀل ته پيون روئي وري رئن.

- مَرُ تان (سنهڻي ۷/۷)= ڀل تان.

- مَرُ ته آئين (سورٺ ۴/۳)=ڀَل ته آئين، ڀلي ڪري آئين.

- مَرُ تا (حسيني ۶/۸، سارنگ ۲/۱۰)= ڀل پيا.

● مَرُ= ميل، مٽي، ميراڻ.

- ڏوئي مَرُ مَرانِ (مارئي ۹/۸)= اها ميراڻ ڌوئي پوءِ مران.

- مَرُ ڏُئان (مارئي ۶/۲۰)= مِٽي صاف ڪريان، گندگي ڌُئان.

● مراد= مقصد، مچتا.

- مُرادَ ڪان (معذور ۷/۹)= مراد پوري ٿيڻ ڪان.

● مَرَان مَتو پٽيان (رامڪلي ۱۰/۷)= سندن فراق ۾ مران ۽ متو پٽيان.

● مُرسَلَ = موڪليل

- ان مُرسَلَ (ٻلاول ۲/۱۶)= الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل.

● مِرڪَ = سُرڪي جي ڏرڙي.

- ميهاران مِرڪَ (سنهڻي ۵/۱۳)= ميهار وٽان (کير جي) سُرڪيءَ جي ذري.

● مَرڪَ= جيڪي سهڻو لڳي، نهي جڙي، سونهي.

- مَرڪُ لَجاينِ (راڻو ۹/۱۳)= جيڪي لوڪ ۾ لجي آهن تن لاءِ جڳائيندڙ ۽ سهائيندڙ (مرڪ) آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مَري جيءُ (معذور ۴/۱)= موت کان اڳ ۾ مري (پاڻ ماري) تون حقيقي معنيٰ ۾ زنده ره ۽ جيءُ.
- مَري تان نه ڇڏيندي (مارئي ۴/۱)= مري وينديس ته به نه ڇڏينديس.
- مَري رَهنديسِ (مارئي ۱/۵)= مٿن مثال گذاريندس.

● مَرَڻُ (اسم)= موت.
- مرڻ سيئَن (سنھٽي ۵/۳)= مرندي گھڙي تائين (جيستائين مون ۾ ساه آھي).
- مَرَڻ ڪِنوءِ مُردار (معذور ۴/۷)= تو موت کي مردار ڪري ڇڏيو، ان کي تمام گھٽ اھميت وارو ڪري ڇڏيو.
- مَرَڻ تَن مُشاھدو (يمن ۱/۷)= تن لاءِ موت محبوب جي ديدار برابر آھي.
- مَرَڻ مُون سين آءُ، ته پُٺيءَ تو پنڌ ڪريان (معذور ۴/۹) = اي مرڻ، اي موت! تون مون سين سونھون ٿي ھل ته تنھنجي پويان (پنھونءَ جي ساٿ جو) پير ڪڻان.
- مَرڻان اڳي (ڪلياڻ ۲/۱۴)= موت جي اچڻ کان اڳ، موت ۾ مرڻ کان اڳ.

● مِرو، مِرون = جھنگ جا جانور.
- مِرُو پِيا مَامري (کوھياري ۲/۱۳)= جھنگ جا مِرون به انھيءَ معاملي ۾ پيا، انھيءَ ويچار ۾ پيا، ڏڪارا ٿيا.
- مِرُون ڪِينَ وِلَنِ (ڏھر ۱/۷)= جھنگ جا جانور بني ڪين کيڙين.

● مَروشِي (بلوچڪي) = اڄ، اڄوڪي ڏينھن.
- مَروشِي محبوبَ ڏي (ديسي ۷/۴)= اڄ، اڄوڪي ڏينھن، اڄ جو اڄ ئي پنھنجي پياري پنھونءَ ڏي وڃان.

● مريٽڻ= مَروٽڻ، مَريٽِي = مروٽي.
- جا مَرضَنِ مَريٽِي (کوھياري ۵/۲)= ھوءَ جيڪا مرضن وڪوڙي، جيڪا مرضن ماري.

● مري = مرچ.
- جِنهِ ۾ مالُ نه مِريءَ جيترو (سورٺ ۳/۷)=جنھن ۾ مِريءَ جي داڻي جيترو به مال ناھي، جنھن ۾ ذرو به نفعو ناھي.

● مريض= بيمار.
- مَريضَن کي (يمن ۱/۱)= اگھن کي، بيمارن کي.

● مِڙڻ= مِلڻ، گڏجڻ، پھچڻ، رَسڻ.
- جي پانئين پرينءَ مِڙان (آبري ۱۰/۵)= جيڪڏھن تون چاھين ته پنھنجن پرينِ سان ملان.
- جي قِيامَ مِڙَنِ (سنھٽي ۲/۱۱)= جيڪڏھن اھي قيامت ۾ ملن.
- مَٿي وَٽِ مڙَن (ڪلياڻ ۵/۲۴)= سِرَ جي عيوض ملن، سر ڏيڻ سان ملن.
- صُباحَ سياڪو، صَحيءَ مڙندو مَگڻا (پرياتي ۲/۹) = اي مگڻا! سياڻي عزيزن جو سچو راڄ (سياڪو) يقيني ته گڏ ٿيندو (مڙندو).
- مِڙئا مَٿي مَچَ (ڪلياڻ ۴/۳۸)= (پتنگ اچي) مچ تي گڏ ٿيا، مچ ٿيا.
- مِڙئو ڪَنِ مِنَتَ (ڪامود ۳/۲)= گڏجي اچي التجاءِ عاجزي ڪن.
- اگھَنِ مِڙِي اَڄُ (يمن ۲/۳)= اڄ بيمارن گڏ ٿي، پاڻ ۾ گڏجي.
- مُور نه مڙي ماءِ (سري راڳ ۳/۱۹)= (بيڙي) ھرگز نه پھچي ماڳ تي (بندر تي).
- مُرُ ته مڙين سَسُئي (معذور ۴/۲)= شال ته گڏجين سسئي (پنھنجي پنھونءَ سان).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مِڙَنهُون = اسان کي ملن.
- مانَ مِڙَنهُون سُپرينِ (سنهڙي ۹/۳)= مَنَ اسان کي محبوب ملن.
- کِنهِ پَالَ مِڙِين (کوهياري ۱/۲)= کنهن پال پلاڻي سان پنهونءَ کي گڏجين.
● مِڙِنِئَان= مڙني کان، سڀني کان.
- سا مَهِند مِڙِنئان هوءِ (معذور ۲/۲۳)= اها پين سڀني کان اڳ ۾ هوندي.
- مِڙِنئون مٿاهون (مارئي ۱/۱)= سڀني کان مٿي.
● مِڙڻ= ڳنڍون يا ميڻهن جو کير ڏهائڻ لاءِ خوش ٿي بيهڻ، کير ڏيڻ لاءِ راضي هجڻ.
- جي مِڙِيون ٿي مَسَ (سارنگ ۲/۱۴)= (اهي کترُون ڳايُون) جيڪي (کير ڏيڻ لاءِ) مس مس ٿي مڙيون.
● مِڙِوئِي = سڄوئي، جملي.
- حَرفُ مِڙوئِي هيڪُ (يمن ۵/۱۶)= (جدا جدا صورتن آهن پر) اصل حرف (ذات) هڪ ئي آهي.
- جُھُ مِڙوئي مَٿو ٿيو (رامڪلي ۵/۱۷)= جنن جو سڄو بُت ئي (هرهڪ عضوو) سِرُ ٿي ويو.
مِڙَهه= آسڻ، مڙهيون.
- وِٺا مَڙَهه تاڙي (رامڪلي ۴/۲۳)= تاڙيون هڻي مڙهيون بند ڪري ويا.
مَڙَهُ= مثل بت، مڙدو، جنازو.
- کَنهن مَڙَهُ مقام ۾ (ڏهر ۱/۱۱)= ڪنهن نه مڙدو مقام ۾ (دفن ٿيڻ لاءِ).
- نِجاهه مَڙَهُ مليرَ ڏي (مارئي ۵/۸)= اوهين نجثو (ڪٽي وڃجو) منهنجو جنازو ملير ڏي.
● مَڙهڻ= پڪيءَ طرح ڳنڍڻ، ملائي مضبوط ڪرڻ.

- مَڙهنو مَنجهاراءِ (سامونڊي ۳/۳۰، رپ ۱/۲۷) = اِندران اندر (منهنجو جيءُ جن سان) ڳنڍيو، قابو ٿيو.
- مَڙهي مَڙهج مَنهَ ۾ (آبري ۳/۲۱)= پنهنجي منهن ۾ پڪو پختو ڪري بيهارج.
- تہ سَڀَ مَڙهايان سونَ سين (بروو ۲/۲۰)= تہ اهي سڀ سونَ سان پڪا پختا ڪري جڙايان، سون سان سينگاري سنهڻا ڪرايان.
- مَڙهيائُون مُشڪ سين (راڻو ۳/۳)= مشڪ سان پنهنجن وارن جا چوٽا مَليائون.
● مڙهي (جمع) مڙهيون= فقيرن جي رهڻ جي جاءِ، غريباڻو گهرَ.
- مَڙهِينئُون موڪَلَ (رامڪلي ۴/وائي)= مَڙهين مان موڪلائي.
- مڙهيون مڪڻهار، پوري ڪنهن پارِ وِئا (پرڀاتي ۱/۲۱) = مڪڻهار فقير پنهنجا غريباڻا گهرڙا بند ڪري ڪنهن ٻني پاسي هليا ويا.
- مَڙهي مُورِ مَر اَڏَ (رامڪلي ۲/۹)= گهر هرگز نہ ٺاهه، رهڻ لاءِ جاءِ هرگز نہ جوڙ.
● مزاجَ= جوهر، ذاتي خوبي.
- موتيءَ جي مِزاجَ جو (سري راڳ ۴/۱)= موتيءَ جي ذاتي جوهر جو.
● مسُ= (الف) ميل ملاوت واري حالت، لڳ لاڳاپن وارو ماحول (ب) ٽامو، ٽاٽي وارو وهنوار.
- موتي ٿين نہ مسُ (رامڪلي ۶/۲۵)= اهي موتي لاڳاپا نہ رکن، پاڻ کي گهٽ نہ ڪن.
● مَسَ = لاچار، مشڪل سان، ورلي.
- مَسَ رکان (سورٺ ۱/۶)= لاچار رکان، هرگز نہ رکان.

ـ مَسَ سَٽي (مارئي ٣/١)= پَڌي ئي ڪاندِ، لاچار پَڌي.
ـ مَسَ مَڃين (مارئي ٤/١)= مس قبول ڪن، لاچار قبول ڪن.
مَسُ= ڪاري ريھ واري نئين لھندڙ ڏاڙھي.
ـ تو ڳِھرندي مَسُ (پرياتي ١/٤)= توکي ريھ ڏاڙھي لھندي، چوڏاري منھن تي ڦرندي.
مَسُ= ١. اکرن لکڻ لاءِ پاٿيٽ وارو ڪارو مصالحو ٢. روز ازل واري لکيي جي مَسُ.
ـ وِينو وِڃايين مَسُ (يمن ٥/١٩)=مَسُ پيو ضايع ڪرين.
ـ جيڪين ڪئو مَسُ (سري راڳ وائي ٤/٢)= ازل واري مِس جيڪين لکيو.
● مُسافرنئون (حسيني ٥/١١)= مسافرن ڪان.
● مَساوِي = برابر، ھڪ جھڙو.
ـ مارِئي مَساوِي ٿئو (مارئي ٤/١١)= مارئي لاءِ (اپاڳ ۽ سپاڳ) برابر ٿيو.
● مَستانَ= مستانا.
ـ ماڳِ ھَٿيو مَستان (يمن ٣/٤)= ١. مستانن عاشقن کي ماڳ تي (اڪين جا تير) ھٿيو ٢. اي مستانا محبوب! تون (عاشقن کي) ماڳ تي ماريو ڪيرايو.
مُستَغرَقُ (ڪلياڻ ١/٢١)= صفا غرق ۽ غلطان، وڏي فڪر ۽ مونجھاري ۾.
مَسَحُو (ع. مَسحُ) = جتي پاڻي نه ملي، اتي وضوءِ بدران خاڪ تي ھٿ ھڻي وضوءَ وارا ارڪان پورا ڪرڻ.
ـ مونتي ڪَنِ نه مَسَحو (رامڪلي ٣/١٧)= وري پيھر مسحو نه ڪن.
● مَسرِّيارا (راڻو ١/١٥)=ڪاري ريھ ڏاڙھيءَ وارا (جوان).
مُسلِمَاني مَاٽِيين (آسا ٤/٩)= تون مسلماني وارو درجو حاصل ڪري خوش ٿئين.
● مُسَنِ = جيڪي مُنا ٿين، مشڪلات ۾ پون، حيران پريشان ٿين.
ـ مُسَنِ مُنه سَنرا (ڏھر ١/٨)= مُنن جا مُنھن مَرڪندڙ.
● مَسنَدُون= تخت واريون ڪتون، تختَ.
ـ ماڳين پيئُون مسنَدُون (ڪاموڏ ٤/١٤)= ماڳھن تخت پئجي ويا! مَسندَ رکجي ويا!
● مَسِيت = مسجد.
ـ مُسافِر مَسِيتِ (ھِلاول ١/١١)= مسجد ۾ تڪندڙ غريب مسافر (تن مان به تو ڳھڻن کي ڳھوڙن تي چاڙھيو).
● مُشاھِدو= الاھي ديدار، مشاھدو ڪيل، روشنو تماشو.
ـ تہ مُشاھِدو ماٽِيين (آسا ٦/٨، سنھٽي ٩/١١)= تہ الاھي ديدار ڏسين.
ـ مُشاھدو محبوب جو (آسا ٧/٥)= محبوب جو ديدار.
ـ مون کي توءِ مشاھدو (ڪنيات وائي ٥/٢)= مون لاءِ اھو بہ تہ ديدار آھي (جڏھن تون مون ڪان منھن موڙين ٿو).
ـ مَرڻُ تَنِ مُشاھدو (يمن ٢/٧)= تن لاءِ موتُ چڻ ڪيل آھي.
ـ مَنجھين مُشاھدو ٿيي (ڪلياڻ ٢/١٨)= اندران اندر (پنھنجي وجود ۾) ديدار ٿئي.
ـ مُشاھِدي تَھِين (يمن ٤/٤)= ان ديدار، ان حال ۽ ڪيفيَت.
● مَشائِخ= وڏي درجي ۽ وڏي حال وارا.
ـ مَھندان مَشائِخنِ جي (رامڪلي ٧/ وائي-٢)= وڏي درجي ۽ حال وارن جي آڏو.
● مُشتاق= سِڪندڙ، عاشق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَعذوِري = ڪاٺياري، خطا وار.
ـ ماري مَعذوِري (ليلان ۱/۱)= هن ڪاٺياري ۽ خطا وار کي ماري.
ـ مَتي مَعذورين (حسيني ۱۲/۳)= قصور ۽ خطا وارين تي.
مَعذوريون= عذر واريون (جن تي عذر رهجي ويو، ميار رهجي وئي، جنن سسئي تي ننڍرجي ميار رهجي وئي). هيٺيون، ضعيف، ڪاٺياريون، خطاوار
ـ مَعذوريون مُيون (ديسي ۲/۳، ڪوهياري ۵/۱۱) = هيٺيون ضعيف مري ويون.
مَعرفَتَ= شريعت، طريقت، ۽ 'حقيقت' تنهي جي عين الاهي رضا مطابق ڄاڻ ۽ پروڙ، الاهي ڄاڻ.
ـ ماڳُ مَعرفَتَ (ڪلياڻ ۲/۲۲)= ان جو ماڳ ۽ تڪيو معرفت وارو، انهن جو درجو معرفت وارو.
ـ مَعرِفَتَ جي ماڻ سين (ڪلياڻ ۱/۱۲)= الاهي ڄاڻ (حق جي ڄاڻ) واري سمجهه ۽ صبر سان.
ـ مَعَرفَتَ مَرڪُ (سنهڻي ۴/۱۰)= معرفت جڳائي، معرفت سونهي.
ـ مَعرفَتَ مَلهاءِ (آسا ۴/۹)= ('معرفت تي پورو بيهي) معرفت کي ملهاءِ، معرفت کي سهڻو ڪري سينگار.
● مَعشُوقَ= جنهن سان عشق ڪجي، جنهن تي ڪو عاشق ٿئي، محبوب.
ـ مَ ڪِين چَنڊُ مَعشُوقَ (ڪلياڻ ۱/۲۰)= (هن کي معشوق بالڪل نه چنڊ (ائين نه چنڊ ته هو معشوق آهي).
ـ مَعشُوقَن جَا (يمن ۳/۸)= (عزت ۽ عظمت خاطر جمع جو صيغو) پياري ۽ اعليٰ شان واري معشوقَ جا، پياري محبوب جا.
ـ مَعشوقَن لَئي (ڪلياڻ ۴/۱۳)= محبوبن جي محبت خاطر، محبوبن جي رضا خاطر.
● مَعصُومَ= ۱. ننڍڙا ابهم ٻار ۲. مڪتب واري هيٺين سطح تي پڙهندڙ ٻارڙا، جن جو ذهن اڃان ايترو پختو نه هجي جو ڏکيا باب پڙهي سگهن، يا مشڪل لفظ ۽ معنائون سمجهي سگهن.
ـ مارِ مَعصُومَنِ کي (يمن ۵/۸)= تون ننڍڙن ابهم ٻارڙن کي نه مار.
● مُعلِمَ= ناڪٹو، رهنماءُ.
ـ ميهَرَئي مُعلِمُ (سنهڻي ۱۲/۱)= ميهار ئي (منهنجو ناڪٹو آهي، رهنما آهي.
ـ مُعَلمَ جِت مُحتاجَ (سري راڳ ۳/۸)= جتي ناڪٹا به بي وَس آهن.
ـ مُعَلِمَ آسَري (سامونڊي ۱/۲۹)= ٻيڙي جي اڳواڻ ۽ سچي ڄاڻ واري جي آسري تي.
ـ مُلا مُعَلِمَنِ (سامونڊي ۱/۱۰)= ناڪٹن ڪان (مُلا= ڪان).
● مَعَلمَ= معلوم.
ـ توکي مَعَلمَ سَڀڪا (ڏهر ۱/۳، سورٺ ۱/۹)= توکي سڀڪا ڄاڻ آهي.
ـ مَعلُومُ اَٿئي (سري راڳ ۱/۵)= اي منهنجا ڌڻي توکي سڀ معلوم آهي، تون ڄاڻين ٿو (۽ تون ڪو ڪرم ڪر).
ـ مَعلومُ حالُ حَبيبَ (آبري وائي ۴/۱)= اي حبيب! توکي منهنجو حال معلوم هجي.
ـ مَعلُومَ ٿيو (يمن ۵/۱۲)= اظهار ٿيو، اسان تائين پهتو.
ـ مَعلُومُ ٿئي (ڪلياڻ ۱/۱۸)= حاصل ٿئي، سمجهه ۾ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَٽ ڪرنهي، توجهڙو ڪرنهي، تنهنجي برابر ڪرنهي.
ـ مُلڪُ مڙوئي گهوريان (سورٺ ۴/۹) = (سرِ تہ ڏيان تو) پر سڄو ملڪ بہ تو مٿان تو گهوريان.
● مِلڪَ = ملڪيت.
ـ مِلڪَ نہ مَنگي مالُ (سورٺ ۱/۱۲)= مال ملڪيت نہ گهُري، نہ وٺي.
● مَلَڪَ ڏِناس (سنهڻي ۹/۲)= ملائڪ ڏنائين.
ـ مَلَڪَنان مَهندَ (سنهڻي ۸/۱)= ملڪن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ.
● مَلَڪُوتُ= تخليق ۽ تقدير وارو درجو.
ـ ماٺيائون مَلَڪُوتُ (مارئي ۱۰/۲)= 'ملڪوت' واري منزل ماٺيائون، ملڪوت وارو درجو حاصل ڪيائون.
مَلِ مَلِ (ڪاپائتي ۱/۲۳)= تند ڪڍڻ وقت اُن کي ذري ذري ملڻ، وري وري ملي مهٽي لسو ڪرڻ.
● مِلَنِ نہ سِپِرين (آبري ۷/۹)= محبوب سان نہ ملن.
ـ مِلِنا جي مَري (رامڪلي ۲/وائي)= جيڪي مَرڻ کان اڳ مري (پنهنجو پاڻ ماري) پنهنجي پرينءَ سان مليا.
مَلُورَ= ملول، غمگين، ڏکاري، بي حال، بيمار.
ـ مـاڙيـن ڪي مَلُورَ (مارئي ۳/۸)= (مـارئي کي) محلاتن ملول ڪيو.
ـ اَٺئي پَهَرَ مَلُورُ (ڪلياڻ ۵/۹)= رات ڏينهن بي حال.
ـ مُون ڪي ڪَري مَلُورَ (گهاتو ۱/۴)= مون کي ملول ڪري، ڏکارو ڪري.
● مَلُوڪَ= سُهڻو، وڏي شان مان وارو، وڏي نالي وارو نيڪ نامُ.
ـ مـاڙيءَ هيٺ مَلُوڪَ جي (سورٺ ۶/۶)= ان مـان شان واري (راءِ ڏياچ) جي ماڙيءَ هيٺان.

● مَلْهہ ڪَرَڻُ (يمن ۶/۱۷)= ڪنهن شيءِ جي قيمت ڪٿڻ، قيمت رکڻ، قيمت مقرر ڪرڻ.
● مَلْهائڻ = مانُ ڏيڻ، مٿي ڪرڻ، مانُ ڏيڻ لاءِ خوشي ڪرڻ.
ـ مونکي ملهائيج (ليلان ۴/۹)= منهنجو مانُ مٿاهون ڪجُ.
ـ مَعرفتَ ملهاءِ (آسا ۴/۹)= 'معرفت' واري منزل کي تون ملهاءِ.
● مَلِيرُ=سهڻو سائو ملڪ (ملير جهڙو) مارئي جو ٿر.
ـ آهِسِ مَنِ مَلِيرُ (مارئي ۳/۲)= من ۾ هن کي ملير آهي، هن کي ملير جي سڪ ۽ يادگيري آهي.
ـ مليرِ ڏي (مارئي وائي ۱/۱)= سهڻي سائي ٿر ڏي.
ـ مليرَ ۾ (مارئي ۶/۱۰، ۹/۸)= سهڻي سائي ٿر ۾.
ـ مَلِيرَ موڪَ مُهاڙ (مارئي ۶/۱۱)= سهڻي سائي ٿر (ملير) جو مُنهن ڪشادو آهي.
● مَنَ = مَن تہ، مَانَ، تان تہ، جيڪر، شال.
ـ مَنَ پاڃهائي پنو هَٽي (يمن ۳/۱۲)= جيڪر مهر ۽ پاڃهہ ڪري پنو (تير) هٽي.
● مَنُ= دل، قلب، جيءُ، پاڻپڻو، نفس.
ـ مون مـاروءَ سين مَنُ (مارئي ۶/۱۳)= منهنجو من پنهنجي ماروءَ سان مليل آهي.
ـ مَنُ ڪاهو (سنهڻي ۹/۱)= مَنَ جي چِڪَ، دل جو لاڙو.
ـ مَنَ ۾ مُنڌرا (پورب ۲/وائي-۲)= پاهران ڪـن بدران، اندر من ۾ پاتل والا.
ـ مَحبتَ رَکي مَنِ (ڪلياڻ ۴/۱)= مَنَ ۾ محبت کي رکي، دل سان سانڍي.
ـ مَنَ مَنجهوني (رپ ۲/۹)= مَنَ ۾ اندر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڏِجي نَہ مَنجھہ (ڪلياڻ ٥/١٥)= منجھہ نہ ڏجي، راز نہ ڏجي.
- مونکي مَنجھہ نہ ڏِينِ (ديسي ٢/٧)= مونکي پنهنجو راز نہ پيا ٻڌائين.
- ڪِنهِ کي ڏيانِ مَنجھہ (حسيني ٦/٧)= راز ڪنهن کي ٻڌايان.

● مَنجھہ= ۾، اندر.

- مَنجھہ محبتَ مَچ (رامڪلي ٣/٨)= اندر ۾ محبت جو مچ (۽ ان جي ڪري ڳاڙها ۽ رَتل).
- وِجھنِ مَنجھہ ھُنُورِ (سامونڊي ٣/٢٩)= پاڻ کي (ٻيڙيءَ ۾) اندر اُجلُو هنر (اڇليان ها).
- مَنجھہ پيئو (سورٺ ٣/٢)= اندر محل ۾ آيو.
- مَنجھہ ڪِلي (سنھڻي ١٠/٩)= قلعي منجھہ، مقابلي منجھہ، ڏکيي وقت ۾.
- مَنجھہ ٽَران (مارئي ٩/٨)= ٽرن ۾.
- مَنجھہ گَرھَ (سري راڳ ٢/٢٦)= گَريبي ۾، اوسيڙي ۾، اُلڪي ۾، غم ۾.
- منجھہ پِريتِ (آسا ٥/١٣)= دائمي محبت ۾.
- منجھہ خُمار (ڪوهياري ٦/٢)= بي هوشي ۾.
- مَنجھہ وِڙهي (ڪارايل ٢/٢٢)= اندران اندر وڙهي.
- مَنجھہ پِريائين ماڳَ (سنھڻي ١١/١٤)= اندر واريون سڀ جايون پريائين، دل سڄي پريائين.
- مَنجھہ شَهادتَ (آبري ٦/٦)= شهادت واري منزل ۾.

● مَنجھا، منجھان= مان، اندر مان، اندران اندر.

- مَنجھا پيني مَکُريءَ (سري راڳ ٣/٥)= ٻيڙيءَ ۾ اندر پيئي.
- مَنجھا چاھَ (سري راڳ ٢/١٥)= حرص مان.
- منجھان تو مَعلومُ ٿئي (يمن ٥/١٥)= پنهنجي اندران وجود مان توکي معلوم ٿئي.
- مَنجھا مَوجَ (سري راڳ ٢/٢١)= موج مان، زور واري لهر مان.
- منجھا رڱن روح (يمن ٦/٨)= رڱن مان روح.
- مَنجھان مُون (يمن ٢/٣)=مون مان، منهنجي اندر مان.
- مَنجھا هيجَ (يمن ١/٢٦، سارنگ ٤/٢٢)= هيج مان، وڏي چاھہ مان، وڏي سڪَ ۽ خوشي مان.
- مَنجھان مَتَنِ (ڏهر ٤/١٤)= مَتَن مان.
- مَنجھان مَنَ (آسا ٦/٨)= اندر مَنَ مان.
- منجھان تَنِ (مارئي ١٠/٨)= تن جي سڪ مان.
- منجھان تَنِ جُسَنِ (رامڪلي ٣/١١)= تن جي بدن مان، تن جي واتان توڙي بدن جي اشارن مان.
- مَنجھان تکَ (آبري ٩/٨)= تکائي مان، تيزيءَ مان.
- مَنجھان پَہُ پَرُوڙ (آبري ٣/١١)= پنهنجي اندر مان پار پَتو ڪيو.
- روءِ منجھائين رَت (حسيني ٣/١٠)= اندر ئي اندر ۾ رَتُ روءِ، رت جا ڳوڙها ڳاڙ.
- منجھان نيہ (راڻو ٤/١)= نيهن مان، عشق مان.
- منجھان ئي، منجھائين (ڪلياڻ ١/١٨)=اندر مان، اندرئي اندر پنهنجي وجود ۾.
- مَنجھان مُون وِٺو (يمن ٣/١٤)= (تير) منهنجي جسم مان پار لنگهي ويو.
- مَنجھان نيہ نِرتي (حسيني ١٠/وائي-١)= نرتي نيہ مان، سچي صاف محبت مان.
- مَنجھان سِڪَ (رپ ١/١٩)= سڪَ مان، پيار واري حب مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● مَندِي= مدي ڳالهه، مدائي.

ـ ڪَنين مَندي نه سُڻيان (سري راڳ ۱/۹)= ڪنن سان مدائي واري ڳالهه نه ٻڌان.

ـ مَندو مَ سُڻيان (بلاول ۲/۴)= مندائي وارو گفتو گلا نه ٻڌان.

● مُنڌَ= عورت، زال.

ـ مُنڌَ نه منجهان تَنِ (آبري ۱۱/۱۱)= هيءَ زال (سسئي) انهن عام عورتن مان ناهي.

ـ مُنڌَ ڪاڇي ڪَنڌيين (ڏهر ۴/۱۳)= مُنڌ ڪاڇي جي وٽن ۾، ڪاڇي جي ڪنار وارن پاڳن ۾ (ڪاڇي جي انهن پاڳن ۾ جتان سنگهار سانگ خاطر هليا ويا، اتي اڪيلي پئي گهاري).

ـ مُنڌَ پوڙِتو مِهراڻُ (سنهڻي ۱۲/۸)= هن مُنڌ (سنهڻي) مهراڻ درياءَ کي پوڙي ڇڏيو.

ـ مُنڌَ اَسُونهين ميڙيين (ديسي ۱/۱۰)= يا الله! هيءَ ويچاري اڻ- واقف (جيڪا رستي جي سونهين ناهي) سا شال ساٿ سان ملائين.

مَنڌ، مَنڌَ=(سنسڪرت: مَديه= شراب)، 'مد' جو عام سنڌي اُچار، شراب.

ـ مَهيسر جي مَنڌَ (يمن ۶/۱۲)= ٻَني ڇڪائيندڙ جو شراب، وڏي چاٽو جو تيار ڪيل شراب.

مَنڌُ ٻئو (يمن ۶/۱۹)= ٻئي قسم جو شراب، نئين قسم ۽ رنگ وارو شراب.

ـ مُلِ مَهانگو مَنڌُ (ڪلياڻ ۵/۲۵)= عشق وارو شراب ملهه مهانگو آهي.

مَنڌي (جمع) منڌيون=ڪير ولوڙڻ واريون ماڌاڻيون.

ـ منڌيون مَٿَ ڳُڙَنِ (ڏهر ۴/۸)= ماڌاڻين ۾ وڏين ماٽين جا وڏا آواز آهن (ڪير گهڻو آهي ۽ وڏين ماٽين ۾ ولوڙجي پيو، جن جي آوازن جي وڏي گونج).

● مَندِرُ= طلسم (جيڪو سمجهه ۾ نه اچي).

ـ ماندريءَ مندرُ پَڪيڙِئو (ڪلياڻ ۳/۱)= طلسم واري طلسم بنائي ڇڏيو.

● مُندرا= والا.

ـ جَن کي مَنَ ۾ مُندرا (پورب ۲/وائي-۱)= جن کي پنهنجي وجود ۾ والا آهن.

ـ مُنهَن ۾ مُندرا پاءِ (رامڪلي ۲/۸)= تون ڪنن ۾ مُندرا (ڇلا والا وجهه).

● مَنڊَلَ ='سَر منڊل' ساز. محفل جي واڃن جو مانداڻ.

ـ مُنڌَ ٿي مَنڊَلَ وڄنا (سارنگ ۲/۱)= سانوڻ جي مند آئي ته گوڙين جي گجڪار جا ساز وڄي ويا.

● مَنڍَڻ = بنائڻ، سولو ڪري ناهڻ، ناهي بنائي بيهارڻ، گڏڻ، گوهڻ.

ـ مَٿي پُورَبَ مَنڍِئا (پورب ۱/۱۶)= (خيما) پُورب جي طرف لڳايا (پورب ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي).

● مُنڍُ = شروع وارو پاڳو، شروع، اصل.

ـ مُنڍَان جي مَرڪٽان (رامڪلي ۲/۱۹)= اصل کان جيڪي مَرڪندڙ آهن، (سندن سُهڻن لِڇڻن جي ڪري) جتي ڪٿي مانائتا ۽ مقبول آهن، سرخرو ۽ سَرها آهن.

● مَنزل دُورِ مَن تَنها (ڪوهياري ۶/۱۰، آبري ۲/۴) = (ف) منزل پري آهي ۽ آءٌ اڪيلي آهيان.

● مُنڪَرُ ۽ نَڪيرُ (آبري ۸/۹)= فوتي کان پڇاڻي وارا ٻه ملائڪ.

● منگڻ= (سرائڪي) سوال ڪرڻ، گهرڻ. خيرات گهرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- مَنگُ= 'مَنگڻ' مان امر، تون گهُرُ، سوال ڪر.
- مَنگُ تَنهين کي (پرڀاتي ١/٧)= گهُرُ اُنهيءَ کان.
- مَنگَ ='مَنگڻ' مان اسم، گهُرَ، سوال، ڏان، خيرات.
- جا مَنگَ مُنهنجي مَنِ (سورٺ ١/٩)= جيڪا گهُرَ منهنجي دل ۾ آهي.
- مَنگَ وِهائي مَگتا (سورٺ ٣/١٦)= اي مگتا گهُرَ ختم ٿي، گهُرڻ وارو وقت ختم ٿيو.
- مَنگَ نہ تُسي مَگتو (سورٺ ١/١٢)= منگتو (بيجل) عام خيرات وٺڻ تي نہ سَرچي، راضي نہ ٿئي.
- تُنهنجي دَران مَنگان (پورب ٢/وائي-٢)= تنهنجي در تان خيرات گهران.
- مون تان مُور نہ مَنگيو (سورٺ ٣/٥)= اٿين مون کٽهن بہ ڪونہ پنيو.
- مَنگين جي (پرڀاتي ١/٧)= جتان تون گهرين ٿو.
- مَنگِنِ جَرُ مَتان (مارئي ١١/٥)= مٿان برسات وارو پاڻي گهرن، مينهن گهرن.

● مَنگلُ= ڪورو، ميچ.
- مَنگلُ مُنهنجي مَنَ ۾ (آبري ٦/١)= محبت جو ميچ منهنجي اندر ۾.

● مُگهٽ، منگهٽ= مولهيو، تاج مثل سر جو سينگار.
- منجهان مُگهٽَ بوءِ (رائو ١/١٢)=منگهٽ مان خوشبوءِ.

● مِنهُ = بهانو، سبب، مُلاحظو.
- ماڳهين مُون مِنهُ ٿئي (يمن ٣/٣)= تہ ويتر مون کي بهانو ٿئي. ●
- منه ڪِنو ماڙهِنِ کان (رامڪلي ٢/١٧)= ماڻهن کان مُلاحظو ڪريو، بهانو ڪريو.
- مِنه جهين جي مون (سنهڻي ٢/٢)= جنهن جي بهاني، جنهن جي سببان.

● مُنهُ مُنهن= چهرو، رُوءِ، وَجهُ.
- مُنهِ ٿئي (معذور ٣/٧)= منهن ۾ ٿئي، سنئين وات سامهون اچي.
- مُنه چڙهيو (سارنگ ٢/٣)= سامهون اچي، آڏو ٿي.
- ڪَنڌ ڪتارو، مُنهِ وَني (يمن ٦/١٣)= ڳچيءَ تي ڪات ۽ منهن ۾ چپن تي (محبت جي شراب جي) پيالي.
- مُنهِ مُقابِلِ (ڪنيات ١/٢٠، ديسي ٢/وائي، رپ ٢/٢) = منهن سامهون، آمهون سامهون، روبرو.
- مُنهِ ۾ مُسلمانُ (ڪلياڻ ٣/١٢)= ظاهريءَ طرح ڏسڻ ۾ مسلمان.
- مُنه ڏيئي مون آئيو (ڪوهياري ٤/٢، ديسي ٤/١٠) = جيڏانهن ڪيڏانهن سامهون نظر آيو.
- مُنهَ ڪاڻِ (مارئي ١١/٢٣)= مُنهن واري ميار ۾.
- مُنهُ پِٽي مريع تون (آسا ٧/٤)= تون مٿو پٽي غم ۽ ڏک ۾ پنهنجو پساه پورو ڪج.
- مُنهَ موچارا مارُوئين، مَلِيرُ جَني ماڳُ (مارئي ٤/١٠) = منهن موچارا انهن مارُوئن جا آهن جن جو ماڳ مڪان ملير ۾ آهي، جيڪي ملير ۾ ئي آهن.
- مُنهَ ۾ مَعشُوقَنِ جا (يمن ٣/٨، ٣/٩)= (اي عاشق!) محبوبن جا ڏک ۽ ڳهاء آمهون سامهون پنهنجي منهن ۾ جهلج.
- مُنه نہ پيئي (ڪلياڻ ٢/١١، آسا ٦/٢)= سامهون نہ آئي، نظر نہ آئي (پلئہ نہ پيئي، حاصل نہ ٿي، سمجهہ ۾ نہ آئي).
- مُنهُ پارِيُون (ڪنيات ١/٢١)= مُنهَن سامهيون.
- مُنهُ ڳِنو (سنهڻي ١١/٥)= پنهنجو منهن وٺو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنيور ۾) تہ بہ منجهي پيون وڃن.

● مُوڙي = هڙ، پڙي.

– مَتّي جِنهِ مُوڙي (ڪاپائتي ١/٦)= جنهن جي مٿي تي پڙي، (اصطلاح) جنهن جي مٿان ذميواري.

– اُنِ کي مَتّي تي مُوڙيون (ڪاموڏ ٢/٣)= انهن جي مٿي تي ننڍڙيون پڙيون.

● موسيٰ= نبيءَ حضرت موسيٰ عليه السلام.

– مُوسيٰ جهڙو (ڪلياڻ ٣/١٦)= جڻ موسيٰ نبيءَ عليه السلام جهڙي نوراني صورت.

موڪَ = ڳ هٽائي (مينهن ۾ پاڻي جي ۽ ٻي هر شيءِ جي)، جام، گهڻا.

– تِيَنِ موڪَ مليرَ ۾ (مارئي ١١/١٤)= مليرَ ۾ جام تين.

– چُوندِن موڪَ مها (مارئي ٩/٧)=ميها عام جام چونديِن.

– گهٽي موڪَ مَهي (مارئي ٩/١٣)= گهٽي جام مَهي.

– منجهان مينهَنِ موڪَ (سارنگ ١/١٠)= برساتن جي پاڻيءَ جي پلٽ.

– مارِئو ڏنم موڪَ (گهاتو ١/٥)= مون کي گهڻا (ڪُرڙا) ماري ڏنا.

– مَنجهان مَتَنِ موڪَ (ڏهر ٤/١٤)=مَتن مان گهڻو شراب.

● موڪَلَ جڙي (مارئي ١١/٢٥)= موڪل مونکي ملي.

● مَوڪي = (سنڌي ۾ مؤنث واري صورت= 'مُغي') ميخاني جي ساقياڻي ('مغ' جمع 'مغان' = ايران ۾ اڳوڻي وقت وارا شراب چڪائيندڙ ۽ وڪڻندڙ. ميخاني جا مالڪ جيڪي پيالو پياريندا).

– موڪيءَ مَٽَ اُپَٽيا (يمن ٦/٢٠)= شراب پيارينڌڙ ڪلالڻ سنڌيل شراب وارا مَٽ کوليا (جن ۾ شراب سنڌجي تيار ٿي چڪو هو).

● موڪڻ= پاڻ ملهائڻ، سٺي ڪم ڪرڻ سان پاڻ کي عزت وارو ڪرڻ.

– موڪيون= ملهايون: مياٽين وارن کي آباد ۽ خوش ڪيو.

– جِنهِ مِياٽيون موڪيون (ڪاموڏ ٤/١٢)=جنهن مياٽيون ملهايون.

● مولِده (بلوچڪي) = ٻانهي، گولي.

– مَنا گُشتَنِي مولِدَي (ديسي ٧/٤)= (بلوچڪي) مون کي چيائون تہ 'تون ٻانهي'.

● مولهيا = پَٽڪا، مٿي تي ويڙهيل ڪپڙا.

– ماڪَ پچايَنِ مولهيا (گهاتو ١/٢)= ماڪ سندن پَٽڪا آلا ڪيا.

– جِنَن ڳِرا مَتِنِ مولهيا (سري راڳ ٢/٢)= جنن جو سندن مٿي تي ڪپڙن جون وڏيون ڳنڍون.

● مَولو(ڪلياڻ ١/١٥) = مولي، ڌڻي، خالق، مالڪ.

● مُومل='مومل- راڻي' جي قصي جو مشهور ڪِردار.

– مُومَلَ جي واري (راڻو ٩/١٥)= مومل جي معاملي وقت.

– مُومَلَ ماڳِ رهي (راڻو ٢/١١)= جنهن جو نالو مومل سا پنهنجي جاءِ تي رهي.

● 'مومن'=قرآن شريف جي سُوره نمبر(٤٠) جو نالو. لفظي معنيٰ: ايمان وارو.

– مارُو 'مومن' پاسِ (مارئي ١٠/٧)= منهنجا مارو 'مومن' سُور جي خوبين وارا، ايمان وارا.

– ميڙو ٿيندو مومنين (مارئي راڻي ٩/١)= ايمان وارن جي گڏجاڻي ٿيندي.

● مُون= آءُ آهيان وارو خيال، پنهنجي وجود جي هئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو خيال.

ـ مُون مُور نہ پُڇيَا (يمن ٢/٢٢)= مون بالڪل انهن کان ڪونہ پڇئو، مون بيماري جي علاج بابت ڪانئن ڪڏهن ڪونہ پڇيو.

ـ مون هين منجهان (ڪلياڻ ٣/٧)= منهنجي ئي اندر ۾، اندر مان.

ـ مُون پانيو هيءُ نيهُ، تان چيپون چيري سَنڌيُون (حسيني ٢/٣)=مون هن نيه (محبت ۽ عشق) کي راحت ڪري پانيو پر هيءُ تہ چيري (ٻاهه) جون چيپون آهن.

ـ 'مُون' مُون- هِين ۾ سَپَجي (ڪلياڻ ٣/٧)= 'مون' وارو (اَنانيت جو) خيال منهنجي اندر مان ئي پيدا ٿئي.

ـ مُون جئن مينہ پرين جي، جي تن ۾ هوئي تکَ (سارنگ ١/٦)= مون وانگر جيڪر مينہ کي بہ اندر ۾ پرين جي سِکَ ۽ ڇِڪَ هجي.

ـ مون تَنَ اَندرِ تيئن (مارئي ١١/٢)= منهنجي اندر ۾ تيئن (پنهنجي وطن جي سک آهي).

ـ مُون پاڻهين پيئي (ديسي ٤/٨)= مون پاڻهين پيچ پاتو.

ـ مون ڏيئي هَليا (سامونڊي ٣/٤٣)= مون کي وڇوڙو ڏيئي هليا. مون کي فراق جا ڏک ڏيئي روانا ٿيا.

ـ مُون- هِين ۾ (ڪلياڻ ٣/٧)= منهنجي ئي اندر ۾، منهنجي ئي پنهنجي وجود ۾.

ـ مُونکي مُوهي جَن سِين (آسا ٢/٢٥)= جن اکين سان مون کي موهي ماري.

ـ مون کي پڇئو (يمن ١/٦)= مون ڏي پنهنجو توجهہ ڪيو ۽ مون کان پڇيو، مون سان مخاطب ٿيو.

ـ مُون مُيِئي مَٿان- الخ (حسيني ٦/وائي-٢)= آءُ ڪيترائي پيرا سائِي تي مرڻ واري ٿيس، ۽ مون کي مُئي جائي منهنجي مَڙهہ کي ڪائڻ لاءِ مٿان ڪانوَن لامارا ڏنا.

● مُونَا = گوڏا.

ـ مُونا طورِسينَا (رامڪلي ٣/١)= اُيا گوڏا ڄڻ 'طورسينا' جبل وانگر آهن.

ـ مُونا جَنِ مَحراب (رامڪلي ٣/٤)= جن جا (سنڌن ويهڻ ۽ مراقبي واري حالت ۾) اُيا گوڏا ڄڻ محراب آهن (۽ جسم ڄڻ جامع مسجد آهي).

ـ پايو مُنهُ مُونَنِ ۾ (رامڪلي ٣/١٠، آسا ٧/١٦) = گوڏن ۾ مُنهن وجهي، ڪنڌ هيٺ نمائي.

ـ مُونين هٿي (ڪنيات ٤/١)= گوڏن سان لائي، مروڙي.

ـ هٿين پيرين مُونڙيين (معذور ٥/١)= هٿن پيرن ۽ گوڏن سان.

● مُونهان = مون کان.

ـ مُونهان مَٿاهُون ٿئو (ليلان ١/١١)= مون کان مٿي ٿيو.

ـ لَڄايا مُونهان (حسيني ٤/١)= منهنجي سببان لڄائجي ويا، لڄي ٿيا.

ـ مُونهان اڳيني (سنهڻي ١/٤، ١/٦)= مون کان اڳيني.

ـ مُونهان پُڇي نہ ڪِئو (آسا ٢/٢١)= مون کان پڇي نہ ڪيو.

ـ مُونهان پوءِ (مارئي ٥/٢٦)= مون کان پوءِ، تہ مان منهنجي وڃڻ کان پوءِ.

ـ هوند مُونهائي اڳي (سنهڻي ١/٤)= جيڪر مون کان ئي اڳ ۾.

● مُوهَ= موهہ، مهراڻي وارو طرف.

مُهتُ= مان، عزت.

ـ مُهتُ لَهندي مارُئي (مارئي ۱۱/۲۳)= مارئي مانُ لهندي، مانائتي ٿيندي.

مِهرَ = ٻاجَهه، راضي، قرب، رحم، ڪرم.

ـ مِهرَ مَنهُ ڏيکارِئو (يمن ۲/۳۰)= مهر سامهون آئي، ٻاجهه ٿي.

ـ مِهرِ مَ لاَهه (ڏهر ۱/٦)= مهر جي نظر نہ لاهه، ڪرم جي نگاهہ نہ لاهه.

ـ مَنجهان مِهر سَڏُ ڪِئو (آسا ۵/۲)= وڏي قرب ۽ راضي مان (محبوب جو) سڏ ٿيو.

● مِهراڻ= سنڌو درياهہ، ندي. (استعاري طور) سمنڊ.

ـ مُلاحظو مِهراڻَ جو (سري رَاڳ ۲/۲۰)= وڏي درياهہ جو (خطري وارو) اُلڪو.

ـ مٿي مَتي مِهراڻَ ۾ (سنهڙي ۱۲/٦)= ڀَريل مَتَل درياءَ ۾.

ـ ڀِنا مُنهِ مِهراڻَ (گهاتو ۱/۱)= مهراڻ جي مُنهن ڀيا، هيبت واري درياءَ جي سامهون آيا.

ـ لَکين سَئين مِهراڻَ (آسا ٦/۱۲)= ڪيئي درياءَ.

ـ مَنجهائي مِهراڻُ (سامونڊي ۱/٦)= مهراڻ منجهائي، سمنڊ جو زور ناکئن کي حيران پريشان ڪري (جڏهن وڏو واءُ ٿو سمنڊ ۾ پوي).

ـ مِهراڻَ ۾ (ڪاموڏ ۲/۱۵)= پاڻيءَ ۾.

مِهرائو (ميم جي زير سان)= اها ايراضي جيڪا مهراڻ (درياءَ) سان لاڳو هجي، يا درياهہ جي پاڻي جي اٿل سبب سائي سُر سبز هجي. (مُهرائو (م جي پيش سان)= اها ايراضي جيڪا پتن سان لاڳو هجي).

ـ مِهرائي وَٽاهُ (ڏهر ۲/۱۳)=درياءَ لڳ سائي سرسبز جهنگ وٽان.

● مهربانُ (مارئي ۳/۱)= مهر وارو، ٻاجهه وارو، رحم وارو.

● مُهرو (سامونڊي ۳/۱۳)= ٻيڙي جي اڳيين پاڇي ۾ مضبوط ٿلهو ڪلو (جنهن ۾ پڳهه وارو رسو ٻڌجي).

● مِهِري = زال.

ـ مِهِري ڪِين مَڃيندي (مارئي وائي ۴/۱)= هي زال (مارئي) ڪين قبوليندي.

● مُهڙُ= منڍ، اڳواڻ.

ـ مُهڙُ مِڙني مُرسَلين (بلاول ۲/۱۱)= سڀني رسولن جو اڳواڻ.

● مَهميزوَن (گهاتو ۲/۴)= سختيون، مارون، سيڪتون.

● مِهرَ نَظرُ (پرڀو ۱/۱۳)= مهر جي نظر، ڪرم جي نگاهہ.

● مَهند= اڳتي.

ـ سا مَهندِ مِڙنيان هُوءِ (معذور ۲/۲۳)= اها ٻين سڀني کان اڳ ۾ ٿئي.

ـ مَهندِ مُحتاجي ڪَري (آبري ۱/۱۱)= شروع کان ئي خدمت چاڪري ڪري.

ـ مَهند بہ تُنهنجو ماڳُ (بلاول ۳/۱)= اڳتي اڳئين جهان ۾ بہ تنهنجو اعليٰ مقام.

ـ مَهند ٿِيا ( حسيني ۱۰/۱۱، رامڪلي ۱/۹)= اڳتي ٿيا، (زباني ڳالهين کان) اڳتي آهن. اڳتي وڌي ويا.

● مَهندان=آڏو، اڳيان، اڳين جهان، قيامت جو ڏينهن.

ـ مَهندان مُنهِ ميهارَ جي (سنهڙي ۲/۴)= آڏو ميهار جي اڳيان.

ـ مَهندان اِنَ مُلڪَ جو (گهاتو وائي ۱/۱)= آڏو ان ملڪ (اڳئين جهان) جو.

ـ مَهندان اِيندِيئي (مارئي ۳/۳)= (جزا ۽ سزا واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀاجھا سائين، اي مالڪ، اي ڌڻي.

– مِيان! مَرِيضَنِ کي (يمن ١/١)= اي مالڪ مولئ! تون بيمارن کي (صحت بخشين).

– ميان اِلاهي (مارئي ١/٣)= اي ڌڻي، اي مالڪ.

● مَيان= سَمايان، سانديان.

– اَچان دَرِ مَيانِ (ڪنيات ١/١٠)= اچان پنهنجي اندر جو اندر ۾ سمائي ڇڏيان.

● مِياڻَ = تلوار جي ڪِپَ.

– مائِن ڪِين مِياڻَ ۾ (ڪلياڻ ٣/٧، يمن ٦/٤)= هڪ مياڻ ۾ (ٻه ترارِيون) نه ماپن.

● مِياٽِيُون = مڇيءَ وارا ماڳ (جتي مڇي مارجي اچي گڏ ٿئي ۽ جتي وڪامي).

– مِياٽِين مَتاءُ (ڪاموڏ ٤/٣)= سيني مياٽين ۾ جتي ڪٿي جشن ٿيا.

– مَڏ مياٽيون مَڪَرا (ڪاموڏ ٣/١١)= مُهاڻن جا ڪَڪاوان ٿُل (جن تي گهر)، مڇيءَ وارا ماڳ ۽ پيڙا.

● مُيائِي گهورئي (حسيني ١٠/٧)= مئي ته ٻه قربان ٿي.

– مُيَائِي سِين تَن (سنهڙي ٨/٧)= مثل حالت ۾ ٻه هنن وَٽ (وڃي پاليءَ مان) نڪران.

● ميتِڻ=ميسارڻ. (اصطلاح) ڍڪڻ، پرده پوشي ڪرڻ.

– مُنهنجي ميتِ مينڌَرا (راڻو ٤/٦)= اي راڻا مينڌرا، پنهنجي عيبن مداين کي ڍڪ.

– ميتِ مَدايون مُنهنجِيون (ليلان ٤/١)= منهنجيون مدايون ڳالهيون ڍڪ.

– سا مَينڌري ميتيامِ (راڻو ١٠/٨)= ميساريام، ڪاڪ واري منهنجي مدائيءَ کي مينڌري ميتيو، صاف ڪيو.

● مِيٺِ = ميناچ.

– مُون سين ڪري ميٺِ (سامونڊري ٢/١٠)= مون سان مٺيون ڳالهيون ڪري، مونکي ميٺ ڏيئي.

– ميٺ ڳري (حسيني ٤/وائي)= شراب جي مٺي ذائقي ۾ ڳري نشي.

– مُندائِتي ميٺ (مارئي ٥/١٨)= مندائتي ڏٿ جي ميٺ (ڦِڪن، سڱرن، پيروئن، ڳولاڙن وغيره جي).

● ميثاق=پڪو وعدو، ميثاق واري ڏينهن وارو وعدو.

– ميثاقان ميهارَ ڏي (سنهڙي ٨/٢)= روز ميثاق واري پڪي وعدي سان ميهار ڏي.

– منهنجو ميثاقا (ديسي ٢/٥)= منهنجو روز ميثاق کان وٺي ڪيل وعدو (تڏهن کان جڏهن روحن پنهنجي رب سان "قالُوبَلىٰ" وارو وعدو ڪيو).

● ميچُون (آسا ١/٦) = محبت جا اشارا.

● ميخانو= شراب خانو.

– مَيخاني جو مَنڊُ (ڪلياڻ ٤/٢٦)= محبت جي ميخاني وارو شراب، محبت جي نشي واري سُرڪي.

● ميخون= لوهيون ڪليون.

– ميخون محبت سَنديُون (ديسي ٧/وائي-١، مارئي وائي-١/١، ٦/٣)= محبت جون جڙُون.

● ميرَ= اي مير، اي صاحب!

– پِنُوءِ مارِجِ ميرَ (يمن ٣/٥)= اي منهنجا صاحب (محبوب)! پنو تير نه هڻج.

● ميرا = ميرا ڪپڙا.

– ميرا لاٽا مارُوئين (مارئي ١١/٢٤)= ماروئن ميرا ڪپڙا لاٽا (=ڌوئي اڇا ڪري پاتا)

● مِيرا ڪَپڙا (ڌهر ٥/٨)= گيڙو، ناسي، خاڪي، ميرانجهڙا ڪپڙا (پر اڇا نه، انهيءَ لاءِ ته لڪ ٿئي ۽

- مِينڊا ڏوھ نہ مارئي (مارئي ٣/١)= (بند ۾ ماروئن کي ياد ڪندي) مارئي پنھنجا وار نہ ڌوئي.

● مِينهُ مَنجھائين نڪري (سارنگ ١/١٥)= مينھن اندر مان پيدا ٿئي (غم ۾ فراق سبب زار زار روئڻ اکين مان ڳوڙھا ڳاڙڻ، (مينھن وانگر وسڻ).

● مِينهان= 'مينھن' جو جمع.

- مِينهان ۽ نِيهان (سارنگ ١/٥)= مينھن ۽ محبتن.

● مينهَڙين = مينھن ۾، مينھن جي مند ۾.

- اَٺَمِ اُني مِينهڙين (مارئي ١/٥)= مينھن وسڻ واري مند ۾ (منھنجو ماروئن سان ملڻ جو انجام آھي).

● مِينهِڙِيَنِ (ڏھر ٤/٧)= مِينهِينِ پَٽارِينِ.

مِينهَن = برسات.

- سَندا مَحَبتِ مِينهَ (سامونڊي ٢/١٢)= محبت سندا مينھن، وچوڙي ۽ فراق ۾ گهٽي 'سڪ ۽ محبت جا مينھن'.

- مِينهين اُنين (مارئي وائي ٤/١)= مينھين وسندين.

مِيڻ= نرم مادو.

- مَنُ ماري ڪرِ ميڻُ (آسا ٧/١٧)= پنھنجي نفس کي ماري ميڻ ڪري ڇڏ.

● مَير (راڻو ٥/٣)= سھڻو متارو اٺ.

- مَيي ۽ مَينڊري (راڻو ٦/١)= راڻي مينڊري ۽ سندس سڱهي متاري اٺ.

- مَير اَنگَ - مَير (ڪنيات ٤/٤)= انگن عضون ۾ پريل اٺ، لڳن ۾ مضبوط، مجاز واري رنگ ۾ پريل اٺ.

● ميوا= ڦر، ڦل.

- ميوا مَجر مَڪَ (مارئي ٥/٤)= ھڪڙا ميوا، ٻي مجر ۽ ترئين مَڪ.

- ميوا مَجرَ ماڪيُون (مارئي ٦/٦)= ھڪ ميوا، ٻي مجر، ٽريون ماڪيون.

● ميڪان= ميخان، ميخون، ڪليون، جڙُون.

- محبت جون ميڪان (راڻو ٥/١٣)= محبت جون ميخون، محبت جون جڙُون.

● ميھارُ (سنھڻي ١/١٥)= ميھرُ، مينھين وارو.

● ميھارومِ (سنھڻي ١٠/٩)= منھنجو ميھار.

● مَئن نُون (ڪلياڻ ٤/وائي-٢)= (سرائڪي) مونکي.

● مَئي= شراب، محبت جي نشي وارو شراب.

- تو مَئي جو ٻري مَچُ (ڪلياڻ ٤/١٤)= محبت جي شراب جي نشي واري گرمي جو مچ پيو ٻري.

● مُئي نجاھُ (مارئي ١١/٢٢)= ھيءَ مُئي (مارُن وٽ) ڪٽي وڃانءِ.

● ميءَ، مِيءَ (ڪاموڏ ١/٧)= مھاٽي (نوريءَ).

- تِهڙي ميءَ اکينِ ۾ (ڪاموڏ ٣/٩)= تھڙي روشني ميءِ (نوري) جي اکين ۾.

- ميءِ چڙھندي مَڪري (ڪاموڏ ٣/١)= ٻيڙيءَ تي چڙھندي، مُھاٽي (جي منھن تان پاند لٿو).

● ميئُون= ميءَ جو جمع، مھاٽيون.

- ميئُون تَلَنِ مورَ (ڪاموڏ ٣/٩)= مھاٽيون مورن وانگر پيون تلن.

● مِيون= وڏي مان شان وارو، مالڪ، ڌڻي.

- مِيين ۽ مَڱڻي (سورٺ ٤/١٣)= راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل.

- مِهرَ ڪَئي مِيين (مارئي ٨/٨)= ميين (عمر بادشاھ) ٻاجھ ڪئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارو زهريلو نانگ آهي، 'ناپَت' زمين جو نانگ آهي، بَر جي بلا آهي.

ـ نَانگ مَڻيَارو (آسا ۳/۱۵)= مڻ وارو نانگ.

● نَانگا= فقير، ننڊا جوڳي، چيلا.

ـ نانگنِ کِينَ نَمائيو (پورب ۲/۱)= چيلن ناٿ (گروء) کي نئڙت ۾ ڪونہ آندو (پر الاهي عشق ڪيس نئڙايو).

ـ نَانگا وَڃين نگئو (پورب ۲/۱۰)= اي نانگا، تون نڪري هليو وڃين ٿو (مڙهي اڏين ٿو تہ اتي ويهين نٿو).

نانہ= ناہ، نَفي، نابودي، نيستي.

ـ نَفيءِ سَندي نانہِ سين (آسا ۷/۲۱)= نابوديءَ واري نيستيءَ سين.

ـ نسوروئي نانہ جو (رامڪلي ۱/۳۴)= بالڪل ئي نِيستي وارو.

ـ نانہِ ڪَري (سنهٽي ۱/۲۰)= نابود ڪري، هستي وڃائي.

ـ نانہِ ۾= نَفي ۾، نِيستي ۾.

ـ نيئي اَڏيا نانہِ ۾ (مارئي ۸/۶)= پنهنجا پکا وڃي نانہ ۾ اڏيا (هن جهان مان هليا ويا).

ـ نَانہِ جي (رامڪلي ۲/۲۳)= نيستي جي، نابودي جي.

ـ نَانہ جو (رامڪلي ۱/۳۳)= نيستيءَ جو، هستي وڃائڻ جو.

● نانءُ = نالو.

ـ نانءُ تَهين جو ڳِنُ (پرڀاتي ۱/۵)= تنهن جو ئي نالو وٺ.

● نانئڻ، نائڻ= نَمائڻ، لاڙڻ، ڍارڻ.

ـ نيڻ تيڏاهينِ نانءِ (رامڪلي ۲/۳۰)= اکيون اوڏاهين ڍار، نظر اوڏهين ڪر.

نَاني= ناني جبل جتي هِنگلاج وارو تڪيو آهي.

ـ نَانيءَ ڏانهنَ نِهار (پورب ۲/۱۳)= ناني واري تڪيي (هنگلاج) ڏي نظر ڪر.

● ناہ= نيستي، نابودي، عدم.

ـ اَحَدُ صِفَتَ ري ناہ (ڪلياڻ ۱/۲۳)= 'صفت' ڪان سواءِ 'احد' کي سڃاڻڻ مشڪل آهي.

ـ نَاہ ڪُلهي ڪري (آبري ۹/۵)= پاڻ تي نيستي وارو بار وجهي، پنهنجو پاڻ وڃائي.

ـ ناہِ جيڏاهين نِجهرو (سنهٽي ۸/۱۳)= جيڏانهن 'ناہ' جو نجهرو آهي، نابوديءَ جو ماڳ آهي.

● ناهِس = نہ آهيس، هن جو نہ آهي.

ـ پَڌَرِ ناهِس پيرُ (ڪلياڻ ۲/۵)= ظاهر ۾ ان جو ڪو پير ئي ڪونهي، ڪو نشان ئي ڪونهي.

● ناءِ= سمنڊ جي ڪاڏي يا ڪاري (جنهن مان ٻيڙا وڏي سمنڊ مان پلهران اندر ڪناري ڏانهن اچن، يا اندران ڪناري واري بندر ڪان پلهر وڃن).

ـ مَٿي ناءِ نِٿينس (سري راڳ ۳/۱۱)= پنهنجي ٻيڙيءَ کي ناءِ تي وٺي وڃ.

● نَانُڪَ= تکي تيز چهنب، ڀالي جي چوٽي، نوڪ، اک جي اَٽي.

ـ نانُڪَ نيهَ جي (يمن ۳/۲۲، ڪنيات ۴/۱۰، ديسي ۷/۱۱)= محبت جي نوڪ، عشق جي چوٽ.

ـ نيڻ پريان جا نانُڪُون (آسا ۴/۱۴)= محبوب جون اکيون تيرن جون تکيون چوٽيون آهن.

● نائڻ= نمائڻ، نئڙائڻ، جهڪائڻ.

ـ نائي ميندي‌ءَ ڏار (ڪنيات ۳/۹)= ميندي‌ءَ جي وڻ جا ڏار نوڙائي، هيٺ ڪري.

ـ نائي ناڳيلاءِ (راڻو ۴/۱)= ناڳيل وليون هيٺ نمائي، ناڳيل وڻ جون ڦريون (ناڳيليون) هيٺ جهڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ نائِين سِرُ پِٽَنِ کي (ڪليات ١/٥)= تون پٽن جي آڏو پنهنجو سِرُ جهڪائين.

ـ ڏس نايئُون نارَ (سارنگ ٣/١٤)= ڏس ته ڪڪرن پاڻيءَ جا نارا مٿان اچي ناتا.

ـ نايو تِي نَعرو هَٿان (ڪوهياري ٦/٣)= ڪنڌ نمايو هيٺ ڪيو پٽي ڏک واريون دانهون ڪريان.

● نِبَارُ= نج، صاف، پاڪ.

ـ نِرتو نيهُ نِبَارُ (سنهڻي ٧/٥)= صاف پاڪ محبت ۽ عشق.

● نباهڻ= سَهڻ ۽ صلح ۾ رهڻ، رَهائڻ.

ـ اِيءُ نباهي نَنگُ (ڪليات ٤/١٢)= هيءَ رشتو نباهي، صلح ۽ محبت ۾ رهي.

ـ نِباهي نيندو (بلاول وائي ٣/١)= مون سان رَهائي پاڻ سان وٺي ويندو.

ـ نِباهي نِيين (معذور ٥/١)= تون پورو ڪرين، رَهائي پورو ڪرين.

ـ نِباهِيو نِينِ (سري راڳ ٢/٢٢)= پاڻ سان سلامت نِيَنِ، رَسُ رَهائي وڃن.

● نِبرڻ= پورو ٿيڻ، ختم ٿيڻ.

ـ پَنڌُ پلسي پِرِ نِبري (آبري ٩/٦، ٩/٨)= پلسي پير رڙهڻ سان پنڌ پورو ٿئي.

ـ نَه نبيري (رامڪلي ٤/٨)= نه ختم ٿئي.

ـ نِبيرِياسِ نه نِبري (حسيني ١٢/١٥، رپ ٢/١١)= ميڄايانس نه ميجي، سرچايانس نه سَرچي.

● نِبهڻ= صلح سان گڏري اچڻ، پورو ٿي اچڻ.

ـ نِيهُ جَهين سِين نِبَهي (آسا ٧/١١)= جنهن سان محبت جو ناتو سلامتيءَ سان پورو ٿئي.

● نِبَرُ= اپرو، هيڻو، ڪمزور.

ـ نِبِرُ نيهُ سَندوم (سامونڊي ٣/٢٨، ٣/٢٩)= منهنجو محبت جو رشتو ايترو سگهارو ناهي، ڪمزور آهي.

● نياڳا= جن کي نياڳ، اياڳا.

ـ نياڳِنِ نَوازِتي (پرياتي ٣/وائي-١، سورٺ ١/وائي-١) = جيڪي اياڳا هئا سي به نوازجي ويا.

● نِپَٽُ= اهو پَٽُ جيڪو پٽيو کيڙيو نه ويو هجي، اها زمين جيڪا پٽي کيڙي نه وئي هجي، 'ناپَٽُ' زمين، غيرآباد زمين، بر بيابان.

ـ عِشقُ نانگُ نِپَٽُ (ڪليات ٤/١٥)= عشق ناپٽ جو نانگ آهي، اَريج جو وڏو زهريلو نانگ آهي.

● نِجُ (بلاول ١/١٧)= اصل، سچو، نِبارُ.

ـ نِجوئِي (سنهڻي ١٢/٩)= نج ساڳي، اصل ساڳي.

● نَجابت= اعليٰ حسب نسب، اعليٰ شان.

ـ ايءَ نَجابَتَ نِياءُ (ڪاموڏ ٤/١)= اهوئي سندس اعليٰ شرف جو اهڃاڻ آهي.

● نَجَاسَتَ = ناپاڪائي، ميرائي.

ـ نَجَاسَتَ نانهِ ڪَرِي (سنهڻي ١/٢٠)= ناپاڪائي کي ختم ڪري.

ـ نَجَسُ نِڪارِي (آبري ١١/١٠)= نَجاست ناپاڪائي کي جدا ڪري، ناپاڪ شيءَ کي ڪڍي پري ڪري (ڌوئي صاف ڪري).

● نِجاهُ= نجاءُ، نِجتو، نِجائو، ڪٺي وڃجو.

ـ نِجاهُ مَرِّهُ مليرَ ڏي (مارئي ٥/٨، ٥/١٥)= منهنجو جنازو ملير ڏي ڪٺي وڃجو.

● نِجانجي (ڪاپائتي ٢/١)= نه ڄاڻجي! ڪهڙي خبر!

● نِجهرو (جمع) نجهُرا (ڪاپائتي ٢/١١)= پراڻو

ڪَڪائون گھر، پرائو جھوپڙو، قتل اَجھو.

- نِماڻيءَ جو نِجھرو (حسيني ۹/۶، راڻو ۵/۵)= غريباڻو اَجھو، وِچاريءَ جو پرائو جھوپڙو.

نجُھرڻ= جھوريءَ ۾ ڀڄڻ، سِڪ ۽ ڏک ۾ ڳرڻ.

- آءٌ نالي ڳِيرڙي نِجُھران (آسا ۴/۱۶)= آءٌ نالي ونڻ جي جھوريءَ ۾ ڀڄان.

- ناھِ جيڏاھين نِجھُرو (سنھڻي ۸/۱۳)= جنھن طرف نيستي نابودي وارو ماڳ آھي.

نِجُ= ڀلي، سدائين، شال.

- اَچو آيا نِجُ (بلاول ۱/۱۸)= اچو، ڀلي آيا!

● نِچوئڻ= ذرو ذرو ڪري ٻه پاڻي ڪڍڻ.

- نيڻ نچوئيان (ڪنيات ۲/۲۵)= اکين جا آخري ڦورڙي پاڻي وارا ڳوڙھا مھتي ٻاھر ڪڍان.

● نَحلُ (مارئي ۱۰/۸)= قرآن شريف جي سُوره نمبر (۱۶) جو نالو. لفظي معنيٰ 'ماکيءَ جي مَک'.

● نَدِي= مٺي پاڻي وارو درياءَ، مٺو درياءُ.

- نَدِيءَ پِئي نه پِير (مارئي ۱۱/۱)= (سِپَ) نديءَ جو پاڻي نه پئي.

● نِدانُ، نِدانُ= بُڻ، ڇيھ ڳالھ جو، آخري مقصد.

- اَصَلِ آھي آھنجو ناليرو نِدانُ (ڪنيات ۳/۱۱)= اوھان جو اصل نسل گھڻو مشھور آھي.

- نانگنِ وٽ نَدانُ (رامڪلي ۱/۳۳)= نانگا فقير تن وٽ آخري مقصد.

- سندو نيھَ نِدانُ (آبري ۱۱/وائي ۲)= عشق جو ڇيھ.

● نِڌَرُ= بِنَا آڌر جي، بنا سھاري، ڪمزور، هيڻو.

- نِڌَرَجَني نِجھُرا (رپ ۳/۹)= جن جا گھرڙا ڪمزور آھن.

- نِماڻي نِڌَرَ (ديسي ۵/۱۰)= ويچاري بنا سھاري.

● نَدِڻ، نَھَڻ= سامان سٽڻ، ٻَڌڻ، بار وجھڻ (اٺن تي)، مال چاڙھڻ (ٻيڙين تي).

- نَدائُون نيشي (ديسي ۷/۲)= وڏا نيش اٺ (بار سان) لڏيائون، (وجھي لاڻ) لڏي سنبھيائون.

- ساٿيَنِ نَندا بارَ (سري راڳ وائي ۳/۱)= تنھنجن ٻين رفيقن (ٻيڙين ۾ ٻنھنجا) بار چاڙھيا آھن.

- جنھن کي نِيھُ نَدو ڪٽي (سنھڻي ۱۰/۷)= جنھن کي عشق ٻڌي قابو ڪيو آھي.

● نَذْرُ= نذرانو.

- نَذْرُ نَبِيءَ جامَ جي (سري راڳ ۱/۱۴)= نبي ڪريمَ جي نذراني طور.

● نِرتِ= نُوچ واري نظر، نرت وارو، نرت سان ڪيل، سچو.

- نلسيندي نِرتِ (ڪنيات ۲/۳)= اي چندر! اُيرڻ ساڻ سِڌي نشين نظر (پنھنجي محبوب ڏي ڪج).

● نرتِ= سڃاڻڻ ۽ سڃاڻ واري نظر، سُرت، خبر، ڄاڻ.

- ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ (ديسي ۲/۱۳)= ڪن وڏن سگھن اٺن کي ڪا خبر پوي.

- نِرتو نيھُ نِبَارُ (سنھڻي ۷/۵)= سچو پاڪ عشق.

- نرتُون منجھان نيھَ (ڪلياڻ ۱/۵، راڻو ۱/۴)= وڏي محبت ۽ سُرت سمجھ سان.

- نِرتُون نِھار (ڪلموڏ ۳/۵)=سوچي سمجھي نظر ڪري.

● نِرتِي= وڏي نرت واري، وڏي سُرت ۽ سمجھ واري.

- نِرتِي تَندُ (سورٺ ۲/۸)= (ساز جي وڄت جي) وڏي سُرت سمجھ واري تند.

● نِرجو (جمع) نِرجا= ھوڏِي، ھٺيلو. بي اَٿرو.

- ناتہ وانءُ نِرجا نِڪري (رامڪلي ۲/۲۰)= نه ته اي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرجا! تون نکري وڃ.

- نِرِجا نَڪَ ٿِيا (راڻو ۷/۱۰)= بي اثر بي لڄا نڪ ٿيا، منهن سامهان ٿيا.

● نِرمَلُ= صاف، اڇو اجرو، سهڻو.

- نِرمَلُ نُور نهارِئو (يمن ۵/وائي-۱)= اي سهڻا پاڪ پرين (نظر ڪٽي مون ڏيا) نهاريو.

- نِرمَلِ نهاري (آبري ۲/۱)= صاف پاڪ، نهاري، اُجي اُجري ڏسي.

● 'نساءِ' (مارئي ۱۰/۱۱)= قران شريف جي سُوره(۴) جو نالو، معنيٰ 'زالون'.

● نِست= بي سَت، نِبَر، بي طاقت، هيڻو، ڪمزور.

- نست آءُ نِبَرَ (ڪنيات ۲/۲)= آءُ ڪمزور ضعيف.

نِسَنگُ= سنئون سڌو، نروار.

- عِشقُ نانگُ نِسَنگُ (ڪلياڻ ۴/۱۲)= عشق زوراور نانگ آهي. (اهڙو جرلڪي ڪونہ اچي پر ظاهري هَلان ڪري.)

● نِسورو (جمع) نِسورا= بلڪل ساڳيو، هُوبهُو، نج.

- نِسورا نسيانَ (سري راڳ وائي-۱/۱)= بالڪل ئي وِسرَ وارا ڪَم، گناهہ.

- نانگا نسُورا ٿِئا (رامڪلي ۴/۱۷)= صاف فقيري رنگ ۾ آيا، نامِيا فقير نروار ٿيا.

- نِسوروئي نُورُ (ڪلياڻ ۱/۹)= صاف نج نورُ.

- نِيهُ نِسوروئي نانگُ (آبري ۱۰/وائي-۲)= عشق هُوبهو نانگ آهي.

- نِسوروئي نانه جو (رامڪلي ۱/۳۴)= سيوئي صاف نيستيءَ وارو.

- نِسوروئي نيه (راڻو ۱/۱۱)= سراسر سڀ عشق.

- نِسوري ناپاڪَ (سنهڻي ۱/۲۰)= بلڪل ئي ناپاڪ.

- نِسوريائي نِيهہَ جي (راڻو ۱۰/۱۱)= بالڪل ئي عشق جي.

● نَسُئي = جيڪا 'چڱيءَ طور نہ سُئي' ('سُئي' = جيڪا چڱي طور سُئي، واڪاڻجي وئي، 'سئي' جو ضد 'نَسئي').

- نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئِيءَ ڪي (آبري ۱۱/وائي-۲)= هن آڻ- سُئيءَ کي عطا ڪر.

● نَسيانَ= وِسارا.

- نسورا نسيان (سري راڳ وائي-۱/۱)= بلڪل ئي وِسارا.

● نَشَا نِيهَ جَا (آسا ۵/۱۷)= عشق جا اوتار، محبت جا خمار.

● نشتغان= (بلوچڪي) وِيٺي هجان.

- لَڄ بَلوچان نشتغان (ديسي ۷/۶)= بلوچن جي لڄ آهيان پاهر نہ نڪران ويٺي ئي هجان.

● نُطفو= مَنيءَ جو قطرو.

- نَوازِيائين نُطفَي منجهان (پرڀاتي وائي ۲/۲)= منيءَ جي قطري مان نوازش سان انسان ڪيائين.

● نَظَرُ= ڏسڻ، ڏسڻ پسڻ وارو رُخ، حقيقت جي طلب ۽ تلاش وارو رخ، نگاهہ، ديدار.

- جي تو نَظَرُ نيڪُ (يمن ۵/۱۶)= جيڪڏهن تنهنجي نگاهہ پاڪ آهي.

- نَظَرَ هيٺِ نَبِيءَ جي (سري راڳ ۱/۸)=نبي ڪريم جي نگاهہ هيٺ.

- نَظَرُ نازُ پرينِ جو (ڪلياڻ ۵/۲۶)= محبوبن جي ناز واري نگاهہ.

- نَظَرُ نَزديڪونِ (آسا ۴/۱۶)= سندن نزديڪي وارو ديدار.

● نِفاقُ= فرق، شڪ ۽ شرڪ، ضد، نفرت.

- نالو ناهِ نِفاقَ جو (ڪليات ۳/وائي)= نفاق جو نالو ئي ڪونهي، شَڪ ۽ شرڪ آهي ئي ڪونه.

- جِئَن تُنهنجو نيهُ نِفاقَ سين (ديسي ۲/۴)= جِئَن جو، جيسين تائين جو، تنهنجو دلي لاڙو نفاق ڏانهن آهي.

- آءُ نهوڙيَسِ نفاقَ (ديسي ۷/وائي-۲)= مونکي ضد ۽ نفرت نهوڙيو، ماريو.

● نَفِي='اثبات' جو ضد، نيستي، نابودي، انڪار، نفرت.

- نَفِي جا ناهِ سين (ڪاپائتي ۲/۱۸)= جيڪا 'ناهِ' نفي ۾ آهي، 'نفي واري ناهِ'، نيستي، نابودي.

- تَنهِ نَفِي جهڙو ناهِ ڪِين (ڪليات ۳/۱۱)= تنهن انڪار ۽ نفرت جهڙو ٻيو ڪونهي. ('حق' واري انڪار جهڙو ٻيو ڪونهي).

- نَفِيءَ سَندِي ناهِ سِين (آسا ../۲۱)= سَڀ ڇڏڻ ۽ نابوديءَ سان.

● نعرو منجهه نصيب (آبري ۴/وائي)= مونکي نصيب ۾ (دانهن جو) نعرو مليل آهي.

نعمَتَ (ڪاموڏ ۲/۴)= وڏي شيء، وڏي چيز.

● نَقَدُ= روڪڙ، حاضر رقم، (اصطلاح) پڪي پختي، يقيني، هرجاءِ حاضر ۽ موجود، سچي سهڻي.

- وائي نَقد وٺي (ڪليات ۴/۵)= سچي سهڻي وائي وٺي.

- نَقَدُ ڪَنيوَ (معذور ۶/۱۶)= (سسئي) نقد سودو ڪيو، هٿئون هٿ سودو (هن هٿ ڏي، هن هٿ وٺ) ڪيو (سپائي وارو وعدو ڦٽو ڪري، اڄ جو اڄ هينئر جو هينئر وارو نقد سودو ڪيو جو فوري پنهنجي پنهل پويان رواني ٿي).

● نِڪَ (جمع) نِڪُون= اها جاءِ يا واهي جنهن ۾ ڪوهه يا ڪوهه مان پاڻي ڪيڏي وهجي ۽ جيڪو اڳتي وهي وڃي آوازي يا آنهن ۾ پوي.

- نِڪُون پَسو نيهَ جيون (راڻو ۱/۱۴)= عشق جون واهيون وَهنديون ڏسو.

- نِڪُون لايُون نُور (پورب ۱/۲)= نُورَ جون نِڪون لايون، ديدار جا جلوا ڏيکاريا.

● نَڪُ= مُنهن ۾ ٻن اکين وچان نڪ.

- نَڪِ سَنين (سامونڊي ۴/۸)= سهڻي سڌي نڪ وارا.

- نَڪَ نِرجايُون (راڻو ۹/۲۲)= پنهنجيون بي لڄائي واريون هلتون، پنهنجيون بي حَيائي واريون نفرتون.

● نڪا= نَه ڪائي.

- نَڪا مُورتَ ماهه (مارئي ۱/۱۱)= نڪا چندر جي صورت (هئي).

- نَڪا سُڌِ ثَواب جِي (مارئي ۱/۱۱)= ثواب جي خبر نه هئي (ثواب ۽ گناهه جو ٻه وجود ڪونه هو).

- نَڪا اوڏي ماءِ (ڪاهوڙي ۲/۱۱)= نه ڪا اوڏي ماءِ يا پيٽي.

- نَڪا بُوءِ بازار ۾ (گهاتو ۱/۶)= نه ڪا بازار ۾ ورکن ۽ شين جي باس آهي.

- نَڪا چِلُر چَتَ (گهاتو ۱/۶)= نڪا مڇيءَ جي چلر جي تيز باس آهي.

● نَڪَا= جملي ۾ ٻِٽي انڪار جي معنيٰ ۾ ('نڪا هي نه هو).

- نَڪا پِچِ نه پيچَ (يمن ۱/۲۶)= نڪا بالڪل پاڻيءَ جهڙي رٻ ته نه پتڙي رٻ (جيڪا ٻه مارن کي پيارجي).

- نَڪَا ڳالهه نَه ڳَتِ (آسا ۲/۲۰)= ٻي ڪا ڳالهه ڳت نه آهي، ٻي ڪا مصلحت آهي ئي ڪانه، ٻي ڪا سوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳنڍ پٽل (سيڻو). نہ بيٺ ۾ ڇيلهہ سان پٽل (رقم).

- نَڪِين ڳبرِيَنِ ۾ (رامڪلي ۵/۸)= نڪين ڳبرين ۾ طعام (هو توڪل تي آهن. ڪاڏو پاڻ سان ڪڻن ئي ڪينِ).

نِڪوتي= نِگوڙي، چري، پوري.

- منجها نيہَ نِڪوتي (آبري ۹/وائي-۲)= نينهن منجهان، اي پوري!

● نِڪونجَ= اوڙاهہ. وڏو اونهون سمنڊ، لاحَد. تمام پري تائين.

- نيئي وِجهہُ نِڪُونَجَ ۾ (حسيني ۴/۱۲)= جانب کي ملڻ خاطر پنهنجو جوڀن ڪٽي اوڙاهہ ۾ وجهہ. وڃائي ڦٽو ڪر.

- نَعَرو منجهہ نِڪُونجَ (معذور ۷/۲۰)= وڏي ويراني ۽ بيابان ۾ سڏ ۽ دانهن.

● نِڪَٽِي = اڪيلي، بَس، رڳو.

- روز نهاريان نِڪَٽِي (راڻو ۴/۱۰)= روزانو رڳو پئي وارو نهاريان.

- نا تہ هُيَس نماڻي نِڪَٽِي (ديسي ۱/۱۷)= نہ تہ بس ائين اڪيلي هيس.

- نِهَارِينديسَ نِڪَٽِي (ديسي ۳/۱۰)= اڪيلي پئي ڏسنديس.

● نِکَارڻ= اڇو اجرو ڪرڻ، نَئون ڪرڻ، چمڪائڻ.

- پاڻان نيہُ نِکارئو (آسا ۵/۱۲)= ويتر محبت کي وڌايو.

● نکتا (ڪاپائتي ۲/۵) (عام رائج اُچار)=نڪتا.

● نَکَٽَ، نَکَتَرَ= تارن جا صورتن وارا ميڙ (جهڙوڪ ڪتيون، وڇون وغيره) تارن جا نقش. ڪنهن سِتاءَ موجب بيٺل تارا.

- نَکو سُکُ نَکَترِن (سري راڳ ۲/۸)= تارا سندن مقرر سِتائن موجب پيا اڀرن هلن ۽ لهن، انهن کي بہ ڪو ٽڪاءُ ڪونهي، سک ڪونهي.

- نَکَٽَ سَڀَ نِئي وئا (راڻو ۵/۳)= تارن جا نقش اولهہ طرف گهڻو هيٺ تي ويا.

● نِکيڙڻ، نِکڙائڻ= جدا ڪرڻ.

- نِکيِتِي = ڪنوار کي ماٽن جي گهر کان جدا ڪري گهوٽ جي گهر وٺي وڃڻ.

- نِکيتِيءَ نِکڙايو (آبري ۷/وائي-۱)= نکيتي ڪري (سسئي کي پاڻ سان گڏ) وٺي هلو.

● نِگاهَ = نظر.

- نگاهہ ڪرڻ= نظر ڪرڻ، حفاظت ڪرڻ.

- ناکُئا ڪِجُ نِگاهَ (سري راڳ ۲/۱۹)= اي ناکئا! تون سجاڳ ٿج ۽ سنڀالج.

● نِگڻُ = نڪرڻ، ٻاهر نڪرڻ، جدا ٿيڻ.

- نَنگان آهيون نِگنا (مارئي ۱/۶)= ننگ واري مانَ شان کان اسين ٻاهر آهيون، الڳ آهيون.

- پَکِي پيهِي نِگنا (ڪارايل ۱/۱۵)= پکي ڳپ چڪ ۾ پئي ٻاهر نڪتا.

- جو ناقِصيَانِ نِگنُو (ڪلياڻ ۱/۲۰)= جيڪو ناقصيءَ واري منزل مان نڪري اڳتي (معرفت جي ڪمال واري درجي) ڏي ويو.

- جنائين نَبِيُ نِگنُو (بلاول وائي ۱/۱)= جتان کان نبي (ﷺ) هليو، جتان کان نبي (ﷺ) آيو.

- وڃن نِگنُو (بروو ۱/۱)= نڪريو وڃن.

- نيہُ جنائين نِگنو (ڪلياڻ ۵/۸)= جتان عشق نڪتو، پيدا ٿيو.

● نِلو= اڪيلو، فقط هڪ. ڪنهن ٻئي کان سواءِ، رڳوئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- تُنهنجو نانءُ نلو (ڏهر ۱/۵)= فقط هڪ تنهنجو ئي نالو.

● نمُ= نمي، آلاڻ، ريج.

- نمُ گھرجي نيهَ جو (آبري ۹/وائي-۱)= محبت واري نمي گھرجي.

● نماز= سجدي واري مقرر ٽيل وقتن تي عبادت.

- تان تان ناهِ نمازَ (ڪلياڻ ۳/۲۰)= تيسين تائين نماز پوري ئي ڪانهي، مقبول ئي ڪانهي.

● نمائڻ= ۱. نئڙت ۾ آڻڻ، ميٽا ۾ آڻڻ، راضي ڪرڻ، هيٺ ڪرڻ، الٽو ڪرڻ.

- نانگن ڪينَ نمائيو (پورب ۲/۱)= چيلن (ناٿ گروءَ ڪي) نئڙت ۾ ڪونه آندو (پر ان کي نيه نمائيو).

- نيڏو نمائي (سري راڳ ۸/۱)= نيڏو واري سمنڊ جي نارو ڏا ٻيڙا هيٺ ڪري، الٽا ڪري.

نملُ (مارئي ۱۰/۱۱) قرآن شريف جي سُوره (۲۷) جو نالو. معنيٰ 'ماڪوڙي'.

● نمڻ= هيٺ ٿيڻ (اصطلاح) مڙڻ، ڍرو ٿيڻ، نئڙت ڪرڻ.

- نيرَ ڪين نمن (مارئي ۴/۲۰)= لوها نيرَ ڍرا نٿا ٿين.

- نمي ڪمي نهارِ (آسا ۷/۱۸)= تون نئڙت ۽ صبر ڪري ڏس.

● ننڌڻ، نڌڻ= اٺ، گھوڙي، ٻيڙي وغيره تي بار ڀڌڻ، سٽڻ ۽ چاڙهڻ.

- تن پانڌين نَنڌا بارَ (سري راڳ وائي ۳/۱)= انهن مسافرن پنهنجا سامان سٽيا، بار ڀڌا.

● ننڊر نه ڪجاهه ناڪتا! (سامونڊي ۱/۲۸)= اي ناڪتا! ٻيڙين ۾ سمنڊر اندر ننڊر نه ڪجئو (سجاڳ رهجو).

- ننڊر مَ هيرئو نينڊَ (يمن ۶/وائي، ڪوهياري ۱/۱۷)

= اکين ڪي ننڊر تي نه هيرايو (غافل ٿي پاڻ کي سمهڻ جي هير نه وجهو).

● ننڊر نبيرئو (آبري ۶/۱۰)= ننڊر جُدا ڪري ڇڏيو.

- ننڊر نه ڪجي ايتري (سري راڳ وائي ۳/۱)= ايتري (غفلت واري) ننڊر نه ڪجي.

- ننڊر رهاڻي (سنهڻي وائي ۱۱/۱)= ۱. ننڊر سان رهاڻ ۾، ننڊر سان ياريءَ ۾ ۲. ننڊر راس آئي، ننڊر وٽي.

● ننڊراء= ننڊر ڪان.

- واري نينڊ ننڊرءَ (رامڪلي ۴/۱۸)= اکين کي ننڊر ڪرڻ ڪان موڙي، جهلي.

- تو ننڊرائي نه لهي (آبري ۴/۲۱، ۵/۱۱)= تو کي ننڊر ئي نٿي لهي.

● ننڊيان= ننڊي مان، ننڊين مان.

- ننڊيان نفعو ناهِ ڪو (هلاول ۲/۱۴)= ننڊين جنگين مان ڪو فائدو ڪونهي ('نفس' سان وڏي جنگ مان فائدو ٿيندو).

● ننگ= ناتو، وڙ.

- اي ننگُ (ڪلياڻ ۴/۱۲)= محبت جو هي گھاتو ۽ نازڪ ناتو، عشق جي پت ۽ عزت وارو ناتو.

● ننگان= (لفظي معنيٰ) ننگ ڪان، وڙ ڪان (اصطلاحي معنيٰ) عام ريت رسم ڪان.

- ننگان آهيون نگنا (مارئي ۱/۶)= اسين (مارو ماڻهو) عام ريت رسم ڪان آجا آهيون.

● ننگرَ= لنگر.

- لنگرَ ڪٽي ناڪتا (سامونڊي ۱/۳)= ناڪتا لنگر ڪٽي (اڳتي سٽاوا ٿي هليا).

- ننگرَ نه ٿهرن (سامونڊي ۱/۱۰)= لنگر پختا ٿي نه

ٿورو ڪجهه وڏا ٿيا هجن.

- پاڙ ڏنيون پنيون نَنڍن نوراڻن (مارئي ٦/٥) = پاڙ (واري ملڪ) ۾ رڍن جي ننڍن ڦرن (هن منڍ ۾) پنيون ڏنيون (انهن جي پنين تي اُن وَڌي).

● نوري ۽ ناري (رامڪلي ١/١) = يعني ٻه قسم: هڪڙا نوروارا (نيڪ) ۽ ٻيا ناريا باه وارا (بَد، بُرا).

● نوڙ ٻَڌڻ (سنهٽي ۴/٦) = واهڙ جي ٻنهي پاسن تي آمهون سامهون مضبوط ڪاٺ کوڙي هڪ جي چوٽيءَ کان ٻئي جي چوٽي تائين پڪو نوڙ (ٿلهو واڄهه) ٻڌڻ ۽ اِن ۾ ڪڙي وجهي ڇڏڻ جنهن ۾ ٻيڙيءَ واري رسي ٻڌل (ٻيڙي ڪاهڻ سان نوڙ واري ڪڙي به اڳتي وڌندي هلندي).

● نوڙائي = جهڪي (اڳين سنڌي وارو صحيح اچار: عام طور موجوده اچار 'نئڙائي'، نوڙائي).

- نِئي نوڙائي ڪنڌ (ڪنيات ٢/٦) = نمي، هيٺ ڪنڌ نمائي.

نوڪٽي = سڪايل، هيراڪ (هي لفظ ڳالهائڻ ۾ ٻڌو نه ويو آهي).

- آءٌ نوڪٽي آهيان (حسيني ٦/٩) = آءٌ سڪايل آهيان.

نوم = (ع.) ننڊ.

- ڪِلي نوم ڪِناءِ (ڪوهياري ١/١) = تو سڀ سڄي ننڊ ڪئي.

- 'نوم' نوازي اُن جي (ڪوهياري ١/۴) = اُن (سسئي) جي ننڊ پئي نوازي (ڪامياب ڪري).

● نونڊ = سيج.

- متان نونڊين نه چڙهين (آسا ٦/١٥) = متان تون سيج تي نه چڙهين، سيج نه ماڻين!

- سي نيئي نونڊين چاڙهيا (آسا ٦/١٧) = سي محبوبن وٺي وڃي نونڊن تي چاڙهيا، سيجن تي ويهاريا.

● نُوڻ (جمع) نوڻيون = هيٺاهيون ايراضيون، نمنديون.

- نوڻ مِڙيئي نِيهَه کي (ديسي ٥/٦) = نئڙت ۽ نياز مڙيئي محبت کي، عشق سارو نياز.

- تَنهِ نوڻيون سڀ نوازيون (سارنگ ۴/٢٢) = مولي ۽ تنهن مينهن هيٺاهيون سڀ پاڻيءَ سان نوازي ڇڏيون، ڀري ڇڏيون.

- ڏونگر ڏنا نوڻ (حسيني ٥/١٠) = جبل، وڏا شاهي ٻنا ۽ هيٺاهين نمندي.

● نوڻي = 'ڪنڌَ- نمائي' (ڪنڌ هيٺ ڪرڻ).

- نوڻي نانگَ نه ڏين (ڪارايل ٣/١٠) = سرنائي اَصل نانگ نه جهڪن.

- نوڻي نانگ نه ڪَنِ (ڪارايل ٣/٩) = ڪنڌ نمائڻ واري نانگ به نه ڪن.

● نهَه چوٽي تائين (رامڪلي ٣/٢) = پيرن جي نهن کان وٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين (اصطلاح) سڄو، جملي

- نَهَ سين نيڻ نِرياءِ (حسيني ١٢/١) = مٿي کان وٺي هيٺ پيرن جي نَهن تائين، مڪمل طور تي منهنجيون اکيون ٿڌيون ٿيون.

● نهارڻ = ڏسڻ، نظر ڪرڻ، جانچڻ، ڳولڻ.

● نِهارڻ آئيون (حسيني ٩/١٢) = (اصطلاح) ايترو وٽن پيون جو جيڪر وري پئي انهن کي ڏسان.

- نِهارَ (ڪنيات ٢/۴) = نهارڻ، مان اسم، نظر

- سَرِ نهارج سَيرو (بلاول ١/١٢) = وڏو تلاءُ (سَرُ) ڳولي لهج.

- تان مون گهٽو نِهارِئا (پورب ١/٧) = مون تان گهٽو ڳوليا.

- مون تان گهٽو نهارئو (بروو ٢/١١) = مون گهٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوليو، ڳھٽو پڇايو.

- ماڳَ نھَاري موٽِيا (گھاتو ١/١٠)= جايون جانچي ڳولي وري آيا.

- نيڻَ نھاري پرينءَ کي (آسا ٢/٢٤)= منھنجا نيڻ (اکيون) محبوب کي ڳولي (سڃاڻي آيا).

- ڪَنڌيءَ ڪاڪ نھاريان (راڻو ٧/٨)= ڪاڪ نديءَ جي ڪناري يا ڪاڪ محل لڳ، (راڻي لاءِ) ڏسان پئي.

- ناحق نھارين (يمن ٥/٤)= خوامخواھ (بنا مقصد ۽ فائدي جي) پيا جانچي ڏسن.

- نھَاريندِيس نڪتي (ديسي ٣/١٠)= آءٌ اڪيلي سر اَوس ڳوليندِيس.

- موٽيو ماڳَ نھَارِيين (ڪاھوڙي ٣/وائي-١)= وري وري پيو اھي جايون جانچين.

- جي ڳُڻ ڪَري نھارين (ڪارايل ٢/٣)= جي پيار ۽ محبت سان (موٽين وارا ماڳ) ڳولين.

● نِھالُ= خوش.

- ڪِيَس نامَ نھالُ (بروو ٤/٩)= مون کي محبوب جي نالي ٻڌڻ سان ئي نھايت خوشي ٿئي.

● نِھائين (سنھٽي ١٠/١٥)= آوي (ڪنيار جي).

● نھايت (ڪلياڻ ٢/٩)= آخري حد، وجود ۽ حساب واري حد.

● نَھڻ= ٻَڌڻ.

- سَنجھي نَھي تنگڙا (ڏھر ٣/٦)= سنجھي ساڻ سوير ھو (اوڏ) پنھنجا تنگڙا ٻڌي.

- نَھي بارُ (ڏھر ٤/١٢)= بارُ ٻڌي، اُٺن يا ڏاندن تي لَڏ ٻڌي.

- سا ڪيئن نيہَ نَھي (سنھٽي ١٠/٧)= اھا (سنھٽي) ڪيئن نيہ کي ٻڌي، ختم ڪري.

● نِھو= ٻُڻ بنياد، پُري.

- پُريين آھي پڌرو تن نانگن جو نِھو (ڪارايل ٣/٤) = تن ڪارن نانگن جو ٻڻ بنياد پُرينِ تائين پڌرو آھي.

- سندي نيہ نھي (آبري ٩/١٢)= عشق جي بنياد.

● نِھوڙڻ، نھوڙي نيڻ= بنياد ناس ڪرڻ، نپوڙي نمائڻ، مارڻ، مشڪل ۾ وجھڻ.

- نِھوڙي نِيا (سامونڊي ٢/١٦)= وڏي مشڪل ۾ وڌا، ماري وڌا.

- وِئو نھوڙي (راڻو ٧/٧)= وئو برباد ڪري، وئو ڏک ڏيئي، فنا ڪري.

- نِھوڙيو نانگو (ڪنيات ٤/١٠)= نِيہَ ھن بي لجي نانگي (اُٺ) کي نھوڙي نيو، ھيٺو ڪري ماريو.

- نِھوڙي نَاپُن سين (معذور ٧/٧)= زوردار چنبن سين جھلي گھُٽي، بي وَس ڪري.

- نَنگَ نِھوڙيَس جيڏيون (رپ ١/٣١)= اي جيڏيون مون کي پنھنجي پنھونءَ جي ننگ مشڪل ۾ وڌو آھي، ماريو آھي.

- نِھوڙيو ني (حسيني ٧/وائي-٢)= موت ڏانھن ٿو وٺي وڃي، صفا ماري ٿو.

● 'نَھي' (ڏھر ١/وائي-١)= (ع) ڪو ڪم نہ ڪرڻ وارو حڪم، منع ڪيل ڪم.

● نَئين (سري راڳ ٢/٦)= مينھن جي پاڻيءَ واري وَھڪ، ننڍو برساتي نالو (ننيو)، وڏو برساتي درياءُ (نئن بارڻ، نئين گاج).

● نِنڍُ، نينڌُ= وٺي وڃڻ، ڪٽي وڃڻ، وڃائي ڇڏڻ، لاھي ڇڏڻ، ختم ڪري ڇڏڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- نيچ نـﻬـاري نه گهڙي (سنهـٽي ۱۴/۶)= سنهـٽي (درياءَ ۾) ڪـو سَهـارو ڪٽي نه گهڙي.

● نيـڊو= ڏکڻ هندستـان جي ڪناري لڳ نـارَ (عـام روايت 'نيڊوءَ جي نار').

- نيڊوءَ ۾ ناتـارِيُون (سـامـونڊري ۱/۱۰)= نيڊوءَ جي نار ۾ ناڪنا ناتاريون لاهن، لنگر انداز ٿين.

● نِيرُ= پاڻي.

- مَنجهـان نِيرَ (سري راڳ ۲/۲۳)= پاڻيءَ منجهـان، سمنڊ مان.

● نِيرُ= لوهه جي ڪڙن وارو بند ڪندڙ زنجير.

- نِيرَ نه لَهي نيهَ جو (مارئي ۴/۱۲، ۴/۱۳)= عشق وارو لوهو زنجير ڇڙي ئي نه.

- نِيرَ ۾ (مارئي ۹/۱۴)= قيد بند ۾.

- نِيرَ منهنجو نيهُ، اُجاري اَچو ڪيو(مارئي ۵/۵)= نِيرَ منهنجي نيه کي ويتر اجاري اچو ڪيو.

- نِيرُ نَنگَ جو (حسيني ۱/۸، رپ ۱/۳۱)= لڄ پَت جو بندڻ.

● نيرانِ = نيرن، ناشتو.

- تَنِ نيڻنِ کي نيرانِ (آسا ۲/۵)= تن اکين (محبوب جي ديدار) جو نيرن ڪيو.

● نيزا= ڀالا.

- نيزا نيهَ جا (ڪلياڻ ۴/۳۰)= عشق جا ڀالا.

- نيزي نظاري تَنا (ڪلياڻ ۵/۵)= سوريءَ جي نيزن ۽ ڀالن جي نظاري چڙهنا، نيزن تي نروار ٿيا، نيزن ۽ ڀالن جي سامهون ٿيا، نيزن ڀالن مٿان پوڻ لاءِ سنيري سامهان ٿيا.

- نيزي هيناءَ نيه جي (يمن ۱/۷)= برهه جي ڀالي هينان.

- نيزي تَنا نِروارُ (ڪلياڻ ۵/۴)= (عاشق)ڀالن تي ٽنگجي پڌرا ٿيا.

● نيڙ= ننڍو واهڙ.

- نَدي تَنِ نيـڙ ٿـئي (سنهـٽي ۲/۱۷)= تن لاءِ وڏو درياءُ به ننڍو واهڙ آهي.

● نِيسِ= ڪٿي ويس، ڇَڏائي ڇڏيائينس.

- نيسِ نيـهَ نيامُ (مـعذور ۴/۱۹)= عـشق هن جي ننڊر ڦٽائي ڇڏي.

● نيسَ= پاڻيءَ جي گهٽائي، مينهن جي پاڻيءَ جو نارا ڪري وَهڻ، پاڻيءَ جا مسلسل اُڌما.

- چـارين نارين نيسَ (مارئي ۳/۱۶)= چـارَ جي وٽن ۽ نالين ۾ مينهن جي پاڻيءَ جي وڏي وَهڪَ (وارو سَمان).

- نيهَ اَچنِ ٿا نيسَ (راڻو ۳/۲)= عشق جا اُڌما اچن ٿا.

● نيش (ديسي ۲/۱۳)= نون سالن جا وڏا اُٺ.

● نيشي= وڏا نيش اُٺ.

- نَڌائون نيشي (ديسي ۷/۲)= وڏن سگهن اٺن تي بار ڀَڏائون.

● نيڪ = چڱو، سٺو ۽ بامقصد.

- جي تو نَظَرُ نيڪُ (يمن ۵/۱۶)= جيڪڏهن تنهنجي نظر پاڪ آهي.

● نيڪارڻ، نِکارڻ= چـٽـو ڪري، اچـو اجـرو ڪرڻ، صاف سٿرو ڪرڻ.

- نيـهَ نيڪارِي نتُ (سـامـونڊري ۳/۳۴)= عـشق هميشه اُجاري.

● نيلُ= نِير، پاڻي.

- نيڻين وَهي نِيلُ (بروو ۴/۵)= اکين مان پاڻي وهي.

● نِيلِ= ڳـاڻيٽي يا شـمـار جو هڪ وڏو عـدد (ڳاڻيٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏاهڪن ۾ سورهون ڏاهڪي).

ـ جي وڪامي نيلِ (بلاول ١/٢١)= جي توڙي ڪٿي نيل جي ملهه ۾ وڪامي.

● نِيلاَ= نيري رنگ جا، ڪارا.

ـ جِت نانگ سُجَنِ نِيلا (آبري ٢/٦)= جتي ڪارا نانگ ٿا سُجهن.

● نِيَرِ = ڪَسِيَرِ، مون ڪان ڪسي ڇڏي.

ـ نِيَرِ ڪُنَ قُوَتَ (سنهڻي ١٠/٢٠)=درياءِ جي ڪُن منهنجي طاقت وڃائي ڇڏي.

● نِيَڻ= وٺي وڃڻ.

ـ نه نِينَمِ (پرڀاتي ٢/١٢)= مون کي نٿا وٺي وڃن.

ـ نيئي پيائي پارِ (ڪلياڻ ٢/٣)= ڏوئي کي وڃي ساڙ.

ـ نيئي رَکِجُ ناه ۾ (آبري ٧/١٤)=کڻي وڃي نلبوديءِ ۾ رهڻ.

ـ پَڌَرِ پرين نه نينِ (ڪارايل ٣/وائي-٢)= کُليو کُلايو محبوب (پاڻ سان) نه وٺي وڃن.

ـ هوتُ پنهون ٿا نينِ (ديسي ٢/٧)= هوت پنهونءَ کي ٿا وٺي وڃن.

ـ هُوءِ نه نِينَمِ (ڏهر وائي ٥/١)= ڏير مون کي پاڻ سان نه ٿا نين. نٿا وٺي وڃن.

ـ نه ڪنه نئو پاڻ سين (پرڀاتي ٢/١٩)= ڪوبه هن کي پاڻ سان وٺي نه ويو.

نيڻَ= اکيون.

ـ جو لَنه لَڳا نيڻَ (ڪلياڻ ٥/٦)= جنن جو اکين کي عشق لڳو.

ـ نيڻين نظر نيهَ جو (آسا ٣/٩)= نيڻن جي نظر نيه واري آهي، پوءِ جتي نيڻ لڳن.

ـ نيڻَ تيڏاهين نِت (پورب ١/٩)= اکيون سدائين اوڏاهين، ان طرف.

ـ نيڻَ نُرِيَامِ (حسيني ١٢/١)= منهنجيون اکيون ترِي پيون.

ـ ڪَجَلَ پِنا نيڻَ (سامونڊي ٤/٨)= ڪَجَل سان پِڳل اکيون.

ـ نيڻَ سُڃاڻي آيا (آسا ٢/٢٤)= اکيون پنهنجي پرين کي سڃاڻي آيون، سندس ئي ديدار ڪري آيون.

ـ نيڻَنئون نيرُ وَهي (رپ ١/٣٥)= نيڻن مان پاڻي وهي، اکين مان ڳوڙها وهن.

● نيڻَانِ = سندن نيڻ، سندن اکيون.

ـ نِيهَ پِرِئا نيڻَانِ (حسيني ١١/وائي-١)= سندن اکيون محبت پريون.

ـ نِهاريان نيڻَانِ (رامڪلي ١/٧)= سندن اکين کي ڏسان، سندن ديدار لاءِ واجهايان.

● نيون (واحد- نَئن)= برسات ۾ جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جا تڪا وهڪرا.

ـ نه ويساند نَئين (سري راڳ ٢/٨)= نڪا (وهڻ ڪان) ساهي نَينْ کي.

● نيه= بي انداز درد ۽ فراق واري محبت، عشق.

ـ نِيه پچار (راڻو ٢/٢)= عشق جي ڳالهه.

ـ نِيهُ نيڻين، ڳُڻُ ڳالهيين (ڪلياڻ ٢/وائي، رامڪلي ٤/٨)= اکين جي محبت سان، ڳالهين جي ڳُڻن سان.

ـ ڪنه جنه لڏا نِيهَ (ڪاهوڙي ٢/٢١)= ڪنهن اهڙي عشق جهليا.

ـ نِيهَ نِبيرڻ (آبري ٤/٦)= محبت پوري ڪري ڇڏڻ، محبت چني ڇڏڻ.

ـ ڪو نِيهَ نِيَابو آئيو (مارئي ٢/٣)= اي قاصد سڄڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان ڪو محبت جو پيغام آيو آهي (=آندو اٿئي؟).
ـ نيهُ نهائينءَ جان، ڏَکنو ڪوه نَہ ڏَکِنين (رپ ۱۳/۲) = محبت ڪي (ڪنيارن جي) آوي (جيڪا باهه ڪي پنهنجي اندر ڍڪي ٿي) وانگر ڇو نٿو ڍڪين.
ـ نيہ اُجَلَ (راڻو ۱/۲) = نيہ جي اُجل، عشق جي پيتان پيٺ، عشق جي چوٽان چوٽ.
ـ نيہَ پِيَالو (بلاول ۱۷/۱) = عشق جو پيالو، عشق جي وٽي.
ـ نيهُ جنائين نڱنو (ڪلياڻ ۸/۵) = عشق جتان نڪتو، پيدا ٿيو.
ـ نالو نيہَ ڳِنَهنِ جي (ڪلياڻ ۲/۵) = جيڪي عشق جو نالو وٺن ٿا.
ـ نيہَ پيالو نِجُ (بلاول ۱۷/۱) = نيہ جو پيالو خالص آهي، عشق جي وٽي خالص آهي.
ـ نيهُ نِيَاپي نہ ٿيي (ڪنيات وائي ۲/۳) = نياپن سان نينهن ڪونہ ٿيندو.
ـ نيهُ نَہ سُڃاڻَنِ جي (ڪلياڻ ۱۴/۵) = جيڪي عشق کي نہ سڃاڻن، جن کي عشق جي خبر ناهي، جن وٽ محبت جو قدر ئي ڪونهي.
ـ نيهُ جهين سِين نِبَهي (آسا ۱۱/۷) = عشق جنهن سان لڳي بيهي، جنهن کي عشق نيبهُ ٿئي.
ـ پاڻان نيهُ نِڪارِئو (آسا ۱۲/۵) = ويتر محبت کي اجاريو، ڇتو پڌرو سهڻو صاف ڪيو.
ـ نيہ تِنِي وٽِ ني (آسا ۱۳/٦) = پنهنجي سِڪَ ۽ درد وارو حال (نيہ) انهن وٽ ڪٽي وڃ (پنهنجو حال انهن سان وڃي اُور).
ـ تہ ڪي نيہَ ڇِڄَنِ (سنهٽي ۱۱/۸) = تہ هوند ڪي عشق جا ناتا ٽُٽنِ!
ـ نيهُن پَلِٿو نہ رهي (سامونڊري وائي ۱/۳) = عشق جهليو نہ جهلجي.
ـ پوريءَ نيهُ نہ لَڃِٿو (مارئي ۱۸/۲) = ويچاريءَ مارن جي محبت کي نہ لڄايو.
ـ نيہَ تکَ نرالِي (سنهٽي ۱/۱) = (وَهہَ ۽ واهڙ جي تک بہ تيز آهي) پر نيہ (عشق) جي تک اڃا ئي الڳ آهي، وڏيڪ تيز آهي.
● نيہُ = ڳاههَ يا ميڙهہ واري وڇين ڪاٺي جنهن جي چوڌاري ڏاند قطار، ٻڌل سوڙها ٿي وهن ۽ ڳاههَ ڳاهين.
ـ جي ڳتا نيہَ ڳري (يمن ۲/۱، ۲/٦) = (الف) جيڪي ڳاه واري ڪاٺيءَ لڳ ٻڌيا ('نيہ' سان لڳو لڳ پهرئين ٻڌل ڏاند کي 'نيهي' چئبو، يعني جيڪو 'نيہ' سان لڳو لڳ سخت سوڙهو ٿي وڏي تڪليف سان وَهي ۽ ڳهي. انهيءَ تشبيه مطابق سُور سختيون سهندڙ عاشق کي پڻ 'عاشق' "نيهي" سڏيو ويو)، ڇڪجي آتِجي سوڙها ٿيا، هڪ ٻئي سان ڳسي پيسي هڪ ٿيا.

# و

● وَاتِ = وات ۾، زبان تي.
ـ هَٿِ ڪاتِي ڳُڙُ واتِ (ڪلياڻ ۲۱/۵) = هٿ ۾ ڪاتي وات ۾ ڳڙ (محبوبن جو مٺو ڳالهائڻ ۽ عاشقن جو قتل).
ـ سَدا وائِي واتِ (ڪلياڻ ۳/۴) = سدائين اها وائي وات ۾ آهي، زبان تي آهي.
● واتا = واتان، وات مان، وات کان.
ـ مَضمَضہ واتا (بلاول ٦/۱) = ڳُرڙي وات مان ڪڍ (تہ سخي تنهنجو وات موتين ماڻڪن سان ڀري).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– واٽان وَرائي (آسا ۷/۱۵)= واٽ مان موٽائي، آڏو جواب ڪري.
– واٽان جَنِ وهُ وَهي (ڪارايل ۲/۱۲)= (انهن ۾ ايترو تہ زهر جو اهو) سندن واٽ مان پيو وهي.
وَاٽَ = رستو، ريت، رسم.
– منهنجي حُجت ناهي واٽَ (حسيني ۷/وائي-۱)= (پنهون ۽ سندس پائرن سان) منهنجي حجت واري واٽ ڪانهي.
– سُڻُ تو سَگَ نہ واٽَ (آبري ۴/۱۱)= ٻڌ تہ! نہ منهنجو انهن سان سگ ۽ نہ عزازت واري واٽ.
– اِنَ وَاٽَ ۾ (ڪلياڻ ۳/۹)= سلوڪ ۽ طريقت ۾، حقيقت ۽ معرفت تائين پهچڻ واري واٽ جي شروع وارن مرحلن ۾.
– واٽَ ٿيءَ (ڪلياڻ ۵/۱۶)=يڪدم رستو وٺ. يڪدم پنهنجو گس وٺ ۽ هتان روانو ٿي، بنا دير پنهنجي راه وٺ.
– وَاٽَ ٿيا (پورب ۱/۴)= رستو وٺي هليا ويا.
– وَاٽَ وِرِڪَ (رپ ۱/۲۹)= واٽ سان بيٺل وڻ (ورڪ)، واٽ لڳ بيٺل وڻ.
– واٽَ وِرِچي (معذور ۵/وائي)= گس ۾ وِرِچي، ڪڪ ٿي.
– ڪَرِيو واٽَ (سارنگ ۴/۶)= گس سان ڪريو، گس وٺايو.
● واٽاڙو (يمن ۶/۳۱)= واٽهڙو، واٽ ويندو، واٽ وٺيو ويندڙ، راهه مسافر.
– وَاٽاڙِن تي (يمن ۶/۳۳)= واٽ وٺيو ويندڙن مٿان، راه مسافرن تي.
– واٽاڙِن کي (يمن ۶/۳۱)= واٽ ويندن کي، راه مسافرن کي، پرسان لنگهندڙن کي.

● واٽڙي = واٽَ (جمع واٽڙيون).
– ويهڻُ واٽِڙين تي (يمن ۵/۱)= (محبوبن جي ديدار لاءِ عاشقن جو) واٽون جهلي ويهڻ.
– واٽڙين تي (ڪلياڻ ۵/۱)= واٽن تي، انهن گهٽين ۽ گسن تي جتان محبوب لگهندو هجي.
● واٽيان= واٽ تان.
– وِڪَ واٽيان نہ لَهي (ڪنيات ۳/۱۰)= (اڄ سندس هلڻي تکي ۽ واٽ سان پوري آهي ۽ سندس) قدم واٽ تان نٿو ٽڙي.
● واڃَتُ= وڏو واڃو.
– واڃَتَ جِنَن وڃاءِ (ڪلياڻ ۵/۱۷)= وڏي واڃي وانگر وڃاءِ.
– واڃَتَ ويراڳين جا (رامڪلي ۱/۸، ۱/۹)= ويراڳ وارن فقيرن جا واڃا.
– واڃَتَ سَبِ وَڃايو (آبري وائي ۷/۱)= سڀ واڃا وڃايو، سڀ ساز وڃايو.
● واڃو = ساز.
– واڃو وِلاتي (سورٺ ۲/۷)= ولائتي ساز.
● واڄهہ وِڄهڻ(راڻو ۸/۷)=وڄهہ ٻيچ جانچڻ، حيلا هلائڻ.
● واڄهائڻ= ديدار لاءِ جهاتيون پائڻ، ڪنهن ڪم جي پورائي لاءِ وڄهہ جانچڻ.
– واڄهائِيس=مون واڄهايو، آءٌ سڪ ۽ سار ۾ رهيس.
– وِيني واڄهاياسِ (راڻو ۹/۶)= مون ويني واڄهايو آهي (تہ اي راڻا، تون شال پرچين).
– واڄهائِيس وِصال کي (مارئي ۵/۵)= (جنن ۽ جيترو مون پنهنجي ماروءَ کي) ملڻ (وصال) لاءِ سڪ ۾ گذاريو (تينن آءٌ وڏيڪ تازي توانائي ٿيس).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● واجهاءِ = واجهائي، نهاري.
- اُپي تڙِ واجهاءِ (سامونڊري ۲/۱)= ٻيئي تڙ تي نهاري ۽ پچائون ڪري.
● واجهائي (ٻروو ۱۲/۱)=واجهائڻ واري نظر، جهاتي.
- واجهائي وطنَ ڪي (مارئي ۵/۱۵)= وطن جي سڪ ۾ نهارڻ واري ٿي.
- واجهائيندي وٿام (سنهڻي ۱۱/۱۹)= منهنجي ڏسندي نهاريندي، هو مون کان هليا ويا.
- واجهيندي (مارئي ۴/۱۴)= واجهائيندي.
● واچا= ٻول، وچن، وائي.
- واچا وِيئي وِسَري (مارئي ۵/۲۴)= ماروئڙن جي وائي مونکي وسري وئي، ماروئڙن سان ٻڌل ٻول مونکي وسري ويو.
● واچائون= نَذرانا.
- تہ وَڙِ وَڙِ واچائون (حسيني ۵/۳)= وڙ وڙ جي هر ڏارَ تي نذراني طور واچائون ڏينديس (پرتيون وجهنديس).
● واحدُ = هڪ اڪيلو (الله).
- وَاحدَ لَڳِ (ڪلهوڙي ۱/و)=هڪ الله خاطر، الله ڪارڻ.
- والي واحدُ وحدہٗ (ڪلياڻ ۱/۱)= هڪ الله جيڪو پنهنجي وحدانيت هيڪڙائي وارو والي ۽ مالڪ آهي.
● وَادي= پاڻيءَ جي وهندڙ واهي، پاڻيءَ جي وَهڪ واري زمين.
- اِنهين واديءَ وِچَ ۾ (ڪلياڻ ۲/۱۲)= (معنوي لحاظ سان) هتي واري وادي، هن جهان واري زندگيءَ ۾.
● واڏايون= خوشي واريون خبرون، مبارڪون.
- اَڄَ واڏايون واهُ (ٻروو ۲/۳۰)= اڄ وڏيون واهه واريون واڏايون!

● وَايُوڙَ (جمع)= وايوڙيل، وڍيل، گهايل، قتيل، محبت ۾ درد فراق جا ماريل.
- ويچارا وايوڙَ (يمن ۱/۱۹)= بي وس ۽ مجبور ٿيل.
- وَايُوڙڪي = وايوڙن جي، وَڍيلن جي، قتيلن جي.
- وَايُوڙڪي مَنهين‌ءِ (يمن ۱/۱۷، ۱/۱۸)= وَڍيلن قتيلن جي رهڻ واري جاءِ ۾، حقيقي محبت ۾ گهايلن جي ديري ۾ ، قتيل عاشقن جي ماڳ تي.
● وَايُوڙِئا (يمن ۱/۱۳)= اي وايوڙِئا! اي عشق جا قتيل! اي گهايل قتيل عاشق!
- وَڍِيءَ سي وايُوڙِئا (معذور ۲/۱۰، ۲/۱۱)= (وڍيل گهايل سسئي جي سورن جا وَڍ ڏسي وٽن کي وڍ پنهجي وِيا.) هُن وَڍيءَ اهي وڍيا.
- تن وايوڙِينِ وَٽاءِ (يمن ۱/۱۴)= انهن محبت جي گهايلن وٽان، قتيل عاشقن کان.
● وارِ (ڏهر ۴/۲)= ۱. وارڻ، مال جي واڙي ۲. مال وَرائڻ ۽ موٽائڻ واري.
● وارَ= وير، دير.
- وَڏي لَڳينِ وارَ (گهاتو ۱/۷)= انهن کي وڏي دير لڳي وئي (جو هو نہ وريا، نہ موٽيا).
● وارُ= جسم جو وار.
- وارُ نہ سَهان وِچَ ۾ (رپ ۲/۲)= وارَ جي وِٿي بہ پنهنجي ۽ محبوبن جي وِچ ۾ نہ سَهان.
● وارُ= وڏو ڏينهن، خاص ڏينهن.
- وارُ وارڻ= ڪو خاص ڏينهن خير خيرات لاءِ مقرر ڪرڻ.
- واري ڇڏيون (ڏهر ۴/۱۱)= خير ۾ ڏيئي ڇڏيون، وارِين جوسڀو ڪير خير طور وراهي ڇڏيو (مال وارن

پياڳين جي ريت، جو هو هفتي ۾ ڪو هڪ ڏينهن واريندا هئا ۽ ان وار تي ڪير ولوڙيندا ڪين هئا پر وراهي ڇڏيندا هئا).

وارا= وار، ويل، وقت.

- پيڻ جي وارا (ٻيمن ۶/۲۵)= پيڻ جي واري تي، وقت تي.

● وارث= ڌڻي، مالڪ.

- وارثُ وَري تَنِ (سارنگ ۲/۵)=شال انهن جو وارث وري.

وارڻ، ورائڻ= ميخاني ۾ ساقي جو واري واري سان پئندڙن کي وٽي ڏيڻ.

● وارڻ= ورائڻ، اٿلائڻ (پنو).

- وَرَقَ سوئي وارِ (ٻيمن ۵/۱۲)= پنو اُهوئي اٿلاءِ، ورق سوئي پوري يقين سان ورائي پڪو ڪر.

- واري سي وَرَقَ (ڪاهوڙي ۲/۲)= سي پنا اٿلائي. (اصطلاح) اُهي ساڳيا ڪم ڪري.

- واريان تان نَہ ورق (مارئي ۷/۹)= (اصطلاح) اصليت نہ مٽايان، ريت رسم نہ بدلايان.

وارڻ=رخ وٺڻ، ڪنهن ڳالهہ تي پڪو ٿي بيهڻ.

- وارِين نہ ويراڳ (رامڪلي ۲/۱۸)= دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارو طريقو اختيار نہ ڪرين!

● وارڻ= ورائڻ، موٽائڻ، چوري يا ڏاڙي وقت مدد ڪري مال موٽائڻ، مال ڇڏائي پوئتي ورائي اچڻ.

- سي واهرَ ڪنهن نہ واريون (ڏهر ۳/۳۰)= اهي (ڪاهيل ڏاچيون، مينهيون) پويان ايندڙ ڪنهن بہ واهر ڪين ورايون.

- وارِئو وهٽ وَڃنِ (گهاتو ۱/۱۲)= پنهنجا جانور موٽايو وڃن، لڏي پيا وڃن.

- وارِين سي والي (سنهٽي ۱/۱)= (اي مولي) سي موٽائي آڻي ملائين!

- ويراڳي واري (رامڪلي ۵/۲۹)= ويراڳين فقيرن کي موٽائي آڻي.

- واري جَهليا (رامڪلي ۴/۱۸)= ورائي روڪيا.

- واري وَڳَ وِئا (مارئي ۱/۹)= مال جو وڳ موٽائي ويا، پوئتي واري ويا، ڦيري ويا.

- واءُ سَٽائو وارِين (سامونڊي ۲/۲۶)= سَوَلو واءُ وَرائين، وَرائي لڳائين.

- ويرمَ ڏي مَ وارِ (معذور ۲/۱۶)= دير جي طرف پنهنجي واڳ نہ وارِ، دير نہ ڪر.

- ٻي وارِجِ مَ وائي (ڪلياڻ ۱/۱۵)= ٻي ڪا بہ ڳالهہ زبان تي نہ آڻج.

- وارِج ڪا وائي (ليلان ۴/۱۳)= ڪا سَوَلي واڏائي واري ڳالهہ ڪج.

● وارڻ= ڪوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ وَرتُ هيٺ لاهڻ.

- پاڻي واري پانهنجو (مارئي ۹/۸)= ورت واري پنهنجو پاڻي پيري.

● وارو= وري وري اچڻ، وارو وار وسڻ.

- وِڄُڙيَن ڪِئو وارو (سارنگ ۴/۵)= ڪنوڻيون وري وري وسڻ آيون.

- وارو ڏنو وِڄُڙِيين (سارنگ ۲/۲)= ڪنوڻين وارو ڏنو تہ گهڻو مينهن وسائين.

● وارو ڏيڻ= نفعي وارو ڪرڻ، خوشحال ڪرڻ.

- وارو ڏِيندو (ليلان ۲/۶)= پنهنجي پيار ۾ وڏي درجي وارو ڪندو.

- وارو ڏيئي (ليلان ۴/۹)= مون کي پنهنجي پيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وارو ڏيئي.
● وَارُو= مددگار، جيڪي چورن کان مال ڇڏائڻ ۾ ورائڻ ۾ واهر ڪن، واهرو.
- وارُو واقف ڪارَ (معذور ۷/وائي-۱)=سُڃاڻو ۾ مددگار.
- وارُو مون (معذور ۳/۷)= (الف) آڏو منهنجي مقابلي وارا (ب) منهنجا مددگار.
● وارُو= پوئتي وَرڻ وارا، موٽندڙ.
- وارُو ويراڳِين ڪي (رامڪلي ۱/۴۱)= (ويراڳين جي صفت) ويراڳي جيڪي وارو ٿيا آهن، جيڪي پوئتي ورن پيا ۽ وِرڻ وارا آهن.
● وارِئو= ورايو، وري آئي.
- جِـئن وارِئو وِيچ وِهارِيين (يمن ۱/۳)= جـئن تون وري آئي (علاج لاءِ) طبيب وهارين!
● وَاري= وِري، وَرائي (بيو پيرو)، وري آئي.
- واري وِيچ ڏنامِ (يمن ۲/۱۱)= وري طبيب مون کي ڏنا.
- وِڄڙِينِ واري (سارنگ ۴/۳)= ڪنوٽينِ وَرِي.
● واري ڇڏڻ= مٽائي ڇڏڻ، ختم ڪري ڇڏڻ.
- واري ڇَڏِ (سنهڻي ۱۲/۳)= مٽائي ڇڏ، ختم ڪري ڇڏ.
وارياسو (سارنگ ۴/۱۱)=ڪنهن پَٽ يا پاسي جو نالو.
وارِيندڙ= واري سان وَتي ڏيڻ وارا (ساقي).
- وارِيـنڌڙ وِچَ ۾ (يمن ۶/۶)= وچ وارا (ساقي) جيڪي واري سان (شراب جي) وَتي ڏين.
● واڙو=مال (مينهن، ڳاين) جي بيهڻ لاءِ محفوظ ياڙو.
- واڙي پايو (ڏهر ۳/۲۱)= واڙي ۾ پائيندي.
واڙي = زمين جو ٽُڪر جنهن ۾ وليون ۽ ڀاڄيون پوکيل هجن. (سنڌ ۾ واڙيون اڪ ڪوهن يا چشمن جي پاڻي تي ڇيٽ ۾ پوکبيون هيون).

- وِهُسَنِ واڙِيءَ ڦُلَ (ڪلياڻ ۴/۲۵)= واڙيءَ ۾ پوکيل ولين جي گلن وانگر پيا ٽڙن، خوش ٿين.
● واڙِي (جمع) واڙِيُون = مال (رڍن ٻڪرين) جي گڏ ٿي بيهڻ واريون محفوظ جايون.
- واڙِيُون واري ڇڏيُون (ڏهر ۴/۱۱)= واڙين ۾ بيٺل مال جو سڄو ڪير خير خيرات لاءِ ڏنائون.
● واڙي وَڃُ نه پوءِ، لاڪو لوڙائِن سين (ڏهر ۳/۲۱)= ۱. جڏهن لاڪو تو پنهنجن لوڙائن (ڏاڙي هٽندڙن) سان چڙهي تڏهن ڪوبه پنهنجو مال واڙي ۾ ڪونه وجهي (جو اتان سولائي سان ڪاهجي ويندو).
● واسُ= سُرهاڻ، خوشبوءِ.
- وَجي رَهندو واسُ (بروو ۴/۲)= ڪيل ڇڱاين جي يادگيرين جي خوشبوءِ باقي رهندي.
- واسَ ورنيون (ڪنيات ۴/۱۹)= خوشبوءِ دار رنگدار.
- وَليون واسَ ورنيُون(راڻو ۳/۱۲)=سُرهاڻ واريون وليون.
● واسلما= ڳُڻَ، نيڪيون.
- ويني واساما ڳاءِ (مارئي ۳/۳)= تون ويني نيڪيون ياد ڪر ۽ ڳُڻ ڳاءِ.
● واسَڻُ، وائسڻ= جانچڻ.
- واسي رات وَٽاڻُ (ڏهر ۳/۱۶)= رات مال جي وٿاڻ (بيهڻ وارو ماڳ) کي جانچي.
● واسِئين= واسُئين، جن واسو ڪيو، (جيڪي مومل کي ملڻ لاءِ اتي سنبري آيا ۽ رهيا).
- ڪو وَهُ لَڳو واسِئين (راڻو ۳/۴)= اتي واسو ڪندڙن (مومل کي ماڻڻ لاءِ سنبري آيلن) کي ڪو اهڙو جذبو ۽ عشق لڳو.
● واسَڻ= واسُ ڏيڻ، سُرهو ڪرڻ.

ـ واسي وارَ (مارئي ۲/۱۷)=خوشبوءِ سان سُرھا وار ڪري.

ـ وَڻَ مِڙيِئي واسِيَا (معذور وائي ۳/۱)= سڀ وڻ واسجي ويا، سُرھا ٿي ويا.

ـ وِڄن واسيا (بلاول ۱/۱۰)= واسجي پيا وِڄن، ڏان وٽيو خوش ٿيا وِڄن.

وَاشڪُرواِلي وَلاتَڪفُرُونِ (سري راڳ وائي ۲/۱)= (نعمتن لاءِ) منهنجو شڪريو ادا ڪريو ۽ ناشڪري نہ ڪريو.

● واصِلُ ٿئو وِصَالَ سِين (بلاول ۱/۲۴)= وصال ۾ واصل ٿئو (جان ۽ روح ۾ جڪري سان گڏجي هڪ ٿي ويو).

● وَاقِف ٿـي (ڪلياڻ ۴/۲۹)= ڄاڻو ٿي، راز جو ڄاڻندڙ ٿي ڪري.

وَاڪَ= سَگھہ.

ـ مـون وِلهيءَ ڪانهي واڪ (ديسي ۷/وائي-۲)= مون ٻي واهيءَ ڪي سگھہ ڪانهي.

● واڪو (جمع واڪا) = وڏو سڏ، وڏو آواز، لُڙ، گوڙ.

ـ واڪا ڪَري (سارنگ ۲/۲)= وڏو آواز ڪري.

ـ واڪا ڪئو(پرڀو ۲/۲۰)=آواز سان 'ڪان ڪان' ڪيو.

ـ واڪا ڪئو (سري راڳ ۲/۶)= ڏڏڪا ڪيو.

ـ وِڄان تان وَاڪو ٿيي (سنهڻي ۷/۱۲)=وِڄان تان لُڙ ٿئي.

ـ وَڏَ وَڻِ وِجَھندِيَسِ واڪو (آبري ۵/وائي-۲)= وڻ وڻ هيٺ وڏا سڏ ڪنديس.

ـ واڪو وِجھہ وَٽين (حسيني ۱۰/۴)= جهنگ جي وٽن ۾ وڏا سڏ وجھہ.

ـ واڪو لَهي ويڙ جـو (مارئي ۸/۲۹)= مَن تان ويڙ جو واڪو لهي، منهنجي دل تان ٿر واري جهنگ (ويڙ) جي ڇڪ ۽ ڪشش لهي.

● وَاڪِئو واڪِئو، 'وانڪئو وانڪئو' (حسيني ۱۰/۱) = تڪڙو تڪڙو.

● واڪـاڻان وِئا (ڪلياڻ ۲/۹)= پنهنجي واڪاڻ ۽ تعريف ڪان پري ٿي ويا.

● واڳَ= گھوڙي ۽ اٺ ڪي ڀنڊ ۾ هلائڻ وارو رسو.

ـــ وَاڳَ وَٽـي (حسيني ۵/وائي-۲)= واڳَ سان واٽيل، ٻَڌل) گڏوگڏ.

ـ واڳَن مـٿي هٿڙا (ڪنيات ۱/۸)= واڳون سندن هٿ ۾ آهن (يعني تہ چڙهي روانا پيا ٿين).

ـ واڳُون وَرَائي (بلاول وائي ۲/۱)=رخ ڦيري پوئتي ڪري.

● واڳِجڻ= ڳنڍجڻ، گڏجڻ.

ـ واڳِنا = (اصطلاح) ڳنڍِ يا، عادي ٿيا، هريا.

ـ واڳِنا جي وَحَہَ سِين (سارنگ ۳/۱۶)= جيڪي نذراني وٺڻ جا عادي ٿيا، فائدي وٺڻ تي هِريا.

ـ وانءُ تَهِين سِين واڳـئو (پورب ۲/۸)= تون تنهن سان گڏيو وڃ.

ـ واڳِئو ويڙيچَنِ سِين (مارئي وائي ۳/۲)= منهنجو مَنُ ڳنڍيو پنهنجي وطن وارن سان.

ـ ويهُ طعني سين واڳجي (راڻو ۷/۱۵)= طعني کي قبول ڪري ويهہ.

● واڳِيون= گڏوگڏ ٿيون.

ـ ٻيون سَڀِ واڳـيُون وَرَن سين (ڏهر وائي ۵/۱)= ٻيون سڀ پنهنجن ڀَتارن سان گڏ.

● وَاڳِي ڏيڻ (رامڪلي ۵/۲۸)= واڳَ ڏيڻ، جهلڻ، ضابطي ۾ رکڻ.

● واگھُ=شينهن جو هڪ قِسم. (اصطلاح) وڏي آفت.

ـ وَٽِ ڇَڏي مُون واگھُ (آبري ۱۰/۲)= مون وٽ (عشق جهڙي) وڏي آفت ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيون وٿيون هٿنديون وڃن.

● وانڍِ (جمع) وانڍيون= ڍنگر- ڍار عارضي بستي (جتي مال وارا گاھ جي سانگي مال سان گڏ رهن).

ـ مَتي وانڍِ وَهِتَ (ڏهر ۴/۱۰)= وانڍَ تي (مال کاهڻ لاءِ) گهوڙن سان حملو.

ـ وانڍِيون وَس چَرنديون (ڏهر ۳/۲۸)= وانڍين ۾ وهاريل مال وَس وارو گاھ چرندو.

ـ وانڍِن ۾ واکو (ڏهر ۳/۳۱)= وانڍِن ۾ هُل هُگاءُ، چڙپول (گهڻا ماڻهو جيڪي لاکي جي ڊپ کان آجا ٿي پيا اَلوليون ڪن).

وانڍِي (ج) وانڍيون= اڪيليون (جن جا ور پورهيي لاءِ پرديس ويل ۽ پاڻ اڪيليون).

ـ وانڍيون وَرَن ري (سارنگ ۴/۲)=ورن کان سواءِ اڪيليون.

ـ وانڍِين مَتان وير (سارنگ ۳/۱۳)= (جُهڙ ٿيو مينهن وٺا) اڪيلين جو ڏک لٿو (جو سندن وَرَ وسڪارن ۾ موٽي آيا).

وانڍِ = ('وائسڻ' مان امر) ڍِس پَسِ.

ـ وانءِ وَحي وانڍُ (سري راڳ ۴/۷)= وِچ ۽ وچي ڍِسُ پَسُ.

واڻَ (سري راڳ ۱/۸)= وڏا ٻيڙا.

ـ هُوجي واڻي واڻِا (سامونڊي ۱/۱۱)= (اهي ڪاٺ جا پاتيا تختا جيڪي ٻيڙي جي تري ۾) واڻي سُونهڻ هٿي، هڪ ٻئي پران لاڳيتا ڪري ٺوڪيا ۽ پچايا.

واهَ= تعريف جو لفظ.

ـ تَنهِن واحد کي واه (سري راڳ ۱/۲۱)= تنهن واحدَ جي واکاڻ، تنهن ڏٺيءَ جي تعريف!

ـ واهَ تَنِي جي ويسِ (سارنگ ۲/۱۳)= تن جي سهٽي ويس کي وَاه واه!

ـ اَڄ واڌايُون واهْ (بروو ۲/۳۰)= اڄ واه جي خوشيءَ جون خبرون!

ـ وَاهَ تِيين (ڪلياڻ ۴/۱۶)= واه جو ٿئين، سرخرو ٿئين، برک ٿئين!

● وَاهَ= مدد، گهتِي (نڪرڻ جي).

ـ وِندرِ ڪانهي واهَ (ڪوهياري ۶/۱۰)= وِندر واري پيٽي ۾ ٻه ڪا مدد ۽ پناه ڪانهي.

● واهَرَ= مدد (وڏي تڪليف ۾) ڇوري يا ڏاڙي وقت.

ـ سِي واهَرَ ڪَنهِن نہ وارِيون (ڏهر ۳/۳۰)= سي واهر ڪندڙن پوئتي نہ واريون، پويان ايندڙ پهر ۽ واهر لوڙهہ ۾ هنيل اهي مينهيون، ڏاچيون، ٻَايون وغيره ڪڏهن ڪين موٽايون (پوئتي واري نہ سگهيا).

● وَاهَرُو = (ڦريل مال کي موٽائڻ لاءِ) واهر ڪندڙ، مدد ڪندڙ، ڏکئي وقت ۾ مددگار.

ـ پاڻِهين واهَرُو (آسا ۶/۷)= پاڻ ئي مدد ڪندڙ آهي.

ـ ٿِئي تِنِي جو واهَرُو (ڪلياڻ ۲/۵)= هو انهن جو مددگار ٿئي.

ـ وِچ ۾ گَڏِيْنِ واهَرُو (سري راڳ ۱/۱۲)= انهن کي وچ درياءَ ۾ هڪ (ٻيڙيءَ وارو) مددگار مليو.

ـ سو ويري سو وَاهَرُو (ڪلياڻ ۱/۲۸)= اهوئي مارينڌڙ دشمن آهي ۽ اهوئي بچائيندڙ مددگار آهي.

● واهُڙُ= واهہ، درياءَ جو ننڍو ڦاٽ. (اصطلاح) درياءَ، سمندر.

ـ جان واهُڙَ ۾ وَهْ (گهاتو ۲/۴)= جيسين تائين جو درياءَ ۾ وهڪرو آهي، درياءَ ۾ گهڻو پاڻي آهي.

ـ واهُڙَ پَرِيُون پاءِ (سنهڻي ۴/۱۷)= درياءَ تو پاڻي ۽ پڪون ڪيرائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- واهڙِ تڪ (سنهٽي ١/١)=واهڙ جي وهڪري واري تڪائي.
● واهُند=درياءَ جي ڦاٽ جو نالو (بهاولپور- ملتان طرف).
● واهُوندو (جمع) واهوندا= اولهه- ڏکڻ جو واءُ (جيڪو سياري پوري ٿيڻ تي مارچ مهيني کان وني لڳي).
- واهُنڊئان (سارنگ ٤/٦)= واهُندي واري پاسي کان.
- واهُونديِ وَرَنِ (سامونڊي ١/٤)= (واپار لاءِ پرديس ويل وڻجارا شال) سياري پوري ٿيڻ تي موٽن.
- وَري واهُوندن، ڪينجهرُ ڪتوري ڪيو (ڪلوڙ ٤/١١) = بهار آٿيندڙ واهوندي واريون هوائون وريون، جن سڄي ڪينجهر کي خوشبوءَ سان واسي ڇڏيو.
- وَريا واهُوندا (مارئي ٦/٤)= واهوندن وارا واءُ وري لڳا.
● واهيرو، وانهيرو = پڪيءَ جو آکيرو، رات جو پکين جي ويهڻ واري جاءِ.
- وَري وانهيري نه وَرِئا (ڪارايل ٢/١)=وري گهر واري ماڳ تي موٽي نه آيا.
- وانهيري ويرَ (رپ ٢/٢٦)= سج لهڻ بعد آکيري ۾ ويهڻ وارو وقت.
● واهيَتَ = واهي تي ويهڻ، چوڪي دار.
- واهيتَ ڪَنِ وَزِيرَ (مارئي ٥/١٧)= وزير مستان نظرداري ڪن.
واءُ= لڳندڙ هَوا.
- وَاءُ وِڃايَمِ ڪالَ (آبري ٩/٤)= ڪالهه، واءُ پنهونءَ جي قافلي جو پير مونکي وڃائي ڏنو.
- واءُ! وِڃاءِ مَ سو (آبري ٩/٣)= اي واءُ! اهو (قافلي جو پيرو) لٽي وڃاءِ نه.
- واءُ سُواءُ (سامونڊي ٢/٤)= اُبتو سبتو واءُ، اَٿائو سٿائو واءُ.
- واءُ سَٿائو (سامونڊي ٢/٢٦)= سٿائو واءُ، سَولو واءُ (جيڪو پيڙي کي سنئين رخ تي سڌو سولو هلائي).
- وِلهُون ويلا واءُ (پورب ٢/١٨)= الله وارن فقيرن سيءَ، بکون ۽ ڪوسا واءُ پنهنجي جان تي سٺا.
● واءُ= واءُ جو مرض.
- وَڏيَنِ ۾ واءُ (ڪنيات ٥/١٢)= هڪ پوڙهپڻ ۽ ٻيو واءُ جو مرض.
● وائِتيُون = جهنڊيون.
- وَڙڪَنِ اُپيئون وائِتيُون (سامونڊي ١/٥)= ڪُوهن جي چوٽين ۾ بين جاين تي پڪل جهنڊيون پيون ڦڙڪن.
● وائِٽُ، وانئِٽُ (حسيني ٨/٧)= نظر، ڏسڻ، (چوندا: "وائِٽَ ڪر، يا وانئِٽُ ڪر ته هو شيءِ اچي ٿي." يعني نظر ڪر، نهار ڪر).
● وائِي= ٻولي، ڳالهه، مقال، ٻچار، يادگيري.
- ٻي وائِي وساري ڇڏ (ڪلياڻ ١/١٥)= ٻي ڳالهه مقال وساري ڇڏ.
- وائي ٻي وسار (ڪلياڻ ١/١٤)= ٻي ڳالهه وساري ڇڏ.
- وَايُون ڪَري (معذور ٢/١٤)= ٻوليون ڪري، لاتيون ڪري.
- وائي وارِ (اليلان ٤/٢)= ڳالهه ڪر، هائو ڪر (پرچڻ ۾ راضي ٿيڻ جي، دلاسي جي).
- وَائي ڪَن نَه وَاتِ (آسا ٦/٦)= ان ڳالهه کي جيڪا هو سمجهي آيا تنهن کي واتان نه وائين، زبان سان ظاهر نه ڪن.
- وَڳُرَ ۾ وائي (ڏهر ٥/١١)= پکين جي وَلر ۾ اها وائي.
- وايوڙِنِ وائي (يمن ١/٢٠)= وَڍيل گهايل عاشقن جي زبان تي اها ڳالهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وَائِي پِنَا (يمن ٢/١٧)= سلمُهان سوال جواب ڪيائون، نہ ميڙ وارا ڳُتا ڪيائون.
- اُڄ پُڻ وايون ڪَنِ (سامونڊي ٣/١٨)= اڄ تا پچارون ڪن، صلاحون ڪن.
- وايون وَڻجارَنِ جيُونِ (سامونڊي ٢/٧، ٤/٢٤)= سامونڊي واپارين جون ڳالهيون ٻوليون.

● وائِي = وائي جيڪا راڳ ۾ ڳائجي.
- وَرنائِي وائي (سورٺ ٢/٩)= ٻيجل اها وائي جيڪا ڳُائي.
- وائِي جاني سَيَڪا (ٻرياتي ٢/٥)= سپڙ کي هر وائي جي ڄاڻ آهي.
- وائِي= پُڪار، آواز، سڏ.
- وَرُ وائِيءَ جو جي لهين (ڪلياڻ ١/٣٠)= جيڪڏهن تون ڪيل آواز جو ورندڙ پڙلاءِ سڃاڻين.

● وِٽُ= مايو، سگهه، مقدار، زور.
- وِٽُ ويمي جو جي لهين (سري راڳ ١/٦)= جي تون ويمي جي نفعي جو مقدار معلوم ڪرين (ڏسو 'ويمو' هيٺ).
- ولاٽُنِ وِٽُ (سامونڊي ٣/٣٤)= پري پري وارن ملڪن جي منظر ۾ ماحول وارو انداز، جتي جي واپار جو نفعو.

● وِتائڻ= ڦٽو ڪرڻ، اڇلي ڇڏڻ
- وِتو = ڦٽو ڪيل- اڇليل.
- ڪتو وِتو پورهيو (ڪاپائتي ١/١٥)= پورهيو ڪري ڪتيل (سٽ) جيڪو ڦٽو ڪيو ويو.

● وِتُرُ= (ع. وِترُ= اِڪي، اِڪائي) اڪائي وارو، اَحدُ، واحدُ، وحدانيت وارو.
- وِتَرَ جي وصالَ ۾ (ڪلياڻ ٣/وائي)= واحد جي وصال ۾، الاهي وصال ۾.

وِترا (واحد. وِترو) ويتر وڌيڪ، گهڻا، گهڻا ۽ تکڙا.
- جڻن وَرَقَ وارينِ وِترا (يمن ٥/٣)= جڻن جو تون گهڻا تکڙا پنا اٿلائين.
- ويني پاتا وِترا (کوهياري ٥/١٠)= ويني ويتر وڌيڪ.
- وِکُرُ پاءِ مَ وِترو (سري راڳ ٣/٩)= حد کان وڌيڪ سامان نہ پِر، نہ چاڙهه.
- وِکين آهي وِترو (راڻو ٦/٨)= هلڻ ۾ وڌيڪ تکڙو.
- وِڪ وِڌائين وِتري (حسيني ١١/٦)= وڌيڪ تيز وِکَ ڪنيائين، وڌيڪ تکڙو هليو.
- ڪِجِ وِينتيُون وِتريُون (ٻروو ٢/٢٤)= وري وري گهڻيون منٿون ڪج.

● "وَتُعِزُّ مَن تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَآءُ" (ٻرياتي وائي ٢/٢) = (قرآن شريف جي آيت) الله تعاليٰ "جنهن کي چاهي عزت وارو ڪري، جنهن کي چاهي ذليل ڪري".

● وَتَڻ= گهمڻ، هلڻ، ڦرڻ.
- وَتَنِ ولهي ويسِ (رامڪلي ٦/١٩)= ڪنگالن وارو ويس ڪري پيا هلن.
- وَتَنِ تا وَهلُور (رامڪلي ٦/٩)= وهلُور پيا وڃن، ماڻهن کان پري پيا ڀڄن، تکڙا گوشائتا پيا هلن.
- وَتَنِ وِصالِي (راڻو ١/٦)= وصال لاءِ آتا ٿيا هلن.
- وَتَنِ مُنجهه وِصالَ (راڻو ٢/٧)= وصال جي تمنيٰ واري نشي ۾ پيا هلن.
- ويڙهي مَنجهه وَتي (ٻروو ٢/١٦)= اڱڻ ۾ پئي ڦري، هلي.

● وَتَواصَوا بِالحَقِّ وَتَواصَوا بِالصَّبرِ (آسا ٤/١٥)= (قرآن شريف جي آيت) ۽ جن حق جي تلقين ڪئي ۽ جن صبر ڪيو.

● وَٽُ= شيءِ، قيمتي شيءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وَڏي وَٽُ (رامڪلي ۱/۸)= وڏي مُٺيا، وڏي قيمتي شيءِ.
- گهَرُ نہ وَرُ، نہ وَٽُ ڪا (سنهٽي ۶/۱۲)= نہ گهرُ، نہ مڙس، نہ وري گهر ۾ ڪا قيمتي شيءِ.
- مُون وَرُ وَڏي وَٽُ (رپ ۳/۳)= منهنجو پيتار وڏي قيمت وارو، وڏي شان مان وارو.

● وَٿُون= ٿولَ، شيون، ڪم جُون شيون، قيمتي شيون، دنياوي لاڳاپن واريون شيون.

- وَٿُون جن وڃائيون (ڪليات ۲/۷، ۲/۸)= جن پنهنجيون سڀ شيون ڦِٽي ڪيون.
- وَٿُون جَنِ وِراهِيُون (رامڪلي ۴/۶)= جن پنهنجيون شيون (مال مَلڪيتون) ٻين کي وراهي ڏيئي ڇڏيون.
- وَٿُون سَڀِ وِسارِ (آبري ۷/۱۴)= تون پنهنجيون قيمتي شيون سڀ وساري ڇڏ.

● وِٽُ= وٽي، وقفو.

- مَچُڻُ پوئينِ وِٽُ وِصالَ ۾ (رامڪلي ۴/۱۱)= متان محبوب سان ملڻ (وِصال) ۾ ڪا وٽي پوِين.

● وَٿاڻُ (جمع) وَٿاڻَ = مال جي ويهڻ وارو ماڳُ (اصطلاح) ماروئڙن جي رهڻ وارا هنڌ.

- وَنهيان تِيَنِ وَٿاڻَ (مارئي ۶/۱۶)= سنڌن پنهنجا ۽ سنڌن مال جا ماڳ سُڪيا ساوا ٿيا.
- وِرِهُ جَنِ وَٿاڻُ (حسيني ۶/۲۰)= جن جو ماڳ مڪان ئي درد ۽ فراق آهي.
- ووڙِيمِ سَڀَ وَٿاڻَ (آبري ۳/۷)= مون سڀ ماڳ ڳوليا.
- واسي رات وَٿاڻُ (ڏهر ۳/۱۶)= رات جو مال جي ويهڻ واري جاءِ جانچي.
- وَري وٿاٿين آئِيُون (سارنگ ۳/۲)= مينهيون ڳايون (چري چُڳو ڪري) موٽي وٿاڻن ۾ آيو.

● وَٿاڻَانِ = انهن جا وٿاڻ.

- مون وَٽِ وٿاڻانِ (حسيني ۶/۵)= مون وٽ انهن سُورن جا وَٿاڻ آهن، گهڻائي ڪي آهن.

● وَٽِ= آڏو، اڳيان.

- هيڪڙائيءَ وَٽِ هارِ (ڪليات ۳/۳)= وحدانيت وٽ، هيڪڙائي حق جي آڏو هاري ڇڏ (وڃائي ڇڏ پنهنجي هستيءَ کي).

● وَٽ، وَتر= وَند، نئين سِر وَند.

- وَتر سرِ گُهرَنِ وَتِيُون (يمن ۶/۲۲)=(اهي وڏا پياڪ) هر پيري نئين وند وقت وتيون گهرن.
- وٽ وٽ، وَتر وَتر (يمن ۶/۱۹)= ساقي طرفان هر ڦيري واري نئين وند، هر پيري نئين رنگ ۽ سواد واري ورچ.
- وَٽَ وَتيائِين (ڪاموڏ وائي ۱/۱)= وند ونديائين ۲. نقد ناڻو وندي ورهايائين.
- وَتجي پَاڻَ ۾ (آسا ۵/۱۵)= هڪ ٻئي ۾ وندجي، وراهجي.
- وَٽِ مَاتي (يمن ۶/۱۰)= مَاتي وٽ، شراب واري مٽ وٽ.
- وَٽ ۾ (ڏهر ۴/۱۶)= وٽ واري پاڳي ۾.

● وَٽِ= ڏِيئي جي وٽ (ڪپهہ جي يا سُٽ جي جنهن مان تيل مٿي چڙهي ۽ ٻري).

- وَٽِ سورِيندي وَلَهَا (راڻو ۵/۷)= ڏيئي جي وَٽ سوريندي، چوٽيءَ جي سڙي وڃڻ سان وري ان کي اُپو مٿي ڪندي.

● وَٽُ= ڦيرو.

- وَٽُ وِجهَڻ (بروو وائي ۲/۱)= ڦيرو وجهڻ، سنئين ڳالهہ کي منجهائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وَئي وِهجَ دَرَ (ڪلياڻ ٤/٢٣)= دروازو جهلي ويهي رهج، فقط سندس ئي سهارو وٺج.
- وَئي ويهجَ رَندَ (ڪلياڻ ٤/٢٦)= گس پيچرو جهلي ويهي رهج.
- وَٿو ڪَنڌَ (يمن ٦/٣٢)= جيڏاهن ڪنڌ تيڏاهن وارو طرف وٿو، منهن وٿو، خاموشيءَ سان پنهنجو رخ وٿو، راهه وٿو.
● وِحِلَ= (ع. وَحل) وِنجهل، ڏکائيندڙ اُلتڻ، وڇوڙي جو درد، سور.
- پِي وِحِلَ ويڙيچَنِ جي (مارئي ٤/٢٠)= پيو مونکي پنهنجن وطن وارن کان وڇوڙي جو سور.
● وُجُودُ= جان، جيءُ، اندر جسم. (اصطلاح) هئڻ، هستي.
- وِرهَ جا وُجُودَ ۾ (سلمونڊي ٤/٢)= درد ۽ فراق جا اندر ۾.
- وِجائي وُجُودَ کَي (ڪلياڻ ١/٢٥، ٣/١٠، ٣/١٩) = پنهنجي هستي ڇڏي.
- وِئو وُجُودَانِ نِڪري (يمن ٣/١٦، ٣/١٧، ٣/١٩) = (محبوبن جو تير) وجود مان نڪري ويو، جسم مان آرپار هليو ويو.
- وجُودِئي وَٽڪارَ (آبري ٣/٤)= وٽڪار واري پيٽي (ونڊر ندي جي وادي وارا وڻ) تنهنجو پنهنجو وجود ئي آهي.
- جيڪي ني وُجُودُ (معذور ٢/١٥)= يا تہ وجود کي ڪَڻ، وجود کي ختم ڪر.
- وِجائي وُجُودَ کي (ڪلياڻ ١/٢٥)= ١. هئڻ ۽ هستي واري خيال کي ختم ڪري ٢. 'وجود' واري مسئلي کي، ذات حق جي 'وجود' ۽ باقي ٻئي 'وجود' واري مسئلي کي، 'وجود' جي 'ذات' ۽ 'صفات' واري خيال کي، 'وجود' ۽ عَدم جي مُمڪنات ۽ تَعين کي وڃائي.
● وَجهُ= (ع) مُنهن.
- وَجه منجهہ (ڪلياڻ ٣/وائي)= مُنهن ۾، ڏسڻ ۾، ظاهري نشانين ۾.
● وَجهُ= وجه معاش، ملندڙ وظيفو، ملندڙ مال ۽ پئسا.
- واڳِنا جي وَجَہَ سين (سارنگ ٣/١٦)= جن جو واسطو وجه معاش سان آهي.
● وِجَ= ڪنوڻ.
- نَڪو وَرنُ وِجَ جو (ڪلوڙ ٣/١)= نڪو ڪنوڻ جو رنگ.
- وِج ڪَونَدي (سري راڳ ٢/٥)= ان وقت جڏهن ڪنوڻ تيندي رهي ٿي.
- وِجُ ڪَونديءَ ويسرا (سري راڳ ٢/٦)= وِج جي وقت، ڪنوڻ جي وقت ڪي بي خيالا (ننڊ ۾ ننڊرون ڪندا).
● وِچا=وديا، ڄاڻ، علم، راڳ جي ڄاڻ، راڳ ۾ مهارت.
- وَجي وِچا وِسَري (سري راڳ ٤/٣)= علم ۽ ڄاڻ ئي وسري وڃي.
- ڇڏِ وِچا (پرڀاتي ٢/٣)= راڳ واري پنهنجي ڄاڻ ڇڏ.
- وَجي وِچا وِسري (يمن ٣/٢٢)= حڪمت ۽ طبابت جو علم ئي وسري وڃي.
- وِچا جو واپارُ (بلاول ٢/٣)= حڪمت عملي، وڏو گُڻ ۽ فهم، ڪرامت سخاوت.
- تہ وِچا سَبِ وِيِنِ (حسيني ٤/١٦)= تہ هوند سندن سڀ ڄاڻ ۽ سمجهہ ختم ٿي وئي (=ختم ٿي وڃي).
- وِچا جي وائي (پرڀاتي ٢/٣)= ڄاڻ جي ڳالهہ.
● وچائڻ= واچا وچائڻ، ساز وچائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- واڄٽ ڄِـنَن وَڄاءِ (ڪـلـيـاڻ ٥/١٧)= وڏي واڄي ۾ وڏي آواز سان تون وڄاءِ.
- وَڄائي واٽَ ٽيا (پورب ١/٧، رامڪلي ١/٢٤، ٢/١٢) = سگڙيون وڄائي واٽ وٺي راهي ٿيا.
- راتِ وَڄايا ريـلَ ۾ (ڪـامـوڏ ٣/٩)= گـذريل رات (ڄام تماچي) درياءَ جي ريـل (پاسي واري سڌي زمين) ۾ واڄا وڄارايا.

● وِڄڙيُون = ڪِنوٽيون.
- وِڄـڙيِن ويسَ ڪِـئـا (مـارئي ١١/٧)= ڪنوٽين وڏا رنگين چمڪاٽ ڪيا.
- وِڄڙيُون وِهسَنِ (سارنگ ٢/٧)= ڪنوٽيون خوش ٿين (چمڪن).

وَڄڻ = (اصطلاح) مشهور ٿيڻ، وڄي وڃڻ.
- ڳالهه ڪِينَن نـه وَڄي! (ڪلياڻ وائي ١/١)= ڳالهه ڪـينن نـه مشهور ٿئي!

● وِڄهڻ= اندر ڪـرڻ، اڳـتي ڪـرڻ، ڪا ڳالهه وچ ۾ آڻڻ، ور ڏيڻ.
- وِڄهه وِڏنديءَ وک (معذور ٥/٤)= قدم کڻ (اڳتي هل) پر 'وڏنديءَ وک' سان، تکي وک سان.
- وِڄهنو وَرُ وَنجهَ کي (سامونڊي ٢/٨)= پيڙيءَ جي ونجهه کي پنهنجي ٻانهن جو ور وجهي (=جهلي).
- وِڄهنِ ويچاريءَ تي (آبري ١١/١٣)= اها ڳالهه ٻه سسئي ويچاريءَ جي ذمي ڪن.
- پب وِڄَهنديسِ پٽ تي (ديسي ٥/٩)= پب جبل کي آءٌ پٽ تي ڇڏيـنديس، ان کان اڳتي متي ويـنديس.
- وِڄَهنديس پيش پُنهونءَ جي (آبري ٢/١٣)= آءٌ پنهونءَ جي آڏو پيش ڪنديس.
- وِڄهي ڪَاڻِ (آسا ٥/١٢)= ڪـاڻ وڄهي، ويچو وڄهي، وچ ۾ ڪـوٽ وڄهي (محبوب کي عاشق کـان رُسائي، رُسامو وڄهي).
- وِڄهي، ويرَمَ نـه ڪَري (سنهڻي ٦/٧)= پاڻ کي درياءَ ۾ وڄهي، دير نه ڪري.

● وِڃائڻ =ڇڏڻ، ترڪ ڪرڻ، ختم ڪرڻ، ضايع ڪرڻ.
- وحدتَ ساڻُ وِڃاءِ (آسا ٦/٣)= وحدت ذريعي ختم ڪر.
- پـهـرين وِڃـائڻُ پاڻ (ڪـلـيـاڻ ٢/١٩)= پـهـريـائين پنهنجي اَنانيت ۾ آپي کي فنا ڪرڻ.
- جَنِ وِڃـايـو وُجُـودُ (ڪـلـيـاڻ ٣/٢١)= جن پنهنجي هٿڻ ۾ هستيءَ کي فنا ڪيو.
- سڀ وِڃـائي سازَ (ڪـلـيـاڻ ٣/٢٠)= ٻيـا سـڀ ساز سامان ڇڏي، ٻيا سڀ وسيلا ڇڏي.
- وِڃـايـمِ ويـسـري (ڏهر وائي ١/١)= مـون ويـسـر ۾ اجائي وڃائي.

● وَڃڻ = هليو وڃڻ، ضروري وڃڻ، لازمي طور وڃڻ، ڇڏي پري ٿيڻ.
- وَڃڻ تَنِ پِـئو (ڪـلـيـاڻ ٥/٢)= تـن کي لازمي طور وڃڻو پيو، ضرور وڃڻو پيو.
- وَڃڻ ويرم نـه سهي (معذور ٢/٢١)= محبوب (پنهون) ڏي هلڻ واري پنڌ ۾ دير نه سهي.
- وَڃڻ ڪَنا وَڃُ (آسا ٤/٤)= سڀ لاڳاپا ڇڏڻ کان اڃان وڌيڪ ڇڏ، وڃڻ کان اڃان اڳتي لنگهه.
- وَڃڻ کي وَڃـيـڄ (رامـڪـلي ١/٤١)= تون ٻـه سندن پويان هميشه لاءِ وڃجانءِ جئن وري نـه موٽين.
- وَڃڻُ وِڃائينِ (رامـڪـلي ١/٣٧)= جيـڪي وڃڻ کي مخفي ڪن، رواني ٿيڻ کي راز ۾ رکن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● وچوتڻ= وچ واري آڏ (سبب ۽ وسيلي واري)
– ويني وچوتڻ وسري (آسا ٣/٧)= وچ واري آڏ خودبخود وچان نڪري وئي.
وِچان= وچ وارا.
– وِچان وِلها ڏينهڙا (پرياتي ١٦/١)= وچ وارا ڏکيا ڏينهن.
● وِچين = اڳينءَ کان پوءِ ۽ سج لٿي کان اڳ وارو وقت، وچين نماز وارو وقت، وچينءَ جو. (اصطلاح) پڇاڙيءَ جو، پڇاڙي تائين، ويندي آخر دم تائين.
– وِچين تي ويلا ڪَري (سنهٽي ٢/١)= 'وِچين' ويتر وڏيڪ ٿيندي تي وجي.
– وچينءَ ويـنـاهُوِن (رامڪلي ٢٠/٥)= (اهي فقير سڄو ڏينهن هلن ۽) وچينءَ وقت ويهڻ وارا ٿين.
– وِچينءَ ڪِينَ وِرچَنِ (رپ ٣٠/١)= وچينءَ جي وقت تائين ڪين ٿڪجن، ويندي پڇاڙي تائين ڪين ٿڪجن.
● وَچَنْ ڪيو (مارئي ١٠/١)= هائو چئي، وعدو ڪيو.
● وَچَارُ (سنهٽي وائي ٣/١)= وچن وارو، ميهار.
● وَچَارَن = وچارن وٽ، ميهارن وٽ.
– وچَارَنِ وَهي (سنهٽي ١٠/٧)= وچارن وٽ وڃي، ميهارن وٽ وڃي.
– وَهڻُ وَچارَنِ مَنْئو (سنهٽي ٧/٦)= ميهارن اهو واهڙ ڇڏيو (۽ مَٿي پٺي پاسي وڃي ويٺا).
● وِچاٽا= هَندَ پلنگ.
– سيئي وِچاٽا (راڻو ٢/٦)= اهي ساڳيا هنڌ پلنگ (جن تي اڳ تون خوش ٿي سمهندو هئين).
● وَچَڙا= مينهين جا ڦر.
– واڙي پايو وَچَڙا (ڏهر ٢١/٣)= مينهين جا ڦر واڙيءَ ۾ وجهيو.

– چورُ نه ڇَهي وَچَڙا (ڏهر ٣/٤)= چور مينهين جي ڦرن کي هٿ نه وجهي، نه جهلي، نه ڪاهي.
● وِچوڙِئا= وچڙيل.
– وچوڙِئا ميڙِ پرين (سنهٽي ١٦/١١)= پيارا محبوب جيڪي مون کان جدا ڪيا (وچوڙِئا) ويا آهن سي ملاءِ.
● وَچُون= مينهين جون پاڏيون.
– وَچُون ڪَريو واٽَ (سارنگ ٦/٤)= پاڏيون واڙن مان ڪڍي مٿي گَس تي آڻيو.
● وَحدَتَ = الله جي هيڪڙائي، هيڪڙائي حق، طالب ۽ مطلوب جي ملي هڪ ٿيڻ واري وحدت.
– وحدتَ ساڻُ وِچاءِ (آسا ٣/٦)= هيڪڙائي حق سان غير کي وڃاءِ ختم ڪر.
– وحدت جي وِهانه (ڪلياڻ ٣/١)= 'وحدت' جي شادي.
– وَحدتَ سڀ وِڃائيا (سنهٽي ٨/٢)= هيڪڙائي واري وصال ۾، حق سان هڪ ٿيڻ سان ظاهري وجود وڃائي ڇڏيا (سَنهٽيءَ جو جدا وجود ختم ٿي ويو، هوءَ حق سان ملي هڪ ٿي وئي).
– وِئا وَحدَتَ گڏِجي (ڪلياڻ ١٠/١)= وحدت سان گڏجي هڪ ٿي وئا، توحيد ۾ رلجي هڪ ٿي وئا.
– وَحدَتَ جي وَڌاءَ (يمن ٦/٤)= وحدت جي وڌاءَ خاطر، وصال ۾ ملي هڪ ٿيڻ خاطر.
– وَحدَتَ سِر وَچَنِ (آسا ٣/٧)= "وحدت" واري چوٽ تي وڃن.
– وَحد تان (ڪلياڻ ١٧/١)= وحدت مان.
● وَحدهُ (ڪلياڻ ١٠/١)= هو (الله) هڪ آهي.
– "وَحَدَه" جي وِيا (ڪلياڻ ١/وائي)= جيڪي هڪ الله جي، هيڪڙائي حق جي عشق ۾ عقيدي فنا ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀر ڪو ڏنگُ (ور) ڪونهي، ڪو عيب ڪونهي.
– وَرَ مَر وساريجِ (مارئي ٩/١٤)= اي منهنجا ورَا! منهنجا پيتار! تون مونکي نه وسارجان.
– مُون وَرُ (مارئي ٣/١٤)= منهنجو پيتار (مارو).
– وَرَ ءِ وَهايان (آبري ٨/٢)= پنهنجي پياري مڙس کان سواءِ ڳوڙها ڳاڙيان.
– وَرُ وِڌوُنو ايهين (راڻو ٤/٤)= وَرُ (راڻو) انهيءَ ڪري پيتار ڪاوڙيو.
– اي وَرُ نه ڪنهنِ جي وَسِ (ليلان ٣/٩)= هيءَ ڪانڌ ڪنهن جي وسَ ۾ ناهي، هن تي ڪنهن جو وسُ نه هلي.
– وَرَسين وِجهنَو ڪاڻِ (رپ ٣/١٤)= پنهنجي ڪانڌ سان ڪاڻ وجهي، ڪاوڙ ۾ مَيار رکي.
– وساريجِ مَ وَرَ کي (آبري ٨/١)= اي سسئي پنهنجي مڙس پنهونءَ کي وساري ويهي نه رهج.
وَرُ= (اصطلاحي معنيٰ) هلڻ جي لوڏ. هلت چلت.
– ايءُ وَرُ ويڙيچَنِ (مارئي ٦/٩)= اها لوڏ منهنجي وطن وارن جي.
وَرُ= وَڪڙُ، ڦيرو.
– وَرُ وائيءَ جو جي لَهين (ڪلياڻ ١/٣٠)= جي تون آواز جو ڦيرو سمجهي سگهين.
– وَرَ چُونڊيندي وَڃ (ڪوهياري ١/٣)= وات جا وَر وَڪڙ ۾ وراڪا ڪيندي، ڪاتيندي سڌي تڪڙي پئي وڃ.
● وَرَ ڪرڻ= ور ڏيڻ، ڦيرو ڪرڻ، گھمرو ڪرڻ.
– ماڻ وَرُ ڪَنِ سُپرين (رپ ٢/٢٣)= مَنَ محبوب ڦيرو ڪن، اچن.
– ويچاري ڏئي وَرَ (آبري ٢/٥)= ويچاري ڦيرا ڏئي ڳولي.
– وَرَ ڏيئي (ڪلهوڙي ٤/١٨)= گھمرا ڪري، وري وري، ڦيرا ڏيئي.
● وَرِ پوڻ= ورَ ۾ اچڻ، آڏو اچي وڃڻ، هٿ اچي وڃڻ.
– ورِ پيُو (يمن ٢/١)= ور ۾ پيو، ورچڙهيو، منهن پيو.
– ته وِيندهين پُونئين وَرِ (معذور ٤/٨)= ته وڃڻ ساڻ سندن آڏو ٿئين، مِلين.
– وَرِ پوئي (يمن ٦/٧)= (سر ڏيڻ جي عيوض) توکي واري ۾ ملي وڃي، هٿ اچي، نصيب ٿئي.
– ويئي وَرَ نه پُون (آبري ٧/٩)= (ٻنا ڳولڻ جي) هڪ هنڌ ويهڻ سان وَرَ ڪين ملندا.
● وَراڪا = وَر، وڏا ور.
– وراڪَن ۾ (حسيني ١/٨)= جبلن واري وات جي ورن وڪڙن ۾.
– ورهہ وَراڪا ڏئي (راڻو ٣/١٣)= غم ۾ درد وري وري ور ڏيئي (پوريءَ طرح ڇانيل آهن)، غم ۾ فراق پيو ويڙهي وڃي.
● وَراڪو= مٿري ماٿري جو وَرُ، عزازت جو لحاظ لاڳاپو.
– وينِين وَراڪو ساه ڪو (آبري ٧/٨)= جيڪي هڪ جاءِ تي ويٺيون آهن تن جو ڪو لحاظ لاڳاپي وارو ڪونهي.
● وَراڪڻ= ور ڏيڻ، ور ڏيئي ٻڌڻ.
– پاڻُ وَراڪي (سامونڊي ٣/٢٩)= پاڻ کي رسي جو ور وجهي، پاڻ کي رسو ويڙهي.
● ورانڌَ = وڃڻ جو وقت، وڃڻ ويل.
– لَڏُو تَنِ ورانڌَ (ڏهر ١/١٠)= تن وڃڻ جو، پوئين پهر شام جو لڏيو. (اهي ويا)
● وَراڻِ = ٻاهر ويلن جي واپسي، موٽ.

حاصل ڪيو.

- وَسُ ڪرڻ= پنهنجي پڄنديءَ آهر پورو زور لائڻ.

- ڪڄ وَڃڻَ سِين وَسُ (آبري ١/١۴)= هلڻ ۽ پنڌ ڪرڻ ۾ وڏو زور لاٿج.

- وَرَنهَ ڪجاهُ وَسُ (ڏهر ١/٢٠)= همت وارا جوان! تون (صبوح جو اٿي عبادت ڪرڻ جو) ڪو وڏو حيلو ڪجانءِ.

- ڪارُون وَسَ ڪنام (حسيني ١٢/وائي-١)= مون منٿون ڪيون ۽ وڏا زور لاتا.

● وَسَ= وَسندي، ماڻهن جي پَهَر ۽ آبادي.

- وَڏِي وَسَ هَنا (حسيني ٥/١)= منهنجي لاءِ وڏي پَهَرَ هنا، پَرجهلا هنا.

● وِسارڻُ= يادگيري مان لاهي ويهڻ، يادگيري نہ ڪرڻ.

- وساريج مَ وَرَ کي (آبري ٨/١)= پنهنجي پياري مڙس کي نہ وسارجانءِ.

● وَسان= وس ڪان.

- وسان ويو (ڪنيات ٥/۴)= پنهنجي وس کان ويو.

- وَسان تي وِيَاس (حسيني ١١/١٧، سنهڻي ١١/وائي-٢) = تنهن ڪري، تڏهن تہ، پنهنجي وس کان وِيس، بي وس ٿيس.

- ويٺي مُون وَسَان (آسا ٥/٨)= پر منهنجي وسان وئي (ماڻهو منهنجي بي حالي ڏسي سمجهي ويا).

وِسامڻ= وسامي وڃڻ (باهہ جو). ختم ٿي وڃڻ (ڪنهن شيءِ جو).

- وَسِي وِسَاٽيُون (حسيني ٩/١٠)= (اکيون مينهن وانگر) وسي، ڳوڙها ڳاڙي وسامي ويُون، بس ٿي ويون.

- روءِ وِسانٽي راندِ (حسيني ٩/٥)= راند کي ختم ڪري تون روئڻ جي ڪر. ڪل خوشي ڇڏي غم جا ڳوڙها ڳاڙ.

● وِسَائڻ، وِسائڻ= باهہ کي اُجهائڻ، ختم ڪرڻ.

- واقفُ ٿِي وِساءِ (ڪليات ۴/٢٩)=سوچي سمجهي ساڙيندڙ باهہ کي وساءِ.

- وساٽو سو واءُ (سامونڊي ١/٣٦)= (ڏکيو خطري وارو) واءُ بند ٿي ويو.

- ويٺِين وِسَامِي (رامڪلي ٢/١۴)= وسامي ويهڻ، ڪم يا پنڌ ڪندي ٿڪجي ٿي ويهي رهڻ.

- ويٺيس وساٽي (مارئي ٥/٩)= بي حال ٿي ويٺس.

- ويهہ مَ وِسَامِي (رامڪلي ٢/٢٩)= اُجهامي نہ ويهہ، ٿڪجي ساٽو ٿي نہ ويهہ.

● وسائڻ= مٿان پاڻي ڇٽڪارڻ، مينهن وسائڻ.

- وَسائيندي وڄڙي (سارنگ ١/١٦)= وِڄڙي مينهن وسائيندي، عشق جي ڪنوڻ عاشق جي اکين مان مينهن وسائيندي.

- وَسائجاهُ (مارئي ٥/١٠)= اوهين وَسائجو.

● وِسرڻُ= يادگيري تان لهي وڃڻ، وسري وڃڻ.

- سِي تان وِسرِينِ (ڏهر ١/٨)= اُهي تان وِسري وين.

- تو ڪِنَن وِسرِئا (سامونڊي ۴/١٠)= تو کي ڪيئن وسري ويا.

- ويهہُ مَ وساري (آبري ٩/١)= يادگيري کان لاهي نہ ويهہ، لاهي نہ ڇڏ.

- وِسرئوم سَبَقُ (يمن ٥/٢)= مون کي سبق وسري ويو.

- آن جِڪَسِ وِسريَانِ (مارئي ١١/١٣)= آءٌ شايد انهن کي وسري ويس.

● وَسڪارُ= ساوڻ جو مينهن، اُن مينهن جي مند.

- وَرُ وِهڻُ وَسڪاري (مارئي ١/٥)= وڏيڪ پلو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَسڪاري ۾ مينهن وسندي گذارڻ.

- وَسَندو سونَ ڦُڙيين (بلاول ۱/۹)= (سخي جڪرو) سون جون ڦڙيون وسائيندو، سونَ جي وَرڪا ڪندو.

● وَسڻ= مٿان پاڻي جو ڪرڻ، مينهن جو وسڻ.

- وَسِجُ= تون مينهن وانگر وَسج (اصطلاح) مهربان ٿج، نوازشون ڪج.

- اِيئن مَ وَسِجُ عامَ تي (راڳو ۴/۱)= اَئجاڻ عام خلق تي ائين وَسي نه پنج، نوازشن جي پَلٽ نه ڪج، نوازشون نه ڪج.

● وِسَهَڻُ= وِسَهه ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ، پڪ ڪرڻ ڄاڻڻ، يقين ڪرڻ.

- وِسهُ وِهَائِي (ڪلياڻ ۴/۲۸)= سمجھه ته پوري وقت واري گھڙي گذري وئي ۽ گذرندي ٿي وڃي، يقين ڄاڻ ته عمر پوري ٿي، پوري ٿيڻ واري آهي.

- وِسَهُ مون وِهُ ٿَڌا (راڳو ۸/۳)= اعتبار ڪر ته مون لاءِ زهر ٿيا.

- وِسَهُ اِنَهِين ويڻَ (بلاول ۱/۶)= ان ڳالھه کي پڪ ڪري ڄاڻ، ان خبر کي پڪو سمجھه (ته داتا دعوت ڪني آهي).

- جي مَان وِسَهَو (يمن ۶/وائي، آبري ۳/۱۰، ۱۱/وائي-۱)= جي مون کي وسهو، جي مون تي اعتبار ڪريو.

- تَنِ موتِنو ڪِين وِسهان (سامونڊي ۱/۲۵)= آءُ تن کي وسَهان ئي ڪانه ٿي ته ڪي موٽندا، وري مون وٽ ايندا.

● وَسِيلُ= وِسيلو، مددگار.

- وِساري وَسِيلَ (ڪوهياري ۵/۵)= اي منهنجا وسيلا! مٿان مون کي وساري (واٽ ۾ ڇڏي ڏٿين).

● وسيلو (جمع) وسيلا= مددگار، واهرو.

- وَسِيلو وِلهنِ (بلاول ۳/۳)= ولهن جو وسيلو، ڏکين بکين جو سڏ سڻندڙ.

- وَسِيلو وِتِ (سورٺ ۴/۱۲)= وچان ڪو پيو ملائيندڙ، وچ واري وٿيءَ ۾ ملائيندڙ.

- وِٺا وسِيلا (سنهڻي ۲/۸)= سڀ آڌار ۽ آسرا ختم ٿي ويا.

● وَسِين= وَس واري جاءِ، وَسيل جاءِ، آبادي.

- نَڪا وَسِين وِچَ ۾ (ديسي ۶/۱۷)= وچ ۾ ڪا آبادي ڪانهي، ڪا بَستي آهي ئي ڪانه.

● وِصَالُ= محبت جو ميلاپ، روحاني گڏجاڻي.

- ويجھو ٿئين وِصال کي (ڪلياڻ ۳/۱۴)= تون پنهنجي محبوب سان ملڻ کي ويجھو ٿئين.

- وصالَ کي (بلاول ۲/۸، مارئي ۴/۱۴)= وصال لاءِ، پنهنجي مٺي ماروءَ کي ملڻ لاءِ.

- وِصالَ ۾ (راڳو ۲/۹)= حقيقي محبوب جي ديدار ۾.

- ويجھو ناهِ وِصال کي (ڪلياڻ ۳/۱۵)=محبوب سان ملڻ جي قريب نه آهي.

- وِصَالَ جي (آسا ۵/۹)= محبوب سان گڏجي هڪ ٿيڻ جي.

- ويجھي ٿيان وصال (معذور وائي ۲/۱)=محبوب سان ملڻ لاءِ ويجھي ٿيان.

- هو جو وَرَقُ وصالَ جو (يمن ۵/۲۰)= اهو وصال وارو پنو.

- مَحِڻُ پوئينِ وِٽ وصال ۾ (رامڪلي ۴/۱۱)= مٿان انهن کي محبوب سان ملڻ (وصال) ۾ ڪا وٿي پوي.

- وِصَالَ ڪان (يمن ۶/۱)= محبوب جي قرب ڪان.

- مون کي وِصالان وِچ پير (يمن ۴/۵، حسيني ۵/۲۳) = پِرينِ سان وصال سبيان (منهنجي ۽ پرينِ جي وچ ۾ا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي پئي.

- وصالان= وِصال مان، وصال ذريعي.

- سو وِصالاَن نه ٿئي (حسيني ٥/٢٢)= وصال مان نه ٿئي، پرين سان گڏجاڻي ۽ ملڻ ﺑ نه ٿئي.

- وِصالان فراقَ جي (سنهٽي ١١/٥)= وصال (ملڻ) کان وڌيڪ فراق (وڇوڙي) جي (ڳالهه وڏي آهي).

- وِساري نه وِصالُ (آبري ٨/١١)= محبوب سان ملڻ واري گهڙي نه وساري.

- پيئم وِچ وصالَ ۾ (حسيني ١١/وائي-٢)= محبوب سان ملڻ ۾ مونکي وچ ۾ وٺي پئي.

وَصلُ = وِصالُ، محبوب سان محبت پري گڏجاڻي.

- وَصلُ اهوئي وَنگ (سنهٽي ١/١۴)= محبوب سان ميل جو اهوئي وَرُ آهي، اهوئي راز آهي.

- وَصلُ تنهِ وڃائيو (معذور ٢/٢۴، ليلان ٣/٥) = تنهن محبت واري گڏجاڻي کي وڃايو، ضايع ڪيو.

● وَطَنَ= ساٿيهه، اباڻو ملڪ.

- وطَنُ مُون ملير (مارئي ١/٢)= منهنجو ديس ملير آهي.

وَظِيفو = عبادت طور جيڪي ڪجهه روزانو مقرر وقت تي لازمي طور پڙهجي، مقرر وقت واري دعا.

- وردَ وَظيفا وِسَرِئا (آسا ١/١٥)= ذڪر ۽ وقت واريون دعائون وسريون.

وَعدو= انجام، اقرار، ٻول.

- وَعدا ۽ وَعيدَ (ذهر ١/١٥)= ڪيل واعدا ۽ انجام.

- وَعدي ڏي نه وَهان (معذور ٢/١٨)= (سپاڻي جي وعدي تي ڀروسو نه ڪريان، ان ڪري) وعدي تي نٿي هلان.

- هُتِ وَعدا وَڃڻَ جا (مارئي ١١/٢)= هُت ٿر ۾ منهنجا موٽي وڃڻ جا ڪيل واعدا.

● وَفي اَنفُسكُمِ اَفلا تُبصِرون (آبري ٣/٣)= (قران شريف جي آيت) هو اوهان جي اندر ۾ آهي، ته ﺑه نه ڏسندئو ڇا!

● وقت= گهڙي، ساعت.

- وَقتِ وَڃي جَو (آسا ١/١٦)= اهو وقت جيڪو گذري ٿو وڃي (سو ڇڻ ويو).

● وِکامڻ= ملهه ۾ ڇُڪتو ٿيڻ، خريد ٿي وڃڻ.

- جي وِکامي نيل (بلاول ١/٢١)= جي توڙي ڪٽي نيل جي ملهه ۾ وِکامي.

- وِکامي پَدَمِ (بلاول ١/٢٠)= پدم ۾ وِکامي، پدم جي ملهه ۾ وِکامي.

● وِکَ= هڪ وِک (= ﮨ قدم).

- کُهي کُڄ وِکَ (آبري ٩/٨)= ٿڪجي چُور ٿيين ته ﺑ هڪ وِکَ اڳتي وڌائج.

- وِکَان ئي (آبري ٢/٢)= هڪ وِکَ کان.

- وِکَ وَڌندي پاءِ (ڪنيات ٣/٥)= وڌندي وک کڻ، اڳتي وک کڻ.

- وِک تنهِ ويجهي ڪِي (آبري ٩/٧)= تنهن (آخري وک) ڪٽي ويجهو ڪيو (سسئي جيڪا وک ٿڪجي ٿڪجي کڻي تنهن کيس پنهونءَ جي ويجهو ڪيو).

● وِکين= وکن ۾، هلڻ ۾.

- وِکين آهي وِترو (راڻو ٦/٨)= وکن کڻڻ ۾ ويتر وڌيڪ تيز آهي.

● وِکَ= زهر، ڪڙو قاتل شراب.

- وِتُيون پيتُيون وِکَ جون (يمن ٦/٣۴)= ڪڙي قاتل شراب جون وتيون پري پيتائون.

● وَکارَڻ (سري راڳ ٣/١۴)= وکر وارن، دڪاندارن

● وَناھڻ=پرٿائڻ لاءِ وناھ ۾ ويھارڻ. (اصطلاح) پرٿائڻ.

ـ ڪنهِ وڏيءَ وير وناهي (آسا ٧/وائي)= ڪنهن خاص وقت تي پرٿائي (وٺي ويجا).

ـ ويندو گھوٽ وَناھيو (آبري ٧/وائي-١)= وجهه وارو (جلد) پرٿايو.

● وَنجھ= بانس جي لٺ. بانس جي ڊگھي ڪاٺي جنهن سان ڪناري لڳ تانگھي پاڻي ۾ ٻيڙي کي ھلائجي يا بيھارجي (ونجھ ھيٺ زمين ۾ ھٽي پوڻتي ڌڪبو تہ ٻيڙي اڳتي وڌندي. ونجھ کي زور سان ھيٺ تري ۾ کوڙي، ان سان ٻيڙي بہ بيھي).

ـ وَرُ وڏائين وَنجھ (سامونڊي ٣/١٤)= ٻيڙيءَ کي بيھارڻ لاءِ ونجھ کي رسي جو وَرُ ڏنائين.

ـ ونجھ نہ واھ (سري راڳ ٢/١٥)= (پاڻي ايڏو اونھو آھي جو) نہ ونجھ تو لڳي نہ ٻي ڪا واھ آھي.

● وِنجھلُن، وِجھلڻ، وِجلڻ= (ع. وَجل= سور ايذاء) فراق سببان پنھنجي اندر جو درد ۽ سور، رات ڏينهن وارو ڳاراٽو.

ـ مَنُ وِنجھلَنَ وَڙيو (حسيني ٩/١)= (ڀاھران ڪنھن ڪاٺيءَ نہ، پر) مونکي اندر جي درد ڳاريو.

ـ واتون جَھلُو وِنجھلي (آسا ٢/٢١)= (پنھنجي پياري لاءِ) واتن تي ويھي اوسيڙي ۾ ڏکاري ٿئي.

ـ ويڳاڻو ٿِئو وِنجھلي (رپ ١/٤)= ويچارو ٿيو پيو غم ۾ ڳري.

وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيه مِن حَبلِ الوَرِيدِ (مارئي ١/١٦) = قران شريف جي آيت: اسين ان کي (پنھنجي ٻانھي کي) ساھ واري رڳ کان ويجھا آھيون.

● وِندَرَ= مينھن ۾ وھندڙ ندي (حب ندي ڪان اولھ، بلوچستان ۾).

ـ وِندُر جي وٽا (حسيني ١٠/١١)= جيڪي وندر طرف ويا.

ـ وِندُر وَرَ ڏنام (حسيني ٥/١٣)= مون وندر ندي واري پيٽي ۾ پنھون جي ڳولا ۾ وَرَ وراڪا ڏنا، ڦيرا ڏنا.

ـ وِندُر جو وٽو (آبري ٧/١)= جيڪو وندر واري طرف (ڪيچ ڏانھن) ويو (سو پيارو پنھون الله آڻي).

ـ وِندُر ڪانھي واهَ (ڪوھياري ٦/١٠)= (ويچاري سسئي جي) وندر ندي واري پيٽي ۾ ٻي ڪا واھ ڪانھي.

ـ وِندُر وَلُھائي (ديسي ٦/١١)= وندر (نديءَ واري جُوءِ) کي ڳولي.

● وِنڍِڻ = موتين لعلن ۾ سوراخ ڪرڻ ۽ ڳھ بنائڻ.

ـ ھيرو لَعلَ وِنڍينِ جي (سري راڳ ٤/١٢)= (اھي ھنرمند جيڪي) ھيرن لعلن ۾ سوراخ ڪري ڳھ ٺا ڪن.

● وَنڍيندڙ (يمن ٦/٦)= وَنڍڻ وارا.

● ونگو= ڏنگو، ڦريل.

ـ اَڳھين اَنگُ وِنگوءِ (ليلان ١/٧)= تنھنجو لکيل انگ ۽ نصيب اڳ ۾ئي ڦريل آھي.

ـ وِنگايُون وَرَ (ديسي ٥/١٠)= جبل جون ڦيريون ۽ وَرَ وراڪا.

● وِنگڙي وَائي (حسيني ٨/٨)= اُلٽي ٻولي، منجھائيندڙ ٻولي.

● وَنگڻ= وکوڙي قابو ڪرڻ.

ـ مون مَنُ راتي وَنگيو (راڻو ٨/٥)= منھنجو من راتي پڌي قابو ڪيو. (ٻي پڙھٽي 'وَنگسو'= ونگيو اچان بہ ٻي پڙھٽي: وِنڌسو= وِنڌيو، من ۾ سوراخ ڪيو ۽ منھنجي من کي محبت جي سڳي ۾ پوئي ڇڏيو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وِنگيئي نَہ (ديسي ١/٩)= وڪوڙي ٻڌئي نہ، انهن ڪي ونگ نہ وڌئي.
وِنگيُون= ڏنگيُون، ڏنگايون.
- لوڪان ليڪي وِنگيُون (آسا ١/٢٤)= ماڻهو پانئين تہ ڏنگايون ڏاڍيون (پر محبوب سدائين سنيون سڌيون ڪن).
● وِنهانءَ= شادي.
- وِنهانءَ جي واڌائيين (ڪاپائتي ١/٦)= شاديءَ جي مبارڪن.
● وَنهيان= سُکيا ساوا.
- ولها جِنه وَنهيان ڪنا (بلاول ١/١٢)= جنهن ڏکيا بکيا ۽ ڪنگال سکيا ستابا ڪيا (پنهنجي سخا سان).
- وَنهيان تِينَ وَٿاڻَ (مارئي ٦/١٦)= اهي ماڳ مڪان سُکيا سَرها ٿين.
- اي وَنهيان واهڙَ (سنهڻي وائي ٢/١)= اي سکيا شاهوڪار درياءَ!
- وَنهين ويڙيچَنِ جا (مارئي ٤/١٤، ٦/٨)= سکين ستابن سائيهہ وارن جا.
- وَنهينءَ واٽَ (رپ ٢/٢٨)= وهندڙ واٽ، آباد واٽ.
● وَنءِ، وَانءِ= وڃ.
- تہ وَنءُ ڪَلاڙين ڪاتي (يمن ٦/١٠)= تہ وڃ ڪَلاڙن جي ڪاتي تي، اَڏيءَ تي جتي عاشق ٿا ڪُسن.
- تہ وِنءُ ڪَلاڙڪي گَهرِ (يمن ٦/٧)= تہ وڃ ڪلاڙن جي جاءِ تي.
- وَنءُ جکري لائي (بلاول ١/٤)= سخي جکري خاطر ئي وڃ.
- تان وَنءُ ويهي آءُ (ڪاهوڙي ١/١٠)= تہ پوءِ وڃ ۽ ڪاهوڙين وٽ ويهي (پرائي) آءُ.

● وَنيون= (واحد. وَني) اکين جون ماڻڪيون، اکيون.
- وَنيِن منجهہ رهن (آسا ٣/١١، ٣/٢٢، ٤/٩)= پيارا پرين منهنجي اکين جي ماڻڪين اندر آهن.
- وَنيِن- ئُون (يمن ١/٢٩)= ونين ڪان، اک جي تاري جي ماڻڪين مان.
- وَنيُون وِهاٽا ڪَريان (بروو ١/١٦)= (اکين تي سر رکي سُمهہ تہ)، منهنجيون اکيون تولاءِ وهاٽا ڪريان.
● وَڻَ - جاءِ (ڪنيات ٥/٥)= مُکر ول (وڻ تي چڙهندي آهي ۽ انهيءَ مناسبت سان اها وڻ جاءِ وَل).
- وَٿاہُ= اي وَٿو (وٿن کي خطاب).
- وَٿا، وايُون مَ ڪَرِئو (آبري ٩/١٣)= اي وٿئو! اوهين (هوا ۾ هيبت وارا) آواز نہ ڪريو.
- وَٿاچَنِ ۾ (مارئي ٣/١٨)= ننڍڙن وٿن ۾، ٻوڙن جي چانو ۾.
- وَٿنِ ۾ وَاڪا ڪَرين (ڪوهياري ١/٥)= (گهٽو پوئتي رهجي وڃين ۽) پٺي جهنگ ۾ رڙيون ڪرين!
- وَٿَن منجهہ وِرُونهَ (آبري ٥/٥)= وٿن ۾ اهائي وائي (تہ سسئي پاڻ 'الاهي صورت' آهي)!
- وَڻَ ٽَڻَ وايون ڪَن (معذور ٢/١٠)= وڻ ٽڻ (تحسين ۽ آفرين واريون) ڳالهيون پيا ڪن، واهہ واهہ پيا ڪن.
- وَڻَ چُوندِيا (ڪاهوڙي ٢/١٨)= وٿن مان ڏٺ چونديو (ڪپڙن مان پيرون، ڪنڊين مان سنگر).
- وارُو مون وَٿاہُ (معذور ٣/٧)= اي وَٿو! مون سان واهرو ٿيو.
- وَڻُ هَٿُ جو (آبري ١١/٢)= هوڏ هستيءَ جو وڻ.
- وَٿين= وٿن وٽ.

ڳولا آهي.

● ووڙڻ= ڳولڻ.

– وِئا تِتِ ووڙِينِ (ڪلهوڙي ١/١٣)= هو (پري) ويا، ۽ اتي وڃي ٿا ڏٽ ڳولين.

● وُوڪَ= جوش ۽ جذبي مان تڪ ۽ تيزي واري دانهن.

– ولولو ۽ وُوڪَ (معذور ٧/١٧)= سستي جو اهو ولولو ۽ ووڪ، حقيقت ۾ عشق جي آه آهي.

● ووڻ= وڻ، ڦٽيون ڪندڙ وڻ.

– نه سي ووڻ وَوٽن ۾ (ڪاپاٽي ٢/١٢)= نڪي وَٽن (واري جنس) ۾، اهي ساڳيا سنا ووڻ.

● ووه (معذور ۴/١٨)= هاءِ هاءِ واري درد جي دانهن.

– ووه ووه (حسيني ٣/٨)= ووهاءِ ووهاءِ!

● وَهُ= پاڻيءَ جو تکو وهڪرو، درياءَ جي سير وارو وڏو وهڪرو، وڏي سمنڊر جي لهرين ڇولين وارو رخ.

– وَهَ تڪَ واهڙَ تڪ (سنهٽي ١/١)= وهڪري ۾ تکائي ۽ سڄي درياءَ ۾ تکائي.

– جان واهڙَ ۾ وَهُ (ڳهاتو ٢/۴)= جيسين تائين جو درياءَ ۾ وهڪرو آهي (وڏو پاڻي آهي).

– وَهُ چيريندي (سري راڳ ٢/١٢)= پاڻيءَ جو وهڪرو چيريندي.

– اَجان وَهُ اُڳي ٿئو (سنهٽي ١/٣)= درياءَ جو سير وارو وڏو وهڪرو اڃا اڳتي ٿيو.

– وَهُ وِترو (سنهٽي ١١/١٠)= ويتر وڌيڪ تکو وهڪرو.

– وَهي وَهُ واڪا ڪنو (سنهٽي ٧/٢)= درياءَ جو وهڪرو وڏي گوڙ سان پيو وهي.

– وَهُ وَري ويو (سامونڊي ٢/١٧)= سمنڊر مٿان وري ويو (وَهُ= سمنڊر جو چاڙهه، سمنڊر جي ڇولي جو چاڙهه.)

– وَهَ تڪَ (سنهٽي ١/١)= وهڪري جي تڪ.

– وَهي تي وَهَ سامُهون (سري راڳ ٣/١٠)= تڏهن (تي) ٿي ٻيڙي سير سامهون هلي (جڏهن ان جي سُڪاڻ وارا مضبوط آهن).

– وَهَ سر وڏائين (سنهٽي ٣/١)= پاڻ کي درياءَ جي وڏي وهڪري سامهون ڪيائين.

– وِئا جي وَهُ گڏُ (سنهٽي ٩/٥)= جيڪي وڏي وهڪري سان گڏ (ٻڏي) ويا.

– وَهِ وِڃندا (سامونڊي ٣/٢٠) = ٻيڙيون وڏي سمنڊر ۾ وڃهندا (ته جيئن پرڏيهه وارن بندرن ڏانهن هلن).

– وَهِ وِڃايو پاڻُ (سنهٽي ١٢/٨)= وڏي سير ۾ 'پاڻ' کي ٻوڙيو.

● وَهُ= وڃڻ، واهپو، وهنوار، لاڙو، نينهن جو ناتو.

– مون وَهُ (سامونڊي وائي ٢/٢، رامڪلي ٧/وائي) = منهنجو وڃڻ، منهنجو واهپو، منهنجو وهنوار، منهنجو لاڙو ۽ نيه جو ناتو.

● وَهُ= محبت جو جوش جذبو، عشق.

– وَهِ پريان جي (سنهٽي ۴/١٥)= پياري پرينءَ جي وَهَ ۾ (عشق ۾).

● وَهِ پوڻ= وَهَ ۾ پوڻ، درياءَ ۽ ان جي وهڪري ۾ پوڻ، عميق جي وه ۾ پوڻ، عشق جي پور ۾ پوڻ.

– وَهِ پئو (سنهٽي ٢/٧)= عشق جي پُور ۾ پئي، عشق جي چوٽ چڙهي.

– وِڌيس وَهِ ويراڳَ (رائو ۴/١٥)= سک ۽ فراق مونکي موج مستيءَ ۾ وڌو.

– وَهِ پئي (ديسي ١/١٠)= زور واري مستي ۾ اچي.

– هيءُ جو وَهُ مُنهنجي جِندڙي (معذور ٦/وائي-١)=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ جو سڪ جو سور منهنجي جان کي.

- ڪو وِهُ لَڳُو (راڻو ٣/٤) = عشق جو جوش جذبو چڙهيو، محبت جو مچ ٻريو.

وِهِ پوڻ (آسا ٢/١٨) = مخالفت ۽ مقابلي وارو رُخ اختيار ڪرڻ، ضد پوڻ.

● وِهَ = جسم جي ٿولهه، بدن جي چربي.

- وِهه وِڃائي پاڻ (يمن ٤/١٤) = پنهنجي سختي ڇڏي، پنهنجو زور نه لڳائي.

● وِهڻ = هلڻ، وڃڻ.

- وِهه اُوپارِ (آسا ٥/٦) = اوپارو تَرُ، اُلٽو هَلُ، الٽو وڃ.

● وِهُ = زهر، وِهاتيل شراب، وِهُ ڳَڌيل شراب.

- وِهَ ساءِ (ڪنيات ٥/٩) = وِهه وانگر، زهر جهڙيون.

- وِهُ ٿي (راڻو ٧/٤) = مون کي زهر ٿي آئي.

- وِهه نه وِهاتَنا (يمن ٦/٢٩) = وِهه ڳَڌيل شراب هنن کي ڪونه وِهاتيو، زهر جي اثر هيٺ ڪونه آندو.

- وِهِ تَني جي وَوڙَ (يمن ٦/١٦) = تن جي ووڙ وِهُ آهي، تن جي ڳولا واري وٿ زهردار شراب آهي.

- وِهَ وَتِي (ڪلياڻ ٢/٤) = زهر جي وٿي.

- وِهَ ڳاڏِيون (يمن ٦/١٨) = زهر واري شراب سان ڀريل.

- وِهَ جو وَرَنُ (ڪارايل ٣/٤) = زهر جو رنگ.

- وِهِ پِيتو وَهُسَنِ گهٽو (يمن ٦/٥) = هو زهر جهڙو شراب پيئو گهٽو خوش پيا ٿين.

- وِهُ ماڪِي جي ڪَنِ (يمن ٦/٣٦) = سُڄاڻَ ڪلاڙ جيڪي ڪچي قاتل شراب کي پچائي پختو ڪن. داناءَ طبيب جيڪي زهر کي ماري 'ڪُشتو' ڪن (مراد ته) اهي هادي ۽ رهبر جيڪي ڪنور ۽ سخت دِل وارن کي به پنهنجي فيض ۽ هدايت سان نيڪ ڪري ڇڏين).

- وِهُ وَٽِي (ڪارايل ٣/٣) = زهر ڏاهي جوڙي، پوريءَ طرح (توڪي مارينڊو).

● وِهاتَڻ = پوري طرح زهر (شراب) جي اثر هيٺ آڻڻ. نشي ۾ چڪنا چور ڪرڻ. نشي ۾ ڪيرو ڪرڻ.

- جسو ورنَهَ وِهاتي (يمن ٦/١٠) = (اهڙو شراب) جيڪو متارن ميخوارن کي نشي ۾ چڪنا چور ڪري.

- وِهُ نه وِهاتِنا (يمن ٦/٢٩) = شراب ۾ ڳَڌيل زهر هنن کي ڪونه وِهاتيو، زهريلي شراب هنن کي ويڳڻ ڪونه ڏنو.

- جَنهِ وِلَ گهٽا وِهاتِيا (ڪنيات ٤/٨) = جنهن زهريلي وِل گهٽا اٿ مست ڪيا ۽ ماريا.

● وِهارَڻ = ويهارڻ.

- جِنَن وارِئو ويڄ وَهارِيِن (يمن ١/٣) = جنن جو تون وري طبيبن کي بيمارن وٽ وهارين (ته هو ڪيس دوائون ڏئي چڱو ڀلو ڪن).

- وِهاري سَٿَ (ڪاموڏ ٢/٢) = سٿ ۾ ويهاري، راڻين سان ڳڏ وِچ ۾ ويهاري.

- وِهان ڪِيئن ڪَري (راڻو وائي ٤/١) = هت ڪيئن ڪري وِهان، کهڙي لاچار جي ڪري ويهان.

- وِهَان تان وٽ مُون (حسيني ٤/١٩) = وهان ته جڏهن منهنجو پنهون مُون وٽ آهي.

- وِهان تان نه وَسِ پِنو (معذور ٣/١) = وَسِ هوندي ته هرگز نه ويهان.

● وَهارُو = واهُرو، واهر ڪرڻ وارا.

- وريا وَهارُو (مارئي ١١/١٨) = واهر ڪرڻ وارا اچي پهتا.

● وِهاڳَ = وِهائي رات وارو ڳائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ اگھيا ويـڻَ وهاڳ (پريـاتي ٢/٢٢)= وهاڳ وارا ڳايل ٻول وٺيا ۽ قبول پيا.

● وِهامڻ، وهامي وڃڻ= آڌيءَ کان پوءِ رات جو اڇان وڌيڪ گذرڻ. (اصطلاح) پورو ٿي وڃڻ، ختم ٿي وڃڻ.

ـ ويئي وِهامي راتڙي (ڪلهوڙي ٢/١٣)= رات پني ته به هلندا ويا تان جو رات وهامي وئي.

ـ وِهامي ويندياءِ (ڏهر ١/١٩)= جواني ختم ٿي ويندءِ (ڪم وارو وقت هٿان نڪري ويندءِ).

ـ وِهامي ويندا، (سنهٽي ۴/١٧ ):غلطيءَ مان وهائيءَ چيبل)= (اي واهڙ! پاڻيءَ جا چاڙهه) پورا ٿي ويندا، ختم ٿي ويندا.

● وِهانءُ= وهانءُ، شادي، پرڻو، وصال.

ـ وَحدت جي وِهانءِ (ڪلياڻ ١/١٣)= هيڪڙائي حق واري وِهانءَ تي.

ـ اُڱهاڙيءَ وِهانءُ (معذور ٢/١)= ڪنگال جنهن وٽ ڪپڙا ئي نه هجن تنهن کي وِهانءَ وسري ويو.

ـ وِهانءُ جنهِ وساريو (معذور ٢/٢٢)= جنهن شادي واري خوشيءَ کي وساري ڇڏيو.

ـ نه وڃن ڪَنهِ وِهانءِ (ڪاموڏ ٣/١٠)= نه ڪنهن شاديءَ تي وڃن.

● وِهائي= وهائي رات، وهامي ويل رات، آڌي گذري وڃڻ کان پوءِ واري رات، پريات وارو وقت.

ـ مَنگَ وِهائي مَڱتا (سورٺ ٣/١٦)= اي منگتا! گهرَ وارو وقت پورو ٿي ويو.

ـ جِنَن وَرُ وهائيءَ آئيو (رپ ٣/٨)= جنن جو ڪانڌ وهائيءَ رات آيو، پوئين رات آيو.

ـ جِمرِ وِهائي وَهائيين (ڪوهياري ١/١۵)= متان رات گذري وڃڻ (صبوح ٿيڻ تي پنهون پاڻ وٽ نه ڏسي روئين ۽ ڪُوڙها) وهائين.

ـ وِهائيءَ پرِياتِ (سارنگ ١/٦)= پريات جي پوئين وقت تائين، پريات کان پوءِ.

ـ وِهائيءَ ٿي ووڙِيان (ڪوهياري ٣/٢)= وهائيءَ رات ٿي ڳوليان.

ـ وِهائيءَ وَڏَن جا (سورٺ ٣/۴)= رات جي وهامڻ وقت سر وڏي ڏيڻ جا (وعدا).

ـ وِهائيءَ جا (ڪوهياري ١/١٧)= پريات جا، صبح جا.

ـ وسَهُ وِهائي (ڪلياڻ ۴/٢٨)= اعتبار ڪر، يقين ڄاڻ ته رات وهامي چُڪي.

ـ وِهائي وانءُ پَنورَ (ڪاراڀل ٢/٦)= اي پنور! رات پوري ٿي، پريات ٿي وئي، تون اڏامي وڃ.

ـ هيءَ هَڏِ وِهائي (ڪاپاتي ١/٣)= هيءَ ويل وئي، هيءَ رات ته پڪ وئي وهامي.

● وِهاءُ= وهانءُ.

ـ ويندِيس ڪنهِ وِهاءِ (مارئي ٧/١٦)= ڪهڙي وهانءَ تي ويندس.

● وِهائڻ= خريد ڪرڻ، وٺڻ، پنهنجي نمي ڪرڻ.

ـ وِهاءِ تُون (ايمن ١/١٣)= تون خريد ڪر، تون وٺ.

ـ وِرُهُ وهايمِ هيڪڙو (رپ ١/١۵)= مون هڪ نينهن ئي (درد ۽ فراق) ورتو.

ـ واسُ وِهائيان (آبري وائي ٧/٢)= خوشبوءِ وٺان (پنهنجي پياري پنهونءَ کان).

● وِهائڻ= آڌيءَ کان پوءِ پريات تائين ويهي رات گذاري ڇڏڻ.

ـ رويو راتِ وِهاءِ (مارئي ١١/٨)= (مارئي) روئي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وَهَنِ وارِيءَ گاڏئان (رپ ٢/١١)= (ڪوهيءَ جا هيٺيان سيما) واريءَ گڏيل نار تي پيا وهن.
- وَهَنِ ٻِلِيارَ ۾ (ڏهر ٢/٩)= 'ٻليار' ۾ ٽا چوڙ ڪن.
- وَهَڻُ= (اسم) واهڙ، وهڪرو، درياه.
- وَهَڻُ جنَارو سَنَهڻي (سنهڻي ٩/٢)= سهڻيءَ جو لاش درياه جي وهڪري ۾.
- وَهَڻُ ڪَٺوريان وَتِرو (سنهڻي ٤/٢٢)= درياه ڪٺوريءَ ڪان گهڻو وڌيڪ سرهو.
- وَهَڻُ وَجارَنِ مَٽيئو (سنهڻي ٧/٦)= واهڙ (جنهن جي ڪنڌيءَ تي سنڌن پاڻ يا ماڳ هو) سو ميهارن مٿايو.
- جِتان وَهي لوڪ (سهڻي ٤/٣)= جتان لوڪ لنگهي.
- پاسَنئُون پاڻِي وهي (سري راڳ ٣/١٠)= (ٻيڙيءَ جي) پلسن مان پاڻي ٻيڙيءَ ۾ اندر پيو وڃي.
- وِڻن وَنجهه وَهي (گهاتو ١/٢)= وَنجهه وهي وين، ونجهه لڙهي وين (هيٺ تري ۾ نه لڳا، اونهين پاڻيءَ جي چڪ ۾ هٿن مان ڇڏائجي لڙهي ويا).
- هَي هَي وَهي هاءِ (يمن ٤/١)= هاءِ ۽ هوءِ جاري آهي، دم ۽ ساه سان گڏ اچي وڃي پئي.
- وَهي هُوءِ (يمن ٦/١٢)= هوءِ لڳي پئي آهي، لولي لڳي پئي آهي، واه واه لڳي پئي آهي.
- وَهي وَجُودَ ۾ (ڏهر وائي ١/١)= جند جان ۾ گذري.
- وَهي ڪانهَ وَتاسِ (ڪلوڏ ٣/١١)= سنديس پير ڏيئي ٻه ڪا ڪانه لنگهي.
- اورڻَ ۾ اُوتِي وَهي (آسا ٣/١٢)= رهاڻ ۾ گهڻ گذري، گهڻ ٽئي (رات).
- وِهي وِئو (رپ ٣/٩)= تڪو گذري وئو.
- وِئا وهي (ڏهر وائي ٢/١)= هليا ويا، گذري ويا.
- وِيڙو ساٿُ وَهي (آبري ٤/٢١)= قافلو اڳتي لنگهي ويو.
- ويڙيچَنِ وَهي (مارئي ٩/١٣)= وطن وارن وڃي.
- وچارَنِ وَهي (سنهڻي ١٠/٧)= وچن وارن وڃي، ميهارن وڃي.
- ڪَنڌن ڪانهَ وَهي (آبري ٣/٣)= ڪابه ڪنڌن (پنهنجي پياري ڪي شهر ۾هَٽ تي ڳولڻ لاءِ) ڪانه هلي، ڪانه وئي.
- وَهي وَڻجارَنِ جِي (سري راڳ ٢/٢٤)= وڻجارن جي گهٽائي پرڏيهه جي بندر ڏانهن هلي وئي.
- وِئا اُتِ وَهي (ڪاهوڙي ١/٨)= اتي هلي وڃي پهتا.
- سُتي وَهيا سيڻَ (ڪوهياري ١/١٧)= منهنجا مِتر سُتي لوڪ هليا ويا.
- هُوءِ وَهيا وَڪارَ ڏي (حسيني ١٠/وائي-١)= اهي هليا وڪار واري طرف، ويا وڪار ڏي.
- وَهيا پِرتي (ڪارايل وائي ٢/١)= پري هليا ويا پرتي (وفات ڪري ٻئي جهان ڏي هليا ويا).
- وَهِي سَبِ وَهياءِ (ڪاپائتي وائي ١/١)= تنهنجي سڄي حياتي گذري وئي!

● وِهڻُ، وِيهڻُ= ويهي رهڻ، انتظار ۾ ويهڻ، صبر ڪري ويهڻ، واٽ جهلي ويهڻ.
- وِهڻُ وساريج (آبري ٩/٦)=(اي سسئي! تون پئي هلجان ۽ پنهونءَ کي ڳولجانءِ). ويهي رهڻ وساري ڇڏجانءِ.
- وِهي ويڙهجي جا (معذور ٢/٢٤)= جيڪا ڪپڙن ۾ ويڙهجي گهر ۾ ويهي رهي (۽ ٻاهر وڃي پنهنجي ور کي نه ڳولي).

- وِهي ويسلي (معذور ٦/٤)= (ڏونگر ڏورڻ کان سواءِ) سست ۽ غافل ٿي ويهي رهي.
- وِهو وِچ وَهَنِ (آبري ٤/١)= (سَٽن واريون ٽڪجي واٽ تي) وچ ۾ ويهيو رهن.
- وِهڻُ مُون نه وَڙا (سنهڻي ٥/٢)= (نه وِهڻ ۽) ويهي رهڻ منهنجو وڙ ناهي.
- وِهڻُ وَڙُ نه آهِنجو (ڪاراڀل ٢/٧)= (ڳنڍي لڙيل پالِيءَ ۾) ويهڻ اوهان جو وڙ ناهي، اوهان کي نه جڳائي.
- ويهڻُ واتڙِيَنِ تي (ڪلياڻ ٥/١)= (عاشق جو محبوب جي ديدار لاءِ) واٽن تي انتظار ۾ ويهڻ.
- ويهڻُ ويجَن وَٽِ (يمن ٢/٢٦)= (بيمار جو) طبيبن وٽ صبر ڪري ويهڻ (کڪ نه ٿيڻ).
- وني ويهج سيرُ (ڪلياڻ ٤/٢٢)= (اي عاشق! محبوب جي اچڻ وڃڻ وارو) گس جهلي ويهجان.
- وِهين وِسَهي (آسا ٢/٣)= انهن تي اعتبار ڪري ويهين.

● وِهڻو = ويهندڙ، رهندڙ.
- مَنجهِهين وِهڻو (رپ ١/٤)= (وِرهُه درد ۽ فراق) اندر ۾ ئي وهندڙ آهي.

● وَهُون= زالون، مڙسن واريون پرڻيل زالون (ڪڇي محاورو). نوجوان زالون، ڪنواريون.
- وَهُون وَڻجارَنِ جِيُون (سامونڊي ٤/١٤)= پرڏيهي سوداگرن جون زالون.
- وَڏيءَ وير وَهُون (مارئي ٨/١٤)= نوجوان زالون وڏي ويلَ.
- تو وَرَ وَهُون ڪيترِيون (ليلان ٤/٣)= اي پيتار! تو لاءِ ڪنواريون گهٽيون، زالون گهٽيون.

● وَهي= پُور جواني، جواني.
- سي تو وَهِيءَ وِڃائيا (ڪاپائتي ١/٩)= سي تو جوانيءَ ۾ وڃائي ڇڏيا.

● وَهيڙو= (ڪنهن جي) آسري تي، ڪنهن جي سهاري، ڪنهن جي حوالي.
- پاڻَ وَهيڙو (ڏهر ١/١٣)= پاڻ پنهنجي ذاتي طاقت وارو، پاڻ پنهنجي قدرت سان قائم ۽ موجود.
- مُون نَه وَهيڙيون (آسا ٢/٢٠)= منهنجيون محتاج ناهن، منهنجي هٿ وس ناهن.
- مُون نَه وَهيڙا (آبري ٢/وائي-١٠)= منهنجي وَس ناهن.

● وِئا= بالڪل پري ٿي ويا، آجا ٿيا، ختم ٿي ويا.
- واڪاڻان وِئا (ڪلياڻ ٢/٩)= پنهنجي تعريف کان پري ٿيا، بي تعلق ٿيا، آجا ٿيا.
- وَڏَ وِئا (راڻو ٤/١٤)= اهي وَڏ ختم ٿي ويا.
- وِئامِ = منهنجا گذري وئا.
- واجهائيندي وِئامِ (سنهڻي ١١/١٩)= انتظار ڪندي منهنجا گذري ويا.

● وِئاهُ= اُوهين وِيئو.
- چَپِرِ وِئاهُ جا ڇڏي (حسيني ١١/وائي-٢)= جيڪا اوهان جبل ۾ ڇڏي ويئو.

● وِئڙا= ويا.
- وِئڙا راجَ رَهي (مارئي ٤/١٢)= ١. راڄ رهي ويا، رهجي ويا ٢. رهيا (محاورو) نست ٿيا، ڪجهه ڪري نه ڪيائون.
- وِئڙا وَهي (حسيني ٦/وائي-٢)= اڳي لنگهي وِئا، گهڻو اڳتي نڪري وِئا.

● وِئَنِ = وِيلَنِ.
- ويچاريءَ وِئَنِ جو (سامونڊي ٢/١٥)= ويچاريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي وِيلَنِ جو، جيڪي پرڏيهه وِيا تن جو.

● وِيءُ = مال لاءِ جهجهي گاهه ۽ پاڻي واري سِيمَ، وڏي ڍنو واري جوءِ. وڏو سنو چراگاهه (اصطلاح طور) وڏو ڍنو، وڏي دولت، وڏو نفعو، نفعي وارو مال.

ـ سَندَو وحدت وِيءُ (رامڪلي ۲/۷)= وحدت جو وِيءُ، توحيد جي ڍؤ وارو ماحول.

ـ وهائج وِيءَ (ڪلياڻ ۱/۲)= تون وڏي دولت حاصل ڪج، وڏو نفعو حاصل ڪج.

ـ ٿَنا وَلهارين وِيءُ (سارنگ ۴/۱۵)= نشيب وارين ايراضين ۾ وڏو گاهه ٿي ويو.

ـ وَهِ پَريان جي وِيهِ (سنهڻي ۴/۱۵)= پياري پرينءَ جي هن پَريي درياءَ (وِيءَ) اندر سندس عشق ۾ (وَهِ).

ـ وِيءُ چِنائين ڪالهه (ڪنيات ۳/۱۰)= اڄان ڪالهه جَجهي سائي گاهه واري زمين ۾ چِنائين، گاهه ڪاڏائين.

● وياءُ (جمع) وِياءَ = ٻچو، اولاد، ٻڇ.

ـ وِياءَ واسِينگَنِ جا (ڪارايل ۲/۸)= جيڪي واسينگن جي ٻڇ مان آهن.

● وِيَلچڻ =حال بيان ڪرڻ، ڪنهن سان پنهنجو حال وندڻ.

ـ سُور وِيَلچِي سُنهَڻي (سنهڻي ۵/۱۱)= سنهڻي وِيٺي سور ونڊي، پنهنجا ڏک اوري.

● 'وِيَتَ، وِيتَ، وِيَنتَ= ڳِٺتي، اڻ تن، ڪَپت.

ـ وِيتَ سَپ وَئِي (بروو ۲/۳۱)= ڪَپت سپ ختم ٿي.

● وِيٺ= رهايش.

ـ وَطَنِ جَنِي وِيٺِ (مارئي ۵/۱۸)=وَطَنِ ۾ جن جي رهايش.

● وِيٺي =هڪ جاءِ وٺي ويهڻ، هڪ جاءِ ويهڻ واري حالت.

ـ وِيٺي گَڏِينِ وِيرُ (رامڪلي ۳/۱۳) = هنن کي هڪ جاءِ وِيٺي ئي وڏو ڄاڻو رهبر مِلي ويو.

ـ وِيٺي جَني وَٽِ (آسا ۷/۸)= جَنِ وٽ ويهڻ سان، ويهڻ جي ڪري.

ـ وِيٺي گَهرِ گُهران (ڪنيات ۱/۱۰)= آءُ گهر ويٺي کين پٺي چاهيان، ياد ڪريان، سنڀاليان.

● وِيٺيون= جيڪي گهر ۾ وِيٺيون آهن ۽ ٻاهر وڃي ڪو ڪشالو نٿيون ڪن.

ـ وِيٺِينِ کي (آبري ۳/۱)= وِيٺين کان، اهي جيڪي گهر ۾ وِيٺيون آهن.

ـ وِيٺِينِ تان وارِي وَري (آبري ۸/۱۴)= جيڪي هڪ جاءِ وِيٺيون تن مٿان واري وري وئي.

● وِيڄَ= طبيبَ، ڏاها.

ـ جِنُن وارِئو وِيڄَ وِهارِين (يمن ۱/۳)= جِنن جو تون وري طبيب به آئي وِهارين.

ـ وِيڄَ وَرائي ٻانهَ (يمن ۱/۱۷)= طبيب، وَڍيلن جي ٻانهن کي هيٺ مٿي ڪري، ۲. پياري محبوب پنهنجي ٻانهن سرجي هيٺان ڏيئي، ڳَرهاتي ڏيئي.

ـ اَنڌا اُونڌا وِيڄَ (يمن ۲/۷)= اي اڻڄاڻ نادان طبيب!

ـ وِيڄَ ڏِنَام (يمن ۲/۱۱)= طبيب مون کي ڏنا (ڏنڀ).

ـ وِيڄَنِ جي واتِ (يمن ۲/۲۷)= طبيبن جي زبان تي (سنو علاج جيڪو هميشه سندن زبان تي آهي).

ـ وِيڄَ وِڄائون ڇَڏِ (يمن ۲/۱۵)= اي طبيب تون پنهنجيون قابليتون ڇڏ.

ـ وِيڄَنُون وِيٺِي (يمن ۳/۱۵، ۴/۳، ڪوهياري ۴/۱۱) = (منهنجي جلندڙ جان هاڻي) طبيبن جي علاج ۽ وس کان ڇڙهي وئي.

● وِڄائون، وِيڄَائون (وِيڄائي جو جمع)= طَبابَتون، علاجَ ۽ حِيلاَ.

- ويجَ وِيائُون ڇڏِ (يمن ٢/١٥)= اي طبيب! تون پنهنجون طبابتون ڇڏ (جو اهي نه لڳنديون).

ويجهو= اوري، قريب.

- ويجهو ناهِ (ڪلياڻ ٣/١٥)= قريب ڪونهي، پري آهي.

وِيچارو (جمع) ويچارا = ١. مُوڙهل، پتڪيل، پليل، هيڻو ٢. بي واهو، بي وس، مسڪين.

- اِنَ پَرِ ويچارو (ڪلياڻ ٣/١٥)= انهيءَ طرح موڙهل ۽ پتڪيل.

- ويچارِن سِين (ڪاموڏ ٢/٣)= مسڪينن سين.

- وِيچارِن جي (بلاول وائي ٣/١)= بي واهن جي.

- ويچارِن وِڄائيا (ڪلياڻ ٤/٣٨)= بي واهن، نڌڪن (اصطلاح) صبر سان سر ڏيندڙن، سائوئن.

- ويچارو ڪاٿو ڏسي تو ڏسڻ ڪي (آسا ١/٨)= (ٻن اکين وارو سڀ ڪجهه ساڳئي وقت ڏسي سگهي ٿو، ۽ ڪاٿو ان ڏسڻ جو اڌ، منو حصو ڏسي ٿو: سڄي ساري کي ڏسڻ لاءِ هو ڪاٿي اک واري پاسي کان ڪنڌ موڙي وري ڏسي ٿو. اهڙيءَ طرح ويچارو ڪاٿو سڄي ڏسڻ کي وري ڏسي ٿو، هو ڏسڻ کي ڏسي ٿو.

- وِيچارا ويسَاهَ، آٿي اِتِ اَڙائيا (ڪارايل ١/١١)= ويچارن کي دلبي واري انهيءَ ويساه (ته اهو به ڪو پڪي آهي) آٿي ات جهلائيو، قابو ڪرائيو.

- وَسْ ويچاريءَ ناهه ڪو (سري راڳ ٣/١٩)= مون ويچاريءَ جو ڪو وس ڪونهي.

ويڄون =ڌارو ڌار، وچ ۾ وٿيون ڪيل.

- ويڄون ڪيا (ڏهر ٥/٧)= ڌارو ڌار ڪيا، جدا ڪيا.

ويڏ = تڪليف، مشڪل، سختي.

- ويڏَ ونگايُون وَرَ (ديسي ٥/١٠)= (جبلن واري وات ۾) تڪليف، ڦيرا ۽ وراڪا.

- وِرهَ ويڏ ڪرينِ (سامونڊي ٢/١٤)= وچوڙا ۽ ڏک ويڙهن ڪن، سختيون ڪن.

- جتي وَهُ ويڏَ ڪري (سامونڊي ١/٢٢)= جتي وهڪري ويڙهن ڪري، جتي سمنڊ سخت ٿئي، وڏي تڪليف ڪري.

● ويرُ= وڏو سُڄاڻ، وڏو خبردار، وڏو ڏاهو، مانائتو، مانجهي مڙس، بهادر.

- پيا وير وماس ۾ (ڏهر ٢/١٠، سورٺ ٤/١٣)= وڏا ڄاڻو ۽ بهادر به ڳڻتي ۽ فڪر ۾ پئجي ويا.

- ويرَ لَڳاءِ مَ ويرَ (سورٺ ١/٤)= اي وڏي سمجهه وارا سُڄاڻ! دير نه لڳاءِ.

- وِڻا ڀَڄائي وِيرَ (رامڪلي ١/٢٥)= اهي مانائتا سُڄاڻ (فقير) پنهنجا واڄا وڄائي هليا ويا.

● وِيرَ= سمنڊ جي پاڻيءَ جو مقرر وقت تي چڙهڻ ۽ لهڻ.

- وِيرين ۾ (سنهڻي ١٠/١٨)= لهرين ۾. (اصطلاح) لهر، ڇولي.

- وِير وَرِي وِيئي (سري راڳ ٢/٥)= وير واري پاڻيءَ جي اٿل مٿان وري ويئي.

● ويرَ= گهڙي، مهل، وقت.

- وَرُ اُهائي ويرَ (مارئي ٨/٢٠)= پلي ته اهائي گهڙي!

- پِينرَ پِنيءَ ويرَ (سنهڻي ٧/٨)= اي ادين، آڌيءَ کان پوءِ، رات جي ٽڏي ٽيڻ واري وقت.

- وڏي وير (سري راڳ ١/١٨)= سويرو، اڳوات، وقت اندر.

- ويرمَ لائي ويهه (سري راڳ ٢/٢٥)= دير نه ڪري ويهه، گهڻو نه ويهه.

- ويهي وير مَ ڪَنِ (ڪلهوڙي ١/٤)=ويهي دير نه لائن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ويسَ ڪِنا (مارئي ١١/٧، سارنگ ٤/١٤)= تجلا ڪيا، رَنگارنگي چمڪاٽ، ڪيا.

- ويسَ ڪَري (سارنگ ١/٥)= ڪڪرن کي ناهي جوڙي اچي.

ويساندِ= ساهي، آرام، ويساهين.

- اَڪرِيُون ويساندِ، پرينءَ گڏجي ڪنديون (ڪنيات ١/٦) =اڪرِيون پياري پرينءَ کي ڏسڻ کان پوءِ آرام ۾ اينديون.

- وِيِنِي نه ويساندِ (سنهٽي ٧/١٥)= ٿورڙي ساهي ڪٽڻ لاءِ به نه وِيِني.

- نه ويساندِ نئين (سري راڳ ٢/٨)= نَيُون تن کي به وهڻ کان ساهي ڪانهي (مٿان برسات جو پاڻي لٿو ته بنا ساهي ۽ دير جي تکو وهي هلندو) يعني ته: سپ سدائين پيا وهن هلن، پر پنهنجي راهه وٺيو پيا هلن.

● ويساهه= قسم، اعتبار، گمان.

- ويساهِ نه وِسهو (يمن ٤/١)= جي اوهين قسم تي اعتبار نه ڪريو.

ويساهڻ= ويساهه ۾ رکڻ، ويساهه ڏيارڻ، ويساهه ۾ ڄڏڻ (ته پڪ هو ائين پيو سمجهي).

- ويساهي ويل ڪَنهين (رامڪلي ١/٨)= ڪنهن وقت توکي ويساهي، غلط ويساهه ڏياري هليا ويندا.

● ويساهِين = ساهي، ساهي ڪٽڻ جي جاءِ.

- وَڻُ نه ويساهِين (ديسي ٣/٣)= نه ڪو وڻ (جنهن جي ڇانوَ ۾ ويهجي) ته نه ڪا ساهي ڪٽڻ جي جاءِ.

ويسَرا (واحد. ويسرو) = ويسر وارا، ويسر ڪندڙ، غافل، بي خبر، اڻ- سنياريا، بي واها.

- جِمَ ورچي وِهين ويَسرو (سري راڳ ٢/٣)= متان تڪجي بي خيالو غافل ٿي ويهي رهين.

- پَسِي پورِهَتَ ويسِرا (ڪلهوڙي ٢/١٦)= پورهيتن کي بنا ڪم جي بنا فڪر ۽ ڳڻتيءَ جي ڏسي.

- وِيرَ وَرنديَئه ويسَرا (سري راڳ ٢/١٧)= اي غافل! تنهنجي مٿان وير وري ويندي.

- تِنائِين ويسرَنِ (ڪنيات ٤/٢١)= اتان به ويسرن بي خبرن (کي ڪجهه نه مليو).

- تون وگ ڇڏين ٿو ويسرا (ڏهر ٣/٣٧)= تون پنهنجن اٺن جا وگ بي واها (بنا حفاظت) ٿو ڇڏين.

● ويسِري= دير واري، غفلت واري، بي فڪري.

- تُون ويَسري وِک ڪڍين (سامونڊي ٢/٣)= تون غفلت واري بي فڪري وک ٿي ڪڍين (دير ٿي ڪرين).

- سا ڪِنن وِهي ويَسِري (ڪاپائتي ١/٦، آبري ٨/٦) = اها ڪينن بي فڪري غافل ٿي ويهي رهي.

- ويَسرِيَنِ کي (مارئي ٨/١٣)= دير ڪندڙ کي.

- واتان پاسي ويَسِري (ڪوهياري ٦/٧)= وات کان بي خبر.

- ويهه مَ ويسَرِي (رامڪلي ٢/وائي)= آسارِي غافل ٿي نه ويهه.

● ويسَلا= ويسرا، غافل.

- پَرَ وِهاڻو وِيَسَلا (سري راڳ ١/١٨)= پر خريد ڪندڙ مست ۽ غافل.

● ويڪَ= ويڪر، وِٿي، نظر ڦيرڻ واري وٿي.

- وَرُ نه سَهي ويڪَ (ڪوهياري ٦/٦)= پيارو پتار (پاڻ کان پري) ڪا وِٿي نه سهي، نه برداشت ڪري.

● ويگُ= مٿي ۾ موڳائپ وارو خمار، مٿي تي نشي ۽ موڳائپ وارو بارُ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- ويڳاڻو= ويڳ ۾، ويڳيل.
- ويڳاڻو ٿئو ونجھلي (رپ ٣٩/١)= فراق واري ويڳ ۾ بي حال ٿيو پيو غم ۽ سور سهي.
● ويلَ= وير، دير، ذري جيتري دير. وقت، روزاني ڪم ڪرڻ ۽ اٿڻ ويهڻ وارو.
- ويلَ نه وِسرِئام (رپ ١١/١)=١. ڪنهن وقت به مون کي نه وسريا ٢. ذري جيتري دير تائين به مونکي نه وسريا.
- وَجِن ويلَ سَيَڪهين (يمن ٦/٢)= هر وير، هر وقت، هر گھڙي پيون (منهنجيون رڳون) وجن (۽ سجڻ کي سارين).
- ويلَ وِهَڻ جي (حسيني ١٧/٢)= وير ويهڻ جي، ويهي رهڻ جو وقت.
- سَجَڻ ويلَ نه وِسَري (ڪلياڻ ٣/٤)= پيارو پرين ڪنهن گھڙي به نه وسري.
- مونکي ويلَ نه وِسَري (مارئي وائي ١/٧)= مون کي پنهنجي پٽار ماروءَ جي (يا سيني مارُوئڙن جي) روزاني رهڻي ڪهڻي نه وسري.
● ويلو=١. ٽاڻو، وقت ٢. مقرر وقت واري وِٿي. گھنٽائي، دير.
- تيلاهِين ويلو، پيءم واهڙ وچ ۾ (سنهڙي ١٠/١٠) = تنهن ڪري ئي مونکي وچ درياءَ ۾ وقت جي وٿي پئجي وئي (دير ٿي وئي).
- هلندي حبيبن ڏي، ويلو وچ نه ڪجي (سري راڳ وائي ١/٤) = پنهنجن پيارن ڏي هلندي وچ تي ويلو نه ڪجي، وچ ۾ وقت جي دير نه ڪجي.
ويلا ڪَرڻ= وقت وڃڻ وارو ٿيڻ. وقت ۾ گھنٽائي ٿيڻ.
- وڃين ٿي ويلا ڪَري (سنهڙي ١/٢)= وڃينءَ جو وقت ٿو وڃڻ جي ڪري ('وڃين' وڃڻ واري آهي وقت باقي وڃي بچيو آهي).
● ويلو، ويلهو= هڪ وقت جو کاڌو.
● ويلو پئجي وڃڻ= هڪ وقت جو کاڌو نه ملڻ. وڃان ويلو پئجي وڃڻ (۽ بکيو رهڻ).
- وِلهون ويلا واءُ (پورب ١٨/٢)= سخت سيءُ، بکون (بک جا ويلا) ۽ ڪوسو واءُ (جوڳين پنهنجي جان تي جھليا).
● ويلهه= وقت واري کاڌي نه ملڻ جي ڪري بک.
- ويلهه وِينديَئي وِسري (پرڀاتي ٢/٢)= بک وسري وينديئي.
- ويلَهه وساري (بلاول ١١/٣)= بک، توڻ جي تنگي وساري ڇڏي، ختم ڪري ڇڏي.
- وِيلَهه تَنِ وِڃي (بلاول ٧/٢)= تن کي ويلي واري بک ختم ٿي وڃي، تَوڻ جي تنگي لهي وڃي.
● وِيمو= (ع. بِيمَه، وڻج واپار جو اصطلاح)= سودي واري سامان وکر کي حفاظت سان سنڀالڻ يا مالڪ کي پهچائڻ جي ذميداري جو معاوضو. اگھ ڪَٽي خريداري (چوندا: 'اڄ ويمو ڪيو اٿم الله ڪنائيندو') ۽ ان جو نفعو.
- وِٹ ويمي جو جي لهين (سري راڳ ٦/١)= جيڪڏهن تون واپار ۾ ڏي وٺ واري معاوضي ۽ نفعي جي مقدار کي صحيح نموني ۾ سمجھين (ته هوند بي حاج نه ڪرين).
● وِينتيُون= منٿون، آزيون.
- ڪِجِ وِينتيُون وِتَرِيون (برو ٢٤/٢)= ويتر وڌيڪ منٿون آزيون ڪج.
- ڪَرِ وِينتيُون (پرڀاتي ٦/١)= (اي منگتا) سوال واريون ساراهون صدائون ڪر.
● وِينجھارَ= وِينجھَر (جيڪي موتين ۾ سوراخ ڪن)، جيڪي موتي مٽيا وِندين، ڪاريگر، وڏا ڄاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- وَنءِ سَھي ويٺانِ (رپ ٢/٦)=سنڌن ويڻ سَھي وَتن وچ.

● ويھہَ = ويھہ شيون، ھڪ ويھہ.

- عـيـبَنِ وِيھَ (ڪامـوڏ ١/٤)= عـيبن جي وِيھـَ (اصطلاح) گھڻا عيب.

● ويھي آءُ (ڪلھوڙي ١/١٠)= ساڻن ويھي، سڪي سمجھي آءُ.

● ويـَان وِسري (حسيني ١٢/٩)= اوھان کي وئي وسري

# ھہ

● ھاتِڪ= (ع. حاذق) سڄاڻ، ذھينُ، سياڻو، وڏو سمجھندڙ.

- ڪي ھاتِڪَ ھَتَ وِجھنِ (سنھـڻي ١٠/١)= ڪي وڏا سَمجھدارَ ھن ۾ ھٿ وجھن.

- ھاتِڪَ تو حَضُـور ۾ (سـورٺ ١/٤)= اي سيـاڻا، تنھنجي اڳيان.

ھاتيءَ ڪارڻ ھيڪڙي، آءُ ڪا تَندَ ھَٿان (سورٺ ٤/٥) = ھڪ ھاتي لاءِ آءُ ڪا تند وڄـايان، ھڪ ھـاتيءَ وٽڻ لاءِ آءُ ڪو ڳايان. (= نہ ڳايان).

● ھَاڃو = وڏو نقصان، ضرر، زيان، ڏاڍ، ظلم.

- تہ ھاڃو ڪَنڌا ھي (ديسي ٧/١)= تہ اھي ڪو وڏو ڏاڍ ڪندا.

- ھنيين سين ھاڃو ڪِـئو (راڻو ٦/٤)= ھيانءَ کي وڏو سور ڏيئي ھيڻو ڪيو.

- ھاڃا ڪِيو (مارئي ١/٢)= وڏا ظلم ڪيو.

- ھاڃي مَنجھہِ ھَٽِي وئو (حسيني ٢/١١)= مون کي وڏي ضرر ۾ وجھي ويو.

- جي توھاڃي ھيريون (بروو ١/٨)= جيڪي اکيون تو ڏاڍ تي ھيرايون.

- ھاڃي تان نہ ھَجنِ (معـذور ٢/٢٩)= اھي ڇـونہ ھاڃي ۾ ھَجن! (=اھي پَل تہ مصيبت ۾ ھجن).

● ھَادي = رھبر، رھنما.

- ھَادي جنہ حَبيب (يمن ٢/٤)= محبوب جنھن جو رھنما آھي.

- تون- ھِينِ ھـادِي رَبُ (يمن ١/٣)= (يا الله) تون ئي سَئون ھلائيندڙ ۽ پاليندڙ آھين.

- رءِ ھَمراھيءِ ھاديءَ جي (سري راڳ ٣/١٩)= رھنما جي مدد کان سواءِ.

- ھادِي لَھان نہ حَد (آسا ١/١)= اي منھنجا ھادي! آءُ ان پڇاڙيءَ واري حد تي رَسان ئي نٿي ٢. آءُ جيڪر ان پڇاڙيءَ واري حد تي نہ پھچان (۽ پئي 'لاحد' ۾ لڇان!).

● ھارَ= ھيرَڪَ، ھيراڪَ، عادي.

- جا ھِتيجَنِ ھارَ (مارئي ٣/٥)= جيڪا ھتي (ٿر) وارن وٽ رھڻ واري آھي، اتي وطن وارن سان گڏ رھڻ جي ھيراڪ آھي.

● ھارَ = اَھار، آسرو.

- ھَيَسِ جَنِي ھارَ (گھاتو ١/٧)= آءُ جن جي آسري ھُنسِ.

● ھارُ= ڳَچيءَ جو ڳھڻُ.

- ھارَ نہ جَھليَانِ (ليـلان ١/١٢)= (ڪونروءَ کـان ھار وٺي) پاڻ وٽ نہ جھليان، نہ رکان.

● ھارائڻ= 'ڪٽڻ' جو ضد، شڪست ۾ اچڻ، نقصان ۾ اچڻ.

- ڪَتين جي ھارائِين (ڪلياڻ ١/٢)= تون جي نفعو حاصل ڪرين يا نقصان ۾ اچين.

● ھارَڻ، ھارائڻ= پاڻي ھيٺ ڪيرائڻ، ھارَ ۾ اچڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- هَاڙهي هَڏِ مَ هَلُ (آبري ١٥/١)= هاڙهي جبل ڏي ته هرگز نه وڃ.

- هاڙهي هوتُ نه هوءِ (آبري ٣/١)= هاڙهي جبل ۾ هوت (پنهون) ڪونه آهي.

- هاڙهي هَلَندِينِ جو (سنهڙي ١/٣)= هاڙهي جبل ۾ پنڌ ڪرڻ وارين جو.

● هاشمي هيڪڙي (بلاول ١/٩)= هڪ هاشمي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ.

هاڪَ (جمع) هاڪُون = وڏي مشهوري.

- هاڪُون هاڙهي سَنديُون (ڪوهياري ١١/٥)= هاڙهي جبل جون (سختي ۽ ڏکيائي واريون) خبرون.

● هاڪَ= سَڏُ (راڳ وارو).

- حُسيني جي هاڪ (حسيني ٢١/٥)= هن فقري جو حاصل مطلب 'درد ۽ فراق جي چوٽ' آهي ۽ اهو اُهڃاڻ ٻن حوالن سان نڪري ٿو. ١. حسيني سُر يا راڳ جي هاڪ يعني حسيني سُر جي راڳ واري 'سڏ' ۾ سمايل (مادر ماري آهيان) وارو درد ۽ اثر ٢. حسيني واقعي جي مشهوري يعني امام حسين (رضہ) جي شهادت واري واقعي جو غم ۽ درد.

هاڪارَ= هڪل، پڙهو.

- هلَڻَ جِي هاڪارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= رواني ٿيڻ واري وقت جو پڙهو.

● هاڪارڻ= ٻيڙيءَ کي هلائڻ، بندر تان ٻيڙيءَ کي هلائي روانو ڪرڻ.

- هَلائي هاڪاري (سري راڳ ١٩/١)= سلامتيءَ سان هلائي رواني ڪري.

● هالارُ= ڪڇ ملڪ جي ڏکڻ اولهه ۽ جام نگر جي اولهه وارو پاڱو، ان پاڱي ۾ جبلن جي قطار جو نالو.

● هالارَ ڌڻي=هالار واري ملڪ جو حاڪم (سخي جکرو).

- هَڪلَ سين هالار ڌڻي (بلاول ٨/٣)=هالار جو حاڪم پنهنجي هڪل سان.

● هالاري= هالار جو، هالار جو ڇِٽو پڪو رنگ (جيڪو هالار جا کَٽي ڪپڙن کي ڏين).

- ڪَنبُ نه ڪاري ان کي جو هالاري هوءِ (راڻو ١٥/٢) = هالاري رنگ کي ڪنبُ به ڪاري نه سگهي.

● هامر هڻڻ = دعوي ڪرڻ، دم ڀرڻ، ڪو ڪم ڪري ڏيکارڻ جي پڙدائي ڪرڻ، ذميداري کڻڻ.

- هِنيين لائي هامَ (معذوره ٢/٥)= دل سان هامَ ڀري، اهڙي دعوي ڪري، پڪو ارادو ڏيکاري.

● هاڻو= زوري مال ڦري ڪاهي ويندڙ، مال هڻندڙ، مال جو ڌاڙو ڪندڙ.

- جي هاڻو هُونيئي مِتَ (ڏهر ١٠/٤)= جيڪڏهن ڌاڙي وارا تنهنجا مائٽ هجن!

- پاڻِهين هاڻو، پاڻِهين واهَرُو (آسا ٧/٦)= پاڻ ئي هاڻو آهي ۽ پاڻ ئي واهرو آهي، پاڻ ئي مال ڦريندڙ ۽ پاڻ ئي مال ورائيندڙ آهي.

● هاڻي= هاڻ، هينئر.

- هاڻي ڪو هوتُ وَري (حسيني ٧/٩)= هاڻي منهنجو هوت پنهون ڪو موٽي ايندو! (=موٽي ڪونه ايندو)!

- هَاڻي جي هَنيَني (رامڪلي ١٩/١)= هاڻي تو جيڪي سُرندي تي هٿ هنيا، تو جيڪي واچا ڪيا.

● هاواڻا= حملا، ڪنهن جي اچڻ جا، اطلاع، اچڻ جا هَل.

- هاواڻا هَلَنِ (سنهڙي ٤/١٠)= اچڻ جا اطلاع پيا

- هَٽِ تَني جي آهِ (پرياتي ١٣/١)= تني جي هٽ وس آهي، تني جي اختيار ۾ آهي.
- هَٽَ هَٽندي ٿَڪَرِ (سنهڻي ٢٠/١٠)= (پاڻيءَ ۾) ٻانهون هٽندي منهنجيون ٻاهون ٿڪجي پيون.
● هَٽا= هٽان، هٽ مان، هٽون هٽ.
- موتي جَنِ هَٽا (سري راڳ ٦/١))= جن وٽان موتي هٽون هٽ ملن.
- تَنِ هَٽان پَهي نہ ڇَڏي (ڪاپائتي ٣/١)= (جن کي ڪَتڻ ۽ ان مان فائدي جي خبر آهي) تن ڪپهه جي پَهي هٽ مان نہ ڇڏي (۽ ڪتيندا رهيا).
- هَٽان مون مَ هارجي پاٽَرَ جو پاڻي (مارئي ٢١/٢)= پاٽر جو پاڻي منهنجي هٽن مان نہ هارجي (وطن جي لڄ ۽ ساگر منهنجي هٽان ڪڇي نہ ٿئي).
- هَٽان حَبيبَنِ (راڻو ١٢/١٠)= پيارن سڄڻن جي هٽان.
- هَٽان هوتَ مَرَنِ (معذور ٩/٢)= هوت جي هٽان مرن.
- هَٽان مون پنو (ليلان ١٣/٢)= گناهہ منهنجي هٽان ٿئو، خطا منهنجي هٽان پئي.
- هَلِي تَنِ هَٽاءِ (ڪاپائتي ٢٣/١)= تن هٽان نڪتي، تن جي هٽن ڪڍي.
- هَٽاء ٿِيَنِ (حسيني ١٥/١١)= هٽان ٿين.
- مون ٿِئي نہ هَٽاءِ (سورٺ ١٤/٣)= مون هٽان نٿو ٿئي، مون کان نٿو پڄي، (تون جنهن انعام اڪرام جو لائق آهين سو تہ مون کان نٿو پڄي، باقي پنهنجو مٿو تنهنجي مٿان گهوري ٿو ڇڏيان).
● هَتَڙَا= نازڪ ۽ پوشيدا هٿ.
- مُون پريان جا هَتَڙَا (ڪلياڻ ١٩/٥)= منهنجي پرينءَ جا نازڪ هٿ (مون کي پيا لڳن).
- مَٿي مُنِ هَتِڙا (ڪاپائتي ١٥/٢)= چرخي جي مُنن تي هٿڙا.
- هَتَڙَا مَٿي ڪِنو پُوٽَا (ڪوهياري ١/٦)= ڏٽيءَ کان دعا لاءِ هٿڙا مٿي ڪٽيو پئي هلان.
● هَتين= هٿن سان.
- هُوندَ هَتين هارُ نہ جَهِليان (ليلان ١٢/١)= تہ جيڪر پنهنجن هٿن سان (ڪونروءَ کان) هار نہ وٺان، هار وٺي هٿن ۾ نہ جهليان.
● هَتَڪَڙيون (مارئي ١٩/٥)= قيد واريون لوهيون ڪَڙيون (ڪَراين ٻانهن ۾).
● هَتِيَا (بلاول ٥/١)= هٿيڪا، پڪا پورا.
● هَٽَ= دُڪان، وڻجڪ وارو ماڳُ.
- وايُون وَڻجارَنِ جيئُون، آديُون اَڄُ نہ هَٽِ (سامونڊري وائي ٢/٢)= اي سرتيون! (وڻجارا ويا هليا) اڄ انهن واري جاءِ تي انهن جون ڳالهيون ڪين ٿيون ٻڌجن.
- ڪَلاڙَڪي هَٽِ (کنڀاتِ ٢٢/٥)= شراب ڇڪائيندڙ جي دڪان تي، ڀٽيءَ تي، ميخاني تي.
- هَٽِ تُنهِنجي هَنڌِ (يمن ٣٢/٦)= تنهنجي هن دڪان ۽ هن ماڳ تي وڃي ٿي.
● هَٽُ= ڏيلُ، جند، هانءِ، پاڻ.
- هَٽَ مُنهنجي هانءِ، قدر لڌو جن ري (گهاتو ٩/١)= منهنجي جند هاڻ ان جو قدر ڪيو، هاڻ مون کي ان جو قدر ڪرايو.
- تہ هُوندَ نہ تُنهنجي هَٽَ (ديسي ٨/١)= تہ جيڪر تنهنجي ڏيل، تنهنجي جند جان (ايترا سُور نہ سَٺا).
● هَٽُ= هوڏ، هستي.
- تہ سگِيُون شامَتَ هَٽَ جِي (رامڪلي ٣٠/٢)= فقيرن

وغيره) کي ڇڪڻ، آرس پچڻ. تورو آرام ڪرڻ.

ـ سِتي ساهين هَڏ (ڪاپائتي ١/٥)= تون سُمهندي پئي آرس پچين!

● هَڏ = هَڏو، رت.

ـ آءُ جي هُيَسِ هَڏ (حسيني ۴/٣)= آءُ جيڪڏهن پنهنجو هڏ هُيَس، پنهنجو رت هُيس، پنهنجي ڄائي هُيَسِ.

ـ هَڏو ۽ چمُ (ڪلياڻ ۴/٣٩)=مٿي وارو هڏ ۽ چمڙ، سِر.

● هَڏا ڪُتنان (سارنگ ۴/١٢)= هَڏا ڪُتِ يا هـڏا ڪُتي واري ماڳ کان.

● هَڏ هن، هَڏهين = بالڪل ئي، ماڳهين، مرڳوئي، نه هوند، نه جيڪر.

ـ هَڏهين گهورِ (پرياتي ١/١٥)=ماڳهين، مرڳوئي، گهوري قربان ڪر.

ـ تنه ۾ قيرُ هَڏهن ناهي (بلاول وائي ٢/١)= تنهن ۾ قيرُ هرگز ڪونهي، آهي ئي ڪونه.

ـ هَڏهن ساهُ سَري (حسيني ٧/١٢)= جيڪر جيتري نه هجان (نه به تنهنجي طلب تانگهه باقي رهي).

ـ هَٿڻ هَڏهن ڇـڏ (آبري ٥/١٢)= هوڏ ۽ هستي نه اصل ئي ترڪ ڪر.

ـ هَڏهن ڪونهي هيءَ (ڪلياڻ ٣/١٠، رامڪلي ٢/١١) = هيءَ نه يقيني طور آهي ئي ڪونه.

ـ هُتِ هَڏهن وَهي هُوءِ (يمن ٦/١٢)= هت (ميخاني ۾ مٿي جي) سدائين هُوءِ لڳي پئي آهي، موج لڳي پئي آهي.

ـ هَڏهن تان نه هُئي (سنهٽي ١٢/٧)= هميشه لاءِ نه هت ڪانه هجي ها، سدائين نه هوند جيتري ڪانه هجي ها.

ـ هَڏهين هت (ديسي ١/١٦)= بالڪل آهن ئي اتي (ڪيچ واري رستي ۾).

● هُر (ديسي ٧/٨)= (بروهڪي) ڏسُ.

● هَرائين=هَرسان (اوڙ) ڏيارين، هر هلائين، هر ڏيارين.

ـ جي هَرائين هِنيين تي (يمن ٥/١٥)= جي دل تي وحدت جي اوڙ ڏيارين، هيڪڙائي حق وارو هر هلائين.

● هَرَهَرَ = هردم، هرگهڙي.

ـ هر هر ڪن هَرنام (رامڪلي ۴/١٣)= هردم، هروقت ڏڻيءَ جو نام جپن، نالي جو ورد ڪن.

● هَر دوئي (سورٺ ٢/٨، ۴/١۴)= اهي ٻيئي.

● هَرڙائي = هلڪڙائي.

ـ هَرَهَرَ هَرڙائي (آسا ٥/١٥)= هر هر (پياري پرينءَ وٽ وڃڻ) هلڪڙائي آهي.

● هَرڪيس = هر رنگ، هر رنگ وارا.

ـ هُوءِ جي ٿيا هَرڪيسِ (رامڪلي ٦/١٩)= اهي جيڪي هر رنگ ۾ رچي ويا.

● هرگـز = ڪـنهـن بـه صـورت ۾، ڪـنهن بـه وقت، ڪڏهن به.

ـ هَرگز مَرواتِ وِسَارِ (آسا ٧/١١)= وات کي هرگز وساري نه ڇڏ.

ـ هَرنامُ (رامڪلي ۴/١٣)= هَري نامُ، ڏڻيءَ جو نالو.

● هَرَڻ= ڪا ڳالهه وري وري ذهن ۾ اچڻ، وري وري ياد اچڻ، ڪُڪڻ، دل تي چڙهڻ.

ـ هُرَنِ مَنجهه هنيين (مارئي ٨/٨)= منهنجا مارو مونکي ذري ذري دل تي چڙهن.

ـ سا هِنيَڙي منجهه هُري (سنهٽي ٥/٧)= اها منهنجي دل تي چڙهي.

● هِرَڻ= مائل ٿيڻ، عادي ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- هو هلاچو هُل (ڪلياڻ ۱/۱۷)= سنهون تلهو آواز ۽ گوڙ، هر قسم جو غوغاءُ، سيڪنهن شيءِ جي سيڪا صورت.

● هَلاڪي= وڏي تڪليف، ٺڪاڻ واري ڪار.

- وَرُ هَلاڪِي سين حَقَ (مارئي ۸/۶)= حق ۽ سچائي لاءِ هلاڪي پلي، پَلِ تہ هلاڪي ڪجي.

● هَلائڻ= روانو ڪرڻ.

- چاڙهي هيءَ هَلايو (آبري ۱/وائي-۱۰)= اٺ تي چاڙهي هن ڪي پنهونءَ جي قافلي پٺيان روانو ڪريو.

● هَلَڻ= ڳالهہ جو مشهور ٿيڻ، پيو پڌجڻ.

- هَلِي هارِوٺو (ليلان ۲/۱۳)= مشهور نالو هار جو ٿي وئو (تہ 'هار' جي ڪري ليلان ڪي چنيسر ڏهاڳ ڏنو).

- هاواٺا هَلَنِ (سنهڻي ۱۰/۴)= خطرن جون ڳالهيون پيون پڌجن.

● هَلَڻ= وڃڻ، روانو ٿيڻ.

- هَلَنِ سا مُهان (ڪلياڻ ۵/۷)= بنا ڪنهن دِڄ ڊاءِ جي سامهان هلن، ستو سوريءَ ڏي هلن.

- ساٿِي توءِ هَلَنِ (حسيني ۴/۷)= ساٿي تہ بہ (توءِ) وڃڻ وارا ٿين.

- هَلَندِينِ = هلڻ وارين، جيڪي هليون.

- هوتُ هَلَندِينِ ڪَنِئو (آبري ۷/۸)= هوت پنهونءَ جي پويان هلڻ وارين سيڪجهہ حاصل ڪيو.

- هلڻ وير (معذور ۷/۲)= هتان هن جهان مان لاڏاڻي وقت.

- هَلَڻَ هارا (سامونڊي ۳/۱۸، آبري ۸/وائي)= وڃڻ وارا، جلد رواني ٿيڻ وارا.

- هَلَڻَ هارِيون (ڏهر ۵/۱۲)= جلد ئي هلڻ واريون، رواني ٿيڻ واريون.

- هَلَڻَ ري مَ هَلُ (آبري ۱۲/۴)= بالڪل ضروري فائدي واري هلڻ کان سواءِ نہ هَلُ.

- هَلَڻَ سَنديون (سامونڊي ۳/۲۰)= وري وڃڻ سنديون.

- هَلِين تہ هوتِ لَهين (آبري ۷/۷)= هلندينءَ تہ هوت لهينديندينءَ.

- هَلو هَلون (کاهوڙي ۲/۱۳)= اٿو تہ هلون، هلو تہ هلون.

● هَمَ غَم (آبري ۱/۱۲)= ڳَتيون ۽ ڏک.

● هَماري پاسِ (حسيني ۵/۲۰)= اسان وٽ (مون وٽ).

● هَمراهَ = راه جا رفيق، ساٿي.

- هوتاڻي هَمراهَ، اچي وَسُ عَليلَ کي (کوهياري ۶/۱۰) = اي هوتاڻي (هوت پنهون)! اچي هن بيمار کي پهچ.

● هَمراهي = مدد.

- رِءَ هَمراهِيءَ هاديءَ جي (سري راڳ ۳/۱۹)= هدايت واري رهنما جي مدد کان سواءِ.

● هَمَہ= (فارسي) سڀ.

- هَمَہ کي (ڪلياڻ ۳/۸، پورب ۱/۱۱، آسا ۶/۹) = سڀ کي، ظاهري طور، جدا جدا سيني شين کي.

- هَمَہ مَنصُور هزارَ (سنهڻي ۱۱/۱)= سڀ هزارين منصور.

● هَمِيرُ (مارئي ۱/۲)= اَمير، بادشاهہ (عمر سومرو).

- هَميراڻا هَٽڙا (مارئي وائي ۴/۱)= اميراڻا هٽڙا.

- هَميراڻي حُضُورِ (مارئي وائي ۷/۱)= سومري بادشاہ جي دربار ۾ (هيءَ ستايل بيٺي سوال ڪري).

- هَميرَنئون (مارئي ۱۱/۲۳)= هميرن وٽان.

● هَميشہ= اصل کان وٺي، سدائين.

- هَميشہ هيراڪَ (يمن ۶/۵)= اصل کان وٺي هرِيلَ.

● هِنِ= انهيءَ (واحد).

- هِنِ پَنِ پنهنجا سارئا (معذور ۲/۱۴)= نڙ واري

سپ هڪجهڙا، سپ صاف ۽ سهڻا آهن.

- هَنجهڙَا هيلاندڙ ٿي (ڪارايل ٢/١٧)= اي هنجهڙا هِري ڪري، پاڻ هيرائي (ڏٻي پاڻيءَ ۾ گذران نہ ڪج).

- هَنجهَنَ سَندِيءَ هيرَ (ڪارايل ٢/٢)= هنجهن جي هيرَ جي ڪري، هيرَ سببان.

- وِئا مورَ مَري، هَنجهہ نہ رَهيو هيڪَڙو (ڪارايل ٢/١٩) = مور سڀ مري ويا ۽ هنجهہ بہ هڪڙو ڪونہ بچيو.

● هَندَ= هوند، جيڪر.

- هَندَ رِءَ چَني رَهي رَهَان (سنهٽي ١١/٥)= جيڪر چوڻ کان سواءِ ٿي رهي پوان، (موٽي نہ وڃان).

- هَند جَني مون جاڳاءِ (راڻو ٧/٦)= جيڪر ڪجهہ بيهي مون کي جاڳائين ها.

هَنداڙي= (ٻروهڪي) هتي، اِتي.

- هَنداڙي هُنامِر (ديسي ٧/٨)= (ٻروهڪي) هاتي هتي، هتڙي منهنجا پيارا پرين هئا.

● هِندو= هندو ڌرم وارو.

- هِندو هُنڌ نہ آهيين (ڪلياڻ ٣/١٣)= تون لاشڪ جو هندو ناهين، هندو هرگز ناهين.

هِندورو ٿِئي (ڪاموڏ ۴/٩)= پينگهو ٿئي ('سياري ۾ جڏهن اتر جو هلڪو واءُ ٿو لڳي تڏهن ڪينجهر هندورو ٿو ٿئي، پاڻيءَ جون هلڪيون چوليون ۽ لهرون پيڙيءَ کي هندورو ڪري تيون ڇڏين).

هَنڌُ= جاءِ، ماڳ، منزل، درجو، رهڻ جي جاءِ.

- هَنڌُ تَني جو هِيءُ (ڪلياڻ ٢/۴)= تن جي دائمي رهڻ جي هي جاءِ آهي.

- "هَنڌُ تنهنجو هِيءُ" (ڪلياڻ ١/٢)= تنهنجي عمل جي جاءِ هيءَ جَهانَ ئي آهي.

- حَمدُ جَني جو هَنڌُ (مارئي ١٠/١)= جن جي بيٺڪ ئي 'حمد' ۾ آهي، الله جي حمد ۽ تعريف ۾ آهي.

- ڪو هَنڌُ ڪونہ مَنيائين (ڪاموڏ وائي ١/١)= ڪو ماڳ ڪونہ ڇڏيائين، ڪا جاءِ ڪانہ ڇڏيائين (هرهنڌ سخا ڪيائين).

- ڪو هنڌُ خالي ناهہ (ڪلياڻ ١/٢٣)= حقيقي محبوب هر جاءِ تي آهي، ڪا جاءِ خالي ڪانهي.

● هَنڌِ هَنڌِ (يمن ٦/٣٣)= هرهنڌ تي، هرماڳ تي، هرجاءِ تي.

● هَنڌُ= بسترو، تيڙ.

- هَنڌُ وڃايان وارَ (ٻرو ١/١٦)= وارن کي تولاءِ هنڌَ ڪري وڃايان.

● هنڌان= ان هنڌَ کان، ان جاءِ کان، ان ماڳ تان.

- هَنڌان نہ چُري (ڪارايل ٣/٨)= جنهن هنڌَ هوندو اتي ئي ڪرندو، ان هنڌ کان چري بہ ڪونہ سگهندو.

● هِنبُوا= مينهن وقت نڪرندڙ سهڻا ڳاڙها جيت، مينهن وساڙا، مينهن جا ماما.

- هِنبُوا حَيرتَ ۾ پَيا (سارنگ ٢/٧)= سهڻا هنبوا بہ محبوب جو حسن ڏسي حيران ٿيا.

● هُنگُرَ، هونگرَ = هُونگاري واري هڪل، اُٺ کي سڏي سولي هلائڻ لاءِ هُون هُون وارو آواز.

- هُنگُرَ هَلايو، ڏيئي مورڙ مَهارَ جي (ڪنيات ۴/٥)= (الڪڻ هڪڻ بدران اٺ کي) هونگر سان، مهار کي پلسي تي ڏرا ڇڪڻ سان هلايو (تہ هلندو).

● هنگلور (رامڪلي ٧/٣)= هنگلاج.

● هَنو= گهوڙي جي پُٺيءَ تي سوارجي ويهڻ لاءِ ڪاٺو.

- هَني مٿان هَتڙا نہ لاهي (ڏهر ٣/١۴)= پنهنجا هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هني تان نہ لاهي، سندس هٿ هني ۾ آهن ۽ هروقت سوار ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

● هِنهَان= هن کان.

- هاڻي هِنهَان پوءِ (ڪلهوڙي ٣/١٢)= هاڻي هن کان پوءِ.

● هَنهَئين= اجايو، خوامخواه. مفت.

- هَنهَئين هَٿَ هَٽِنِ (حسيني ٦/١٥)= ائين ئي خوامخواه بہ (ڏيکاءَ لاءِ) منهن تي هٿن جا ڏڪ هٽن (جو جن تہ ڪين سخت ڏک آهي).

● هِنتَان = 'هُن' کان.

- هيءَ 'نہ هِنتَان' ڏارَ (ڪليات ١/٢٤)= هيءَ (وجود) هُن (وجود حقيقيءَ) کان جدا ڪونهي.

● هِنيَڙا، هينئڙا= اي منهنجا هانءَ، اي من، اي دل.

- هِنيَڙا اُڌمَ مَ مُنجهہ (آسا ١/٢١)= اي منهنجا هنيڙا تون وسوسا نہ ڪر، نہ گهبراءِ.

- هِنيَڙي اچن (سنهٽي ٤/١٤)= هنيئڙي کي اچن.

- هنيَڙا تَني پاسِ (ايمن ١/٢٧)= اي دل، تن وٽ.

● هِنيَڙو، هنئڙو= ويچارو هانءُ، هنيون، ويچاري دل.

- هِنيَڙو پريان ڪَڏهين، ڏک نہ ڏکويو (رپ ١/٢٥)= محبوبن ڪڏهن بہ دل کي نہ ڏکويو.

- هنئڙي ۾ حل ٿِنا (ديسي ١/١٦)= منهنجي دلڙيءَ ۾ ملي هڪ ٿِيا.

- هِنئڙي نِت هُرَنِ (مارئي ٨/٥)= دل ۾ سدائين پيا رکي رکي ياد اچن.

- هِنيَڙي آوَنِ پُورَ (پورب ١/٢)= (سرائيڪي) دل تي (سڄڻ جا) خيال پيا چڙهن.

- هِنيَڙي پيهَم هوتَ سِين (حسيني ٧/٥)= منهنجي هنيين کي هوت سان آڙيڪن واري آڙي پئي، وَرَوَٽ واري ڳنڍِ پئي.

● هنيان= دل، هانءُ، اي هنيان، اي دل.

- هُرَنِ مَنجهہ هنيان (مارئي ٨/٩)= هر هر پيا هنئين سان لڳن، ياد پون.

- تان ڪِين تَرُ هنيان (سنهٽي وائي ١٠/١)= اي منهنجي دل ڪجهہ ڪين تہ تَرُ، اڳتي تري هل.

● هنيُون= هانءُ، دل، من.

- هنيُون حَقيقت گَڏئو (ڪليات ١/١٢)= دل کي 'حقيقت' سان ملائي، 'حقيقت' واري درجي تي آڻي.

- مُون هنيين (رپ ١/٢٢)= منهنجي هنيين کي.

- مَنجهارا هنيين (سامونڊي ٣/٢١)= دل جان منجهان، هانءَ منجهان.

- هنيين جهجَندي (ڏهر ٥/١٩)= هانءُ جهجهڻ واري حالت ۾، ڏک ۾ هيٺيءَ دل سان.

- هنيين وِجهي هارُ (ليلان ١/١٣)= هار سيني مٿان پائي.

- هنيين ٽُوٽِيُون (حسيني ٤/١٨)= هنيين جُون ٽوٽيون، دل جون ٽيڪون، من جون آڌرون.

- هنيين سِين لاءِ (ڪاپاٽتي وائي ١/١)= دل سان لاءِ، دل سان هنداءِ.

- هنيين اُڏَڪو نہ لَهي (سامونڊي ١/٢)= دل کي ڊرپ نہ لهي،اندرجي ڳـُـٽي نہ لهي (اهو ڊرپ ۽ اها ڳـُـٽي تہ سڄڻ ۽ ساٿي پرڏيهہ ويندا).

- هنيين گهُرنِ اوڏڙا (بروو ٣/٩)= دل سان ويجهو وهاڻ ٿا چاهين.

- هنيين لائي هامَ (معذور ٥/٢٣) (الف) ١. هنيين جي هام هٽي، پنهنجي دل کي مضبوط ڪري هوڏ هٽي، ٢. هنيين لائي حام= هنيين کي تپش ڏيئي، اندر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڦُريون سي موتائي ڏئي.

● هُنان= نہ هجان، نہ هوندس، نہ رهندس.

- هِتي تان نہ هُنان (مارئي ٢/١٠)= هتي تان نہ هجان، هتي تان نہ هوندس، هرگز نہ رهندس.

● هُو= هو وجود، حقيقي وجود، ذات حق، ذات الاهي.

- هُو پِڻ ڪونهي هِنَ ري (ڪلياڻ ٣/١٠)= حقيقي وجود بہ هن انساني وجود کان ڌار ڪونهي.

- 'هُو' پڻ آهي 'هِنَ' سين (ڪلياڻ ١/٢٤)= هو حقيقي وجود بہ هن انساني وجود سان لاڳاپيل آهي.

- "هُو" ۾ گڏجي 'هو' ٿيا (ڪاهوڙي ١/١)= اهي 'الله وارا' 'هو الله' ۾ سمائجي هڪ ٿيا.

● هُوءِ = پنڌ ۾ اٺن کي هڪلڻ واري هُو هُو جو آواز.

- هوتَنِ هُوءِ (ديسي ٣/١)= هوتن جي اٺن کي هڪلڻ واري 'هُو هُو'.

● هُو= ضمير اشارو، ذرا پري واري شيءِ ڏانهن اشارو جو لفظ.

- هيءَ پيتو هو آڻ ڪين (يمن ٦/١٤)= هيءَ شراب تہ پيتو ۽ ختم ٿيو پر (هُو جيڪو پريان مَٽن ۾ آهي سو آڻ).

- هُو جي (يمن ١/٢٦)= اُهي جيڪي (سچا عاشق).

- هُوءِ جي ڪيرَ پِيَاڪَ (سنهڻي ١/٢٠)=اهي ڪير پياڪ ميهار (سنهڻي انهن ڪير پياڪن ميهارن (=ساهڻ) وٽ ويندي وهندي پاڪ ٿئي).

● هو (بنا پيش جي)= 'سڏ' جو لفظ، اي.

- هو مائي (رامڪلي ٣/وائي)= اي امان.

● هَوائُون = پنهنجيون ذاتي خواهشون، ذاتي ترجيحون، حرص واريون تمنائون.

- هَوائُون هنگلاجَ ڏي (پورب ٢/١١)= (اي نانگا فقير!) هنگلاج ڏي ويندي پنهنجيون ذاتي خواهشون وسارِ.

● هوت= بلوچن جي هوت قبيلي جو فرد، هوت پنهون (اصطلاح) پيارو پرين.

- هاڙهي هُوتُ نہ هَوءِ (آبري ٣/١)= هوت (پنهون) هاڙهي جبل ۾ (پنهون) هوتُ ڪونهي (جتي تون ڳولين ٿي).

- جي هُئي هوتَنِ لَکَ (معذور ٥/٤)= (پنهونءَ کان سواءِ بين) هوتن بلوچن جا ڪٽي لک هجن.

- هوتنِ ڪانہ هُئي (ديسي ٤/٨)= هوتن کي مون سان سگَ ڪرڻ جي سڪ ڪانہ هُئي ٢. هوتن کي مون ڏانهن مَدي ڪانہ هُئي.

- هوتَ نہ پُهچان هوڏَ (ديسي ٦/٢٠)= اي منهنجا هوت پرين! آءُ هوڏ هٿي ڪانہ پهچندس.

- هوتَ حُضورِ (آبري ٧/١٩، معذور ٤/٨، ليلان ٢/١٦)= هوت جي حضور ۾، حضور ڏانهن.

- هُڻُ منهنجو هوتَ ري (سنهڻي وائي ١٢/١)= پياري پرين کان سواءِ منهنجو جيڻ.

● هُوتَن (ادب ۽ احترام خاطر جمع جو صيغو)= وڏي شان وارو محبوب ۽ پيارو پرين.

- حَياتي هوتَنِ ري (يمن ٢/٨)= پيارن پرين کان سواءِ جيڻ.

● هوتا= 'هوت' قبيلي وارا، هوت پنهونءَ جا پائر.

- مونکي تان سي نہ ڇڏيندا هوتا (ڪوهياري ٢/وائي) = مون کي تہ اهي هوتا پائر اڪليو نہ ڇڏيندا.

● هوتاڻي = هوت قبيلي جو (پنهون)، هوت جو اولاد.

- هوتاڻي هَمراهَ، اچي رس عليل کي (ڪوهياري ٦/١٠) = اي پيارا پنهون هوتاڻي! مددگار ٿي ۽ هن بيمار کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُونهين= ١. بنا عيوض جي، بنا ملهه جي، مفت. ٢. اجايو، بي فائدي.

- هارِي ڪِينَ هُونهِين (آبري ٨/٤)= اي هاري! اي هيٺي! تون ڪيئن ائين ئي (بنا ڪنهن ثمر جي پئي سڏون ڪرين!).

● هُونيئي= تنهنجا هجن.

- هُونيئِي مِتَ (ذهر ٤/١٠)= تنهنجا مت مائٽ هجن.

● هُوَڙ= هستي، هوڙ، هٺ.

- هُوَڙ ڪَرِ حَرامُ (ڪاهوڙي ٢/١٠)= هوڙ هستي پاڻ تي حرام ڪر (پنهنجي لاءِ حرام ڪري سمجهه).

● هُوءِ = (مذڪر توڙي مونث) هو، اُهي.

- هُوءِ جي سُورَ سُجَنِ (حسيني ١٠/٩)= اهي ڏک جيڪي نهايت ڏکيا آهن (ءِ اجان آڏو اچڻ وارا آهن).

- هُوءِ نه هُوندَ تَرَنِ (معذور ١/٥)= جبل اهي (جبل جا جانور) ته بالڪل نه مڙن ءِ حملا ڪن.

- هُوءِ جي آڏا حق (ديسي ٣/١١)= اهي حق جيڪي آڏو آهن ءِ پيڇا نه آهن.

● هُوءِ= وڏي پيار ءِ خوشيءَ واري گهاٽي محبت.

- هُيَمِ جَنِ سِين هوءِ (رامڪلي ٧/١٢)= جن سان منهنجي هوءِ لڳي پئي هئي، وڏي پيار واري محبت ءِ خوشي هئي.

● هُوءِ= اُهي.

- هُوءِ پنيُون (يمن ١/١٨) = اهي ساگيون (ڦٽن جي مٿان رکڻ واريون) لُپريون.

● هُوءِ= مٺي واڇي واري لٺي.

- هُنَ پَرِ سِيَمِ هُوءِ (سنهٽي ٥/٨)= درياءَ جي پئي پار مون (ترَ جي) وڃڻ واري لٺي پڏي.

● هوءِ = هُجي، هو هُجي، هوندي.

- مَرُ مُنِيائي هوءِ (ڪلياڻ ٥/١٩)= ڀل ته (ڪاتي) مُڏي ئي هجي.

- سا مَهندِ مِڙنان هوءِ (معذور ٢/٢٣)= اها پين سيني کان اڳ ۾ هوندي.

● هوئڻ= هُنڻ، موجود هجڻ، جيئرو هجڻ.

- هوئَڻ کي (ڪوهياري ٦/١٣)= جِيَڻ کي.

- هُوئِج ثابُوتيءَ ساڻ (ڪلياڻ ٢/٢٢)= پوري يقين سان پڪو رهج.

● هُوئِج حُجري (آسا ٤/١٩)= حجري ۾ هجانءِ.

- سَدا هُوئِين سُرخُرُو (ڪلياڻ ٤/٢٤)= تون سدائين سوڀارو هجين.

● هِهڙِي= هن طرح، هن جهڙي.

- هِهڙِي تان نه هُيَاسِ (سنهٽي ٧/١٧)= هن حال جهڙي جو (محبت ۾ بدنام آهيان).

● هَهَڙَو جهَڙو (سري راڳ وائي ١/٤، حسيني وائي ١/١) = ڏکيو، اهالو، اپرو سپرو.

● هُنَڻ= 'آئون آهيان' وارو پنهنجي هستي جو خيال، انانيت، پاٽپڻو.

- هيڪَرَ هُنَڻُ وِڃاءِ (آبري ٥/١١)= هڪ ئي ڀيري سان پنهنجي انانيت وارو غرور ڇڏ.

- هُنَڻَ ڪِنا هِينَن (يمن ٦/١)= اَنانيت واري جذبي هينئن ڪري ڇڏيا.

- هَنجهون جي هُنَڻَ جون (ڪلياڻ ٣/٣)= پنهنجي هستي ءِ غرور وارا ڳوڙها هيڪڙائي حق آڏو ڳاڙي ڇڏ.

- سو تان هُنَڻُ هن جو (ڪلياڻ ٢/٢٣)= هن بندي جي اَنانيت ئي (ڏٺيءَ تائين پهچڻ آڏو رنڊڪ آهي).

- هُنَڻُ هَڏهن ڇڏ (آبري ٥/١٢)= 'آءُ آهيان' وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● هيرَ= هن وير، هاڻي، تازو. هينئر= (ڪوهستان ۾ ٺٽي، لاڙ جي ٻولي)= هن وقت.

- هير ڏسي آئيو (ڪاهوڙي ۳/۵)= هينئر ڏسي آئيو.

- ڪِٿي هُوندَمِ هيرَ (ڪنيات ۱/۹)= هينئر هن وقت نہ ڄاڻان تہ منهنجا محبوب ڪٿي هوندا.

- هَلي آئِيس هيرَ (سورٺ ۱/۴)=آءٌ هن وقت هلي آئيو آهيان.

- هيرَ مَٿو موجُودُ (سورٺ ۳/۱۶)= هن وقت فقط مٿو ئي باقي بچيل آهي (يعني تہ: نقد ناڻو، مال جنس سڀ سوالين جي حوالي ٿي ويو؛ هن وقت ناقصي آهي، گھٽتائي آهي، کوٽ آهي).

● هيرَ= عادت.

- جَنِ هيڪانديءَ هيرَ (مارئي ۸/۲۲)=جن کي گھڻي عادت آهي.

- اُنِ جي هيرَ (مارئي ۸/۲۰)= انهن جي سانير ۾ يادگيري واري عادت.

● هيرڻ، هيرائڻ= عادي ڪرڻ، مائل ڪرڻ، همراز ڪرڻ، ريجهائڻ.

- پاڻ مَ هيرِ (ڪاپائتي ۲/۱)= پاڻ کي نہ هيراءِ، پنهنجو لاڳاپو نہ رک، ويجهائي نہ ڪر.

- هنيون حَقيقَتَ هيرِ تُون (ڪلياڻ ۲/۲۲)= دل کي 'حقيقت' سان همراز ڪر.

● هيرَاڪُ= هير وارو، ٽهيل، عادي.

- هَميشہَ هيراڪَ (يمن ۶/۵)= سدائين عادي.

- هِيرائي هَتِ ڪِنو (بروو ۴/۱۰)= هيري پنهنجي وس ڪيو.

● هيرَئُون= هيراڪ، هيرايل.

- هنجھ تنهين جو هيرَئُون (ڪارايل ۱/۲، رپ ۱/۲۲) = هنجھ تنهن جو هيراڪ آهي.

- هيريائين حِرفتَ سين (ڪاموڏ ۱/۸)= اٽڪل سان پاڻ ڏانهن مائل ڪيائين.

● هِيرا لَعلَ (ساموندري ۱/۲)= هيرا ۽ لالون (سنڌ ۾ ساموندري ناڪٿن جي روايت موجب سمنڊر اندر ڪن جاين تي تڪريون آهن جن مان هيرا ۽ لعلون هٿ اچن ٿيون).

- هِيرو لَعلَ (سري راڳ ۴/۱۲)= (معنيٰ ۾ 'جمع' سان لاڳو) يعني 'هيرا لعلون'.

- هيري هَٿُ وِڌائين (ڪاموڏ وائي ۱/۱)= هيري ۾ هٿ وڌائين، نوريءَ کي چوندي ڪنيائين (ڄام تماچي جڻ هيري ۾ هٿ وڌو).

● هيڪ= هڪ، هڪڙو، هڪڙا، هڪڙي، هڪڙيون.

- هيڪُ سَڄڻُ ٻي سِڪَ (ڪاهوڙي ۳/۱۰)= هڪڙو محبوب ۽ ٻي سڪ.

● هيڪُ ٽيڻ= ڳڏجي هڪ ٽيڻ، وحدانيت ۾ هڪ ٿي وڃڻ.

- هيڪ ٿِيا (ڪلياڻ ۱/۸)= ڳڏجي 'هڪ' ٿي ويا، هڪ 'احد' ٿي ويا، وحدت ۾ سمائجي ويا.

- حَرفُ مڙوئي هيڪُ (يمن ۵/۱۶)= حرف سڄوئي هڪ الله وارو، توحيد ۽ وحدانيت وارو.

- هيڪُ اڪيون ٻيا اَنگڙا (راڻو ۲/۵)= هڪڙيون اکيون ٻيا عضوا.

● هيڪَ= هڪ تہ، هڪ اها حالت جو.

- هيڪَ نہ جي ڄاياسِ (مارئي ۵/۳)= هڪ تہ ڄاپان ئي نہ ها، (پر ڄايس تہ ٻنو ائين ٿئي ها جو ڄاپڻ سان هوندو مري وڃان ها).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سُٽ ۾ خامي نڪري).

- جَني پيرئو هيڪلي (ڪاپاٽي ١/٢)= جن اڪيلي سِر هڪ مُنهون تي ويهي چرخو ڪتيو (تن وڏو نفعو ڪمايو).

● هيڪليائي = اڪيلي ئي، اڪيلي سِر ئي.

- هيڪليائي هيل (آبري ٩/١١)= اڪيلي ئي، هاٿي جو هاٿي (پنهنجي پنهونءَ پويان ويندي سِ).

● هڪِي= هيڪڙي، ڪا هڪ ڳالهه.

- هيڪِي پانهِي چِتَ ۾ (سري راڳ ١/١٩)= بندي جي من ۾ ڪا هڪ ڳالهه (۽ الله ڪا ٻي ڪري).

● هيل (آبري ٩/١١)= هير، هينئر، هاٿي جو هاٿي.

● هيلانڊ = هير وارو، هريل، عادتي.

- هَنجهڙا هيلانڊُ تي (ڪارايل ٢/١٧)= اي هنجهه، تون هير وارو تي هري ڪري (ڪنهن ڍٻي ۾ ڪاڏو نه ڳولج).

● هيلُون پيلُون (مارئي وائي ٣/١)= اَن ٻي سَنگن يا تُهَن ڪان جدا ڪرڻ لاءِ هَلَرون.

● هِيٺي= ضعيف، ٿڪل، ڏري.

- هِيٺي وَهِين (آبري ٣/١)= ڏري هلين، هَري هَري هلين.

● هيورَ= هاٿي.

- گهوڙا هيورَ هَٿيا (بلاول ١/٥)= گهوڙا ۽ هاٿي (انعام ۾) هَڪيا تَڪيا.

● هيهَات = (ع) هاءِ هاءِ.

- هَلَڻ جَنِ هيهَاتُ (رامڪلي ١/٣١)= هاءِ هاءِ جن جو هلڻ، هليو وڃڻ.

- هَيهات وَ هيهاتُ (ديسي ٢/١٠)= هاءِ! هاءِ! (ڪيڏو نه پري! شال نه ائين هوءِ!)

● هَي هَي، هاءِ (يمن ٣/١)= هئي هئي! هاءِ! سڪ ۽ ڏک واري آه.

- هَي هَي (رامڪلي ١/٣٢)= هاءِ هاءِ واري وائي.

● هِيهين= هِنِ ئي طرح.

- هِيهين نه هُونداءِ (سنهڻي ٢/١٧)= توکي هن ئي طرح نه هوندا (اي درياءَ! توکي سدائين اهڙا چاڙهه نه هوندا).

● هِيئن= هن طرح، هن حالت ۾.

- هيئن نه مُناسبُ هوءِ (برو سنڌي ١/٦)= هن طرح (جيئن تو ڪيو تيئن) توکي مناسب نه هو، نه جڳائيندو هو.

- هُئڻ ڪِنا هيئن (يمن ٦/١)= هوڏ ۽ هستي هن طرح (اهڙي ڪچائي ۽ ڪُريت ۾) ڪري ڇڏيا.

- هيئن نه تِيَسِ هُندَ (مارئي ١١/٧)= هن طرح آءٌ جيڪر نه تِيَسِ (جيڪڏهن مارو منهنجي خبر لهَن ها ته).

- ته هُونَدَ نه ٿئين هيئن (سري راڳ ٤/٤)= ته جيڪر هن طرح هن ڏکي حالت ۾ نه هجين ها.

## ي

● يَا= ١. ٻِن لفظن، فقرن ۽ جملن مان ڪنهن هڪ جي اختيار ڪرڻ واري معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ، حرف جملو ٢. سڏ، صدا ۽ دعا جو شروعاتي لفظ، حرف ندا.

- يا ٻُڌندِن ڏينِ ٻانهَ (سنهڻي ١٠/٢)= يا ته ٻڏندڙن کي ٻانهن ڏيئي بچائين.

- يا اللهَ (ڪلياڻ وائي ١/١، ليلان وائي ٣/١، ڪوهياري وائي ٣/١)= اي الله سائين، اي منهنجا ڌڻي!

- آسرو آهي، يا اَللهَ (بلاول وائي ٢/١)= اي الله سائين تنهنجو آسرو آهي.

- آءٌ جيئندي ڪيئن، يا اَللهَ (ڪنيات وائي ٥/١)= اي

اللهُ، اي ڏٽي منهنجا! آءٌ ڪيئن جٽري رهي سگهنديس.
- يا الهي (سري راڳ وائي ١/١، ڪوهياري وائي ٥/٢)
= يا الله!
- آهيين يا الاهي (ڪليات ۴/وائي-٢)= اي الله
سائين تون ئي مددگار آهين.
- يا اَمَنَ اَمانَ (سري راڳ وائي ١/١)= يا الله! امن
امان ڏي!

ياد= يادگيري.
- جَنِهن پَري تي ياد، صُحبَتَ سُپيرين جي (بروو ١/١)=
جنهن پيارن پرينِ جي رهاڻ ياد ٿي اچي.
- ڏِرو يادُ نہ ڪِيئوءِ (سري راڳ ٣/١٦)= ٿورڙو بہ
يادگيري ڪانہ ڪَيَئِي.
- جاڳي جَني ياد ڪِئو (سري راڳ ١/٣)= جن
راتيون جاڳي پنهنجي رب کي ياد ڪيو.
- تَنِ پيئي جانارَنِ يادِ (معذور ١/٣)= تن جانورن کي
ياد پئي (جانورن بِسندس موجودگي محسوس ڪئي).
- جي جانارَنِ يادُ پُئين (معذور ١/٢)= جي تون
جانورن جي ڌيان ۾ اچين.
- سَجَڻَ يادِ پئومِ (رپ ١/٣۴)= پيارو پرين مونکي
ياد پيو.
- ياد ڪريان نہ جَنِ کي (رپ ٢/٨)=جن کي ياد نہ ڪريان.

● يارُ= دوست، سجڻ، ساٿي، محبوب، پرين.
- جانبَ جاني يارَ (ڏهر ١٧/۴)= جان کي پيارا پرين.
- اَڄُ مُنهنجي يارَ (سارنگ ١/٢، وائي ٢/۴)= اڄ
منهنجي يار سانوڻ (مينهن وسڻ وارا ويس ڪيا).
- تو جيڏا تو يارَ (سري راڳ ٢/۴)= تو جيڏا تنهنجا يار.
- جوڳي ڪِنهِ نہ يارَ (رامڪلي ٥/۴)= جوڳي
ڪنهن جا يار ناهن (هو الله وارا آهن، هنن جي دنيا ۾
ڪنهن سان ياري ڪانهي.)
- سُڄِجَ اَدا يارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= اي ادا يارءَ!
تون ڳالهہ سڻ.
- ڪَڏُ اڪيون ڪلُ يارَ (سارنگ ١/١٣)=اي يار،
اکيون ڪٽي مون ڏي نهارءِ ڪل.

● ياڪِي = يَڪي، اڪيلو، تن تنها (اصطلاح)
لاغرض، پاڻ پنهنجي رضا وارو.
- يارَ تُنين ياڪِي (بروو ١/١١)= اي يار! تون ئي
جدا پاڻ پنهنجي رضا وارو ٿئين.

● 'يا لا'= 'يا الله' جو عام بوليءَ ۾ عام اچار.
- يارُ ميڙين يا لا (بروو ١/٩)= ياالله مونکي
پنهنجو يار ملائين!

● يَبصِرُ (رامڪلي ٣/١)= (ع.) ڏسي ٿو.

● يَسمَعُ (رامڪلي ٣/١) = (ع) ٻڌي ٿو.

● يَغفِرُ (ڪوهياري وائي ۴/٢)= مَغفِرتَ ڪري ٿو،
بخش ڪري ٿو.

● يَمشِي (رامڪلي ٣/١)= (ع) هلي ٿو.

● يَنطِقُ (رامڪلي ٣/١)= (ع) ڳالهائي ٿو.

● يُونُسُ (مارئي ١٠/١٠)= قران شريف جي سُوره
نمبر (١٠)، نبي حضرت يونس عليه السلام جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ROSHANI

**LEXICON OF LATIF'S WORDS AND EXPRESSIONS**

**BY**

N.A. BALOCH
M.A.L.L.B (M.U. Aligarh)
M.A.Ed.D. (Columbia. New York)

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD-SINDH
PAKISTAN
2017 A.D

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ISBN 978-9-6962513-9-2

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book